
وڃن سور
سنڌا ڪيو
(آتم ڪٿا)
محمد خان ابڙو

وجن سور سنڌا ڪيو

(آتم ڪٿا)

محمد خان ابڙو

ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

پھريون ڇاپو: 29 نومبر 2020ع
ڪتاب جو نالو: وڄن سور سنڌا ڪيو (آتم ڪٿا)
ليکڪ: محمد خان ابڙو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: عزيز پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

“WANJJAN SOOR SANDHAA KAYO”
(Autobiography)
By: Muhammad Khan Abro
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road, Karachi-74400

قيمت : =/400 رپيا

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر
www.sindhsalamat.com

استاڪسٽ

- سنڌيڪا اڪيڊميB-24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290
- سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: 03352233803- 03013431537
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پٺيان لاڙڪاڻو فون: 03313480039

ڪراچي: ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار،فون:03212038707
حيدرآباد: پيڪاڪ بوڪ هائوس، سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ تلڪ چاڙهي، مسلم ڪتاب گھر، ڪنگ پن پريس ڪلب، بيت الحمد، عديل ڪتاب گھر، مڪتبہ اصلاح و تبليغ، فيضان ڪتاب گھر
ڀٽ شاهہ: شاهہ لطيف بوڪ شاپ، دلدار سمون بوڪ اسٽال، شيريزدان بوڪ اسٽال، ٽنڊوالهيار: ديدار بوڪ ڊپو
نواب شاهہ: سليمان برادرس، مسجد روڊ، عوامي بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، مڪتبہ فيض رضا، فيضان سليمان ڪتاب گھر
مورو: مهراڻ ڪتاب گھر، شاهي بازار فون: 03323900970
نوشهروفيروز: ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار
ڪنڊيارو: عثمانيہ لائبريري، چنيهاڻي فون: 03063665563
پڊ عيدن: مشعل ڪتاب گھر، اسٽيشن روڊ فون: 03022019119
ميهڙ: سومرا بوڪ اسٽور ، ساحر ڪتاب گھر، ڪوندي ميهڙ 03468948535
دادو: جنيد بوڪ اسٽور 03133273152، مدني اسلامي ڪتبخانو 03003256788، خالد عباسي بوڪ اسٽور
سيتا روڊ: جميل عباسي ڪتاب گھر
لاڙڪاڻو: ادبي منزل بوڪ اسٽور 03323412221، نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو، رابيل ڪتاب گھر اسٽيشن روڊ، رهبر بوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ 0744056571، عبدالله بوڪ اسٽور 03332427372
شهدادڪوٽ: نديم وحيد بوڪ اسٽور، سبحان الله بوڪ ڊپو، زين ديني ڪتب خانو، جاويد بوڪ ڊپو
پنو عاقل: ماسٽر ڪتاب گھر، نيو سلمان بوڪ ڊپو، مدني ڪتاب گھر، باءِ جي چوڪ فون: 03023629908
سکر: ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گھر بئراج روڊ، بخاري ڪتاب گھر، قادري بوڪ اسٽور، مهراڻ بوڪ اسٽور، مجاهد بوڪ اسٽور نيم ڪي چاڙهي
خيرپور ميرس: حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ
گھوٽڪي: مڪتبہ امام العصر 03033695037، ماسٽر ڪتاب گھر، واشو رام بوڪ ڊپو
شڪارپور: وسيم ڪتاب گھر، سعيد بوڪ اسٽور، سعيد پيپر مارٽ، صديق حيدر ڪتاب گھر 03012035343، سنڌ ڪتاب گھر،
ٺل: علي محمد بوڪ اسٽور، شاهي بازار
جيڪب آباد: سيد ماس ميگا اسٽور، سيد بوڪ لينڊ
سانگھڙ: المهراڻ ڪتاب گھر، زاهد بوڪ ڊپو، الفقراءَ بوڪ اسٽال ڪپرو: حافظ ڪتاب گھر
ميرپورخاص: مڪتبہ يوسفيہ ، فون: 03003319565
عمرڪوٽ: مهراڻ ڪتاب گھر، ٿر ڪتاب گھر، العزيز ڪتاب گھر 03313891283
بدين: مرچو لال پريمي، عطار ڪتاب گھر ، سوجھرو ڪتاب گھر، حبيب الله چانڊيو بوڪ اسٽور

لکپڙھ لاءِ: سنڌيڪا اڪيڊميB-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي-74400 فون: 021-32737290،
ويب سائيٽ:www.sindhica.org اي ميل: sindhicaacademy@gmail.com

ڪکر منجھ ڪپار، جُھڙ نيٽؤن نہ لھي
جھڙا منھنجا سُپرين، تھڙا ميگھ ملھار
ڪڻ اکيون ڪِل يار، ”وڄن سُورَ سنڌا ڪيو“

(شاھ)

ارپنا

ماں پنهنجي زندگيءَ جو پهريون قلمي پورهيو
ٽن عظيم هستين جي نالي ڪريان ٿو

امان آمنت خاتون

منهنجي منڙي ماءُ: جنهن ڪي هر ڏک ۽ تڪليف ۾ رهندي بہ ڪڏهن مايوس نہ ڏٺم.

بابا علي محمد ابڙو

بابا سائين: جنهن جي خودداريءَ مونکي همٿ ۽ جدوجهد ڪرڻ جي سگھ بخشي.

۽

استادِ محترم سائين ارشاد احمد پناڻ

جنهن شخص مونکي تعليمِ بالغان ۾ مئٽرڪ جي نصاب تائين
اڪيلي سر بہ تعليم جاري رکرائي ۽ مئٽرڪ جي امتحان ڏيڻ لاءِ اتساهيو
مون سندس محنتن ۽ دعائن سبب تعليمي ڪاميابيون ماڻيون.

محمد خان ابڙو

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران سينيئر قومي ڪارڪن **محمد خان ابڙي** جي آتم ڪٿا ۽ ساروڻين تي ٻڌل ڪتاب **”وڄن سور سنڌا ڪيو“** اوهان اڳيان پيش آهي.

محمد خان ابڙي جو شمار ستر جي ڏهاڪي واري ان قوم پرست شاگرد قيادت ۾ ٿئي ٿو، جن جهر جهنگ وڃي، سنڌ جي آجپي، خوشي ۽ خوشحاليءَ جي تسبيح سوري، قومي جاڳرتا ۽ شعور ڦهلائڻ توڙي حب الوطنيءَ جي جذبي کي هڪ تحريڪ ۽ سوچ جو روپ ڏيڻ ۾ غير معمولي ڪردار ادا ڪيو.

”وڄن سور سنڌا ڪيو“ ۾ سنڌ جي شاگرد سياست توڙي قومپرست سياست جي تاريخ جو ترورابه آهن ته 70 جي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي تعليمي ادارن اندر سائين جي ايم سيد جي فڪر، فلسفي ۽ سنڌ جي قومي حقن واري جدوجهد جي جواني واري دور جون يادون ۽ تاريخ به آهي، جڏهن سنڌ اندر قومي سوچ هڪ سگهاري قوت طور اڀري سامهون آئي هئي ۽ ون يونٽ خلاف هلايل ڪامياب جدوجهد سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن ۾ پنهنجي وطن، ٻولي، درياهه، نوڪرين ۽ حق حڪمرانيءَ جي احساس کي سگهارو ڪيو هو، تڏهن سنڌ اندر جساف نه رڳو يونين جون چونڊون ڪٽيندي هئي پر تعليمي ادارن جي مالڪي ۽ شاگردن جي حقن ۽ سنڌن تعليمي گهرجن جو پوراءُ به ڪندي هئي، اهي سڀ تاريخي حوالا هن ڪتا ۾ اختصار سان موجود آهن

هي ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو آهي. اسان ٿورائتا آهيون شوڪت ميمڻ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون محمد خان ابڙ جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

فهرست

ماضيءَ جو مطالعو ڊاڪٽر حميد سبزوئي........................12
پيار جا پيراگراف احمد سولنگي..........................17
هر شخص ڪهاڻي آ نصير مرزا...........................26
خواب هُجن آزاد ته ٻيو ڇا گهرجي؟ مدد علي سنڌي........................30
هلندا هلئون-وڃندا رهون عبدالمؤمن ميمڻ.........................37
پنهنجي پاران محمد خان ابڙو 47

باب پهريون: ولادت کان جوانيءَ تائين

سرجيس تان سور! 50
ٻلهڙ کان سيوهڻ ڏانهن لڏپلاڻ 51
واڻڪين جڳهين سان ويڌن 51
وري لڏ پلاڻ 52
سائين جئندل شاهه 52
بابا جي گرفتاريءَ جي رٿابندي 52
سازش ۾ اسان سان قاضي محمد مراد جو ساٿ 53
پوليس سچي ڪئي 54
چاچو بصر لوڙهائي 54
پاڻيءَ جو مسئلو 54
پرائمريءَ جا ڪجهه دوست 55
هن عشق جي انداز ڪي.. 55
الوداع.. 57
اناج جو واپار، هندو ۽ پنجهٺ واري جنگ 57
عشق جا پنڌ ۽ بابا جون ارڏايون 58
سيوهڻ ڏانهن واپسي ۽ هندن تي ڪيس.................................. 59
پلاند لاءِ منصوبابندي 60
پڙهائي، پورهيو ۽ ڪشالا 61
ڪالا نانگ سان مهاڏو ۽ اسان جي حڪمت عملي 62
الهه جڙيو سمون (ملهه).. 63
سيوهڻ جي مارڪيٽ ۽ ڳاڙهي بازار...................................... 64
ادا غلام قادر پهلوان 65
نٺيپڻ جا دوست... 66
عبدالله شاهه ۽ آکاڙي ۾ پهلواني گُر 66
جيپ جو ڪرتب 68
سيني بازيءَ جو ڪرتب... 68
برف برداريءَ جا گُر.. 70
ذڪر ڪجهه ٻين دوستن جو 70
انتقام جي باهه... 71

سيد غلام حسين شاهه بخاري ۽ سماجي ڪمن ۾ رجحان 73
غلام حسين بخاري ڪير هئو؟ 73
الشهباز ويلفيئر ايسوسيئيشن 74
قلندري ڏمال 74
اڪرم پنجابيءَ جي خودڪُشي 75
بشير احمد اونو، سندس سنگت ۽ هٽڙي! 75
بسڪوٽن سپلاءِ ڪرڻ جي ڪرت 76
حيدرآباد جي مل ۾ مزدوريءَ جو آغاز 77
مل جو جنرل مئنيجر معشوق علي پٽو 78

باب ٻيون: محنت ڪر تون محنت ٻار

تعليم جو شوق جاڳڻ 80
منهنجو پهريون عشق 81
انگريزي تعليم ڏانهن پهريون قدم 82
تعليمِ بالغان اسڪول ۾ داخلا 83
وڏي ڀاءُ جا رويا ۽ ڏوراپا 85
خادم سومري جو ساٿ 86

باب ٽيون: سيوهڻ واسي

منهنجو ڪٽنب 88
وري سيوهڻ ڏانهن سانباها 88
صادق علي شاهه ولد وريل شاهه سبز واريءَ سان مهاڏو 89
غلام حسين شاهه آراضيءَ واري سان جهيڙو 89
اهو واعدو ئي ڪهڙو جو وفا ٿئي؟ 90
اسان جو پاڙيسري نبي بخش سونارو 91
اولاد جي نفسيات 93
سائين جي ايم سيد کي دانهن 94
قمرالدين ڪوريجو: M.B.B.F 95
عنايت الله سومرو : حلوائي 96
هڪ نئين مصيبت 97
عورت جو انتقامي مزاج 99
قومن جي تباهيءَ جا ڪارڻ: هڪ واقعو! 100
عبدالحميد شيخ 102

باب چوٿون: سيوهڻ

سيوهڻ جو تاريخي پسمنظر 105
سيوهڻ ۾ محرم جون تقريبات 105
ماتمي جلوسن جو پاڻ ۾ مقابلو 107
محرم جي ڏهين/ عاشورو 108
عاشوري جا تبرڪات 109

محرم جي موقعي تي اتن جو استعمال 110
گجگاھ ڇا آھي؟ 112
”ڪافي“ ڇا آھي؟ 113
سيوھڻ ۾ جن سان مليم يا ڪين ڏٺم 113
خادم سومرو: ڪوفي-لاصوفي! 114
دادوءَ ۾ جادو 114
حبيب الله ڪابورو سان ملاقات 115
نثار احمد سومرو 116
سرڪش ڇال ۽ قومپرست ساٿي 116
سيوھڻ ۾ تنظيم سازي 117
سٽيءَ ڪان تعلقي صدارت تائين 118
انور پٿو 120
اميد جي ڏياٽي 120
جنرل ضياء جو عتاب 120
ھڪ ايماندار آفيسر 122
وري ٻيو مسئلو! 123
ڪامورو: ”ذاھدي“ صاحب 123
پنھنجي ڪاليج جي مالڪي 124
عبدالھادي قريشي 125
عبدالخالق ميمڻ 127
قربان ڪلھوڙو 127
امتحان طلب مرحلو 129
زوراوري 130
اليڪشن ۾ اميدوار 130
جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ جي طرفان پينل 131
شاھه جو آپي مان نڪرڻ 131
شاھه جي داداگيري 132
اسان جي حڪمت عملي 133
شيخ اياز سان منھن ماري 133
شاھه جي پٽ ۾ ماتم! 134
محمد حسن صديقي ولد محمد مراد صديقي صاحب 134
خير محمد ٻرڙو صاحب جون تاريخ سان ويساھه گھاتيون 134
ويساھه گھاتي ٿيندي ته رڙ ته ڪبي نه! 135

باب پنجون: جي ايم سيد: ھڪ اڏول پھاڙ!

پھرين ملاقات 137
ٻي ملاقات 139
سائين جي ايم سيد ڏانھن شھيد ذوالفقار علي ڀٽو جا لکيل خط 140
جي ايم سيد جا مون ڏانھن لکيل خط 140
جي ايم سيد جي مھمان نوازي 141

ورڪرن جي تربيت جو انداز 142
ڄام ساقي ۽ سائين 142
گذر سفر ۽ زمين 143
حملي آور سان سائينءَ جي ورتاءَ جو هڪ دلچسپ واقعو ... 143
اخبارن جي وائڙي پروپيگنڊا.. 146
سائينءَ تي حملي بابت مبالغه آرائي 147
ڪرو مؤقف.. 147
سيد امير حيدر شاهه جو مؤقف 148
خادم سومري تي ڌانهن! 149
D.S.P سيوهڻ: نثار بلوچ پاران سائينءَ جي احترام جو هڪ انمول مثال 149
1990ع جي اليڪشن ۾ قمر ڀٽي 150
پورهيت سنگت جي چونڊن جو احوال................................. 151
مرڪزي چونڊن جو احوال 153
دوستن پاران دادِ تحسين 156

باب ڇهون: قومي تنظيمي سرگرميون

قربان ڪلهوڙو.. 158
امان الله سرهيو... 159
خدمتون.. 159
سيوهڻ ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي ورسي 160
پاءُ جو ساٿ 161
ڪامورو: محمد هاشم ميمڻ.. 162
خط:.. 163
آهه! قومي تحريڪ.. 164
نثار بلوچ: ڊي ايس پي!... 165

باب ستون: صحافتي دور ۾ سيوهڻ ڪجهه ساٿي ڪجهه واقعا

پوليس آفيسر جو قومي جذبو 167
چوريءَ جو واقعو 168
بشير اونو.. 169
قلندر جي گادي نشين جو واقعو! 171
ولي محمد عرف پپو شاهه... 171
پپو شاهه جي وضاحت 172
منهنجو صحافت ڏانهن رجحان 173
ڀٽي جي ديدار جو شوق.. 174
اسسٽنٽ سب مارشل - لا ائڊمنسٽريٽر سيوهڻ ليفٽيننٽ ڪرنل اعظم سان ملاقات 174
ساٿين کي گرفتاريءَ کان بچائڻ.. 178
توقير شاهه جو پلاند!.. 179
وَتُعِزُّ مَنۡ تَشَآءُ... 181
شيرين سومرو ڪيس 184

قيدي ساٿين جو اونو 186
غلام حسين ابڙو-منهنجو ڀاءُ! 186
آهه عورت- واهه عورت! 189
ڪاروبار 190
منڇر ڍنڍ 190
ملاحن جي نفسيات 191
آڙهتي ڇا آهي؟ 192

باب اٺون: زندگيءَ ۾ ايئن به ٿيندو آ...

منهنجي زندگيءَ جو پهريون حادثو 194
درويش ڀاءُ ڏٽي بخش جو اسپتال ۾ اچڻ 200
آيل، ڪريان ڪيئن؟! 204
ڏٽي بخش نه مڙي نه مڙيو 206
ادا ڏٽي بخش جي وفات 208

باب نائون: قومي تحريڪ ۾ نئين جذبي سان

سينيئر مرڪزي نائب صدر جي چونڊ ۾ ڪاميابي 209
چونڊن ۾ گروپنگ 210
عبدالحميد بليدي ۽ بدلجندڙ وقت 211
عبدالحميد بليديءَ جو سياسي ڪيريئر 213
ڪليل حمايت 214

باب ڏهون: نوڪريءَ جو دورانيو

جيئڻ لئه جيڏيون 216
اي جي اين قاضي 216
ايم ڪيو ايم خلاف حڪمت عملي ۽ منصوبو 219
ٽريڊ يونين ڇا آهي؟ 220
COLLECTTIVE BARGAINING AGENT (CBA) ڇا آهي؟ 220
ٽريڊ يونين جو جائزو 222

باب يارهون: پيپلز پارٽيءَ سان ويڇهڙائيءَ جا اسباب

ڪراچيءَ ۾ سنڌي ڳوٺ قائم ڪرڻ 228
ايم ڪيو ايم مان نجات حاصل ڪرڻ جي حڪمت عملي 229
رجسٽريشن جو واقعو 230
گورنر اسٽيٽ بئنڪ کي ٿڏو! 234

ماضيءَ جو مطالعو

اها حقيقت سج جيان روشن آهي تہ دنيا جي سيني ٻولين ۾ آتم ڪٿا جي اهميت ادب جي سيني صنفن کان اُتم آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن ڪتابن جو مطالعو توڙي وکرو سيني ادبي صنفن کان وڌيڪ ٿئي ٿو. علم، ادب ۽ ٻوليءَ سان واڳيل گهڻا ماڻهو انهن ڪتابن جو مطالعو ڏاڍي دلچسپي، تجسس ۽ شوق سان ڪندا آهن، ڇاڪاڻ جو آتم ڪٿا ڪنهن بہ شخص جي پنهنجي ذات جو مطالعو آهي. جيڪو هو دل جي ڪشادگيءَ ۽ روح جي تازگيءَ سان ڪري ٿو ۽ ان ۾ هو پنهنجي تجزئي، مطالعي توڙي تجربي جا تاڪيا کولي حياتيءَ جي حسناڪي ۽ ڏکن جي ڪرختگيءَ کي بيان ڪري ٿو ائين هو پنهنجي زندگيءَ کي لفظن جو لباس پارائي، هڪ ڪتاب جي صورت ڏيئي اسان کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سکڻ جا ڍنگ سيکاري ٿو انهيءَ ڪري آتم ڪٿا جي هڪ منفرد وصف ول ڊيورانٽ بيان ڪئي آهي تہ: ”بغير ڪنهن شڪ جي آتم ڪهاڻي دراصل شوق عرياني جي هڪ شڪل آهي.“ اُنهن اُڳرن اکرن کي نرميءَ سان ۽ شائستگيءَ واري انداز ۾ ايئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ زماني جي تجربن، حادثن سبب سکيل سبقن ۽ نتيجن کي سخاوت سان موٽائي ڏيڻ بہ آتم ڪٿا جي وصف ٿي سگهي ٿي. توڙي جو هر ماڻهو خود ڪهاڻي آهي ۽ ان وٽ بہ چوڻ ۽ لکڻ لاءِ ڪيئي ڪهاڻيون، قصا ۽ افسانا آهن ۽ هو بہ هڪڙو ڪتاب لکي سگهي ٿو جنهن کي آتم ڪهاڻي چئون ٿا، پر اهو ورلي ڪنهن جي ڀاڱ ايندو آهي تہ ڪو مستقل مزاجيءَ سان ويهي فرشتن وانگر پنهنجو اعمال نامو تحرير ڪري. سوا صديءَ جي طويل عرصي دوران سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آتم ڪهاڻيون اسان جي چيل ڳالهہ کي دليل سان ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي تہ ڪروڙن جي آدم ۾ وڏو ڇيهہ تہ بہ سئو آتم ڪهاڻيون پلئہ پيون آهن.

ڳالهہ جي تمهيد انهيءَ کي ٻڌي اٿم جو منهنجي هٿن ۾ سنڌ جي سينيئر قومي ڪارڪن ۽ محترم دوست محمد خان ابڙي جي آتم ڪهاڻي ”وڄن سور سنڌا ڪيو“ جو مسودو آهي.

محمد خان ابڙي جو تعارف ڪرائڻ سج کي آئينو ڏيکارڻ برابر آهي، هن جو شمار ستر جي ڏهاڪي واري ان قوم پرست شاگرد قيادت ۾ ٿئي ٿو جن جهر جهنگ وڃي، سنڌ جي آجپي، خوشي ۽ خوشحاليءَ جي تسبيح سوري، قومي جاڳرتا ۽ شعور ڦهلائڻ توڙي حب الوطنيءَ جي جذبي کي هڪ تحريڪ ۽ سوچ جو روپ ڏيڻ ۾ غير معمولي ڪردار ادا ڪيو آهي، اڄ جيڪا سنڌ جي شهرن، وسيلن ۽ قومي حقن جي حاصلات لاءِ سيني جي دلين ۾ درد جاڳي پيو اها جاڳ، اوجاڳا ڪري هن جي پيڙهيءَ اسان تائين پهچائي آهي. جو سنڌ سان محبت هڪ مقدس عقيدو ۽ ايمان بڻجي پيو آهي.

سندس آتم ڪهاڻيءَ جي ڪتاب کي مان انهيءَ ڪري دلچسپيءَ، تجسس ۽ بي صبريءَ سان پڙهي پورو ڪيو جو انهيءَ ڪٿا ۾ سچائيءَ جي سونهن بہ هئي تہ واقعن، حادثن، جدوجهد ۽ قربانيءَ جا بي مثال قصا بہ هئا ۽ انهيءَ سان گڏ جرئت ۽ بهادريءَ جون ڪيئي ڪهاڻيون بہ هيون. اها ئي ڪتاب جي خوبي

۽ حسن آهي تہ ان ۾ ايتري رواني، تجسس ۽ سچائي هجي جو جڏهن ڪو پڙهندڙ ان کي پڙهڻ ويهي تہ ان کي اڌ ۾ ڇڏي نہ سگهي ۽ ڪتاب هڪ داستان گو وانگر ان کي لفظن، واقعن ۽ ڪهاڻين جي ڏوريءَ سان اهڙي ريت قابو ڪري رکي جو هو ان کي توڙ تائين رسائڻ کان سواءِ ڪتاب مان هٿ ڪڍي نہ سگهي. اها خوبي ۽ خوبصورتي ”وڄن سور سنڌا ڪيو“ ۾ اُتم درجي جي موجود آهي. ذهن ۾ رهڻ کپي تہ اها خوبي هر آتم ڪٿا لکڻ واري جي حصي ۾ ڪونہ ايندي آهي، ڇوتہ ڪيترين ئي آتم ڪٿائون ”آهہ ۽ واهہ“ واري شخصي روڳ کان اڳتي نڪري ئي نہ سگهنديون آهن ۽ اهي سچائيءَ جي سدا حيات زيورن کان آجيون ۽ زندگيءَ جي تڙپ ۽ تجسس کان ڪوهين ڏور ۽ پنهنجي تاجپوشي ۾ ڪچيون ۽ تڙتڪڙ ۾ تحرير ٿيل هونديون آهن. انهي ڪري انهن ”ڪاڳرن“ جي ڍير منجهہ ڪو ڏک، ڪو ڏوراپو ڪو الوٽو ڳوڙهو ڪنهن ٻار جهڙي مرڪ، جوانيءَ جي ٺهڪ ۽ ساهہ جو سڳو سوري سلڻ جهڙي ڪا خوشي نہ هوندي آهي ۽ اُهي ڪنهن خوشي، اميد ۽ جذبي کان ڏور ۽ ترتيب توڙي تنظيم کان ٻنهہ اوپريون هونديون آهن. انهيءَ ڪري ميڄنا جو معراج ۽ قبوليت جو قرب حاصل ڪري نہ سگهنديون آهن.

”وڄن سور سنڌا ڪيو“ جهڙي بي مثال ۽ ڪارائتي آتم ڪٿا سرجڻ لاءِ سچائي ۽ جرئت سان گڏوگڏ ٻين گهڻن ڳالهين جي ضرورت هوندي آهي، اسان وڏيڪ تفصيل ۾ وڃڻ کان ڪنارو ڪندي آتم ڪٿا جي ٻن اهم ۽ لازمي نقطن جي وضاحت ڪنداسين ۽ ان ڪسوٽيءَ تي هن آتم ڪٿا جي ڪٿ ڪنداسين.

پهرين ڳالهہ تہ آتم ڪٿا جي بنيادي وصف چئن نقطن تي ٻڌل آهي. (1) لکڻ واري جي يادگيري (2) ان جو اسلوب (3) ان جو دور (4) سندس دوست، مائٽ ۽ احباب. انهن چئن نقطن تي هن جي وصف جي پڄاڻي نہ ٿي ٿئي. انهيءَ سان گڏ ڪجهہ ٻيا بہ ڪڙا شرط ۽ واعدا آهن جنهن جو اختصار هن طرح ئي بيان ڪري سگهجي ٿو تہ: ”جيئڻ هڪ فن آهي ۽ آتم ڪٿا فنِ لطيف. انهيءَ کي لفظن جو ويس پارائي نروار ڪرڻ لاءِ سچائي، تمام گهڻي رياض ۽ ڪري هٺ جي گهرج هوندي آهي. ان جو گس پل صراط وانگر وار کان سنهو ۽ تلوار کان تيز هوندو آهي.“ اها جدا ڳالهہ آهي تہ انهيءَ وصف کي سامهون رکندي هڪ وڏي اديب انساني ڪمزورين ۽ ڪچائن کي درگذر ڪندي، انهي وصف کي ٿورو نرم لفظن ۾ بيان ڪيو آهي تہ ”آتم ڪهاڻي“ ۾ سچائيءَ جي گهٽتائي هجي تہ ان کي معاف ڪري ڇڏڻ گهرجي، اهو بہ سوچيو تہ انسان حيوانِ ملبوس آهي، ڏنو وڃي تہ ان جو پهريون ڪوڙ تہ سندس لباس آهي.“ چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ محمد خان جي سرجيل آتم ڪٿا انهن ٻنهي وصفن تي منديءَ جي ٽڪ جيان پوري لٿل آهي. هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ پوري جرئت ۽ بهادريءَ سان پنهنجي زندگي، غربت، ٻالڪپڻو خاندان ۽ انهن جو گذر سفر، خوبيون ۽ خاميون، پنهنجو ماحول، واعدي وفائون ۽ دغائون، سيوهڻ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حياتيءَ کي ديانتداري سان بيان ڪيون آهن. ان ۾ هن ڪٿي بہ مصلحت، خاموشي ۽ اڌ سچ کان ڪم نہ ورتو آهي. هن جي آتم ڪٿا ۾ سندس پنهنجي ذات، ماحول، دوست، مائٽ ۽ احباب پوريءَ طرح موجود آهن ۽ زندگيءَ وانگر پنهنجن سيني خوبين، خامين ۽ محبتن سميت ساهہ کڻندي محسوس ٿين ٿا. اهائي هڪ بهترين آتم ڪٿا جي عملي وصف ۽ ان جو حُسن آهي.

قومي تحريڪ کي پنهنجو ڀرپور عشق سڏيندڙ محمد خان ابڙو پنهنجي ٻاروتڻ واري خواب جي پٺتائي جي هڪ امر ڪردار، سسئي جيان، ٿوٿن پير رڙهندي، سيني پير سرندي ۽ گوڏن ڀر گسڪندي ساپيان ماڻي. سنڌ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي ٿو ۽ اتي ڀرپور سياسي ۽ سماجي زندگي گذاري ٿو. پنهنجي ڪردار، گفتار ۽ جدوجهد سان هڪ باوقار وقت گهاري ٿو ۽ چئن ڏهاڪن ڪانپوءِ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندي هو ڀيهر جڻ ساڳي حياتي جوڙي ٿو يادن کي لفظن جو لباس پارائيندي پڪ سان پنهنجي ماضيءَ کي سارينديءَ سندس چپن تي فخر ۽ خوشيءَ جا جذبا ٿي ٿي سگهن ٿا.

روانيءَ واري سادي پر پُراثر ۽ دلپذير نثر ۾ سرجيل هن ڪتا ۾ ڪٿي ٻه "پدم سلطان بود" جو پاڇو ٻه پيل ناهي بلڪ هو پاڻ حافظ شيرازيءَ وانگي "مقبول دار" تي، 60 ۽ 70 ڏهاڪي واري سنڌ جي مجموعي غربت جي پس منظر ۾ پنهنجي خاندان ۽ ان جي غربت جو احوال اوري ٿو. هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته هن 1956ع ۾ ڳوٺ ٻلهڻ جي هڪ غريب گهراڻي ۾ اک کولي، جتي اڃان تائين ٻار جي ڄمڻ جي تاريخ ٻه لکي نه ويندي هئي. بلڪل اهڙي ريت جيئن گارشيا مارڪيز جي هڪ ڪردار وانگي جنهن کي پيءُ برف ڏيکارڻ لاءِ پاڻ سان گڏ وٺي ويو هو اهو ماڪوندو ڳوٺ جتي اڃان ڪيترين ئي شين جا نالا نه رکيا ويا هئا ۽ انهن ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري هوندو هو. دنيا ازل کان ائين ئي آهي ڪٿي ڄمڻ جي تاريخ نه لکي ويندي آهي ۽ ڪٿي اڃان شين جا نالا ٻه تخيل ۾ اچي نه سگهندا آهن، پر برف کي پهريون ڀيرو ڏسڻ ۽ ڇهڻ ڪو مارڪيز جي ڪردار کان پڇي ۽ برف سان ويڙهه ڪرڻ ۽ دل وندرائڻ ڪو محمد خان کان ٻڌي، ان مان اندازو ٿئي ٿو ته دنيا ڪيتري مختصر آهي. بهرحال محمود درويش سان ته اختلاف ئي ڪري سگهجي ٿو ته اها رقاصه جي چيلهه جيان مختصر ناهي.

سندس والد صاحب غريب پر خوددار، عاشق مزاج، محبتي ۽ خوبصورت انسان هو. پنهنجي مرضيءَ ۽ پنهنجن شرطن تي حياتي گهاريندڙ ان شخص شعوري طور وڏيرن، پيرن ۽ گادي ڌڻين کان دوري اختيار ڪئي هئي، جنهن جي ڪيس تمام ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي هئي. هن دور انديشيءَ وارو ارادو ڪندي پنهنجو ڳوٺ ٻلهڻ ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اچي سيوهڻ شهر ۾ آباد ٿيو. ته جيئن هو ۽ ان جو خاندان هڪ سُکي ۽ سَولي حياتي گهاري سگهي. ڳوٺ کان لڏي شهر ويهڻ ئي شايد هن جو غير معمولي فيصلو هو جنهن محمد خان کي دنيا کان روشناس ڪرايو. شهري زندگيءَ جي ڏکيائن ۽ نعمتن کان آگاهه ڪيو ۽ سندس شخصيت کي نيون دنيائون دريافت ڪرڻ، پنهنجي هستيءَ کي اجارڻ ۽ فتحن ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ائين هو اسان کي پوري سچائيءَ ۽ دلجمعي سان پنهنجي جدوجهد، خانداني ماحول ۽ دوستن جي دنيا کان آگاهه ڪري ٿو. جيڪو سڀ ڪجهه دلچسپ ٻه آهي ته سبق آموز پڻ. اسين سربستو ۽ سچو احوال پڙهڻ لاءِ پڙهندڙ کي آزاد ڪندي وڃو واڙي ٿا ڪريون ته محمد خان ابڙو جي زندگيءَ جي (Terning Point) اها هئي. جڏهن هن اتفاقي طور دوستن سان گڏجي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ڏٺي. اهو 1972ع جو زمانو هو جتان هو ذهن ۾ سوين سوال ۽ خواب کڻي بس ۾ حيدرآباد روانو ٿيو هو اها گهڙي ذهني ۽ روحاني طور تي هن لاءِ هلچل، تبديلي ۽ آنڌ مانڌ جي هئي. ذهن ۾ رکڻ کپي ته تبديل اُهو ٿيندو آهي، جيڪو سوچي ٿو يا سوچيندڙ ذهن جو مالڪ هوندو آهي. جنهن جي اندر ۾ ڪجهه ڪرڻ يا ڪري ڏيکارڻ جو جذبو ۽ امنگ هوندي آهي ۽ هو حياتيءَ جي قافلي ۾ نوان سبق سکڻ ۽ پاڻ کي تبديل

ڪرڻ ۾ پنهنجي وجود جي ثابتي لاءِ جهد ڪندو آهي ۾ سڀ ڪان وڏي ڳالهه تہ حياتيءَ ڪي سجايو ۾ سهڻو بڻائڻ ۾ ان ڪي نئين انداز سان جيئڻ جو هنن ۾ جنون هوندو آهي ۾ محمد خان بہ ان جلسي ڪان پوءِ پاڻ ڪي تبديل ڪري هڪ نئين انسان جي روپ ۾ اسان جي سامهون اچي ٿو جيڪو تعليم بالغان ۾ پڙهي ٿو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي ٿو ۾ جساف جو سنڌ سطح جو اڳواڻ ٿي اڀري ٿو. اهڙي ريت ”پيرِ مغان“ جي نظر سان ان جو زندگيءَ ڏانهن زاويو ۾ نظريو ئي تبديل ٿي وڃي ٿو. گهڻن ئي با عمل ۾ باضمير انسانن جي زندگيءَ ۾ اهڙا موڙ آيا آهن جنهن ۾ گانڌي، نهرو ۾ شايد پٽو بہ اچي وڃي ٿو.

هڪ سني ۾ ڪامياب آتم ڪهاڻيءَ جي اها بہ وصف آهي تہ اها ليکڪ جي حياتيءَ جو ئي طواف ڪندي آهي، جنهن ۾ ان جي شخصيت، ذاتي زندگي، مائٽ، يار ۾ واقفڪار سڀ هڪ دائري ۾ اچي بيهندا آهن ۾ ليکڪ پنهنجي ياد جي ڏياتيءَ سان سندن چهرا روشن ڪري ڪين ماضيءَ مان ڪٽي حال ۾ حالي احوالي ٿيندو آهي ۾ سندن وجود بابت لفظن جا چٽ چٽيندو آهي. هن ڪتاب ۾ بہ محمد خان ڪاميابيءَ سان ساروٽين جو سڳو سوريندي سيوهڻ شهر، جيڪو هن پنهنجي ٻاروتڻ يا سانيڙ ۾ ڏٺو ان جون گهٽيون، اسڪول، آکاڙا، پيرن ۾ گادي نشينن جون رنجشيون ۾ وڏايون، محلا، هوٽل، ڪاروبار ۾ ٽرانسپورٽ جو نظام توڙي سماجي حياتيءَ جي هلي چليءَ جو پورو عڪس آتم ڪٿا جو حصو بڻايو آهي. جيڪو هن شهر جي ويجهڙ واري تاريخ ۾ سماجي توڙي سياسي بيهڪ جو نقشو نروار ڪري ٿو شهرن جا نصيب بہ انسانن جي پاڳن وانگر پيا گهٽبا ۾ وڌبا آهن، سيوهڻ جو مثال انهيءَ ڳالهہ جي ثبوت طور ڪافي آهي.

”وڄن سور سنڌا ڪيو“ ۾ سنڌ جي شاگرد سياست توڙي قومپرست سياست جي تاريخ جو ترورا بہ آهن تہ 70 جي ڏهاڪي ۾ سنڌ جي تعليمي ادارن اندر سائين جي ايم سيد جي فڪر، فلسفي ۾ سنڌ جي قومي حقن واري جدوجهد جي جواني واري دور جون يادون ۾ تاريخ بہ آهي، جڏهن سنڌ اندر قومي سوچ هڪ سگهاري قوت طور اڀري سامهون آئي هئي ۾ ون يونٽ خلاف هلايل ڪامياب جدوجهد سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن ۾ پنهنجي وطن، ٻولي، درياهہ، نوڪرين ۾ حق حڪمرانيءَ جي احساس ڪي سگهارو ڪيو هو. تڏهن سنڌ اندر جساف نہ رڳو يونين جون چونڊون کٽيندي هئي پر تعليمي ادارن جي مالڪي ۾ شاگردن جي حقن ۾ سندن تعليمي گهرجن جو پوراءُ بہ ڪندي هئي، اهي سڀ تاريخي حوالا هن ڪٿا ۾ اختصار سان موجود آهن. تڏهن سنڌ جا تعليمي ادارا پليجي صاحب جي گيت ”جهان ڪي ڏيو مبارڪون اسان پيا ڪاهيندا اچون“ جو حقيقي منظر پيش ڪندا هئا. سنڌي شاگرد ئي هئا جيڪي پوري قوم جي جذبن، خوابن ۾ انهن جي تعبير لاءِ جيلن، جلوسن ۾ بک هڙتالن جي رهنمائي ڪندا هئا. تڏهن اجا سنڌ اڄ جيان سکي ۾ سولي نہ ٿي هئي، ڏکن ۾ ڏوجهرن جو عروج هو ۾ وڏي ڳالهہ تہ اڄوڪو باشعور وچولو طبقو اجان پنڌڙن ۾ هو ۾ اهو جاڳرتا، شعور ۾ جدوجهد جو ٻج جيڪو سيد جي قلم، فهم ۾ ڪردار ڇٽيو هو 70 واري ڏهاڪي ۾ محمد خان ابڙو واري پيڙهيءَ ئي ان کي عملي طور سموري سنڌ ۾ اياز جي ست ”ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان، چوڏاري چمڪات اسان “ ٻڌجي سنڌ جي ذهني، عملي ۾ شعوري پالنا ڪئي هئي جو اڄ ويڙها ئي واسيل ٿا ڏسون ۾ ان پڪيڙيل شعور جي سگهہ سان سنڌ اڄُ پنهنجي جياپي جي جنگ ۾ سوڀاري ۾ سرخرو ٿيڻ واري پر اميد گهڙيءَ ۾ جي رهي آهي.

سنڌ ۾ شاگرد سياست جنهن جي هڪ دلچسپ ۽ ڪارائتي تاريخ آهي، جنهن ۾ پلي ڪجهه مايوسيون ۽ پريشانيون بہ آهن پر ٿلهي ليکي اها اتساهہ سگهہ ۽ جاکوڙ جي علامت ئي آهي، انهيءَ جي هڪ مڪمل ۽ سربستي تاريخ ضرور لکڻ گهرجي. سنڌ جي قومي شعور کي پروان چڙهائڻ ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي، سنڌ متحده محاذ وانگر جساف بہ پنهنجي حصي پٽيءَ جو ڪردار نهايت دليريءَ ۽ همٿ سان ادا ڪيو آهي. انهيءَ جدوجهد ۽ تنظيمي صورتحال جا ڪجهہ پاسا اوهان کي هن آتم ڪٿا ۾ پڙهڻ لاءِ ضرور ملندا تہ ڪيئن ان دور جي شاگرد سياست اتساهہ جو ڪارڻ بڻجي سنڌ اندر نوان انسان تخليق ڪندي هئي، انهن ۾ جياپي جي جدوجهد سان گڏ علم، عمل ۽ شعور جا چومکي ڏيئا روشن ڪندي هئي، انهيءَ شاگرد سياست مان ئي اپريل هڪ ڪردار محمد خان جو بہ آهي، جنهن جي آتم ڪٿا ۾ اسان جي اتساهڻ توڙي ماضيءَ جو چيد ڪرڻ جا گهڻا ئي اهڃاڻ موجود آهن.

پٽائيءَ جي سون ورني سٽ ”ڪڻ اکيون، ڪل يار تہ وڃن سور سنڌا ڪيو“ مان ڪتاب جي خوبصورت نالي جي چونڊ ڪندڙ هي آتم ڪٿا بہ هڪ باعمل ۽ نئين انسان جي آتم ڪٿا آهي، جنهن ۾ جدوجهد، جرئت ۽ بهادريءَ جا ڪوڙ سارا داستان موجود آهن پر ان ۾ ذرو برابر بہ مايوسي، ڏک توڙي ڏوراپي جو پاڇو پيل نہ آهي. توڙي جو زندگيءَ هن کي خوشيون ۽ خوشحاليون آڇيندي زماني جي حساب ڪان سئو پيرا وڌيڪ قيمت وصول ڪئي آهي پر پوءِ بہ هو گورڪيءَ وانگر ائين نہ ٿو چوي تہ ”آئون زندگيءَ جو پٽ تہ هوس پر ويڳو“ ۽ نہ وري ايڊورڊ سعيد وانگر ڏکارو ٿي دهرائي ٿو تہ: ”مان غلط وقت ۽ غلط هنڌ تي پيدا ٿيو آهيان.“ شايد ان جو اهو سبب آهي تہ هن هڪ ڀرپور، ڪامياب ۽ متحرڪ حياتي چوڙي ۽ ماڻي آهي، زمانو ڪاميابيءَ جي الائي ڪهڙي تشريح ۽ تاويل ڪري پر مان سدا ملوڪ آمريڪي ليکڪ ايمرسن جي هنن سٽن سان سهمت آهيان: ”وڏا ٺهڪ ڏيڻ، ذهين انسانن منجهہ پنهنجو مقام ٺاهڻ، ٻارن ۾ پنهنجي محبت پيدا ڪرڻ...... ڪوڙن دوستن جي بي وفائيءَ ڪان بچڻ، سونهن کي ساراهڻ ۽ ماڻهن ۾ موجود بهترين خوبين کي ڳولهي لهڻ، دنيا کي پهرين ڪان بهتر صورت ۾ ڇڏڻ، پوءِ اهو هڪ صحتمند ٻار جي شڪل ۾ هجي، باغ جو نئون سهڻو پاسو هجي يا سماجي صورتحال ۾ ڪنهن مثبت تبديليءَ جي شڪل ۾ هجي ۽ اها ڄاڻ هجي تہ اوهان جي هئڻ سان ڪنهن هڪ انسان جي حياتيءَ ۾ آسانيون پيدا ٿيون آهن، اها ئي تہ ڪاميابي آهي.“

اوهان شايد مون سان سهمت ٿيو تہ ڪاميابيءَ جي انهيءَ سادي پر سهڻي وصف ڪان محمد خان سئو پيرا وڌيڪ ڪاميابيءَ جا ڏاڪا پار ڪيا آهن. تڏهن ئي تہ سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ هڪ شانائتي آتم ڪٿا ڏيڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

ڊاڪٽر حميد سبزوئي

ڪراچي

30 نومبر 2020ع

پيار جا پيراگرافَ

ڪنهن بہ نهايت سؤڪي شخص تي شخصي طور لکڻ مها اوکو ٿي سگهي ٿو. ڪنهن بہ شخص تي شخصي طور لکڻ لاءِ ڪارڻ، اڪارڻ ٿي سگهن ٿا. جڏهن تہ شخصي طور ڪنهن شخص تي ڪجھ بہ نہ لکڻ لاءِ ڪو بہ خاص سبب ڄاڻائڻ ضروري نہ آهي. شخصي طور ڪجھ بہ لکڻ لاءِ ڪنهن بہ شخص جي شڪل نہ پر شخص جي اندر جي آئيني جي اُجرائي، سچائي ۽ نيڪ نيتي ئي ڪارفرما هوندي آهي. ڪنهن بہ شخص جو لفظي پوٽريٽ لکڻ لاءِ ڪي شخصَ ڄاڻ سُڄاڻ هوندي، اُبتين، سُبتين، ٽيڙين، ٽيڏين ۽ آڙين لڪيرن وانگر نظر هينان گُذري ويندا آهن. تہ ڪي شخص پيار جي پهرين پيراگراف وانگي سونَ ورن لفظن سان واڪاٽيل، وٽندڙ دلڪش، سولا ۽ سِڌا ئي هوندا آهن. اهڙا شخص ڪليل ڪتابَ بہ هوندا آهن ۽ ڳُٽائون بہ هوندا آهن.

برازيلي قصاگو پنهنجي نائڪ يا نائڪا متعلق جڏهن گفتگو ڪندا آهن تہ انهن جا ڀاري ۽ باريڪ سيئي پردا، اوچڙ لاهي، انهن جي اهڙين ڪُنڊن جي ڳهين ڪي اکيليندا آهن، جو سِڌول جسم جي اگهاڙپ باوجود، انهن نائڪ ۽ نائڪائن جون بدني بيهڪون پرديداريءَ ڪي لڄائي ڇڏينديون آهن. آرٽ جي عظيم انقلاب اندر فوقيت جسم ڪي گهٽ، پر بيهڪ ڪي وڌيڪ ڏني وئي آهي. ذات، صفات جي اڪثر پردن انسان ذات ڪي وڌيڪ دوڪا ڏنا آهن. پردي پويان جيڪو ڪجھ ٿي رهيو آهي يا جيڪو ڪجھ ٿي چڪو آهي، ان ڪي انسان ذات پنهنجو حصو پتي نہ پر پنهنجي ذلت ئي تصور ڪري ٿي! پردو شخص جي ڏوهن ڪي تحفظ فراهم ڪري ٿو. ان ڪري ئي دنيا جو هر عظيم آرٽسٽ لباسن هوندي، بي پيرهن بہ رهندو آهي تہ بي رحميءَ سان لقائن ڪي بي پيرهن ڪرڻ جي قدرت بہ رکندو آهي. ڪنهن بہ شخص بابت تفصيل لکڻ ويل ڪو بہ پردو، پاندُ رکڻ حقيقت ۾ سچ جو مياري ۽ مجرم ٿيڻ جي برابر آهي!

مان محمد خان ابڙي کي سُڃاڻان ٿو يا هُو مون کي سُڃاڻي ٿو. ڳالھ هڪ ٻئي کي سُڃاڻڻ کان وڌيڪ ان مستطيل زندگيءَ جي چيئن لڪيرن جي آهي، جن مستطيل چيئن لڪيرن جي اندر هڪ ساڏارڻ شخص پنهنجي زندگيءَ جو بنواسُ پوڳي پنهنجا پيرَ پِٽون ڪري ٿو گهٽو ڪجھ پائي، گهٽو ڪجھ وڃائي ٿو. زندگيءَ جي ڏُن ٻُڌڻ ۽ ٻُڌائڻ گُهري ٿو. تَنَ جي تانپوري ڪي زندگيءَ جي آواز سان جوڙڻ ۽ ملائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو! مان اهڙن اُتاولن، من-موجي ۽ مست مگن ماڻهن کي گهٽ سُڃاڻان. پر محمد خان ابڙي سان منهنجي پهرين ملاقات، اسان جي ساهراٽي گهر ۾ ئي ٿي هئي، ان پهرينءَ ملاقات کي ڪنهن بہ ريت ڪا چڱي ملاقات چئي نہ ٿو سگهجي. مون ان ملاقات ۾ پاڻ کي يُنگَ تي وَرايل ان شخص وانگر سمجهو هئو جيڪو اغوا ٿيڻ کان پوءِ بازيابيءَ يا واپسيءَ وقت هيسيل هيسيل هوندو آهي. مون کي، اُن پل هُو هڪ شخص طور ڪنهن بہ ڪُنڊ، پاسي، ڪنهن بہ طرف، تعارف، تورَ تَڪ، قد، بتَ ۽ ڳالھ ٻولھ حوالي بنھ ئي سمجھ ۾ نہ ايندڙ هڪ عام شخص ئي پاسيو هئو. ٿي سگهي ٿو تہ ان پهرين تعارفي ملاقات ۾ هُن جو مون بابت بہ ساڳيوئي خيال يا رايو هجي، جنهن

جي مون کي مڪمل معلومات اڄ ڏينهن تائين نہ پئجي سگهي آهي، نہ ئي هُن ان پهرين ملاقات جو مون سان ڪڏهن ذڪر ڇيڙيو يا نبيريو آهي. اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ 2005ع ڌاري، هُن مون سان ذاتي طور ڏيٺ، ويٺ، لڳ لاڳاپي يا ڪنهن بہ واقفيت نہ هئڻ جي باوجود، منهنجي ساهرن وٽ، منهنجي شاديءَ بابت، منهنجي شخصي ضمانت پنهنجي سِرُ کڻي، مون کي پنهنجي ٽن پُٽن جي پيءُ هجڻ جو شرف عطا ڪندي منهنجي پيڙهيءَ کي منهنجي پيءُ، ڏاڏي ۽ پڙ ڏاڏي سان ڳنڍيندي منهنجي ذات جي بقايا پاڇيءَ کي بچائي ورتو. هن جي اهڙي احسان کي منهنجي ايندڙ پيڙهيءَ جو ڪوبہ فرد ڀُلائي نہ ٿو سگهي!

2007ع جي ڪاريءَ هوا، جتي ڊسمبر جي ڳاڙهي گلابَ کي هر پڌر، پٽ تي ڇاٽي، پن پن کي وکيرڻ شروع ڪيو ۽ هن سلطنت جا سيئي سُتون اچي زمين دوز ٿيا ۽ وطن جي شهڪار، بي مثال بينظير ڀٽو صاحبا کي شهيد ڪيو ويو تہ منهنجي سفر جو نصيبُ بہ شهيدن جي قافلي سان گڏ لکيو ويو. هجرتن جي ان ناموافق موسم مون کي پهرين لاهور جي لاپرواهہ رستن ۽ پوءِ اسلام آباد جي پٿرن ۾ آئيني سازن سان همڪار ڪيو. محمد خان ابڙي سان منهنجو انهن خراب موسمن باوجود ڪچو پڪو مواصلاتي تعلق بحال رهيو. اهڙن ئي ڪجهہ قاتل، اُڌڙيل، اُڌڙيل ۽ ڏريل ڏهاڙن جي ڏُهاڳ ورتل ڪنهن اڌ سرد ڪچيءَ منجهند دوران ڪراچيءَ کان هُن، مون کي اسلام آباد فون ڪيو. فون جي آواز جي گرمي منهنجي ڳَن جي پردي، پُڇڙ ۽ پاپڙيءَ تائين پُڄندي پُڄندي سرد ٿيندي وئي. هُن فون تي ڳالهائيندي مون کي چيو تہ ”پيارا احمد اهو ڪهڙو سبب آهي، جو تنهنجي ۽ منهنجي ڪُنڊلي پاڻ ۾ ملي نہ ٿي.“ مون هن جي ان پيار، پنهنجائپ ۽ حجت کي دل ئي دل ۾ قبوليندي وراڻيو تہ ”پيارا جوتشين ٻڌايو آهي تہ سُياڻي رات پنهنجا تارا هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندا، نجوم جو علم ڄاڻيندڙن اهو بہ پڌرو ڪيو آهي تہ سياڻي رات پنهنجا سڀ حساب، ڪتاب روبرو ٿيندا.“ هُن نهايت ئي خاموشيءَ ۽ تحمل سان ڪم واريءَ ڪُنڊليءَ جو تفسير ٻڌندي چيو تہ ”ان جو مطلب؟“ مون وراڻيو تہ ”ان جو مطلب، اهو آهي تہ سياڻي رات پاڻ ڪراچيءَ ۾ ڪٿي ٿانيڪا ٿي ملنداسين ۽ حال احوال اورينداسين“ ۽ ائين ئي ٻئي ڏينهن مان ۽ منهنجا ڪجهہ دوست اسلام آباد کان ڪراچي پُهچي، انگور جي ڏي کي پاڻ سان ساڻ ڪري، اچي محمد خان ابڙي جي توحيد ڪمرشل ڊفينس ڪراچيءَ واري گهر پيڙا ٿياسين. موتين سان ڀريل جهول ۽ موتئي جي مهڪار جهڙي شهر ڪراچيءَ ۾ هزارين ڏوتل ڪارن جي هيڊ لائيٽن جي جلوس جون وچندڙ تيز روشنيون، انڌيرن کي پُوش، پُوش ڇئي چنڊ جي پوئين پاسي ڏانهن ترڪنديون ٿي ويون، جڏهن تہ 90 تي سنڌي ٽوپيون هڪ نئين اتساهہ سان هروڊي مٽي جي ماپ وٺڻ ۾ مصروف هيون. هن مون سان گڏ آيل انگور جي ڏي کي گاڏيءَ ۾ ئي ويهڻ جي پُرزور استدعا ڪندي، پنهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ انگور جي خاندان جون ڪجهہ ٻيون شيشا بدن متعارف ڪرائيندي، ڪنهن بہ شڪوي، شڪايت کان سواءِ اسان جو آڌرڀاءُ ڪندي، پنهنجي دل جو پيار نڇاور ڪيو! ان رات محمد خان ابڙو پهريون ڀيرو منهنجي آڏو، پنهنجي ذات ۾ هڪ ايماندار شخص وانگر آشڪار ٿيو! هُن جي ڳالهڙين ۾ دليل بہ هئو تہ دم بہ هئو. منهنجي اندر جي آدميءَ قبولي ورتو تہ هو ڪجهہ بہ هجي، پر گهٽ ۾ گهٽ هي شخص، ڪنهن بہ شخص کي دوکو ڏئي، پنهنجو ڪوبہ مطلب، ڪابہ طمع، موهہُ يا پنهنجي اندر جو ڪوبہ اُبتو سِڪو سُبتي ڪرڻ جو طالبو ٿي نہ ٿو سگهي. در حقيقت ۾ هُن جي ڪُنڊليءَ ۽ منهنجي ڪُنڊليءَ جا ستارا ڪڏهن هيٺ تہ ڪڏهن مٿي، ڪڏهن ويجهڙا تہ ڪڏهن ٻنهہ پري

رهندا پي رهيا آهن، پر جڏهن، جڏهن به گردش اسان جا ستارا گڏي هڪ جاءِ تي بيهاريا آهن، ته نجوم جو علم ڄاڻيندڙن اسان جي صلح سانت ڪي سپاويڪ ئي ڀانيو آهي. ڪراچيءَ ۾ هن جي گهر جي اها مڏماتي رات وهامندي وهامندي اسان جي ٻانهن ۾ هڪ رشتي جو ڪچو ٻنڌڻ ته ضرور ٻڌي وئي پر هڪ شخص بابت مون کي مڪمل آگاهي به ڏيندي وئي ته جيڪو شخص ماءُ جي منڙيءَ مُرڪ ۾ ڪساري لڙڪ کي سنڀالڻ جو سٽُ ساري سگهي ٿو اهڙو شخص دنيا جي ڪنهن به عورت جي سفيد دامن تي مَسُ جو ٽُٻڪو به برداشت نه ٿو ڪري سگهي!

ڪجهه ٽيڏيون ۽ اڻ ٽيڏيون انسان جو سوچيل ۽ سمجهيل منصوبو ناهن هونديون انسان سوچيندو هڪ آهي ۽ ٿي ڪجهه ٻيو ويندو آهي. انسان پنهنجي نيڻَ نهارَ تائين ڏسڻ ڪجهه چاهيندو آهي، پر ڏسڻ لاءِ ان کي ڪجهه ٻيو ئي ملندو آهي. انسان حالتن جو محتاج نه هوندي به، جيون جي ڪمائيءَ ۾ عينڪ جي ٻن شيشن وانگر برحال ڦاٿل ئي رهي ٿو ڇوته انسان کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ جي ڪا به ڄاڻ نه هوندي آهي نه ئي انسان کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جي مُنڍَ جي ڪا سُڌ هوندي آهي. اُها بهتر ڄاڻ ته محمد خان ابڙي کي ئي هوندي ته هُن هڪ ترتيبَ تحت سوچيل ۽ سمجهيل زندگيءَ جو منصوبو جوڙي پنهنجو وقت ڪاٽيو آهي يا توَڪل تي گُذارو ڪيو آهي. باقي جيتري قدر مان هُن کي سُڃاڻان ته، هو محتاط رٿابنديءَ يا پيش بينيءَ کي نظر ۾ رکي وک پٽيان ٻي وک کڻڻ وارو هڪ سُڄاڳ شخص ضرور رهيو آهي. هو ڪنهن به شخص کي ڪنهن به صورت ۾ نقصان نه پر، نفعو ڏئي ۽ ڏياري سگهڻ جي باڪمال صلاحيت رکي ٿو. زندگيءَ جي تخميني، ڪائوٽنگ يا نصاب جو علم هُن کي يقينن اسٽيٽ بينڪ جي 29 سالن واريءَ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ ضرور حاصل ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ ته هڪ بينڪ ملازم جا ٽڪڙا هٿ نوٽ ڳڻي به سگهندا آهن ته هر نقلي نوٽ کي پڪڙي سگهڻ جي سگهه به رکندا آهن. اهو به سچ آهي ته نقلي نوٽ ۽ نقلي شخص اسان کي زندگيءَ جي وک وک تي ضرور ملندا آهن پر هر سچو، ساڃاهه وند شخص انهن ٻنهي کان وٿون ويندي، پري پڄڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهندو آهي. هُن جي شخصي سچائيءَ جو هڪڙو دستاويزي ثبوت، جيڪو مون ماناٿي ايڊووڪيٽ دلبر لغاريءَ ذريعي سول ڪورٽ حيدرآباد مان 164 ڪرائي پاڻ وٽ ڪيترا ئي ڏينهن سانڍي هٿيڪو رکيو جيڪو دستاويز بعد ۾ ڪيترن ئي خدشن ۽ ايڊيشن جو سليٽي آسمانُ اورانگهي هوا ۾ ٻرَ پري هُن تائين پهتو ۽ ڪيترن ئي خود ساختا گمانن ۾ ممڪنات جي صورت اختيار ڪري، نيٺ اهو دستاويز هُن جي دل ۽ دماغ لاءِ هڪ اطمينان جو سبب بڻيو. ڪيترائي رهجي ويل فرض نڀائڻ، رسمي ۽ سماجي مجبورين سبب هُن جي ٻي وقتي طور مخفي شادي، منهنجي وَنيءَ کان ويهه منٽ وڏيءَ ڀيڻ ۽ منهنجي ساليءَ سان 29 مارچ 2009ع تي منهنجي گهر قاسم آباد حيدرآباد ۾ رات جو ڏهين وڳي ٿي. تن، تنها هُن جي صورت ۾ آيل ڄڄ جو آڌر ڀاءُ منهنجي گهر جي چائنٽ تي منهنجي مرحومه والده، ڀيڻن، ڀاءَ ۽ منهنجي گهر واريءَ ڪيو. ڪنوار کي سينگارڻ جو ڪم، ساٽَ، سوڻ منهنجي زال، ماءُ ۽ ڀيڻن ادا ڪيا. ڳنوار کي ڏُهريءَ، نَٿ، جُهومڪن، ڪنگڻن، ڏانوٽن، گلن، گجرن، پوتين ۽ پلادن سان سونهائتو بنائي، گهرايل مولويءَ کان نڪاح پڙهائي، شاهدن، گواهن ۽ وڪيلن سميت ڪنوار کي گهر جي چائنٽ تان قرآن مجيد جي سائي ۾ رخصت ڪندي منهنجيءَ مرحوم ماءُ ڪنوار کي پنهنجي گهوٽ محمد خان ابڙي جي سُپرد ڪيو.

هِن نڪاح جا گواهہ ۽ شاهد گهوٽَ جا لانگوٽيا يارَ فقير داد ڪوسو ۽ حميد بليدي هئا. فقير داد ڪوسي ۽ حميد بُليديءَ انهيءَ شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ذاتي طور تي ڪنوار سان روبرو ملاقات ڪئي ۽ امتحان طور ٻنهي ڄڻن گڏجي پهرين تہ ڪنوار کي گهوٽ جي خلاف شديد ڀڙڪايو ۽ ڀڄاريو. ڪنوار جي ٿيندڙ گهوٽ جي عدم موجودگيءَ ۾ انهن ٻنهي ڄڻن ڪنوار آڏو گهوٽَ جي بدناموسي ۽ اوڻائي ڪندي ان جون گِلائون، غيبتون ۽ بُرايون ڪيون، اهو سڀ ڪجهہ ٻنهي ڄڻن فقط ان منشا، مقصد ۽ خيرسگاليءَ تحت ڪيو جيئن ٿيندڙ گهوٽ يا ڪيس جي عقد، ڳنڍ، ڳانڍاپي، ٻنڌڻ ۽ نڪاح ۾ ايندڙ هڪ نياڻي زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ ڪنهن بہ ٻہ واٽي تي اڪيلائيءَ پڇتاءَ يا ڪنهن بہ ناگوار ذهني پريشانيءَ ۽ دٻاءَ جو شڪار نہ ٿي سگهي. پر ڪنوار تي ٻنهي ڄڻن جي هڪ بہ نہ هلي ٻئي مهربان ۽ ٻنهي جي زندگيءَ جا هي ٻئي دعاڳو ۽ خير خواهہ ان سوچڻ تي مجبور رهيا تہ زندگيءَ جي هن ڏکئي ۽ طويل رستي تي هلڻ لاءِ هي ٻئي راهگير ڪٿي جذبات ۽ عُجلت کان ڪم وٺي ويجائجي نہ وڃن پر ڪنوار ٻنهي شاهدن ۽ گواهن کي پنهنجي جواب ۾ فقط اهو عرض رکيو تہ مون کي شادي فقط ۽ فقط ان مرد سان ڪرڻي آهي، جيڪو شخص مون کي دل سان پنهنجي وني قبولي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ محفوظ رکڻ چاهي ٿو. مون سوچي، سمجهي زندگيءَ ۽ شاديءَ جو فيصلو ڪيو آهي. مون کي محمد خان ابڙي سان شادي ڪرڻي آهي. اوهان جون هدايتون ڪنهن حد تائين نيڪ بہ هونديون، محمد خان ابڙو بُرو يا ڀلو آهي، اُهو منهنجو نصيب، مان ڪنهن بہ شخص کي ڪابہ شڪايت نہ ڏينديس. باقي اوهان مون کي صلاحن ذريعي منهنجي زندگيءَ جي آخري فيصلي ۾ ڪابہ تبديلي آڻي نٿا سگهو. مان پنهنجي زندگيءَ تي پنهنجو حق رکان ٿي.

ايترن امتحانن، آزمائشن ۽ سمجهاڻن جي باوجود ڀَرڻو ۽ لکئي جو ليکُ جيئن ئي هئو تيئن ئي ٿي رهيو پر مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ عورت جي تعجب انگيز هستي هن ڪائنات جي وڏي ۾ وڏي ڪرامت ۽ ڪرشمو آهي. هن جوڙيل جهانَ جون جوڙون ۽ انهن جي جوڙَ ايستائين جُڙي نہ سگهي ها، جيستائين عورت جي وجود جي ڪچي مٽي تخليقڪار پنهنجي اڇوتن ڳوڙهن سان ڳوهي ان مٽيءَ کي نرم، مُلائم ۽ گداز نہ بنائي ها. عورت جي صفتن مان هڪڙي صفت پالڻهار واري بہ آهي، جيڪا نهايت ٻاجهاري ۽ رحيم پڻ آهي. ڇا ڪڏهن اهو سوچيو ويو آهي تہ عورت مرد کي کهڙيءَ ڏسڻ واريءَ دوربينيءَ سان گهڻو اڳ ڏسي، ان کي پنهنجو پوَشُ ۽ پنهنجي جنم ڪُنڊلي ٻڌائي ڇڏيندي آهي. محمد خان ابڙي جي 62 سال ڄمار کان پوءِ واري پوش يا جنم ڪنڊليءَ جي اڄ کان اڳ ڪنهن بہ هستي کي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي. مان هن جي اڄوڪي ڀاڳمرادي نصيب کي هر صورت ۾ ڪيس جي ٻيءَ سدا سُهاڳڻي سان سلهاڙي رکڻ ۾ ئي سلامتي سمجهان ٿو.

هو واعدي، وچن جو پڪو ۽ پنهنجي ذات ۾ هڪ پختو شخص رهيو آهي، جيڪو چوندو آهي، ان تي عمل ڪرڻ ڪيس جي عادت ۾ شامل آهي. رشتن سان نڀائڻ، ننڍن، وڏن جي سارَ سنڀال ۽ اونو رکڻ، مٽ مائٽ جو مددگار ٿي انهن جي اهنج، ايذاءَ، درد ۽ پيڙا کي پنهنجو سمجهي تيمارداري ڪرڻ هن جو شيوو ۽ دستور رهيو آهي. چوندا آهن تہ جنت ماءُ جي پيرن هيٺان هوندي آهي، منهنجو عقيدو آهي تہ ماءُ جو مصحف جهڙو مک ڏسي فقط خوش ٿيڻ دنيا جي هر عبادت کان اُها اتم ۽ افضل عبادت آهي.

هن شخص پنهنجي ماءُ جي جيڪا خدمت ۽ ماءُ جي ضعيفيءَ ۾ ان جي هٿ جي ڇڙي ٿي، ماءُ جي

پر گهوڙَ لهي، جيڪو ماءُ مٿان ساهہ نڇاور ڪيو آهي. ان جو مثال هن جديد، بي رحم ۽ بي جان دؤر ۾ ملڻ نهايت ئي مشڪل آهي. هُو يارن جو يار ۽ دوستن جو دوست رهيو آهي، ڪنهن بہ مشڪل گهڙيءَ ۾ جيڪڏهن ڪنهن بہ حاجت خواهہ حجت ڪندي، هُن جي ڪيسي ۾ هٿ وڌو هوندو تہ اهو هٿ خالي ڪڏهن بہ نہ موٽيو هوندو. پوءِ پلي هُن اٺهوند سبب پنهنجي گهر کي ٻُڪيو ۽ ڏکيو ئي ڇونہ رکيو هجي. هن زندگيءَ جي اصلوڪي ڇهري کي ڪنهن ڪرسٽل يا بيلجميءَ آئيني ۾ نہ پر پنهنجي پگهر جي رطوبت ۾ ئي پسيو ۽ پرکيو آهي. هُن کي خبر آهي تہ ڳوڙهن جو لوڻ ڇا ٿيندو آهي ۽ الوٽي جيون جي ڇا مُراد ۽ کهڙو مُلهہ هوندو آهي. ٻُڪَ جي رنگَ کي هو ٻالجتيءَ کان سڃاڻيندو آهي. ڍَوَ جي ڍنڍَ تي کهڙا لُڏڙا ڏوپندا آهن، اهڙي هر آڪارَ کان هُو چڱي ريت واقفڪار ئي رهيو آهي. تڏهن تہ هو پٽ تي اڇ بہ پلنگن تي سمهڻ کان وڌيڪ پرسڪون ننڊ جو لطف ماڻيندو آهي. اهڙا مون پنهنجي ڄمار ۾ نهايت گهٽ ماڻهو ڏٺا آهن، جيڪي پنهنجي اصليت ۽ حقيقت کي هميشہ پنهنجي آڏو حاضر رکي هٿ ۽ وڏائي کي ڪنهن بہ طور طريقي اُسرڻ ناهن ڏيندا. اهڙا اندر جا شاهوڪار شخص آئيني ۾ پنهنجو اصل ڇهرو ڏسي نادم نہ پر سدائين خادم ٿي ئي رهندا آهن. هو هڪ عام زندگي گذاريندڙ نهايت هڪ عام سِلوڻو انسان آهي ۽ هڪ عام زندگيءَ جو پوتاميل، ليڪو ڇوڪو بہ عام طرح جو ئي ٿئي ٿو. هڪ عام زندگيءَ جو ڪينواسُ وسيع هوندي، انيڪ آدمين جي انيڪ تجربن جو نچوڙ رنگ، ارنگ وانگي انيڪ حصن ۾ ورهائجي حقيقي زندگيءَ جي تصوير ٺهجي ٿو. دنيا جي ڪنهن بہ عظيم مصور جي بُرشَ جي خراش، ان عام زندگيءَ جي تصوير جو مقابلو ڪري نہ ٿي سگهي. ڪجهہ عام شخصن جون ذاتي ملهائتيون زندگيون، عظيم انسانن جي بي مُلهائتين ذاتي زندگين کان بنهہ گهڻو اتم ئي هونديون آهن. عام تشخصن جي زندگين ۾ هڪ دلفريب زندگيءَ جو تحرڪ ئي هوندو آهي، اڪثر عظيم انسانن جي ذاتي زندگي مجرد ۽ بي تحرڪ ئي هوندي آهي، پر انهن عظيم انسانن جو ڪم، جهدُ ۽ ڪوشش گهڻي حد تائين هلچل پيدا ڪندڙ ئي رهي آهي پر اسان ڪنهن بہ ريت هڪ عام انسان جي هڪ پُرسڪون زندگيءَ مٿان عظيم انسانن جي زندگي کي ترجيح ڏئي نہ ٿا سگهون. جيئن جهرڪيون پٽ تي ٽنگيل عظيم ڪنهن بہ ڪينواس تي چٽيل چٽ پويان پنهنجو آکيرو اُڏي هڪڙي متخصر، پر در حقيقت ۾ هڪ وڏي پُرسڪون ڪائنات جوڙينديون آهن، جيڪا ڪائنات، ڪنهن بہ عظيم مصور جي تخليق ڪيل ڪائنات کان ڪئين ڀيرا مٿي هوندي آهي.

(1)

مان هڪ تصوير ناهي،
پٽ تي لڳائي ڇڏي،
مان روز
ان تصوير ڏانهن
نهاريندو هوس
هي تصوير
منهنجي

بهترين
هنرائيتو هُئي
هر لحاظ کان
هڪ بهترين رچنا
ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ
ان تصوير جي پُٺيان
هڪ جهرڪي
سُڪل گاهہُ ۽ ڪکَ جمع ڪري
هڪ آکيرو ٺاهيو
اندا ڏنائين
آرو ڪرڻ لڳي
انهن اندن ۾
ننڍا ننڍا پکي
پَرَ ڦڙ ڦڙائڻ لڳا
۽ هُو جهرڪي
انهن جي چهنبن کي
ان جا داڻا ۽ ڪيئان آڻي
ڏيڻ لڳي
۽
مون کي لڳو
تہ منهنجي بهترين رچنا کان
جهرڪي
ڪيئن گهڻو وڌيڪ
اڳيان آهي
(2)
مان
هڪ تصوير ٺاهي
ڀت تي
ٽنگي ڇڏي
تصوير
منهنجي بهترين
ڪاريگري آهي
ڪجهہ ڏينهن بعد

ان تصوير جي پٺيان
هڪ جهرڪي
آکيرو ٺاهيو
انڊا ڏنائين
۽ انڊن مان
ننڍا، ننڍا پکي
ٻاهر آيا
مون کي
ان جهرڪيءَ سان
ساڙُ ٿيڻ لڳو
(3)
مان هڪ تصوير ٺاهي
پٽ تي
ٽنگي ڇڏي
تصوير
منهنجي
بهترين خلقت آهي
ڪجهه ڏينهن کان پوءِ
ان تصوير جي پٺيان
هڪ جهرڪيءَ
آکيرو ٺاهيو
انهن ئي ڏينهن ۾
شهر ۾
تصويرن جي
چٽا پيٽيءَ تي
مان آکيري کي
پٽي
ڦٽو ڪيو
۽ ان تصوير کي
چٽا پيٽي ۾ موڪليو
سيني
منهنجي ساراهه ڪئي
۽ چيائون

هن ڇتا پيٽي جي
بهترين رچنا
منهنجي تصوير هئي
پر
انعام
ڪنهن ٻئي نقاش کي مليو
ان ڏينهن مون کي
هُن جهرڪيءَ جي
ڏاڍي ياد آئي.

محمد خان ابڙو دور انديش، پري تائين سوچيندڙ هڪ عام پُرش هجڻ سان گڏ مصورن، موسيقارن، شاعرن، فنڪارن، اديبن ۽ عالمن جو دل سان احترام ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو آهي. پر ڪنهن به تاريخي، علمي ۽ ادبي اُلجهاءَ وبساهه گهاتيءَ يا غلط بيانيءَ سبب اڪثر ڪري به پوندو آهي ۽ اهڙو اٽڪاءُ هو ڪنهن به شخص سان ڪنهن به پل ڪرڻ ۾ دير گهٽ لڳائيندو آهي. بحث دوران دو بَدو يا سامهون وارو اُهو شخص پوءِ ڪيڏو به بااثر، پُهچَ يا ڪنهن به رسائي وارو ڇو نه هجي، هو بنا ناغي پنهنجا نيڪ يا نانيڪ دليل ضرور رکندو آهي. ڪنهن به تونگر کي منهن تي سچ چئي ڏيڻ ۾ هو رک، رکاءُ يا ڪنهن به مصلحت پسندي کان گهٽ ڪم وٺندي پنهنجي ڳالهه جو ڏٽي ضرور ٿي بيهندو آهي. اهڙن اڪثر اٽڪائن ۾ بحثن ڪڏهن ڪڏهن هُن کي شخصي طور تي نقصان به ڏنا آهن پر هي من چلو پنهنجي ڳالهه تان ڪڏهن به دست بردار ٿيڻ لاءِ تيار نه رهندو آهي. اها سندس جي ابوجهائي چئجي يا اورچائي ۾ سچائي، ڪجهه نيڪ طرح سان چئي نه ٿو سگهجي پر ڪنهن به ريت هُن جي انهيءَ خلوص، سادگيءَ، نيت يا سُپتيائي تي هڪ دم منديئڙو پائي نه ٿو سگهجي.

هُن سان گڏريل ڏيڍ ڏهاڪي کان وٺي ويجهڙي آشنائي رهي آهي. ان سموري عرصي دوران اسان ٻنهي جي وچ تي ڪڏهن رنجشون، تہ ڪڏهن الفتون، ڪڏهن تڪرار تہ ڪڏهن پيار، ڪڏهن اقرار تہ ڪڏهن انڪار، ڪڏهن رڳڙو تہ ڪڏهن جهڳڙو حائل ٿي رهيو آهي، پر ٻنهي صورتن ۾ پوڳيو فقط اسان ٻنهي جي گهر وارين ئي آهي. ان سڄي مامري جا ڪارڻ اڪاڻ انيڪ تي سگهن ٿا. محرم ۽ مجرم ٻنهي مان ڪير ڪوبہ تي سگهي ٿو پر اسان رُنو بہ گڏ آهي تہ کِليو بہ گڏ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان هڪ ٻئي جا حال پائي، حال محرم، دوست ۽ همدرد بہ رهيا آهيون تہ ڪڏهن ڪڏهن انهن سيني تعلقدارين جي ٻنهه ابتڙ بہ رهيا آهيون. هڪ شخص جو منهن مُهاڙو اوپر تہ ٻئي جو اولهه طرف بہ رهيو آهي. شخصي ۽ تِڇ انائن جي تضادن ڪڏهن گهڻو اڪيلو بہ ڪيو آهي پر هن لفظي پورٽريٽ جي فريم ۾ ساجي پاسي کان اُپري آيل اڪرن جو ستاءُ هڪ اعتراف جي التجا ڪري ٿو تہ:

محمد خان ابڙي زندگيءَ جي هن ڪٺن سفر ۾ هر پيري منهنجي اگهاڙن پيرن هيٺان ايندڙ هر ڪنڊيءِ ڪنڪر کي هٽائي منهنجي پيرن کي رَتورَتُ ٿيڻ کان هر طرح بچايو ئي آهي. مون جڏهن، جڏهن پنهنجي تڪليف ۾ محمد خان ابڙي کي سَڏُ ڪيو آهي تہ ان منهنجو سَڏُ ورنائي هميشہ

منهنجي وجود جي وَڏَ ۽ چيرَ تي هڪ ويڄَ وانگي ڪپهہ جو ڀُڙو ضرور رکيو آهي. محمد خان ابڙو پاڻ سان ٿيل منهنجي شخصي زيادتين باوجود هر ڀيري مون سان ڀَلو ئي هليو آهي. هو منهنجو محسن، دستگير ۽ ديالو ئي رهيو آهي_ مان ڪيس جي انيڪ احسانن جو بار پنهنجي ڪلهن تان لاهي نہ ٿو سگهان!

احمد سولنگي

ڊفينس، ڪراچي

02 نومبر 2020ع

هر شخص ڪهاڻي آ

قدرت جا ٻه عجيب ڪرشما

مهربان ٿئي، ته گهر ويٺي ڪن اڻ ڏٺلَ ۽ اڻ ٻڌل هستين ڪي اوچتو ئي اوچتو ويجهو آڻي، آشنا بڻايو ڇڏي. برادرم محمد خان ابڙو، يعني هن آتم ڪٿا جو ڪٿاڪار ۽ اهو ٻه اجهو ائين ئي ته سنڌم پُڪي ۾ پيو.

يقين ڪريو اُها ٻي نومبر سال 2020ع جي آڌي رات هئي. اوچتو فون وڄڻ لڳو. ياالله.... هي بيگاهه وقت ڪنهن ڪي ياد اچي ويو آهيان.

۽ ائين ڪندي موبائيل اسڪرين تي نگاهه وڌم. ڏٺم شاعر خوش بيان نورچشم احمد سولنگيءَ جو نالو لکيل نظر آيو.....

جي ها! هي اُهوئي احمد، جنهن سان الائي ڪهڙي ٻهاني، ڪي ورهيه اڳ، ساٿ جُڙيو ۽ ان ڪان پوءِ ڪجهه عرصي ٽُٽو ته ٽٽندو ئي ويو.

پر هي رات جو 2 وڳي ۽ احمد ڪي آئون ڇو ياد آيو آهيان، سوچيم شايد متان مٽ.....

پر نه.... اِهو منهنجو وهم هو. احمد جو آواز صاف، شفاف ۽ عقيدت جي خوشبوءَ سان ٽمٽار هو.

چوڻ لڳو..... محمد خان ابڙو پرسان ويٺو آهي. هم زلف آهي منهنجو.... ٿنڌي نوڙهي جي ڪنهن عمار علي مرزا بابت تصديق چاهي ٿو ۽ پڇي پيو ڇا لڳندو هو اهو مرزا اوهان جو؟

ياالله! هي ڪير اجنبي شخص محمد خان!؟ جيڪو آڌيءَ رات وقت منهنجي ڀاءُ عمار عليءَ بابت پڇا ڳاڇا پيو ڪري!! ۽ ڇو؟

تڏهن هنڌ تي هي جو آئون ليٽيو پيو هوس، هوشياري پڪڙي يڪدم اُٿي ڪڙو تي ويهي رهيس.

ٻڌايومانس: عمار علي ڀاءُ هو منهنجو وڏو.....

تڏهن هُن پار ڪان، هاڻي محمد خان انڪشاف ڪندي ٻڌائڻ لڳو.....

عمار علي منهنجي ڀاءُ غلام حسين جو دوست هو. 1980 ڌاري توهان جي هن ڀاءُ ٿنڌي نوڙهي مان.... ٻانهن ڪنئين هئي ۽ هو سيوهڻ ۾ اسان وٽ گهر ڀاتي ٿي اچي رهيو هو. اتي نڪاح وڌائين، لانئون لڌائين وڏو عرصو اسان سان ئي گڏ رهيو ۽ لڪو رهيو. المختصر.... اسان جو هي ڀاءُ عمار علي پوءِ ڪيئن ۽ ڪڏهن اسان سان مليو!؟ ۽ اها ڪهاڻي ٻه بيحد دردهاڻي آهي ۽ ان جو تفصيل سان ذڪر پوءِ ڪڏهن ۽ هتي بس مختصرن عرض رکو هي ته هتن ۾ موجود هيءَ آتم ڪٿا، فون واري ان ئي محمد خان ابڙي جي آهي، جنهن جي خاندان اسان جي خاندان جي سام جهلي ۽ ڀاءَ عمار ۽ ڀاڄائي ڪنوار ڪي پنهنجي گهر اندر عزت آبرو سان ۽ ٻچن ۾ گڏ رهايو.....

۽ انهي وڙ لاءِ سندس خاندان جا اسان پريوار وارن تي اپر احسان. هاڻي ان ئي خاندان ۾ پيدا ٿيندڙ اسان جي محسن ڀاءُ غلام حسين جي هن ڪٿاڪار ڀاءُ محمد خان جي پنهنجي ڇا شخصيت ۽ هو

پاڻ پنهنجي ذات ۾ ڏات ۾ ڇا هستي!؟ جواب آهي رول ماڊل... پورهيت انسان ۾ اهڙو محبوب ماڻهو جنهن جي حياتيءَ جو اول آخر منشور رهيو آهي:

محنت محنت محنت......

تڏهن سندس آتم ڪٿا، شروع کان آخري تائين جڏهن پڙهي جو مون پوري ڪئي، تڏهن ڪيس ٽائيٽل ڏنم.....

مثالي... محنت ڪش انسان..... محمد خان

سبحان الله..... ڇا ته ڪشٽن، ڪشالن اهنجن ۾ ڏکن سان ڀرپور آهي هن جي رام ڪهاڻي... جنهن تي اياز گل جو شعر ياد اچي ويم:

دک جي نه پڇاڻي آ

هر شخص ڪهاڻي آ.....

ظاهر آهي ته بقول اياز گل، هر خاص عام ماڻهو وٽ، ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي هڪڙي آکاڻي هوندي ضرور آهي. سياويڪ ته اسان جي محمد خان وٽ به هئي جيڪا همٿ ڪري هن ڪتاب ۾ پاڻ لکي ورتي آهي.

علامه آءِ آءِ قاضي صاحب فرمائيندا هئا، ڏکي سُکي زندگي، هرڪوئي ڪاٽي ٿو انڪري ڪو به ماڻهو چاهي ته پاڻ بابت هڪڙو ڪتاب لکي يا لکرائي سگهي ٿو حسن اتفاق محمد خان جنهن عام انسان واري زندگي گذاري آهي ته خاص ماڻهو واري به..... سو بحر ڪيف! پاڻ بابت هي ڪتاب لکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر سچي ڳالهه، اُتندي ئي، محمد خان جي جنهن ڳالهه مون کي موهيو... اُهو هن ڪتاب جو عنوان آهي:

وچن سُور سنڌا ڪريو.....

جيڪو دراصل پتائي صاحب جي هينين، جيءَ جياريندڙ سٽ مان هن اخذ ڪيو آهي:

ڪڻ اڪيون ڪل يار.... ته وچن سور.....

ته بس ڪتاب جو هي عنوان ئي ٻڌائي ٿو ته اسان جو محمد خان ڇا ته باذوق..... ادب دوست ۾ پڙهاڪو انسان آهي. هاڻي ڪتاب اندر سندس حياتيءَ جو سربستو احوال جو پڙهڻ شروع ڪيم ته پتو پيو، هو ڪيڏو نه ڀاڳ وند..... تعلقو سيوهڻ شريف جنهن کي پنهنجي هڪ هڪ ڏار سجاٽپ ۾ شهر..... انهيءَ جي ننڍڙي ڳوٺڙي ٻلهڻ ۾ هو پنجين نمبر تي ماءُ جي هنج ۾ آيو... يعني چار چراغ اڳي ئي روشن هئا ۾ پنجون ٻارڻ لاءِ دنيا ۾ هو اچي نڪتو.

پر اچڻ ۾ سندس جمڻ سان ئي ڪشٽ به ته شروع ٿي ويا، پهرئين سنڌ ۾ وڏيءَ ٻوڏ منهن ڪڍيو... پوءِ مٿس اڏ رنگ جو حملو ٿيو... پوءِ سيوهڻ ۾ گادي نشينن پاران سندن گهر تي حملا ٿيا....ڪيس تعليم پرائڻ جو به ڪيڏو نه چاهه هو پر ذريعه معاش لاءِ پورهيا ڪرڻ سبب، پڙهائي ڪي اڌ ۾ ڇڏي ڏيڻو پئس... ۾ پوءِ پخته ڄمار ۾، تعليم بالغان ۾ شموليت..... پوءِ حيدرآباد ۾ ارشاد پناڻ جهڙي آدرشي استاد سان ملڻ... پر هتي ڇا حرج، جي پنهنجي ريڊيائي ڪليگ ارشاد پناڻ جو به ٿورو ذڪر ڪندو هلان، جيڪو ريڊيو حيدرآباد تي ڪاپئيسٽ (خوش نويس) به هو ۾ گڏ روشن خيال، ترقي پسند سوچ وارو قلمڪار پڻ. افسوس هاڃو هن سان هي ٿيو جو ريڊيو جي بالا ۾ اعليٰ آفيسرن.... ارشاد پناڻ جي

موجودگيءَ ۾ آغا سليم صاحب ۽ اي. بي بخاري صاحب، باباءِ قوم بابت ڪنهن مهاجر پروڊيوسر آڏو ڪوئي اڻ وڻندڙ گفتو ڳالهايو هو جنهن کي ٻڌي هو برگيڊ 55 ۾ ويو دانهن ڏنائين. جنهن سبب هو سڀ گرفتار ٿي ويا ۽ نارا جيل پيڙا وڃي ٿيا، ۽ پوءِ چار مهينا وڏا ڪشٽ ڪاٽي مس مس آزاد ٿيا. تہ بس ان ئي آدرشي استاد ارشاد پناڻ وٽ تعليم بالغان ۾ پڙهندي پڙهندي، محمد خان ڇا تہ هونهار شاگرد ثابت ٿيو. هيٺين ڪلاسن مان پڙهي، گهڻو مٿي پهتو ايم.اي اڪنامڪس ۾ ٿيو. پوءِ پاڪستان اسٽڊيز ۾ ماسٽرس جي ڊگري ورتائين. شاگرد سياست ۾ سرگرم ڪارڪن ٿيو سائين جي.ايم.سيد جي قربت ماڻيائين، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو عهديدار ٿيو مهراڻ يونيورسٽي، پاڪستان پوسٽ آفيس ۽ ان بعد اسٽيٽ بئنڪ ۾ چڱو منصب ماڻيائين. اتي يونين ۾ رهي، بهادري ۽ جرئت پريا قدم کنيائين، آفيسرن سان مهاڏا اٽڪايائين ۽ پورهيت ڪارڪنن جو همدرد ساٿي ٿي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو ائين پوءِ جتي جتي بہ رهيو.... چوندو رهيو..... پورهيت الله جو دوست آهي ۽ آئون الله پاڪ جي ان دوست جو دوست آهيان ۽ سدائين ان جو ساٿي رهندس. ائين هر هنڌ مخدوم سائين جي هن شعر کي منشور بنايائين:

اگر خدمت ڪرڻ جي ناهي طاقت طالب المولىٰ،
تہ پوءِ مخدومي دنيا ۾ وڏو منصب تہ ڪونهي ڪو.

علاوه قائدانہ خوبين جي، قدرت محمد خان کي قلم کڻڻ ۽ لکڻ جي صلاحيت بہ تہ ڏيئي ڇڏي. جنهن مان فائدو وٺندي هن پنهنجي جدوجهد، محنت حياتيءَ جو تہ سربستو احوال لکي ورتو پر ان سان گڏوگڏ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ پنهنجي ايامڪاري واري زماني، سائين جي.ايم.سيد سان ملاقاتن، ۽ سيوهڻ شريف جي تاريخ بہ لکي ڏيکاري آهي، خاص ڪري سيوهڻ شريف ۾ محرم الحرام جي ماتمي جلوسن، اُنن تي نغارا وڄائڻ، ۽ گجگاهہ علم طوق وارن جلوسن بابت بہ گداز انداز ۾ لکي ڄڻ سيوهڻ ۾ عزاداري جي تاريخ رقم ڪري ورتي آهي. علاوه ازين ڪراچيءَ ۾ رهائش دوران، سنڌ پرست ڪارڪن جي حيثيت ۾، شانتي نگر، سچل وارو لکيل سندس احوال ۽ ماروئڙا ڳوٺ اندر سنڌي ماڻهن جي آبادڪاري ۽ محمد خان جي انهن ڪوشش کي ساراهڻ کان سواءِ هتي رهي نٿو سگهان.

آتم ڪٿا ۾، محمد خان جا هي بہ اعتراف بہ نهايت واکاڻ جوڳا سمجهو:

”سنڌ جي ماناءتن مصورن، موسيقارن شاعرن ۽ عالمن جو احترام ڪرڻ، آئون پنهنجو فرض ڄاڻندو آهيان.“

”مون انتهائي ڪوشش ڪئي آهي تہ آتم ڪٿا ۾ جيڪي ڪجهہ بہ لکان، سچ لکان ۽ ڪا بہ ڳالهہ مصنوعي نہ هجي.“

تہ بس هن آتم ڪٿا ”وچن سور سنڌا ڪيو“ کي پڙهندي پڙهندي ڪيڏو نہ خوش پيو ٿيان تہ نورچشم احمد سولنگيءَ آڏي رات جو هڪ اهڙي هستي سان منهنجي واقفيت ڪرائي جنهن جي سهڻي گفتار ۽ هن پُراثر تحرير مون کي ايترو تہ موهيو جو هن وقت حسرت ڪندي لکان پيو تہ:

جيئن مويي ڀاءُ غلام حسين ۽ برادرم عمار علي مرزا پاڻ ۾ گهاٽا، گهرا دوست هئا.
اي ڪاش!
ايندڙ وقت ۾ اسين ٻه ائين ئي
دوست بڻجي وڃون-
هڪ ٻئي جا يار
دل گهُريا دلدار.

نصير مرزا
حيدرآباد
20 نومبر 2020ع

خواب هُجن آزاد ته ڀيو ڇا گهرجي؟

آتم ڪٿا، لکڻ هڪ ڏکيو فن آهي. پنهنجي گذري ويل دور يعني ماضي جي انيڪ رنگن، روپن ۽ ڪڙاڻ کي لفظن جو ويس پارائڻ سولو ڪم هرگز ڪونهي. ڇاڪاڻ ته اهو فيصلو ڪرڻ، ڇا تحرير ڪجي؟ يا ڇا نه لکجي ۽ ڪهڙو سچ ويهي بيان ڪجي؟ آيا بيان ڪجي يا نه. ته اهي تمام اهم سوال آهن!

سنڌي ٻوليءَ ۾ آتم ڪٿا لکڻ جي شروعات مرزا قليچ بيگ ڪئي. بلڪ سنڌيءَ ۾ هن صنف جي شروعات ۽ پيڙهه جو پٿر رکي ويو. اهو سلسلو اسان جي سماجهي ٻوليءَ ۾ اڇا هلندو اچي، بلڪ هاڻ ته هن صنف ۾ گهڻا ئي ڪتاب اچي ويا آهن. اهو هڪڙو سنو سلسلو آهي. اڙدو ٻوليءَ ۾ به ڪيترييون آپ بيتيون تحرير ڪيون ويون آهن. لسٽ ڊگهي آهي، جيڪي مون پڙهيون آهن انهن مان مونکي قرت العين حيدر جي آتم ڪٿا ”ڪارِ جهان دراز هي“ تمام گهڻي وڻندي آهي. سنڌي ۾ وري رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، پنهنجي دلڪش آتم ڪٿا ”ڪيئي ڪتاب“ لکي واڃت وجائي ڇڏيا.

❊

ڪنهن به ماڻهو جي حياتي، خود هڪ سبق آهي. هڪ اهڙو شخص، جيڪو بعد ۾ تعليمِ بالغان ذريعي پڙهيو. پڙهي هڪ اهم عهدي تي فائز ٿيو. جنهن جي پويان هن جي محنت ۽ جدوجهد لڪل آهي. هيءَ آتم ڪٿا اهڃاڻ آهي هن جي ڪيل جاکوڙ جو. ليکڪ جي لکڻ جو انداز انتهائي وڻندڙ دل کي پرپائيندڙ آهي. لکڻ جو سلسلو اهڙي طرح جاري رکيو اٿس، جو پڙهندڙ ڪتي به آتم ڪٿا کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهي، مون سان به ائين ٿيو. جنهن مهل آتم ڪٿا شروع ڪيم ته وڃي ڇهه ڪيم پڇاڙي تي. پر پوءِ به جهڙوڪر اُڃ باقي رهي. اهو ليکڪ جي لکڻيءَ جو جادو آهي، ڪمال آهي، جنهن لاءِ جيتري به سندس واکاڻ ڪجي اها گهٽ آهي. اها سگهه هن کي ذات ڏٽي ڏني آهي، ۽ ذات ڪنهن کي به پنهنجي امرت پيئاري ته ان تي عجب هرگز نه ڪائڻ گهرجي .لڳي ٿو ته ڪيس اها ذات پنهنجي ويجهي ڳوٺائي مشهور ليکڪ گورڌن محبوباڻي کان هٿ آئي آهي، گورڌن پڻ تعلقي سيوهڻ جي ٻنهه ننڍڙي ڳوٺ آراضيءَ جو رهواسي هئو. اتي ئي ڄائو ۽ اتي رانديون ڪندي سيوهڻ ۾ پڙهي حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ راڳ جو ماستر ٿيو. ورهاڱي ڪانپوءِ پنهنجو وطن ڇڏي، وڃي اجمير ۾ پناهه گير ٿيو ۽ اتي ئي وطن کي سارينڊو وڃي ڏٽيءَ کي پرتو. پر سندس ڪيل شاعري، لکيل ڪهاڻيون ۽ ناول سنڌي ادب جا شاهڪار آهن. منهنجي خيال ۾ ٻلهڻ ۽ آراضي گهڻو پري نه هوندا. ليکڪ سال 1956ع ۾ ڄائو آهي، جيڪو سنڌ ۾ خطرناڪ ٻوڏ جو سال هئو يا وري ان کان اڳ سال 1942ع ۾ ٻوڏ سنڌ ۾ راڱا ڪيا. جنهن بابت نارائڻ داس ملڪاڻيءَ جا مضمون پڙهڻ جوڳا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي مشهور اديب طارق اشرف، ڪنهن وقت پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ شروع ڪئي هئي. ان جا ٻه چار باب ئي شايع ڪيا هئائين. انهيءَ آتم ڪٿا جو نالو هو ”پيهي منجهه پاڻ ۾“. پر هوُ

پنهنجي آتم ڪٿا مڪمل نہ ڪري سگهيو ڇاڪاڻ تہ سندس حياتي اوچتو هن جو ساٿ ڇڏي ويئي.
طارق اشرف ڏاڍي ايمانداريءَ سان پنهنجي حياتيءَ جو احوال لکيو هئو. ان آتم ڪٿا ۾ ڪيتري ئي سچائي بيان ڪيل هئي. هتي انهيءَ آتم ڪٿا مان هڪ ٽڪرو لکان ٿو:

”بابا جو رويو اميءَ سان سٺو نہ هو. ۽ هو گهر کان ڏينهون ڏينهن لاپرواهہ رهڻ لڳو. اڪثر آفيس ۾ ويندو هئو. اڪثر ماڻهن کان قرض وٺندو هئو ۽ پوءِ موٽائي نہ ڏيندو هئو. بابا نہ مون کي ڪپڙا وٺي ڏيندو هئو نہ گهر لاءِ خرچ ڏيندو هئو. البت مون کي ڪائڻ جون شيون جام وٺي ڏيندو هئو ۽ گهمائڻ لاءِ بہ وٺي ويندو هئو. پر انهيءَ جو باوجود مون کي امي ڏاڍي وڻندي هئي... بابا ۽ اميءَ جو زبردست جهيڙو ٿيو. جهيڙي کانپوءِ بابا ڪاوڙجي وڃي ورانڊي ۾ ويٺو ۽ امي وڃي اڱڻ ۾ ويٺي اوچتو مون کي جن ياد آيو. مون وڃي اميءَ کي چيو. ”مون کي جِن ڏيکار!“ امي گهڻو سمجهايو پر مڙيس آئون بہ ڪونہ ٽنگ ٿي اميءَ بابا ڏانهن اشارو ڪيو.”اهو ويٺو اٿئي جِن. وڃي ڏِسيس!“

❊

اهڙي طرح ڀاءُ محمد خان بہ ايمانداريءَ سان پنهنجي شخصي زندگيءَ جو احوال ۽ ان احوال جا ڪڙا قصا ويهي لکيا آهن. جنهن لاءِ ڪيس شاباس ڏيڻ ڪانسواءِ نٿو رهي سگهجي.
سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”پٽر پرائو سُور پنهنجا سيڪا روئي“ سو ڀاءُ محمد خان ابڙي جي آتم ڪٿا ”وڃن سور سنڌا ڪيو“ پڙهڻ کانپوءِ منهنجا پراڻا سُور جاڳي پيا. سيوهڻ منهنجي سپنن جو طلسمي شهر رهيو آهي. هن آتم ڪٿا پڙهڻ لاءِ پهريون پنو ورايم تہ سيوهڻ اچي منهنجي نيڻن آڏو بيٺو. پوءِ تہ هڪ ئي نشست ۾ آتم ڪٿا پڙهي، ان جي سحر ۾ ڪوئجي ويس. اهو سحر هڪ خوبصورت لکڻين جو هئو. آتم ڪٿا ۾ سيوهڻ جو ذڪر ائين هئو جئين منڊيءَ تي ٽِڪ. ڀاءُ محمد خان جي آتم ڪٿا، جدوجهد، تڪليفن جو هڪ ڪڙو داستان آهي. وڏي ڳالهہ تي سندس لکيل آتم ڪهاڻيءَ جي باب نمبر چوٿين مون تي تمام گهڻو اثر ڪيو. بلڪ اهو سيوهڻ جيڪو منهنجي هڪ ڪهاڻي ”اڌوري پنڌ جا اڻپورا سپنا“ ۾ موجود آهي.

❊

شيخ اياز بہ آتم ڪٿا گهڻو دير سان تحرير ڪئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن جو ارادو سال 1961ع ۾ آتم ڪٿا لکڻ جو هئو. اهڙي صلاح هن پنهنجي دل گهريي دوست محترم ابراهيم جويي سان تڏهن ڪئي هئي، پر جويي صاحب کيس صلاح ڏني هئي، تہ اجا تون پنهنجي خودنوشت نہ لک پر بعد ۾ ان کي تحرير ڪجانءِ. اياز ان وقت هڪ خط ۾ لکيو هئو تہ ”آئون فقط اهو ويچار ڪري رهيو آهيان پيريءَ ۾ فڪر جي پختگي ۽ گهرائي هوندي آهي، پر جذبات تي تازگي نہ هوندي آهي، انهي لاءِ منهنجي آتم ڪٿا جي ڪا اهميت آهي، تہ انکي هاڻ ئي تحرير ڪريان.!“ شيخ اياز جي اها ڳالهہ جون 1962ع جي آهي. پوءِ شيخ اياز پنهنجي حياتي ئي جون ڪجهہ يادداشتون 2 جون 1961ع ۾ لکيل هڪ خط ۾ تحرير ڪيون هيون. انهيءَ هڪ خط ۾ شيخ اياز سچائي سان پنهنجي

غربت جو احوال هن ريت لکيو هئو:

بابا، جا آخري ٻه ورهيه مسلسل بيماريءَ ۾ گذريا. ڪو به ذريعو معاش نه هئڻ سبب هن جو هٿ ڪافي تنگ هئو. هڪ ڀيرو هُو مون سان گڏ ڊاڪٽر وٽ هليو. جيڪو سنڌس شروع کان وٺي علاج ڪندو ٿي آيو. هِن ڪمپائونڊر کان پرچي وٺي ، ڊاڪٽر کي هڪ هفتي جي دوا ڏيڻ لاءِ چيو. ڊاڪٽر پنهنجي نڪ تي رکيل عينڪ مٿان گهُور ڪندي بابا کي چيو. شيخ صاحب، اوهان ڏي اڳي ئي گهڻي وقت کان سٺ رپيا بقايا رهيل آهي، پهرئين اهي ڏيو ۽ پوءِ دوا وٺي وڃو.!

”مون وٽ هينئر ايترا پئسا ڪونهن. پر آئون جلدي اوهانجو سمورو بل ڀري ڇڏيندس. توهان في الحال دوا ته ڏيو! بابا ڏاڍي نرم لهجي ۾ چيو.

”ڇا بل قيامت ۾ ڀريندين .! ڊاڪٽر ڪاوڙمان چيو بابا جو چهرو تپي لال ٿي ويو. هن ڪو به جواب نه ڏنو ۽ دوا جي خالي شيشي هٿ ۾ کڻي اسپتال کان ٻاهر نڪري آيو. مون رستي ۾ هن کان

پڇيو! ”بابا ڊاڪٽر پهرئين هن ريت نه ڳالهائيندو هئو.“

”پٽ، پئسا نه هجن ته هر ماڻهو ائين ڳالهائيندو آهي.“

”بابا تو اها شيشي ، ڊاڪٽر کي مٿي ۾ ڇو نه هڻي ڪڍي؟“

هن محبت مان مونکي ڏٺو ۽ منهنجي مٿي هٿ ڦيرائي چيائين ”انسان ڪنهن ڪنهن جو ويهي مٿو ڦاڙيندا..؟

”بابا جيڪڏهن هن ٻيهر توهان سان اهڙي طرح ڳالهايو ته مان هن کي .....مان هن کي ....“ ۽ منهنجو روئڻهارڪو آواز ٿي ويو.

❊

مون مٿي ذڪر ڪيو ته آتم ڪٿا لکڻ ڏکيو ڪم آهي ته سولو پڻ. ڏکيو انهيءَ لحاظ کان ته گذري ويل حياتيءَ جي داستان کي سربستو بيان ڪرڻ، حياتي جي لاهين ۽ چاڙهين کي، حياتيءَ ۾ ڪيل غلطين ۽ سموري احوال کي ڪاغذ تي اُتارڻ تمام مشڪل ڪم آهي. ۽ سولو انهيءَ لحاظ کان ته حياتيءَ جي ڪار گذري جي انيڪ مشڪل ڳالهين کان بائي پاس ڪري باقي داستان حيات کي ويهي لفظن جو روپ ڏجي.

بهرحال حياتي، وهندڙ درياهه مثل آهي. انهيءَ درياهه جي لهر لهر ۾ لڙهندي لڙهندي پيو وڃجي. ڪپر جو ڪوئي پاسو جهلي وٺي ته خير، نه ته ماڻهو وڃي ٿو لڙهندو. تان جو ڪنهن هنڌ تي هٿوراڙيون هڻندي، پوئتي نهار ٿو وجهي ته خبر ٿي پئي ته پويان رڳو رڄ ئي رڄ هئي. سڀ ڪو دور، دور.

❊

ياءُ محمد خان ابڙي جي آتم ڪٿا، هڪ پورهيت، هڪ شاگرد اڳواڻ، هڪ ياءُ هڪ بينڪر جي آپ بيتي آهي، هڪ ڪٿا آهي، جيڪا پاڻ مختصر طور پر ڏاڍي ڀرپور طريقي سان ويهي بيان ڪئي

آهي. مون کي تہ پڙهي اچرج لڳو تہ جيئڻ ڪارڻ جيڏيون وڏا وس ڪيام، وانگر هن پاڻ حياتيءَ ۾ ڪيڏي نہ جاکوڙ محنت ۽ پگهر جو پورهيو ڪري موچاري منزل حاصل ڪئي آهي. سيوهڻ هاڻ تہ هڪ وڏي شهر جي شڪل ۾ بدلجي ويو آهي پر ڪنهن وقت يعني سال 1963ع يا ان کان بہ چار ورهہ اڳ، سيوهڻ سيد سڳورن ۽ پرپاسي جي وڏن ماڻهن جي تاڙ ۾ هئو. پراڻو شهر، ڪئين برباد ٿيو؟ تہ اهو خود هڪ وڏو داستان آهي! ڪو اهڙو زمانو هئو جنهن ۾ سيوهڻ ۾ اجا بجلي ڪونہ آئي هئي. پر شهر خدا جي آسمان تي روزانو جڳمڳ جڳمڳ هزارن ستارن جي روشني ۽ چنڊ جي چانڊوڪي ۾ بهہ بهہ پيو ڪندو هئو. اهو سيوهڻ اڄوڪي سيوهڻ کان ڀيو هئو. دوست محمد خان ابڙو جي آتم ڪٿا ”وڄن سور سنڌا ڪيو“ ۾ عڪس ڪيل شروعاتي ساروڻين جهڙو سيوهڻ. جنهن ۾ لال شهباز جو مقبرو ۽ سيوهڻ جو قلعو سڀ کان مٿانهان، شاهہ صلاح الدين، شينهن واري ڪافي، پناڻن واري ڪافي، سيوهڻ جون ماڙيون، سيد ولي محمد شاهہ سجاده نشين جي حويلي، درگاهہ جي ساڄي پاسي، جتي سيد گل محمد شاهہ پنهنجي ٽن ڏيئرن سان رهندو هئو. پرسان سائين وريل شاهہ ۽ ڪاٻڙوتي سيدن يعني سبزواري شاهن جون حويليون، ٻيون هندن جون ڇڏي ويل مشهور ماڙيون، هڪڙي ڪڏ محلي وٽ ديوان ريجهو مل جي اوچي ماڙي ۽ ٻي درگاهہ جي پويان نئين محلي وٽ، جنهن ۾ پاڻ محمد خان ابڙي جو ڪٽنب اچي ڪجهہ وقت رهيو. ابڙي صاحب سچ لکيو آهي، هندن جو لڏ پلاڻ ڪانپوءِ هندن جون ڇڏي ويل ماڙيون، مقامي سيدن جي قبضي ۾ هيون، خود سيوهڻ جي شاهي بازار جنهن کي ڍڪ بازار چوندا هئا. اها درگاهہ جي پويان، ساڄي پاسي کان ٿيندي، اچي ڪڏ محلي وٽ ختم ٿيندي هئي. سامهون هئو سيوهڻ جو قلعو جنهن هن شهر تي حاڪمن جي ظلم ۽ بربريت جا الائي ڪيترا دور ڏٺا هئا. اڄ انهن ڍڪ بازار جو نالو نشان بہ نہ ٿو هٿ اچي. انهيءَ بازار ۾ سوين دڪان هئا. مون ننڍڙي هوندي اتي دڪانن جي پٽين ۾ لڳل لوهہ جون تجوڙيون بہ ڏٺيون، پوءِ ماڻهو دڪانن ۽ گهرن جون سرون ڪاٽ سڀ ڪٽي ويا.

❊

پاڻ محمد خان جي آتم ڪٿا ۾، سيوهڻ جي محرم جو احوال آهي. بلڪ هُن سربستي نموني، سيوهڻ جي محرم جو ذڪر ڪيو آهي. تمام گهٽ ماڻهن کي ان ڳالهہ جي خبر آهي تہ سيوهڻ ئي اهو ننڍي کنڊ جو تاريخي شهر آهي، جتان محرم ملهائڻ جو سلسلو سڀ کان پهرين شروع ٿيو. يعني محرم جي 10 ڏينهن ملهائڻ لاءِ ذوالجناح ۽ تابوتن بر آمد ڪرڻ جو سلسلو هتان کان شروع ٿيو. اڄ بہ سيوهڻ ۾ محرم جي ڏهن ڏينهن اندر نڪرندڙ ماتمي جلوسن، ذوالجناح، تعزين ۽ ماتم ڪرڻ جو سڀ کان جدا انداز آهي. ليڪڪ محرم جي ذڪر ۾ اُنن جي قافلن، قلندر جي درگاهہ ۾ رکيل علم ”گجگاهہ“ کان ويندي سيوهڻ ۾ محرم جي سموري تقريبن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. آئون خود ڪنهن وقت هر سال سيوهڻ ۾ 7 محرم تي سبزوارين جي ذوالجناح واري جلوس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ حيدرآباد کان سيوهڻ ويندو هيس. اها ڳالهہ 1980ع کان 1982ع تائين جي آهي. هاڻي تہ وقت ٿي ويو آهي، اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي. ۽ ٻي اهم ڳالهہ تہ سنڌ ۾ مرثيي لکڻ جي شروعات ڪندڙ سيد ثابت علي شاهہ بہ سيوهڻ جو هئو. سيد ثابت علي شاهہ ڪانپوءِ هندستان ۾ مرزا دبير (1803_1875) مرزا انيس مرثيہ گوئيءَ جي شروعات ڪئي.

*

”وڄن سور سنڌا ڪيو“ آتم ڪٿا ۾ اسان جي معاشري جي ڪيترن ئي ڪردارن جو ذڪر آهي، پر محمد ابراهيم ڀٽو جو ذڪر ڏکوئيندڙ آهي. انسان زندگيءَ ۾ ڪيڏا نه ڪشالا ڪڍي ڪنهن منزل تي پهچي ٿو پر پوءِ سازشن جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ابڙي صاحب هن جي ذڪر ۾ ڪيڏو نه ڏکوئيندڙ لفظ لکيا آهن ته: مون هُن جي چهري تي مُرڪ، خوشي يا ڪا اهڙي شيءَ ڪونه ڏٺي،سدائين سراپا ڏک جو هڪ هلندڙ ڦرندڙ داستان نظر ايندو هئو!“ ليڪڪ وٽ لفظن جي خوبصورت چونڊ آهي. خود پنهنجي گهر بابت لکي ٿو ته: ”ظاهر آهي بک وري اچي اسان جي اڳڻ تي ديرا ڄمايا هئا ۽ مان پڙهائي ڇڏي هوٽل ۾ مزدوري ڪرڻ لڳس. اتي مونکي هوٽل جا ٽانوَ ڌوئڻ جو ڪم مليو معاوضي طور ماني ملندي هئي، ڪڏهن رات جو ماني ۽ ڀاڄي بچندي هئي ته گهر کڻي ويندو هيس ۽ هڪ رپيو روزانو مزدوري به ملندي هئي!“ هڪ پورهيت شخص ڪئين وري وڃي ”تعليمِ بالغان“ ۾ داخلا ورتي ته اهو ڀاڳ ۾ هن جي لکيل هئو. ترقي سندس قدم چمڻ لاءِ تيار بيٺي هئي. اهي سڀ ڳالهيون قدرت جو کيل آهن. ڪنهن اڻ ڏٺل قوت جي قدرت آهي. ۽ زندگي محنت ۽ ڪشالا ڪڍڻ جو ٻيو نالو آهي.

*

ڀاءُ محمد خان جو داستان، چيم ته پورهئي جو داستان آهي. هڪ ٻنهه غريب ماڻهو وڃي ڪئين ترقي ڪئي. يا ترقي ڪري سگهي ٿو. ته اهو مثال ڀاءُ محمد خان جو آهي. مشهور آمريڪي معمار بينجمن فرينڪلين پنهنجي آتم ڪٿا 1771ع کان 1790ع ۾ لکي هئي. اها آتم ڪٿا، اسانکي ٻڌائي ٿي ته هڪ هيٺي وچولي ڪلاس جو نوجوان ڪئين ٿو دنيا جو مشهور ماڻهو بڻجي. تنهن کانسوءِ برک جرمن يهودي نينگري ايني فرينڪ جي آهي ته ڊائري، پر اها به هڪ آتم ڪٿا آهي. هڪ 19 ورهين جي معصوم ڇوڪريءَ جو داستان اڄ به دنيا ۾ وڏي شوق ۽ موهه سان پڙهيو ٿو وڃي. ائين ته دنيا ۾ صدين کان آتم ڪٿا لکڻ جو سلسلو هلندو پيو اچي، پر جوليس سيزر، عيسوي صدي کان 58 ورهيه اڳ ڪلاسيڪل ليٽن ٻوليءَ ۾ تاريخ ۽ لشڪر بابت اِهو ڪتاب لکي پاڻ کي امر ڪري ويو. بهرحال آتم ڪٿائن جي تاريخ طويل آهي. سنڌ ۾ محترم سائين جي ايم سيد، پير حسام الدين راشدي ۽ محترمه بينظير ڀٽو جون آتم ڪٿائون، ماڻهوءَ جي ذهن کي روشن ٿيون ڪن. آتم ڪٿا لکڻ جوسلسلو سدائين جاري رهندو جيڪا روايت ڀاءُ محمد خان برقرار رکي آهي. سنڌ جي قومي سياست هن ڀاءُ جي ذهن ۾ ڪتل هئي. ان ڪري پاڻ چوي ٿو ته ”سندس پهريون عشق ڪنهن خوبصورت ڇوڪريءَ سان نه پر سنڌ جي قومي تحريڪ سان وڃي جڙيو.“

*

هن آتم ڪٿا جا ڪيترائي سيوهاڻي ڪردار منهنجا ڏٺل وائٺل رهيا آهن. مثال طور سيد جيندل شاهه آراضيءَ وارو، سيد گل محمد شاهه لڪياري، سيد موتيل شاهه سبزواري، سيد صادق علي شاهه سبزواري، سيد گمبل شاهه، سيد محمد مراد شاهه لڪياري، سيد حاجن شاهه لڪياري، سيد عزت علي شاهه سبزواري، سيد حاجن شاهه سبزواري، سيد جئيندل شاهه لڪياري، سيد غلام حسين شاهه، سيد

ڪوڙل شاهه، سيد مظفر شاهه سبزواري، پناڻن جي ڪافي وارو سيد نادر شاهه، فقير لالداس، سيد گل محمد شاهه جو وفادار خدمتگار ڦوٽو، حڪيم محمد مراد صديقي، خادم سومرو، سيد ولي محمد شاهه، سيد غلام حسين شاهه باجارن وارو يا جهانگاري واري سيد غلام عباس شاهه جو پٽ سيد نصير محمد شاهه، نورمحمد مغل، علي محمد سيوهاڻي، 1969ع ۾ سائين جي ايم سيد قلندر لال شهباز جي عرس موقعي تي بزمِ صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنس سيد نصير محمد شاهه جي اوطاق تي منعقد ڪئي هئي.

❉

هِن آتم ڪٿا ۾ ڀاءُ عبدالمؤمن ”هلندا هلون_ وڌندا رهون“ جي عنوان سان هڪ شاندار مهاڳ تحرير ڪيو آهي سچ پچ ان مهاڳ ڪانپوءِ منهنجو لکڻ مناسب نٿو لڳي. پر پياري ڀاءُ محمد خان ابڙي کي پراڻي قومي تحريڪ جي ڇڪ اجا اندر ۾ موجود آهي. تي سگهي ٿو انهيءَ ڪري هن مون تي ڪجهه لکڻ جو حڪم جاري ڪيو. مومن صاحب، جي سوچ آپٽيميسٽڪ آهي ۽ محمد خان ابڙي کي ”قوم آڏو هر حوالي سان هڪ رول ماڊل بڻجي پوڻ جي تلقين ڪئي آهي.“ اها سٺي ڳالهه آهي. هن ان سلسلي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي جو ان تقرير جو ٽڪرو ڏنو آهي. جيڪا مولانا صاحب جلاوطنيءَ کان موٽڻ بعد، ڪراچيءَ ۾ ڪئي هئي. مولانا صاحب هڪ مثالي، آدرشي ۽ عظيم انسان هئو. جنهن پنهنجي حياتي جا پورا 24 سال جلاوطني جي خوفناڪ تڪليفن ۽ ڪشالن ۾ گذاري ڇڏيا. جڏهن مارچ 1939ع ۾ وطن واپس آيو ته سندس ڏاڙهي، وار ۽ جواني، پيريءَ جي وڻ ويڙهيءَ ۾ ويڙهجي چڪا هئا. اُها جدوجهد، اها جلاوطني، اُها قرباني اجائي وئي، يا سجائي، ته ان تي لکڻ ۽ بحث ڪرڻ لاءِ ڊگهو بحث درڪار آهي.

❉

آتم ڪٿا ”وچن سُور سنڌا ڪيو“ تي مهاڳ لکندي لکندي محسوس ڪيم ته آئون هن ڪتاب ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ بابت ۽ ان جي ڪردارن بابت لکڻ کان ”بائي پاس“ ڪري ويو آهيان. اها ڳالهه محسوس ڪندي سوچڻ لڳس ته ڪٿا جي ان رخ تي ضرور ٻه اکر تحرير ڪريان. جيتريقدر محترم سائين جي ايم سيد جو ڪردار آهي اهو هڪ اڏول پهاڙ وانگر آهي، جيڪو سدائين سنڌ لاءِ قائم رهڻو آهي ۽ جنهن کان مور هرگز نه منهن موڙڻو آهي. تڏهن ته شيخ اياز سائين جي ايم سيد لاءِ لکيو هئو ته:

”سچ سياڻي جا ڪري، سائي سامي روءِ!“

هن ڪتاب ۾ سائين امير حيدر شاهه، عبدالحفيظ پيرزادو، ڄام ساقي، محترم عبدالواحد آريسر، سيد عبدالله شاهه، مولا بخش لغاري، حفيظ قريشي، سيد علي حيدر شاهه، قادر بخش جتوئي، خادم سومرو، سيد جلال شاهه، عطاءُ الله انڙ، گل محمد جکراڻي، رسول بخش ٽيبو، ڪامريڊ علڻ ٽيبو، قمر پٽي، عبدالخالق جوڻيجو، حبيب الله ڪابورو، راشد مورائي، تاج جويو، باغي بلوچ، اختر ڪاڪيپوٽو، علي احمد پنهور، اشرف ڪهاوڙ، قاسم ٻگهيو، ملڪ اسد سڪندر، معصوم سانگهڙائي، عبدالصمد ڪانڌڙو، روشن ٻرڙو، عابد لاکير، بشير اونو جو ذڪر موجود آهي. جن مان ڪيترا منهنجا ذاتي دوست به رهيا، البت جيڪڏهن ليکڪ پنهنجي ڪيل عشقن جو ذڪر ڪري ها ته وڌيڪ بهتر هو. ٽي

سگهي ٿو ته ليکڪ اڳتي هلي پنهنجي قلم جو جادو جاڳائي ۽ مختلف ڪردارن بابت جدا تحرير ڪري بهر حال ڪتاب ۾ ليکڪ عورت جي نفسيات جو ڪيڏو نه زبردست تجزيو ڪيو آهي، جيڪا خود ليکڪ جي ڀاڄائي آهي.

*

مون اڳي به عرض ڪيو ته آتم ڪٿا لکڻ هڪ ڏکيو ڪم آهي. پر انهيءَ مشڪل مرحلي مان ڀاءُ محمد خان لنگهي پار پهتو آهي. ڪجهه ماڻهو اها پڙهي خوش ٿيندا ته ڪيترا سچ وري ٿي سگهي ٿو ته سندن ذڪر پڙهي ناراض ٿين. انهيءَ ڏکئي بار ڪي، ليکڪ پاڻ منهن ڏيندو. باقي مجموعي طرح هي آتم ڪٿا، سنڌي ادب ۽ آتم ڪٿائن جي فهرست ۾ هڪ سٺي ڪتاب جي شڪل ۾ اضافي جو باعث بڻجندي.

اميد اٿم ته پڙهندڙ به هن ڪتاب کي سٺي موٽ ڏيندا، ته جئين ليکڪ، پنهنجي آتم ڪٿا جي ڪجهه اهم بابن بابت تحرير ڪري ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ وڏيڪ ڪتاب جو اضافو ٿئي.

مدد علي سنڌي

ڪراچي

04 نومبر 2020ع

(مهاڳ)

هلندا هلئون ـ وڏندا رهون

ڪجھ ماڻهن جا سينا رازن جا قبرستان ٿيندا آهن، پر سنڌ جي ڪجھ مؤرخن جا سينا رازن جا ”مڪليءَ“ جيڏا قبرستان آهن! سنڌ جا وڏا وڏا نامِ نامي، اسمِ گرامي، جن کي غلام سنڌي سماج پاران، سندن تشخص جي پسمنظر ۾ ذري گهٽ ”لات“ ۽ ”منات“ جي حيثيت مليل آهي، جي سنڌ جا سڄاڻ مؤرخ پنهنجي مڪليءَ جهڙي سيني جي، دل ڪولي اٿل ڪري تاريخ ڪي اوراق تي پڌاري ڇڏين ته هوند! سنڌ جا ڪيترائي ”تقدس“ ۽ ”عظمت“ جا چوغا اوڍيل ”بُت“ نه رڳو بي لباس ٿي اچي ٻوٽ پر ڏڙام ڪن، بلڪ انهن ڪريل بتن جي پرڪارن جي بدبوءِ ماڻهن جا روح به ٻوساتي ڇڏي. محمد خان ابڙي صاحب ڪي جيڪي داستان، واقعا يا حقيقتون مناسب لڳيون آهن، سي هڪ تاريخ جي تناظر ۾ سندس هن زير نظر ڪتاب ۾ موجود آهن. جيڪي فارسيءَ جي چوڻي؛ ”مشتے نمونہ خروار“ وانگر کوڙيءَ مان ڪنيل فقط ”هڪ لپ“ آهي، جنهن مان سڄاڻ سنڌ واسي، ويجهي ماضيءَ جي ”سنڌ شناسيءَ“ جا کوڙ ”داڻا“ ماڻي سگهن ٿا.

محمد خان جي مطابق، هُن ڪيترائي ”راز“ ڪاغذ تي منتقل ڪرڻ بجاءِ، في الحال پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکيا آهن جيڪي وقتاً فوقتاً سامهون آڻيندو رهندو.

❊

لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ

”هائو ته بهرحال توهان کي زندگيءَ جي انيڪ طبقن مان گذرندي، ڪيئي لَڪَ لتاڙي ئي منزل تي پهچڻو پوندو“!

ڌاهپ جي آخري آفاقي ڪتاب ۾ انساني فطرت کي سامهون رکندي، خلقڻهار اهو جيڪو مٿي بيان ڪيل نڪتو ارشاد فرمايو آهي، سو هن ڪتاب جو سرجهڻهار اسان جو يار محترم محمد خان ابڙو عين ان نقطي مطابق زندگيءَ جا مرحلا طي ڪندو رهيو آهي. سرجيو ته چوڌاري سور هئس ۽ ساماڻو تڏهن به سُڪن ساڻس سرچاءُ نه ڪيو.

هڪ نعمت جيڪا ڏٽيءَ کيس عطا فرمائي آهي ـ سا آهي؛ سندس ”فولادي جان“! جنهنڪري هيءُ يار، ننڍڙي ڪان اڄ تائين ورڇجي ويهڻ ته نهيو لاڳيتو ڪشالا ڪاٽڻ، سورن سهڻ ۽ هاهر ڪندو هلندو رهڻ جي باوجود اڄ تائين ٿڪو ناهي ۽ نه ئي پنهنجيون ڪڙيون تڙيون عادتون ڇڏيون اٿائين.

سندس زندگيءَ ڏانهن جيڪو رويو رهندو آيو آهي، سو پورو جو پورو هڪ سليقي سان سلهاڙيل آهي. رڳو ڳالهين جو ڳهير ناهي، ڳالهين مطابق محفلين ۾ داستان گو هئڻ به سندس سڀاءَ رهيو آهي. شروعاتي زندگيءَ ۾ قومي نصب العين طي ڪيائين ته کيس، ڌرتي ماءُ جي اهنجن ۾ سهنجايون پيدا ڪرڻيون آهن. جيتريون ڪري سگهيو آهي، انهن بابت زير نظر ڪتاب ۾ اوهان کي جهلڪيون پسڻ

لئہ ملنديون هلنديون. ”نہ پڙڪيو آهي، نہ وساميو آهي، لاڳيتو ڏڪندو رهيو آهي.“

چو ڪتي رکجئون رفيقو ارتقا رکجي نہ ٿي،
زندگيءَ جي آرزوءَ ۾ جستجو ٽڪجي نہ ٿي،
ساٿيو سندرا ٻڌي، هلندا هلو وڌندا هلو
پاڻ چو بيهي رهون، دنيا جڏهن بيهي نہ ٿي.

❊

وجودِ باري تعاليٰ جي اٽل موجودگيءَ جو هڪ نوس اهڃاڻ اهو بہ آهي تہ: ”ڌرتيءَ تي هيل تائين جيترا بہ ماڻهو پيدا ٿيا آهن، سي سوچن، عادتن، مهاندن، خيالن ۽ اندازن ۾ سڀ جو سڀ سو سيڪڙو نہ سهي، گهٽ ۾ گهٽ ٿورا گهڻا هڪ ٻئي کان مختلف آهن.“ ماڻهوءَ جا موڊ ٽين ٽا، حالتن آهر ماڻهوءَ جو مزاج مٽبو سٽبو ڪڏهن ارتقاء ڏانهن تہ ڪڏهن انتهاء ڏانهن مائل رهي ٿو. بعضي سندس من ۾ ترقيءَ جو سياءُ تہ بعضي سندس من، تنزل جو شڪار. شيخ سعدي شيرازيءَ اها ڳالهہ پنهنجي شعر ۾ هيئن ڪئي آهي:

گہے بر طائرِ اعلیٰ نشینم
گہے بر پشت پائے خود نہ بینم

سچل سائينءَ پنهنجن لفظن ۾ فارسي شعر جو ترجمو هيئن ڪيو آهي:

ڪڏهن منُ ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن
سچل سارو ڏينهن، رهي رهيو نہ هيڪڙو.

محمد خان ابڙو پنهنجي مزاج ۾ بشري لوازمات مطابق ائين ئي آهي جيئن سعديءَ ۽ سچل چيو آهي! حضرت علي سائينءَ فرمايو هو تہ: ”سچيت انسان، حد کان وڌيڪ جذباتي ۽ منافق ماڻهو مانيٽو ٿيندو آهي.“! محمد خان گفتگوءَ ۾، معاملات ۾ حد کان وڌيڪ جذباتي آهي. هونءَ بہ جذباتي ماڻهو ٿڌي تي ئي پنهنجي اندر جي ڳالهہ جو اوبر ڪڍي هلڪا ٿي پوندا آهن پر انهن جي خاصيت اها هوندي آهي تہ اتي جو اتي وري ٿهڪيل پاڻيءَ مان فري ٿڌا، برف جهڙا ٿي پوندا آهن، جڻ ڪاوڙيا ئي ڪونہ هئا.

محمد خان پنهنجي فطرت ۾ جفاڪش ماڻهو آهي. ٻاهران جهڙو پڪو سروٿو ۽ اندران صفا ڪچو پتر! جيڪو ڪنهن جو غم نہ سهي سگهڻ ڪري پيري پيري ظاهري طور پريو پوي! هينئر هو جنهن سماجي حيثيت تي فائز آهي، تڏهن بہ هن جي اجوڪي سکن پريي گهر جا ڪم ڪار واري سنگت واسطي دروازا قومي ورڪرن لاءِ ائين ئي کليل آهن جيئن سندس غريب الحالي دؤر ۾ ڪکائين گهر جا دروازا هميشہ کليل رهندا هئا. ائين هئڻ جو هڪ خوشگوار سبب اهو بہ آهي تہ هن جي زندگيءَ جو سفر ڪچن پيچرن کان شروع ٿيو. جتي مسئلن جو مينهن روزانو وسي ۽ گپ چِڪ ايتري ٿي وڃي جو وڪ ڪڍڻ بہ اٽائي هجي! هي جهاڳيندو آيو. لاڳيتو مڙسيءَ سان ۽ ٽڪو ڪڏهن بہ نہ. اڄ بہ هن جو آسودي حياتيءَ لاءِ پنڌ جاري آهي. نج پورهيت جو محنتي پٽ، جنهن زندگيءَ جي شروعات ئي نج نبار پورهيي سان ڪئي ۽ پورهيو بہ مشقت سان پرپور! ان پورهئي جون ”برڪتون“ اڄ بہ منجهس ڪوٽان ڪوٽ

ڀريل آهن. سگهارو جسم، توانو ذهن، تازگيءَ رتو چهرو، سندس شروعاتي زندگيءَ جي طفيل دائم آهي ۽ الله ڪندو ته قائم به رهندس.

محمد خان ابڙو روايتي اعليٰ تعليم ته پري جي ڳالهه، هو جن ڪشالن سان، پورهئي دوران تعليمِ بالغان اسڪول ۾ پڙهيو آهي، سو داستان ڪتاب ۾ موجود آهي، جيڪو اچرج ۾ وجهندڙ آهي. هينئر وٽس توڙي جو ڊبل ايم. اي جون ڊگريون موجود آهن، پر منهنجي خيال ۾ اهي محمد خان جي زندگيءَ جي سنوار ۾ ڪا خاص اهميت نه ٿيون رکن. سندس نوڪريءَ جو خاصو حصو بئنڪ ۾ گذريو آهي، سو بئنڪ جي ڪم لاءِ پاڻ وٽ جيڪي ڊگريون اهميت رکن ٿيون، اهو سيڪو ڄاڻي ٿو! سندس زندگيءَ جي سنوار ۽ شخصي تعارف جا ٻه مکيه ڪارڻ نظر اچن ٿا:

- پورهئي سان زندگيءَ جي شروعات
- قومي تحريڪ سان وابستگيءَ سبب سائين جي ايم سيد جي صحبتن ۾ سائينءَ پاران سندس ڪيل تربيت

محمد خان ابڙو روايتي نصابي تعليم يافته شخص ناهي. هو پنهنجي من جي داخلي سوجهري سان علم جي واٽ تي گامزن ٿيو ۽ غير روايتي انداز سان ڊگريون ماڻيائين. سندس تعليمي سفر جي ڪٿا به هن ”آتم ڪٿا“ ۾ تفصيل سان موجود آهي:

خلقت سڏڪي گهرندي آهي،
عزت، عظمت، دولت ۽ شهرت،
قدرت مرڪي چوندي آهي:
محنت، محنت، محنت ۽ محنت!

محمد خان کي اڄ جيڪا حيثيت ملي سگهي آهي سا ڪيس سڏڪندي نه پر محنت، محنت، محنت ۽ محنت ڪندي ملي آهي. سندس محنت جا تڏهوڪا ۽ اڄوڪا زاويه البته، سو مختلف آهن. عين ممڪن آهي ته سندس هن ڪتاب جي منظرِ عام تي اچڻ سان سندس همعصرن ۾ انيڪ تبصرا به ڇڙي پون. ان خدشي کي به لنوائي نه ٿو سگهجي ته شعوري يا لاشعوري طور تي قوم وٽ سندس زندگيءَ جي ڪٿا جا ”ماڻڪ موتي“ نه به اڳهامجن. اهو خدشو ان ڪري ٿئي ٿو ته سندس ڪتاب ۾ مصنوعيت، ڊاڙ لباڙ ۽ تحريري چاشنيءَ جو هٿرادو هنر وارو ”ڪائو ڪچ“ بنهه اڻلڀ آهي. هن سڌي سنئي اسلوب سان جيئن سندس من ۾ آيو آهي، تيئن پنهنجي حافظي جي ڪاڻ مان قلم کي ڏانداري بڻائي، پنن تي پنهنجو داستانِ زندگي ميڙي، رکي ڇڏيو آهي. ڪجهه سندس دوست وري ڪتاب مان جيڪي وڏون ڪيندا اهي ته وري ايڏيون عجب هونديون جو صفا مضحڪ خيز! اهڙو وڙُ ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان اڳ ئي اسين سهي به چڪا آهيون!

ڪتاب جي اڀياس مان سندس زندگيءَ جي شروعاتي ورهين جا جيڪي ڏاڪڙا آهن، تن جي تاثير هن جي حافظي تان ميسارجي نه سگهي آهي. اڄ به ڳالهيون ڪندي، يا مان ڪيترائي ڀيرا ماضيءَ ۾، ڪيس پلئه پيل انهن ڏاکڙن جو تاثر سندس نيڻن مان بي ساخته برسندي ڏسندو رهندو آهيان. اها الڳ ڳالهه آهي ته انهن جو دائمي اثر داخلي طور کهڙو رايو رکي ٿو! هن وٽ جيڪو احساساتي سرشتو آهي، اهو ڪيس اڄ تائين بي حس ٿيڻ نه ٿو ڏئي ۽ خدا ڪري ته تاحيات سندس سياوَ ۾ ”دردن“ جي اها

نمڪيات رهندي اڃي جيڪا سنڌس نيڻ ڀنل رکي! هونءَ بہ خشڪ نيڻ بي حسيءَ جو ئي تہ اهڃاڻ هوندا آهن ۽ حساس ترين ماڻهوءَ جا نيڻ هميشہ آلا آلا! شل اها آلاڻ پنهنجي جوهر ۾ شفاف هجي!

*

محمد خان جي قومي تحريڪ جي سفر جا هن ڪتاب ۾ جيڪي داستان شامل آهن، اڄ هو توڙي جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي هڪ اهم رڪن، محترم سعيد غني صاحب سان *دامے درمے، قدمے، سخنے،* شامل حال آهي ۽ پيپلز پارٽي روان دؤر ۾ سنڌ جي حڪمرانيءَ جي مسند تي بہ فائز آهي تہ محمد خان بہ ان پليٽ فارم تي باقاعده جيئن متحرڪ هئڻ گهرجي، تيئن ئي متحرڪ آهي. سعيد غني صاحب، مون پيپلز پارٽيءَ ۾ واحد شخص ڏٺو آهي، جيڪو پارٽيءَ جي مين اسٽريم تي هئڻ باوجود اڄ بہ خليق، ذهين، باڪردار ۽ سچيت انسان آهي. هو بي لوث آهي ۽ بي لوث جو ٿيو تہ ڪيس نہ ڪو لوڀ آهي نہ ئي ڪنهن لالچائيندڙ جي مجال آهي جو ڪيس لالچ ڏئي ۽ ڪيس هرڪائڻ جي جرئت ڪري سگهي! لوڀي ۽ لالچي جو ناهي، ان ڪري خوفزده بہ ناهي. محمد خان سنڌس پراڻو دوست، سو دوست، دوست ڪي اقتدار کان ٻاهر هوندي تہ نہ وساريو پر اقتدار ۾ ڪيس پاڻ سان همقدم، همراز رکندي ڪيس اهميت ڏيندو اچي. شيخ سعدي شيرازيءَ دوستيءَ جي وصف ڪيڏي نہ سلوڻي انداز ۾ ڪئي آهي:

دوست مشمار آنکہ در نعمت زند
لاف یاری و برادر خواندگی
دوست آں دانم کہ گیرد دست دوست
در پریشاں حالی و درماندگی

”دوست اهو ناهي جيڪو آسودگيءَ وارين حالتن ۾ ياري ۽ ڀائپيءَ جون ڦٽاڪون هڻندو وتي، دوست اصل ۾ اهو آهي جيڪو ويڳاڻي وبل ۽ پريشان حاليءَ ۾ دوست جو دستگير بڻجي سنڌس دستگيري ڪري.“

محمد خان ابڙو روان دؤر ۾ پيپلز پارٽيءَ سان ڪيئن گپ چو آهي؟ سنڌس بقول تہ ”قومي تحريڪ“ جي اڳواٽن جا حال ڏسي هن عافيت ان ۾ سمجهي تہ ”موقعو آهي تہ قوم جي خدمت پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تان بهتر انداز ۾ ڪري سگهجي ٿي!“ سو سنڌس ان پارٽيءَ جو عملي حصو هئڻ جو بنياد بہ دراصل سنڌس ذاتي تعلقات ۽ سنڌس بقول قومي جذبو بہ چئي سگهجي ٿو. قومي تحريڪ جو عروج ۽ زوال، محمد خان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. هو خود قومي تحريڪ جي مُک باني ڪردارن منجهان رهيو آهي. ڪتاب ۾ موجود سنڌس تحريرن موجب، هن پاڻ کي ”بازار جو وکر“ بنجڻ نہ ڏنو. هڪ متحرڪ اڳواڻ جي حيثيت ۾ قومي تحريڪ ۾ دهشت جي لهر کي فروغ ڏيڻ نہ ڏنائين، جنهن بہ قومي ڪارڪن، جيئي سنڌ جي نالي تي ڪنهن سان بہ۔ مطلب تہ ڀلي اهي غير سنڌي ئي هجن، بشرطيڪ مظلوم هجن، ڪوئنسڻ جي روايت کي ابڙي صاحب، تحريڪ ۾ در انداز ٿيڻ نہ ڏنو.

اڃا بہ محمد خان جي سيني ۾ دم آهي، هو واقعي بہ قومي فرض لاءِ ”قومي آزاديءَ“ جي بلندين تائين گهڻو ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿو. اهوئي سنڌس زندگيءَ جو نصب العين آهي، الله ڪري تاحيات پنهنجي آدرشي نصب العين تي قائم رهي:

موجيم ڪہ آسودگئ ما عدم ما است
ما زنده ازانيم ڪہ آرام نہ گيريم

”اسين اها لهر آهيون جنهن جو ڪم ئي آهي روان رهڻ، اسين زنده ئي ان ڪري آهيون تہ هلندا هلئون وڏندا رهون.“

❉

محمد خان ابڙو جي هيءَ آتم ڪٿا، اتساهہ پيدا ڪندڙ ڪتاب چئي سگهجي ٿو. هن جي تحرير جو انداز پلي سڌو سنئون آهي، تڏهن بہ سندس واقعاتِ حيات اهڙا آهن، جيڪي موجوده دؤر جي سهل پسند ذهنن لاءِ هڪ عملي سبق آهن تہ ڪا بہ پشت پناهي نہ هوندي، ڪا بہ مالي وسعت نہ هوندي، هٿين خالي بہ سکن ڀري زندگيءَ جي منزل ماڻي سگهڻ قطعاً ناممڪن ناهي، بشرطيڪ طلب صادق ۽ ارادا اٽل هجن!

نظرياتي رخن ۾ محمد خان ابڙي جيڪا سائينءَ جي ايم سيد جي تصوير گشي پنهنجي تحرير ۾ ڪئي آهي، سا توجهہ طلب آهي:

- سائين جي ايم سيد پنهنجي جوهر ۾ قطعاً مذهب مخالف ۽ اسلام دشمن ناهي.
- سائين جي ايم سيد، ڪمزور پاسن جو سهارو وٺي قومي تحريڪ کي ٻليدان ڏيڻ جو قائل ناهي.

ان جي باوجود،

توهان هن ڪتاب ۾ ابڙي صاحب پاران بيان ڪيل سائين جي ايم سيد متعلق ڪيس قتل ڪرڻ جي سازش وارو قصو پڙهندؤ تہ توهان کي محترم تاج جويي جهڙا صف اول جا اديب ۽ قومي اڳواڻ سڏجندڙ مبالغہ آرائي ڪندي سائينءَ کي بجاءِ قومي رهبر جي ساڳيو روايتي ڪاني ڪرامت وارو پير بڻائي پيش ڪرڻ جا پيا جتن ڪندي نظر ايندا. هونءَ اسلام تي ۽ مذهب تي هڪ لاهبي ٻي چاڙهبي پر سائين جي ايم سيد کي وري ”مقدس بت“ بڻائي پيش ڪرڻ وقت ڪاني ڪرامت جو قائل بہ ٿي وڃبو!

اهو الميو رڳو محترم تاج جويي جو ناهي سنڌ ۾ رسول بخش پليجي مرحوم جي ڪلاس کان وٺي سائين جي ايم سيد جي پيروڪاريءَ جي دعوي ڪندڙن تائين ”ذهانت جا بادشاهہ“ توهانکي بنيادي نظرياتي، ثقافتي، سماجي ۽ معاشرتي معاملات ۾ اهڙن متضاد لقائن جو شڪار نظر ايندا جو توهان هنن جي تحريرن، تقريرن ۽ عملي زندگيءَ ۾ جهاتي پائيندؤ تہ هو توهانکي عجيب و غريب تضادن جو هڪ اهڙو منجهيل سُٽُ محسوس ٿيندا. سندن مداح تاحيات اهو طي ڪري نہ سگهندا تہ هي ماڻهو آخر آهن ڪهڙي بلاءِ؟!

سائين جي ايم سيد آخر تائين ڏٺيءَ در سربسجود ڪيفيت ۾ نظر اچي ٿو۽ هي پيارا _ جيءَ جيارا، مورڙن ڏٺيءَ جي وجود بابت ئي اهڙن مونجهارن ۾ مبتلا نظر ايندا جو نہ کين اقراري چئي سگهجي نہ انڪاري، سڏبا سائينءَ جا پيروڪارا! ڇيڙيندا راجا ڏاهر جو موضوع، آگريون ايپون ڪندا حجاز جي سمورن عربن ڏانهن! ٻيلي بن قاسم جيڪا ڏوڙ پاتي، تنهن ۾ اسلام جو ڪهڙو قصور آ؟! بن قاسم،

اسلام جي نالي تي اسان کي قومي راتاها ڏنا تہ ڇا جيئي سنڌ جي نالي تي موجوده دؤر ۾ بہ قومي اڳواڻ سڌجندڙ پنهنجي ئي قوم کي راتاها نٿا ڏين؟ پوءِ ان ۾ ڇا جيئي سنڌ تحريڪ ۽ نظريي جو قصور ٿيو؟ اٿي، لٿي، اجهي جي آسري، ڪا سياسي پارٽي عوام جو استحصال ڪري ٿي تہ ان ۾ سوشلزم جو ڪهڙو قصور؟! اهو الميو تاريخي تسلسل سان مسلمانن سميت دنيا جي سمورين قومن سان رهندو آيو آهي تہ مقدس شخصيتون، مقدس مقامات، مقدس نظريا ۽ مقدس ڪتاب عوام جي استحصال لاءِ سامراج جو بنيادي هٿيار رهيا آهن! ان ۾ قصور شخصيات، مقامات، نظريات ۽ ڪتابن جو ٿيو! پاڻ ٻڌايو..

حضور اقدس ﷺ جي ذاتِ گرامي، تاريخ جي عظيم ترين انقلابي شخصيت طور، پنهنجن خواه پراون وٽان غير مشروط مڃتا ماڻي چڪي آهي، سندن شخصيت جي سمورن انقلابي رخن جو روح ۽ سندن بي مثال انسان دوست ۽ قوم پرور پاڪيزه سيرت جو سرچشمو ”قرآن“ آهي، حضرت محمد ﷺ جسم آهي ۽ قرآن ان جو روح آهي! جسم اڄ اسان کان اوجهل آهي مگر روح اسان جي گهر گهر ۾ اسان جي ساڃي ڪاپي، اسان جي اتر ڏکڻ ۾، اسان جي اولهہ اوڀر ۾، پوري آب و تاب سان پوري جاه و جمال سان موجود آهي!

اسان سان مصيبت اها آهي تہ ان روح سان پنهنجو روح واسبو بلڪل بہ نہ. يعني قرآن پاڪ پڙهبو بنهہ نہ ـ باقي ان کي بہ محض تقدس جي چوغي ۾ ساٺ سنوڻ ۽ ساک پت جي چڪرن جي ور چاڙهي ڇڏبو! ٻيلي، جنهن ڪتاب سمورين انساني سوسائٽين لاءِ سماجي ڏارا جي ريڙهہ کي بيهاريو ئي لَيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰی جي فطري نقطي تي آهي تہ: ”هر ڪنهن جي لاءِ اهو ئي حلال آهي، جيڪو هو پنهنجي ذهني ۽ جسماني پورهئي سان ڪمائي“ باقي سڀ جيڪي بہ آهي سو اڪتناز آهي، ذخيره اندوزي آهي، نج حرامڪاري آهي تہ اهڙي سدا بهار ترجمانِ ڪتاب کي لنوائي ڪهڙو سک جو ساهہ ڪڍبو؟!

خدا جو وجود، فطرت جو آواز آهي، ملان جو مسئلو ناهي! الله جو آواز انساني جوهر جي داخلي پڙاڏي جو خارجي ورجاءُ آهي. ڪا فوق الفطرت شيءِ ناهي! ها، ان جي يگاني ذات، سو ماوراءَ الوراءِ، انفس و آفاق کي محيط ضرور آهي، مگر اوپري ۽ ڏاري هرگز ناهي! ڪوتاهي اسان جي فهم جي آهي، نہ تہ هو تہ هر حسين نظاري ۾ هر پل پنهنجو جلوو پيو ٿو پسائي، هر مسحور ڪندڙ آواز ۾ پنهنجي جمال جو ادراڪ پيو ٿو عطا ڪري، هر انساني سوڀيا ۾ جلوه پذير آهي هر حادثي جي پويان هو دائمي سهارو بڻجي اسانکي سنڀالي وٺي ٿو هر واقعي کي اسان لاءِ پيار مان اک ٻيجي اشارو ڪري پاڻ ڏانهن وري اچڻ جو ڏگ سهائي ٿو هر پيار ۾ هو پنهنجو لقاءُ پسائي ٿو ـ پاڻ کي اوجهل ضرور رکيو اٿائين پر سمايل هر ساهہ ـ پساهہ ۾ آهي! هائو سو ڪيس في الحال ڏسي نہ ٿو سگهجي فقط محسوس ڪري سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ انسان جي اک اهڙي نرجي آهي، جيڪا تجسس ۾ ئي جُهدِ بصارت کي متحرڪ رکي ٿي، منزل نظر ملي ويس تہ پوءِ بس، اک لڳي ويندي ۽ جُهد جو باب ختم!

سائين جي ايم سيد جو سنڌالاجيءَ ۾ جيڪو ڪارنر قائم ٿيل اهي، ان ۾ سائينءَ جي ٻين يادگارن سان گڏ مصلو بہ موجود آهي. مصلو معنيٰ جاءِ نماز! سائين. لاشڪ تہ سجدي جي اسرار کان ڪما حقہ سونهون هيو. هن. پري زندگي ڏٽيءَ در سربسجود رهي معرفت ماڻي. سندس قومي نظريو معرفت جي انمول مالها آهي. مان ساک سان چئي سگهان ٿو تہ سائينءَ جي قومي تحريڪ جي آزاديءَ

واري نظريي ۾ سائينءَ جي سحر گاهيءَ جو تاثير ضرور بالضرور اوهان کي محسوس ٿيندو-رڳو نرجائپ ڇڏجي ۽ ان اک سان پسڻ جي ڪجي!

جيترن به سنڌي ڏاهن، دانشورن، شاعرن سان-اڄ تائين جيڪي ادب ۽ ڏاهپ جي ڏس ۾ سنڌي سماج جا نام نهاد ”اڪابر“ سڏجن ٿا، مان انهن مان جن سان به علمي، ادبي نشستون ڪيون آهن، انهن منجهان اڪثر مونکي حقيقت جي ادراڪ ۽ مجتا کان موروثي ڇسا، غير سنجيده بلڪ واڻڙا نظر آيا آهن؛

اردوءَ جي ڏاهن کي جاچي ڏسو اهي ڪٿي به توهان کي خدا، رسول ۽ قرآن بابت غير سنجيده نظر نه ايندا حالانڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند اهي به آهن، آهن به ليفٽسٽ! پر مجال آ جو توهانکي ڪٿي به علمي ۽ ادبي موضوعات ۾ غير سنجيده ڀاسجن! اها، اسان جي قومي بدقسمتي آهي جو اسان جو ڏاهو ليڪجنڊڙ هر ڪردار، اول تا آخر پنهنجن نظرين، عمل خواه روين ۾ ”عجيب و غريب“ آهي.

ٻالهه انقلاب جي ڪبي، دعوي انسان دوستيءَ جي ڪبي، علمبردار سوشلزم ۽ ڪميونزم جو هجبو ڏُڪ انسان دوستيءَ جا ڀربا پر عملي زندگيءَ ۾ پنهنجن ناروا روين سان انهن مڙني پاڪيزگين تي، ڪتي اُلٽي ڏاڪيندا رهندا!

سنڌ جي هر نام نهاد شاعر جي شاعريءَ جو ڀهريون ۽ آخري هدف، گهٽي کان گهٽين ڇوڪرين کي مداح بنائڻ هوندو. سچا پچا مرد مداح؛ سندن مدح ڪندا ته ڪين بچان ايندي. اهي ئي مرد اگر فيڪ آءِ ڊي ناهي ڇوڪري بڻجي وڏي ڏانوَ سان ڪين ائپروچ ڪندا ته گد گد ٿيا ٿيندا ۽ بنا گهرڻ جي ڀهرئين ئي سٽ ۾ ڪين پنهنجو سيل فون نمبر ڏئي ڇڏبو! جيستائين راز کلي تيستائين پيو بچڙو ٿبو! پنهنجي گهر کي، نياڻين کي، ننهرن کي ڪنگهبو به ڪونه، نازڪ جنس جي مداحه جي ٻارڙن لاءِ تحفن جي ڀرمار لائي ڏبي، ڦبي نه ڦبي، لپو ضرور هڻبو! معاملات ۾ صفا ابتو هلبو. سمورن سرنديءَ وارن دوستن کان قرض وٺبو. پوءِ تلخيون پيدا ڪري دوري اختيار ڪري وٺبي! واقف ڪار دڪاندارن جو لاڳيتو مقروض رهبو پبلشرن کان ڪتاب ڇپرائي انهن کي واجبي ادائگين کان پيو رڙائبو. ٻالهه انقلاب جي ڪبي، دعوي سنڌ دوستيءَ جي ۽ سوچ جو ڪينواس عالمي سطح تي پورهيتن کي سرمائيدار لڏي کان نجات ڏيارڻ تائين وسيع رکبو! شراب ٻين جو پيئبو چرس جون اِٽيون راڄن تي، پنگ جا پيالا مولائين تي ۽ گفتگوءَ جو محور هوندو اشتراڪيت! پنهنجو در ڪنهن کي به نه ڏيکاربو. سدائين ٻين جو مهمان رهڻ جو پاڻ سان وچن ڪري ڇڏبو!

هائو غير نظرياتي ڏات ڏٺي ايئن ئي هجن ٿا، صفا غير سنجيده. بلڪل غير ذميوار! خدا مخالف به صرف ان ڪري هجبو متان زندگيءَ جي ڪنهن فطري ضابطي جي، ڪٿي ڪا پاسداري ڪرڻي پئجي وڃي!

هڪڙي غريب ڪامريڊ دوست سان لاهور ياترا تي وڃڻ ٿيو. مون رهائش جو اتنظام لاهور ۾ اڳواٽ ڪيو هو پر هڪ ڏينهن اڳواٽ لاهور پهچڻ جي ڪري اها رات اسان کي ڪنهن ٻئي هنڌ گذارڻي پئجي وئي. پنهنجن دوستن سان مون رابطو ڪيو جن سان حجتون هيون، انهن وٽان خاطر خواه موٽ نه ملڻ تي منهنجي همسفر دوست پنهنجي ڪامريڊ لڏي جي هڪ غريب ڪامريڊ سان رابطو ڪيو. چاڪاڻ ته اهو غريب هيو تنهنڪري سندس دل وڏي هئي. شيخ سعديءَ چواڻي؛ ”اميرن جي پوري ولايت ۾ ڪائنن علاوه ٻيو ڪنهن لاءِ به گنجائش ناهي هوندي ۽ مسڪين جي هڪ رليءَ ۾

ڏهه فقراء به ماپي ويندا“... غريب ڪامريڊ جي تڏي تي، منهنجي همسفر يار جي زبان تي واڪاڻ ان امير ڪامريڊ جي هجي. امير ڪامريڊ جون وڊيو ڪلپس ڏيکاري جنهن ۾ هو دنيا جهان جي فلسفن تي ڳالهائي اهو ثابت ڪرڻ چاهي ته: ”خدا جو تصور هڪ موهوم خيال آهي“... غريب ڪامريڊ چاڪاڻ ته اسان جو ميزبان هيو ۽ وڏو ڪو وضعدار به. ته هن في الحال ته چيڙي ڪري ان امير ڪامريڊ جي واکاڻ ٻڌڻ برداشت ڪئي پئي، جڏهن مون واري همسفر يار. واکاڻ ۾ حدون اورانگهڻ شروع ڪيون ته غريب ڪامريڊ جي ايماني غيرت پڙڪو کاڌو ۽ امير ڪامريڊ بابت مونکي سندس عملي زندگي ۽ وهنوار بابت گهڻو ڪجهه ٻڌائڻ لڳو!

مون پنهنجي همسفر يار کان پڇيو ته ان فلاسافر ڪامريڊ جو لاهور وارو گهر ڪيتري رقبي ۾ ٺهيل هوندو؟ يار ڪڏهن ڏٺو هجي ته ٻڌائي نه!

غريب ڪامريڊ ٻڌايو ته ايڪڙ ڪن ۾ ٺهيل اٿس ۽ ايڏي ڪشادي گهر ۾ رهائش پذير. ڪل به چار ياتي ۽ ٻيا نوڪر چاڪر بس! غريب ڪامريڊ جي معلومات ڏيڻ جي انداز مان مون کي اندازو ٿي ويو ته هو چا ٿو باور ڪرائڻ چاهي! مون پنهنجي همسفر يار کان پڇيو اگر پاڻ ان امير ڪامريڊ سان رابطو ڪري ڪيس رهائش ڏيڻ لاءِ خواهش ڏيکارڻ ها ته، چا ٿو پائنين. رهائي ها؟! يار چپ ٿي ويو! ٻيهر ساڳئي سوال جي جواب ۾ هن جو ڪنڌ نهڪر ۾ لڏيو!.. ۽ هي ڏس غريب ڪامريڊ. هڪ ڪمري جي مسواڙي گهر ۾ ڪيئن اسان ٽن ڄڻن (مون سان منهنجو ڊرائيور به هيو) کي ڪيئن ڪشاده دليءَ سان رهايو اٿائين. چهري تي رنج جي ڪا به ريکا نه اٿس. ڏسندو وڃ ۽ زماني جي راند جو اندازو ڪندو هل!

❋

ايئن ڇو آ، هوند وارن وٽ سڀ ڪجهه هوندي به سندن دل سوڙهي ڇو هوندي آ؟ ۽ غريبن وٽ سڀ ڪجهه محدود مقدار ۾ هوندي به هنن جي دل وشال ۽ لامحدود ڇو هوندي آ؟! جواب صفا سهنجو آ. ڇاڪاڻ ته جنهن دل ۾ دولت جو واسو ٿيندو آهي ان مان اڪثر ڪري ماڻهپو کسڪي نڪري ويندو آهي جو دولت ۽ ماڻهپي جي پاڻ ۾ تمام گهٽ پوندي آ! غريب جي دل فڪرات کان آجي هوندي آهي ان ڪري ماڻهپي کي اتي قرار ملندو آ ۽ ماڻهپو اتي ترسيو پيو هوندو آ! منهنجي سائين ﷺ به ڏٺيءَ در ڇا ته معنيٰ خيز انداز ۾ ٻاڏايو هو:

اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِي مِسْكِيْنًا، وَاَمِتْنِي مِسْكِيْنًا،
وَاحْشُرْنِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِي زُمْرَةِ الْمَسَاكِيْنِ

”منا، مونکي مسڪين ڪري جيار ۽ مسڪينيءَ ۾ ئي پاڻ ڏانهن سڏائجان. محشر ۾ به مونکي مسڪينن جي ئي جماعت ۾ پاڻ وٽ گهرائجان.“

ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته دولت کان مطلق نفرت ڪجي! بلڪ پاڻ سڳورن ته حجاز جي معاشي حب. مڪي تي پنهنجي سوڀ پٺي چاهي ۽ ان سوڀ ماڻڻ لاءِ هيڏي ساري انقلابي تحريڪ جاري رهي. منهنجي سائينءَ ﷺ پنهنجن سمورن ساٿين جي غربت جا ڏوجهرا ختم ڪرڻ جا سانباها فرمايا. پر سندن تربيت ۽ تزڪيو اهڙو فرمايو جو دولت، سندس ساٿين ۾ ڪنهن جي به دل تي واسو

نـ ڪيو اها ٻاهرين ٻني تي رهي ۽ سمورن جون دليون ماڻهپي سان ڀرپور هيون. جو قرآن بہ انهن جي واکاڻ هنن لفظن ۾ فرمائي ٿو:

اَشِدَّاءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَاءُ بَيْنَهُمْ

”ڪاپاڻين لاءِ صفا پوبون ڏينهن ۽ ساٿين ۾ هڪ ٻئي لاءِ ٻاجهہ جو سنسار.“

۽ منهنجي سائينءَ پنهنجي سٺ بابت مالڪ ڏانهن دست بدعا ٿي ٻاڏايو هو تہ: ”منا! مسڪيني منهنجي ساٿين ۾ اختلاف پيدا نہ ڪيا، هاڻي بهتر معاشي پاليسين سبب خوشحالي، اجها، اکيين نظر پئي اچي، سو مونکي دولت جي فتني کان پنهنجن ساٿين بابت الڪو پيو ٿئي“!

*

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ دولت جي ڏائڻ بهرحال، مسلمانن جو آخرڪار ڏينگو ڏيري ڪري ئي ڇڏيو. پر پاڻ اهميت جو اندازو ڪريون پيا مسڪينيءَ جي فلسفي جو! قبيح، مسڪيني ناهي، نفعي خور سوچ خطرناڪ آهي. جيڪا سرمائيداريءَ جو بنيادي زهريلو عنصر هجي ٿي!

سو ڳالهہ غريب ڪامريڊ جي ماڻهپي جي پئي هلي، اسان اها رات وٽس گهاري. تڪلف برطرف جي مصداق، حال پريان نال. اسان کي وٽس ڏاڍو قرار آيو. اوطاق جو ننڍڙو ڪمرو هيو. ڊرائيور هڪ صوفي تي ستو يار مون وارو ٻئي صوفي تي ۽ مان پٽ تي سمهي رهيس. بي الڪي ماحول ۾ پرسڪون ننڊ جو اهو لطف هي جملا لکڻ وقت بہ جڻ ذهن کي مخمور پيو ٿو ڪري.

مان هوٽل جي مصالحن واري ماني نہ کائي سگهندو آهيان، اهو ذڪر غريب ڪامريڊ سان ٿي چڪو هيو ان لاءِ تہ جيئن هو صبح جو نيرن، مصالحن کان پاڪ رکي. حيادار ۽ ذميوار ايڏو جو جيترا بہ ڏينهن لاهور ۾ رهياسين، اسان کي اسان جي رهائش تي، گهر ۾ تيار ڪيل سادي ماني پهچائيندو رهيو. حالانڪہ هن جي گهر ۽ هاسٽل ۾ ويهن ٻاويهن ڪلوميٽرن جو فاصلو هو!

ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ هڪ منڪرِ خدا ڪامريڊ بابت تاثرات ڏسو ۽ هڪ خدا جي اقراري ڪامريڊ جو ڪردار ڏسو. سموري ڳالهہ واضح ٿي سامهون اچي ويندي. سائين جي ايم سيد بہ خدا ترس انسان هيو. هن جي شخصيت ۽ نظريات کي منفي رخن ڏانهن ڪٽي وڃڻ، سائينءَ خود سان، قوم سان ۽ تاريخ سان ڪوُنسڙ آهي، هائو!

محمد خان ابڙو جي جدوجهد، واقعي مثالي آهي. ان پيپڃري کي اسين جيڪڏهن شوق، محنت، سچائي ۽ مسلسل جدوجهد جي رخن کان جاچيئون تہ حق بجا آهيون.

هن ڪتاب جي منظر تي اچڻ کان پوءِ اسين پنهنجي قومي تحريڪ جو نئين سري سان اڀياس ڪنداسين تہ اسانکي انڌيرن پيچرن ۾ هن ڪتاب مان روشنيءَ جون ڪجهہ لاٽون ملي پونديون. اسان جو موجوده نسل ۽ اسان جا ايندڙ نسل پنهنجي آزادي ۽ خوشحاليءَ جي حاصلات لاءِ وڏيڪ خطائون ڪرڻ کان بچي پوندا. نوان رستا نيون راهون ميسر ٿنديون. قومي تحريڪ ۾ هاڻي نئون روح ڦوڪي سگهجي ٿو.

مولانا عبيدالله سنڌي جلا وطنيءَ تان واپس آيو هو تہ هن پنهنجي قومي تحريڪ کي نئون موڙ ڏيڻ وقت تقرير ۾ فرمايو هو تہ:

”اسان هڪ جهاز ناهيو. ان ۾ بنا پرکڻ جي هر هڪ کي سوار ٿيڻ جي اجازت ڏيندا وياسين.

سوارن منجهان ڪجهه ماڻهن حرڪت ڪئي ۽ جهاز ۾ سوراخ ڪري ڇڏيا ۽ سمورو جهاز ٻڏي ويو. خدا جي فضل سان اسانکي هڪ تختو هٿ لڳي ويو جنهن جي سهاري اسين ڪناري تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. هاڻي اسان منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ جيڪو نئون جهاز تيار ڪنداسين ان ۾ هر سوار کي تڪي توري پوءِ کڻبو ۽ پوءِ به پوري بيداري ۽ وڏي هوشياريءَ سان سفر آزاديءَ جي منزل طي ڪبو."

سو هي ڪتاب به مولانا سنڌيءَ جي تجزيي مطابق قومي تحريڪ لاءِ هڪ نئين سفر جي آغاز جو اهڃاڻ ثابت ٿيڻ گهرجي. ممڪن آهي ته هن ڪتاب جي منظر عام تي اچڻ بعد, سنڌ جو موجوده نسل محمد خان ابڙو تائين رسائي ڪري ۽ منجهانئس قومي تحريڪ ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ اڳڀرائي ڪرڻ جي سندس ڪتاب جي ملحوظ توقع ڪري وجهي ته ان لاءِ محمد خان ابڙي کي قوم جي آڏو هر حوالي سان هڪ رول ماڊل بڻجي پيش پوڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ گهرجي, نه ته ڪتاب لکڻ جو ڪو به عملي فائدو سامهون نه ايندو.

اين دعا از من و از جمله سنڌ آمين باد!

عبدالمؤمن ميمڻ
05 نومبر 2020ع
ڪراچي

پنهنجي پاران

مون ڪڏهن سوچيو به نه هو ته مان پنهنجي آتم ڪٿا لکندس! ڇو لکيم؟ اچو ته اهو داستان ڇيڙيون.

ڪچهريون دوستن سان روايتي ۽ غير روايتي انداز سان ٿينديون رهنديون هيون. انهن ئي ڪچهرين دوران ڪجهه سڄاڻ دوستن ڪي منهنجي ڳالهين مان پنهنجي من ۾ پيدا ٿيندڙ ڪوڙ سوالن جا جواب ملندا رهيا ۽ هو مونکي شعوري يا لا شعوري طور تي کوليندا ويا۔ کوليندا ويا ۽ کوليندا ويا... ته مون به محسوس ڪيو، مار! منهنجي سيني ۾ ته منهنجي دور جي تاريخ موجود آهي جيڪا دوستن جي زور ڀرڻ ۽ بار بار اتساهڻ تي مونکي محسوس ٿيو ته مان اها تاريخ پاڻ سان دفن ٿيڻ بجاءِ قوم جي آڏو آڻيان ته جيئن قومي جياپي لاءِ هيءَ تاريخ نه رڳو ايندڙ نسلن لاءِ رهنمائي ڪري سگهي پر گڏوگڏ قومي تحريڪ جون لڳايون ۽ چڱايون به منظر تي اچي وڃن ته جيئن ان مان موجوده نسل عبرت ۽ ايندڙ پيڙهي ڪو گسُ حاصل ڪري سگهي.

منهنجي آتم ڪٿا پڙهندڙن لاءِ جيڪو اتساهه پيدا ڪندي، اهو هيءَ آهي ته مسلسل جدوجهد ۽ محنت آخرڪار اوهان کي پنهنجي منزل جي ويجهو آڻي بيهاريندي آهي. مان مل جي مزدوريءَ دوران جڏهن حيدرآباد آيس ۽ پنهنجي پاڻ سان يا دوستن سان شهر ڏسڻ نڪرندو هئس ته انگريزي لفظن ۾ تشهيري بورڊ ۽ مختلف اسٽور وغيره جي بورڊن تي ان جو نالو انگريزي نه اچڻ جي ڪري پڙهي ۽ سمجهي ڪونه سگهندو هئس تڏهن تڏو ساهه ڪٽي سوچيندو هئس ته ڪاش! اهي مان پڙهي سگهان ۽ ائين سوچيندي سوچيندي اڪين مان پاٽي تري ڳلن تي پنهنجي راهه جوڙي بوندن وانگر ڳڙڻ لڳندو هئو. پوءِ مون طي ڪيو ته ڇا به ٿئي مان هر حال ۾ پڙهندس!

مان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي پنهنجي زندگيءَ کي سنوارڻ جو سبب سمجهان ٿو جو ڀٽي صاحب 74_1973ع ۾ ملڪ اندر تعليمِ بالغان شروع ڪئي هئي. مان دعويٰ ته نه ٿو ڪيان پر ڀڪ اٿم ته مان هڪ نالي ماتر پڙهيل (صرف سنڌيءَ جا پنج پاس) هاڻي ايم اي اڪنامڪس ۽ ايم اي پاڪستان اسٽڊي پاس ڪري مختلف مرحلا طي ڪندو، ڪاميابيءَ جي ان منزل تي پهتو آهيان، جيڪو فقط سچائيءَ سان لڳاتار محنت ڪرڻ جو ئي نتيجو آهي. اها ڀڪ اٿم ته منهنجي ايتري طويل محنت ۽ جدوجهد کي ڪوبه ماڻهو کهڙي به دور ۾ پنهنجي لاءِ مشعلِ راهه بڻائيندو ته مان سمجهندس منهنجو هيءَ ڪتاب لکڻ وارو پورهيو ڪامياب ٿيو.

مون اڄ تائين مسلسل جدوجهد ۾ گذاريو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ ئي وقت ٽن ڪان ڇئن محاذن تي ساندهه منهن ڏيڻو پيو آهي. برف فروشيءَ جي مزدوريءَ دوران پڙهائي ڪرڻ ۽ گهر جو سمورو ڪم وينڌي ڪپڙن ڌوئڻ تائين مون کي پاڻ ئي ڪرڻو پوندو هئو. پرائيويٽ مئٽرڪ پاس ڪيم ته سيوهڻ ڪاليج ۾ ريگيولر داخلا سان گڏ قومي تحريڪ ۾ به عملي طور تي حصو ورتم ۽ اهو به پارٽ ٽائيم نه پر ذميواريءَ سان. وري پنهنجو خرچ به پاڻ ڪرڻ، جنهن دوران ڪونه ڪو پورهيو ڪري آمدني پيدا ڪري زندگيءَ جو گاڏو گهليندو رهيس.

زندگيءَ جي سفر دوران مون وٽ ڪافي تلخ حقيقتون، سنڌ جي نالي وارن سياستدانن، قومي تحريڪ جي اڳواڻن، ادبي شخصيتن ۽ آفيسرن سان گھاريل ڪيترائي سچا ۽ حقيقيقن تي ٻڌل ٻيا به ڪوڙ داستان به منهنجي سيني ۾ سانديل آهن. جيڪي ايندڙ ڪتاب ۾ لکندس. انهن ۾:

- قومي تحريڪ جو عروج ۽ زوال ۽ ان جا سبب
- قومي اڳواڻن، سياسي ليڊرن، ادبي شخصيتن جا، ڪجھ چاڻ سڃاڻ وارا ۽ ڪجھ لڪل چهرا سنڌي قوم جي سامهون آڻيندس.
- قوم لاءِ ڪيل گمناميءَ جي عالم ۾ پورهيو جن ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌي قوم جي مالڪي ڪرڻ، سنڌين کي ڪراچيءَ ۾ سندن گھرن جي مالڪي ڏيارڻ، شانتي نگر کان سچل ڳوٺ جي تعمير تائين ۽ پوءِ لڳ ڀڳ 700 سنڌي آباديون وجود ۾ آيون جيڪي اسان جي محنت جي مثال کي سامهون رکندي ناهيون ويون.
- سائين جي ايم سيد کان جلال محمود شاهه تائين قومي تحريڪ ۽ انهن جي اڳواڻن جو جائزو
- ڀٽي صاحب کان بلاول ڀٽي تائين پ پ جو سفر ۽ ان ۾ سنڌ جي قومي بقا جو جائزو
- شيخ اياز کان احمد سولنگيءَ تائين سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن جو علمي ۽ ذاتي زندگيءَ تي تفصيلي جائزو جيڪو چر ڪائيندڙ به ٿي سگھي ٿو
- ٽريڊ يونين جي وڏن وڏن ليڊرن جو مڪمل جائزو جيڪو مون ڏٺو ۽ محسوس ڪيو

مان ناليواري شاعر احمد سولنگي ۽ برک اديب رڪيل مورائي جو احسان مند آهيان، جن مونکي پنهنجيون يادگيريون لکڻ لاءِ شوق ڏياريو ۽ ان لاءِ هر مدد ۽ تعاون جو يقين به ڏياريو. نيٺ مون اهو سڀ ڪجھ لکي پورو ڪيو جيڪو هاڻ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

مون هن ڪتاب ۾ انتهائي ڪوشش ڪئي آهي ته سچ لکان، مصنوعي ڪابه شيءِ نه هجي، ڪنهن جي دل آزاري نه ٿئي پوءِ به جي ڪجھ اهڙيون ڳالهيون ٿي ويون هجن جن کي لکڻ منهنجي اختيار ۾ نه هئو ته ان لاءِ آئون اڳواٽ ئي معذرت خواه آهيان.

مان ڪنهن حد تائين سنڌ ـ هند جي برک، اديب ۽ شاعر لڇمڻ ڪومل جي ڪيل ان ڳالھ سان سهمت آهيان ته "جيڪو شخص شراب پيئڻ کان پوءِ ڪوڙ ڳالهائي يا پنهنجي آتم ڪٿا ۾ به ڪوڙ لکي، ان شخص جهڙو ڪوبه مها منافق ٿي نٿو سگھي. حضرت عليؑ جو به قول آهي ته "مان منافق نه آهيان جو منهنجا مخالف نه هجن." ٿي سگھي ٿو ته ڪو شخص مون سان اختلاف رکڻ جو حق رکي، پر مون نيڪ نيتيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جا سچا احوال هن ڪتاب جي صفحن ذريعي اوهان آڏو رکيا آهن.

ڪتاب جي ڪمپوزنگ لاءِ آئون محترم احمد الدين راڄپر، ڪريڪشن لاءِ محترم عبدالله جروار (سنڌيڪا اڪيڊمي) ۽ پروف ريڊنگ لاءِ محترم انصاف علي حيدري ۽ محترم عامر مغيريءَ جو بيحد شڪر گذار آهيان ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سنڌي ادب جي نامور اديبن مدد علي سنڌي، نصير مرزا ۽ نوجوان اديب ڊاڪٽر حميد سبزوئي ۽ نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ جو به بيحد ٿورائتو آهيان. جن منهنجي ڪتاب ۽ شخصيت بابت پيار جا ٻه ٻول اظهاريا آهن.

ياءُ عبدالمؤمن جا وڏا وڙ- جنهن منهنجي يڪ ساهيءَ سان لکيل سوين آٽم ڪٿا جي صفحن تي پنهنجي پيار ڀري نظر ڏري، منهنجي هن يادگيرين کي، پيرائن ۾ ڀڃي هر پيرا تي ”منڍيءَ تي تڪ“ جهڙا خوبصورت عنوان قائم ڪري، لاڳيتي لکيل حصي کي 11 بابن ۾ خوبصورت ابواب بندي ڪندي هن ڪتاب کي سُوڏي ۾ سنواري تمام گهڻو سهڻو بڻايو.

اوهان جو پنهنجو

محمد خان ابڙو

15 نومبر 2020ع

ڪراچي

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

باب پهريون

ولادت کان جوانيءَ تائين

سرجيس تان سور!

سيوهڻ، سنڌ جي تاريخ ۾ سنڌ جي راڄڌاني بہ رهيو آهي.

ڌارين جون يلغارون بہ هن شهر تي وقت بہ وقت ٿينديون رهيون آهن. مغلن ۽ ارغونن بہ هن شهر کي پنهنجي طاقت ۽ تلوار هيٺ رکيو ۽ سيوهڻ تي پنهنجا ڪوٽ وال مقرر ڪندا رهيا.

سڪندر مقدوني بہ سڄي دنيا کي تلوار سان فتح ڪرڻ کان پوءِ جڏهن سيوهڻ ۾ پنهنجي لشڪرن، خزانن ۽ اٽالن سميت لٿو تہ تاريخ گواهہ آهي تہ هن شهر جي يومي پُٽرن جي ڪاپاري چوٽ جي مقدونيا جو هي طاقتور فاتح سَٽَ سهي نہ سگهيو.

طلوع اسلام کان اڳ هن شهر جي پنهنجي سماجي، سياسي، معاشي، روحاني ۽ مذهبي هڪ مستقل حيثيت رهي آهي. سيوهڻ جو سورج ۽ ان جي روشنائي گواهہ آهي تہ سيوهڻ سدائين امن جي ڌرتي ئي رهيو آهي.

سيوهڻ تعلقي جي يونين ڪائونسل بُوبڪَ جي ڳوٺ ڀِلهڻ (جيڪو منڇر جي ڏاکڻي طرف بچاءَ بند جي پرسان آهي) ۾ مون 1956ع ڌاري هڪ ننڍڙي غريب خاندان ۾ جنم ورتو!

پيدائش جي صحيح ۽ دُرست تاريخ جي ڄاڻ تہ نہ اٿم، نہ ئي مائٽن علم گهٽ هجڻ سبب، منهنجي پيدائش جي ڪا حتمي تاريخ لکي آهي. البت امان ٻُڌائيندي آهي تہ ڪاري ٻوڙ جيڪا 1942ع ۾ آئي هئي. ان کان پوءِ وڏي ٻوڏ جيڪا روينيو رڪارڊ موجب جولاءِ 1956ع ۾ آئي هئي. آئون عين انهن ڏينهن ۾ ڄائو هوس. منهنجي جنم واري ڏينهن ٻوڏ جو پاڻي اسان جي گهر ۾ اچي پهتو هئو. امان ٻڌائيندي آهي تہ مون جڏهن هن جهان ۾ اک کولي تہ ٻوڏ جي پاڻيءَ جون لهريون ۽ ڇتيون ڇوليون، منهنجي کٽ جي هيٺان ڇُلي رهيون هيون ۽ پاڻي چئني پاون کي پاڻي ڇڪو هئو! جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ مون، ڄمڻ سان ئي سخت مصيبتن، ڏکن ۽ ڏوجهرن کي پاڻ سان گڏ کڻي هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو هئو. بقول امان جي تہ جيئڻ ئي کهاريءَ ٻوڏ جو پاڻي لٿو تہ قحط ۽ ڏُڪار سبب انيڪ بيمارين منهن ڪڍيو.

گهر ۾ مان پنجين نمبر تي پائرن ۾ هوس. باقي سڀ ننڍا هئا. صرف سمجهہ ڀريو ۽ بالغ هڪ وڏو ڀاءُ ادا غلام حسين ئي هئو جنهن جي تقريبن سورهن ورهيہ ڄمار هئي، جڏهن تہ چوڏهن سالن جو ادا غلام قادر هئو. باقي سڀ ننڍا ٻار هئاسين.

مون کي ٻوڏ کان پوءِ بيمارين وگهي اڌ رنگي جي بيماري ٿي پئي، مون کي تہ ياد ڪونہ آهي تہ پر ٻڌائيندا آهن: علاج لاءِ منهنجا مائٽ پهريون پيرو بوبڪ پهتا پوءِ اتان ڪنهن ٻڌايو تہ هن جو علاج دادوءَ ۾ ٿيندو. ان وقت روڊ رستا ڪچا هوندا هئا، ٽرانسپورٽ جو ڪو خاطر خواهہ انتظام ڪونہ هوندو هو. هڪ بس، ڪچي رستي ذريعي بوبڪ کان ڀلهڻ-باغ يوسف واري بند جو رستو ڏيئي سيوهڻ

ايندي ويندي هئي. اڌ رنگي جي بيماريءَ جي ڪري منهنجي ڪابي ٻانهن ۽ ڪابي ٽنگ سخت متاثر ٿيا. بدن جو اڌ پاسو سُڪي ويو نه ٽنگ ڪم ڪري نه هٿ. غربت جي ڪري منهنجي مائٽن ڪوشش ڪئي ۽ دادوءَ تائين علاج لاءِ مونکي کڻي آيا. ان وقت دادوءَ ۾ علاج لاءِ مريض وٺي وڃڻ ايئن هئو جيئن اڄ ماڻهو انڊيا علاج لاءِ سفر ڪري. ايترو اهو سفر ڏکيو ۽ اٽانگو هوندو هئو! دادوءَ تائين ٽي دفعا گاڏيون مٽائڻيون پونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ڏاند گاڏيءَ تي بوبڪ، ان ڪانپوءِ ٽانگي تي جتي هاڻي "سبيل اسٽاپ" آهي اتي پهچڻو پوندو هئو. پوءِ اتان ٽن چئن ڪلاڪن جي انتظار بعد ڪا ڪٽارو بس ملندي هئي، جنهن تي دادوءَ وڃبو هو. اتي به هڪ ٻه ڏينهن لڳي ويندا هئا. ۽ واپسيءَ تي به سڄو سارو ڏينهن لڳي ويندو هئو.

بهرحال جيترو والدين جو وس هئو ايترو انهن وٽ آهر ڪوشش ڪئي. جنهن جي ڪري مان اڄ خدا جي فضل ۽ والدين جي توجهه ۽ ٿورن سان زندگي، سلامتيءَ سان جيئان پيو.

ٻلهڙ ڪان سيوهڻ ڏانهن لڏپلاڻ

سيوهڻ شريف اسان جي ڳوٺ کان اوپر طرف چار ميل يا کڻي اڄ جي فاصلي مطابق ڇئون ته ڇهه ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي. اتان لڏپلاڻ جي هلڪي يادگيري آهي ته جڏهن سامان ٻڌي، رستي تي آندو ويو ته اتان هڪ بس ايندي هئي جنهن ۾ سامان رکي اسان کي سيوهڻ لاءِ روانو ڪيٽو هئو. مون کي ياد آهي ته بس اڃا ڪافي پري هئي پر ان جو آواز منهنجي ڪنن تي پري کان پيو مان ڊڄي ويس ۽ پير ۾ رکيل رلي مٿان وجهي لِڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس ته مار، اها الائي ڪهڙي آفت پئي اچي! بهرحال سيوهڻ پهتاسين اتي اچي هڪ واڻڪي جاءِ ۾ رهياسين.

واڻڪين جڳهين سان ويڌن

ورهاڱي جي ڪري هندن جي تازي لڏپلاڻ ٿي هئي ۽ شهر ۾ ڪيترين ئي جايون خالي ۽ ويران پيون هيون. جيڪي اتان جي چڱن ۽ وڏن ماڻهن –خاص طور تي سيدن جي تاڙ ۾ هونديون هيون، ۽ پوءِ اهي پنهنجي ماڻهن کي ڇوندا هئا ته وڃي فلاڻي جاءِ ۾ ويهي رهو ۽ ايئن وري جڏهن مرضي پوندي هون ته ويهارين کي اٿاري، تڙي ڇڏيندا هئا. سيوهڻ شهر ۾ اسان پهريان، نئين محلي ۾ هڪ تمام وڏي وسيع واڻڪي جاءِ ۾ رهيا هئاسين. سڄي پڪي ۽ زمين جي سطح تي نهيل هئي. ڇاڪاڻ ته جاءِ تمام وڏي هئي جنهن ۾ هيٺ مٿي تقريبن ويهن کان ٽيهه ڪمرا، وراندي سميت هئا. جاءِ ۾ پاڻيءَ لاءِ کوهه به نهيل هئو ۽ ذري گهٽ هڪ ايڪڙ جي ايراضيءَ تي اها جاءِ ڦهليل هئي. جيڪا اڃا به موجود آهي. جاءِ وڏي هجڻ جي ڪري اها ڇڏي، وري "ڪڏ محلي" ۾ هڪ جاءِ هئي اتي اچي رهياسين. نئين محلي واري ان جاءِ ۾ هاڻي ميمڻ رهندا آهن. ان وقت ۾ وڏيرو بهار ميمڻ –جيڪو "باغ يوسف" ڳوٺ ۾ رهندو هئو. پوءِ ان جو سمورو خاندان اچي ان جاءِ ۾ رهيو. هينئر اها جاءِ انن حصن جي صورت ۾ ميمڻ خاندان ۾ ورهائجي چڪي آهي. هڪ حصي ۾ محمد ميمڻ، ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندو هئو ۽ ان جو خاندان، ٻئي حصي ۾ عبدالخالق ميمڻ جو والد ۽ ان جا ڀيا پاٽر رهندا هئا. تقريبن پنجاهه کان سؤ جڻا ميمڻ برادريءَ سان تعلق رکندڙ ان جاءِ کي ورهائي ان ۾ رهيا پيا آهن.

وري ڪڏ محلي واري جاءِ ڇڏي نئين محلي ۾ درگاهه جي پرسان اچي رهياسين، جتي هاڻي مرحوم غلام

حسين شاه آراضيءَ واري جو پٽ، سيد علي گوهر شاهه رهندو آهي.

وري لڏ پلاڻ

اسان جيئن ڪڏ محلو ڇڏي نئين محلي جي جاءِ ۾ رهياسين تہ ڪجهه وقت کان پوءِ سائين گل محمد شاهه لڪياريءَ جي وڏي پٽ، سيد محمد مراد شاهه منهنجي والد صاحب کي گهرائي چيو تہ جاءِ خالي ڪري، واپس ٻلهڙ هليو وڃ. هتي منهنجا ماڻهو رهندا! والد صاحب سخت پريشان ٿي ويو تہ هاڻي ننڍيا ٻار وٺي ڪيڏانهن وڃان؟ اها اندازاً 1963ع جي ڳالهه آهي.

بابا، شاهه صاحب کي هٿ ٻڌي چيو. سائين هڪ تہ هيءَ جاءِ واڻڪي آهي اوهان جي ڪانہ آهي ٻيو تہ آءُ ڪيڏانهن ويندس؟!

سائين جئندل شاهه

هڪ ڳالهه ٻي بہ اوريندو هلان تہ منهنجي بابا سائينءَ جي، سائين جئندل شاهه آراضيءَ واري سان سٺي نيازمندي هوندي هئي. سائين جئندل شاهه، بابا سائينءَ کي پنهنجي خاص ماڻهن يا دوستن جي لسٽ ۾ رکندو هو. جئندل شاهه، سائين جي ايم سيد جي ٽن ذاتي دوستن منجهان هڪ هئو. ٻيو سائين حسن بخش شاهه سڪرنڊ جي پاسي جو آهي. جئندل شاهه علائقي جو بااثر وڏيرو-جيڪو وڏيءَ همٿ وارو ماڻهو هيو. جنهن کي ٽي پٽ ٿيا، غلام حسين شاهه، ڪوڙل شاهه-جيڪو جنرل ضياء جي دؤر ۾ جيل کاتي جو وزير بہ ٿيو. ٽيون نذر علي شاهه! هاڻي اهي سڀ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا آهن، باقي سندن اولاد آهي. ان مان بہ ڪوڙل شاهه جو وڏو پٽ اعجاز علي شاهه تازو 2010ع ۾ گذاري ويو.

بابا، آراضيءَ ويو ۽ جئندل شاهه کي ٻڌايائين تہ آءُ ٻلهڙ* مان لڏي، سيوهڻ ۾ رهان پيو. واڻڪي جاءِ، جيڪا خالي پيل هئي مان ان ۾ اچي لڏو لاهي ويٺس. جيڪا هاڻي مون کان محمد مراد شاهه زوريءَ خالي پيو ڪرائي. جئندل شاهه، چيو مان سندس والد گل محمد شاهه سان ڳالهايان ٿو ۽ پوءِ ڪجهه وقت لاءِ ٺاپر ٿي وئي. ليڪن مراد شاهه جيئن تہ سيوهڻ جي وڏي بااثر ۽ قلندر لعل شهباز جي تڏهوڪي سجاده نشين جو وڏو پٽ هئو ۽ سائين گل محمد شاهه ان وقت دادو ضلع جي لوڪل بورڊ جو صدر پڻ هئو- جيڪو نظام اڳتي هلي ضلعي چيئرمين ۽ ناظم جي پد تي پهتو ان پوليس کي حڪم ڏنو تہ ابڙن کي پيءُ پٽن سميت گرفتار ڪري پريشان ڪيو وڃي! ان وقت سيوهڻ شريف ۾ ابڙن مان اسان جو واحد گهر هئو جيڪو اچي اتي آباد ٿيو هئو.

بابا جي گرفتاريءَ جي رٿابندي

ان وقت اجا سيوهڻ شهر ۾ بجلي بہ ڪانہ آئي هئي. هڪ وڏو جنريٽر هئو. اهو ئي پاور هائوس هئو. جيڪو ان وقت گرلز اسڪول واري جاءِ تي شاهي بازار جي ساڄي پاسي، بچاءَ بند جي نزديڪ هوندو

* ٻلهڙ آراضيءَ جي اوپر پاسي هڪ ڪوه جي فاصلي تي موجود هڪ ڳوٺ آهي.

هئو. اتان جي لائين سپرنٽنڊنٽ سان صلاح ڪيائون ته بجليءَ جون تارون علي محمد ابڙي جي گهر ۾ اڇلائي صبح جو پوليس جو ڇاپو هٽائي هنن کي بجليءَ جي تارن جي چوريءَ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪري سندس خلاف ايف آءِ آر ڪاٽي وڃي.

اسان جو خاندان انتهائي غريب هيو. بابا مزدوري ڪندو هئو. منهنجا به وڏا ڀائر سندس مزدوريءَ ۾ هٿ ونڊائيندا هئا. ڪڏهن مڇيءَ جو واپار ته ڪڏهن سبزيءَ جو واپار پر انتهائي معمولي پئماني تي ڪري پيٽ گذر ڪندا هئا. ايترو به پئسو ڪونه هوندو هئو جو رڌ بچاءَ جي لاءِ ڪانيون وغيره گهرائي سگهجن. سو صبح سوير امان اٿندي هئي ڪنهن ننڍي ٻار کي ٻاڙي ۾ مينهن جي واڙي ۾ موڪلي، ڇيڻا گهرائيندي هئي. انهن کي ديوار تي ٿڦي هٽندي هئي جيئن سڪڻ بعد ٻارڻ ۾ ڪم اچي سگهن ۽ جڏنهن آءٌ ڪو اٺن نون سالن جو ٿيس ته اهو ڪم مان ڪندو هئس. اسر ويل اٿي، ڇيڻا ميڙي ايندو هئس پوءِ ڇيڻن هاٿا ڪپڙا ۽ هٿ پير ڌوئي ڦرهي کڻي اسڪول ويندو هئس.

سازش ۾ اسان سان قاضي محمد مراد جو ساٿ

هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو صبح جو سوير گهر جي اڱڻ تي امان، ڪنهن شيءِ جي ڪِرڻ جو آواز ٻڌو. ڇا ڏسي ته ڪي نامعلوم ماڻهوءَ بجليءَ جي تار جا ٽي ويٽا اسان جي گهر ۾ اڇلائي ويا. امان فوري طور تي بابا کي ٻڌايو. بابا سمجهي ويو ته اسان جي خلاف ڪا سازش آهي سو وڏي ڀاءُ غلام حسين ۽ غلام قادر کي اٿاريائين ۽ چيائين ته: هيءُ تارون هتان کڻي فوري طور تي ڪٿي لڪائي اچو ڪلاڪ کن ڪانپوءِ پوليس جو اٽالو اسان جي گهر تي ڪاهي آيو. انهن سان پاور هائوس جو ڪامورو به گڏ هئو. چيائون ته اسان اوهان جي گهر جي تلاشي وٺنداسين. رپورٽ ملي آهي ته اوهان پاور هائوس مان بجليءَ جو سامان چورايو آهي. بابا احتجاج ڪيو ته گهر ۾ عورتون آهن. اوهان سان جيستائين ڪا عورت عملدار گڏ نه هوندي تيستائين اوهان گهر ۾ ڪونه ٽا گهڙي سگهو. ان وقت بابا منهنجي هڪ ڀاءُ کي جلديءَ ۾ قاضي محمد مراد ڏي موڪليو۔ جيڪو ان وقت يونين ڪائونسل سيوهڻ جو چيئرمين هئو. قاضي صاحب سيوهڻ جو انتهائي قابل عزت ۽ شريف النفس شخص هئو. سڄو شهر سندس دل سان عزت ڪندو هئو. ڪنهن کي به تنگ ڪونه ڪندو هئو. سندس خاندان ۾ ڪنهن به سياست ۾ حصو نه ورتو. هيءُ خدمت جي جذبي سان چيئرمينيءَ لاءِ اليڪشن ۾ بيٺو ۽ هن شخص سيوهڻ جي شهر ۾ جيڪي به سجاده نشين پير هئا، تن سڀني کي اليڪشن ۾ عبرتناڪ شڪست ڏني ۽ سيوهڻ جو چيئرمين ٿيو. ان کي ٻڌايو ويو ته پوليس اسان جي گهر ۾ جهڙتي وٺڻ چاهي ٿي، ڪٿي ائين نه ٿئي ته هنن وٽ ڪا غير قانوني شيءِ چرس آفيم وغيره هجي، جيڪو گهر ۾ ڦٽو ڪري اسان تي ڪيس لڳائي ڇڏين. اوهان هلو اوهان جي سامهون جهڙتي ٿئي.

سندس رهائش اسان جي پاڙي ۾ هئي سو تڏي تي ئي هليو آيو. ايستائين پوليس وارن وس ڪيا ليڪن بابا سائين هنن کي چيو ته: چيئرمين صاحب اچي پيو ان جي موجودگيءَ ۾ اوهان ڀلي جهڙتي وٺو. هنن کي خبر هئي ته بجليءَ جون تارون ته گهر مان ملنديون ئي ملنديون، سو هنن به چيو ته چيئرمين صاحب ڀلي، اچي ان جي سامهون اسين جهڙتي وٺنداسين. ٿوري دير ۾ حڪيم محمد مراد صديقي پنهنجي ٻن نوڪرن سان آيو ۽ پوليس کان پڇيائين ته ڇا مسئلو آهي؟ هنن هيئن ڳالهه ورجائي ته: رپورٽ ٿي آهي ته چوريءَ جو سامان هن گهر ۾ آهي اسين تلاشي وٺنداسين. پوءِ قاضي

صاحب، پوليس وارن ۽ پاور هائوس جي ڪارندي جيڪو هٽرادو فريادي هئو انهن گڏجي تلاشي ورتي. بابا جي بروقت حڪمت عمليءَ سبب ڪين ڪجھ بہ هٿ ڪونہ آيو ۽ شرمنده ٿي واپس هليا ويا.

پوليس سچي ڪئي

اسان جي خاندان تي قاضي محمد مراد صديقي صاحب جي بنھ ٿوري توجھ جي ڪري هيترو وڏو معاملو رفع دفع ٿي ويو ۽ پوءِ چيئرمين صاحب جڏهن پوليس وارن کي چند پٽي تہ هنن سچي ڪئي تہ اهو سڀ ڪجھ اسان محمد مراد شاھ جي چوڻ تي ڪيو آهي تہ جيئن ابڙا، پريشر ۾ اچي جاءِ خالي ڪري وڃن. اهو واقعو منهنجي اڳيان ٿيو ۽ مونکي ياد آهي. ان کان پوءِ والد صاحب اهو طي ڪري ڇڏيو تہ هاڻي ڪنهن پير، سيد ۽ وڏيري جي نہ ٻُڌبي ۽ نہ ئي انهن جي سڏ تي وڃبو ۽ نہ ڪو ڪين ڪو ڪم چئبو.

غربت جو اهو عالم جو اسان جنهن جاءِ ۾ رهياسين ان جي اولھ پاسي کان پٽ ڪريل هجي اتي اسان ڪيترو وقت ٽُئن ۽ ڳوٽين جي اوٽ سان پردو ڪيو. مون کي 1963ع ۾ پهرين جماعت ۾ داخل ڪرايو ويو گورنمينٽ پرائمري اسڪول سيوهڻ ۾۔ليڪن منهنجي ذميواري اها هوندي هئي تہ صبح جو فجر مهل امان اٿاري، قاضين جي واڙي ۾ موڪليندي هئي ان واڙي جي سنڀال، بصر لوڙهائيءَ نالي هڪ همراھ ڪندو هئو.

چاچو بصر لوڙهائي

لوڙهائي، سيوهڻ ۾ ڪافي تعداد ۾ رهندا آهن جيڪي ذات جا اصل ٻگهيا آهن. جيڪي ڪٿان کهي، اچي سيوهڻ ۾ آباد ٿيا هئا. اُهي جتي رهيا اهو هينئر شهر جو مرڪزي علائقو آهي. اهي بہ غريب هوندا هئا. انهن پردي لاءِ گهرن جي ٻاهران وڏا لوڙها هڻي ڇڏيا. لوڙها ايڏا اوچا جو اٺ تي بہ ماڻهو گذري تہ بہ گهرن ۾ نظر نہ پوي. جنهن ڪري اهي شهر ۽ پرپاسي ۾ ”لوڙهائي“ مشهور ٿيا ۽ اڄ بہ لوڙهائي ئي سڏجن پيا ۽ پاڻ بہ سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. سندن ذات جهڙوڪر سندن وڏڙن جي ياد آهي ۽ اها بس ياد ئي رهجي ويئي. سو چاچو بصر لوڙهائي منهنجي والده جو مائٽ هئو. امان جو خاندان اصل ۾ ٻگهيو آهي. جيڪي پڻ لوڙهائي ذات سان مشهور آهن. چاچو بصرلوڙهائي اسان جوڏاڍو خيال ڪندو هئو ۽ ڇيڻ ڪڍڻ تان منع ڪونہ ڪندو هئو. پر ان جي باوجود صبح جو سوير وڃڻو پوندو هئو. ننڍو ڀاءُ ڏٽي بخش مون سان گڏ هوندو هئو. اسان سان گڏ ڪجھ ٻيا غريب ماڻهن جا ٻار بہ ڇيڻا ميڙڻ ايندا هئا. پوءِ جيڪو سوير ويندو هيو اهو بہ چار تغاريون پري وٺندو هئو. سوڀل ان ڪري اچبو هو تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي تہ ڪو ٻيو گهڻا ڇيڻا ميڙي وڃي ۽ پوءِ ٻارڻ جي پورت نہ ٿئي. ڇيڻا ڪٺي امان کي ڏيندا هئاسين. امان اهي پٽ تي ٿڦيندي هئي جيڪي ٻن ٽن ڏينهن ۾ واري واري سان سڪندا ۽ چلھ جي حوالي ٿيندا هئا. ايئن ڪرڻ سان ڪاٺين جو خرچ بچي پوندو هئو.

پاڻيءَ جو مسئلو

پيو مسئلو پاڻيءَ جو هوندو هئو. ان وقت تائين شهر ۾ واپڊا جي بجلي اچي چڪي هئي ۽ واٽر سپلاءِ جو سسٽم به جڙي چڪو هئو. ليڪن ڇاڪاڻ ته ايترا پئسا به اسان وٽ ڪونه هئا جو ٽائون ڪميٽيءَ ۾ جمع ڪرائي پائيپ وٺي پاڻيءَ جي سهولت حاصل ڪجي تنهن ڪري منهنجي اها به ذميواري هوندي هئي ته صبح جو پاڻ جو بندوبست ڪرڻ ڪانپوءِ به دفعا کوهه جو چڪر هڻندو هئس. جيئن صبح ساڻ ئي پاڻي گهر ۾ ميسر ڪريان. وري ساڳيا ڪپڙا ـ اڌ صاف اڌ ميرا. اگهاڙين پيرين. ڦرهي ۽ سليٽ هٿ ۾ ڪٽي اسڪول وڃي پڄندو هئس. گهر جي ڪم جي ڪري اڪثر دير سان پهچندو هئس. اسڪول جي اسيمبلي ۾ غير حاضريءَ جي سزا پنهنجي ڪلاس جي سيني ساٿين جي سامهون پوڳڻي پوندي هئي. پر مون ڪي پڙهڻ جو شوق انتهائي حد تائين هوندو هئو ۽ ڪلاس ۾ تقريبن ٽئين نمبر تي هوندو هئس. پهرين نمبر تي قادر بخش خميساڻي ۽ ٻئي نمبر تي ابوالحسن سولنگي هوندو هئو. اسڪول ۾ پهرين درجي کان پنجين درجي تائين اهي ۽ اسين ڪلاس فيلو رهياسين. ان کان پوءِ مون کي خبر پئي ته قادر بخش وارا سيوهڻ ڇڏي ڪراچيءَ هليا ويا آهن ۽ وري ساڻن ملاقات ڪونه ٿي سگهي آهي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ياد ايندا آهن.

پرائمريءَ جا ڪجهه دوست

- قادر بخش جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان.
- **ابوالحسن سولنگي:**

سولنگي ننڍي هوندي کان سلڇڻو هئو ۽ انتهائي خوبصورت ڇوڪرن ۾ هن جو شمار ٿيندو هئو. سندس والد جو انتقال ٿي چڪو هئو. شايد سندس مامي عطا محمد سولنگيءَ هن کي نپايو ۽ پڙهايو. پاڻ اسان جي ڪلاس ۾ واحد شاگرد هئو جيڪو ٽئين درجي کان وٺي سائيڪل تي ايندو هو. قد ننڍو ۽ سائيڪل وڏي! ان ڪري ان کي گديءَ تي ويهي ڪونه هلائيندو هئو. پر ڪينچيءَ تي هلائيندو هئو. سائيڪل جي ڏنڍي اندران ٽنگ ٽپائي ٻي ٽنگ پيڊل تي رکي هلائڻ کي ڪينچيءَ تي سائيڪل هلائڻ چوندا هئاسين.

- **الهڏنو سمون:**

الهڏنو سمون ڇاڇي ڪوڙي سمي جو پٽ هئو. سندن ماٽي امان جي ماٽن يعني لوڙهائين (ٻگهين) سان هئي ۽ سندن گهر به گڏ هئا. ان ڪري ساڻن ڪجهه پري جي ماٽي به هئي. جنهن جي ڪري پاڻ ۾ گهرا هوندا هئاسين پر هو اسڪول مان پڄڻ جو ماهر هئو ۽ گهران اسڪول لاءِ نڪري، گم ٿي ويندو هئو. ان ڪري سدائين پيو ماٽن ۽ استادن جي مار ڪائيندو هئو. مان وري سندس انهن حرڪتن کان پري، صرف اسڪول جي وقت ۾ هن سان گڏ هوندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن شام جو وقت ملندو هئو ته گڏجي پيا رلندا هئاسين. ننڍي ٻار جي گهمڻ کي به الئه ڇو رلڻ چيو ويندو آهي؟! مان پنجين درجي کان پوءِ پڙهائي جاري رکي نه سگهيس انهن سببن بابت اڳتي هلي لکندس.

هن عشق جي انداز ڪي...

الهڏنو سيوهڻ مان مئٽرڪ پاس ڪري ڪراچيءَ پنهنجي ڇاڇي وٽ وڃي رهيو ۽ وڏيڪ اتي

ئي تعليم حاصل ڪيائين. سندس چاچو رسول بخش سمون جيڪو اسٽيٽ لائيف ڪراچيءَ جو جنرل مئنيجر بہ رهيو. گهڻي وقت کان پوءِ خبر پئي تہ الهڏني کي سنڌي لئنگئيج ٽيچر جي نوڪري ملي هئي. جيئن ڪراچيءَ ويو تہ سيوهڻ وري سالن جا سال ڪونہ وريو. چاچي جي گهر ۾ سندس هڪ سئوٽِ سان عشق ٿي ويو. شايد هڪ طرفو عشق هو سوانهن (ڇوڪريءَ جي گهر وارن) جي پيو خدمت چاڪري ڪندو هئو پوءِ سندس چاچي، ڪيس ميڊيڪل اسٽور ۽ جنرل اسٽور ننڊي پئماني تي کولي ڏنو چنيسر ڳوٺ ۾ جتي منهنجي ساڻس ملاقات ٿي. ڇاڪاڻ تہ نبڊي هوندي جو دوست هئو ۽ ٿوري گهڻي پَري جي مائٽي بہ هئي ان ڪري پاڻ ۾ بي تڪلفي ساڳي هئي. ان ٻڌايو تہ چاچي وارو اسٽور ڊيوٽيءَ کانپوءِ کوليندو آهيان. مان جيڪو بہ ڪمائيندو آهيان ڪين ڏيندو آهيان مان پنهنجو گذر سفر SLT (سنڌي لئنگئيج ٽيچر) جي نوڪريءَ جي پگهار مان ڪندو آهيان. بس يار دعا ڪر نبڊي هوندي کان خواهش آهي تہ سئوٽِ سان پرڻو ٿي پوي. مون ان کانسواءِ زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ ڇوڪريءَ کي نہ چاهيو آهي ڪنهن ٻيءَ ڏانهن اک کڻي ڏٺو هجيم تہ حرام!

جڏهن کان اک لڳي توسان
تڏهن کان اک لڳي ناهي.

(احمد خان مدهوش)

اها ڪيفيت هوندي هئس. پوءِ منهنجي الهڏني سان جڏهن بہ ملاقات ٿيندي هئي تہ سندس زبان تي سندس محبوبہ جو ذڪر هوندو هئو. هِن اهو رشتو گهريو بہ ۽ ڪيس آسرو بہ ڏنو ويو شايد ان ڪري جو ڇوڪريءَ جي مالڪن کي دڪان هلائڻ لاءِ ڪم ڪار واسطي ماڻهوءَ جي ضرورت هئي. پوءِ هيءُ صرف آسرن ۾ رهيو ۽ جڏهن مون ڪيس چيو تہ هينئر تہ تنهنجي عمر، پريا پنجيتاليهہ سال آهي! ڇا مسئلو آهي جو اڃا پرڻائي نہ ٿا ڏيني؟! سندس چوڻ هئو تہ منهنجو نبڊو ياءُ، حسين بخش-جيڪو مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو آهي ۽ راقم الحروف بہ 1984 کان 1986 تائين مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ بہ سال نوڪري ڪئي هئي. هڪ ڳوٺ جا بہ هئاسين ۽ ٻيو حسين بخش منهنجي يار الهڏني جو ياءُ هو. سو اسان جي بہ پاڻ ۾ دوستي ٿي ويئي ان جي معرفت الهڏني جي خبر پوندي هئي. حسين بخش هاڻي دبئي ۾ ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ جي ڪنهن فرم ۾ انجنيئر آهي.

الهڏني جي مطابق تہ، چاچي وارن جو چوڻ آهي تہ نبڊي ڏيءَ سان حسين بخش شادي ڪندو تہ توکي بہ ڏينداسين مگر حسين بخش کي شايد اهو رشتو پسند ڪونہ هئو جنهن جي ڪري اهو سلسلو ڪونہ جڙي سگهيو ۽ هن همراهہ پنهنجي سئوٽِ جي سچي عشق ۽ محبت ۾ ٽيهہ سال انتظار ڪري ڪري نيٺ عذابن ۽ آسرن جو عادي ٿي ويو. ۽ پوءِ بہ هڪ طرفي عشق ۾ مبتلا رهي سندن گهر جي چاڪريءَ ۾ مصروف رهيو. سندن دڪان تي روزانو ڊيوٽي ڏيڻ ۽ سندن گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ ۾ ان حد تائين مگن رهيو جو ان کان پنهنجا ماءُ، پيءُ، ڀيڻ، ڀائر، مٽ مائٽ، عزيز، دوست سنگتي ساٿي بہ وسري چڪا هئا. سندس چاچو ان جو خاندان ۽ اهو نامراد عشق ئي، سندس ڪُل ڪائنات هُئي ۽ ايئن پنجاهہ سالن جي عمر تائين انتظار ڪندو ڪندو، سوچيندو، صدما سهندو پنهنجي دل کي جهوريندو رهيو ۽ آخرڪار برهہ جي بيماريءَ مان دل جو مريض ٿي ويو. ڪڇيو پڇيو رڳو ايترو تہ: ”ڪل حياتي پرينءَ جي در تي قربان ڪيم.“ آس رڳو اها رهيم تہ:

نيڻ آلا اگهي تہ بہ چڱو

تـــورو مـــرڪـــي ڪـــلـــي تـــ بـــ چڱـــو

(احمد سولنگي)

الوداع

هڪ ڏينهن خبر پئي تہ هن همراهہ پنهنجو آخري سفر اتي ئي پورو ڪيو ۽ سندس لاش ڳوٺ پهتو. محبوب جي ٻانهن ۾ نہ سهي سندس در جي چائنٺ تي تہ دم ڏنائين. هيءُ ستون لکندي منهنجي اکين مان پاڻي وهي رهيو آهي ۽ سوچيان پيو تہ عشق ۽ پيار جا قصا تہ ڏاڍا ٻڌاسين. ڪهاڻيون بہ پڙهيوسين. ڪيترن ئي عاشق معشوقن، عشق جي داستانن جي سچي تاريخ رقم ڪئي ۽ تاريخ جو حصو ٿي ويا پر هيءُ تہ ڏسو اڪيلو عاشق بنا سهاري جي، بنا معشوق جي آٿت جي، رڳو آسرن ۾ تڙپي تڙپي مري ويو تہ تاريخ ان کي ڪهڙن لفظن ۾ ياد رکندي؟! شايد هيءُ داستان پڙهي ۽ پوءِ مؤرخ ۽ عشقيہ داستان جو ڪو محقق ان تي ڪا راءِ قائم ڪري هن ڪردار کي تاريخ ۾ محفوظ ڪري سگهي!

اناج جو واپار، هندو ۽ پنجهٺ واري جنگ

آهستي آهستي منهنجي وڏن ڀائرن غلام حسين ابڙو، غلام قادر ابڙو، ڪريم بخش ابڙو ۽ محمد اسحاق ابڙو- جيڪي هاڻي جوان ٿي چڪا هئا باقي بہ ننڍا ڀائر بہ چڱا سمجهدار ۽ ڪم ڪار جهڙا هئا. انهن بہ ڪجهہ ڪم ۾ واپار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي بابا ۽ وڏي ڀاءُ اناج ۽ سرنهن جو واپار شروع ڪيو. ان وقت راتورات ائن جون قطارون اناج ۽ سرنهن ڪٺي ايندا هئا. گهر تمام وڏو هوندو هئو، اُتي سمورو اناج جمع ڪندا ويندا هئاسين، جڏهن ٽرڪ جيترو مال گڏ ٿي ويندو هئو تہ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾، جتي هندو واپاري هوندا هئا، انهن کي پنهنجو سڄو مال ڏياري موڪليندا هئاسين، ائين اهو ڪاروبار هلندو پي هليو تہ اچانڪ 1965ع واريءَ جنگ جا اوپر ڪان اوتر اٿيا، هندو واپارين چيو تہ اڳهہ گهٽ آهن ۽ مٿان جنگ جي افراتفري لڳي پئي آهي. اسان واپاري اوهان جي ٻُڌايل اڳهہ تي اناج وٺي نہ ٿا سگهون ۽ نہ ئي اڳيان اناج جي نيڪالي ڪري سگهون ٿا. جنگ سبب اسان مجبور آهيون. بابا وڏيءَ سوچ، ويچار ۽ ڏگهي نظر کان پوءِ فيصلو ڪيو تہ بابا مال رکي ڇڏيو هي وقت مال جي نيڪالي جو نہ آهي، ان لاءِ مال کي هن وقت وڪڻڻ مناسب نہ آهي، بابا وڏيڪ چيو تہ مال رکي ڇڏيو نہ وڪڻو شايد، اهي هندو واپاري ڪميشن تي ڪم ڪندا هئا. بابا منع ڪئي تہ مال نہ وڪڻو ۽ جنگ ختم ٿئي، حالتون نيڪ ٿين پوءِ مال وڪڻنداسين، اسان کي هرو ڀرو تڪڙ ڪونہ آهي. باقي مال نقصان ۾ ڪونہ وڪڻنداسين ۽ ائين جنگ هلندي، وڏن شهرن ۾ ڪٽڪَ، سرنهن ۽ ٻئي اناج جي چرپر ختم ٿي ويئي. ڪجهہ ڏينهن ۾ جنگ بندي بہ ٿي ويئي ۽ مال جي گُهرج وڌي ويئي ۽ اڳهہ بہ چوٽ چڙهي ويا. هندن واپارين ڇا ڪيو جو اهو اسان جو سمورو مال جيڪو ان وقت تقريبن ڏهہ کن ٽرڪون ڪٽڪ ۽ ايتري ئي سرنهن هئي، جيڪا هندو واپارين اسان جي بنا اجازت جي وڪڻي ۽ پئسا اسان کي ڏياري موڪليا، جنهن ۾ هندو واپارين اصل خرچ مُورَ مان 1965ع ۾ اٽڪل 22 هزار رپين جو خسارو ڏيکاريو ۽ اهي واپاري ڏوڪڙن جي لالچ ۾ اچي ايمان کي وڪرو ڪري بيمان ٿي پيا، چوندا آهن تہ ايمان مهمان هوندو آهي پر اسان جي ميزبان

هندو واپارين اسان جهڙن ننڍڙن اناج جي ميڙيندڙن سان اهڙو دغا جو داستان کوليو جو ان حساب ڪتاب جون بند ٿيل ڳاڙهيون بنديون اسان کي اڄ تائين هٿ نہ اچي سگهيون آهن. ايمانداري بيماني ڪان شروع ٿي ڪنهن بہ پُڄاڻي تي پهچي سگهي ٿي! ايمانداريءَ ۽ بيماني جو ڪوبہ ڌرم يا مذهب نہ ٿيندو آهي نہ ڪا ذات، پات ۽ نہ ئي ڪو رنگ نسل ٿيندو آهي. اسان جي خاندان ان عارضي نقصان کي ڪيترو برداشت ڪيو يا ان عارضي نقصان سبب اسان جي خاندان ڪيتري تڪليف کي پرايو اهو هڪ الڳ داستان آهي، معاملو مسلمان يا ڪنهن هندو جو نہ آهي معاملو نقصان، ايمان ۽ بيمانيءَ جو ئي سمجهڻ گهرجي. جنهن کي اسان گذريل مُنيءَ صديءَ کان وڏيڪ ڀوڳي رهيا آهيون.

منهنجي خيال ۾ هندو جاتي ورهاڱي جي تباهہ ڪاريءَ سبب ڳٺو ڳٺو ٿي وئي جنهن جو اوس نقصان سنڌي قوم جي حيثيت سان فقط سنڌ سَنو آهي، سنڌ جا هندو عالم، اديب، ٻولي دان، شاعر، ليڪاري، مصور، سنگتراش، راڳي، ڊاڪٽر ۽ استاد ورهاڱي سبب ٻن سرحدن اندر ورهائجي ويا. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جو اڌ حصو مفلوج ٿي ويو ۽ سنڌ جو سچو وچون ڪلاس متحد ۽ منظم نہ هئڻ سبب هتي سنڌ اندر وڏيرا شاهيءَ کي وڌي هٿي ملي وئي. اڄ ڏينهن تائين سنڌ مڪمل طور تي پنهنجي وچين ڪلاس جي وڃائڻ ڪان پوءِ وڏيرا شاهيءَ منجهان پنهنجي جند آجي ڪري نہ سگهي آهي. باقي خود غرض واپاري هر قوم ۾ مذهب ۾ ٿي سگهن ٿا.

جن هندو واپارين اسان کي 1965ع دوران نج وٽج واپار ۾ مالي نقصان ڏنو اهڙا ڪنور، ڪوڙا ۽ بيمان واپاري اڄ بہ سنڌ جي هر طبقي ۾ موجود آهن، جن کي نہ وطن، نہ ماڻهن ۽ نہ ئي پنهنجي مريادا جي گهٽي گُهرج هوندي آهي.

عشق جا پنڌ ۽ بابا جون ارڏايون

انهن هندو سيٺين اسان کي ايڏو مالي نقصان ڏنو باقي جيڪا رقم ملي اها بہ انهن جي پوبان ڪيسن ۽ ڦڏن جي نذر ٿي ويئي ۽ اهو ڦڏو ايترو تہ هليو جو ان ۾ نوابشاهہ جو مشهور وڪيل قاضي تقي صاحب بہ ملوث ٿيو. جيڪو پير سائين پاڳاري جو خاص ماڻهو هئو. انهن هندن مان هڪ جو نالو مون کي ياد ٿو اچي، اهو هئو: مول چند! باقي هن جا ڀيا مائٽ ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. مولچند الائي ڪهڙيءَ طرح قاضي تقيءَ کي پنهنجو ڪيو چو تہ هندو واپارين تي ڪوٽڙيءَ جي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪيوسين جيڪي هر تاريخ تي ايندا هئا ۽ اچي اچي بيزار ٿي پيا هئا ان جهڳ جهڳان کي ٿي سال گذري ويا ان وچ ۾ بابا سائين کي هڪ ڇوڪري پسند اچي ويئي ان جا والدين بابا کان پئسا وغيره وٺي ڪائيندا هئا. جڏهن شاديءَ لاءِ چيائين تہ ان جي مائٽن انڪار ڪري ڇڏيو. ۽ ڇوڪري لڪائي ڇڏيائون.

اسان جو والد سائين انتهائي خوبصورت انسان هئو. شايد اهڙو جوان سڄي شهر ۾ نہ هجي ۽ انتهائي جذباتي ۽ خوددار قسم جو ماڻهو هوندو هئو. هن کي جيئن جواب مليو هن دادوءَ جي عدالت مان سرچ وارنٽ ڪيرائي پوليس وٺي اچي گهربل ڇوڪري بازياب ڪرائي ۽ ٻئي ڏينهن دادوءَ جي عدالت ۾ نڪاح وجهي ڇڏيائين. پنيان لوڪل پوليس ۾ اغوا ۽ ڦر جو ڪيس سائين صادق علي شاهہ سبزواريءَ

جي چوڻ تي بابا جي خلاف داخل ٿيو. هاڻ بابا سان ٽئي وڏا ڀائر، غلام حسين، غلام قادر ۽ ڪريم بخش گڏ هئا ۽ تقريبن ڇهن مهينن تائين ڪنڊڪوٽ، جيڪب آباد ۽ ڳڙهي ياسين جي پاسي ابڙن جا وڏا ڳوٺ هئا، انهن وٽ وڃي رهيا. جيستائين ڪيس وغيره ختم ٿين يا ضمانتون ٿين تيستائين هو ته رهيا روپوش. ان وچ ۾ هندو واپارين قاضي تقيءَ جي معرفت وڃي پير سائين پاڳاري کي چيو ته اسان هندن جي هنن ابڙن مان جان ڇڏرايو. پير پاڳاري جو هڪ مريد هالا ٿاڻي تي ان وقت ايس ايچ او طور لڳل هئو. جنهن ايف آءِ آر داخل ڪري اچي سيوهڻ ۾ ڇاپو هنيو ۽ ان وقت وڏن مردن مان ڪير ڪونه مِلين جو اهي لِڪل هئا باقي مون کان وڏو ڀاءُ محمد اسحاق ابڙو کي گرفتار ڪري هالا ٿاڻي تي چوريءَ جي ڪيس ۾ بند ڪرايائون ۽ اهو پيغام موڪليائون ته هندو واپارين تان ڪيس ختم ڪريو. جيئن ته گهر جا سڀ وڏا روپوش هئا ۽ ڪنهن به فرد کي ان معاملي جي ڄاڻ نه پئجي سگهي ۽ ايئن چوڏهن سالن جي ننڍي عمر ۾ ادا محمد اسحاق هالا لاڪپ ۽ سب جيل ۾ ڇهه مهينا گذاريا ۽ آخر ۾ ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيو ۽ هالا عدالت جي جج، هن کي بي قصور ڄاڻائي آزاد ڪري ڇڏيو. ان عمل جي جڏهن بابا کي خبر پئي ته پوءِ اهو طي ڪيو ويو ته ڪوڙو ڪيس ڪيو اٿن اسان ته هنن تي سچو ڪيس داخل ڪيو هئو. هاڻي هڪ ڪوڙو ڪيس آءُ به ڪندس پوءِ پلي اچي پير صاحب ۽ قاضي تقي هنن کي ڇڏائين! ۽ ايئن بابا سائين وڏي ڀاءُ سان گڏجي ۽ هڪ همراهه فقير محمد چنا جيڪو ڳوٺ ٻچل چنا جو رهواسي هئو ۽ بابا جو دوست به هئو انهن سيني صلاح ڪئي ته هندو واپارين اسان جي خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي صغير ٻار کي ڇهه مهينا ٿاڻن ۽ جيلن جا دروازا ڏيکاريا هاڻي هنن کي به ڪا سيکت ڏجي. مٿي مون ذڪر ڪيو آهي ته بابا جڏهن ٻي شاديءَ واري مسئلي ۾ ٽن وڏن پٽن سميت روپوش ٿي ويو ته پوءِ هالا جي پوليس چوڏهن سالن جي محمد اسحاق کي گرفتار ڪري ويئي باقي گهر ۾ ٽي ننڍا ٻار ۽ امان رهياسين، ڪير به پر گهور لهڻ وارو ڪونه هئو. سبب اهو ته، بابا کي نه ڪو ڀاءُ هئو نه ڪو چاچو نه ڪو مامون، نه ڪو سؤٽ ۽ امان کي به صرف هڪ ڀاءُ هئو سو به سيلاني فقير ۽ غير شادي شده، آزاد پکي. جتي ڪو سايو مليس ان جي ڇانو ۾ ويهي رهيو سيني رشتن کان بي نياز! هاڻي ڇا ڪجي؟ پوءِ اسان ڪافي وقت ته ٻکن ۽ تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا هئاسين. اسان جو گذر سفر ڏاڍو اٽائو هوندو هئو مونکي ياد آهي ته مڪئي سڪائي جنڊ ۾ پيهي ان جي ماني کائيندا هئاسين. هي اهو وقت هئو جڏهن مڪئي کي ڪا اهميت ڪونه هوندي هئي.

وقت گذرندو رهيو. آخرڪار هڪ عزيز آيو ان جو ڳوٺ ميان موٽڻ، لڳ بختيار پور هيو. ۽ هن عزيز اسان سيني کي پنهنجي ڳوٺ وٺي اچي پنهنجي گهر ۾ رهايو سندس نالو پيرل ابڙو هئو. اسين کيس ماما پيرل ڪري سڏيندا هئاسين، ۽ ڪافي مهينا اتي رهڻ بعد هوريان هوريان مسئلا ٺيڪ ٿيندا ويا ۽ جيڪا بابا شادي ڪئي ان اچي ڪورٽ ۾ بيان ڏنو ته مون پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪئي آهي ان بنياد تي داخل اغوا ۽ ڦر جي FIR سيني تان ختم ٿي ۽ اچي سيوهڻ ۾ رهياسين پر هڪ ته ٻانهن وارو ڪيس ٻيو وري هندو واپارين تي ڪيس ۽ هندو واپارين وري جيڪو ڪوڙي ڪيس ۾ ڀاءُ کي جيل ۾ وجهايو سو جيڪا وقتي طرح خوشحالي آئي اها ختم ٿيندي ويئي سبب اهو هئو ته بابا سائين ڪنهن جي ڪاڻ ڪونه ڪڍندو هئو.

سيوهڻ ڏانهن واپسي ۽ هندن تي ڪيس

بابا ۽ ڀائرن جي ظاهر ٿيڻ بعد واپس سيوهڻ آياسين ۽ بابا، هڪ ڪيس هندو واپارين جي ڪوڙي ڪيس جي جواب ۾ داخل ڪرايو. اهو به ڪوڙو ڪيس هو. ليڪن دشمني، جنگ ۽ محبت ۾ ”سڀ جائز“ جي مصداق بابا ۽ وڏي ڀاءُ غلام حسين هڪ پروگرام ناهيو ۽ ان ۾ بابا جو هڪ دوست فقير محمد چنو ويٺل ڳوٺ ٻچل چنا، لڳ سيوهڻ کي به شريڪ ڪيائون. فقير محمد چنو عرف ”فقيرو چنو“ ڪير جو واپار ڪندو هئو. ڇنن مان ڪير وٺي سيوهڻ شهر ۾ پيرين پنڌ وڪڻي ويندو هو پوءِ ترقي ڪري سائيڪل تي اڇي هوٽل وارن کي ڪير، ٻول تي وڪڻندو هئو.

مٿي مون عرض ڪيو ته هندن تي اسان پنهنجي پئسن جي واپسيءَ لاءِ ڪيس داخل ڪيو هيو. ان ڪيس ۾ فريادي اسان جو وڏو ڀاءُ غلام حسين هئو ۽ شاهدن ۾ به فقير محمد چنو ۽ ٻيو عنايت الله سومرو هئو. دادو سيشن ڪورٽ ۾ داخل ڪيس ڪي هندن، درخواست ڏيئي ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ڪوٽڙيءَ ۾ منتقل ڪرايو. ڇوته ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي هندو واپارين کي ڪوٽڙيءَ ۾ سهولت ٿيندي هئي. 1960ع جي ڏهاڪي ۾ هيءُ روڊ رستا جيڪي حيدرآباد يا ڪراچيءَ کان سيوهڻ ۽ دادو وچڻ ۾ وقت وڌيڪ وٺندا هئا. ڇاڪاڻ ته رستا خراب ۽ ڪچا هوندا هئا.

پلاند لاءِ منصوبابندي

پروگرام مطابق جيئن ايڊيشنل سيشن جج وٽ تاريخ ختم ٿي ته اسان جي رٿيل هٿرادو منصوبي جي مطابق، ”منهنجي ڀاءُ غلام حسين کي ڪجهه ماڻهن فائرنگ ڪري وليزجيپ ۾ اغوا ڪيو. ان وقت ته سواءِ بابا ۽ ادا غلام حسين جي صرف هڪ خبر فقير محمد چنا کي هئي. جيڪو ان ڪيس جو فريادي پڻ ٿيو ٻيو ڪنهن کي ڪا خبر ڪونه هئي ٻيا ڀائر ۽ گهر وارا بلڪل بي خبر هئا اهو لڳ ڀڳ 1969ع جو واقعو آهي. ڇئن ئي هندن ۽ انڻ ڄاتايل ماڻهن خلاف FIR درج ڪئي ويئي. اغوا جي FIR، ڪوٽڙي شهر جي ڪورٽ کان نڪرڻ کان پوءِ چوڪ تي ڏيکاريل واقعي جي مطابق هئي. جتي سڄي شهر جي ماڻهن فائرنگ ۽ هڪ نوجوان ڇوڪري جو اغوا ٿيندي ۽ هٿيار بند ۽ جيپ پنهنجي اکين سان ڏٺي. ان ڪري اهو منصوبو هوبهو سچو نظر آيو. ان وقت ۾ ڪميونيڪيشن ايتري تيز ڪونه هئي به ته سنڌي اخبارون هونديون هيون. جن مان مون کي ياد آهي ته اها خبر، عبرت اخبار ۾ ڇپي هئي. پوليس SP صاحب جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد ۾ هندن (سينين جيڪي ڪميشن ايجنٽ هئا) جي گهر ڇاپا هنيا ۽ اتان پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڪيس ۾ نامزد هندن جي گهر ڇاپا هنيا هڪڙا ته گرفتار ٿيا باقي ٻيا روپوش ٿي ويا. هندو واپارين جي ڪافي بيعزتي ٿي! پئسي ۽ اثر رسوخ جي ڪري هندن جي چند هفتن ۾ ضمانت ٿي ويئي. هڪ ته هندو ماڻهو ۽ مٿان وري واپاري۔ ڪنهن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هنن اهو واقعو ڪيئن ڪيو يا ڪرايو هوندو؟!... پوءِ اسان جي والد جو دوست فقير محمد چنو ڪجهه طي ڪري بيان ۾ اهو چيو ته همراهه اغوا ته ٿيو آهي باقي هنن گرفتار ٿيل ماڻهن جي شڪل مون کي چڱي طرح ياد ڪونه ٿي اچي ايئن هو ضمانت تي ته آزاد ٿيا ليڪن ڪيس ته پنهنجي جاءِ تي هلندو رهيو. بابا تي به ڪافي زور ۽ دٻاءُ پيو پوءِ ڇهن مهينن جي وٿيءَ سان ادا غلام حسين کي منظر تي آندو ويو ۽ اهو به ان منصوبي تحت ته هن کي روڊ تي ڪجهه اجنبي ماڻهو اڇلائي ويا، ادا اغوا واري ڪيس ۾ ڪنهن دوست وٽ لڪيل جو هيو ته هن پاڻ کي بک ۽ تڪليف ڏئي تمام گهڻو ڪمزور ڪري ڇڏيو. اکيون ڏرا ڏنل،

ڏاڙهي وڌيل، پيرن ۽ هٿن جا ننهن وڌيل، ڪپڙا ميرا، مٽي جا وار چيڙهيون هٽي ويل-ڇو جو ڪافي مهينن کان تڙ ڪرڻ به ڇڏي ڏنو هئائين. اغوا جو ڪيس سچو ثابت ڪرڻ لاءِ اهو سيڪجهه ڪرڻو پيو. جنهن مهل بازياب ٿيو ته ڪنهن ڪونه محسوس ڪيو ته هي ڪو هٽرادو ڪيس آهي. پوليس ڪي ان حالت ۾ هٿ آيو جو بک ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري هو بي هوش ٿي ويو. پوليس ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪرايو. هوش ۾ آيو ته هن پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي. پوليس بابا کي اطلاع ڏنو ته اسان تنهنجي پٽ کي بازياب ڪرايو آهي اچي وٺي وڃيس، ٻئي ڏينهن مئجسٽريٽ جي اڳيان 164 جو بيان ٿيو ۽ پوليس به پنهنجي انڪوائري ڪري ادا کي بابا جي حوالي ڪيو پوءِ ٿيو ايئن ته فقير محمد چنو وري هندو سيٺين کان وڏيڪ پئسا وٺي ڦري ويو ۽ ايئن ڪجهه وقت کان پوءِ ڪيس ختم ٿي ويو.

پڙهائي، پورهيو ۽ ڪشالا

انهن ڪيسن ۽ ڦڏن جي ڪري ڪافي تڪليف ۽ تنگيءَ ٿي ويئي. مون پنج درجا 1968ع ۾ پاس ڪيا ليڪن ڇهين درجي-جنهن کي اسين انگريزيءَ جو پهريون درجو چوندا هئاسين ۾ داخلا ڪونه وٺي سگهيس ۽ ايئن غربت وري گهيرو تنگ ڪيو! چوندا آهن ته جنهن کي تباه ڪرڻو هجي ته ان کان ڪيس ڪرائجن، پر بابا جو اهو چوڻ ته پنهنجي حق جي ڳالهه لاءِ وڙهو پوءِ اها ڪيسن ۽ ڦڏن جي صورت ۾ به هجي تڏهن به ڪرڻ گهرجي ايئن ڪمزور نه ٿجي جو ماڻهو پنهنجي وجود کي به بار سمجهڻ لڳي.

ظاهر آهي بک ۽ فاقن وري اچي اسان جي اڱڻ تي ديرا ڄمايا ۽ مان پڙهائي ڇڏي هوٽل ۾ مزدوري ڪرڻ لڳس. سيوهڻ شهر جو لاري اڏو ان وقت ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ريسٽ هائوس جي سامهون ۽ ڪورٽ جي اڳيان هوندو هو. ان اڏي تي هڪڙي هوٽل ڪچي، بانس جي لڪڙن ۽ ٽُئن سان ٺهيل هوندي هئي. ٻه لاريون دادو سيوهڻ ٻه چڪر ۽ هڪ لاري حيدرآباد سيوهڻ ۽ هڪ SRTC جي لاري هوندي هئي، جن تي مسافر ايندا ويندا هئا. اتي مونکي هوٽل جا ٿانو ڌوئڻ جو ڪم مليو. معاوضي طور تي ماني ملندي هئي. ڪڏهن رات جو ماني ۽ ڀاڄي اگر بچندي هئي ته گهر کڻي ويندو هئس ۽ هڪ رُپيو روزانو مزدوري به ملندي هئي. ان وقت هڪ رُپئي جي چڱي اهميت هوندي هئي جو گهر جي خرچ ۾ ڪافي سهنجائي ٿي ويندي هئي. ڪافي وقت هوٽل تي مزدوريءَ کان پوءِ وڏي ڀاءُ غلام حسين برف جو ڊيپو کوليو. ان وقت سيوهڻ ننڍو شهر هئو جتي برف جو ڪارخانو به ڪونه هئو. اها 1971ع جي ڳالهه آهي! برف، دادوءَ جي ڪارخاني مان ايندي هئي. پهرين ته ٿوري گهرائيندا هئاسين. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ان وقت هڪ ريل گاڏي ڪوٽڙيءَ کان لاڙڪاڻي روٽ تي هلندي هئي سا به رات جو! ان جو نالو ريل ڪار هوندو هئو. ننڍي چئن کان ڇهن ڊٻن واري اها ريل ڪار، جنهن جو اندران ڏکهو بس وانگر ڊٻو هوندو هئو. مان سمجهان ٿو ته ان وقت اهڙي قسم جون گاڏيون يورپ ۾ هلنديون هيون جو پوءِ جڏهن آءٌ يورپ جي ڪجهه ملڪن جي سفر تي ويس ته اتي ان قسم جون گاڏيون نظر آيون، ان ۾ چڙهي دادوءَ وڃبو هئو ۽ ان گاڏيءَ ۾ ئي برف جا ڪجهه ڪين ايندا هئا اهو ڪم ڪافي وقت هلندو رهيو پوءِ آهستي آهستي برف جي گهرج وڌندي رهي ۽ برف لاءِ ٽرڪ جو انتظام ڪرڻو پيو. اها ٽرڪ برف سان ڀريل هوندي هئي. جنهن ۾ اندازن چئن مڻن جا ڪين پنجاهه جي لڳ ڀڳ

هوندا هئا. اهي پنجاهه ڪين اسين به ڇڙا ترڪ مان لاهي رکندا هئاسين هڪ مزدور ۽ هڪ مان! ڇاڪاڻ ته ان وقت مان 15_16 سالن جو ڇوڪراٽ هئس، صفا صحت مند. ننڍي هوندي کان ڪم ڪار ڪرڻ جي ڪري سخت جسامت رکندڙ! پوءِ وڏي ڀاءُ مون کي برف جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو. برف جو ڪم هر طرح سان ڏکيو هوندو هئو. هڪ ته برف لاهڻ ڏکي، ڇو ته اگر ڪِري پئي ته ذرا ذرا ٿي پوي. ٻيو ته ان کي سنڀالي رکڻ، وري ان کي دڪاندارن، هوٽل وارن ۽ گاڏي وارن تائين پهچائڻ. اڪثر ڪري برف جي ڪم تان مزدور ڀڄي ويندا هئا. جو تمام ڏکي مزدوري هوندي هئي. جيستائين مزدور ملي ايستائين سمورو ڪم منهنجي حوالي هوندو هئو. برف ترڪ تان لاهڻ ان کي مخصوص ٿهيل هودين ۾ رکڻ، وري ان مٿان ڪاٺ جو ٻورو رکڻ يا ٻه هٽي، هينئان ڳوٽين جا پال يا تال پٽريون رکي ان کي هوا کان بچائڻ ته جيئن برف ڳري نه وڃي. پوءِ جيئن ڪنهن دڪان جو آرڊر اچي، هڪ مڻ يا اڌ مڻ ته ان کي ڪلهي يا ڪنڌ تي رکي پچائڻ! گوڻ ٻڌل ۽ بدن تي صرف گنجي پهريل هوندي هئي. برف جي مٿان ڳوڻ جي ٽڪري ويڙهيل! برف ۽ ان جو پاڻي بدن تي نيساري وانگر وهندو رهندو هو ۽ جڏهن دڪاندار وٽ پهچبو هو ته وري ڪيترا دفعا ايئن ٿيندو هو ته دڪاندار چوي ته تون دير ڪئي، سو ٻيو ڏيئي ويو آهي اوهان واپس کڻي وڃو ۽ ايئن وري واپس اچي رکندا هئاسين! چوڻ جو مقصد ته هر محنت طلب ڪم ۾ جفاڪشي تمام گهٽي ڪرٽي پوندي آهي. ۽ ٻيو نمبر ڀاءُ غلام قادر وري ملهه جو شوقين هئو ۽ ملهه وڙهندو به هئو. پورهئي طور اهو پن جي ٻيڙي ٻڌڻ جو ڪم ڪندو هئو. ٽيون نمبر ڀاءُ ڪريم بخش اهو حيدرآباد ۾ ڪنهن مل ۾ مزدوري ڪرڻ لڳو. چوٿون نمبر ڀاءُ محمد اسحاق به غلام قادر سان گڏ پن جي ٻيڙين ٻڌڻ جو ڪم ڪندو هئو. مون کان ننڍو ڀاءُ ڏٽي بخش، پڙهندو هئو ايئن سڀ ڪم سان لڳي ويا ۽ گذر سفر ڪجهه سولو ٿيڻ لڳو. والد صاحب وري سبزين_جنهن ۾ بصر، پٽاٽا، واڱڻ اهي ٻڌا جو ٻڌا حيدرآباد موڪليندو هو مطلب ته ننڍي پئماني تي ڪم ڪار سان لڳي ويا ان ۾ وڏي ڀاءُ غلام حسين ۽ غلام قادر جون شاديون ٿيل هيون باقي ٻيا سڀ غير شادي شده هئا.

ڪالا نانگ سان مهاڏو ۽ اسان جي حڪمت عملي

برف جي ڊيپوءَ جي دوران هڪ واقعو ياد آيو آهي ته هڪ دفعي برف سان گڏ پاڪولا ڪمپنيءَ جي بوتلن جي ايجنسي به ملي. ان ۾ ادا غلام حسين ۽ زوار برڪت علي (جيڪو گورنمينٽ بس جو ڪنڊيڪٽر هئو) سان ڀائيواري ۾ ورتي. مون مٿي ذڪر ڪيو ته هندو واپارين جو جهيڙو اڃا مس جهڪو ٿيو هجي ته هڪ دفعو ڪراچيءَ مان ٻن گاڏين تي ڇهن کان اٺ بلوچ اچي سيوهڻ ۾ لٿا. ان وقت چون ٿا ته ڪراچيءَ جي لياريءَ جي علائقي ۾ هڪ وڏو بدمعاش پيدا ٿيو پوءِ ان جو نالو ”ڪالا نانگ“ جي نالي سان مشهور ٿيو اهو به انهن ۾ هجي.

ڇاڪاڻ ته اسان جي دشمني ته رهندي هئي. ان ڪري اسين به هميشه هوشيار ۽ احتياط سان هلندا هئاسين. مان برف ۽ بوتلن جي ايجنسيءَ تي ويٺو هجان ته مڪراني همراهه پڇندا ڏس پتو وٺي اچي پهتا. پڇيائون غلام حسين ابڙو ڪاٿي آهي؟ اسين ڪراچيءَ مان آيا آهيون، هن سان ملڻو آهي. هنن جو پڇڻ جو انداز تمام خطرناڪ هجي مون هنن کي چيو ته توهان هتي ويهو مان وڃي ٿو اچانس مون وڃي ادا غلام حسين کي ٻڌايو هِن چيو منهنجا واقف ڪونه آهن باقي لڳي ٿو ته شايد ياڙيتا غنڊا

هجن پر هنن کان پڇيو ڪونه. تون هنن کي چئه ته پاءُ غلام حسين ٿورو شهر کان ٻاهر ويل آهي. اوهان پلي شام اچو ملاقات ٿي ويندي اهو وقت صبح جو يارهين وڳي جي لڳ ڀڳ هجي. ان وقت اسان جو برف جو ڊيپو مارڪيٽ پرسان مجيد بليدي جي هوٽل واري گهٽيءَ ۾ پرائمري اسڪول واري پاسي هوندو هئو. ادا غلام حسين ڳوٺ بختيارپور-جيڪو آراضيءَ جي لڳ آهي ۽ ڇهن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي، ڏانهن ماڻهو موڪليو ۽ اتان اسان پنهنجا عزيز ابڙا قبيلي جا ڏهه همراهه بندوقن سان گهرايا سين ته ٿي همراهه سيوهڻ مان. پنج ڇهه همراهه ڳوٺ ٻلهڙ مان گهرائي ورتا پوءِ صلاح اها ٿي ته چار همراهه دادو سيوهڻ پل تي ويهندا ان وقت ٽرئفڪ نه هئڻ جي برابر هوندي هئي. هي 1969_70ع جو واقعو آهي ۽ ڇهه همراهه سيوهڻ حيدرآباد چنڊڻ واهه واري پل تي ويهاريا ويا. ۽ باقي ڇهه ماڻهو ساڻ ڪري هنن جي اچڻ کان اڳ ۾ اچي ويهي رهيا. مڪراني قبيلي جو تمام گهڻو حلقو سيوهڻ ۾ پراڻو رهائش پذير آهي. ان چرپر جي هنن کي خبر پئي هنن بجاءِ برف جي ڊيپو اچڻ جي واپس وڃڻ جو فيصلو ڪيو پر سيوهڻ حيدرآباد پل تي هٿياربندن جو ناڪو لڳل هو.

اسان جي همراهن کي، هنن جي گاڏين جا پار پتا معلوم هئا ۽ هڪ اسان جو پاءُ انهن سان گڏ ويٺل هئو. روڊ رستا ڪچا هئا ۽ جيئن پري کان گاڏيون آيون ته اسان جي همراهن، هنن کي پري کان ڏسندي ئي چار پنج بندوقن جا هوائي فائر ڪيا. هو ڊڄي ويا ۽ واپس شهر ڏانهن موٽيا ۽ پڇي اچي سيوهڻ ۾ مڪرانين جي گهرن ۾ پناهه ورتائون. پوءِ گل محمد مڪراڻي جيڪو پوءِ ڊاڪٽر نذير جو سهرو به ٿيو ۽ حسن مڪراڻي جنهن جو هوٽل هئو. اهي وچ ۾ پيا ۽ سائين صادق علي شاهه ڏانهن ويا ته هيءُ معاملو آهي ان جو حل ڪيو. هوڏانهن اسان مڪراڻين ڏي نياپو ڪيو ته اهي اسان جا مهمان آهن، اسان جي حوالي ڪيو. پوءِ هنن ٻڌايو ته اسان غلام حسين کي ڊيڄارڻ لاءِ ڪراچيءَ مان آيا سين ليڪن هتي خبر پئي ته ابڙا به مڙس ماڻهو آهن اسين ان ڪري واپس پيا وڃون پر اوهان جا هٿيار بند ٻنهي پاسي ويٺا آهن ان ڪري اسان کان غلطي ٿي آهي اسان کي معافي ڏيو. ايئن اهو معاملو بنا ڪنهن جهيڙي ۽ نقصان جي ختم ٿي ويو.

الهه جڙيو سمون (ملهه)

شايد اها به 1969_70ع جي ڳالهه آهي; قلندر لعل شهباز جي ميلي ۾ ملاکڙو به لڳندو هئو ان ۾ سنڌ جا اول درجي جا ملهه شريڪ ٿيندا هئا جنهن ۾ شيرميربحر، الهه جڙيو سمون، انب شيدي، بکر شيدي، غلام قادر لغاري، غلام سرور جتوئي ۽ سمن شاهه جهڙا ناميارا پهلوان به ميدان ۾ لهندا هئا. ان ميلي ۾ ملاکڙي کانپوءِ پهلوان ميلو ۽ ان جي پسگردائي ۾ لڳل دڪان پيا گهمندا هئا. مون مٿي به ذڪر ڪيو ته ڪراچيءَ مان ان وقت مڪراني بلوچ تمام گهڻي تعداد ۾ ايندا هئا. ان وقت ۾ پنجاب جا ماڻهو بلڪل گهٽ يا نه جي برابر ايندا هئا. هاڻي ته پنجاب جو ماڻهو ايترو ته اچي جو ميلي جي موقعي تي سيوهڻ جو شهر، جڻ پنجاب جو ڪو وڏو شهر لڳندو آهي. هڪ پيري ميلي تي هڪ مڪراني بلوچ جو ڪنهن ڳالهه تان الهه جڙئي سمي پهلوان سان ڦڏو ٿي پيو. هيءُ پهلوان اڪيلو ۽ مڪراني پنج-ڇهه ڄڻا هئا، سو هٿين پئجي ويا ۽ سمي تي حملو ڪري ڪيس مارڪٽ ڪيائون. سمي هوٽل جي چلهه مان برندڙ هڪ ٻُنڍي ڪنئي ۽ هڪ همراهه جي مٿي تي وهائي ڪڍي ته همراهه ڍير ٿي پيو ۽ اتي ئي مري ويو بيا پڇي ويا ۽ پوءِ سمي پاڻ کي پوليس حوالي ڪيو ۽ ڪيترو وقت سيوهڻ سب جيل

۾ هئو ڇاڪاڻ ته فريادي ڏر وارا زيارت لاءِ آيل هئا ۽ ڪراچيءَ جا هئا جهيڙو به اوچتو ٿيو پوءِ وري جهيڙي نه ٿيڻ جي واعدي سان ٻهرين ضمانت ٿيس! پوءِ ڪيس ختم ٿي ويو پر پهلوان جي هٿان هڪ ماڻهوءَ جو قتل، سو ٿي ويو.

سيوهڻ جي مارڪيٽ ۾ ٻاڙهي بازار

1971ع جي ڳالهه آهي جڏهن پاڪستان ۾ اجا شراب ۽ ٻاڙهي بازار تي پابندي ڪونه هئي. منهنجي عمر مشڪل سان 14 کان 15 سال هئي. مارڪيٽ ۾ هڪ بلڊنگ هئي. جيڪا ضلع ڪائونسل ٺاهي جنهن ۾ پوءِ يو بي ايل بئنڪ کلي پوءِ سيوهڻ ضلعي ڪائونسل جو شاپنگ سينٽر نهيو. جيڪو بناوت ۾ گول هئو. چئن طرفن کان پڪا دڪان ۽ ان ۾ هوٽلون وغيره نهرايون ويون. ان ۾ هڪ وڏو هال يو بي ايل کي ڏنو ويو. پراڻي بلڊنگ خالي ٿي. جيڪا ادا غلام حسين برف جي ڊيپوءَ لاءِ ڪرائي تي ورتي اها بلڊنگ پراڻي مارڪيٽ جي مهڙ ۾ هئي ان ڪانپوءِ شاهي بازار شروع ٿيندي هئي ڪاٻي پاسي کان ـ ۽ ان جي ساڄي پاسي ”ٻاڙهي بازار“ هوندي هئي پنجاب جون ڪجهه سهاڳڻيون ان بازار ۾ هونديون هيون. ان جي پويان جمن جتي سرڪار جو روضو ۽ ساڄي پاسي کان اڙل واه جو بچاءُ بند هوندو هو. ننڍي عمر ۾ ٻهريون دفعو اتي وڃڻ ٿيو. صرف اهو ڏسڻ لئه ته هتي ڇا ٿيندو آهي! ان دور ۾ اتي ڪنهن سهاڳڻيءَ تي هڪ معزز گهراڻي جو نوجوان اچي مفتون ٿيو. اهو نوجوان قاضي خاندان سان واسطو رکندڙ هئو. ان جوان، سهاڳڻيءَ سان شادي ڪئي ۽ ان سهاڳڻيءَ جنم به سيوهڻ جي ئي ٻاڙهيءَ بازار ۾ ورتو هو. ليڪن ڪمال جي ڳالهه اها آهي ته ان سهاڳڻيءَ جڏهن پنهنجي پراڻي زندگي کي خير آباد ڪري ان نوجوان سان شادي ڪئي ته وري ان سهاڳڻيءَ جي نه ڪنهن کي شڪل نظر آئي نه ان بابت ڪا ڳالهه ڪنهن جي زبان تي آئي. اها جدا ڳالهه آهي ته سماج جي نام نهاد سفيد پوشن ان عمل تي ٽوڪون ۽ ٺٺولون ڪيون ليڪن مڙس ماڻهو جڏهن فيصلو ڪندو آهي ته پوءِ ان تي مضبوط بيٺو هوندو آهي، دوستن جي تنقيد ۽ سماج جي ٽوڪن جو ڪو به اثر نه وٺندو آهي ۽ هڪ انسان هڪ اهڙي مجبور ۽ بي وس عورت جي زندگيءَ کي پل پل وڪڻ ۽ نيلام ٿيڻ کان بچائي ورتو. ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته معاشري ۾ ٺٺولين کان بالا تر ٿيڻ گهرجي. نام نهاد غيرت جي چڪر مان نڪرڻ گهرجي. ماڻهو پنهنجي سيني ۾ جهاتي پائي ته خبر پوندي ته هو انهن روز روز نيلام ٿيندڙ سهاڳڻين کان وڌيڪ هيٺ ۽ ننڍو نظر ايندو. پاڻ اهڙو ڪم جيڪو به ڪندو ته ڊاڙهڻي پنهنجي وڏائي بيان ڪندو رهندو. ۽ دوستن ۽ معاشري جي ماڻهن کان ان ڊاڙ جو داد وٺڻ جي ڪوشش ڪري پاڻ کي سرخرو پيو ڪندو. ليڪن حقيقت اها آهي ته جي روز وڪامجندڙ عورت، بي غيرت ۽ رنڊي آهي ته خريدار کي ڪهڙي لسٽ ۾ ٻيهارجي؟! مان ان قاضي خاندان جي ان دوست جو نالو نه ٿو ڪڻان. پر پوءِ هو سيوهڻ مان پنهنجا گهر ۽ دڪان کپائي اچي گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ رهيو. ان کان پوءِ منهنجو ان سان رابطو ڪونه رهيو. ليڪن ايتري خبر آهي ته اهي زال مڙس پنهنجي اولاد ۽ ٻچن سان خوش آهن ۽ ايئن ان عورت کي عزت جي زندگي ۽ تحفظ فراهم ٿيو.

ادا غلام قادر پهلوان

منهنجي ٻيو نمبر وڏي ڀاءُ غلام قادر ابڙو کي ملهه جو تمام گهڻو شوق هوندو هئو. ليڪن غريب ماڻهو پهلوانيءَ جا شوق ڪيئن ڪري! سو سڄو ڏينهن مزوري ۽ شام جو ڪنهن ميلي تي، جي ملاکڙو آهي تہ اتي ويٺو آهي. قد جو وچولو وزن جو هلڪو! جڏهن ڪنهن پهلوان کي سندرو ڏيندو هئو تہ سامهون چڙ تہ ڪا ڏيري فقراءَ ويٺي آهي سيڪو چوندو هئس تہ ڇو ٿو پنهنجو سر وڃرائين؟ ليڪن ملهہ ٿيندي هئي تہ سموري پنڊال ۾ هوڪرا هوندا هئا گهڻي ڀاڳي ڪرندو هئو. جي ٻن ڏينهن ۾ هڪ پهلوان سان چار ملهون هونديون هيون تہ ٽي ڪرندو هئو هڪ ڪٽيندو هئو. ليڪن جيڪا ملهہ ماريندو هو تہ ڪريل پهلوان کي بي هوش ڪري ڇڏيندو هو. ڇو تہ ملهہَ سدائين پاڻ کان وڏن ملهن سان وڙهندو هو. سندس ملهہ ۾ استاد ملهہ پهلوان صيفل برهماڻي هيو جيڪو جهانگارا جي پرسان برهماڻين جي ڳوٺ جو رهواسي هئو. پهرين جوڙ جو ملهہ هئو. جيڪو الهجڙيو سمون، حاجي خشڪ، غلام قادر لغاري شير ميربحر وغيره جي جوڙ جو هئو. ادا غلام قادر پهرين جوڙ ۾ تہ ڪونہ پهتو ليڪن ٻئي جوڙ جي سيني ملهن سان پوءِ جيڪي اڳتي هلي پهرين جوڙ ۾ ويا انهن سيني سان ملهون وڙهيون ۽ ماريون! جنهن ۾ حاجي خشڪ، حاجاڻي (نالو نٿو اچيم) ۽ بکر شيديءَ سان وڙهندو هئو. ادا غلام قادر پهلوان جذباتي پهلوان هوندو هئو. سچي ملهہ وڙهندو هو. جي هن جي هيٺان ڪير ڪري پيو تہ جلدي اٿي ڪونہ سگهندو هو. ان ڪري پاڻ بہ جي ڪرندو هو تہ زمين ۾ اندر ڪجهہ انچن تائين دسڙ ۾ هليو ويندو هئو. ليڪن بي هوش ڪونہ ٿيندو هئو. سو آخري هڪ ميلي ۾ پيرل شاهاڻيءَ سان وڙهيو. پهرين ڏينهن ٻئي ملهون شاهاڻيءَ کي ماريائين ۽ ٻئي دفعا بي هوش رهيو. ٻئي ڏينهن پهرين ملهہ ۾ ٻئي گڏجي ڪريا. ادا، بدن ۾ هلڪو هيو ۽ مد مقابل تمام سگهو پهلوان هو هن جو هڪ هٿ ۽ ڪرائي پهلوان جي پنيان دٻجي ويئي ڇو تہ هو هميشہ ڏڪ ڏيندو ۽ ڪائيندو هئو ان ۾ جو ٻئي گڏ ڪريا تہ ادا جي ٻانهن ڪرائيءَ کان ڀڄي پئي ملهہ جو فيصلو بہ گڏيل رهيو ٻي ملهہ ڪونہ ٿي جو همراهہ جي ڪرائي ۽ هٿ جي چنبي ۾ فريڪچر اچي ويو. ان وقت ۾ ايتريون علاج جون سهولتون بہ ڪونہ هيون- بس ڪنيرن جا ڏس هئا. اها رات مون کي ياد آهي تہ فريڪچر جي ڪري جيڪي هن دانهون ڪيون تہ اسين پيا روئندا هئاسين ۽ ٻانهن جي فريڪچر کان پوءِ ملهہ جو شوق بہ ختم ٿيس: هو اٽڪل ڏهہ سال ملهہ وڙهيو هاڻي هن دؤر ۾ ڪائنس ننڍا ملهہ پهرين جوڙ ۾ اچي چڪا آهن. جن ۾ علي نواز ڏڪڻ وغيره شامل آهن. آخرڪار هن جي پهلوانيءَ جو دؤر ختم ٿيو ۽ جيئن ملهہ وڙهڻ ڇڏيائين تہ وري ڪڏهن بہ ڪنهن ميلي ۾ ملاکڙو ڏسڻ ڪونہ ويو مون هڪ دفعو پڇيو مانس تہ هيڏو وڏو ملهہ رهين هاڻي شوق بہ ختم ڪري ڇڏيئي؟. چيائين تہ ڇا وڃي ڏسان مان ميدان ۾ وڙهي آيو آهيان سڀ پهلوان ملهہ ۾ هوندا آهن اهي پيا وڙهندا آهن اسان جهڙا بہ ملهہ ڪوڙ آهن پر اهي جلدي پنهنجي طبيعت ۽ جوش ۽ سچائي جي ڪري پوئتي ٿي ويندا آهن يا زخمي ٿي بس ڪندا آهن. ڇو تہ پهلواني حضرت عليءَ رضہ جي وصف آهي. هاڻي ملهہ ۾ بي ايماني آهي جيترو وقت وڙهياسين ايمانداريءَ سان وڙهياسين. مان ٻئي درجي جو ملهہ هئس. منهنجي ملهہ کان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اهي سڀ ملهہ جيڪي مون سان وڙهندا هئا اهي هڪ هڪ ٿي پهرين جوڙ ۾ هليا ويا جن ۾ حاجي خشڪ، سرور جتوئي، سمن شاهہ وغيره شامل آهن. مون انهن کي مٿي وڃڻ ان ڪري ڪونہ پئي ڏنو تہ هو مون کان جان نہ پئي ڇڏائي سگهيا ۽ منهنجو قد بت بکر شيديءَ کان 20 ڪلو هلڪو هئو ان ڪري مان ٻئي

جوڙ ۾ رهيس. ان وقت پهرين جوڙ ۾ شير ميربحر، بکر شيدي، انب شيدي، الهه جڙيو سمون، ٻه پٺاڻ پنجابي هوندا هئا. باقي اسان ٻئي جوڙ ۾ هئاسين. سو هاٽي جي ملاڪڙو ڏسڻ تو وڃان ته مون کي خبر آهي ته رڳو وقت ٽا پاس ڪن. اٺ دفعا هٿ وجهي وري ڇڏيو ڏين ۽ سڄي ڏينهن ۾ راند جو فيصلو ٽيسٽ ڪرڪيٽ وانگر نٿو نبري ان ڪري ويندس ته پيو پڇندس ۽ پڇرندس!

ننڍپڻ جا دوست

ننڍي هوندي جي دوستن جو ذڪر ته ضرورڪبو ليڪن پهريان ننڍي عمر ۾ وڏي عمر جا ٻه عمر رسيده شخص-جيڪي ٻئي سيد هئا ۽ ٻئي شڪارپور ضلعي جا هئا هڪ شڪارپور شهر جو سيد عبدالله شاهه ۽ ٻيو شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ خانپور جو رهواسي؛ سيد غلام حسين شاهه بخاري. هيءُ سيد هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر هو ۽ بدلي ٿي اچي سيوهڻ شهر جي هاءِ اسڪول ۾ مقرر ٿيو. سو اول انهن جو ذڪر ضروري آهي.

عبدالله شاهه ۽ آکاڙي ۾ پهلواني گُر

هن سيد، مارڪيٽ جي پرسان سيٺ مجيد ٻڙدي جي هوٽل جي پاسي کان شاهي بازار ۾ هڪ آئيس ڪريم ۽ شربت جو ريڙهو لڳايو. اسان جي برف جو ٻيو هئو ان ڪري هن سان واسطو رهندو هو سڄو ڏينهن برف موڪليندا هئاسين. شام جو حساب ڪتاب لاءِ وڃبو هو ته ڪڏهن شربت ڪڏهن آئيس ڪريم ته ڪڏهن ڪا بوتل به پياريندو هو. مان سمجهان ٿو ان وقت ۾ سندس عمر 50–55 ورهيه هوندي. اڇي ڪاري- ڳاڙهي سونهاري مٿ کان به وڏي ۽ بدن ۾ پهلوان هوندو هو. سندس شوق ۾ پهلواني به شامل هوندي هئي. پر ملهه نه (اکاڙو) ”اکاڙو سنڌي ۾ ان جاءِ کي چوندا آهن جتي پٿر جون ڪجهه ڇپون، جنهن کي ”پنجري“ چوندا هئا. جيڪا پٿر کي گهڙي مستطيل شڪل جي ٺاهيندا هئا. ان کي ڪٽي ان ۾ هٿ وجهڻ جيترو مُنيو ٺاهيو ويندو هو. ان جو وزن اڌ مڻ کان شروع ٿيندو هئو ۽ پنج سير ۽ ڏهه سير جي فرق سان وزن وڌندو ويندو هئو. ان آکاڙي ۾ وڏي پنجري، پوڻن ٻن مڻن جي هوندي هئي. جيڪا شايد ئي ڪو ماڻهو ڪٽي سگهندو هئو. ان کان علاوه ان آکاڙي ۾ ڪٽڪ جي مشين جي پٿر جي جنڊ جا پُڙ به رکيل هوندا هئا“ ۽ ٻي شيءِ ”ويٽ لفٽ“ ”اها وري لوهي راڊ، جنهن ۾ ٻنهي پاسي کان گول پُڙ وجهندا هئا. ان ۾ هر پُڙُ وزن ۾ برابر هوندو هئو پوءِ پهلوان جيترو ڪٽي سگهندو هجي.“ اهو اکاڙو ان سيد عبدالله شاهه جي ڪوشش سان شروع ٿيو ۽ سندس شوق جي ڪري اهي شيون گڏ ٿيون. مارڪيٽ جي منڍ ۾ پرائمري اسڪول جي پرسان بندر محلي جي آخري ڪنڊ تي هڪ ميدان خالي هوندو هئو. ان جي پرسان مسجد هوندي هئي. شام جو لوهي سامان ان مسجد جي هجري ۾ رکبو هئو. اتي شام جي وقت تي ان پهلوانيءَ جو جوهر ڏيکاربو هئو. سيد عبدالله شاهه هر روز مون کي چوندو هو ته تون ننڍو آهين پر نوجوان به آهين. برف جو ڏڪيو ڪم ڪرين ٿو مڻ جو وزن ڪلهي تي رکي شهر جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين وڃين ٿو. برف ۽ پٿر جي وزن ۾ ڏڪ ساڳيو ڏکيو آهي. تون شام جو ايندو ڪر ۽ ورزش به ٿيندي ۽ تو کي تنهنجي پهلوانيءَ جي به خبر پوندي ۽ آءٌ

سمجهان ٿو تہ هڪ سال جي اندر تون آڪاڙي جو وڏو پهلوان هوندين تو ڪان وڌيڪ ڪير بہ وزن ڪونہ کڻي سگهندو. ۽ آءٌ توکي ان پهلوانيءَ جا ڪجهہ گر بہ سيکاريندس. ڇو تہ طاقت ۾ زور تو ۾ آهي، باقي ٽيڪنڪ آءٌ توکي سمجهائيندس. انهن ٻنهي جي استعمال سان تون پنهنجي طاقت جي سطح کان وڌيڪ وزن کڻي سگهندين ۽ انهن پنجرين سان راند بہ کيڏندين.

ڪافي وقت ڇوندو رهيو. نيٺ آءٌ ان آڪاڙي جو ميمبر ٿيس ۽ واقعي ايئن ٿيو تہ سال کان اڳ ۾ مان وڏن پهلوانن جي مقابلي ۾ اچي ويس ۽ پوءِ آڪاڙي جو وڏو وزن کڻندڙ پهلوان ٿي ويس. آڪاڙي وڃڻ کان پوءِ آءٌ صبح جو سوير هڪ ڇٽانگ مکڻ ۽ ان ۾ ڇئن کان پنج ڪارا مرچ ثابت، وجهي ڳهي ڇڏيندو هئس. ۽ مٿان لسيءَ جا بہ گلاس پيئندو هئس. پوءِ سڄو ڏينهن برف جي مزدوري ۽ شام جو آڪاڙو تہ اهو مکڻ هضم ٿي ويندو هيو. ۽ جسم ۾ طاقت ۽ جوت پيدا ٿي پوندي هئي. پوءِ مون هڪ سال جي اندر آڪاڙي ۾ رکيل سڀ پنجريون کنيون. هڪ پنجري مڻ ٽيهہ سير هئي، ان کي وڏي ڪوشش کان پوءِ ڪلهي تي آڻي سگهيس. ڪلهو پنجري کڻڻ مهل هڪ اسٽاپ يا اها جاءِ آهي جو هيٺان کنهن پنجريءَ کي پٽيو يا کنيو تہ پهرئين جهٽڪي ۾ اها پنجري ڪلهي تائين اچي ويندي هئي. ليڪن ان جي اصل منزل ڪلهي کان مٿي جهٽڪو ڏيئي جنهن ۾ پهلوان ٻنهي ٽنگن کي ويڪرو ڪري سڄي جسم جو زور هٿي هٿ تي رکيل پنجري ٻانهن جي طاقت سان مٿي ٽپ ڏيئي ٻانهن سڌي ڪري کڻڻي هوندي آهي. جي ٻانهن سڌي ٿي ويئي تہ اهو وزن پنجري کڻڻ ۾ ڪامياب هوندو آهي. پر جي هو اهو وزن ٻانهن سڌي ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪري پوي ۽ پويان مٿي نہ کڻي سگهي تہ ان وزن کي شمار نہ ڪري سگهبو آهي. ڪلهي تائين پنجري اڌ پنڌ ضرور آهي پر مٿي ٻانهن کي سڌو ڪري اهو وزن پوءِ چند سيڪنڊن لاءِ برداشت ڪرڻو پوندو آهي. پر ٻانهن تي جهلڻو پوندو آهي. ايئن مان هڪ ٻانهن تي جيڪا پنجري مٿي تائين پهچائي سگهيس. اها هڪ مڻ پندرهن ڪلو تائين هئي باقي ڏيڍ مڻ ۽ پوڻا بہ مڻ صرف ڪلهي تي آڻي سگهيس. پٿر جا گولا بہ هوندا هئا. جيڪي وڏا هوندا هئا. ۽ ننڍا بہ هوندا هئا ان گولي جو وزن بہ مڻ هوندو هئو. ان کي ٻنهي هٿن سان زمين تي لوڏي کڻبو هئو. جيئن ڇئجي تہ ياڪر ۾ ڪري آهستي آهستي سيني کان ٽيندو ڪلهي تي پهچائبو هئو. اهو ڏيڍ سال جي شديد محنت ڪانپوءِ کڻي ويس ۽ پوءِ اهو ٽڪائي بہ وجهندو هئو ۽ جڏهن اهو کڻبو هو تہ پوءِ ٻيو زور ڪونہ ڏيئي سگهبو هو.

ان کان پوءِ ويٽ لفٽنگ لوهہ جي راڊن ۾ لوهي پڙن جي وزن کي ٻنهي هٿن سان کڻڻ لاءِ پهرين ان وزن کي لوهي راڊ ۾ ٻنهي هٿن سان زمين تان کڻي سيني تي جهلبو هئو. پوءِ وري جمپ ڏيئي ٻنهن ٻانهن کي مٿي سڌو ڪبو هئو. پوءِ جي ٻانهون سڌيون ٿيون تہ وزن جي تور مڪمل نہ تہ نہ! پر انهيءَ سڄي ڪم ۾ ڪجهہ ٽيڪنڪ ضرور هوندي هئي. وزن کڻندي ڪٿي بہ پٿر ڪري سگهندو هئو جي پنجري آهي تہ اها ٽنگ ٻانهن ۽ ڇيلهہ يا مٿي تي بہ سموري وزن سان ڪري سگهندي آهي پوءِ ان کان بچڻ لاءِ ضروري آهي تہ ماٿهو جي سموري نظر ۽ توجهہ ان وزن ۾ هجي پوءِ اها پنجري هجي، ويٽ لفٽ هجي يا پٿر جو گولو هجي ان جي غير متوازن (Disbalance) ٿيڻ سان ماڻهوءَ کي ڪيئن نڪري بچڻو آهي، اها ٽيڪنڪ آهي. باقي ان پهلوانيءَ ۾ طاقت جو عنصر 80 کان 90 سيڪڙو ۽ ٽيڪنڪ 10 کان 20 سيڪڙو آهي. جيئن ملهہ جي پهلوانيءَ ۽ ڪبڏي جي پهلواني ۾ هنر ۽ ڪاريگري وڌيڪ آهي طاقت بہ آهي جنهن ڪانسواءِ هر ڪو پهلوان ڪونہ ٿو ٿي سگهي. ليڪن هنر جو داءُ پيچ هڻڻ ۽

داءَ پيچ ڪان بچڻ جو ماهر هئڻ ضروري آهي. هن ۾ ڪاريگري ايتري ضرور گهرجي ته اوهان جي هٿن مان ڪٽنڊڙ وزن ڪري ته ان ڪان ڪيئن بچجي پر سائين عبدالله شاهه جو اهو چوڻ هيو ته هي زور ۽ پهلواني حضرت عليءَ جي راند آهي. هن ۾ نقصان ڪونه ٿيندو آهي الله سائين پاڻ ان مهل مدد ڪندو آهي. ۽ ماڻهو بچي ويندو آهي مون کي ياد آهي ته اسين جنهن مهل اهڙي زور آزمائي ڪندا هئاسين ته ان مهل شهر جا تقريبن 40 – 50 ماڻهو اچي ڏسندا هئا ۽ سٺي ڪرتب ڏيکارڻ تي تاڙيون وڄائي داد به ڏيندا هئا.

جيپ جو ڪرتب

اسان جي آڪاڙي جو ريگيولر پهلوان عبدالله شاهه پاڻ ۽ عبدالله ميمڻ پرائمري اسڪول جو ماستر هئو ۽ باغ يوسف ڳوٺ جو رهواسي هو. جيڪو سيوهڻ کان ٻن ڪوهن جي فاصلي تي آهي. اهو به عمر جو وڏو هئو ۽ ڪيس به پٽ محمد يوسف ميمڻ ۽ غلام رسول ميمڻ هئا. يوسف وڏو هئو غلام رسول ننڍو هو. پر عمر ۾ اهي ٻئي مون کان وڏا هئا. باقي وقتي طرح شهر جا ماڻهو جن کي شوق هوندو هئو. اچي زور آزمائي ڪندا هئا. پر مستقل طرح ڪونه هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن قلندر جي پانڌيڙن ۾ اهڙا ماڻهو به ايندا هئا. جيڪي وزن کڻي اسان کي به حيران ڪري ڇڏيندا هئا. ائين اسان جي آڪاڙي ۾ هڪ ماڻهو آيو نالو ياد ڪونه آهي. چيائين هن هفتي ڪانپوءِ وليز جيپ ڪاهي ايندس ۽ ان کي پنهنجي ڪلهن ۽ پيرن سان جهليندس. جيپ ۾ جيتري به اسپيڊ جي طاقت هجي پلي استعمال ڪئي وڃي ۽ اهو همراهه آيو قد جو ڊگهو ٻت پورو سارو عمر 50 کان مٿي جيئن جهونو ماڻهو هوندو آهي. جيپ به ڪاهي آيو ماڻهن جو تعداد سون ۾ گڏ ٿي ويو ته اهو ڪرتب ڏسون! ان ڪرتب ۾ جيتري طاقت اوتري ئي ٽيڪنڪ جي ضرورت هئي. همراهه زمين ۾ ايتري ڪڏ ڪوٽي جيتريءَ ۾ ويهي سگهجي اتي ڪڏ ۾ پٺيءَ جي ٽيڪ به ٺاهيائين. ٽنگن کي گاڏي جي اڳئين حصي جي هيٺان لوهه جي وڏي گول پائيپ ۾ قابو ڪري رکيائين جيپ جو ڊرائيور پنهنجو ۽ سمجهدار هجيس. ان ڪري هن کي ڪو به خطرو ڪونه پيو محسوس ٿئي. ان ۾ صرف هڪ ڳالهه جو ڌيان رکڻو پوندو آهي ته گيئر مٽائڻ وقت ايڪسيليٽر تي زور ڏيڻ مهل گاڏيءَ کي ٿورو به جهٽڪو نه اچي. جي اچانڪ جهٽڪو اچي ويو ته همراهه ختم! همراهه سڄي سنڌ ۾ ڪرتب شايد ڏيکاريندو هجي. سو ٻئي پير گاڏي جي اڳيان فڪس ڪري مضبوط ڪري پاڻ جيڪا ننڍي ڪڏ کوٽيائين. جيئن پاڻ سلپ نه ٿئي. ڊرائيور کي چيائين هاڻي گاڏي جي ايڪسيليٽر تي پير ڏي هڪ ڳالهه ته گاڏي اڳ ۾ اسٽارٽ ڪري ان کي ٻئي گيئر ۾ وجهي ڇڏيو هئائين. هاڻي ڪلچ تان پير کڻي ايڪسيلٽر تي زور ڏيڻو هئو. جيڪو هو تمام آهستي آهستي ڏيندو رهيو ۽ جيئن ايڪسليٽر وڌندو رهيو ته گاڏيءَ جا پٺيان ٽائر زمين ۾ گول ڦرڻ لڳا اهو ڪرتب چند منٽن تائين هلندو رهيو گاڏي جا ٽائر پويان ڦرندا ۽ ڌوڙ اڏائيندا رهيا. ڪرتب ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ماڻهن انهي جهوني همراهه کي تمام وڏو داد ڏنو.

سيني بازيءَ جو ڪرتب

اسين هڪ ڀيري عبدالله شاهه جي ريڙهي تي آياسين. ٿڌو وغيره پيتوسين شاهه صاحب کي منهنجي نالي چيائين ته هيءُ ڇوڪرو اهو ڪرتب ڪري سگهندو. صرف هڪ هفتو هن تي

محنت ڪبي ۽ هن کي ٻڌائبو ته گاڏي هلڻ مهل ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي ڏاڍو مون کي چيائون. زور ڀ رڪيائين پر مان انڪار ڪيو جو مون کي ڊپ پئي لڳو ته ٿورو ڀ پير ٿڙيو يا Disbalance ٿيو ته مري ويندس. ان ڪري ان ڪان پري رهيس. باقي اتي جي چڪي ڪٽڻ شروع ڪيم. ان ۾ سيني ۽ ٽنگن جي سٿرن تي ٿلهو ڪپڙو رکي ٽي چار همراهه اهو پُڙ ڪٽي رکندا هئا. مان زمين تي سڌو سمهندو هئس ۽ اهي ٻئي پڙ منهنجي سيني تي هوندا هئا ۽ ڪجهه وقت ڪان پوءِ ايترو ٿيو جو ٽي چار ماڻهو ٻه مٿان بيهندا هئا ۽ ايئن ستي پئي سيني تي اهو وزن ويهن مڻن تائين پڄندو هئو. پوءِ مون کي ياد آهي ته ڀٽي صاحب جي حڪومت جو شروع وارو دور هجي، لاڙڪاڻي ۾ آل سنڌ راندين جو ميلو لڳو هئو. عبدالله شاهه مون کي تيار ڪري وٺي هليو ۽ چيائين اتي پنجريءَ ۾ ويٽ لفٽ وارا وڏا گهڻا پهلوان هوندا. جيڪي توکان وڌيڪ پنجري ڪٽي ويندا ليڪن تون اهو سيني وارو وزن ڪٽجان هڪ ته اهو هر پهلوان ڪونه ڪڻندو آهي ٻيو ته ان ٽيڪنيڪ ۾ توکان ڪير وڌيڪ نه هوندو. شايد 1974ع جي ڳالهه آهي اسين لاڙڪاڻي وياسين عبدالله شاهه ان ميلي ۾ اعلان ڪرايو ته هاٽي سيوهڻ جو نوجوان ڇوڪرو جنهن جي عمر 17_16 سال آهي، پنهنجي سيني تي ٽيهن کان چاليهه مڻ وزن ڪڻندو هوڏانهن اعلان ٿيو هيڏانهن مان منجهي پيس ته ايترو وزن ڪٽي ڪٽي مري نه وڃان! الائي شاهه صاحب جي دشمني ته ڪانهي دل چيو ته پاسو وٺي ڀڄي نڪران پر شاهه صاحب گڏ هو مون کي چيائين هل ميدان تي مون ڏي نهاري چيائين ته پريشان نه ٿي تون سڀ ڪجهه ڪري ويندين. مان توسان گڏ ۽ الله تنهنجو نگهبان ۽ رکوالو آهي. مان سمجهان ٿو ته توکي ڪجهه نه ٿيندو. شاهه صاحب هر انتظام ڪرائي ڇڏيو هو. پٿر جي 9 مڻن جي چڪي آئي. مون کي سڌو سمهاري چڪيءَ کي منهنجي پرسان اڀو ڪري پوءِ ڇئن ماڻهن هن کي ٻئي پاسي جهلي آهستي آهستي منهنجي سيني ۽ ٽنگن جي سٿرن تي رکي پهرين چڪي رکيائون پوءِ چڪيءَ جي مٿان وڏو هڪڙو ڪاٺ جو تختو رکيائون جيڪو منهنجي ڪابي ۽ ساڄي چڪيءَ کان 2 – 2 فٽ ويڪرو هجي ان تي ٻه ٻوريون اَنَ جون هڪ طرف منهن ڪري رکيائون ٻه ٻوريون ان جون ٻئي طرف رکيائون اهو وزن ٿيو اندازاً ويهه مڻ! هاٽي شاهه صاحب اتي اڳئي 8 ماڻهو بيهاري ڇڏيا هئا. جيڪي ميلي جا تماشائي هئا شاهه صاحب سان صرف همراهه ماستر عبدالله ميمڻ هجي، جيڪو هن کي هر ڪم ۾ مدد پيو ڪري. ايئن هڪ طرف شاهه صاحب ٻئي طرف ميمڻ صاحب ڇئن ماڻهن سان بيٺا هجن ۽ هاٽي شاهه صاحب سيني کي چيو ته انهن ڳوٺين جي مٿان چڙهي وڃو جيڪو ڪاٺ جو تختو هئو. اهو چڙهڻ ۾ ماڻهن کي ڪم آيو ۽ ايئن 10 ماڻهو منهنجي سيني جي مٿان ٺيڪ هڪ منٽ جي اندر چڙهيا بيٺا ۽ لٿا. خدا ڄاڻي مون کي ڊپ ته گهڻو هئو پر ڪجهه ڪونه ٿيو ۽ ايئن چاليهن مڻن جي لڳ ڀڳ وزن مون کي ڪٽايو ويو. مون کي يادگيري آهي ته ان وقت سنڌ اسيمبليءَ جو پ پاران چونڊيل ميمبر سردار واحد بخش ڀڳهيو مهمان خاص هئو. اهو اتان ان مهل اتي ميدان ۾ آيو مون کي شاباس ٻه ڏنائين ۽ هڪ سؤ روپيه انعام ٻه ڏنائين. ميلي ڪميٽيءَ وارن کي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ چيائين اهو سرٽيفڪيٽ مون کي مليو. ليڪن مون کي اندازو نه هئو ته ان سرٽيفڪيٽ جي ڪهڙي اهميت هوندي آهي اڄ هيءُ مان لکان پيو ته اهو سرٽيفڪيٽ ياد پيو اچي. جي رڪارڊ تي هجي ها ته ان جو عڪس هتي ڇاپجي ها. پر مون مٿي عرض ڪيو ته سخت حالتن ۾ ڏکي زندگيءَ جي ڪري پنج درجا پڙهي 68ع ۾ پڙهائي

چڙي ڏنم ته اهڙين شين جي اهميت جي خبر ڪونه هئي. ليڪن عبدالله شاهه چيو ته پٽ هي ڪاغذ جو ٽڪرو نه سمجهجانءِ. هن جي اهميت جي خبر توکي تڏهن پوندي جڏهن اسان جيترو ٿيندين. هن کي سنڀالي رک!

ان آکاڙي ۾ ويڄڻ جي ڪري ورزش سبب جسماني طاقت ۾ واڌارو ٿيو. بت مضبوط، جسم چست. ان جا آثار اڄ تائين منهنجي بدن ۾ موجود آهن.

برف برداريءَ جا گُر

بهرحال اسين به مارڪيٽ مان رڙهي سينيما چوڪ تي ڏنڏي لاءِ منتقل ٿي آياسين. شهر جو واڌارو اصل شاهي بازار جي هيٺ واري پاسي ٿيندو ويو. اتي برف جي ڊيپوءَ لاءِ حيدرآباد دادوءَ کان ٽرڪون ايندڙيون هيون. ميلي جي موقعي تي منهنجي زندگيءَ ۾ گرمين جي مند جو اهو پهريون قلندر جي ميلي جو موقعو هئو. ميلو هر سال شعبان مهيني جي 18 کان 20 تاريخ تي لڳندو آهي ۽ هر 36 سالن کان پوءِ وري ساڳي مهيني ۾ ٿيندو آهي ايئن ڪڏهن گرمين ۾ ته ڪڏهن سردين ۾ ميلو ٿيندو آهي. ميلي ۾ ماڻهو سموري ملڪ مان ايندا آهن. برف جي، گرمين ۾ وڏيڪ ضرورت هوندي آهي. پوءِ اهي ٽرڪون ايندڙيون هيون ۽ آءٌ هوندو هئس برف جي وڏي بلاڪ ۾ چئن مڻن جو وزن هوندو هيو. ان کي چڱي طرح ڍڪبو آهي ته جيئن گهٽ ڳري. پوءِ به هر بلاڪ تي ڏهه کن سير ڳري اچي ڊيپوءَ تائين پهچندي آهي. برف جي چئن مڻن واري بلاڪ کي وچان اڌ مان ڪٽبو هئو ته به مڻ پڃرو يا. ڪجهه سير گهٽ! متي به ماڻهو لوهه مان ٺهيل تکين چنهنبن واريون وڏيون ڪينچيون ڪٽي برف کي لاهي گاڏيءَ جي تري تي پڄائيندا هئا. اتي وري ٻن مڻن جا ٽڪر ڪري گاڏي جي تري تي ڇڪي ايندا هئا. هونئن اصولن هيٺ به به همراهه هوندا هئا. يا ڇڪي يا ٻوريءَ کي هڪ همراهه ٻن ڪنڌن کان هڪڙي پاسي ٻيو همراهه ايئن ئي ٻئي پاسي جهليندو هئو. ظاهر آهي ٽرڪ جي اوڀائي زمين کان پنج فٽ مٿان هٿن ۾ جهليل ڳوڻ جي جهولي ۾ اڇل ڏيندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن اها ڳوڻ هٿن مان نڪري ويندي هئي ۽ ڪڏهن برف ڳوڻ مان ڪري پوندي هئي. ٻنهي صورتن ۾ برف ٽڪر ٿي پوندي هئي ان ڪري مان اڪيلو ان کي پنهنجي پاڪر ۾ ٽرڪ جي تري تان ڪٽي، هوديءَ جي پرسان رکندو هئس. پوءِ هڪ ماڻهو لوهه جي ٺهيل ڪينچيءَ سان ڇڪي محفوظ جاءِ تي پڄائيندو هئو. برف ٽڏي ۽ ترڪٽي-اها پلا پاڪر ۾ ڪيئن اچي. پوءِ برف جيڪا مستطيل شڪل ۾ هوندي هئي ٻن همراهن مٿين کي چوندو هئس ته ان کي ڪنهن به هڪ ڪنڌ تي بيهاريو پوءِ مان ان کي پاڪر ۾ وجهندو هئس. ان ڪري ان جو ترڪڻ يا ڪرڻ جو ڊپ ڪونه هوندو هئو ۽ ايئن ميلي جي موقعي تي سون جي تعداد ۾ ماڻهن جا انبوهه صرف اهو ڏسڻ ايندا هئا ته هيءُ ڇوڪرو ٽرڪن جون ٽرڪون جيڪي ٽي يا چار هونديون هيون انهن تان برف ڪيئن ٿو لاهي؟

*

ذڪر ڪجهه ٻين دوستن جو

پوءِ ڪيترا ماڻهو مون کي ميلي دوران برف لاهڻ وقت ڪجهه انعام به ڏيندا هئا. ننڍي عمر ۾ ايتري ڏکي مزدوري، منهنجي زندگيءَ ۾ جدوجهد ڏک تڪليفون ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ محنت ڪري ڪجهه

حاصل ڪرڻ ۽ ان مان گهر وارن لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي جذبي تحت ننڍي هوندي کان ذميواريون کڻڻ تي پيون. ان لاءِ جدوجهد ڪرڻي پئي. ننڍي هوندي ٻارن سان راند روند واري زندگي بلڪل نه جي برابر هئي، ڪي لمحا بي سمجهيءَ واري ڄمار ۾ ڪڍهن ڪڍهن ڪو وقت ڪڍي ڪٿي وڃي ڪا راند ڪبي هئي. جنهن ۾اِٽي ڏڪر، بلور (ڇڏن/گولين) جي راند شامل هوندي هئي. ان وقت ڪرڪيٽ جو ايترو جنون ڪونه هوندو هئو باقي ڪٻڏي، ملهه وغيره جي راند پيا ڪندا هئاسين. ۽ محرم جي دوران ننڍا ٻار وري پنهنجي وڏن جو نقل ڪندي پيا تابوت ٺاهيندا هئا ۽ ان کي ٺاهي سينگاري پنهنجي پاڙي ۾ پيا گهمائيندا هئا. ان راند ۾ البته مان به ڀرو وٺندو هئس ۽ اهو گهڻو وقت محرم دوران سائين حاجي موتيل شاهه جي ننڍي فرزند سيد منور علي شاهه سان گذرندو هئو ننڍي هوندي جي ان ساٿيءَ سان ڪافي وقت کان رابطو نه رهيو صرف يادون اينديون رهيون. سيد منور علي شاهه◆ هاڻي ڊاڪٽر آهي ۽ بااثر شخص هجڻ جي ڪري هيئنر E.D.O هيلٿ ضلعو ڄامشورو آهي. ننڍي هوندي جي ٻين دوستن ۾ شاهنواز علوي جيڪو هاڻي شايد ڪراچيءَ ۾ آهي ان سان به رابطو ٽڏهن کان ئي منقطع ٿي ويو آهي. مان ڪراچيءَ ۾ 30 سالن کان رهان پيو پر پوءِ به هڪ ٻئي سان ملاقات نه ٿي سگهي آهي. محرم مگٺهار جنهن کي پان ٻيڙيءَ جي ڪئبن مارڪيٽ ۾ آهي. سندس والد جو نالو عيدن مگڻهار هئو. پرائمريءَ ۾ گڏ پڙهندو هو. حسن ميربحر الهورائي ميربحر جو پٽ هئو.

انتقام جي باهه

ٽئين درجي جي ڳالهه آهي ته محمد حسن مون کي اسڪول کان ٻاهر ڪنهن ڳالهه تان مار ڪيئي عمر ۾ وڏو ۽ سگهو متارو هوندو هئو. مار کائي چپ ڪيم ۽ تاڙ ۾ رهيس ته وجهه ملي ته هن کان پلئه ڪيان. سو هڪ ڏينهن اسڪول ۾ استاد محمد آچر اونو جو ڪلاس هيو. هو حساب جا سوال پڇي رهيو هئو. مان الجبرا ۾ پنهنجي ڪلاس ۾ سيني کان هوشيار هوندو هئس مون صحيح جواب ڏنو. اڌ ڪلاس کي جواب ڪونه آيو سيني شاگردن کي استاد بيهاري ڇڏيو جن کي جواب ڪونه آيو! مون کي حڪم ڪيائين ته هنن کي هڪ هڪ چماٽ هڻي ڪڍ. ان وقت ۾ استاد مختلف قسم جي سزا ڏيندا هئا مار ڪيندا هئا، هٿن جي ترين تي لڪڻ هڻندا هئا، ڪن ڪوشي، مرغو وغيره ڪرائيندا هئا ۽ ڪڏهن هوشيار شاگردن کان جڏي شاگرد کي چماٽ هڻائيندا هئا سو مان سيني کي نارمل چماٽ هڻندو وڃي محمد حسن وٽ پهتس. چاڪاڻ ته مان به ننڍي هوندي سخت جان هئس گهر جو پاڻي پرڻ، صبح جو واڙي تان ڇيڻا تغارين تي ڪٽڻ وغيره جي ڪري ڪافي صحت مند ۽ طاقت وارو جسم هئو. هٿ ان ڪري به مضبوط هئا جو ڪوهه تان پاڻي هٿن ۾ رسا وجهي ڇڪيندو هئس. سو محمد حسن ملاح کي معنيٰ خيز انداز ۾ گهوريم ۽ اکين ئي اکين ۾ کيس چيم: پٽ مري وئين! هوڏانهن استاد هڪل ڪئي ته ڇا پيو ڳالهائينس جلدي ڪر، چماٽ هڻينس ته ڪلاس شروع ڪيون. مون هڪ هٿ سان سندس ڪن کي پڪڙيو سندس موڪري منهن تي ٻئي هٿ سان پنهنجي جوش انتقام جي ٻرندڙ باهه کي محسوس ڪندي نڪاءُ جو چماٽ ڪرائي مانس: چٽاخ... جيئن چماٽ هڻي بس ڪيم ته ڪن جي اندران رت جو هڪ ڦڙو نڪري آيو ۽ ڪاٻي پاسي وارو ڳل به ڳاڙهو ڳٽول ٿي ويس! پهرين

◆ سيد منور علي شاهه ڪجهه سال اڳ لاڏاڻو ڪري ويو.

ته استاد ۽ ٻين شاگردن سنڌس ڪن جو رت بند ڪيو ڪپڙو رت ۾ ڳاڙهو ٿي ويو همراهه اسڪول ڇڏي گهر روانو ٿي ويو استاد هن کي چيو ته پلي موڪل ڪر باقي مائٽن کي نه ٻڌائجان ته اسڪول ۾ مار کاڌي اٿم نه ته ٻيهر توکي مار ڏيندس. هيءُ ويو ته استاد مون کي سڏ ڪيو پڇڻ ۽ دڙڪا ڏيڻ بجاءِ لڪڻ ڪٽي اچڻ جو چيائين. هٿن جون ٻئي تريون کولي بيهه شاباس... هڪ پاسي هڪ تري ٻئي پاسي ٻي تري ڪليل هئي رول هٽڻ ڪان اڳ ۾ هڪ سوال ڪيائين ته باقي سيني کي چماٽ آهستي ۽ هن کي ايتري زور سان ڇو؟ مون سچ ٻڌايو ته هن مون کي راند ڪندي ڏاڍي مار ڏني هئي مان موقعي جي تلاش ۾ هئس ان ڪري مون ڪانئس اهو پلاند ورتو. پوءِ استاد هڪو رول ۽ منهنجون تريون جيستائين ٿڪيو ڪونه. پئي ماريائين مون ڪوشش ڪئي ته نه روئان، نه رڙ ڪريان پر هڪ رول زور سان منهنجي ساڄي هٿ جي آڱر ۾ ڪڙڪيو ۽ پوءِ هڪ وڏي رڙ ڪيم ته استاد به ڊڄي ويو. منهنجي هٿن جون ڳاڙهيون تريون ڪجهه وقت بعد ڪاريون ٿي ويون ۽ اها منهنجي زندگيءَ جي واحد مار هئي جيڪا مون کي گسائڻ يا سوال جي جواب نه ڏيڻ تان ڪانه ملي بلڪ مون کي منهنجي پنهنجي انتقام وٺڻ جي عيوض ملي! مون کي اها مار ته ياد آهي ليڪن اهو به ياد آهي ته محمد حسن ملاح وري اسڪول جو در ڪونه ڏٺو ۽ سمورو احوال پنهنجي مائٽن کي ٻڌايائين پوءِ هي چار ڇوڪرا گڏ ڪري جنهن ۾ سنڌس وڏو ڀاءُ محمد يوسف ۽ سنڌس به سؤٽ، خانڻ ملاح جا پٽ ساڻ ڪري هنن مون کي تاڙيو ته مان جمن جتيءَ جي پرسان اڙل واهه ۾ اڪثر وهنجڻ ويندو هئس. سندن گهر، ٻچاءَ بند جي پرسان هئو سو جيئن مان وهنجڻ لاءِ گوڏ ٻڌي اڙل واهه ۾ گهڙيس ته هنن مان ڪنهن هڪ جي هٿ ۾ ڪاٺ جي ٻُنڊي هئي منهنجو هنن ڏانهن ڌيان ئي نه هجي ۽ وري واقعي کي به ڪافي وقت گذري ويو هجي اڪثر اسين پيا وهنجندا هئاسين سو مان پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي جيئن مٿي نڪتس تيئن ئي تاڙ ۾ ويٺل همراهه ٻنهي هٿن سان ٺڪاءُ ٻُنڊي منهنجي مٿي تي ڪئي. جيئن ٻُنڊي لڳي ته منهنجو مٿو ڦاٽي پيو سڄو پاڻي رتو رت، مان سمجهي نه سگهيس مٿي کي چڪر اچي ويو اکين ۾ انڌيرو اچي ويو. حواس، خطا ٿي ويا ۽ چڪرائبو رهيس. منهنجي چوڌاري پاڻي رت ۾ ڳاڙهو هجي ڪجهه وڏي عمر جي ماڻهن جيڪي گڏ پئي وهنتا، مون کي ٻاهر ڪڍيائون ۽ هو سڀ ڀڄي ويا. هڪ ملاح هنن کي ڏسي ورتو ته ڇوڪرا ڪهڙا آهن انهن ڊوڙي وڃي هنن جي وڏن کي ٻڌايو مان اڙل واهه جي ڪپ تي ڪري پيس پر هوش هجي حسن جو وڏو ڀاءُ علي محمد ملاح ڀڄندو آيو اچي مون کي ڪنيائين سندن گهر ۽ اڙل واهه جي وچ ۾ صرف ٻچاءُ بند هئو. مان هاٽي زارو قطار روئندو پيو رهيس هيءُ مونکي سندي گهر ۾ ڪٽي ويو. سندن سڀ مايون به اچي منهنجي مٿان ٻيٺيون کي تيل ته ڪي سر مون ته ڪي وري ڪپهه ڪنيون پئي آيون پر رت هو- جو بيهڻ جو نالو نه پيو وٺي، نيٺ هڪ پوڙهي مائيءَ خوفزده ڪيفيت ۾ چيو ته ابڙن جو ڇوڪرو آهي ڪجهه ٿيو ته هيءُ خطرناڪ ماڻهو آهن اسان جو جڻ ٻچو رولي ڇڏيندا! سو وارو ڪيو هن کي ڊاڪٽر ڏانهن ڪٽو. پوءِ هڪ وڏي عمر جي مائي آئي سنڌس هٿ ۾ سرمي داٽي هئي. سڄو سر مون ڪٽي منهنجي ڦاٽل گهاءُ ۾ هاريائين ۽ مٿان زور سان ڪپڙو ڏيئي مٿي کي قابو ڪري ٻيهي رهي چند منٽن ۾ رت جا تيز ريلا ته ٻيهي ويا پر رت جو سيمو هلندو رهيو. اڌ ڪلاڪ ۾ رت سمڻ به بلڪل ٻيهي ويو جي ايئن سگهڙ مايون همٿ ۽ سمجهداريءَ سان منهنجو رت بروقت بند نه ڪن ها ته انهن جي ڇوڪرن منهنجو ته ڪم تمام ڪري ڇڏيو هئو. عورتن مون کي منٿ ڪندي ٻانهون ٻڌندي ليلايو ته او ابا! جيڪو ٿيو سو معاف ڪجان ۽ پنهنجي پيءَ علي محمد ۽ ڀاءُ غلام حسين يا

ڪنهن سان به اهو ذڪر نه ڪجان. مون ساڻن واعدو ڪيو ۽ اهو ذڪر اڄ تائين ڪنهن سان نه ڪيو آهي. اڄ ، سو يادگيريون لکندي بيان ڪيو اٿم. منهنجي گهر وارن زخم بابت پڇيو مون ڪوڙ هنيو ته اڙل واهه ۾ ٽبي هڻڻ وقت ڪا ڪنڊي واري بنڊي جي ڪنڊ لڳي ۽ مٿي ۾ زخم آيو پوءِ پورو هفتو مان بخار ۾ رهيس. اڄ جڏهن مٿي تي هٿ گهمائيندو آهيان ته وارن ۾ڇڻ انڇن جو ڏگهو نشان اهو واقعو ياد ڏياريندو رهندو آهي. ان جهيڙي کان پوءِ مون وري ڪنهن سان به هٿين وڙهڻ جو سوچڻ به ڇڏي ڏنو.

❋

سيد غلام حسين شاهه بخاري ۽ سماجي ڪمن ۾ رجحان

1970_71ع جي ڳالهه آهي ته مان ادا غلام حسين جي برف جي ڊيپوءِ تي ويهندو هئس. هر جمعي رات جو ادا غلام حسين طرفان به مڻ برف جا قلندر جي سبيل لاءِ خيرات طور ويندا هئا. ۽ اها برف ڪٽڻ لاءِ اٽڪل پنجاهه ورهين جو هڪ خوبصورت شڪل جو ماڻهو آيو ۽ شڪارپوري لهجي ۾ ڳالهائيندي چيائين: سيٺ غلام حسين اسان کي هر هفتي به مڻ برف سبيل ۾ ڏيڻ لاءِ واعدو ڪيو آهي اها ڪٽڻ آيا آهيون. هن سان گڏ هڪ ڇوڪرو به هجي. مون کي ادا سائين پهرين ئي اهو حڪم ڏيئي ڇڪو هئو. غلام حسين شاهه بخاري ايئن هر هفتي ايندو هو. ۽ برف وٺي وڃي درگاهه جي سبيل ۾ وجهي ماڻهن کي ٿڌو پاڻي پياريندو هئو.

غلام حسين بخاري ڪير هئو؟

هن سيد سان ملاقاتون ته گهڻيون ٿيون ليڪن ڪڏهن ڪانئس سندس والد ۽ خاندان جي باري ۾ معلومات ڪانه ورتم. هيءُ شڪارپور جي پرسان خانپور شهر جو رهواسي هئو. بنيادي طرح هاءِ اسڪول جو ٽيچر هئو. قلندر جو وڏو عقيدتمند ۽ اهلِ تشيُّع سان تعلق هئس. قلندر سان عقيدت جي ڪري پنهنجي بدلي پنهنجي اباڻي ڳوٺ کان سيوهڻ ۾ ڪرائي آيو ۽ هاءِ اسڪول سيوهڻ ۾ اٺ کان ڏهه سال رهيو شايد اتان ئي رٽائر ٿي ويو هجي. سيوهڻ ۾ قدم رکڻ شرط سندس پير اگهاڙا هوندا هئا. گرمي هجي، سردي هجي_ هو قلندر جي گهٽين ۾ پير اگهاڙا ڪري هلندو هئو. مٿو اگهاڙو ڪونه رکندو هئو. سنڌي ٽوپي مٿي تي شڪارپوري اسٽائيل ۾ ٽيڏي رکي پيو هلندو هئو. قلندر جي عقيدت مند جي حساب سان اسڪول جي ڊيوٽيءَ کان پوءِ قلندر جي درگاهه تي هوندو هئو اتي پيو خدمت ڪندو هئو ايئن هن جي پروقار شخصيت ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويئي ۽ سندس هر ڪو پوڙهو ٻڪو، پير فقير وڏي عزت ڪندو هئو. پوءِ هن سيوهڻ ۾ هڪ ايسوسيئيشن ٺاهي جنهن جو نالو ”الشهباز ويلفيئر ايسوسيئيشن “ رکيائين ان جي آفيس سينما چوڪ تي ڊسٽرڪ ڪائونسل جي شاپنگ سينٽر ۾ کوليائين. ان جا ميمبر ٺاهيائين جن ۾ وڏو تعداد اسڪول جي شاگردن جو هئو سو جيڪي نالا هينئر مون کي ياد آهن انهن ۾ ايوب نيازي به هو جيڪو خيرپور ناٿن شاهه جو پنجابي ۽ سيوهڻ جي شاپنگ سينٽر ۾ سندس فوٽو اسٽوڊيو جو دڪان هئو. شايد سيوهڻ ۾ هي پهريون فوٽو گرافر هئو.

- اڪرم پنجابي مئٽرڪ ۾ پڙهندو هئو.
- سيوهڻ جو رهواسي معين الدين صديقي جيڪو هينئر ڊاڪٽر آهي، سيوهڻ اسپتال جو

ميڊيڪل آفيسر آهي.

- بشير احمد اونو
- ۽ پوءِ هنن مون کي ٻه ان ايسوسيئيشن جو ميمبر ڪيو ۽ آفيس سيڪريٽري ٻه ڪيائون منهنجو ڪم آفيس کولڻ ۽ بند ڪرڻ هوندو هئو.

الشهباز ويلفيئر ايسوسيئيشن

غلام حسين شاهه بخاريءَ ايسوسيئيشن جي ميمبرن سان گڏجي قلندر جي پانڌيئڙن جي وڏي خدمت ڪئي هر خميس تي اتي تمام گهڻي رش ٿيندي هئي، تڏهن جمعي جي موڪل هوندي هئي. شام جو قلندر لعل شهباز تي مغرب جي نماز کان پوءِ عشا جي اذان تائين اها ڌمال هلندي هئي. ۽ جمعي جي رات وري وڏيون پيريون نڪرنديون هيون. جن کي استاد جان محمد نغارچي- جيڪو مڪراني هئو اهو وڄائيندو هئو. اهو اوقاف کاتي ۾ ملازم ٻه هئو.

قلندري ڌمال

مرد ۽ مايون ان ڌمال تي قلندري رقص ٻه ڪندا هئا. قلندري ڌمال، رقص جو هڪ قسم آهي جنهن کي ناچ نٿو چئي سگهجي اهو رقص فقيري رنگ جي ڌمال هوندي آهي. ماڻهن جا ٻئي هٿ سندن ٻانهن مان ٽپائي ڏائو ساڄي کن تي ۽ ساڄو ڏائي کن تي هوندا آهن ۽ ڌمال دؤران پسمنظر ۾ وڄندڙ پيير جي ڏؤنڪي سان پيا پنهنجي پيرن کي کاٻي کان ساڄي ۽ ساڄي کان کاٻي کڻندا آهن ۽ مايون، وري ويهي ڪنڌ پيون هلائينديون آهن. جيئن ڪنهن غلام سماج جي مفروضي مطابق، جن اڇڻ مهل ماين جي ڪنڌ هڻڻ جي ڪيفيت هوندي آهي. ان سموري وقت دوران قلندر جي مزار تي ماڻهن جي رش ۽ وڏي پيهه هوندي آهي پوءِ اسان جي ويلفيئر طرفان رضا ڪار، ٻانس جا لڪڙا کڻي درگاهه جي گيٽ وٽ بيهي اڇڻ ۽ وڃڻ جو رستو الڳ ڪندا هئا ته جيئن وڃڻ وارا هڪ طرف وڃن ۽ اچڻ وار ٻئي طرف اچن ۽ رش ۾ ماڻهو هڪ ٻئي کي ڌڪا نه ڏين. اهي ڊيوٽيون مون پاڻ ٻه ڪيترا سال ڏنيون. ان کان علاوه ان ايسوسيئيشن طرفان هڪ درگاهه جي پراڻي ”علم“ جي سامهون لعل داس جي ڪافيءَ تي ويندڙ رستي جي اڳيان هڪ سبيل هنئي ويئي. جتي ٿڌو پاڻي زيارتين کي پياريندا هئا. سائين غلام حسين شاهه بخاري سيوهڻ ۾ محرم جي عشري جي جلوسن دوران قافلن جي گذرڻ جي جاءِ تان اڪثر قلندر شهباز جي درگاهه اڳيان انن جي قافلن جون قطارون گذرنديون آهن سرواڻي ڪندڙ اٺ تي جيڪو فقير ويهندو هو ان جي اٺ تي شينهن جي کل رکيل هوندي هئي ۽ اٺ تي وات ڦاٽل شينهن جي منڍيءَ جي نمائش ڪندي گجگاه نالي علم هٿ ۾ کڻندي فقير هلندا هئا. قافلي جا اٺ جيڪي لڏ لاهيندا هئا اهي پڻ شاهه صاحب ۽ سندس ايسوسيئيشن جا ميمبر صاف ڪندا هئا ته جيئن عزادارن کي محرم جي موقعي تي ڪا تڪليف نه ٿئي ۽ جلوس ۾ شامل ماڻهن کي ٿڌو پاڻي پيارڻ ٻه شامل هوندو هئو. ڪڏهن ڪڏهن ڪو مسافر جيڪو ياڙي لاءِ ڪنهن سبب جي ڪري پريشان هجي- مثلا: ڪو چوندو هئو ته ڪيسو ڪٽجي ويو آهي ته ان کي ڪرايو ڏيئي سندس شهر تائين پهچائڻ ۽ ٻيا ڪيترا ڀلائيءَ جا ڪم - جيڪي ان وقت جي حالتن مطابق

ضروري هوندا هئا ڪيا ويندا هئا.

اڪرم پنجابيءَ جي خودڪُشي

ان وقت جو هڪ قصو ياد آيو. ڇاڪاڻ ته مون هاءِ اسڪول جي زندگي ته ڪانهه ڏٺي سو اونهاري ۾ ته برف جو ڪم ڪندو هئس، ليڪن سياري ۾ وري ڪو ٻيو ڪم يا مزدوري ڪرڻي پوندي هئي. هڪ لڳا سيوهڻ ۾ ڪنهن هوٽل تي، جيڪا نئين ڪلي هئي ۽ شاهي بازار جي پڇئين پاسي هوندي هئي. اها هوٽل ميان خيرمحمد ڪوريجو-جيڪو روينيو ۾ ڪلارڪ هئو ليڪن سندس سنپال ۾ سيوهڻ جو لاڪ اپ پڻ هئو ان ڪري ڪيس اڪثر ڪري جيلر چوندا هئا، اها هوٽل ان کولي هئي. هوٽل جو نالو ”ڪيفي زرين“ هئو. ان تي مان به ڪم ڪندو هئس ته هڪ ڏينهن هاءِ اسڪول ۾ اڪرم پنجابي ۽ معين الدين صديقي (معين هاڻ ڊاڪٽر آهي ۽ سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر آهي.) شايد قاضي معين ۽ اڪرم مئٽرڪ ۾ پڙهندا هيا، گڏ اسڪول پئي ويا ته ڪا ٽرڪ روڊ تان پئي آئي ۽ اسڪول کان چند قدم پهريائين، اڪرم ڊوڙي وڃي خودڪشي ڪئي. ۽ ايئن ڊاڪٽر معين صديقي اسڪول ڪونه ويو سڌو مون وٽ هوٽل تي آيو ۽ روئڻهارڪي انداز ۾ چيائين ته، يار خودڪُشي ڪري ڇڏي، مون سبب پڇيو ته ڪونه ٻڌايائين خاموش ۽ اداس رهيو پوءِ اسين سڀ ان طرف روانا ٿياسين. لاش پوسٽ مارٽم کان پوءِ سندس عزيز گهر ڪٽائي ويا ۽ دفن ڪري ڇڏيائون. اسين ايسوسيئيشن جي آفيس ۾ اڪرم قاضي، معين ۽ مان، ۽ بشير اوٺو شام جي وقت ڪلاڪ به ويهندا هئاسين. اڪرم آخري ڏينهنِ ۾ سخت بي چين ۽ پريشان هئو. قاضي صاحب سان ويجهو هوندو هئو. پوءِ خبر نه آهي ته ڪهڙي ماجرا ٿي جو خودڪشي ڪيائين. اڄ تائين پتو ڪونه پئجي سگهيو ليڪن اها پڪ اٿم ته ان معاملي جي قاضي معين کي ضرور خبر هوندي جو هن سان تمام گهڻو ويجهو سمجهيو ويندو هئو. ليڪن ان کان پوءِ نه اسان پڇيو ۽ نه ئي قاضي صاحب ڪڏهن ان تي تبصرو ڪيو. اهو باب ايئن ختم ٿي ويو.

بشير احمد اوٺو، سندس سنگت ۽ هٺڙي!

هيءُ صاحب، حاجي ڦوٽو اوٺو جو فرزند ۽ الشهباز ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ميمبر هوندو هئو. اتان اسان جي دوستي شروع ٿي. هن جي والد صاحب جو ڪپڙي جو دڪان هئو. پاڻ اڳتي هلي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ محاذ ۾ به شامل رهيو اڄ ڪلهه جسقم بشير قريشي گروپ ۾ آهي. هن ڪڏهن به جيئي سنڌ تحريڪ کان الڳ ٿي ڪنهن ٻي تنظيم ۾ ڪم نه ڪيو. پيشي جي لحاظ کان وڪيل آهي. وڪالت نه ڪرڻ جي صورت ۾ اوٺ ڪمشنر جو لائسنس وٺي ڪم ڪندو آهي. مڙيوئي گذر سفر پيو هليس! 1978ع ۾ شيرين سومرو ڪيس ۾ داودءَ ۾ احتجاج هلندي پوسٽ آفيس ۾ ڌماڪو ٿيو. نقصان ۾ پوسٽ آفيس جي هڪ ٽيبل جو فقط ڪپڙو سڙيو هئو ۽ هيءُ همراهه جيل هليو ويو. جيل کان پوءِ وڏيڪ ريگيولر پڙهائي ڪري ڪونه سگهيو. باقي پرائيويٽ پڙهي وڪالت جي ڊگري ورتائين. هن جو هڪ واقعو ٿو ياد پويم ته، هن جو پيءُ هن کي دڪان تي ويهاري منجهند جو گهر وڃي ماني کائيندو

۾ آرام ڪندو هو. سندس سامهون محمد خان سومري جي والد صاحب جو منيار ڪو دڪان هوندو هئو. ان سان هن جي والد جي دوستي هوندي هئي. سو ان کي چوندو هئو تہ ڇوڪري تي نظر پيو رکجان, اها خبر بشير کي بہ هوندي هئي. هيءُ مڙئي دڪان تي ڏهين يا ويهين جي هتڙي سو پيو هٽندو هئو! پئسا لوهہ جي تجوڙيءَ ۾ هوندا هئس سو جڏهن کٽندو هئو تہ ڊپ اهو هوندو هئس تہ متان سامهون چاچو هارون سومرو دڪان وارو نہ ڏسي, سو هڪ دفعو چاچي دڪان واري ڏسي ورتس تجوڙيءَ جو هلڪو ڍڪ مٿي ڪيائين هٿ وجهي 2 نوٽ ڏهين ڏهين جا ڪڍڻ پئي چاهيائين سو غلطيءَ سان 2 نوٽ هٿ ۾ اچي ويس 100 جا, هن سمجهيو ويهہ روپيہ آهن پر اهي تہ هئا بہ سئو روپيہ. هن تجوڙي مان ڪڍي هڪدم پنهنجي پاسي واري کيسي ۾ وڌا ۽ والد صاحب جي اچڻ کان پوءِ معمول مطابق دڪان تان لهي گهر هليو ويو. هن جي والد صاحب جي اها عادت هئي تہ اچي پهرين پڇندو هئس تہ گهٽو وڪرو ڪيو اٿئي. هن چيو تہ اڄ ڪجهہ بہ نہ! هن جي والد صاحب هن جي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي تجوڙي چيڪ ڪئي ۽ ڏٺائين سؤ جا بہ نوٽ گهٽ آهن. سو لٺ کڻي سڌو گهر ويو ۽ هن کان پڇيائين تہ بہ سئو روپيا گم آهن؟ هن هڪدم سمجهيو تہ اهي نوٽ منهنجي کيسي ۾ پيل ۾ اچي ويا آهن. سو جواب ڏنائين تہ اهي مون کان منهنجو دوست بشير لاکو اوڌارا وٺي ويو آهي ڪيس ضرورت ۾ هئا صبح ڏيئي ويندو. سندس والد ماٺ ڪري واپس اچي دڪان تي ويٺو ڇو تہ هن کي خبر هئي تہ هيءُ هتڙي تہ هٽندو آهي هاڻي حاضر جوابي جي ڪري بچي ويو ۽ پوءِ اهي پئسا پنهنجي ان دوست کي ڏنائين ۽ قصو سمجهائي چيائينس بابا پڇي تہ ٻڌائجانس ۽ صبح جو بابا کي ڏجانءِ. هن جي پيءُ بہ هم ڪئي نہ تم ۽ وڃي بشير لاکي جي گهر پهتو ۽ چيائينس تہ تو پئسا اڌارا ورتا آهن هن ها ڪئي ليڪن هن غلطي اها ڪئي جو پئسا ان وقت ئي چاچي ڦوٽي کي ڏنائين. چاچي چيس تہ ابا توهان سڀ هڪ ٻئي جي صلاح ۾ آهيو. مون کي اهو واقعو بشير اوٺي پاڻ ٻڌايو. ڏاڍو پريشان ٿيو تہ هاڻي ڇا ڪجي؟ ائين هن همراهہ هڪ گروپ جي شڪل ۾ وڃي حيدرآباد ۾ مسلم ڪاليج ۾ داخلا ورتي ڪن ڪنهن ٻئي ڪاليج ۾ جن ۾ بشير احمد اوٺو محمد خان سومرو هينئر هاءِ اسڪول ۾ ڇگو پلو استاد آهي امام الدين اوٺو هاڻي حيدرآباد ۾ وڪيل آهي قاضي نصيرالدين, فاروق صديقي-جيڪو هينئر سيوهڻ ۾ سنڌ جو وڏو حڪيم آهي ۽ سيوهڻ جو مذهبي عالم بہ آهي.

بسڪوٽن سپلاءِ ڪرڻ جي ڪرت

مون ذڪر ڪيو تہ اونهاري ۾ برف جو ڊيپو جو ڪم هئو ليڪن سياري ۾ ماڻهو ڇا ڪري؟ پوءِ ڪڏهن ڪنهن هوٽل جي مزدوري ڪڏهن نڙ نپ واندو. ننڍي هوندي کان واندي ويهڻ جي عادت تہ گهٽ هوندي هئي. راند لاءِ بہ وقت گهٽ هوندو هئو. ڪم ڪار جي ڪري ننڍي هوندي راند روند ڪيم تہ ضرور پر تمام گهٽ جيئن ٿورو سمجهدار ٿيس, تہ حيدرآباد ۾ هڪ پورهئي ڪرڻ جو سوچيم. حيدرآباد جي علائقي ڦليلي روڊ تي بيڪريون هونديون هيون. اتان بسڪوٽ ۽ ڊبل روٽين ۽ پاپن جا بہ وڏا ڪوڪا پيري ٽرڪ جي اڏي (جيڪو سپر تاج جي نالي سان هوندو هئو) ۽ مارڪيٽ ۾ ان جي آفيس هوندي هئي. شام کان وٺي رات جو نائين وڳي تائين مختلف شهرن جو مليل آڊر پيا لوڊ ڪندا هئا. مان بہ ان ۾ بسڪوٽن جا ڪوڪا رکي دادوءَ تائين روانو ٿيندو هئس. ٽرڪ وارن کي چوندو هئس تہ آءٌ اوهان

ڪي مناسب ڪرايو ڏيندس. پر واٽ تي جتي ٽرڪن جا اسٽاپ ۽ هوٽلون آهن اتي اوهان بيهندا ته آءٌ هي مال انهن کي ڏيئي پوءِ اڳتي هلندا سين. مون اهو ڪاروبار ڪرڻ کان اڳ ۾ دادوءَ کان حيدرآباد وچ تي جيڪي هوٽل ايندا هئا، جن کي مان بسڪوٽ ۽ بيڪريءَ جو ٻيو سامان ڏيندو وڃي دادو پهچندو هئس، پوءِ واپس اچي سيوهڻ ۾ ننڊ ڪندو هئس. ۽ وري هڪ ڏينهن ڇڏي وري ساڳي طرح پيو هلندو هئس. اها موسم سخت سياري جي هوندي هئي. ٽرڪن وارن سان واقفيت برف جي ڊيپوءَ کان هوندي هئي. جو هي مال لاهي ڪري حيدرآباد خالي ويندا هئا. ان ڪري دادوءَ مان سيوهڻ برف جو چڪر ملندو هئن ته اها ڊرائيورن جي ۽ ڪلينر جي بچت هوندي هئي. ان ڪري انهن سان پراڻو تعلق هئو. هو منهنجو خيال ڪندا هئا. جي مون کي نقصان ٿيندو هئو ته ڪرايو گهٽ وٺندا هئا. ليڪن ان وقت ۾ حيدرآباد کان دادو اندازن ٽرڪ کي پهچڻ ۾ ڇهه ڪلاڪ لڳندا هئا.ٻن هنڌن تي هنن کي پاڻ اسٽاپ ڪرڻو هوندو هئو. باقي منهنجي ڪري جن هوٽلن کي بسڪوٽ سپلاءِ ڪندو هئس اتي بيهندا هئا. مون کي چڱي طرح ياد ڪو نه آهي ليڪن مان هر ٻئي ڏينهن خرچ وغيره ڪڍي ڪي 25 روپيه ڪن بچائي ويندو هئس. پر سڄي رات جو سفر سياري ۾ ڪڏهن ٽرڪ جي مٿان ڪيبن ۾ اڪيلو ته ڪڏهن ڊرائيور سان اندر ڪڏهن ڊرائيور آرام ڪري ۽ ڪلينر گاڏي هلائي ته مان هتي ڪيبن ۾ گرم شالون- جيڪي حيدرآباد جي لنڊا بازار فقير جي پڙ مان وٺندو هئس.مان گرم شالون ۽ گرم ٽوپ ويڙهي وينو سياري سان مقابلو ڪندو هئس ۽ پيٽ لاءِ اهي سفر ۽ ڪشالا ڪٽيندو رهيس. پر اهو ڪم صرف ڇهه مهينا ڪيم. ان کان پوءِ حيدرآباد جي ڪاف ڪاٽ ٽيڪسٽائل مل ۾ لڳي ويس ۽ جنوري ۽ ڊسمبر جي ٿڌين هوائن ۽ ان ۾ ٿيندڙ زڪام، مٿي جي سور ۽ بخار کان بچي ويس. پر اهو به تجربو ٿيو ته ماڻهو چاهي ته هر طرح جو ڪم ڪري سگهي ٿو.

حيدرآباد جي مل ۾ مزدوريءَ جو آغاز

نذير احمد سومرو• هينئر ڊاڪٽر آهي ۽ سيوهڻ جي سرڪاري اسپتال ۾ 19 گريڊ ۾ آفيسر آهي. شاگردي جي زماني ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد وڃي رهيو. چاڪاڻ ته سندن بشير احمد اوني سان تمام گهٽي دوستي هوندي هئي. سو مان حيدرآباد هنن سان اڪثر ملڻ ويندو هئس. اتي ٻين سان به دوستي وڌندي رهي سيني مون کي چيو ته يار جي تون به حيدرآباد ۾ رهين ته ڏاڍو مزو ايندو. مون چيو اوهان ته ڪاليج جا شاگرد آهيو آءٌ ته اڻ پڙهيل، سو ڪهڙو بهانو ڪيان جو هتي رهان؟ آءٌ سمجهان ٿو ته اهي سن 1972ع جا آخري مهينا هئا. حيدرآباد جي موسم تمام دلڪش ۽ وڻندڙ هوندي هئي، هوائون مست ڪري ڇڏينديون هيون. هاڻي ته وقت ۽ حالتن ۽ موسمي اثرن ۽ گدلاڻ جي ڪري موسم ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو آهي. ليڪن اردگرد- ٽنڊو ڄام، ڄامشورو اجا به موسم جي حوالي سان ساڳي عروج تي آهن. ان وقت ۾ منهنجو ٽيون نمبر وڏو ڀاءُ ڪريم بخش ابڙو حيدرآباد جي ڪاف ڪاٽ ٽيڪسٽائل مل ۾ مزوري ڪندو هئو. هي هئو ته اڻپڙهيل پر ٺورو گهڻو سرگرم هوندو هئو ۽ اتان جي ليبر يونين ۾ ڪو هلڪو ڦلڪو عهدو هئس. سو ان کي چيم ته ان مل ۾ مون کي به ڀرتي ڪراءِ. ان وقت هن ها ڪئي ۽ پوءِ ڪوشش ڪيائين ۽ 1973ع جي مئي مهيني ۾ مون کي ڪچو مزدور

• ڪتاب ڇپجڻ کان ڪجهه سال اڳ ڊاڪٽر نذير احمد سومرو ڪينسر وگهي لاڏاڻو ڪري ويو.

ڪري پرتي ڪيائون ۽ جيڪو ڪم مليو ان جي عهدي جو نالو هئو ”بيلنگ قلي.“ ڪاف ڪاٽ ٽيڪسٽائل مل ۾ ڪپهه مان ڌاڳو ٺهندو هئو. جيڪو مختلف پنجن يا ستن مرحلن کان پوءِ ڌاڳي جو روپ اختيار ڪندو هئو هڪ ڌاڳي کي تہ وڏن ريلن ۾ ۽ باقين کي ايئن ڳوڙ ۾ ويڙهي هيٺان لوهہ جون ڇهہ پٽريون ۽ مٿان بانس جون پٽيون هڪڙي پاسي ۽ ٻئي پاسي ان جي مٿان ڳوڙ رکي پوءِ ان جي مٿان ڌاڳو رکي پريس جو بٽڻ دٻائبو هو تہ هوءَ لفٽ وانگر مٿي وڃي ڇت سان لڳندي هئي ۽ ايئن سڳو پريس ٿي پوندو هو ۽ پوءِ ننڍي ڳنڍڙيءَ ٺهندي هئي. ان تي منهنجي ڊيوٽي لڳي اتي چار ماڻهو ڪم ڪندا هئا. هڪ مستري۔ جيڪو ان پريس کي هلائيندو هئو ۽ ٽي مزدور جيڪي پٽريون، بانس ۽ آخر ۾ سلائي ڪري ڳنڍڙي جي شڪل ۾ هيٺ لاهيندا هئا. پوءِ ان کي ڏڪي سائيڊ کان رکبو هئو پوءِ لوڊر اهي ڳنڍڙيون ٽرڪ ۾ لوڊ ڪندو هئو ان ڪري جيڪي ماڻهو پريس تي ڪم ڪندا هئا ان کي ”بيلنگ قلي“ چوندا هئا اهو سروس پاس بوڪ اڄ تائين مون محفوظ ڪري رکيو آهي. تہ اها منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن وڏي ڪمپنيءَ جي پهرين نوڪري هئي منهنجي پاءُ وٽ سائيڪل هوندي هئي ٻئي ڄڻا صبح جو سائيڪل تي چڙهي مل ۾ ويندا هئاسين. اسان جي رهائش ڪچي قلعي وٽ هوندي هئي ۽ مل ميرپور خاص روڊ تي، فتح ٽيڪسٽائل مل جي آمهون سامهون ۽ لطيف آباد کان وڃبو تہ روڊ جي ساڄي هٿ تي پوندي هئي، جيڪا اڄ بہ موجود آهي.

مل جو جنرل مئنيجر معشوق علي پيٽو

ان وقت اها پهرين مل هوندي هئي، خبر پئي تہ معشوق علي پيٽو ممتاز علي خان پيٽي صاحب جو پاءُ ان مل ۾ جنرل مئنيجر هئو شايد وزير اعليٰ جي پاءُ هجڻ ڪري ڪيس ان عهدي تي رکيائون تہ جيئن حڪومت ۾ ڪم پئي تہ ان جي معرفت آسانيءَ سان ٿي وڃي. ان حڪمت عمليءَ ۾ مل جا مالڪ ڪامياب بہ ويا. معشوق علي پيٽي کي ان وقت لک کن پگهار، گاڏي، بنگلو ۽ مل مالڪن طرفان نوڪر، ڊرائيور سڀ سهولتون ميسر هيون جڻ مالڪن مان هجي. اسان جا وڏا ماڻهو ڏارين جي چنبي ۾ ڪيئن ٿا اچن ۽ ڏاريا وري هنن کي ڪيئن ٿا استعمال ڪن اها ڪين خبر بہ ڪونہ ٿي پوي يا ڪٽي ڪين خبر پوي بہ ٿي تہ پنهنجي ذاتي مفادن کي عزيز تر رکندي سهل پسنديءَ سبب قومي مفادن کان ڄاڻي واڻي ڪن لاتار ڪري ڇڏين ٿا! آئون ڪڏهن ڪڏهن ڪيس هلندي ڦرندي ڏسندو هئس جڏهن هو موٽر ۾ ڦڙڪاٽ ڪري ايندو هئو. باقي جنرل مئنيجر سان هڪ قلي جي ملاقات جو ان وقت ۾ ڪو تصور بہ ڪونہ هئو پرسنلٽي هن جي ممتاز پيٽي وانگر هوندي هئي. ساڳئي اسٽائيل تي وٽيل مڇون هونديون هئس. شڪل ۽ رنگ ۾ خوبصورت ۽ قداور هوندو هئو. سو ايئن مان نوڪريءَ ۾ لڳس ان وقت منهنجي ماهوار پگهار هئي، هڪ سؤ ٻاهٺ روپيا! صبح جو ستين وڳي مل ۾ اچڻو هوندو هئو ان ڪري صبح جو سوير اٿي مل ۾ هليا ويندا هئاسين ان نوڪريءَ جي وقت تي پهچڻ جي تہ پابندي هئي باقي جيڪي ڪپڙا پاتل هوندا هئا انهن ۾ ئي هليا ويندا هئاسين. اڄ وانگر نہ تڙ ڦليل جي ضرورت نہ بوٽ پالش نہ ڪپڙا ڌوتل ۽ استري ڪجهہ بہ نہ. زندگي بس ايئن ئي روان دوان هئي. شام جو ٽئين وڳي موڪل ٿيندي هئي. ٽئين وڳي ٻي شفٽ ۽ يارهين وڳي رات آخري نائٽ

شفٽ لڳندي هئي. اسان جي رهائش ڪچي قلعي جي اوپر پاسي هڪ پهاڙيءَ جي ٽڪريءَ تي هوندي هئي. جيڪا پهاڙي جي ٽڪري ڪچي قلعي کان شروع ٿي اندران ئي اندران ننڍا ۽ سوڙها رستا وڃي ان وقت جي وينس سينما ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پوائنٽ بس اسٽاپ وٽان نڪرندا هئا ان وچ ۾ شاهه فيصل ڪالوني ۽ پوليس لائين به هوندا هئا.

مان 2016ع ۾ ليبر کاتي جي وزير سعيد غني جو ڪوآرڊينيٽر مقرر ٿيو هوس ۽ اِهو عهدو سعيد غني صاحب مونکي ذاتي تعلق، اعتبار، اعتماد ۽ ليبر ليڊر طور ڪم ڪرڻ سبب ڏنو. اسان جو گڏيل پليٽ فارم بئنڪ ٽريڊ يونين الائنس هو. جنهن ۾ ڪم ڪرڻ دوران پاڻ MCB ۽ مان اسٽيٽ بئنڪ جو نمائندو هوس، ان ۾ هڪ ٻئي تي اعتماد رهيو هئو. ڪيس خبر هئي ته ليبر جي معاملن کي محمد خان ابڙو بهتر طرح ڄاڻي ٿو ۽ مزدورن جو درد سمجهي ٿو. مان حيدرآباد ۾ ان مل ۾ ڪم ڪندي پنهنجي هٿ جي ترڻ تي آيل وڍ کي ياد ڪندي، ڪاف ڪاٽ مل کي وزير ليبر جي نمائندي طور گهمڻ ۽ ڏسڻ چاهيم ۽ اها سوشل سيڪيورٽيءَ جي ڊسپينسري جيڪا لطيف آباد نمبر پوٽا 7 ۾ هئي جتي منهنجي هٿ جي ترڻ تي ٽاڪا لڳا هئا، ڏسڻ جي خواهش پيدا ٿي. جيئن مان حيدرآباد گهر آيس ته ٻئي ڏينهن ليبر کاتي جي ريجنل ڊائريڪٽر کي چيم ته صبح جو مونکي هڪ ته فيڪٽري ۽ هڪ ته سوشل سيڪيورٽيءَ جي ڊسپينسيري ڏسڻي آهي. پر مقصد اهو هئو ته مان ڪاف ڪاٽ مل ۾ وڃان ۽ اتي وڃي هڪ ڪلاڪ اهو ساڳيو بيلنگ ڪلي وارو ڪم ڪيان، پراڻي ياد ۽ پراڻي حيثيت کي ياد ڪيان، جتان مون روزي ڪمائي ترقيءَ جو سفر شروع ڪيو هو. صبح جو جڏهن ان هنڌ پهتس ته خبر پئي ڪاف ڪاٽ مل ڪافي عرصو اڳ بند ٿي ويئي هئي، هاڻي ان جاءِ تي ڪابه مل نه آهي. مونکي شديد ڌڪو لڳو ۽ مايوسي جي عالم ۾ هڪ وڏي آهه ڀريندي واپس ٿيس ته ليبر جي عملدار چيو سائين ڇا ٿيو؟ مون چيو بس جيڪو ڏسڻو هئو اهو نه آهي. باقي ڊسپينسري به اتان شفٽ ٿي چڪي هئي، ائين ننڍپڻ جي اها خواهش پوري نه ٿي سگهي. گهر آيس چند لمحا سوچيندو رهيس ۽ پراڻو منظر ياد ڪندي اکيون آليون ٿي ويون.

❊

باب ٻيون

محنت ڪر تون محنت ٻار

تعليم جو شوق جاڳڻ

رهائش گاهہ تي پهچڻ لاءِ پهاڙي ٽڪري چڙهڻ وقت سائيڪل هٿن ۾ هوندي هئي جو هلائيندي چاڙهي چڙهي ڪانہ سگهبي هئي. سائيڪل کي هٿ سان هلائي ڪٺي ويٺو پوندو هئو. گهر اچڻ شرط منهنجي اها ڊيوٽي هوندي هئي تہ گهر جي صفائي ۽ شام جو ماني پچايان. اسان جي هڪ پاسي مهاجرن جو ۽ ٻئي پاسي سنڌين جو گهر هوندو هئو. اهي سنڌي، ذات جا قبوليا هوندا هئا. اهو همراهہ ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو سپرنٽنڊنٽ هئو. وري سامهون مهاجر هوندا هئا. ايئن باقي جيڪڏهن ڪو وقت بچندو هئو تہ ڪاليج ۾ پڙهندڙ سيوهڻ جي دوستن سان وقت گذرندو هئو. اهي سڀ جا سڀ خوشحال گهراڻي جا ڇوڪرا هئا! بشير اوٺو جي والد کي شاهي بازار ۾ ڪپڙي جو دڪان، امام الدين اوٺي جي ڀاءُ جو شاهي بازار ۾ وڏو جوتن جو دڪان، نذير احمد سومرو جي والد کي ڪرياني جو دڪان ۽ ڪجهہ ٽڪرا زمين جا، قاضي فاروق صديقيءَ جي والد صاحب جو وڏو ”مفيد عام“ دواخانو هوندو هئو. محمد خان سومرو جي والد کي شاهي بازار ۾ وڏو منيارڪو دڪان جنهن کي هاڻي جنرل اسٽور ٿا چئون، هوندو هئو. باقي انهن شهزادن ۽ پڙهيل لکيل دوستن جي صحبت ۾ مان اڻ پڙهيل ۽ مزدور ڪنهن مهل ڪپڙا بہ اهڙا ميرا ۽ ڦاٽل هوندا هئا جو سڀ پيا ٽوڪيندا هئا، ليڪن ڇاڪجي هر ماڻهو پنهنجي حيثيت ۾ هلندو آهي، مان شام جو گهر جا سمورا ڪم لاهي سائيڪل ڪٺي انهن دوستن وٽ ويندو هئس. هيءُ سڀ مارڪيٽ جي پوئين پاسي لياقت ڪالونيءَ ۾ رهندا هئا. اتي هڪ جاءِ ۾ جنهن ۾ ٻہ ڪمرا هوندا هئا انهن ۾ رهندا هئا. آهستي آهستي مون اهو سوچڻ شروع ڪيو تہ ڇو نہ هنن دوستن وانگر مان پڙهائي ڪيان ان شوق جو مون جڏهن دوستن سان اظهار ڪيو تہ سڀ کلڻ ۽ ٽوڪڻ لڳا سواءِ هڪ جي!_ اهو هئو قاضي فاروق صاحب! اهو دوستن جي ٽهڪن وقت خاموش رهندو هئو. تمام عزت واري وڏي فيمليءَ جو ڇوڪرو هئو. سندس پرورش ۾ اهي شيون هيون جو هو ٻوڙ چرچي مسخريءَ کان بي نياز پنهنجي پڙهائي ۾ مشغول رهندو هو ۽ جڏهن بہ ڳالهائيندو هئو فهميدو ۽ اخلاق ڀريل لفظن ۾ ڳالهائيندو هو ۽ شڪل صورت ۾ بہ خوبصورت هوندو هئو ۽ ايترا ئي بلند سندس اخلاق هوندا هئا. مان هوندو تہ انهن سيني ۾ بشير اوٺي جو دوست هئس، ليڪن آهستي آهستي سڀ گهاٽا دوست ٿي ويا. پوءِ وري قاضي صاحب منهنجو تمام گهڻو خيال ڪرڻ لڳو پاڻ ڪڏهن بہ ان ڳالهہ جو احساس ئي ڪونہ ڏياريندا هئا تہ آئون ڪو غريب ۽ مزدور يا هنن کان ڪو گهٽ ماڻهو آهيان. هن جي مون سان الاهي گهرائپ ٿي ويئي سو هڪ دفعي چيائين جي توکي شوق آهي تہ آءٌ توکي وقت ڏيندس. مون کي پڙهڻ جو شوق تہ ننڍي هوندي کان هئو ليڪن حالتن جي

ڪري سنڌي پنج درجا پاس ڪري اڳتي نہ پڙهي سگهيس. منهنجن انهن دوستن 1972ع ۾ مسلم ڪاليج ۾ ڪنهن ٻئي ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتي آءٌ هنن وٽ پيو ايندو هئس جيستائين مون کي مل ۾ نوڪري ملي.

منهنجو پهريون عشق

اها 17 جنوري 1973ع جي ڳالهہ آهي، ان وقت حيدرآباد جي ڪاليجن ۾ قوم پرستن جي سياست جيڪا ان وقت شاگردن ۾ الاهي مقبول عام هئي. همراهہ انهن جي ور چڙهي ويا سوچيائون هلون ٿا سنڌ يونيورسٽي اتي سائين جي ايم سيد جي سالگره آهي تون بہ هل ليڪن فاروق قاضي صاحب ۽ امام الدين اوٺي هلڻ کان انڪار ڪيو باقي سڀ مون سميت سنڌ يونيورسٽيءَ روانا ٿياسين. اهو منهنجي مشاهدي مطابق ايڏو وڏو قوم پرستن جو پهريون جلسو هو. جنهن ۾ مان بہ شريڪ ٿيس. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ اسٽيج تي عبدالواحد آريسر، حفيظ قريشي ۽ ٻيا بہ ڪيترا اڳواڻ موجود هئا پر اهي اڳواڻ ٻئي چٽا مون کي ياد آهن. تقرير جو وقت آيو هر طرف قومي نعرن جي گونج هئي. ان وقت انهن نعرن جي جوش ڀريي انداز مان ايئن محسوس ٿي رهيو هو تہ بس اڄهو آزادي ملي! سن جي سيد جي رهبريءَ ۾ ان جلسي کي ٻڌندو رهيس ۽ دل ۾ حسرت ڪندو رهيس تہ ڪاش آئون بہ ايئن ليڊر هجان ها ڪاش آءٌ بہ پڙهندو هجان ها!!! اهڙي قسم جا خيال ۽ سنڌ بابت جيڪي مقررن تقريرون ڪيون انهن منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ نئون موڙ آندو ۽ ڪجهہ ڪرڻ جي جذبي سان سرشار ٿي سوچيندو رهيس! ڄامشوري جي هوائن ۾ پهريون دفعو سنڌ جي مادر علميءَ ۾ قدرم رکڻ مهل اندر جي ڪيفيت عجيب ۽ خوشگوار پئي محسوس ٿي. آخر جلسو ختم ٿيو قافلا پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيا. ۽ نعرا هڻندا، رڙهندا ۽ ماٺهو هلندا رهيا. اسين بہ اتان ڪنهن بس ۾ چڙهي مارڪيٽ حيدرآباد ۾ اچي لٿاسين سڄو وقت سفر وارو جيڪو يونيورسٽيءَ کان حيدرآباد تائين جو اڌ مني ڪلاڪ جو هئو دوست پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪندا هليا سنڌ جي ان وقت جي جديد سوچ رکندڙ اڳواڻن: عبدالواحد آريسر ۽ حفيظ قريشيءَ جي تقريرن ماڻهن جي دلين تي ڪافي نقش ڇڏيا ۽ نئون جذبو ولولو ڪجهہ ڪرڻ جي امنگ پيدا ڪئي. مان بہ اهو سڀ ڪجهہ ٻڌندو ۽ اندر ئي اندر ۾ ڪجهہ ڪرڻ جي عزم سان سرشار ٿيندو رهيس ليڪن حالتون اهڙيون جو آءٌ اڻ پڙهيل ۽ هيءَ تہ شاگردن جي جيئي سنڌ تنظيم جون سرگرميون هيون. 1973ع واري ڏهاڪي سنڌ جي قومي سياست جو سمورو بار ڪنهن سياسي پارٽيءَ تي نہ هو اها ذميواري شاگردن تي عائد هئي. سنڌ جي حقن ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جيڪا سائين جي ايم سيد جي نظريي ۽ اعليٰ ڪردار جي مالڪ جهڙي رهبر جي اڳواڻيءَ ۾ شاگردن جي تنظيم جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪندي هئي.

رات جو هنن دوستن جي لياقت ڪالوني واري ڪرائي تي ورتل جاءِ ۾ رهياسين. جيڪي دوست نہ هليا هئا، يعني امام الدين ۽ قاضي فاروق صاحب تہ انهن کي حال احوال ڏنائون مان صرف ٻڌندو ۽ سوچيندو رهيس ليڪن اها حقيقت آهي تہ ان پهرين جلسي منهنجي زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو ۽ انقلاب آندو ان وقت منهنجي عمر 17 سال هئي ۽ چوندا آهن تہ ڪچي ذهن تي ڪا سوچ ۽ فڪر جلد

پنهنجي جاءِ ٺاهي ٿي وڃي تہ پوءِ ماڻهو ان فڪر جو پيروڪار ٿيو وڃي ۽ ان لاءِ هو هر قسم جو ڪم ڪندو آهي ايتري قدر جو ماڻهو پنهنجي جان بہ ڏئي ڇڏين. جيئن هاڻي هن ملڪ ۾ مذهبي انتهاپسندي ايتري ئي عمر جي نوجوانن تي ڪم ڪري انهن جي ذهنن کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪري جيڪو حڪم ڏيندا آهن انهن جا نوجوان پيروڪار ايئن ڪندا آهن ايتري قدر جو بم پنهنجي جسم سان ٻڌي هڪ آسري خاطر تہ مرنداسين تہ شهيد ٿينداسين ۽ سڌو جنت ۾ وينداسين. ٻئي طرف سچ ۽ حق جون تحريڪون جيڪي آزاديءَ جي تحريڪ جو روپ اختيار ڪيو وڃن ۽ ان وقت سنڌ جي صورتحال ۾ اوهان ڏسو تہ جي ايم سيد ان هلچل، سوچ ۽ فڪر جو اڪيلو اڳواڻ هوندي سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جو فڪري درس ڏيندي ايتري قدر نوجوانن کي تيار ڪيو جو اهي بہ سندس هڪ حڪم تي ايئن مرڻ مارائڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا هئا ليڪن هن سنڌ جي سچي سپوت هميشہ عدم تشدد ۽ اهنسا جو پيغام ڏنو ۽ آزادي لاءِ بہ سوچ، فڪر، جدوجهد ۽ سياسي ۽ قومي شعور جو درس ڏنو ۽ سدائين عدم تشدد جو پيغام ڏيندو هئو. هن عظيم هستي ڪڏهن بہ پنهنجي ڪنهن ذاتي مقصد لاءِ تحريڪ يا پنهنجي ڪنهن بہ پوئلڳ کي تشدد لاءِ ڪونہ پڙڪايو. پاڻ امن ۽ عدم تشدد جو ايترو ئي پيروڪار هئو جيترو گانڌي ۽ غفار خان! سندس ڪردار تي اڄ بہ ڪير آڱر نٿو کڻي سگهي ها سياسي اختلاف ۽ نظريي تي اختلاف ماڻهن جو حق آهي بهرحال اهي حالات انهن جو تجزيو ۽ ننڍي هوندي نوجوانيءَ جو پهريون سبق جيڪو سائينءَ جي سالگرهہ ۾ ٻڌم جيڪو 1973ع انٽرنيشنل هاسٽل جي ميدان ۾ ٿيو اڄ بہ چٽو ياد آهي آئون ان مان Inspire ٿيس ۽ سوچڻ شروع ڪيم ۽ پوءِ ايئن حيدرآباد جي مل ۾ ڪم سان لڳي ويس ۽ پوءِ وڏيڪ سوچڻ ۽ هڪ منزل تي پهچڻ جو عزم ڪري ان ۾ پلاننگ ڪرڻ لڳس هاڻي جذبو ايترو تہ پختو ٿيو جو سوچڻ لڳس تہ ڪاش، اهڙي ڪنهن اسٽيج تان آئون بہ ڳالهايان ۽ آءٌ بہ هن تحريڪ جو ڪارڪن ۽ اڳواڻ ٿيان. اهي ڳالهيون جڏهن مان پنهنجي انهن دوستن سان ڪندو هئس تہ اهي سڀ کلندا هئا. ليڪن مون همٿ ڪونہ هاري ۽ پنهنجي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي شروعات ڪيم.

انگريزي تعليم ڏانهن پهريون قدم

مان پنهنجي منهن سان ٻڪ اسٽال تي ويس جيڪو تلڪ چاڙهيءَ جي هيٺان هئو. اتي وڃي هڪ درجي انگريزي ڪان مئٽرڪ جا انگريزي ڪتاب سنڌي ترجمي سان، گرامر جا ۽ سمورو ڪورس ورتو. ايئن مون اي، بي، سي سکڻ ۽ لکڻ شروع ڪئي. جڏهن اها پڪي ڪيم تہ هڪ دفعو دوستن کي ٻڌايم تہ هيءُ نصاب جو پهريون سبق اي، بي، سي ياد ڪئي اٿم، نہ صرف ياد ڪئي اٿم پر ان کي ننڍي ۽ وڏي ABC ۾ لکي بہ وڃان ٿو. ۽ پڙهي بہ سگهان ٿو. ان تي صرف هڪ سائين قاضي فاروق چيو تہ توکي شوق آهي. منهنجو جيترو حال آهي آئون تنهنجي مدد ڪندس. ليڪن هيءُ هتي ڪونہ ٿي سگهندو. ان لاءِ ڪو ٻيو هنڌ هجي. ڇو تہ هتي توهان جو وقت ڪچهري ۽ چرچن ۾ گذرندو باقي وقت هو پنهنجي پڙهائي ۾ ڏيان ڏيندا. پوءِ مون پڇومانس تہ سائين ڪچي قلعي ۾ منهنجي ياءُ جي ننڍي جاءِ آهي مان مل مان ٿئين وڳي موٽندو آهيان. پنجين وڳي اوهان کي ونڻ اچان؟ هِن "هائو" ڪئي ۽

مان ٻئي ڏينهن پنهنجي ياءُ جي سائيڪل ڪٽي ڪچي قلعي کان گاڏي کاتو ۽ گاڏي کاتي کان گول بلڊنگ سرفراز ڪالوني مارڪيٽ کان ٽيندو لياقت ڪالوني ۽ پوءِ ساڳي طرح قاضي صاحب کي سائيڪل تي ڪٽي واپس ايندو هئس. ۽ اڪثر قاضي صاحب سائيڪل پاڻ هلائيندو هئو. ۽ اچي مونکي پڙهائيندو هئو ۽ وري ساڳيءَ طرح کيس واپس ڇڏي موٽي ايندو هئس. پوءِ اسان اهو فيصلو ڪيو تہ هر روز ايئن ڪرڻ سان هڪ تہ ٿڪاوٽ گهٽي ٿئي ٿي ٻيو وقت جو زيان بہ وڌيڪ ٿئي ٿو. پوءِ هفتي ۾ ٻہ ڏينهن مقرر ڪياسين.

تعليمِ بالغان اسڪول ۾ داخلا

اهو سلسلو ڪجهہ مهينا (شايد 3 مهينا) هليو تہ مون کي خبر پئي تہ ڪچي قلعي جي پرسان مڪي شاهہ روڊ تي هڪ تعليم بالغان اسڪول کليو آهي. ڀٽي صاحب جي دور ۾ تعليم بالغان شروع ڪئي ويئي. خاص طور سنڌ ۾ سندس دور حڪومت ۾ تعليم جي شرح گهٽ هئي. ان کي وڌائڻ لاءِ تعليم جا جيڪي پروگرام ٺاهيائون ان ۾ هڪ پروگرام اهو بہ هئو تہ شام جي وقت شهرن جي پسگردائي وارن علائقن ۾ اسڪول کوليا وڃن. اهڙي ريت ٻهراڙين ۾ بہ اسڪول کليا. سو اسان جي ان علائقي ۾ جيڪو اسڪول کليو اهو مڪي شاهہ روڊ تي هڪ وڏو دڪان ڪرائي تي وٺي کوليو ويو هئو. ان ۾ استاد جي اها ذميواري هوندي هئي تہ گهٽ ۾ گهٽ 25 شاگرد هٿ ڪري. ان لاءِ بہ استاد ٺي انهن ماڻهن کي ان لاءِ قائل ڪندو هو. سو هڪ ڏينهن مان پنهنجي ياءُ ڪريم بخش جي دوست علي نواز بلوچ سان گڏ ويس. ۽ استاد سان ملاقات ٿي سندس نالو اڃ بہ مون کي ياد آهي استاد محترم ارشاد پناڻ صاحب! سنڌي پناڻ هئو. قد جو ڊگهو عمر لڳ ڀڳ پنجاهہ سال، خوبصورت، همٿ وارو. قوم جو درد رکندڙ ۽ ان جذبي سان سرشار تہ جي مان ان پروگرام ۾ هڪ ماڻهوءَ کي بہ تعليم سان مالامال ڪيان تہ منهنجي لاءِ اها وڏي حاصلات آهي. پاڻ ان وقت ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي آفيس ۾ ڪم ڪندو هئو. جيڪو ان وقت ”ڪاپيسٽ“ جي پوسٽ تي ڪم ڪندو هيو. مطلب تہ ليڪ ڊرامن جا مسودا لکندا هئا ۽ هي وري انهن کي فيئر ڪندو ويندو هيو. مون کي خوش آمديد ڪري ڪاغذ تي صحيح ورتائين. پوءِ چيائين تہ هي ڪتاب بہ وٺي اچ. ڪجهہ مون وٽ هئا ڪجهہ ٻيا ورتم. ان وقت سندس اسڪول ۾ اٽڪل 15 کان 20 بالغان هئا. پر هئا سڀ مڪراني بلوچ! داخلا تہ ورتائون ليڪن ايندا گهٽ هئا ان لاءِ بہ استاد پيو نياپا ۽ منٿون ڪندو هئن. ليڪن وڏي عمر ۾ پڙهڻ بہ هڪ مسئلو هوندو آهي. سو نيٺ آهستي آهستي اتان جي شاگردن جي حاضري گهٽجندي ويئي. استاد ارشاد پناڻ ڏاڍو مايوس ٿيو ۽ استاد جي وڏي ڪوشش کان پوءِ بہ مڪراني بلوچ دوستن کي نہ پڙهڻو هئو سو ڪونہ پڙهيا. ايئن چند مهينن ۾ پاليسيءَ تحت تعليم بالغان جو اهو اسڪول، سرڪار بند ڪرڻ جي لاءِ حڪم جاري ڪيو. هن ٻڌايو تہ شاگردن جي نہ اچڻ جي ڪري اسڪول تہ ٿيو بند مون کي وري چيو اٿن تہ جي ڪنهن ٻئي هنڌ اسڪول لاءِ شاگردن جو انتظام ڪرين تہ اتي توکي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏينداسين. سرڪار جيڪو اسڪول لاءِ دڪان ڪرائي تي ورتو هئو ان جي هڪ سال جي مسواڙ ڏنل هئي. سو هن چيو تہ اسڪول تہ آهي

وڏ ۾ وڏ منهنجي پارٽ ٽائيم ڊيوٽيءَ جي پگهار نہ ملندي. ٻيو تہ ڪير پڙهڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي ليڪن تنهنجو شوق ڏسي مون کي لڳي ٿو تہ تون ضرور هن تعليم بالغان مان پڙهي ڪنهن منزل تي پڄندين. ڇو تہ جيئن ئي هن اهو سرڪاري خط ڏيکاريو تہ اسڪول بند ڪجي ٿو تہ مون کي انتهائي ڏک پهتو. اڪين ۾ پاڻي تري آيو. ايئن محسوس ڪيم تہ هيءُ هڪ ذريعو جيڪو ڏاڍو سٺو هئو اهو بہ ختم ٿي رهيو آهي. شايد پڙهائي منهنجي نصيب ۾ ئي ڪونہ آهي! هن جڏهن ان ڪيفيت کي محسوس ڪيو تہ چيائين، بابا مان سمجهي سگهان ٿو تہ تون ڇوٿو روئين مون کي منهنجي پگهار جو ڪوبہ مسئلو ڪونہ آهي. مون ڪنهن خدمت جي جذبي جي ڪري هيءَ ڊيوٽي ورتي تہ شايد ڪو هڪ ماڻهو بہ منهنجي ذريعي ڪجهہ پرائي ٿو تہ مون لاءِ وڏي ڳالهہ آهي. جڻ تہ منهنجي خوابن کي تعبير ملي وئي. سو اهو مونکي تنهنجي صورت ۾ نظر اچي ٿو. مان ايئن هر روز ايندس، پلي تون اڪيلو هجين پلي مون کي پئسا نہ ملن. هيءُ اسڪول اجا اٺ مهينا اسان وٽ آهي، تيسيتائين آءٌ ايندو رهندس. تون بہ اڪيلو آهين سڄو توجهہ توتي ڏيندس. ليڪن شرط اهو آهي تہ آءٌ جيترو بہ هوم ورڪ توکي ڏيئي وڃان ۽ جيئن توکي سمجهائي وڃان ان ۾ ڪوتاهي يا سستي ڪيئي تہ پوءِ مون کي ڏک بہ ٿيندو. مان مايوس ٿيندس ۽ منهنجي جذبن کي ڇيهو رسندو تہ مان بہ ماٺ ڪري ويهي رهندس. مون چيو تہ سائين اوهان جي ڏنل ڪم ڪان ڪجهہ وڌيڪ ڪندس. باقي مان تہ مل ۾ مزدوري ٿو ڪريان 160 روپيہ پگهار اٿم. ماني مونکي منهنجو پاءُ ٿو ڪارائي، جي اوهان چوندؤ تہ ان پئسن مان بہ اڌ اوهان کي ڏيئي سگهندس. هن انڪار ڪندي چيو تہ آئون تنهنجي شوق ۽ جذبي جي ڪري ايندس پئسن جي مون کي لالچ ڪونہ آهي. ريڊيو پاڪستان جي نوڪريءَ مان ايترا پئسا ضرور ملندا آهن، جو منهنجي گهر جو خرچ تمام آسانيءَ سان هلي ٿو. جي تون پڙهي پئين تہ مون سڀ ڪجهہ ڪمايو. تمام شفيق انسان هئو. اولاد وانگر پيار بہ ڪندو هئو تہ غلطي ڪرڻ تي ڇنڀيندو بہ هئو. آئون ڪانئس ايترو تہ ڊڄندو هئس جو ڪڏهن بہ ڪانئس ايترو بہ ڪونہ پڇي سگهيس تہ ڪٿان جا آهيو؟ يا هتي حيدرآباد ۾ ڪٿي ٿا رهو؟ نہ ڪڏهن پاڻ ئي ٻڌايائين. هو چوندو هو مان جيڪو هيءُ وقت ڪڍي ٻہ ڪلاڪ هتي اچان ٿو. اهو وڏو قيمتي آهي. ان ۾ غير ضروري ڪچهري، ڳالهيون قصا نہ ٿيڻ گهرجن. صرف ڪم جي ڳالهہ! تنهنجو مقصد پڙهڻ آهي. ۽ منهنجو مقصد پڙهائڻ آهي ان کان وڌيڪ نہ پنهنجو ڪو واسطو نہ ڪو تعلق آهي. ها، جي تون ڪڏهن ڪنهن منزل تي پڄين يا پڙهي پئين تہ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد مان منهنجو پڇندين تہ معلومات ملي ويندئي ۽ ملاقات بہ ٿي سگهندي، باقي نہ ملي سگهياسين تہ جڏهن توکي ياد اچان مون کي دعا ضرور ڪجان. ايئن 8 مهينا پورا ٿيا ۽ 1974ع جو سال بہ شروع ٿيو مون کي چيائين تہ امتحان، جي ڏيڻ چاهين تہ اجا بہ هيءُ ڪتاب نائين ڏهين درجي جا بہ پڙهي وٺ. ڇو تہ هڪ سال ۾ مان توکي ڇهين درجي کان انين درجي تائين جيڪي بہ ڪورس هئا سڀ ڪرايا اٿم. هاڻي تہ انگلش ٽيچر ۽ گرامر جي مدد سان جي محنت ڪيئي تہ هڪ سال ۾ بنا ڪنهن جي محتاجيءَ جي پڙهي ويندين. پوءِ تون پرائيويٽ اميدوار جي طور ڪنهن بہ هاءِ اسڪول ۾ فارم ڀرائجان. ۽ هڪ ڳالهہ ياد رک تون جڏهن بہ امتحان جو فارم ڀرائين تہ نائين ۽ ڏهين درجي جو گڏيل فارم ڀرائجان آرٽس جي سبجيڪٽ ۾. ٻنهي سالن جا ڪورس بہ وٺي ڏنائين، پوءِ هڪ ڏينهن سمورو طريقو پڙهڻ جو

سمجهائي ۽ چيائين ته ڪڏهن پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ ڪا به تڪليف ٿيئي ته ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اچي سگهين ٿو مگر مون کي فضول ڪچهريءَ لاءِ اچڻ پسند نه هوندو آهي. باقي جي مئٽرڪ وغيره پاس ڪرين ته اڳتي پڙهندو رهجان. الله سائين تنهنجي ضرور مدد ڪندو ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته تون هڪ هنڌ ئي مئٽرڪ جا 10 پرچا پاس ڪري ويندين. ان وقت نائين ۽ ڏهين جا ٽوٽل ڏهه پرچا هوندا هئا آرٽس گروپ ۾. سائنس ۾ ڪجهه وڌيڪ پرچا هوندا هئا. پر ڪڏهن گهٽ به هوندا هئا. سائين ارشاد پناڻ سان جيتريون به ملاقاتون ٿيون اهي اسڪول ۾ ئي ٿيون هڪ دفعي پاڻ آيو مون کي ٿوري دير ٿي ويئي چو ته اسڪول جي چابي به مون وٽ هوندي هئي. ان کي کولي صفائي ڪري ويهندو هئس ۽ ڪتاب پيو پڙهندو هئس ته اچي ويندو هئو. ان ڏينهن هي بيٺو رهيو. شايد 10_15 منٽ بيٺي ٿي ويا هيس. جيئن آيس ڪاوڙجي پيو ته آءٌ تو لاءِ ٿو اچان ۽ تون پنهنجي مرضيءَ سان اچين جي تون ايئن ڪندين ته پوءِ اهو ڪم ايئن نه هلندو. تون اڪيلو شاگرد آهين. آءٌ توکي ان جي سزا ۾ مار ته نه ٿو ڏيان پر جي آئنده ايئن ٿيو ته اسڪول جي چابي مالڪن کي واپس ڪندس ۽ پنهنجو تعلق ختم. ان کان پوءِ مان ڏاڍو ٽائيم جو پابند ٿيم. سڀ ڪم ڇڏي وقت سان پهچندو هئس. هيءُ جڏهن اسڪول ايندو هئو ته ڏاڍو رعبدار لڳندو هئو. فضول سوال ۽ ڪچهريءَ جو ته تصور به ڪونه هئو مون کي سمجهائي پاڻ خاموش ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ گم ٿي ويندو هئو. اکين ۾ عجيب چمڪ ۽ رعب هوندو هئس چا پيو سوچيندو هئو. ڪيڏانهن ۽ ڪهڙين سوچن ۽ خيالن ۾ گم هوندو هئو ڪير پڇي؟ چو ته فضول ڳالهائڻ بلڪل منع هو. هڪ ته مان نوجوان ۽ هو استاد سو ڪهڙي ڪچهري ڪبي؟ پيو ته مون کي ڊپ اِهو هوندو هو ته هي شخص منهنجي خوابن ۽ خيالن ۽ منزل ڏي ويندڙ رستي جو جاٽو ۽ پارکو آهي. منهنجي سامهون هڪ جذبو ۽ مقصد هئو. مان پنهنجو وقت زيان نه پئي ڪرڻ چاهيو.نه ئي هن جي ڍُسيل اصولن کي ٽوڙڻ پيو چاهيان. پر پڙهائي ۾ ڪو به سوال پڇڻو هوندو هو ته يڪدم پنهنجي سوچن جي دنيا مان موٽي ايندو هئو ڪيترا دفعا ته اوچتي ڳالهاءَ سبب ڇرڪ پرڻ جهڙي ڪيفيت ٿي ويندي هئس. هن کي نه اچڻو هوندو هو ته هڪ ڏينهن اڳ ۾ ٻڌائيندو هئو پاڻ به سائيڪل تي ايندو هئو ان وقت سائيڪل ئي سواريءَ جو اهم ذريعو هوندي هئي. ۽ جي مون کي ڪو مسئلو هوندو هئو ته هڪ ڏينهن پهرين موڪل وٺندو هئس ليڪن تمام گهٽ! آخرڪار اسڪول جي ادا ڪيل ڪرائي جي مدت ختم ٿي ۽ پوءِ مان پنهنجي منهن پڙهڻ لڳس.

وڏي ياءُ جا رويا ۽ ڏوراپا

مون کي جڏهن سائين ارشاد پناڻ پڙهائي ڪان پوءِ به هڪ ڪلاڪ جو ڪم ڏيئي ويندو هئو، حسب معمول شام جو گهر جي صفائي ڪرڻ، ماني تيار ڪرڻ، جي ڪنهن مهل ياءُ جا ڪي دوست اچن ته انهن لاءِ چانهن وغيره ناهڻ، پوءِ ان دوران ڪافي دفعا دڙڪا کائڻ، چو ته استاد جو ڊپ ته صبح جو ڪم مڪمل هجي ۽ ياءُ جا دڙڪا ته هيءُ ڪم چيم ته ڪونه ڪيئي، هو ڪم چيم ڪونه ڪيئي. هاٽي اٺ جيترو ٿي پڙهڻ جو شوق ڪيو اٿئي! ڀلا اسان جو ڪو ابو پڙهيو ڪو ڏاڏو پڙهيو اسان سڀ

پائر ۽ پنج-اٺ درجا پڙهي وچي ڪم ڪارين سان لڳاسين. تون آهين جو هر وقت ڪوليو ڪتاب وينو آهين. ڪڏهن ڪنهن ڪم سان ڪيڏانهن موڪليندو هئو ته پڙهائيءَ لاءِ ڏنل هوم ورڪ پورو ڪرڻ ۾ سڀ ڪجهه وسري ويندو هو. مون کي اهو ۽ ڊپ هوندو هئو ته جي استاد ڪاوڙجي ويو ته منهنجي منزل ۽ مقصد جا سڀ رستا اونداها ٿي ويندا. ان ڪري پاءُ آهي، ڪاوڙجندو ته ۽ خير آهي. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ايئن پاءُ اچي منهنجا ڪتاب منهنجن هٿن مان ڦري اڇلائي ۽ ڇڏيندو هئو ته هيءُ ڪم ڇو ڪونه ڪيئي؟ هاڻي مون کي سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻو پوندو هئو. صفا ڪونه ڪڇندو هئم. جو ڊپ هئو ته جي ڪجهه چوندس ته واپس ڳوٺ موڪلي ڇڏيندو. سو ڪيئن ۽ ڪري سال ڪن نوڪري ۽ ڪيان ۽ پڙهائي ۽ مڪمل ڪيان. پوءِ ڪڏهن ڪجهه ڪم گهر ۾ نه ڪري سگهندو هئس ته صبح جو مل ۾ ڪتاب ڪٽي ويندو هئس.منجهند جو هڪ ڪلاڪ مانيءَ جي موڪل واري وقت ۾ تڪڙ ۾ گهران پچايل ماني ڪولي کائي وري ڪتاب کولي پيو پڙهندو هئس ته جيئن شام جو استاد نه ڪاوڙجي.

خادم سومري جو ساٿ

سائين ارشاد پناڻ پيشي جي لحاظ کان ريڊيو پاڪستان ۾ استاد ته ڪونه هئو پر جي اهڙا هن سنڌ ۾ 10 سيڪڙو استاد ۽ هجن ته جيڪر معاشرو الائي ڪاٿي وڃي پڄي ۽ ماڻهن کي پنهنجون منزلون ۽ قومن کي پنهنجون آزاديون ۽ ملي پون. اڄڪلهه جي استادن وانگر جيڪي ذاتي ڪم گهر جا ڪم شام جو ٽيوشن جو ڪاروبار ۽ اسڪول ۾ وري هڪ ٻئي سان لباڙ هڻڻ ۾ فضول وقت وڃائي هن قوم جو بيڙو پيا غرق ڪن. شايد ان جو سبب سياسي طرح جون پرتيون ۽ سفارشون آهن. اسين سنڌ ۾ سنڌي ٻارڙن-جيڪي قوم جا معمار آهن انهن کي ڪيڏانهن پيا وٺيو وڃون؟!

آخرڪار اهو وقت آيو مون ڏهه ئي پرچا گڏ ڏنا. ان ۾ منهنجي خادم سومرو. جيڪو جيئي سنڌ محاذ ۾ هئو. ڪجهه وقت جيل ۽ ويو پوءِ "سمجهدار" ٿي ويو ۽ وري ڪڏهن جيل ڪونه ويو! سائين جي ويجهو ٽيو جي ايم سيد فائونڊيشن ناهي اٿس.اڄڪلهه سائين جا ڪتاب اردو ۽ انگريزيءَ ۾ پيو ترجمو ڪرائي. مون سان هاءِ اسڪول سيوهڻ ۾ گڏ هليو فارم پرجي رهيا هئا. امتحان لاءِ ان وقت سائين غلام حيدر سولنگي هيڊ ماستر هئو. ان سان ملاياڻين فارم ورتو سين. پهرين خادم سومرو ۽ پوءِ سائين غلام حيدر سولنگي چيو ته پنج پيپر يعني نائين درجي جا هن سال باقي پنج پيپر ڏهين درجي جا ايندڙ سال ڏجانءِ. متان ڏهن پيپرن جو توتي بار پوي ۽ رهجي نه وڃين! مون چيو جنهن استاد مون کي تياري ڪرائي آهي، ان جو هيءُ حڪم هئو ته ڏهه ئي پرچا گڏ ڏيئي ڇڏجان. هن استاد جي نصيحت منهنجي لاءِ والد جي حڪم جيتري حيثيت ٿي رکي. شروع ۾ نافرماني ڪندس ته آئنده ڪجهه ڪونه ڪري سگهندس. انهن منهنجي جذبي کي ڏسي چيو ٺيڪ آهي. سمورا گهربل ڪاغذ ۽ سنڌي پنجين درجي جو سرٽيفڪيٽ، فوٽو ۽ فيس وٺي فارم پريم. ۽ الله جي فضل سان پهرين دفعي ئي امتحان جا ڏهه پرچا پاس ڪيم. صرف هڪ پرچي ۾ گريس مارڪون ڏئي ڪري پاس ڪيائون. ۽ هاڻي مان مئٽرڪ پاس ڪري ورتي سال 1975ع ۾ جڏهن ته جون1968ع

۾ 5 درجا پاس ڪري پڙهڻ ڇڏي ويس ڪن مجبورين جي ڪري. ۽ هن 7 سالن جي عرصي کان پوءِ اها منزل ڏانهن ويندڙ گاڏي جيڪا D_Rail تي ويئي هئي، وري واپس پٽڙيءَ تي چڙهي ۽ آهستي آهستي پنهنجي تعين ڪيل منزل طرف هلڻ لڳي.

❊

باب ٽيون

سيوهڻ واسي

منهنجو ڪٽنب

منهنجي والد صاحب جو نالو علي محمد ابڙو ولد محمد اسحاق ابڙو ولد مانجهي ابڙو هيو. بابا ڪي صرف هڪ ڀيڻ هوندي هئي ڀيو ڀاءُ ڪو سئوٽ يا ماسات ڪونہ هئس. سندس ڀيڻ جو نالو صفوره هئو. جنهن جي شادي ڪوڙي ابڙي سان ٿي جنهن کي ڪو بہ اولاد ڪونہ ٿيو.

بابا بہ شاديون ڪيون وڏي زال مان 6 پٽ ٿيا:

(1) غلام حسين ابڙو (2) غلام قادر ابڙو (3) ڪريم بخش ابڙو (4) محمد اسحاق ابڙو (5) محمد خان ابڙو (6) ڏٽي بخش ابڙو ۽ هڪ ڌيءَ عظيمہ!

ٻي زال مان، هڪ پٽ-جيڪو گذاري ويو. نياز عرف رياض ابڙو ۽ هڪ ڌيءَ سيما!

منهنجيون بہ شاديون آهن. ٻنهي مان بہ پٽڙا، علي رضا ۽ اسد رضا آهن ۽ هڪ نياٽي، شگفتہ عرف نوشي. مان پنهنجي ٻن شادين جو ذڪر پنهنجي ڪتاب حصي ٻئي ۾ ڪندس، جيڪو انتهائي اهم واقعن ۽ ذاتي تجربن بابت هوندو.

*

وري سيوهڻ ڏانهن سانباها

اسان جڏهن پنهنجي ڳوٺ ٻلهڻ کي ڇڏي سيوهڻ ۾ آياسين تہ بابا کي 6 پٽن مان ٽي جوان غلام حسين، غلام قادر، ڪريم بخش ۽ حاجي اسحاق بہ 13-14 سال جو باقي اسين 2 ڀائر مان، ڏٽي بخش ۽ ادي ننڍا هئاسين.

هن گهر ۾ اچڻ شرط اسان سان ڀڙيون ڦڏو جاءِ تان گل محمد شاهہ جي پٽ مراد شاهہ سان ڪيو ان ۾ تڪليفون ۽ ٿاڻا پوليس جا چڪر، سو بهرحال همٿ سان منهن ڏنوسين. وڏيرن جي دٻاءَ ۾ اچي انهن جي رعب ۾ اچي پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏيون يا وڙهون. سو پوئين ڳالهہ کي ترجيح ڏني. گهڻيون تڪليفون آيون. پر ڪاميابي اسان جي پلئہ پئي. علي گوهر شاهہ ولد گنبل شاهہ ۽ گل محمد شاهہ جو سالو حاجن شاهہ جو مامو ان جي پرسان ڀاءُ ڪريم بخش دڪان ورتو جيڪو علي گوهر شاهہ جي گهر جي پرسان هئو. ورتو بہ سندس عزيز کان هئوسين. جنهن جي رڪارڊ تي داخل هئو. سيد پاڙ ۾ وڙهيا تہ هن پنهنجا مريد گهرائي قبضي جي ڪوشش ڪئي. گل محمد شاهہ جو سالو هو. تنهن کي ڪير منهن ڏيندو ڪيس اندازو ڪونہ هئو تہ پنهنجو حق ڇڏڻ کان مرڻ کي ترجيح ڏيڻ اسان جو ايمان هئو اسان جا ڀائر بہ بندوقون ۽ ٻيا هٿيار جيڪي ان وقت هئا ڪڍي نڪري پياسين ۽ هوائي فائرنگ ڪئي سين. جيڪي شاهہ صاحب سان ونگاري آيا اهي ڊڄي ويا جو انهن وٽ لٺيون ۽ ڪهاڙيون هيون. اسان وٽ هڪ

رائيفل، هڪ بندوق، ٻه پسٽل ۽ لئيون. پوءِ ڪٽي جيئن اتي فائر ٿيو ته هي همراهه وٺي ڀڳا. پوليس اچي ويئي ڪاغذ ڏنائون معاملو ٽري ويو. ۽ شاهه صاحب کي شڪست آئي. پوءِ ان جو ڪيس پوليس ڪورٽ ۾ داخل ڪيوسين. جيڪو سول ميٽر هجڻ جي بنياد تي اجا پيو هلي. سول ڪورٽ فيصلو اسان جي حق ۾ ڏنو. شاهه صاحب ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ويو آهي معاملو اجا ڪورٽ ۾ آهي.

صادق علي شاهه ولد وريل شاهه سبز واريءَ سان مهاڏو

هڪ ته جڏهن والد صاحب ٻي شادي لاءِ سندس نالي ٽيل منگ ڪي ڪنيو ته اهي صادق علي شاهه جا خاص ماڻهو ۽ هاري هئا. شاهه صاحب شهر جو وڏو ماڻهو هئو. گهڻو وس هلايائين. ڪيس داخل ڪرايائين. اسين دربدر ٿياسين. سڀ وڏا روپوش هئا. امان ۽ اسين تي ننڍا ٻار بختيار پور جي پرسان ڳوٺ، ميان موتڻ وڃي رهياسين. ڇهن مهينن کان پوءِ مائي، بابا جي حق ۾ بيان ڏيڻ لاءِ راضي ٿي اچي ڪورٽ ۾ بيان ڏنو ته مون پنهنجي رضا خوشي ۽ مرضيءَ سان شادي ڪئي آهي. ايئن وڏين تڪليفن خرچن ۽ پريشانين کان پوءِ معاملو حل ٿي ويو ۽ شاهه صاحب کي ناڪامي نصيب ٿي.

غلام حسين شاهه آراضيءَ واري سان جهيڙو

سيد غلام حسين شاهه ولد جئندل شاهه آراضيءَ واريءَ جو ٿورو گهڻو ان وقت چورن ۽ لوفرن سان ٻه سهڪار هوندو هئو. ٿيو ايئن جو جيئن ئي اسين سيوهڻ واري جاءِ ۾ ويناسين ته اتي سائين مراد شاهه اسان کي اٿارڻ چاهيو مگر نه اٿاري سگهيو. پوءِ ڪجهه وقت بعد هڪ مهاجر ڪليم جا ڪاغذ ڪٽي آيو. اسان جي گهر جي پرسان ان ڪليمينٽ جو ٻيو به گهر هئو. جيڪو اسان جي گهر سان پٽ پٽ ۾ هو. گهرن جو نقشو عاليشان هئو ان وقت هڪ گهر ئي ٺهرايو هوندن ۽ وچ ۾ ٻه دروازا ڪري الڳ الڳ پورشن ڪيا هوندائون ان جي چئن طرفن کان رستا هئا ڏکڻ کان وڏو رستو جنهن طرف هينئر ٻگهيا (لوڙهائي) ٿا رهن. انهن مان هڪ ڄٽي نياز لوڙهائيءَ جي اتي جي چڪي به آهي. ۽ اهو رستو سيد غلام علي شاهه جي حويليءَ کان ٿيندو درگاهه جي اڳيان پارڪ کان نڪرندو شاهي بازار ڏانهن وڃي ٿو. ٻيو رستو اوپر کان جتي ڪنهن زماني ۾ فقيرن جي هڪ ڪافي (جتي محب فقير ان وقت گڏهن ذريعي پئسن تي پاڻي پري پهچائيندو هئو) هوندي هئي. ٽيون رستو جنهن وٽ چين مل واٽيو ۽ هڪ مهاجر رهندو هو. جنهن وري اها جاءِ عبدالمجيد ٻڙديءَ کي ڏني. ۽ چوٿين طرف نوابشاهه جي رندن جڳهه ورتي هئي. ان سان گڏ سليمان اوٺو اچي رهيو. اها ته پهريان شاڪر مهاجر جي هئي. جيڪو شهر ۾ گرمين دوران ڪلفيون وڪڻندو هئو اهي پاڻ ۾ تي پائر هئا ذاڪر، شاڪر ٽيون نالو وسريم ٿو. انهن وري اها جاءِ حاجي سليمان اوٺو جيڪو مختيار ڪار آفيس ۾ ڪلرڪ ۽ پوءِ مختيار ڪار ٿي رٽائر ٿيو ان ورتي مطلب ته چئن طرفن کان رستا ۽ گهٽيون ڪليل هوندا هئا. ليڪن هڪ ڪچين سرن جو ٺهيل گهر جنهن جي هر ديوار جي ويڪر ٽي فٽ ۽ مٿان ٽيئر گاڊر ۽ زمين اندران 500 وال ٿيندي.

سو ڪليمينٽ آيو ته هن اچي ڊمانڊ ڪئي 8000 في گهر ٻنهي گهرن جا 16 هزار روپيا! اسان

وٽ ان وقت ايترا پئسا ڪونہ هئا اها 70 عيسوي سن جي ڳالھ آهي. بابا شهر جي ڪنهن وڏي ماڻهو وٽ ويندو هو نہ ئي انهن جي حاضري ڀريندو هئو. نہ انهن جي ڪا ناجائز ڳالھ مڃيندو هئو ان ڪري هر ماڻهو پيو دل ئي دل ۾ سڙندو هو ۽ پُرندو هئو. ڪيس پنهنجو پراڻو مهربان دوست ياد آيو. اهو هئو سائين جئندل شاھ! ان ڪي چيائين تہ ٻہ جايون آهن هڪ ۾ مان ۽ ٻئي ۾ نبن سونارو ٿو رهي. ڪليمينٽ جي ڪاغذ ۾ هڪ جاءِ آهي پر هينئر ان جا ٻہ حصا آهن اوهان مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪيو تہ آئون پوءِ اهو قرض اوهان کي واپس ڪندس.

سائين جئندل شاھ چيو اهي پئسا آهن تہ گهڻا ليڪن مان ڪجھ سوچيان ٿو ان ايئن ڪر هفتي ڪانپوءِ جو وقت ڏي ڪليمينٽ کي تہ آئون انتظام ڪري ٿو وٺان.

ائين هفتي ڪان پوءِ بابا جڏهن سائين جئندل شاھ صاحب ڏانهن آراضيءَ ويو تہ هن ملاقات ڪندي ٻڌايس تہ 2 جايون آهن. هڪ ۾ تون وينو آهين ۽ ٻئي ۾ نبن سونارو ٿو رهي. سو اسين ٻنهي جاين جا پئسا پُريون ٿا هڪ ۾ توهان وينا رهو. جيستائين تو وٽ پئسا ٿين، جڏهن پئسن جو انتظام ٿئي تہ تو وارو اڌ توکي لکي ڏينداسين. چاڪاڻ تہ جاءِ ٻہ پورشن هئي. ليڪن ڪاغذن ۾ داخلا هڪ گهر جي ٿيل آهي. پوءِ بابا کي جئندل شاھ صاحب چيو تہ منهنجو وڏي پٽ غلام حسين شاھ سان صلاح مشورو ٿيو آهي 16000 هزار هاڻي ڏيانس ٿو. توهان ڪليمينٽ واري همراھ کي وٺي اچو تہ لک پڙھ ڪيون ۽ ايئن ڪليمينٽ واري کي 16000 هزار مليا ۽ هو ڪليمينٽ جا ڪاغذ ۽ ايگريمنٽ ڪري جڳھ جا ڪاغذ غلام حسين شاھ جي نالي ٿي ويا.

اهو واعدو ئي ڪهڙو جو وفا ٿئي؟

بابا، ايڏي وڏي ماڻهوءَ جي طرفان قرب ۽ عزت ملندي ڏسي هن کي دوست سمجهيو. ۽ شايد ايئن هجي بہ ڪٿي. جو بابا سائين چوندو هئو تہ آءُ جڏهن بہ ڳوٺان آراضي ويندو هئس. ڳوٺ ٻلهڻ آراضيءَ جي ڏکڻ طرف ڏيڍ ڪلو ميٽر تي آهي. تہ جئندل شاھ اوطاق ۾ رهائيندو هو. ان اوطاق ۾ رات جو سمهڻ لاءِ ٻہ ڪتون ۽ انهن تي پلا هنڌ هوندا هئا. سڄي رات ڪچهري ڪري هڪ ڪٽ تي آئون ۽ هڪ ڪٽ تي شاھ صاحب سمهندو هئو. ۽ آءُ جڏهن بہ ويس جيترو بہ رهيس تہ شاھ صاحب رات جو حويليءَ نہ ويندو هو ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن سان تعارف ايئن ڪرائيندو هئو تہ هيءُ منهنجو پڳ مٽ يار آهي. بابا کي ميان علي محمد ڪري سڏيندو هو. ڪڏهن بہ ڪو ڪم ڪار هجي تہ مون کي ضرور چوندو ڪر. بابا سائين غريب تہ هوندو هئو ليڪن خوددار ۽ انڪساري پسند هئو. ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪان پنهنجي زندگيءَ ۾ اوڌر نہ ورتائين. نہ گهريائين پر هي گهر جي ڇت جو مسئلو هئو. ان ڪري شاھ صاحب ڪان مدد جي گهر ڪيائين. ليڪن سائين غلام حسين شاھ جيڪو بابا کي هميشہ چاچا سائين ڪري ڳالهائيندو هئو. ان ڪري بابا سائين پنهنجي پراڻي تعلق کي مدنظر رکي ايئن ڪيو جي بابا ايئن وجي جئندل شاھ کي مدد لاءِ نہ چوي ها تہ ڪليمينٽ وارو جاءِ خالي ڪونہ ڪرائي سگهي ها. ڇو جو هو شهر جي ڪيترن چڱن ماڻهن، سيدن ۽ سيٺين ڏي ويو سيٺي ڪيس ايئن چيو تہ جاءِ وٺون تہ سهي پر ابڙن ڪان خالي ڪير ڪونہ ڪرائي سگهندو ان ڪري هو مجبور ٿي سڌو بابا وٽ آيو ۽ ايئن بابا جئندل شاھ جي پٽ غلام حسين شاھ جي نالي جاءِ ڪرائي ڇڏي.

جاءِ نئين محلي ۾ قلندر لعل شهباز جي مزار کان 100 گزن جي فاصلي اوله طرف آهي. هينئر ته شهر جي وڌندڙ آبادي ۽ قلندر جي پانڌيئڙن جي بي انتها رش ان جاءِ جي قيمت ڪروڙن ۾ ڪري ڇڏي آهي.

اسان جو پاڙيسري نبي بخش سونارو

شاهه صاحب ڪاغذ پنهنجي نالي ڪرائي هڪ ٻه سال ته چپ رهيو ۽ پوءِ هن نبي بخش ولد محمد صالح سونارو کي ماڻهو موڪليو ته هيءَ جاءِ اسان خريد ڪئي آهي اوهان خالي ڪريو. نبي بخش سونارو ۽ ان جو والد محمد صالح سونارو سيوهڻ شهر جو تمام وڏو سون جو واپاري هئو. ان کي ڏهاڪو کن پٽ ٿيا. سڀ اهڙا ٿيا جو سواءِ هڪ نبي بخش جي ڪنهن ٻه شادي ڪونه ڪئي. نبي بخش ٻه شادي ڪراچيءَ جي مڪراني خاندان مان ڪئي. شايد محمد صالح سندس والد جي ٻه شادي مڪرانين مان ٿيل هجي. نبي بخش کي چار پٽ ٿيا هڪ جي ان وقت شادي ٿيل هئي. اها ٻه مڪرانين مان ٿي ڏيون هڪ جو نالو نوري هئو. واقعي پنهنجي نالي وانگر خوبصورت ۽ سهڻي هئي ان جي شادي دولتپور جي پيرزادن ۾ ٿي. علي گوهر شادي ڪونه ڪئي ٻه پٽ مون کان ننڍا هئا الله بخش ۽ عبدالخالق .اهي ان ڪري ياد آهن جو گهر گهر سان گڏ هو. سو پاڻ ۾ راند ڪيڏندا هئاسين. محمد صالح جيڪو ان وقت سيوهڻ جو وڏو واپاري هو. سون جو وڏو ڪاروبار هئس. اسان جي سامهن کان اڳ ۾ گذاري ويو. ليڪن سيوهڻ ۾ ان جو ذڪر پيو هلندو هئو. پٽن مان ڪير ٻه ان هنر کي سنڀالي ڪونه سگهيو. سواءِ نبي بخش جي سو ٻه ڪامياب ڪونه ويا. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڀائرن ۾ خاندان ۾ اختلاف ۽ جهيڙا ٿيا. ڪٽو ڪٽي کان الڳ ٿي ويو. شهر ۾ ٻه ٿي ٻيون ٻه جايون هئن. مگر ڀائرن جي نا اتفاقيءَ جي ڪري تباه ٿي ويا. ۽ شهر ۾ تمام گهٽ رهيا. دربدر_ڪي ڪيڏانهن ته ڪي ڪيڏانهن ايئن سيوهڻ جو اهو وڏو سيٺ محمد صالح دنيا ڇڏي ويو ۽ سندس اولاد جي دنيا اجڙي ويئي. پوءِسندس پٽ هوٽل تي ڪم ڪندا هئا. هڪ ٻه پٽ وري تانگو هلائيندا هئا ۽ نبي بخش ٻه دل برداشته ٿي سيوهڻ ڇڏي ڪراچيءَ لڏي ويو. سيوهڻ ۾ رهندڙ سندس ڀائر مري ويا آهن ۽ جڏهن مون ڪراچيءَ اچي سندن جانچ ڪئي ته خبر پئي ته نبي بخش سيوهڻ مان ڪراچي جي ”ڪوئي“ ڳوٺ آيو اتي سندس مڪراني بلوچ عزيز رهندا هئا. ليڪن اهي ٻه غريب هئا. نبي بخش هتي اچڻ کان پوءِ جلدي گذاري ويو. هونئن ٻه سندس عمر جڏهن سيوهڻ ڇڏيائين اسي کن سال هوندي هئي. سندس هڪ ڌيءُ نوري ۽ ٻي زبيده جي، دولتپور شادي ڪرائي وئي سندس ڀائر هتي مزدوري ڪندا هئا. ٽئين ڀيڻ جميله (سپن کان ننڍي) ان ٻه ڪراچيءَ ۾ شادي ڪئي. ڪراچيءَ ۾ سيوهڻ جي عبدالعزيز منگي جيڪو ايريگيشن ۾ S.D.O هئو هن ٻه سيوهڻ جي مڪراني عورت سان شادي ڪئي هئي. صاحب اصل نصير آباد جو هئو. اتي ٻه سندس اڳ ۾ ئي هڪ شادي ٿيل هئي. ان جي هڪ ڌيءَ ڪراچيءَ ۾ بروهين ۾ ڏنل آهي. ان مائي جو مڙس ڪراچي ۾ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو. ڳوٺ جي ڇوڪري هئي، هن ڪنهن مسئلي جي ڪري رابطو ڪيو. ان ٻڌايو ته نبي بخش جي ڌيءَ جميله منهنجي پرسان رهندي آهي ان ڪيترا دفعا اوهان جو ذڪر ڪيو آهي. ساڻس ملڻ چاهين ته سڏايانس هوءَ آئي شايد ٽيهن سالن کان مٿي وقت گذري چڪو هو. هوءَ ننڍي هوندي هئي جڏهن سيوهڻ ڇڏيائين. سٺن_ائن سالن

جي هئي هاٺي وڏي مائي ٿي وئي هئي. مون چيو هيءَ اها ته نه آهي هي ڏکن جي ستايل مائي پنهنجي جواني واري سونهن وڃائي ويٺي هئي. حال هيٺان، چهرو ڪومايل، پيشانيءَ تي عجيب سواليه ريکائون! اکيون ڏرا ڏنل! جڏهن ننڍي هوندي جا قصا ۽ منهنجي سيني ڀائرن ڀيڻ ۽ ڀاڄاين جا نالا ڪنيائين ته پڪ ٿي ته اها جميله آهي. ٻڌايائين ته ڪراچي ۾ سندس والد ۽ پوءِ والده گذاري ويا. منهنجا سڀ ڀائر لعل بخش، علي گوهر، محمد صالح ۽ عبدالخالق به گذاري ويا. ڀهريان ٻئي مون کان وڏا هئا انن ڏهن سالن جو فرق هوندو پر هن ٻڌايو ته هنن جي موت کي اٽڪل 15 سال ٿي ويا. ۽ ان عرصي ۾ سڀ گذاري ويا. هُن ٻڌايو ته مون سيني جي موت تي ماتم ڪيو. هٿن سان سينگاري ڌرتيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو. سيني شاديون ڪيون غربت سدائين ساڻ رهي. ڪنهن پل به پاسو ڪونه ڇڏيائين. اسان غربت ۾ ايئن رهياسين جيئن چولي دامن جو ساٿ هجي. سو اندر وڍيو پيو آهي. ڪنهن مهل ڪنهن پاءُ جو اولاد ته ڪنهن مهل ڪنهن جو معصوم ٻار انهن جي بيماري بک بدحالي ڏسڻ کان پوءِ به تون سمجهين ته آئون اها جميلا هوندس. جيڪا ٻچپن ۾ ڪنهن ننڍي پري وانگر هوندي هئي. جنهن کي ڪا پرواه ڪونه هوندي هئي! ننڍي هوندي ماڻهو سيني ڏکن ۽ تڪليفن کان آزاد هوندو آهي. هينئر ته آئون وک وک تي ڪنهن زهريلي بلا جي ڪکيل آهيان. هاڻي ڇا هوندو مون ۾؟ هن چيو اسين سڀ پيرون آهيون جڏهن به اينديون آهن ته ڳالهين ۾ اوهان جي خاندان کي ڪڏهن به وساري نه سگهيا آهيون مون ڪيس چيو ته نوري ۽ زبي ڪيئن آهن؟ چيائين اهي خوش آهن سندن مڙس زميندار آهن اهو به چڱو جو پنهنجي اولاد سان خوش آهن سندس خاندان وارا سخت ماڻهو آهن ان ڪري ملاقات سالن ۾ ٿيندي آهي ڪنهن غم خوشيءَ ۾، نه ته نهيو هن جي هيءَ ڪهاڻي ٻڌي چپ ٿي ويس ماضيءَ ۾ موتي ويس سوچيندو رهيس ته ماڻهو ته جڏهن لڏ پلاڻ ڪندا آهن ته ڪجهه خوشحالي ايندي آهي هي ڪم ته اجا پوئتي اهو به ڪراچي شهر ۾ جتي ڏاريا پينو آيا ايئن آباد ٿي ويا جن وٽ ارين جا ڪاروبار ڪروڙن جا گهر آهن هيءَ سڀ ڪجهه ڇا آهي؟! مون موڪلائڻ مهل چيومانس ته هيءُ منهنجو فون نمبر ۽ مون لاءِ ڪو به حڪم يا ڪم هجي حال آهر حاضر آهيان. چيائين دعا ڪجان ڪا خواهش ئي ڪانه رهي آهي ڏکن ۽ تڪليفن سان ايئن ناتو جڙي ويو آهي جو هاڻي ڪا به خواهش نظر ئي ڪانه ٿي اچي جذبا ئي ختم ٿي ويا آهن پوءِ به شڪر آهي جيئان پئي. سندس شادي ٿيل آهي اولاد به اٿس ايترو پڇي ڪونه سگهيس ته جيئن جيئن پڇندو ويندس هوءَ به ڏکوري ٿيندي ۽ آءٌ به پريشان سو موڪلائي هليو ويس ۽ سوچيندو رهيس ته ڇا محمد صالح سونارو ڇا سندس اولاد ۽ ان جو اولاد! الله شل ڏکيو ڪنهن کي نه ڪري. ڳالهه ڪٿان شروع ٿي ۽ ڪيڏانهن هليو ويس!.... بهرحال غلام حسين شاهه نبي بخش کان جاءِ خالي ڪرائي. هو به سيوهڻ مان بيزار هئا ڪراچي لڏي وڃڻ لاءِ صرف شاهه صاحب کي چيائون اسان کي هڪ سال جي مهلت ڏيو اسين خالي ڪري ويندا سين پر ويا هو چند مهينن جي اندر ۽ جاءِ جو هڪ حصو شاهه صاحب کي ملي ويو.

ڪجهه وقت کان پوءِ بابا کي پئسا هٿ ٿيا ڪٺي جئندل شاهه ڏي ويو. جئندل شاهه پنهنجي پٽ کي سڏيو چيائين ميان علي محمد پئسا ڪٺي آيو آهي. پر مون ته توکي اڳ ۾ ئي چيو ته هيءُ منهنجو دوست آهي هن کي جاءِ لکي ڏي ۽ پئسا به نه آهن وٺڻا. چو ته جيڪو حصو اسان کي مليو آهي. اهو ئي لک جو آهي. پٽ جواب ڏنو ته بابا اسان ته چاچي علي محمد کي ڪجهه ڪونه چيو آهي، نه ئي پئسا گهريا آهن. اوهان جو حڪم آهي اها ملڪيت ميان علي محمد جي آهيءِ مان ڪاغذ داخلا ڪرايان. پوءِ

درخواست ڏيئي سچا نقل ڪڍايان ته چاچي کي لکي ڏيندس. ايئن پئسا ڪونه ورتائين. ڪيس راضي ٿي خوش ڪري موڪلي ڇڏيائون. ان ۾ جئندل شاهه جو لفظ لفظ سچو هئو. ان اهو ئي پئي چاهيو جيڪو چيائين، پر سندس پٽ جي اندر ۾ بي ايماني هئي. هن جي سامهون صرف پيءُ هئو باقي موقعي جي تلاش ۾ هئو ته موقعو ملندو ته پوءِ اها جاءِ ونڊداسين هالي پلي وينو هجي نالي ته اسان جي آهي.

وقت گذرندو رهيو والد صاحب ڪافي دفعا سائين جئندل شاهه ڏانهن ويندو رهيو ته سائين اسان جي زبان ٿيل هئي ته مان اوهان کي پئسا ڏيندس ته اوهان اها جاءِ منهنجي نالي ڪندؤ هاڻي ته هي سمجهه کان ڳالهه ٻاهر آهي! پر هو چوندو رهيو ته مان وينو آهيان تون فڪر نه ڪر.

اولاد جي نفسيات

اولاد ازل کان وٺي ڪي چئي دار ٿي ڪي فرمانبردار ته ڪي وري نافرمان! سو جيئن جيئن عمر وڌندي ويئي سائين جئندل شاهه به جڏهن جهونو ٿيو ته سندس نينگر غلام حسين شاهه پنهنجا پر ڏيکارڻ شروع ڪيا. هڪ دفعو ننڍو ڀاءُ ڪوڙل شاهه ساڻ ڪري سيوهڻ آيو ٿي اچي چيائون ته چاچا، هاڻي اوهان ڪوڙ رهيؤ هن جاءِ ۾ هاڻي اسان کي خالي ڪري ڏيو. بابا ناراض ٿيو ٿي چيائين ته اوهان پنهنجي پيءُ جي زبان جي لڄ ڪونه ٿا رکو پلا جي ايئن آهي ته پوءِ مان جاءِ خالي ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪريان. مون کي خبر آهي ته چورن ٿي بدمعاش ماڻهن جي توهان وٽ کوٽ ڪونه آهي آئون منهن ڏيندس. جي وڙهندؤ ته وڙهندس باقي آسانيءَ سان اوهان کي جاءِ ڪونه ڏيندس. پلي اوهان جي نالي هجي. پوءِ بابا، آخري دفعو جئندل شاهه ڏي ويو. هن چيو ته مون کي خبر آهي هو تو وٽ آيا هئا مون کين گهڻو سمجهايو ٿي چيم علائقي ۾ منهنجو نالو عزت ٿي پرم وارو آهي آئون ڪو به فيصلو ڪندو هئس ،ته ماڻهو مڃڻ لاءِ مجبور هوندا هئا. ٿي تون منهنجو پٽ ٿي ڪري منهنجو حڪم نٿو مڃين. جنهن جواب ۾ ايترو چيو ته سيوهڻ ۾ اسان جو سنو بنگلو هجڻ گهرجي. هتي جيڪي مهمان ٿا اچن انهن کي تڪليف ٿي ٿئي. چو ته سيوهڻ تعلقه هيڊ ڪوارٽر آهي. اسان جو اتي گهڻو وڃڻ ٿو ٿئي اسان اها جاءِ هن کي نه ڏينداسين. سو اهو جواب ڏنائون مون رڳو ايترو چيو ته، ”اوهان مونکي منهنجي دوست جي سامهون ڪنڌ ڪٽڻ جهڙو نه ڇڏيو آهي“. بابا اها ڳالهه ٻڌي شاهه صاحب کان موڪلائي ايترو چيو ته جاءِ خالي مان به ڪونه ڪندس، هنن کي توهان موڪل ڏيو. هيءُ جيڪو ڪندا آءٌ منهن ڏيندس، پوءِ هنن ڪورٽ ۾ جاءِ خالي ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪيو. جيڪو 1965ع ۾ داخل ڪيائون ڪيس هلندو رهيو ٿي جئندل شاهه گذاري ويو! ان وقت سيوهڻ هڪ ننڍو شهر هئو. مشڪل سان آبادي پنجن هزارن جي لڳ ڀڳ هوندي. جيڪا هاڻي هڪ اندازي مطابق هڪ لک کان مٿي آهي. چو جو ٻوڏون آيون، 1976ع ۾ ماڻهن ڪچو ڇڏي شهرن جو رخ ڪيو. ان بعد ڪافي نيون ذاتيون اچي آباد ٿيون. وري 2010ع ۾ مها ٻوڏ کان پوءِ ته شهر ۾ مختلف ماڻهو اچي آباد ٿيا آهن. هاڻي ته اسين به پاڻ کي سيوهڻ ۾ اوپرو پيا ٿا سمجهون!

آخرڪار اها جاءِ آهستي آهستي ڊهندي ويئي. ڪورٽ ۾ ڪيس جي ڪري اسين بنا اجازت ان جي مرمت ڪونه پئي ڪري سگهياسين ٿي جاءِ زبون ٿيندي ويئي. 1976ع جي برساتن ۾ هن جڳهه کي شديد نقصان ٿيو. اسان وچي آخرڪار Care ڪالوني ۾ 4 ڪوارٽر هٿ ڪري ان ۾ 8 ڪمرا

جوڙائي اوڏانهن لڏي وياسين. هيءَ جاءِ بہ وڏين برساتن ۾ آخرڪار ڪري پئي. صرف هڪ ڪمرو جيڪو ٿورو مضبوط هئو بابا ان ۾ ويهي رهيو ۽ چيائين آئون مرندس تہ جاءِ ملندن. ايئن نہ ڏيندس! اوهان پلي وڃي پنهنجن گهرن ۾ رهو. مان نہ هلندس. ان وقت بابا عمر رسيده ۽ ضعيف ٿي ويو هو. تقريبن اسي ورهين جو۔ سو اسان تہ ڪيس ڪونہ سمجهائي سگهياسين. پوءِ 1981ع ۾ وري هڪ سخت برسات پئي اهو ڪمرو جنهن ۾ بابا رهيو پيو هو ان بہ ڏار هڻڻ شروع ڪيا اسين سڀ پائر وياسين تہ ”هاڻ الله اسان کي پنهنجا گهر ڏنا آهن اوهان خالي ڪريو هاڻي جاءِ ڪانہ. زمين جو دڙو بچي آهي ٺهرائي اسين ڪونہ ٿا سگهون جو ڪورٽ جي اجازت ڪونہ ملندي باقي مٽيءَ جي ڍير کي ڇا ڪنداسين“. بابا جو چوڻ هئو تہ هي شاهہ بي ايمان ٿي پيا آهن. زبان جي پرواهہ ڪونہ ڪئي اٿن. ان ڪري مان بہ ضد ڪيو ويٺو آهيان. پوءِ بابا جي ضد پوري ڪرڻ لاءِ مان وڃي غلام حسين شاهہ سان مليس تہ سائين ڪوڙل شاهہ ۽ نذر محمد شاهہ کي ساڻ ڪري وڃي بابا کي منٿ ڪيو تہ هاڻي هو اوهان کي جاءِ خالي ڪري ڏيندو.

سائين جي ايم سيد کي دانهن

1976ع کان اڳ ۾ مان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم اڳواڻ هئس. اهو معاملو مون سائين جي ايم سيد سان ذڪر ڪيو هئو. سائين هنن کي چيو تہ مان پئسا اوهان کي وٺي ٿو ڏيان، توهان اچو تہ هن معاملي کي ٺاهي ٿا ڇڏيون. هنن سائين جي ايم سيد کي ها ڪئي، پوءِ سائين کي چيائون تہ هي اجا ساڳيا ان زماني ۾ طي ٿيل اٺ هزار ٿا ڏين جڏهن تہ هينئر جاءِ جي قيمت لک کان مٿي آهي. سائين چين تہ اوهان کي هڪ لک وٺي ٿو ڏيان جاءِ ابڙن کي لکي ڏيو. هنن ها ڪئي. سائين مون کي چيو پئسن جو انتظام ڪر، گهٽ وڌائي ۾ مان ڀڌل آهيان توهان جلدي پئسا مون وٽ ڪٺي اچو. مان پئي ڏينهن سائين کي ستر هزار ڏنا ۽ ڇيم تہ ٽيهہ هزار هڪ مهيني ۾ ڪري ونداسين. چيائين آئون هنن کي هڪ لک ڏيئي ٿو ڇڏيان جي ٿين تہ ٺيڪ آهي، جي نہ ٿين تہ بہ خير آهي. مون سندس شڪريو ادا ڪيو. پوءِ اهي پئسا سائين وٽ هڪ سال کن پيا رهيا. هو سدائين سائين سان تہ ها ڪندا هئا پر ايندا ڪونہ هئا. سو سائينءَ سان بہ ڪوڙ پئي هنيائون. هڪ دفعي تہ سائين پنهنجي وڏي پٽ امير حيدر شاهہ کي بہ موڪليو. آخر ڪافي دفعا نياپا ڪري سائين بہ بيزار ٿي مونکي چيو هي اٿئي چيڪ سامهون اٿئي بينڪ پنهنجا ڏوڪڙ ڪٽي وڃ. هيءُ غلام حسين شاهہ بي ايمان ٿي پيو آهي ڪوڙو آهي رڳو ويٺو ڏٺا ڏيئي ڪيترا دفعا ٽائيم رکي نٿو اچي. مون زندگيءَ ۾ ايترو ڪنهن کي ڪونہ چيو آهي. منهنجي نياپي تي ڪم ٿيندو آهي. پر هن ۾ تہ تمام گهٽي اميد هئي. ان ڪري توکان پئسا بہ ورتم. افسوس جو آئون تنهنجي ڪابہ مدد ڪونہ ڪري سگهيس .ليڪن ان ۾ ايترو ٿيو جو شرم کان غلام حسين شاهہ سائينءَ وٽ وڃڻ کان ڪيٻائيندو هئو. پوءِ هڪ دفعي ڪنهن فوتگيءَ ۾ ڪٺي مليا تہ سائين رڳو ايترو چيس تہ بابا جي ڪم نہ ڪرڻو هئو تہ آسرو ڇو ڏنئي؟! پوءِ نيٺ غلام حسين پنهنجي ٻن ڀائرن سان وڃي بابا سان مليو ۽ چيائونس تہ اسين هلي آيا آهيون وري بہ بابا جو دوست آهين گهر بہ ڍهي ويو آهي. هن ۾ هينئر تون رهندين تہ توکي بہ تڪليف پئي ٿيندي. هيءُ وٺ پنجويهہ هزار روپيا اسان توکي ڏيون ٿا باقي اسان کي معافي ڏي. بابا هنن ڏي نهاري ايترو چيو تہ انهن پنجويهہ

هزارن مان جئنڌل شاهه جي قبر تي وڃي قبو ٺاهيو. مون کي ڪونه گهرجن. مان وري به اوهان جي هلي اچڻ تي هيءُ گهر اوهان جي حوالي ڪيو ٿو وڃان. پوءِ اهو گهر ايئن ئي رهيو. ڇو ته واري واري سان غلام حسين شاهه، ڪوڙل شاهه ۽ نذر محمد شاهه گذاري ويا. ۽ اسان واري حصي ۾ پنهنجي زندگيءَ ۾ اوطاق ٺهندي نه ڏسي سگهيا. هاڻي سندس پٽ علي گوهر شاهه آهي، اهو ان ۾ ڪمرا ٺهرائي ميلي دوران مسافر خانو ڪيون ويٺو ڪرايو ڪمائي!.

❋

قمرالدين ڪوريجو: M.B.B.F

قمر الدين ولد علي نواز ڪوريجو-هيءُ مارڪيٽ کان مٿان شيخ محلي يا ڪانگڙي محلي ۾ رهندو هئو سندس والد ٽيپيدار هوندو هئو. مون کان عمر ۾ به يا ٽي سال وڏو هوندو هئو. قد جو ڊگهو پريل بت رنگ جو مشڪي! هلندو ايئن هئو ڄڻ سڄي شهر ۾ سندس حڪومت هجي. شروع ۾ ته مون کان برف ونڻ ايندو هئو. جو منهنجو ڊيپو مارڪيٽ ۾ هئو. پوءِ آهستي آهستي ڊيگهه وڌڻ لڳي ۽ دوست ٿي ويو. پوءِ سڄو وقت مون وٽ ڊيپوءِ تي ويٺو هوندو هئو. شام جو مان برف جا پئسا هوٽلن ۽ گاڏين وارن کان ونڻ ويندو هئس. ته هي به مون سان گڏ هلندو هئو. ڪڏهن دادو تائين برف جي ڪارخاني مان برف ونڻ مهل به گڏ هوندو هئو. ڪڏهن رات جو ٽرڪ تي ته ڪڏهن ان وقت هلندڙ ريل ڪار تي واندو ايندو ويندو هئو. سوسڄو ڏينهن گڏ هوندو هئو چرچائي، ڪلٺو ۽ جي چٽيس ته خاموش رهه ته رعب دار چهرو ٿي ويندو هئس، ڪڏهن ته خوف پيو ونندو هئو. پر دل جو صفا معصوم! سوليءَ سنڌيءَ ۾ ڇئجي ته شوباز هوندو هئو. پڙهائي ۾ صفا جڏو. 3 دفعا مئٽرڪ جي امتحان ۾ فيل ٿي پيو. ساٿس گڏ پڙهندڙ ڪلاس فيلو وڃي ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ۾ پهتا ليڪن هي همراهه اتي جو اتي. پوءِ ڪڏهن دوست پڇندا هئس ته ادا تون ڪيترو پڙهيل آهين قمرالدين جو هڪ ئي جواب هوندو هو ته M.B.B.F يعني مئٽرڪ بار بار فيل! سو هاڻي هن مايوس ٿي امتحان ڏيڻ ڇڏي ڏنو. آءٌ جڏهن حيدرآباد ويس ۽ اتي تعليم بالغان ۾ پڙهيس ۽ تياري پئي ڪيم پوءِ امتحان جو فارم پرايم ته هن کي چيم يار مان به امتحان ٿو ڏيان مئٽرڪ جو تون به فارم پراءِ ڇڏ. چيائين خوامخواه فيس جا پئسا ٿو وڃارائين! هيءُ بورڊ وارا پاڻ کي پاس ڪندا ئي ڪونه. مون زور پريو ته يار مان به ته امتحان ڏيان ٿو نه؟ يلا نه ته مون سان جوڙ ته هٽندين. گهڻي ڇوڻ کان پوءِ منهنجي ڪري ڪٽي فارم پرايائين امتحان جي فارم پرڻ کان پوءِ ٻن يا ٽن مهينن بعد امتحان جي تاريخ ايندي هئي ۽ ايئن مان به سندس اوطاق تي وڃي پڙهندو ۽ تياري ڪندو هئس ۽ هن کي به پيو چوندو هئس ته پڙهه ڪجهه مان به هن جي مدد ڪندو هئس. آخر ڪار امتحان ڏنوسين هن به ڏنو هيءُ نائون پاس هئو باقي مئٽرڪ جا پيپر رهيا هئس. امتحان ڏيئي واپس آياسين. ان وقت سينٽر دادوءَ ۾ هوندو هئو. امتحان لاءِ اتي ويٺو پيو. دادوءَ ۾ به اسڪول هئا، هڪ پائلٽ اسڪول ۽ هڪ گورنمينٽ اسڪول، سو اسان ٻنهي جا سينٽر الڳ اسڪولن ۾ لڳا. واپسيءَ ۾ چيائين ته يار تنهنجي ته خبر ڪونه آهي ليڪن آئون وري به فيل ٿيندس ڇو ته اهو منهنجو مقدر آهي. بهرحال هڪ ڏينهن خبر پئي ته صبح جو عبرت اخبار ۾ رزلٽ ايندو صبح جو پنهنجو نمبر ڏٺم ٻئي امتحان پاس ڪيم. پوءِ اخبار ۾ قمرالدين جو نمبر ڳوليم. جيڪو مونکي ياد هئو ڏٺم ته اهو نمبر پاس وارن جي لسٽ ۾ آهي. مان ايترو پنهنجي پاس ٿيڻ تي خوش نه

ٿيس جيترو هن جي پاس ٿيڻ تي خوش ٿيم. هن نه اخبار ورتي نه ان جو انتظار هئس پڪ هئس ته پاس ڪونه ٿيندو، سو خواه مخواه اخبار ڇو وٺي! ۽ گهر ستو پيو هئو. مان اخبار ڪٽي سڌو هن جي گهر ويس. سڌ ڪيم خبر پئي اڃا ستو پيو آهي. سندس وڏي ڀاءُ بشير کي چيم اٿاريس ته هو ٿورو ڪاوڙيو پر پوءِ منهن خراب ڪري وڃي چيائينس ته آيو اٿئي ابڙو توکي ٿو سڏي ـ هي اکيون مهٽيندو آيو. چيائين خير ته آهي صبح جو پنڌ پيو آهين؟! چيو مانس خوشخبري آهي ۽ مون چيو سيني کان اڳ ۾ آءٌ توکي ٻڌايان چيائين ها خبر آهي. اخبار تنهنجي هٿ ۾ آهي تون پاس ٿيو هوندين. اها تنهنجي محنت ۽ شوق آهي! جو ڀيرين ڏڪ ۾ نڪري وئين. اسان جو ته مٿو اچو ٿيو آهي پيا فيل ٿيون. هن ”تقرير“ ڪري بس ڪئي مون چيو ته مون سان گڏ تون به پاس ٿيو آهين! چيائين مذاق نه ڪر اخبار ۾ نمبر ڏيکاريو مانس چيائين هيءُ نمبر منهنجو نه آهي. پڇيم ته پوءِ ڪهڙو آهي؟ چيائين: مون کي ياد نه آهي... اڙي توکي ياد ڪونه آهي ۽ هيءُ به نه آهي ته ڪهڙو آهي تنهنجو نمبر؟ چيائين بس تون پاس ٿئين چڙ مان پاس ٿيس مون کي خوشي آهي. باقي مون کي چڙ مان مئٽرڪ پاس ڪري اهو M.B.B.F (مئٽرڪ بار بار فيل) وارو رڪارڊ ٽوڙڻ ڪونه ٿو چاهيان مطلب ته هن کي هڪ لمحي لاءِ به اعتبار ڪونه پيو اچي. آخر گهڻي بحث کان پوءِ ويو وڃي امتحان جي سلپ ڪٽي آيو نمبر اهو ئي هئو پوءِ ته ڏاڍو خوش ٿيو. ۽ وڃي پيءُ کي ننڊ مان اٿاري چيائين بابا هيءُ اخبار هيءُ سلپ مان پاس ٿي ويس توهان سدائين جهليندا هئا ته اهي ابڙا خطرناڪ ماڻهو آهن. شهر ۾ ڪنهن سان ڪونه ٽا نهن. پيرن فقيرن سان وڙهيو ويٺا آهن. انهن سان سنگت نه رک پر اڄ آءٌ پاس رڳو هن ماڻهوءَ جي ڪري ٿيو آهيان. اوهان جي راءِ هنن لاءِ ان وقت به غلط هئي اڄ به غلط آهي. هي پنهنجي مڙسيءَ سان زندگي گذارين ٿا. پيرن، ميرن ۽ رئيسن کي نٽا مڃين ان ڪري اها انهن بابت اجائي پروپئگنڊا هئي ته هي لوفر آهن. پر اڄ وقت ثابت ڪيو ته منهنجو مقدر ۽ زندگيءَ ۾ روشنيءَ جي ڪرڻي جو ڀيريون سبب منهنجو دوست! محمد خان ابڙو آهي. ۽ الله ڪيس خوش ڪري جي هن منهنجي مٿان پيپل سالن جي لعنتاٽي کي پنهنجي دوستي ۽ عزم ـ جوش ۽ ولولي سان ختم ڪري ڏيکاريو. اڄ آءٌ M.B.B.F (مئٽرڪ . بار. بار. فيل) جهڙي شرمساري کان بچي ويس.

عنايت الله سومرو : حلوائي

عنايت الله سومرو ولد حاجي ڪوڙو سومرو (جيڪو ڪوڙو حلوائيءَ نالي سان مشهور هئو) کيس به زالون هيون. وڏيءَ زال مان عنايت الله پٽ هئس ۽ ٻي شادي مان شايد ٽي پٽ ٿيس. وڏو عزيز الله، بشير احمد ۽ ٽيون محمد سومرو. اهي سڀ ”حلوائي“ سان به مشهور آهن جو مٺائيءَ جو دڪان هوندو هئن. عنايت الله، ادا غلام حسين جو دوست هئو. عنايت الله ۽ عزيز الله جون شاديون سنڌن سئوٽين سان ٿيون. ٻنهي ڀينرن ٻنهي ڀائرن سان شاديون ڪيون. فرق صرف اهو هئو جو ڀينرون سڳيون هيون ۽ ڀائر ويڳا. وڏو جوڙو ته آخر تائين خوش رهيو ليڪن ننڍو جوڙو عزيزالله ۽ سندس زال جو پاڻ ۾ اختلاف ٿي پيو مائي جو الزام هو ته هي نامرد آهي ۽ مڙس جو الزام ته هي سٺي ڪردار جي نه آهي، ان ڪري اهڙو ڪريل الزام تي هٽي، ڪير سچو ڪير ڪوڙو خبر خدا کي! پر قصور ٻنهي جو هيو ۽ هر روز گهر ۾ جهيڙا هلندا هئا سڀ هڪ گهر ۾ گڏ رهندا هئا. جهيڙن جو ايترو زور ٿيو جو آخر معاملو وڃي طلاق تي پهتو.

ايستائين سنڌن والد بہ گذاري ويو. هيءُ ٽوٽل چار ڀائر جن مان ننڍا ٽئي سڳا هجن. وڏو ويڳوا وري جو طلاق ٿي تہ ڇوڪري ڪيڏانهن وڃي؟! ڇوڪريءَ کي ڪو بہ ڀاءُ ڪونہ هئو. شادي جي ٻن ٽن سالن کان پوءِ ڇوڪرين جا ماءُ پيءُ بہ گذاري ويا. هاڻي جو ننڍيءَ پيڻ کي طلاق ملي يا ورتائين پر رهي ساڳي گهر ۾ پنهنجي پيڻ ۽ پيٽيوي وٽ. هر روز جا جهيڙا، الزام تراشيون اڳ تہ زال مڙس هئا ڪجھ الزام هڻڻ ۾ شايد احتياط بہ ڪندا هجن ليڪن هاڻي هنن جي جهيڙي جو زور وڌندو ويو هيءُ سڀ ڀائر هڪ پاسي هو هڪ ڀاءُ زال ۽ ساليءَ کي سنڀالي پيو ليڪن هنن ۾ آخر جهيڙو وڌي ويو ڀائر پاڻ ۾ وڙهيا ۽ ننڍين ڀائرن عنايت الله سنڌس زال ۽ سنڌس ساليءَ کي گهران ڪڍي ڇڏيو هنن بہ سيوهڻ ڇڏي اچي حيدرآباد جي ڪنهن علائقي ۾ جاءِ مسواڙ تي ورتي. عنايت الله سخت پريشان هئو پاڻ واچن جو ڪاريگر هئو سو وڃي ڪنهن دڪان تي ڪم ڪرڻ لڳو ليڪن پنهنجي ساليءَ جي لاءِ ڏاڍو پريشان هوندو هئو. هڪ دفعو بابا ۽ ادا غلام حسين حيدرآباد آيا ۽ هن وٽ رهيا 73ع جي آخر يا 74ع جي شروعات هجي ۽ آءٌ بہ حيدرآباد جي ڪافڪات ٽيڪسٽائل مل ۾ ڪم ڪندو هجان، ۽ شام جو پڙهندو بہ هجان. عنايت الله اچي ان کي چيو تہ مسئلو هيءُ آهي اسان جي ڀائرن جا پاڻ ۾ جهيڙا وڌي ويا آهن ۽ سنڌس ساليءَ کي طلاق ٿي ويئي آهي. اسان پاڻ ۾ وڙهيا آهيون ۽ الڳ ٿي ويا آهيون. سو ڀائر هاڻي وڌيڪ ٿا الزام هڻن منهن ڏيکارڻ جهڙو ڪونہ رهيو آهيان. ان ڪري حيدرآباد لڏي آيو آهيان. ڪهڙو منهن ڪڻي سيوهڻ رهان. ادا کي چيائين تون دوست آهين تون منهنجي مدد ڪر. ادا چيو ٻڌاءِ مون کي ڇا ڪرڻو آهي؟ چيائين عرض اهو آهي تہ سواءِ اوهان جي مون کي ڪو بہ آسرو يا سهارو نظر ڪونہ ٿو اچي. ۽ ٻيو تہ اوهان جي هاڪ بہ آهي. ماڻهو اوهان کان ڊڄن بہ ٿا ان ڪري جي ڪا گهٽ وڌ ڳالھ هوندي بہ تہ خدا کي خبر پر اوهان منهن ڏيئي ويندؤ. ادا چيس تہ پوءِ آءٌ ڇا ڪريان؟ هن چيو منهنجي سالي جي شادي پنهنجي ڪنهن ڀاءُ سان ڪراءِ. ادا ۽ بابا هن کي چيو تہ اسين پاڻ ۾ صلاح ڪري توکي ٻڌائينداسين. هوڏانهن ان باري ۾ عنايت الله پنهنجي زال کي اعتماد ۾ ورتو. پر سنڌس ساليءَ کي ڪا بہ خبر ڪونہ هجي! ادا جي ڀائرن ۾ ادا غلام حسين ۽ غلام قادر جي شادي ٿيل هجي باقي ڪريم بخش جي عمر 26 سال ۽ محمد اسحاق جي عمر 24 سال هئي، وچ ۾ پينرون هيون.منهنجي عمر 18 سال ۽ ڏٽي بخش جي عمر 15 سال هجي شايد اجا بہ ننڍو هجي. اسحاق جي مڱڻي ٿيل هجي. باقي ڪريم بخش ۽ - آءٌ سو ڪريم بخش تہ ڏنو جواب باقي بچيس مان سو بابا ۽ ادا مون کي زور ڀريو پر مان خاموش رهيس. ڪريم بخش چيو هيءُ اجا ٻي سمجھ نوجوان آهي. هوءَ مائي عمر ۾ هن کان 6_7 سال وڏي ٿيندي مڙس سان ڪونہ نهي ۽ طلاق ورتائين، الائي ڪهڙا قصا پيا ٻڌائين، هيءُ ان کي ڪيئن سنڀالي سگهندو؟ بابا چيو هي راضي ٿئي شادي ڪري پوءِ اسان جي گهر ۾ پهچي پوءِ ڏسي وٺنداسين. ادا غلام حسين ۽ بابا کي وڏو شوق هجي تہ اها مائي جيڪا هيءُ نٿا سنڀالي سگهن اسين جهلي ڏيکارينداسين. هيڏانهن مان پنهنجي والد صاحب ۽ ادا غلام حسين جي سامهون ڪو بحث ڪو ضد ۽ ڪو جواب نہ ڏيئي سگهندو هئس. اهي ڳالهيون هلنديون رهيون.

هڪ نئين مصيبت

مان سوچيندو رهيس تہ مون مس مس محنت ڪري امتحان جي تياري ڪئي آهي. جيڪا زندگي

منهنجي مائٽن والدين جي بي توجهيءَ سبب تباهہ ٿي مان پنهنجي شوق، محنت ۽ جدوجهد سان منزل طرف وڌي رهيو هجان. منزل نظر اچي رهي هجي، سڄو ڏينهن انگلش جي گرامر سکڻ ۽ ڪورس ڪرڻ ۾ پئي گذاريم. هاڻي جو اهڙي مصيبت ڳچيءَ ۾ پئي تہ مان وري پٽڪي ويندس. وري الائي ڪهڙا ڪهڙا ڏکا ڪاٺا پوندا مطلب اهڙيون ڪيئي ڳالهيون ۽ خيال دماغ ۾ پيا ڦرندا هئا. پڙهائيءَ جي شوق ۾ ڇهري ۾ چمڪ آئي ۽ ايئن لڳي رهيو هجي تہ وچ سمنڊ ۾ بنا سهاري بيٺو آهيان. ڪناري جي ڪا خبر ئي ڪونہ آهي تہ ڪيڏانهن وڃان.انهن سوچن ۾ پيو گم رهندو هئس. ليڪن بابا ۽ ياءُ کي چيم تہ جيئن اوهان جي مرضي. ماڻهن کي شادي جو ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي. صرف اهي اختلاف رکندا آهن يا انڪار ڪندا آهن جن جي ڪٿي ٻئي هنڌ ڪا اک اڙيل هوندي آهي يا عشق هوندو آهي. مون سان تہ اها بہ ڪيفيت ڪونہ هئي. منهنجي زندگيءَ جي انهن سيني بهارن ۾ ڪابہ تہ اهڙي ڪونہ هئي جيڪا منهنجي خوابن جي راڻي هجي، جنهن کان جدا ٿيندو هجان! پوءِ ايترو پريشان ڇو؟ –هائو ان ڪري تہ منهنجي عشق جي منزل منهنجي تعليم ۽ تعليم پرائڻ کان پوءِ سنڌ ۽ ان جي ماڻهن سان هئي. منهنجي خيالن ۾ عشق جي منزل علم، سنڌ ۽ سنڌي قوم هئي. شايد اهي خواهشون ايتريون تہ حسين هيون جو شاديءَ جو سوچيو بہ ڪونہ هئم. سو مون کي شاديءَ کان پوءِ منهنجي منزل نظر نہ پئي آئي ۽ خيال ڏنڌلا ٿيندا پئي نظر آيا.

هوڏانهن وري اها بہ خبر پئي تہ مائي شادي ڪرڻ لاءِ راضي نہ هجي. قصو تہ خبر نہ آهي ڇا هجي هاڻي وري سالي ۽ پيڻوي جا جهيڙا،هڪ دفعي ڪجهہ مهينن کان پوءِ وري عنايت الله سومرو بابا ۽ ادا سان ملڻ آيو ۽ ٻڌايائين تہ مان ڏاڍو تنگ ٿي پيو آهيان توهان تہ ونڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو. هاڻي ڇوڪري راضي ڪونہ ٿي ٿئي. بس هاڻي مان تہ ڏک هٽي ڇوڪريءَ کي ٿو ماريان يا مان پاڻ خودڪشي ڪندس. پنيان وڃي پاڻ جاڻن! ادا ڪيس چيو ڇوڪريءَ کي هيستائين وني اچو تہ ڪو حيلو بهانو ڪري پيڻ کي بہ وني اچ هتي اسين نڪاح خوان گهرائي زبردستي ٿا نڪاح وجهون پوءِ تون آجو آهين. توهان پلي هليا وڃجو اسين ڄاڻون تہ اسان جو ڪم! پلي جنهن کي زور لڳائڻو آهي لڳائي. هن پروگرام ترتيب ڏنو ۽ ٽائيم ۽ وقت مقرر ڪري هليو ويو. بابا وارن شهر مان منهنجي لاءِ ڪپڙا، بوٽ وغيره وني تياري ڪري ڇڏي! پنيان ڳوٺ ۾ امان ۽ اديون يا ڀين يائرن کي ڪابہ خبر نہ هجي بس نڪاح ڪرڻو آهي اهو بہ زور ۽ زبردستيءَ سان. اهي سڀ معاملا طي ٿيا تہ پوءِ ڪريم بخش، بابا ۽ ادا کي چيو تہ هيءُ معصوم ان بلا کي ڪيئن منهن ڏيندو؟ جيڪا طلاق يافتہ بہ هجي ۽ وري نڪاح لاءِ راضي بہ نہ آهي، سو اوهان تہ هن سان نسورو ظلم ٿا ڪريو. ڏسو ڪونہ ٿا شڪل ئي وسامي ويئي اٿس. هرويرو اوهان کي ضد آهي تہ پوءِ...! ايئن چئي وري رڪجي ويو ۽ مون کي مخاطب ٿي چيائين بابا ۽ ادا تہ اهڙا رشتا ڳولي شوق سان پيا ڪندا آهن هيءُ مائي توکي ٿا وني ڏين جو مون انڪار ڪيو هئو هاڻي تون ٻڌاءِ جي شوق اٿئي تہ نيڪ آهي نہ تہ آءٌ ٿو قرباني ڏيان توکي ان آزاهہ ۾ ڪونہ ٿو وجهان هنن جو ضد آهي تہ پوءِ آءٌ پاڻ ٿو ان مائي کي منهن ڏيان ۽ سنڀاليان.

ڪريم بخش جي ايئن چوڻ سان منهنجو وساميل چهرو وري نين اميدن سان ٻري پيو. منهنجو من مهڪي پيو ۽ مون يڪدم ياءُ جا ٿورا مڃيا. هيءُ ڪم هوندن بہ منهنجي وس جو ڪونہ هئو. پيو تہ آءٌ ڪنهن منزل جي تلاش ۾ ڏينهن رات محنت پيو ڪيان.

عورت جو انتقامي مزاج

مقرر وقت تي عنايت الله، سندس زال ۽ سالي اسان جي ڪچي قلعي واري جاءِ ۾ آيا. ٻه گواهه ۽ نڪاح خوان به اچي نڪتو. پهرين ته مائيءَ انڪار ڪيو ليڪن هن ڪي هار مٽي پئي ۽ نه چاهيندي به نڪاح نامي تي صحيح به ڪيائين ۽ آڱوٺو به هنيائين. ۽ اهڙي ريت اها ڇوڪري جيڪا منهنجي زال ٿيندي ٿيندي منهنجي ڀاڄائي ٿي ويئي. سندس پهرين مڙس کي جڏهن اها خبر پئي ته منهنجي اڪوٽي زال جو رشتو ابڙن ۾ ٿيو آهي ته ڪاوڙ ۽ غيرت جاڳي پيس! هن چيو ته آءٌ ابڙن کي ڪونه ڇڏيندس. اها به خبر پيس ته ڇوڪري به راضي ڪونه هئي عنايت الله اهو زبردستي رشتو ڪيو آهي! پوءِ هنن گهٽيون دانهون، ڪوڪون ڪيون. پر ورين ڪجهه ڪونه. ان مائي کي هاٽي تي پٽ ۽ چار نياٽيون آهن. ماشاءَ الله سڀ جوان جماڻ آهن. پر مائيءَ ڪاريهر واري نانگ وانگر پنهنجي دل ۾ زهر ڀري رکيو. پهرين ته مڙس کي پنهنجو ڪيائين. هاٽي ڪريم بخش جيڪو سڄي سيوهڻ ۾ سرڪش ۽ جهيڙي باز طور مشهور هيو. حيدرآباد ۾ جيترو وقت رهيو جهيڙا ۽ ڦڏا ڪندو رهيو ڏاڍو ماڻهن کي ماريائين، ڏاڍيون مارون کاڌائين. سندس مٿي ۾ ڪيترا گهاءُ به آيل آهن. بعد ۾ اهو ڪريم بخش ڄاٽي واٽي يا ڪنهن حڪمتِ عملي تحت زال جي چوڻ تي لڳي ويو ۽ اسان سيني ڀائرن، ڀينرن ۽ ماءُ پيءُ کي ڇڏي ڏنائين نه ڪائڻ پيئڻ نه مرڻو نه پرڻو ڪاٽي مليو ته رسمي دعا سلام نه ته بس. پر پوءِ جڏهن اولاد جوان ٿيو ته انهن ۾ مائيءَ اهڙو زهر ڀريو جو سواءِ منهنجي ڪير به ڪنهن سان نه ڳالهائيندو هئو. ڪريم بخش ۽ سندس ڪٽنب انهن ڪٺن حالتن جي باوجود مون سان دعا سلام ۽ ڏک سک ۾ لڪي ڇپيو حال اوريندو هئو. سندس ملڪ کان ٻاهر رهڻ دوران ڪنهن گهر ڀاتيءَ کي ڪا بيماري وغيره جي تڪليف هوندي هئي ته مون سان رابطي ۾ هوندو هئو. مان سندس ۽ ڪٽنب جو پورو خيال رکندو هئس. وس آهر علاج وغيره ڪرائيندو هئس ۽ ڪريم بخش به ان دوران بابا ۽ امان کي حج به ڪرايو هئو. مان اهو به واضح ڪندو هلان ته مان سموري خاندان ۾ اڄان تائين رابطي جو ذريعو رهيو آهيان. سڄو خاندان هڪٻئي سان پلي نه ڳالهائي ليڪن مون سان سڀ ٺيڪ هوندا آهن.

اهو وري قصو اڃا اڳتي ايندو. مگر مائي سان جيڪا زبردستي سندس پيٽوئي سوٽ ۽ ادا ۽ بابا ڪئي ان جو انتقام هن ايئن ورتو جو اسان جو همراهه ٿي اسان مان ڪنهنجو ڪونه رهيو. هينئر خوش آهي پاڻ ٽن پٽن سميت سعودي ۾ آهي جتي پٽن سميت ڪمائي ٿو. پر ماءُ پيءُ ڀائر ۽ ڀينرن جي سار هن ڪڏهن به ڪونه لڌي آهي. اها مائي اسان جي خاندان ۾ آئي ۽ اسان جي خاندان جي مضبوط عمارت مان پهرين سر سرڪي ويئي. ڇو ته اسان جي ڀائرن جي ٻڌيءَ جو مثال سڄي تر ۾ مشهور هئو. جي ڪو ماڻهو ڪنهن هڪ ڀاءُ سان ڪا بدتميزي ڪندو هئو ته سڀ ڀائر گڏجي مخالف جي خاطر تواضع ڪندا هئاسين. ايئن ڪير جرئت ڪونه ڪندو هئو ته اسان سان ڪو مڳي ڪري سگهي. هڪ گهر گڏ، ڪائڻ پيئڻ گڏ، ڏک سک سڀ ڪجهه گڏ هئو. ٻن ڳُڻين ڇاڙهڻ جو تصور ئي ڪونه هوندو هئو. هاٽي پهرين ٻن وڏن شادي ڪئي. هاٽي ٽئين جي به شادي ٿي. آهستي آهستي سيني کي ٻار به پيدا ٿيڻ شروع ٿيا هن وقت تائين جيڪي 3 مايون اسان جي گهر ۾ آيون انهن مان هڪ ڀاءُ، ٻگهين مان شادي ڪئي، ڇو ته اسان جي ماءُ به ٻگهين مان هئي- جيڪي سيوهڻ ۾ جڏهن ڪنهن

ڪڇي واري علائقي مان لڏي آيا ته هنن پنهنجن گهرن جي چوڌاري ديوار جي جاءِ تي وڏا لوڙها هڻي ڇڏيا. جو ماڻهو اڻ تي به چڙهي لگهندو هئو ته نظر نه پوندي هئي. ان ڪري شهر جا ماڻهو ڪين لوڙهائي ذات ڪري سڏيندا هئا ۽ اڄ اهي شهر ۾ لوڙهائي سان مشهور آهن. سنڌن نئين نسل ڪان ته شايد ذات به وسري ويئي هجي ۽ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ به ذات وارين خاني ۾ لوڙهائي لکيل آهي. ٻئي نمبر ياءُ جي شادي ابڙن مان. ٽئين نمبر جي شادي سومرن مان جن جا مائٽ واڍڪو ڪم ڪندا هئا ۽ سنڌن چاچا حلوائي جو ڪم ڪندا هئا. چاڪاڻ ته اها پهرين عورت اسان جي گهر ۾ آئي جيڪا ڏاري هجي ٻگهيا ته امان جي حوالي سان مائٽ ٿيا. ابڙا به پنهنجا ٿيا جو بابا جا مائٽ هئا. هاڻي هڪ ڏاري مائي آئي ته آهستي آهستي ٻار ٻچي تان مايون پاڻ ۾ پيون وڙهنديون هيون. ڇو ته ان مائي جي شاديءَ ڪان پوءِ اسان جي گهر مان ڪنهن به مائي کي ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڪونه هئي. ايتري قدر جو پاڙي جي ڪا مائي به اسان وٽ ڪانه ايندي هئي. جو اسان ان قسم جا مراسم ئي ڪونه رکندا هئاسين. هرڪو پنهنجي گهر خوش! ٻار ٻچي جي ڪري ماين جو جهيڙو ۽ بابا جي ٻي شاديءَ ڪان پوءِ امان ۽ ماسيءَ جو جهيڙو به هنن ماين کي ڏسي شروع ٿي ويو ۽ آهستي آهستي اها ڪِر ڪِر ۽ ڪروڌ شروع ٿيو ۽ مضبوط بنيادن تي ٻڌل عمارت ۾ ڏار پوڻ لڳا. هونئن به دنيا جي قومن ۽ قبيلن ۽ خاندانن جي ڪمزوري تباهي جي شروعات سنڌن قوم جي فردن، قبيلي جي فردن ۽ خاندان جي فردن ڪان شروع ٿيندي آهي ۽ آخر ۾ وڃي نثار بزميءَ چواڻي اها ڪيفيت ٿيڻ لڳندي آهي ته:

ڀڳا ڏار ڳيرا اڏاڻا هليا ويا

پرين، پيچ ڪولي پراڻا هليا ويا

قومن جي تباهيءَ جا ڪارڻ: هڪ واقعو!

سنڌي قوم جي تاريخ تي نظر وجهبي ته اهڙا اوهان کي ڪيترا مثال ملندا. مان مثال طور صرف هڪ واقعو عرض ڪندو هلان، جيڪو لڳ ڀڳ منهنجي ڄمڻ ڪان نوَ سال اڳ جو آهي ته هندستان جي آزاديءَ جي جنگ ۾ انگريزن کي هتان وڃڻو پيو ۽ دنيا ۾ مذهب جي بنياد تي برصغير جا به ڀاڱا ڪيا ويا. جدوجهد ته برصغير جي ماڻهن جي هئي ليڪن ان ۾ منصوبو انگريزن جو هئو. انگريزن ڏٺو ته ملڪ ته ڇڏي ٿا وڃون پر آزادي اهڙي ڏيو وڃون جو هتان جا ماڻهو ان نام نهاد آزاديءَ ڪان پوءِ به اسان جي مسلط ڪيل غلاميءَ واري دؤر کي ياد رکن. هنن منصوبو ناهيو. بيدار نظر ۽ روشن دل اڳواڻ ڪان سواءِ ڪيترائي هندو سک، مسلمان، سنڌن ورهاڱي واري منصوبي جي ور چڙهيا ۽ سنڌن منصوبي تحت ڪين تقسيم ڪري ڇڏيائون. هيءُ عقل جا انڌا ملڪ جي حڪمراني ڪرڻ جي چڪر ۾ پنهنجي هوش حواس کي ڇڏي تڪڙ ۾ وڃي ملڪ جا حڪمران ٿيا. مسلمانن جي علائقي کي پاڪستان جنهن ۾ سنڌ، پنجاب، بنگال، سرحد ۽ بلوچستان جيڪي سرحدي طرح هڪ ٻئي سان جڙيل هئا سواءِ بنگال جي جيڪو هتان هڪ هزار ميل پري سو به ساموندي سرحد سان مليل باقي اچ وڃ جو ڪو به زميني انتظام ڪونه هئو. نه ساموندي ٻيڙا ۽ هوائي جهاز سو اهي ٿا ملڪ ناهين! نيٺ بنيادي تضادن سبب پاڪستان به ٽڪرا ٿي ويو. باقي بچيل پاڪستان جي به صورتحال تسلي بخش ڪونه آهي! موهن داس

گانڌي آزاديءَ کان پوءِ پنهنجن جي هٿان قتل ٿي ويو! مجيب الرحمان کي آزاديءَ کان پوءِ بنگالين قتل ڪيو. قائد اعظم کي آزادي کان پوءِ پنهنجن ئي تڙپائي تڙپائي ماريو ۽ اسپتال پهچائڻ واري ايمبولينس کي رستي تي خراب ڪري بيهاري ڇڏيائون تہ اتي ئي هيءُ جهان ڇڏيائين ايئن ٿا ملڪ آزاد ٿين! اڳواڻن جو حشر دنيا ڏٺو! هندستان مان مسلمان، الله ۽ رسول جي نالي هٿن ۾ قرآن کڻي اسلام جي نالي تي قائم ڪيل ملڪ ۾ آيا جيڪي دلال، لوفر، پينو ۽ روپوش هئا اهي ٻار ٻچا وٺي لاهور پهتا. پنجابين کين پادر بہ هنيا ۽ ڌڪڻ طرف اشارو ڪري چيو پاڪستان اڳيان اٿوَ. هنن کي خبر هئي تہ رولاڪ ماڻهو اسلام جي نالي اسان جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪندا. پنجابي دور انديش هئا هنن کي پڄائي ڪڍيائون. اسان جا وڏڙا وري انهن لاءِ هر ٽيشن تي پٽ جون ديڳيون، مانيون، ٻوڙ پلاءَ ۽ پاڻيءَ جون سبيلون هنيون وينا هئا. جن کي هندستان ۾ هڪ وقت جي ماني پنندي ڪانہ ملندي هئي. هتي انهن جي مهمان نوازيءَ ۾ اسان جي قوم ۽ ان ۾ رهندڙ قبيلا هڪ ٻئي کان بازي کڻڻ ۾ لڳي ويا. اسان جا مسلمان پائر عورتن جي عزت ڪرڻ، پنهنجي ٻارڙن جي حقن مان حصو ڏيڻ، کين رهڻ لاءِ هندن جا خالي ڪيل گهر ڏيڻ، پلاٽ ڏيڻ، روزگار ڏيڻ ۽ وڏي ڳالهہ تہ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي بندرگاهہ واري ڪراچيءَ جو شهر حوالي ڪري ڏنو پوءِ هر هڪ پاڳوڙي پنهنجي عزيزن کي سڏايو تہ وارو ڪيو جيترا اچي ٿا سگهو اچو. هيءُ پاڳوڙا پنهنجي ڌرتيءَ سان تہ وفا نہ ڪري سگهيا، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي، پنهنجو ڪلچر ڇڏي ايئن وساريائون جو ڄڻ هنن ان ڌرتيءَ تي جنم وٺي وڏي غلطي ڪئي هجي. اچي هتي والار ڪيائون. اڄ اهي احسان فراموش ان خلوص، محبت ۽ پيار جي عيوض اسان سنڌين جا مالڪ ٿيو وينا آهن. شهرن تي نوڪرين، روزگارن تي سندن قبضا وري الٽو هتان جي اصلي رهواسين کي ٻئي درجي جو شهري ٿا سمجهن. پاڻ کي اعليٰ نسل ٿا سمجهن. اڃا تائين هنن کي سنڌ ڌرتي جي ٻولي ڳالهائيندي شرم ٿو اچي. هيءُ سدائين ان چڪر ۾ آهن تہ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان سنڌين کي ڪيئن ڪڍي ڦٽو ڪجي؟ هُل هنگاما ڪري اسان جي نوجوان سنڌين جا لاش ٻوريءَ ۾ بند ڪري ڳوٺن ۾ روانا ڪندا رهيا ۽ اسان جي وڏن جن بي علمي ۽ ڪم عقليءَ جي ڪري هنن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ان جي بدلي هنن جيڪي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا قتل، اقتصادي ڦرلٽ ۽ ثقافتي حملا ڪيا آهن اهي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهن. اڳتي ڇا ٿو ٿئي اهو وقت ٻڌائيندو ڇو جو هيءُ ڪڏهن وڙهن ٿا، تہ ڪڏهن اجرڪ ۽ ٽوپي پائي منافقن وانگر پنهنجو اصلي روپ لڪائين پيا هتان جي ابوجهہ ماڻهن کي بيوقوف پيا بڻائين!.

مون مٿيون ذڪر ان ڪري ڪيو آهي تہ قومن جي تباهيءَ جا سبب قومي اڳواڻن جي نااهليءَ جي ڪري ٿيندا آهن هاڻي تہ اسان جي وجود کي بہ خطري وڪوڙيو آهي. هنن پاڳوڙن جو نئون نسل جيڪو هاڻي جوان ٿي چڪو آهي وڌو خطرناڪ آهي.هنن جو قائد الطاف حسين• هتان جي ماڻهن کي اهو درس ڏيئي رهيو آهي تہ هتان جا 2 سيڪڙو وڏيرا، جاگيردار، چوڌري، خان، 98 سيڪڙو ماڻهن تي قبضو ڪيو وينا آهن. هيءُ صاحب پاڻ کي واحد نمائندو سڏائي، 98 سيڪڙو عوام جون ۽ انقلاب جون پيو ڳالهيون ڪري. اهو بحث سڄي ملڪ ۾ هلي پيو. آءُ هتي رڳو هڪڙي ڳالهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ اهو 98 سيڪڙو جو واحد نمائندو جيڪو لنڊن ۾ خرچ پيو ڪري. اهو هڪ اندازي مطابق ايترو آهي جو سنڌ جا وڏا جاگيردار غلام مرتضيٰ جتوئي، ٻيون ممتاز علي ڀٽي، ٽيون پير سائين پاڳارو،

• هي ڪتاب، مصنف موجوده سال 2020ع کان اٽڪل 10 ورهيہ اڳ لکيو آهي. هن وقت ايم ڪيو ايم، پنهنجي باني قائد، الطاف حسين سميت قدرت جي قانونِ مڪافات عمل تحت پنهنجي منطقي انجام تائين پهچي چڪي آهي. ايڊيٽر

چوٿون آصف علي زرداري، پنجون علي گوهر ۽ علي محمد مهر، ڇهون ملڪ اسد سڪندر، ستون نواب غيبي خان چانڊيو وغيره جي سالياني آمدني ملائجي ته قائد جي هڪ مهيني جو خرچ آهي. سندس لنڊن ۾ عاليشان گهر، عاليشان سيڪريٽريٽ سال ۾ هڪ ارب روپين کان وڌيڪ ٽيليفون خطاب جو بل، سيڪريٽريٽ ۾ به سؤ ماڻهو پنجاهه سيڪيورٽي گارڊ اوهان اندازو لڳايو ته لنڊن ۾ جي هڪ ماڻهو رڳو گهمڻ وڃي ۽ اڪيلو صرف هڪ مهينو رهي ته هن جو ڏهه هزار پائونڊ خرچ ايندو آهي، ان ۾ ڪابه عياشي شامل ڪونه آهي صرف سادو هوٽل، سادو کاڌو ۽ تاريخي هنڌ ڏسڻ ۽ قناعت سان ايترو خرچ ٿئي ٿو! ڏهه هزار پائونڊ کي ضرب ڪيو 146 سان ته اندازن هڪ مهيني ۾ صرف لنڊن ڏسڻ جو خرچ پاڪستاني روپين ۾ 15 لک ٿئي ٿو. اڃا وڌيڪ هي 250 ماڻهن سان هيڏي وڏي عياشيءَ ۾ رهي رهيو آهي. جيڪو خرچ شايد ڪنهن ملڪ جو حڪمران نٿو برداشت ڪري سگهي. هتان هن ملڪ مان وزير اعظم يا صدر صرف ٿي ڏينهن جي سرڪاري دوري لاءِ جي به سؤ ماڻهن جو وفد وٺي ٿا وڃن ته اخبارن ۾ واويلا مچي ويندي آهي ته سرڪاري خزاني مان به سؤ ماڻهن تي پنجويهه ڪروڙ خرچ اچي ويو. ته پوءِ ڪو حساب جو ماهر ادائي سؤ ماڻهن جي سيڪريٽريٽ سسٽم، ٽيليفونڪ خطاب، مهمان نوازي دهشتگردي لاءِ استعمال ٿيندڙ ماڻهن ۾ پئسا ڏيڻ ۽ ڪيتريون ٻيون شيون مون کي سال جو خرچ ٻڌايو ته ڇا ٿيڻ گهرجي؟ 98 سيڪڙو عوام جو واحد نمائندو جيڪو ماڻهن کي وڏيرن جاگيردارن سرمائيدارن، چوڌرين مان جند ڇڏائي سچو ڪجهه اڪيلو ڳڙڪائڻ ٿو چاهي. سندن چاڙتن کان جڏهن ان خرچ جي باري ۾ حساب پڇبو ته چوندا ته اسان کي پارٽي جا ميمبر چندو ٿا ڏين!

اسان سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو چڱي طرح ٿا ڄاڻون ته هنن جو چندو ته پتو ڦرون، ماڻهن جو اغوا يا اغوا جون ڌمڪيون يا جيڪو هر مهيني نه ڏيندو ته پوءِ ان جو انجام موت هوندو آهي. اهي ذريعا آهن هنن دهشتگردن جي آمدنيءَ جا. مان چيلينج ٿو ڪريان ته اسان جي سنڌ جي سيني وڏيرن، زميندارن ۽ جاگيردارن جي سموري سال جي سنڌ جي زرعي آمدني جي ڪل آمدنيءَ کان وڌيڪ هنن جي قائد الطاف حسين جي ذاتي خرچ تي مشتمل آهي ۽ هو هليو آهي انقلاب جون ڳالهيون ڪرڻ! فيصلو مؤرخ، اقتصاديات جي ماهرن ۽ هتان جي ابوجهه عوام تي آهي ته هيءُ ڪن ڇا پيا ۽ ڪندا ڇا؟ ڳالهه ڪٿان شروع ٿي ۽ ڪاٿي پهتي هنن تي ڪيترو لکبو اهو ڪم سنڌ جي تاريخ دانن جو آهي. مون صرف ايترو پئي چيو ته قومن، قبيلن ۽ خاندانن جي تباهي ۽ بربادي جو سبب انهن جي فردن جي غلطين جي ڪري ٿيندو آهي. جي قوم متحد هجي ته ظالم قابض ڇو ٿين؟ قبيلا متحد هجن ته ٻين جا غلام ڇو ٿين؟ ۽ خاندان متحد هجن ته هنن جي طاقت ڪير به نٿو ٽوڙي سگهي. ليڪن تاريخ ۾ ايئن ٿيندو آهي ۽ ٿيندو رهندو ڇو ته جڳ جو چرخو ايامن کان ايئن ئي هلندو پيو اچي.

عبدالحميد شيخ

ڪرنل ڊاڪٽر جيڪو هاڻ رٽائرڊ ٿي ويو آهي، هن جو مڪمل نالو عبدالحميد شيخ ولد ولي محمد شيخ آهي. سندس والد جو شاهي بازار سيوهڻ ۾ تمام وڏو سيڌي جو دڪان هو. هنن جو ڪٽنب چئن ڀائرن ۽ ستن ڀينرن تي مشتمل آهي. سندن دڪان کي گهٽو ڪري سندس والد سان گڏ سندن سڳو سئوٽ، گل حسن شيخ ـ جيڪو سندن وڏي ڀيڻ پرٽيل آهي، اهو سنڀاليندو هئو. حميد شيخ

منهنجي ننڍپڻ جو دوست هئو. پاڻ انٽر پاس ڪيائين. ليڪن مارڪون گهٽ هيس. ان ڪري وري ٻئي سال امتحان ڏيئي وڃي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ M.B.B.S ۾ داخلا ورتائين. سيوهڻ ۾ جيستائين هئو اسان جي گپ شپ رهندي هئي. هيءُ عمر ۾ مون کان پنج سال وڏو هئو. مون سان مجبوري اها هئي تہ مون جيترو يا مون کان ننڍو منهنجو دوست نہ ٿي سگهندو هئو. جي اهڙي ڪنهن دوستي رکي تہ سندس مائٽ ان لاءِ عذاب برپا ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ ڪجھ وڏي عمر جا دوست ملي ويندا هئا. هيءُ صاحب ڏاڍن ڏکن ۽ ڏولاون ۾ پڙهيو. دڪان سندس سئوٽ ۽ ننڍي ڀاءُ نياز حسين جي حوالي ٿيو. ليڪن حساب ڪتاب گل حسن شيخ جي حوالي هوندو هئو. جيڪو جهڙوڪر سڄي گهر جو رکوالو هئو. هن جي والد کي بہ گهر هئا. هڪ ۾ هيءُ سڀ ڀائر ڀينر رهندا هئا. هڪ گهر سندس سئوٽ گل حسن ۽ وڏي ڀيڻ جي حوالي هوندو هئو. سندن والد ولي محمد. سيوهڻ شهر جو انتهائي معززءِ قابل احترام شخصيت جو مالڪ هوندو هئو. سيوهڻ جو خوشحال خاندان هوندو هئو. شهر جا اڪثر ماڻهو زميندار ۽ سيد. پير. فقير هن جي دڪان جي ڪري سندس قرضي هوندا هئا ۽ اوڌر تي پيا راشن گهرائيندا هئا. آخر ۾ ڪيترا ماڻهو هنن جا ڏوڪڙ کائي بہ ويا. هِنن جووالد صاحب تمام شفيق ماڻهو. گهٽ ڳالهائيندڙ. انتهائي خوبصورت صفا پناڻ پيو لڳندو هئو. نشي پتي جو شوقين هئو. جنهن ۾ شراب ۽ آفيم شامل آهي. ان ڪري اڪثر بيمار رهڻ لڳوءِ ڪاروبار وڃي ٿيو سندن سئوٽ جي نالي. گل حسن کي شهر جا ماڻهو ادا گلو يا مذاق ۽ پيار ۾ گلو ڪتو ڪري چوندا هئا. ان ڪري جو سڄو ڏينهن پيو چاڙي هڻندو هئو. پوءِ ماڻهو بہ استاد جي سامهون ادا گلو پرپٺ گلو ڪتو سڏبو هئو.

عبدالحميد شيخ ميڊيڪل ۾ پڙهڻ ويو. حميد جي ننڍي هوندي ئي شادي ٿي. هو ان وقت اڃا مئٽرڪ ۾ هئو. تہ سيوهڻ جي ڳوٺ جان محمد پتيءَ جي پٽين سان هنن جي ڏي وٺ جي مائٽي ٿي. هن پنهنجون وڏيون ڀينرون پٽن کي ڏنيون. هڪ الله بخش پتو جيڪو ريڊيو ٺاهڻ جو مستري هئو ان کي ۽ ٻئي نمبر ڀيڻ عنايت الله پتي کي جيڪو M.S.C ڪيمسٽري پاس ڪري ليڪچرار ٿيو هئو. پوءِ جلد سنڌ لوڪل گورنمينٽ جو ان وقت ڪو-ائڊمنسٽريٽو ڪورس هئو امتحان ڏيئي پاس ڪيائين ۽ لوڪل گورنمينٽ ۾ ملازمت ڪيائين. پوءِ هو ان ۾ وڏو آفيسر ٿي ويو ان کي ڏنائون. ان جي عيوض ۾ سندن وڏي ڀاءُ جي ڌيءُ جو رشتو عبدالحميد کي مليو. ليڪن قسمت جي ڳالھ آهي سندن وڏي ڀيڻ ۽ الله بخش پاڻ ۾ نہ نڀي سگهيا ان جو سبب اهو بہ هئو تہ هي ماڻهو پڙهيل لکيل ۽ خوشحال هئا. پتا غريب هئا. صرف عنايت الله ڪنهن سٺي نوڪريءَ ۾ وڃي لڳو. باقي الله بخش سڄو ڏينهن گهران ڪونہ نڪرندو هئو. ريڊين جو مستري تہ وڏو هئو ليڪن ريڊيو بہ جيڪو گهر اچي ڏيئي وڃيس اهو ٺاهيندو هو. ائين ڇئجي تہ هن جي ڪابہ سوشل زندگي ڪونہ هوندي هئي. سبب بہ ڪهڙا هئا پر خبر اها پئي تہ اهي پاڻ ۾ ڪونہ نڀيا ۽ هنن ۾ علحدگي ٿي ويئي. هڪ ڇوڪري نہ نڀي تہ هي واپس گهر اچي ويهي رهي. نتيجي ۾ حميد شيخ جي زال بہ سندس پيڪا پنهنجي گهر وٺي ويا. جيئن پاڻ وٽ اڪثر بدلي جي رشتن ۾ ٿيندو آهي ان ڪاوڙ کي رهندو هتي ڏيڻ جو رهيل ڪم ادا گلوءَ ڪيو. حميد کي ان زال مان هڪ پٽ عبدالرشيد ٿيو اهو بہ ننڍو هئو ۽ ماءُ سان هليو ويو. باقي هنن ٻنهي ڀينرن کي اولاد ڪونہ هئو. اهو علحدگي جو وقت ڪجھ سالن تائين هلندو رهيو. آخر عنايت الله پتي ڪوٽڙيءَ مان وڃي ٻي شادي ڪئي. ليڪن هن يا سندس ڀاءُ طلاق ڪونہ ڏني هئي. عنايت الله جي شاديءَ کان پوءِ عبدالحميد تي بہ زور پيو تہ تون بہ ٻي شادي ڪري ڇڏ. ان ۾ بہ ادا گلو اڳيرو هجي.

ليڪن عبدالحميد جو چوڻ هو تہ اختلاف اديءَ ۽ ان جي مڙس جا ٿيا منهنجا ۽ منهنجي زال جا تہ ڪونہ هيا اسان جي تہ Understanding قائم ٿي ويئي هئي، هڪ پٽ بہ آهي. علحدگي اوهان جي ضد جي ڪري ٿي آهي. هڪ جوڙي جي سزا ٻيو جوڙو ڇو ڀوڳي؟ آخر ننڍي ڀيڻ جي مڙس ٻي شادي ڪئي، ان جي زندگي تہ تباهہ ٿي وئي هاڻي اوهان مون کي پيا چئو. آءٌ هرگز ايئن ڪونہ ڪندس. نہ ٻي شادي ڪندس نہ طلاق ڏيندس! منهنجي زال يا منهنجي پٽ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ جو آءٌ اوهان جي ضد ۽ ڪاوڙ ۾ انا جي سزا انهن کي ڏيان! ايئن سيٺ ولي محمد ٻنهي نياڻين جي علحدگي واري معاملي ۾ پريشان رهڻ لڳو. ۽ وچي بيماريءَ جي بستري تي پيو. هوڏانهن ادا گلوءَ جي ڳالهہ نہ ٻڌڻ، نہ مڃڻ جي ڪري هن حميد ۽ سندن ڀينرن تي خرچ پکي جي سختي ڪئي. ڪاليج جو خرچ مٿان وري ميڊيڪل ڪاليج جي پڙهائي ڪيئن ڪجي؟! هن ڪوشش ڪئي تہ هيءُ پڙهائي ڇڏي در بدر ٿئي تہ خبر پويس!ليڪن عبدالحميد شيخ مون کي هميشہ پنهنجي ارادن ۾ اٽل ۽ مضبوط نظر ايندو هئو. سائين جي ايم سيد جو پيروڪار، ڪتاب پڙهڻ ۽ تاريخ جي مطالعي جو شوق هوندو هئس. ڪافي ادب پسند ماڻهو هيو اڄا بہ پيو ڪتاب پڙهندو آهي. صرف جي ايم سيد جو شخصي حد تائين پيروڪار هئو. باقي جيئي سنڌ يا سياسي طرح ڪنهن سان ڪونہ هوندو هئو. هو سنڌ جي آزاديءَ جي فڪر جو ديوانو آهي. سو پڙهيل لکيل هجڻ جي ڪري پنهنجي فيصلي تي مضبوطيءَ سان بيٺو هوندو هئو. پوءِ هن جي وڏي ڀيڻ جيڪا الله بخش پٽي جي زال هئي، اها مشين جي ڪاريگرياڻي هوندي هئي. اها عمر ۾ بہ ڪانئس وڏي هئي. اها هن کي مشين مان جيترا پئسا ملندا هئس انهن مان ڪجهہ بچائي پنجن سالن تائين پنهنجي پاءُ کي ڏيئي پڙهايائين. ۽ هو پڙهي ڊاڪٽر ٿيو. پڙهائي دوران زال ۽ پٽ کي ياد ڪري روئي ويهندو هئو. نيٺ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ملڻ کان اڳ ئي هنن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ناهہ ٿيو تہ وڏي ڀيڻ الله بخش ڏانهن ڪونہ ٿي وڃڻ چاهي تہ اها ڪونہ ويندي. باقي ننڍي ڀيڻ باوجود عنايت الله جي ٻي شاديءَ جي پنهنجي مڙس ڏانهن ويندي ۽ عبدالحميد جي زال بہ عبدالحميد وٽ اچڻ پئي چاهيو سو اهي ٻئي جوڙا هڪ ٻئي سان ملي ويا. باقي وڏي ويٺي رهي. اهو بہ ان ڪري ٿيو جو ادا گلو هاڻي خرچ پکي ۾ هنن کي ڪافي تڪليفون ڏيندو هئو. بنيادي طرح هيءُ نوڪر هئو. جيڪو مالڪ ٿي ويو ۽ مالڪ وري نوڪر جا محتاج! سو ان ڪري ننڍي ڀيڻ وڃي مڙس وٽ رهي. باقي وڏي ڀيڻ، سلائيءَ جو پورهيو ڪري گهر جو ۽ عبدالحميد جي پڙهائيءَ جو خرچ هلائيندي هئي. ڪجهہ ادا گلو سيڌو سامان موڪليندو هئن ليڪن ايڏو رعب ۽ دهشت هوندي هئس، جو هي سڀ پاڻ ۾ ڀينرون هن کان پيا ڊڄندا هئا.

اڳتي هلي اها هنن جي وڏي ڀيڻ منهنجي ڀاڄائي ٿي جيڪا اڄ بہ منهنجي ڀاڄائي آهي ۽ سندن چوٿين نمبر واري ڀيڻ سان منهنجو نڪاح ٿيو. ليڪن اهو تمام وڏو موضوع آهي. اڳتي تفصيل سان بيان ڪندس. تہ هي ٻئي رشتا ڪيئن ۽ ڇالاءِ ٿيا؟ ان جي وڏي ڪهاڻي آهي. مان ان موضوع تي پهچندس تہ ذڪر ڪندس.

❊

باب چوٿون
سيوهڻ

سيوهڻ جو تاريخي پسمنظر

يونان جي سڪندر اعظم سنڌ تي 326 ـ 325 قبل مسيح ۾ حملو ڪيو. ۽ ان ٻن سالن جي دوران سنڌ جي آزاد شهري رياستن ڪي قدم قدم تي هن جي لشڪر سان جنگيون وڙهڻيون پيون. يونان جي مؤرخن ان زماني جا اکين ڏٺا احوال قلم بند ڪيا آهن. جن ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هنن سنڌ جي انهن رياستن جي جمهوري نظامِ حڪومت جو ذڪر به ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اسان وٽ سڪندر اعظم جي ٻن مشاهدي نگارن، ايرئن ۽ ڪئنٽن ڪرٽيس جون شاهديون موجود آهن. جيڪي سندس ان جنگ جي مهم ۾ گڏ هئا. تاريخ سنڌ (History of Sindh) جو مصنف ايچ ٽي لئمبرڪ انهن شاهدين جي بنياد تي اسان کي ٻڌائي ٿو ته پنجاب جي ذڪر ۾ رهندڙ هتان جا (يعني سنڌ جا) مک قبيلا خود مختيار هئا. انهن جو حڪومتي نظام اسپارٽا جي جمهوري نظام وانگر يا اٿينس (يونان) جي نظام وانگر سڌي جمهوري بنياد تي ٻيڌل هئو. پنهنجي ان راءِ جي دليل ۾ هن ايريئن ۽ ڪئنٽس ڪرٽيس ۽ ٻين يوناني مؤرخن جون هيٺيون ريت اکين ڏٺل شاهديون ڏنيون آهن. انهن راوين تڏهوڪي سنڌ جي اهڙن چئن قبيلن جي چئن مکيه شهر ن(Cities) متعلق احوال قلم بند ڪيو آهي:

> ”پراستي لوڪن جي شهرن جا اڳواڻ 150 ٻين نامور شخصيتن سان گڏجي پنهنجي قبيلي پاران معاهدو ڪرڻ جي پورن اختيارن سان آيا. ۽ چيائون ته اسان لڙائي ڪان اڳ پيش پوڻ لاءِ پنهنجو ڪو ايلچي ڪونه موڪليو آهي. ان ۾ اسان ڪو ڏوه ڪونه ڪيو. ڇاڪاڻ ته اسان سدائين آزاد ۽ خودمختيار رهڻ جا شائق رهيا آهيون. هنن پراستي لوڪن جو علائقو اڄوڪو لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعي تي مشتمل هئو ۽ سندن وڏي ۾ وڏو شهر هنديمن يا سندومن (سيوهڻ) هئو.“

سيوهڻ ۾ محرم جون تقريبات

سيوهڻ جي ننڍپڻ جي جن دوستن سان وقت گذريو انهن مان سيد منور علي شاهه ولد سيد موتيل شاهه به هڪ آهي. هن سان اڪثر محرم مهيني جي موقعي تي امامن جي ياد ۾ تابوت ۽ سيجون ناهي پيا پاڙن جي مختلف گهٽين ۾ ماتم ڪندا هئاسين. ان ۾ شاهنواز علوي ولد حسين بخش علوي ۽ ٻيا ڪيترا ننڍا وڏا ڇوڪرا اچي گڏ ٿيندا هئا. جيئن ته آئون شيعو نه هئس ,پر اهڙين تقريبن ۾ خوشيءَ سان وڃي شريڪ ٿيندا هئاسين. وري ماتم ڪرڻ ۽ مرثين پڙهڻ، ان کان پوءِ جيئن محرم جون

تقريبات شروع ٿيندیون هيون انهن ۾ شوق سان شريڪ ٿيندا هئاسين. مطلب تہ محرم ۾ مولائي ۽ سنڌن وڏا پٽڻ ۽ افسوس جي ڪيفيت ۾ نظر ايندا هئا. اسين وري ان کي تفريح ڪري وٺندا هئاسين. وڏن جي مجلس ۾ ويندا هئاسين. مجلس جي معنيٰ آهي تہ ڪنهن امام بارگاهہ يا ڪنهن پڙ واري جاءِ تي شيعن جو عالم اچي تقرير ڪري ۽ ماڻهو گڏجي ان کي ٻڌندا، روئندا ۽ سينہ زني ڪندا هئا. خبر تہ ڪونہ هوندي هئي تہ ذاڪر چوي ڇا ٿو تڏهن بہ اسين بہ پيا روئندا ۽ سينہ زني ڪندا هئاسين. پر جيئن سمجهہ وارو ٿيس ۽ وڏو ٿيس ۽ هر سال ان تسلسل کي ورجائيندي مسلسل انهن جي مجلسن ۾ ويهندي مون سميت سيني کي انتظار صرف ان ڳالهہ جو هوندو هئو تہ ڪنهن مهل ٿو ذاڪر مصائب پڙهي ۽ پوءِ نياز ـ جيڪو امامن جي صدقي ۾ سرنديءَ وارا مولائي ڪندا هئا. سو ڪائون! ان خيرات ۾ ڪٽي ڪٽي تہ ويهاري ڪارائيندا هئا تہ ڪٽي ڪٽي تہ ماڻهو ان خيرات جي ديڳين تي پيا لامارا ڏيندا هئا، ڇاجا امام، ڇاجو روئڻ ڇاجو افسوس، رڳو اهو مقابلو هوندو هئو تہ ڪير ٿو جلدي گهڻو نياز گڏ ڪري پنهنجي پنهنجي گهر ڪٽي وڃي. ان جو سبب اهو بہ هئو تہ سنڌ سدائين غريب پرور تہ رهي آهي ليڪن ڌارين ۽ مختلف قومن جي يلغار سبب اسان جي اقتصادي ۽ معاشي حالت بد کان بدتر رهي آهي. ماڻهو ڪم علمي، جهالت، بک ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري پنڻ ۽ خيرات وٺڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي.

سيوهڻ شهر ۾ سيدن جو وڏو تعداد اهل تشيُّع سان تعلق رکي ٿو. ان ڪري محرم ۾ ٿيندڙ سيني تقريبات جو انتظام بہ گهڻو ڪري سيدن جي حوالي هوندو آهي.

سيد ولي محمد شاهہ ڪانپوءِ سنڌس پٽ سيد گل محمد شاهہ جيڪو اسان ڏٺو. پوءِ سنڌس اولاد محمد مراد شاهہ، سيد حاجن شاهہ ۽ الله بخش لڪياري وارا اها رسم نڀائيندا پيا اچن. باقي تہ پنين ٽنهي پائرن گل محمد شاهہ ۽ ولي محمد شاهہ جيڪو نالو روشن ڪيو آهي، اهو شهر جي ماڻهن کان ڳجهو ڪونہ آهي. اهو ذڪر اڳتي ايندو في الحال محرم جي حوالي سان اهي سيد ۽ ٻئي طرف سبزواري سيد جيڪي وريل شاهہ ان ڪانپوءِ سنڌس پٽ سيد صادق علي شاهہ اسان جي وقت ۾ سنڌس پائرن ۾ حاجن شاهہ (فتح علي شاهہ) مظفر علي شاهہ ۽ ارشاد علي شاهہ ٻئي ننڍا سرڪاري ڪامورا هئا. سي ان قسم جي تقريبات ۾ نظر ايندا هئا. سبزواري سيدن جي اڳواٽيءَ ۾ سيد موٽيل شاهہ سنڌس پٽ عزت علي شاهہ ۽ هاڻي سنڌس پائر ۽ پٽ ڪجهہ رسمن ۾ شريڪ هوندا آهن.

انهن سيدن وٽ پنهنجون امام بارگاهون آهن. امام بارگاهہ وڏن شهرن ۾ ڏٺيونسين. جت تشيُّع جي عقيدي وارا، امامن جي روزن جي شبيهہ ۽ امامن سان مشابهہ شيون رکي اتي اچي خيرات ۽ ماتم ڪندا آهن. اهي سڄو سال ڪليل هوندا آهن. ليڪن اسان جي شهر جون بہ امام بارگاهون، هڪ سبزواري سيدن جي پاڙي ۾ (جنهن کي شير علي شاهہ سبزواري جيڪو شيرٽي شاهہ جي نالي سان مشهور هئو) اهو سنڀاليندو هئو. پر اها امام بارگاهہ صرف محرم جي عاشوري واري عشري ۾ آباد هوندي هئي. ان کان پوءِ سبزواري سيدجو گهوڙو اتي ٻڌو پيو هوندو هئو. جنهن لاءِ چوندا هئا تہ هي امامن جي نالي سان منسوب ڪيل گهوڙو آهي. جنهن کي ذوالجناح بہ چوندا آهن. ۽ هر سال محرم جي 7 تاريخ تي ان جي مٿان ڪلنگيون، پڙ ۽ گل گلاب جا هٽي سينگاري ان کي ان امام بارگاهہ مان جلوس جي شڪل ۾ ڦيرين قلندر شهباز جي مزار ۽ پوءِ پير پوٽن جي پڙ تي گهمائي اچي اختتام پذير

ڪندا هئا. جتي سبزواري خاندان جو بزرگ مير ڪلان جو مقبرو آهي ۽ سبزواري سيدن جو قبرستان بہ آهي.

هي امام بارگاهہ مشالچين جي پاڙي ۾ آهي جنهن جي سنڀال ان وقت سائين بابو علوي ۽ ماستر قربان انصاري ڪندا هئا. اهو گهوڙو 8 تاريخ تي نڪرندو هئو. پهرين جلوس جي صورت ۾ قلندر ۽ پوءِ ڪربلا (سيوهڻ ۾ ڪربلا، مولائين پنهنجي ٺاهي ڇڏي آهي) ويندا هئا. جتي سيد ثابت علي شاهہ مشهور مرثيہ خوان جو مقبرو آهي ان کي ڪربلا ٿا چون.

ماتمي جلوسن جو پاڻ ۾ مقابلو

مطلب تہ انهن ٻنهي ڌرين جي سيدن جو پاڻ ۾ مقابلو هوندو آهي، ڇو تہ اهي ٻئي قلندر جي گادي نشين هجڻ جا دعويدار آهن. قلندر شهباز تہ ستو جتو هئو شادي ڪونہ ڪيائين اولاد بہ ڪونہ هئس، ليڪن هيءُ ماڻهو ڪن مشاليچين (مشعل بردارن) کان پنهنجا حصا ورتا. تہ ٻي ڌر وري شيخن کان (جيڪي قلندر جا چاچي بردار هئا انهن کان حصا لڪرائي ورتا) ۽ ايئن اهي سيد قلندر جا گادي نشين ۽ حصيدار ٿي ويٺا. ليڪن پاڻ ۾ ڪونہ ٺهندا هئا. پر محرم جي موقعي تي نڪرندڙ انهن جلوسن کي جيڪي امامن جي ياد ۾ هوندا هئا ۽ پاڻ ۾ سخت مقابلو ڪندا هئا.

سنڌ ۾ ٻاهران آيل اهي پنهنجي ليکي اعليٰ نسل جا ماڻهو جيڪي هتي اچي سادات ۽ آل محمدﷺ جي نسبت جي نفسياتي هٿيار سان جيڪو سنڌي ماڻهن سان حشر ڪيو ويٺا آهن، اها بہ هڪ تلخ ترين تاريخي حقيقت آهي. هاڻي تہ اهي بہ سنڌي آهن ۽ سنڌ جي نمائندگي بہ ڪن پيا ۽ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ جي اڳواڻي بہ ڪن ٿا. ايتري قدر جو جي ايم سيد سنڌ جي آزاديءَ جو نظريو ڏيندڙ اڳواڻ هئو. جنهن تي آئون ڪيس سلام ٿو پيش ڪيان. شايد هن اها سنڌ جي نمڪ حلالي جو فرض ادا ڪرڻ لاءِ اها جدوجهد ڪئي. باقي تہ سڀ اسان وٽ ٻاهران آيا جيئن هاڻي پاڪستان کان پوءِ پناہ گير آيا ۽ اسان جي سموري اقتصاديات، روزگار، شهري ڪلچر ۽ ٻوليءَ تي قابض ٿي ويٺا آهن. شايد اڳتي هلي اهي بہ چون تہ سنڌي آهيون ئي اسين. ۽ اسين جيڪي اصل سنڌ جا رهواسي آهيون، اهي ڪنهن بہ کاتي ۾ نہ هونداسين. ايامن کان هر غاصب قوم جو تسلط اسان تي رهيو آهي. ڪڏهن اصلاح جي نالي ۾، ڪڏهن اسلام جي نالي ۾ تہ ڪڏهن جي سلامتيءَ جي نالي ۾. ان باري ۾ پنهنجي سمجهہ ۽ سوچ مطابق جيڪو مون ڏٺو ۽ سمجهيو ان تي ضرور بحث ڪرڻ گهرجي. پوءِ اختلاف راءِ هر ڪنهن جو حق آهي. في الحال محرم جي رسومات تي واپس ٿا اچون. اسان اجا ساڻيڙ جهڙا ٿيا آهيون تہ اهي ان وقت جون ۽ ننڍي هوندي جون يادگيريون آهن جيئن مون سمجهيو. ايئن بيان پيو ڪريان، ڇو تہ وقت بدلجڻ سان رسمون ۽ رواج بہ بدلبا رهيا آهن.

اسان جي سيوهڻ جا والي ۽ وارث اهي سادات سڳورا، جيڪي شهر جي ماڻهن جا جهڙوڪر رکوالا هجن، انهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ٻئي خاندان ۽ سيد پير بخش شاهہ هاڻي سندس پٽ غلام علي شاهہ بخاري، سيد جئندل شاهہ لڪياري، آراضيءَ وارو، سيد مراد علي شاهہ واهڻ وارو، سيد حبيب شاهہ جهانگارن وارو، اهي سڀ سيوهڻ شهر يا تعلقي جا بااثر ۽ پئسي وارا ماڻهو هوندا هئا.

محرم ۾ امامن جي عقيدت سان گڏ سيد سڳورن جو پاڻ ۾ جلوسن جي اهتمام جو مقابلو بہ هوندو

هئو. تہ ڪنهن وڏيڪ عقيدت جا جوهر ڏيکاريا! سبزوارين يا لکيارين؟! مون ذڪر ڪيو تہ لکياري ۽ سبزواري قلندر جي گاديءَ تي براجمان ٿيا. هتان جي بنيادي ماڻهن کي تاثر ڏنائون تہ اسان سيد آهيون قلندر بہ سيد هئو تنهنڪري ان جا وارث اسين آهيون . مشالچي، جيڪي انصاري، علوي ۽ هندو مذهب جا ماڻهو هئا ۽ اسلام قبولڻ بعد شيخ سڏجڻ لڳا گذريل ڇهن صدين کان قلندر جا ڀاريدار ۽ عقيدت مند هئا. انهن کي سادات سڳورن ڀاريدار ٿي رهڻ ڏنو.

سيوهڻ ۾ محرم جي موقعي تي پهرين تاريخ کان وٺي ماتمي تقريبون شروع ٿينديون آهن. جن ۾ مجلسون۽ نياز جو اهتمام ڪيو ويندو آهي پنجين تاريخ کان ئي اها سرگرمي وڌي ويندي هئي. ان ۾تابوت جيڪي رات جي وقت ۾ نڪرندا هئا. پنجين تاريخ تي شام جي وقت تقريبن ٽيپهريءَ جو شيخ محلہ مان امامن سان منسوب پهريون گهوڙو۔ذوالجناح نڪرندو هو. جيڪو اسان جي سانيڙ ۾ مجيد پنجابيءَ جي گهر پرسان نڪرندو هو. سو مجيد پنجابيءَ جي انتظام، سنڀال ۽ نظرداريءَ ۾ نڪرندو هئو۽ شاهي بازار جي پوئين پاسي کان قنڌاري محلي کان مڙي پيربخش شاهہ جي حاويليءَ کان سوني دروازي کان ٿيندو سچ لهڻ کان ٿورو اڳ ۾ چِٽي عمراڻيءَ جي مزار تي اختتام پذير ٿيندو هو.

ڇهہ تاريخ شام جو ٽيپهريءَ ويلي بودلي بهار وٽان ذوالجناح جو ماتمي جلوس قاضين جي محلي کان ٿيندو تجر مُقام تي اختتام پذير ٿيندو هو. هن گهوڙي جي سينگار جي ذميواري ميان اختر پيرزادو سرانجام ڏيندو هو. ست محرم تي ذوالجناح سبزواري سيدن جي امام بارگاهہ مان سينگارجي نڪرندو هئو سبزواري محلي کان قلندر جي مزار تي مجلس بعد درگاهہ معصوم وٽ پڇاڙيءَ تي پهچندو هئو. اٺ محرم تي ذوالجناح لکياري سيدن جي امام بارگاهہ مشالچي محلي مان نڪري قلندر شهباز جي درگاهہ تي پهچندو هئو. اتي مجلس ۽ ماتم ڪانپوءِ ڪربلا ثابت علي شاهہ وٽ اختتام پذير ٿيندو هئو.

نائين محرم الحرام جي رات جو يارهين وڳي لکياري سادات پاران حسيني امام بارگاهہ مان سيج نڪرندي هئي. سيج شهزادي قاسم جي نالي سان منسوب هوندي آهي. نهال شاهہ نوريءَ جي گهٽيءَ وٽان لنگهي، ڪجهہ وقت لاءِ اتي رکي هي اتان وري ساڳي امام بارگاهہ کان واپس ٿيندي، لکياري سيدن جي پڙ تي جيڪو لعل داس جي ڪافيءَ جي سامهون آهي، گجگاهہ علم سميت پهچندي آهي. ان کان پوءِ سيدن جي حويلي سان هڪ ننڍڙي معصوم نياڻي لباس ۾ هٿ تي ميندي رکي عورتن جي وڏي جلوس جي اڳواٽي ڪندي ۽ روئيندي پٽيندي امام بارگاهہ حسينيءَ تي پهچندي هئي. ان جلوس پهچڻ شرط روح راڙو ياحسين، هاءِ حسين جو دل ڏاريندڙ آواز امام بارگاهہ ۾ سوڳوار ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏيندو هو ۽ پوءِ ميندي‌ءَ جون مخصوص رسمون ادا ڪيون وينديون هيون.

محرم جي ڏهين/ عاشورو

صادق علي شاهہ سبزواريءَ جو گهوڙو سينگارجي مرثين، مولائين جي ماتم ۽ جلوس جي صورت ۾ امام بارگاهہ کان ٿيندو سبزوارين جي حويليءَ جي رستي قلندر جي مزار تي پهچندو هو. ليڪن

گھوڙن جي ماتم جو وقت منجهند جو هڪ وڳي هو ۽ جلوس ان ڪان اڳ ۾ درگاهه تي پهچندو هئو. اتي مجلس ۽ ماتم جون رسمون ٿينديون هيون پوءِ سوني دروازي ڪان ٿيندو درگاهه پير پوٽن جي پرسان اچي اختتام پذير ٿيندو هيو. ۽ اٺين محرم جو گھوڙو گل محمد شاهه جو گھوڙو. اهو مشالچين جي امام بارگاهه ڪان ٿي پوءِ قلندر جي مزار تان ٿيندو ۽ اتان وري ماتم ۽ مجلس ڪان پوءِ سڌو ثابت علي شاهه جي مقبري ۾ – جنهن ڪي ڪربلا جو نالو ڏنل آهي تي اختتام پذير ٿيندو هيو.نائين محرم جي رات جو وري سبزوارين جا تابوت نڪرندا آهن. جيڪي رات هئڻ جي ڪري پنهنجي روايتي رستن ۽ گهٽين مان ٿي، شهر ۾ پيا ڦرندا آهن. ۽ جتان تابوت ڪڍندا آهن، واپس وري ان پڙ تي رکي ڇڏيندا آهن. ڏهينءَ جي رات وري گل محمد شاهه لڪياريءَ جي تابوتن جو وارو ۽ ڏهينءَ جي ڏينهن وري صبح جو هنن جو تابوت درگاهه ڪان ٿيندو، ڪوسن جي محلي ڪان گذرندو، ڪربلا ۾ پهچندو هيو. ۽ ڪربلا پهچڻ جو وقت مقرر هوندو هو ڏيڍ وڳي اتي ڪربلا تي پهچي اختتامي مرثيو پڙهيو ويندو هئو. جيڪو سيد ثابت علي شاهه جي دل سوز ڪلام جي صورت ۾ هوندو هئو جنهن جا شروعاتي ٻول هيئن هوندا هئا:

سڀ پڙهو پهرين محمد مصطفيٰ تي فاتحه

10 تاريخ منجهند جو سبزوارين جو آخري تابوت نڪرندو هئو ۽ حسب روايت پير پوٽن تي شام جو ستين ۽ اٺين وڳي تائين پهچي اختتام پذير ٿيندو هو. اتي مولائين جي لاءِ لائوڊ اسپيڪرن جو ۽ پٽ تي ويهڻ لاءِ فراسين جو انتظام سبزواري سيدن طرفان هوندو هئو. ماڻهو علامه رشيد ترابيءَ جي ريڊيو تان نشر ٿيندڙ شام غريبان ٻڌندا هئا ۽ ان جي اختتام تي سڀ ماتم ڪندا پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿي ويندا هئا. ۽ آخرڪار محرم جو عاشورو ان ڏينهن پڄاڻيءَ تي پهچندو هئو.

عاشوري جا تبرڪات

مون ذڪر ڪيو ته سنڌ ۾ سيدن جي اهميت مذهبي عقيدي ۽ توهم پرستيءَ جي ڪري تمام گهڻي رهي آهي. عام ماڻهو سيدن جي سيوا ڪندي انهن کي پنهنجي نجات جو رستو سمجهندا آهن انهن ۾ اڪثر سادات سڏائيندڙن پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ پنهنجي نسبت کي گهڻو ڪتب آندو آهي ۽ هو سنڌ جي عوام کي مال غنيمت تحت پنهنجو موروثي غلام تصور ڪندا آهن. ۽ پنهنجي ذاتي ڪم ڪار ۽ توهماڻين رسمن رواجن ذريعي پيٽ گذر لاءِ آقائن وانگر پيا حڪم هلائيندا آهن. سنڌ ۾ سيد ٿيڻ يعني هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ پنهنجي بادشاهي قائم ڪرڻ برابر هوندو آهي.

هو سنڌ ۾ ڪيئن آيا ۽ هتان جي زرعي زمينن (في الحال سيوهڻ جا سادات)– جائدادن ۽ واپارن جا ڪيئن وارث ٿيا، اهو هڪ الڳ بحث آهي. ليڪن اُهي تر جا وڏا زميندار پڻ هئا. زمينون ڪيئن هٿ ڪيائون؟ ۽ ٻين ملڪيتن تي ڪيئن قابض ٿيا. اهو سوال پنهنجي جاءِ تي. ليڪن آهن سڀ زميندار ۽ جاگيردار اها هڪ حقيقت آهي. سندن هارين جي اڪثريت ملاحن، ماڇين ۽ جتن تي مشتمل آهي. جتن وٽ گذر سفر لاءِ اٺ هوندا هئا. محرم جي موقعي تي سيني هارين نارين ۽ جتن کي سادات گهراڻن طرفان احڪام ملندا هئا ته جن هارين ۽ انهن جي عزيزن وٽ اٺ ۽ ڏاچيون آهن، اهي

محرم جي عشري لاءِ ڪاهي اچن ۽ محرم جي جلوس ۾ ڊيوٽي ڏين. غريب ماڻهو جن جو گذر سفر اٽ ۽ ڏاچيءَ تي هجي، اهو ڏهہ ئي ڏينهن پلي گهر ۾ فاقہ ڪشي ڪريا۔ ننڍا معصوم ٻار پلي بک مرن، پر اهي 10 ڏينهن سيوهڻ ۾ ان جي آس پاس وارن جتن ۾ اٺ ڌاريندڙن کي امامن جي ڊيوٽي ڏيڻي پوندي آهي. وڏي افسوس جي ڳالهہ اها تہ انن جو ان ڏهن ڏينهن ۾ ڪاڌ خوراڪ بہ اٺ ڌڻين جي ذميواري هوندي هئي. سيد سڳورا صرف حڪم ڏيئي امامن جي نالي ٿيندڙ ماتم کي پيا ترتيب سان هلائيندا هئا.

محرم جي موقعي تي اٺن جو استعمال

هاري ۽ جت پنهنجا اٺ ڪاهي اچي سيدن وٽ پيش ڪندا هئا. جيڪو نہ اچي سگهيو ان جي باقاعده سزا مقرر هوندي هئي. سو سزا جي خوف تڻئون ڪوشش ڪري سڀ پنهنجا اٺ ڪاهي اچي شهر ۾ پهچندا هئا. آءٌ سمجهان ٿو تہ هڪ هڪ قافلي ۾ 40 کان 50 اٺ هوندا هئا. ٻنهي سيد گهراڻن جا پنهنجا هاري ۽ جت هوندا هئا .هرڪو طوعًا ڪرهًا پنهنجي مرشد وٽ انن سميت هٿ ٻڌيو حاضر بيٺو هوندو هئو!

سڀ کان پهريان اٺن جي هڪ قطار جنهن ۾ ويهن کان پنجويهہ اٺ هوندا هئا. انهن تي وڏا علم ڪٽي ڪجائي تي ماڻهو يا ننڍا ٻار ويهندا هئا. جهنڊي کي ڪجائي ۾ مضبوطيءَ سان ٻڌندا هئا. يا تہ وري اٺ ڪاهيندڙ همراهہ جي اها بہ ذميواري هوندي هئي تہ ان جهنڊي کي مضبوطي سان پاڻ جهلي ۽ اٺ کي بہ ڪاهي. مون ڏٺو تہ اهي ويچارا پيرن اگهاڙا اٻوجهہ ماڻهو جن جي نہ عقيدت نہ ڪين امامن جي ڪا خبر، نہ ئي انهن مان اڪثريت جو ڪو تعلق شيعت سان، سو اهي فقط عام، سادڙا ۽ سٻاجهڙا ماڻهو پيا ڊيوٽي ڏيندا هئا. اهي اُٺ جلوس نڪرڻ کان چار يا پنج ڪلاڪ پهرين ڊيوٽي تي لڳي ويندا هئا.

جهنڊن وارن اٺن جي پويان نغارن وارن اٺن جي قطار هوندي هئي، اهي بہ اندازن ايتري تعداد ۾ هوندا هئا. ۽ انهن اٺن جي ڪجائي جي ٻنهي پاسي نغارا مضبوطيءَ سان ٻڌي نوجوان ڇوڪرن ۽ وڏن ماڻهن کي ڪاٺيءَ جا نهيل ڏونڪا هٿ ۾ ڏيندا هئا. ۽ اهي نغارن تي پيا ڏونڪن جو وسڪارو ڪندا هئا. سيوهڻ شهر جا تقريبن سڀ ماڻهو ننڍي هوندي کان وٺي نغارن وارن اٺن تي ضرور چڙهيا هوندا. اهو مزو مون سميت سمورن سيوهڻ واسين ورتو هوندو ايتري قدر جو اٺن تي چڙهڻ لاءِ نوجوان ۽ ننڍن ڇوڪرن کي سفارشون بہ ڪرڻيون پونديون آهن. نغارن جي اڳيان ٻن اٺن تي بہ بہ وڏيون پيرون ٻڌل هونديون آهن. پيرون بہ نغارن جو قسم آهي. پر ٿينديون وڏيون آهن. تامي جي گول نهيل گنديءَ وانگر شڪل ۾ گُندي ان وجهڻ واري، پر گنديءَ جي شڪل هيٺ ويڪري منهن وٽ سوڙهي ۽ پير جي شڪل هينان سوڙهي ۽ مٿان ويڪري ان تي ڪنهن جانور جنهن ۾ اڪثر مينهن يا ڍڳي جي کل لڳائي مٿان مضبوطيءَ سان ٻڌي ان کي ڪاٺ جي ڏوڪن سان پيا وڄائيندا آهن. پير وارن اٺن جي ٻن جوڙن ۾ نغارن ۽ پيرين کي وڄائڻ وارا ماهر ويهندا آهن. اسان جي وقت ۾ استاد جانڻ مڪراني ويهندو هئو. ڇوڙ جو مقصد تہ ان پيرواري اٺ تي عام ماڻهو يا ننڍو ڇوڪرو ڪونہ ويهاريندا هئا. جو اهو ويهندو تہ نغارن وڄائڻ لئہ ريت تني پوي جنهن پير پنيان اٺن جي قطار ۾ ننڍا نغارن وارا نغارا وڄائيندا هلندا

آهن.

اهو قافلي جي صورت ۾ جلوسن جي نڪرڻ کان چار ڪن ڪلاڪ اڳ ۾ انهن گهٽين ۾ هلندا ۽ طواف ڪندا هئا. ته اسان جي پنيان جلوس اچڻ وارو آهي. جهڙوڪر پراڻن زمانن ۾ بادشاهه جي اچڻ کان اڳ ۾ گهنڊ گهڙيال ۽ نغارن کي وڄائي اهو اعلان ڪيو ويندو هئو ته وقت جو حاڪم اچي پيو. آءُ سمجهان ٿو هتان جي سيدن ان قسم جو پروٽوڪول امامن جي جلوس کي ڏيڻ لاءِ اهڙو انتظام ڪندا هئا.

انن جي پنهي قطارن يعني جهنڊن واري قطار پوءِ نغارن واري قطار اڳتي هلندي رهندي هئي ۽ پوءِ مقرر وقت کان ٿورو دير سان جلوس ايندو هئو. جلوس جي اڳيان ٻن قسمن جي ڪيفيت نظر ايندي هئي. هڪ ته مڱڻهار پنهنجي دهلن ۽ شرناين سان غمگين سُر جي وڄت وڄائي مولائين کي جوش ۾ آڻيندا هئا، ۽ اهي جيئن جلوس شروع ٿيندو آهي وڄائيندا ۽ مولائين جي ماتم جي اڳواٽي ڪري اچي قلندر جي درگاهه تي پڄندا هئا. پيو اتي وري روايت تحت ڪڏهن مجلس ته ڪڏهن ماتم (جنهن کي ٻانهن جو ماتم چوندا آهن)، آءُ سمجهان ٿو ته اهو ماتم جو طريقو صرف سيوهڻ ۾ آهي. ان طريقي تحت جلوس قلندر جي مزار جي ٻاهران پراڻي علم وٽ پهچندو. پوءِ اتان طي ٿيل شيڊول مطابق ڪڏهن تابوت ڪڏهن گهوڙو (ذوالجناح) اتي پهچندو ته ان کي درگاهه جي علم جي اڳيان بيهاري ماتم ڪندڙ ماڻهو چوڌرف گول دائرو ناهيندا. جنهن ۾ سندري وانگر ڪپڙو پوءِ ٽوال يا پوتڙو جيڪو ٻه هجي ٻڌندا ۽ هڪ ٻئي سان گڏ بيهي وڏي گول دائري ۾ ماتم ڪندا، هن ماتم تحت هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي قدم قدم سان ملائي آهستي آهستي پاسيرو هلندا ۽ هڪ هٿ ٻئي طرف جي ٿونٽ کان مٿي ۽ ڪلهي کان هيٺ هڻندا ۽ اهڙي طرح ٻي ٻانهن جو هٿ مخالف ٻانهن تي هڻندا ۽ دهل ۽ شرناين جي گونج ۾ ”يا حسين يا حسين ۽ علي مولا حيدر مولا“ جا نعرا هڻندا چوڏاري هڪ چڪر پورو ڪندا. دهل ۽ شرناين وارا مڱڻهار فقير پڙ ڪيڻ واري سيد پوءِ اهي سبزواري هجن يا لڪياري ـ انهن جي اڳيان آمهون سامهون وڄائيندا ڦرندا ايندا ۽ جتان ماتم شروع ٿيو گهمي واپس ان جاءِ تي پهچندا. معنيٰ ماتم جو هڪ چڪر پورو ٿيو ۽ ايئن اها قطار اتي ئي ختم ٿي ويندي، پوءِ ذوالجناح يا تابوت پنهنجي اڳئين منزل طرف روانا ٿيندا، هاڻي اتان مرثيا چوڻ وارا ٿي کان چار ماڻهو شروع ڪندا. جيڪي مرثيي جو مهاڳ چوندا ۽ پنيان پندرهن ويهه ماڻهو ان مهاڳ کي پيا ورجائيندا آهن. اڳيان مرثيه چوندڙ سمورو مرثيو ٻه مصرعه ڪري پڙهندا. پنيان همراهن جو ٽولو ڀهرين ٻن مصرعن کي ورجائيندو رهندو:

مثال طور: ”شاهه جي تابوت سان اڄ مصطفيٰ روئندو هليو

مـــــــير جـــــــي مظلوم مـــــــــــــــڙهه ســـان مجتبيٰ روئندو هليو.“

ان کان پوءِ اهي مرثيه ۽ نوحا چوڻ وارا اندازن ان منزل تائين اهو عمل نڀائيندا رهندا ۽ آخر اڌ منزل تي وري مولائي ماتم ڪرڻ شروع ڪندا .۽ ساڳيا مڱڻهار وري اچي پنهنجي دهل ۽ شرناين جي سُر ۾ مولائين کي جوش ڏياريندا آهن. پوءِ ڪيترا سينه ڪوبي ڪندا آهن. زنجيرن جو ماتم. جيڪي زنجير اڌ ڪن درجن تکين ڇرين ۾ جڪڙيل هوندا آهن. پنهنجي پٺن تي پيا هڻندا آهن.اهي ايترو ته جوش ۾ هوندا آهن جو ڪين واقعي ان عقيدي جي محبت ۾ ڪو هوش ڪونه هوندو آهي. باقي جيڪي زنجير ۾

جڪڙيل ڇرين ۾ ماتم ڪونہ ڪندا آهن. اهي تمام گهڻي زخمي ۽ گهايل مولائين کان وڄي زبردستي زنجير ڦريندا آهن. پوءِ جن کان گهڻو رت وهندو آهي ،ان کي ايمبوليسن ۾ اسپتال موڪليندا آهن.ميڊيڪل عملي وارن جي First Aid جي قائم ڪيل ڪئمپ ۾ پهچائي زخمن مان وهندڙ رت کي بند ڪندا آهن.

ڪيترا وري تکي ڇري پنهنجي مٿي تي رکي ان کي ڪنهن هلڪي وزن واري شيءَ نوڪي گهاءُ ڪندا آهن.پوءِ مٿي مان رت جا ريلا منهن اکين کان ٿيندا, سڄي وجود کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کان بہ ايئن زبردستي ڇري ڦري کين طبي امداد لاءِ روانو ڪبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مٿي ۾ ڇري وڌيڪ لڳڻ جي ڪري مولائي ابد جا راهي بہ ٿي پوندا آهن. جنهن کي هيءُ شهيد چوندا آهن. پتو ناهي تہ ان عمل ۾ مرندڙ کي شهيد چئجي يا خودڪشي! اهو فيصلو آئون ڪونہ ٿو ڪري سگهان. عالم ۽ تاريخ دان مذهبي علم جي روشنيءَ ۾ ان تي ڪا نوس راءِ ڏين. جي اهو موت شهادت ۾ اچي ٿو. پوءِ تہ ٺيڪ آهي ورنہ جي خودڪشيءَ جي زمري ۾ ٿو اچي تہ رهنمائي ڪري انهن عملن ۾ ٿيندڙ قيمتي جان جي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجو اسلامي ۽ مذهبي فرض ادا ڪن.

گجگاه ڇا آهي؟

گجگاه هڪ عَلم (جهنڊو) هوندو آهي. هيءُ علم قلندر شهباز جي مزار ۾ 12 ئي مهينا پيل هوندو آهي. اهو علم محرم ۾ جلوس جي قافلي جي اڳواٽي ڪندڙ ۽ اٺ تي ويٺل فقير جي پرسان اٺ سان گڏ ڪجهہ فقراءَ کنيو هلندا آهن. مون مٿي لکيو آهي تہ اٺن جي قافلي جي اڳيان اڳيان جهنڊن وارا اٺ هوندا آهن. ليڪن 7 ۽ 8 جي ذوالجناح, نائين ۽ 10 جي رات جي تابوتن مهل ۽ 10 محرم جي صبح ۽ منجهند جي تابوت مهل اهو گجگاه قافلي جي اڳيان هلندڙ فقراءَ سان گڏ هوندو آهي. جيئن اسان جي ننڍي هوندي جي وقت ۾ سيد صادق علي شاهہ سبزواريءَ جي قافلي جي اڳواٽي فقير نادر شاهہ ڪندو هئو. جيڪو هينئر پناٽن جو وڏو پير آهي, ۽ گذاري ويو آهي. ان تي اڳتي هلي تفصيل سان لکندس. سيد نادر شاهہ جي ڪافي بہ آهي جنهن تي سوين فقراءَ سندس سربراهيءَ ۾ رهندا آهن. اٺ تي سڀ کان پهرين شينهن جي منڍي ۽ ان جي جسم جي کل اٺ جي مٿان ايئن رکندا آهن جو اٺ جي ڳچيءَ جي مٿان شينهن جي منڍي ۽ ان سان گڏ شينهن جي کل ڪجائي جي مٿان اچي ويندي هئي. اهو ان تي ويهندو ۽ سندس ۽ ڪجهہ سبز واري سيدن جا پناڻ فقير ملنگ توتارا ۽ گهنڊ وڄائي اٺ سان گڏ هلندا آهن. انهن جو تعداد بہ 15 کان 20 ماڻهن تائين هوندو آهي, جيڪي قافلي جا اڳواڻ اٺ جي اڳيان پٺيان پيا هلندا آهن. ڪي فقير قافلي جي سالار کي زور بہ پيا ڏيندا آهن. مون ذڪر ڪيو تہ اٺن ۽ نغارن جو قافلو چار ڪن ڪلاڪ اڳ ۾ تحرڪ ۾ اچي ويندو آهي. تہ پوءِ قافلي جو اڳواڻ ٽڪجي بہ پوندو آهي. اسان جڏهن نادر شاهہ کي ڏٺو تہ اهو سبزواري سيدن جو مريد ۽ قافلي جو سنڀاليندڙ هئو.هو قلندر جي درگاهہ تي پيو ٻهاري ڏيندو هئو. اهو ئي سبب هئو جو اهو فقير محرم ۾ سبزواري قافلي جي اڳواٽي ڪندو هئو نادر شاهہ فقير پناڻ هئو. رنگ جو سهڻو عمر جو وڏو بدن ۾ ضعيف! جو چون ٿا تہ هو اَن نہ پر ميوو کائيندو هو. عمر 70 کان مٿي هوندي هئس. گجگاهہ جو پنهنجي

منزل تي مقرر ٽائيم تي پهچڻ ضروري هوندو هئو. ڇو ته گجگاه (جهنڊو) هڪ هوندو هوءِ جلوس هڪ ڏينهن ۾ ٻه ٻه هوندا هئا. وري جي لڪيارين جو جلوس نڪرندو ته هو وچي گجگاه ساڳيو ئي ڪٽي ساڳي طرح پنهنجي قافلي جي سپه سالار کي ڏيندا هئا. جي قافلو ڪنهن سبب جي ڪري مقرر وقت تي پنهنجي منزل تي نه پهتو ته ٻي ڌر جا فقير 20_25 جي تعداد ۾ ويندا ۽ مقرر ٽائيم تي سپه سالار پلي اٿ تي وينو هجي، اهو گجگاه ڪانئس وٺي ايندا هئا. پراڻي زماني ۾ گجگاه جي منتقليءَ لاءِ وڏا جهيڙا به ٿيا. ان ڪري هڪ گجگاهه هجي ۽ ٻه گادي نشين. جيڪو هر گادي نشين کي وقت تي گهرجي. پوءِ فيصلو ڪري ان جو وقت ۽ ٽائيم مقرر ڪري ايگريمينٽ ڪئي ويئي. ان کان پوءِ جهيڙا ته ڪونه ٿيا آهن. ليڪن پنهنجي وقت پوري ٿيڻ شرط ٻي ڌر زبردستي ڦري ويندي ۽ ڦرجندڙ ڌر چپ ڪري ويهي رهندي آهي. پوءِ اهو ساڳيو قافلو بنا گجگاه جي باقي مختصر رهيل سفر پورو ڪندو.

لڪياري سادات ۾ گل محمد شاهه کان پوءِ سندس پڳدار پٽ محمد مراد شاهه اهو ڪم سنڀاليو. سندن ڪافين ۾ جيڪو وڏو فقير لعل داس هيو. هي هندو مذهب جو ماڻهو هئو. اصل ۾ پنجابي هندو هئو. اصل پارٽ جو هئو. پوءِ اچي سيوهڻ شريف ۾ وينو. گل محمد شاهه جي زماني کان قلندر جو خدمتگار ۽ ٻهاري دار ٿيو. مٿي تي سدائين سوٽي رومال ٻيل هوندو هئس. ۽ نادر شاهه وانگر ساڳيءَ طرح ٻهاري ۽ صفائي جو ڪم ڪندو هئو. ان ڪري اهو فقير وري لڪياري سيدن جي نڪرندڙ پڙن ۽ جلوسن جي ساڳيءَ طرح سينگاريل اٺ تي شينهن جي منڊيءَ واري ڪل اٺ تي رکي ويهندو هئو. ۽ گجگاه، فقيرن جي هٿ ۾ هوندو هو. فقراءَ گهنڊ گهڙيال ۽ توتارا وڄائيندا پنهنجي منزل ڏانهن هلندا رهندا هئا. نادر شاهه جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اها ڊيوٽي هڪ ٻه سال سندس گاديءَ تي ويٺل ڊاڪٽر عارف شاهه ڪئي، جيڪو چون ٿا ته رشتي ۾ سندس ڀاڻيجو آهي. پوءِ صادق علي شاهه جي خاندان سان اختلافن تحت ان اها ڊيوٽي ڇڏي ڏني. ايئن لعل داس جي مرڻ کان پوءِ سندس ٻئي ڀائٽي احسن داس اها ڊيوٽي ڏني. هاڻي ان باري ۾ ٻه خبر نه آهي ته اها ڊيوٽي ڪير ٿو سرانجام ڏئي؟

”ڪافي“ ڇا آهي؟

مٿي مون ڪافي جو ذڪر ڪيو آهي سيوهڻ واري ڪافيءَ جو مطلب اهو آستانو آهي جتي قلندر جا فقير ۽ ملنگ رهندا ٻه آهن ۽ پنهنجون فقرائي نشستون ٻه ڪندا آهن هر ڪافيءَ جو هڪ اڳواڻ هوندو آهي.

سيوهڻ ۾ جن سان مليم يا ڪين ڏٺم

فقير نادر علي شاهه، عارف پناڻ، لعل داس فقيرسيٺ عبدالمجيد، عبدالحميد، سيٺ خدابخش سولنگي، سيٺ ولي محمد، يار محمد سومرو قاضي عثمان، سيٺ رضا محمد سيوهڻ، سيٺ علي محمد انصاري، سيٺ رسول بخش، سيٺ لعل محمد، چين مل، پوڄواڻي، سيد محمد مراد شاهه لڪياري، سيد حاجن شاهه، علي محمد ابڙو، سيٺ جلال مغل، خادم سومرو، انور پيٽو منظور پيٽو يونس پيٽو رجب پيٽو

مظفر پٽو فقير نور احمد سهتو رفيق سهتو سيٺ عارف لاکو (آرو گهوڙي) قاضي فاروق، محمد حسن ثاني، معين الدين صديقي، ڊاڪٽر نذير سومرو، سيد اعجاز شاهه ولد عزت علي شاهه، غلام علي شاهه، غلام حسين ابڙو، غلام قادر ابڙو سيد تراب علي شاهه، محمد آچر اوٺو، سائين مجن اوٺو امان الله ترڪ، وڏيرو بهار ميمڻ، تاج مستاني، علڻ فقير، حاجي گل گشتي، سيٺ لطيف شيخ، وڏيرو غلام نبي سولنگي، گل محمد ڪوسو عرف حاجي سمون، سيد غلام رسول شاهه بخاري، سيد زين العابدين شاهه، نورمحمد لاشاري، سڪينه سمون، حاجي چٽن وارو حاجي پڪوڙن وارو عنايت الله پٽو حبيب الله رند، عبدالرحيم رند، فيض محمد پرٽ-ٽيليفون آپريٽر، حسين حجم-ٽيليفون آپريٽر، آفتاب پيرزادو حسن اوٺو ولد حاجي قاسم اوٺو حسين بخش ماڇي (رند) ملهه پهلوان، يوسف ملاح ملهه پهلوان، عبدالسميع قريشي، بادشاهه پناڻ، محمد بخش جمالي ڄنگواٽي، سيد ولي محمد شاهه ولد محمد مراد شاهه. سيد مدني شاهه، سيد مهدي رضا شاهه، سيد صادق علي شاهه، سيد مظهر شاهه، سيد حاجن شاهه، سبزواري شاهه حسين شاهه، اشرف سولنگي يوسي ناظم. خادم سولنگي، الهه ورايو ملاح، علي محمد ملاح، ميان رسول بخش شيخ، عبدالهادي قريشي، سائين غلام حيدر لاکو حنيف لاکو اڪبر اوٺو نثار سومرو، ڏٽي بخش اوٺو، ايوب اوٺو سائين عبدالعليم چنو. عبدالقيوم چنو غلام مصطفيٰ لاشاري، اڪبر لاشاري، ارشاد ڪوري (ميمڻ) نواب ابڙو، ماستر ابراهيم انصاري، زوار ڪرم علي، دلشير اوٺو ماستر، ابراهيم اوٺو اخباري نمائندو، شاهه محمد سولنگي ڏاڏو سولنگي، سيٺ علي محمد انصاري، يارمحمد لعل محمد ڪاسائي، قاضي اڪبر، قاضي عبدالمجيد عابد، لعل محمد مڪراني حسين مڪراني، اصغر منگي، آفتاب رضا مغل، حاجي بلڪل.

خادم سومرو: ڪوفي-لاصوفي!

هي شخص شروع ۾ سائين جي ايم سيد جو پيروڪار سڏائيندو هو. قومي جذبي ۾ سائينءَ جا ڪتاب به مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪرايائين، خلائي مخلوق ڏندو ڏنس ته ”صوفي“ سڏائڻ لڳو. سنڌ ۾ صوفي انسٽيٽيوٽ نالي تنظيم جو اڳواڻ پڻ آهي. ٻاهرين ملڪن ۾ وري سائين جي ايم سيد جي ترجمانيءَ جي بهاني گهمڻ ڦرڻ جا مزا ماڻيندو رهي ٿو. مون هن ڄمار تائين هن ماڻهوءَ ۾ نه سچو قومي جذبو ڏٺو آهي ۽ نه وري هن ۾ صوفي ازم جو ڪو روح آهي. بلڪ هي شخص پنهنجي نظريي، عادتن ۽ افعالن ۾ پڪو شيعو آهي. محرم ۾ اوسارا چوي، ماتم ڪري، ڪارا ڪپڙا پائي ته شيعو ئي ٿيو نه! مونکي قوم لاءِ هي ماڻهو گهر گهلو لڳندو آهي ته هي ماڻهو ٿيو، ڪوفي-لاصوفي!

دادوءَ ۾ جادو

مان جيئن 1975ع ۾ سيوهڻ هاءِ اسڪول مان نائين ۽ ڏهين درجي جو امتحان جو فارم پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت سان ڀرايو ۽ دادوءَ ۾ سينٽر قائم ٿيو. ان وقت سيوهڻ تعلقي بورڊ طرفان امتحان وٺڻ جو سيوهڻ ۾ انتظام نه هئو. جنهن ڪري اسين اهو امتحان سيوهڻ مان دادوءَ ۾ وڃي ڏنو. دادوءَ ۾

رهائش لاءِ بہ انتظام ڪرڻو هجي، تہ ان لاءِ دادو ۾ ابڙن سان واسطو هيو. عبدالرحمن ابڙو اسان جي وڏن جو دوست هئو. ان ڪي چيو ويو تہ چوڪري جو سينٽر دادو ۾ لڳو آهي. امتحان ڏيڻ ايندو. دادو ڪاليج روڊ تي سندن وڏي ڀاءُ جي اوطاق هئي. پاڻ دادو ڪاليج کان ڏکڻ طرف ڳوٺ ۾ رهندا هئا. سندن اوطاق جا ٽي حصا هوندا هئا. مٿئين حصي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي آفيس (جيڪا هنن تنظيم کي ڪرائي تي ڏني هئي). هيٺ هڪ حصي ۾ بہ ماڻهو رهندا هئا. شايد ڪنهن بئنڪ جا ملازم هئا ۽ هڪ حصي ۾ سندن اوطاق هوندي هئي جو جڏهن بہ دادو شهر ۾ اچن ڪم ڪار سانگي تہ اتي اچي آرام ڪندا هئا. سو اهو حصو مون کي ڏنائون چاڪاڻ تہ مون کي نائين- ڏهين جا سڀ پرچا ڏيڻا هئا ان ڪري منهنجو اتي رهڻ 20 ڏينهن ڪن ٿيو.

حبيب الله ڪابورو سان ملاقات

مان جيئن ئي ان جاءِ ۾ آيس، تہ هڪ تہ اها خوشي ٿي تہ جنهن مقصد لاءِ مون جان جي بازي لڳائي هر مشڪل وقت کي منهن ڏيئي پڙهائي جي پهرين ڏاڪي تي قدم رکيو آهي تہ ان جاءِ ۾ مونکي منهنجي جذبن ۽ خوابن جي منزل نظر اچي رهي هئي. آئون جتي اچي رهيس ان گهر جي مٿان تمام وڏو ڪهاڙيءَ وارو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو.اهو ڏسي دل کي اطمينان ۽ خوشي محسوس ٿي. ليڪن بہ ڏينهن گذري ويا جهنڊي واري حصي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ڪو ماڻهو نظر ڪونہ آيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ منجهند جو پيپر ڏيئي ڪجهہ وقت آرام ڪيم تہ دروازي تي ڪڙي جي وڄڻ جو آواز آيو. آئون ٻاهر نڪتس هڪ همراهہ سنهڙو- ڏڳهو منهن تي ماتا جا نشان، مٿي تي پوتڙو ٻڌل، ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ نج سنڌي ماڻهو جو ڏيک ڏيندڙ هڪ تنگ زمين تي ۽ هڪ سائيڪل جي پيڊل تي. مليوسانس پڇيائين چاچو ابڙو صاحب آهي؟ مون چيو اهو تہ ڪونہ آهي. وري پڇيائين اوهان ڪير آهيو؟ مون چيو آئون ابڙو آهيان پوءِ چاچو اوهان جو ڇا ٿئي؟ مون جواب ڏنو عزيز آهي. آئون سيوهڻ جو آهيان. هتي امتحان ڏيڻ جي ڪري اچي رهيو آهيان. اوهان پنهنجو نالو تہ ڪو نہ ٻڌايو اوهان ڪير آهيو؟ ۽ ڇا ڪم آهي؟ جي ڪو نياپو هجي تہ ٻڌائيندو سانس! چيائين تہ منهنجو نالو حبيب الله ڪابورو آهي. مان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن دادوءَ جو اڳواڻ آهيان. (شايد عهدو ٻڌايائين صدر يا سيڪريٽري جنرل). هيءُ مٿين جاءِ اسان جي آفيس آهي. ڪرايو رهيل آهي جيڪو ڏيڻو آهي. چاچو ڪرائي جي معاملي ۾ ڏاڍو سخت آهي 3/2 مهينا ٿيندا آهن. تہ سختي ڪندو آهي. سو هيءُ پئسا!- اچي تہ ان کي ڏجان .مون لفافي ۾ بند پئسا ورتا، هن کي چانهن پاڻي جي صلاح ڪيم. چيائين مان تڪڙو آهيان. سائيڪل بہ ڪرائي جي ڪٺي آيو آهيان اها بہ واپس ڏيڻي آهي. وري پوءِ ملاقات ڪنداسين.ائين چئي هي دوست سائيڪل تي سوار ٿي، پيندل تي پير گهمائيندو روانو ٿي ويو. جنهن ڏينهن پيپر هوندو هئو. ان ڏينهن پڙهائي وري جنهن ڏينهن پيپر نہ هوندو هئو ان ڏينهن ڪجهہ ڳوٺ جي دوستن سان ملاقات بہ ٿيندي هئي. جنهن ۾ نذير سومرو اهو پنهنجي ڀاءُ نثار سومري سان گڏ آيل هو. اتي نثار احمد سومرو ولد حافظ عثمان سومرو بہ مئٽرڪ سائنس جو پيپر ڏيڻ آيل هو.

نثار احمد سومرو

نذير احمد سومرو سان تہ حيدرآباد کان وٺي ملاقات ۽ دوستي هئي. هاڻي هيءُ همراهہ بہ دادوءَ ۾ مليو ۽ مون سان وڌيڪ ويجهو اچڻ جي ڪوشش ۾ نظر آيو. پر مان ڪيس ان ڪري پيو نظر انداز ڪندو هئس، تہ هڪ تہ دوست جو ننڍو ڀاءُ پيو عمر ۾ مون کان چڱو خاصو ننڍو اندازن ڇهہ سال ڪن! سنهڙو سيپڪڙو شڪل جو بہ مناسب ۽ پورو سارو ايترا پئسي وارا ڪونہ هئا .ريزڪيءَ جو دڪان سندس والد ڪي هوندو هئو. جيڪو سندس وڏو ڀاءُ بشير احمد سومرو سنڀاليندو هئو. طبيعت ۾ شريف ۽ چڱا ماڻهو هئا. تازو ڪي بہ چار سال اڳ ۾ پنهنجي ڳوٺ دريديرو مان لڏي سيوهڻ جي قلعي جي پرسان واري علائقي ۾ اچي رهيا هئا. سندس والد صاحب جون بہ شاديون ٽيل هيون.بشير ۽ هيءُ هڪ ماءُ مان بہ ڀائر هئا. ٻي زال مان وڏو پٽ نظير احمد سومرو جيڪو هاڻي ڊاڪٽر آهي ۽ سرڪاري اسپتال سيوهڻ ۾ 18 گريڊ جو آفيسر آهي. ننڍن ڀائرن ۾ منظور احمد، دين محمد ۽ آفتاب سومرو، واپڊا ڄام شورو باقي 2 ڄڻا پنهنجي ڪاروبار ڪي لڳا پيا آهن.

سرڪش چال ۽ قومپرست ساٿي

منجهند ۽ رات جي ماني اسٽيشن روڊ دادوءَ ۾ اڇوءَ جي هوٽل تي کائڻ ويندا هئاسين. اوهان اڇو مان مراد هندوءَ جي ورتي هوندي، پر هيءُ مسلمان هئو. ۽ پنجابي هئو تقريبن سڀ شاگرد جيڪي ضلعي جي مختلف شهرن مان امتحانن لاءِ ايندا هئا تہ ماني اڇوءَ جي هوٽل تي کائيندا هئا.هڪ تہ ماني چڱي هوندي هئس پيو تہ ان وقت ان جا اگهہ بہ مناسب هوندا هئا. شام جو ڪجهہ وقت دادو شهر ۾ بہ گهمڻ ويندو هئس. اتي هڪ ڇوڪرو نظر آيو. هلڻ جي قدرتي چال منفرد هئس. مئٽرڪ جو شاگرد هجي گلو ڪليل، ٻانهن جي لوڏ ايئن- جڻ هن شهر ۾ هن کان وڌيڪ ڪو مڙس ماڻهو ڪونہ هيو.سندس ٻاڍي لئنگوبج ايئن پئي ٻڌائي جڻ وڏو ڪو بدمعاش هجي. ليڪن جيترو ٻاهران سرڪش ۽ بدمعاش پئي نظر آيو اندران ايترو ئي معصوم هئو. شروع شروع ۾ جيستائين وجي ويچاري بابت حقيقت معلوم ٿي، مان سندس سرڪشيءَ واري چال سبب هن جي پرسان پيو هلندو هئس تہ پلي هيءُ بہ ڪجهہ چوي تہ هن جي ٽيڙ پيچان. ننڍي عمر کان ئي نہ ڪنهن جي بدمعاشي وٽندي هئي نہ هلڪڙائي. جيترو عقل ايترو دماغ ڪم ڪندو هئو سو شوق هئو تہ دادوءَ ۾ هن ڪي سرڪش چال جي سزا ڏجي. هن جو مون ڪي پنهنجي اڳيان پويان يا تاڙ ۾ محسوس ڪيو تہ هن ايئن سمجهيو تہ هي مون تي عاشق آهي. ۽ مون ڪي تنگ ڪرڻ لاءِ پيو پيڇو ڪري هن جو نالو روشن علي ٻرڙو هو. خبر پئي تہ پاڻ سيوهڻ تعلقي جي ڀان سيد آباد شهر جو رهواسي هئو سندس والد جو نالو محمد هاشم ٻرڙو هئو. ڪين ڀان شهر ۾ اتي جي چڪي هوندي هئي. جيڪا سندس مامو غلام حسين سنڀاليندو هئو. هن جو تعلق جيئي سنڌ جي ونگ، چٽنگ سنگت سان هوندو هئو. هن وڃي منهنجي دانهن دادوءَ جي جيئي سنڌ جي ليڊرن ڪي ڏني. اهو ليڊر حبيب الله ڪابورو هئو هن چيو تہ اسان ڪي ڏيکار هن

چيو تہ شام جو اسان گھمڻ ويندا آھيون تہ ھيءُ بہ اچي پاسو ڏيندو آھي. ۽ تاڙيندو وتندو آھي. شام جي وقت حسب معمول ھيءُ سينما چوڪ تي آيو. ھن سان اڄ ٽي چار ڇوڪرا پر چڱا پلا گڏ ھجن. ھو ۽ مان آمھون سامھون ٿياسين تہ ھن دابو ڪندي چيو تہ ھيءُ اڇيو پيو! سيني مون ڏانھن ڏنو. ڪجھ ڇوڪرن تيارڙي ڪئي تہ اڄ ڏيونس ٽا ملٽي! پر ھنن سان گڏ ڪابورو بہ ھئو. ان جيئن ئي ڇوڪرن کي مون ڏانھن تڪڙ ۾ ايندي ڏٺو تہ ھنن کي ھڪل ڪيائين تہ نہ وڙھجو ھن سان مان ٿو ڳالھايان. ھيءُ پنھنجي آفيس واري مالڪ جو عزيز آھي. بہ ٽي ڏينھن اڳ ۾ آفيس جو ڪرايو بہ ھن کي ڏئي آيو ھئس. ايئن چئي مون ڏي وڌيو پيا سڀ بيھي رھيا مان اڪيلو ھئس، پر پريشان ڪونہ ٿيس. جو سامھون ڪابورو بہ ھنن سان گڏ نظر آيو. ھيءُ وڌيو ۽ مون کي ملڻ ڪان پوءِ چيائين ھيءُ دوست تنھنجي دانھن ٿو ڏيئي تون ھن کي تاڙين پيو اھا تہ سٺي ڳالھہ ڪانہ آھي. مون چيو مانس مان ھن کي تاڙيان ڪونہ ٿو. مون کي ھن جي ھلڻ جي انداز ۽ گلو ڪولي ھلڻ جي انداز تي ڪاوڙ آھي. ان ڪري مان ھن کي چڙ مان پيو ڏسندو ھئس. ھن چيو اھو ان جو قدرتي انداز آھي. ھُو ڪنھن تي رعب وجھڻ لاءِ ايئن ڪونہ ٿو ڪري تہ پوءِ مون چيومانس تہ اھو منھنجو ڏسڻ بہ ڪاوڙ جو انداز ھئو. ھن کي بہ ايئن غلط فھمي ٿي آھي. تہ ڪو مان ھن کي تاڙيان ٿو. اھو منھنجو مسئلو ڪونھي. ايئن ھن اسان ٻنھي کي تعارف ڪرايو ۽ ياڪر پارايائين. جيڪي ھن وٽ مون لاءِ يا مون وٽ ھن لاءِ ڪي غلط فھميون ھيون سي ختم ٿيون. ۽ ھاڻي اسين جڏھن بہ ملندا ھئاسين تہ ھڪ ٻئي سان ھجائتا ٿي ملندا ھياسين. ۽ ايئن اسان جي اڳتي ھلي تمام گھڻي دوستي ٿي ويئي ۽ پوءِ جڏھن 1978ع ۾ آءُ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ضلعي دادوءَ جو صدر ٿيس تہ روشن ٻرڙو جنرل سيڪريٽري ٿيو. اسان جڏھن امتحان ڀئي ڏنو تہ ان وقت ڪامريڊ شوڪت سنڌيءَ جو وڏو نالو ھئو. ھي ڪامريڊ، جي ايم سيد جو انتھائي ويجھو ساٿي ھئو. دادوءَ ۾ جيئي سنڌ وارن جي ڊال ھوندو ھئو. ڪامريڊن جي پويان پيو ھلندو ھئو. اھي جيل ھجن، ضمانتون ھجن، ٽاٽا ھجن، ڪورٽون ھجن، بھر صورت شوڪت سنڌي قوم پرست ورڪرن جو عاشق ھئو. سندس تمام گھڻي عزت ھوندي ھئي. دادوءَ جي شاھي بازار جي منڊ ۾ سندس حلوي جو دڪان ھوندو ھئو. دڪان گھٽ جيئي سنڌ جي ورڪرن جو اوتارو وڌيڪ ھوندو ھئو. سندس دڪان تي ميلا متل ھوندا ھئا. ھر پل ۽ ھر وقت ۾ سنڌ جي ماڻھن جو اونو ھن ماڻھوءَ ۾ نظر ايندو ھئو. آءُ بہ وڃي اُن جي سلامي ڀريندو ھئس. ۽ سندس دڪان تي ويندو رھندو ھئس. ۽ ساٿس ڪچھريءَ ۾ ۽ بحث ۾ ڏاڍو مزو ايندو ھئو. ان وقت سندس اڳيان ليڊر جيڪي ضلعي سطح تي رھيا، انھن سان اتي ملاقات ٿيندي ھئي. جن ۾ رفيق قريشي، منظور پنھور، مير مولا بخش لغاري، روشن ٻرڙو عابد لاکير وغيره شامل ھئا.

سيوھڻ ۾ تنظيم سازي

مئٽرڪ جو امتحان ڏنم. مون کي اھا پڪ ھئي تہ مان نائين ۾ ڏھين جي ڏنل سيني پرچن ۾ پاس ٿيندس. مون ڪنھن بہ پيپر ۾ ڪاپي ڪونہ ڪئي. جو مون کي ڪاپي جي خبر بہ ڪانہ ھئي نہ ئي تجربو جي مان ايئن ڪيان بہ ھا تہ مان پنھنجي مقصد جو بنياد ڪوڙ ۾ نڳيءَ تي رکان ھان. ان ڪري

منهنجي اندر جو انسان به ان ڳالهه جي اجازت ڪونه پيو ڏيئي.

پوءِ جڏهن نتيجو آيو ته مئٽرڪ ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس ٿي. انهن ڏينهن ۾ امتحان ۽ رزلٽ جي وچ ۾ ڇئن کان ڇهه مهينا لڳندا هئا. آءٌ واپس سيوهڻ آيس ته وري ادا جو سيزنل برف جو ڪم ۽ ان سان گڏ هاڻي وري ٿورو گهڻو مڇيءَ جو واپار به هو. انهن ٻنهي ڪمن ۾ جت منهنجي ضرورت پوندي هئي. مان ڪم ڪندو هئس. هاڻي جڏهن ٻن سالن جي وقفي کانپوءِ هتي آيس ته پڇا ڪيم ته هتي جيئي سنڌ ا-ف جو ڪير ليڊر آهي خبر پئي ته هتي سيدن جو وڏو زور آهي سيد حاجن شاهه لڪياري سپاف ضلعي دادوءَ جو صدر آهي. سيوهڻ جي وڏي پير جو پٽ سو حڪومت جيستائين انهن قومپرستن خلاف ڪارروائي ڪري هيءُ پاڻ ئي انهن کي اهڙي تنظيمي ڪم جي اجازت نٿو ڏيئي. باقي ڪجهه وقت اڳ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر منظور احمد سهتو هئو. هن جو والد لوهارڪو ڪم ڪندو هئو. هيءُ پاڻ ۾ ڇهه ست ڀائر هئا. سڀ کان وڏو محمد بخش ٻئي نمبر تي نور احمد- فقير نور احمد جي نالي سان مشهور هئو اهو به لوهارڪو ڪم ڪندو هو. اهو جيئي سنڌ تحريڪ سان تمام گهڻو پيار ڪندو هئو. عهديدار يا باضابطه ميمبر ڪونه هئو. ليڪن جي ايم سيد جو پوئلڳ ۽ ان سان عقيدت جي حد تائين پيار ڪرڻ وارن ۾ شامل هو. لطيف سائين جا بيت پيو جهونگاريندو هئو. جڏهن به ڪچهري ڪندو هئو ته رڳو جيئي سنڌ ۽ سائين جي ايم سيد جي پيو واکاڻ ڪندو هئو. ٽيون وڏو ڀاءُ بشير احمد سهتو جيڪو ساسو ۾ آفيسر ٿيو. چوٿين نمبر تي پاڻ ۽ پنجين نمبر تي رفيق احمد سهتو جيڪو پوءِ رفيق احمد قادري (سائي پٽڪي) سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اسٽينو ٽائپسٽ ۽ اسٽينو گرافر پوءِ سيڪريٽري ٿو سيڪريٽري گورنمينٽ آف سنڌ هاڻي ائڊيشنل سيڪريٽري گورنمينٽ آف سنڌ آهي. هن گهڻو ڪري ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪيو آهي. جڏهن هيءُ سيڪشن آفيسر ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ هئو اها آهي 1989-90ع جي ڳالهه آهي، جڏهن اسان ڪراچيءَ ۾ پهرين سنڌي ڳوٺ جو بنياد وڌو. جنهن جو نالو اسان ”شانتي نگر“ رکيو. واسطو به هئو دوستي به هئي ڇيائين سرڪاري نوڪريءَ مان هن مهل تائين ته ڪو گهر ڪونه ٺاهي سگهيو آهيان، مون کي به پلاٽ ڏيو ته آءٌ به ٻچڙن لاءِ ڪا ڇت ٺاهي سگهان. ورنه سدائين ڀيا ڪراين وارن گهرن ۾ دربدر ٿيندا سين. مون پنهنجي ڪوٽا مان ڪيس پلاٽ ڏنو. رفيق صاحب اڄ به ان گهر ۾ رهيو پيو آهي. ۽ جڏهن ملندو آهي ته دعائون ڏيندو آهي. بقول رفيق احمد سهتو (قادري) ته آئون جڏهن دعا گهرندو آهيان تو لاءِ ضرور دعا ڪندو آهيان ته مان ڪيس چوندو هئس ته مون کي خوشي آهي ته! ”تو کي پلاٽ ڏنم ته گهر ٺاهيئي ٻين وانگر وڪڻي ڪونه وئين.“

سنڌيءَ کان تعلقي صدارت تائين

منظور سهتو سان مليس، واقفيت ته پهرين هئي. ڇيائين ته مان ته ڪيتري وقت کان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر آهيان، سو به تعلقي جو. پر يار ڏس هن پ پ جي دؤر ۾ قوم پرستن سان ڇا نه پيو ٿئي ۽ وري سپاف جو ضلعي صدر به هتان سيوهڻ جو آهي. ۽ مٿان وري گل محمد شاهه

لڪياريءَ جو پٽ. سو سرڪار جيستائين ڪاوڙجي، حاجن شاهه پهرين پيو ڪاوڙجي ۽ ڌمڪائي! اسين ته ڪٽي منهن ڏيونس ليڪن والدين پريشان ٿا ٿين. مون چيومانس ته نيٺ هيتري ذميواري اوهان کنئي آهي ته ان کي نڀايو ۽ ميمبرشپ به وڌايو. هن چيو ميمبر ته ڪير ڪونه ٿو ٿئي اوهان ٿيو! ته آئون اوهان کي ميمبر ڪيان ٿو. ۽ جي ڪا ذميواري به کڻو ٿا ته اهو به ڪري سگهان ٿو. آئون نالي ماتر تعلقي جو صدر آهيان، خانه پوري ڪيو وينو آهيان. ميٽنگ ٿئي ڪونه ٿي. اسان کان وڏيڪ سينئر خادم حسين سومرو آهي. جيڪو جيل مان آيو آهي ته خاموش ٿي ويو آهي. شايد جيل مان اهو سمجهي نڪتو آهي ته هاڻي تنظيم جو ڪو به ڪم نه ڪرڻو ۽ عهدو به ناهي وٺڻو مٿان وري صوفيت جون ڊرامي بازيون وينو ڪري!. مون چيومانس توهان مون کي ميمبر شپ ڏيو ۽ پنهنجي ضلعي کان منظوري وٺي مون کي شهر سيوهڻ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سٽي صدر جي سيٽ ڏيو آءُ سيوهڻ ۾ ڪم ڪندس هُن ائين ڪيو ۽ جڏهن مون کي صدر ڪيائين ته هاڻي مون ميمبر ڪيا. جنهن جي آڌار تي هن تعلقي جي صدارت به ڇڏي ڏني ۽ چيائين ته توهان سيوهڻ جا ارڏا ماڻهو رهيا آهيو اوهان ۾ ٽڪرُو هڻ ڪونه وجهندا جو خبر اٿن ته هيءُ مهاڏو اٽڪائيندا. ان ڪري هن شهر ۾ جيڪو اوهان جو اثر آهي اهو اوهان کي تمام گهڻو سپورٽ ڪندو. هاڻي تعلقي جي صدارت به توهان سنڀاليو. مون مئٽرڪ جي رزلٽ اچڻ شرط 1975ع جي نومبر ۾ تعلقي جي صدارت سنڀالي ۽ پوءِ سيوهڻ گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هيءُ اسان جي پهرين بيچ هئي. جنهن سرڪاري ڪاليج جي نئين بلڊنگ ۾ پڙهائي شروع ڪئي. ان کان اڳ ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جي بلڊنگ ۾ ڪاليج جا ڪلاسز هلندا هئا. ان وقت ۾ سيوهڻ ڪاليج جي شاگرد يونين جون 1973ع 1974ع ۽ 1975ع جي اليڪشن ۾ سپاف کٽي چڪي هئي. هڪڙي اليڪشن ۾ ماستر آچر اونو ۽ ماستر مجن اونو ـ جن مون کي پرائمري اسڪول ۾ پڙهايو هئو انهن سپاف سان مقابلو ڪيو هو ته انهن سيوهڻ ڪاليج ۾ شام جو شفٽ جي ڪري داخلا ورتي هئي ۽ هن مقابلو پارٽيءَ سان نه پر حاجن شاهه سان ڪيو. جيڪو سپاف ضلعي جو صدر به هيو. پر انهن کي جيڪا سپورٽ هئي يا ڪٽي ائين چئجي هنن حاجن شاهه سبزواري ۽ مظفر علي شاهه سبزواريءَ جي دوستيءَ ۾ انهن جي چوڻ تي اليڪشن وڙهي ـ جيڪا هو حاجن شاهه لڪياريءَ کان هارائي ويا. ٻئي سال جي اليڪشن 74ـ75 جي سپاف بنا مقابلي کٽي. هاڻي بلڊنگ به نئين ۽ آئون به ڪاليج ۾ اچي پهتس هوڏانهن حاجن شاهه پاڻ سيوهڻ ڪاليج مان انٽر ڪري دادوءَ ۾ ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتي. ليڪن ضلعي صدر سپاف جي ڪري سندس اثر سيوهڻ ڪاليج انتظاميه، روينيو ۽ پوليس ۾ هئو. پاڻ وڏيرو به هيو. ان ڪري ماڻهو ان کان ڊڄندا به هيا. ان ڪري هو ته بي خوف ۽ بي ڊپو هئو. ايتري خبر پيس ته محمد خان ابڙو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن تعلقي جو صدر آهي. پلا جي مقابلو به ڪيائين ته هن کي ووٽ ڪير ڏيندو؟! هڪ ته هيءُ هاءِ اسڪول جو ريگيولر شاگرد ڪونه رهيو آهي. جنهنڪري هاءِ اسڪول جي شاگردن سان ڪوبه واسطو ڪونه رهيو هوندس. ٻيو ته اهي ئي شاگرد هاءِ اسڪول مان ڪاليج آيا آهن، ٽيون ته به دفعا ڪاليج يونين مون وٽ رهي آهي سو هن

ڪي ته پينل ئي پورو ڪونه ملندو! باقي ڪنهن هڪ سيٽ تي هيءُ بيٺو ته منهن ڏيئي ونندو مانس. سندس عزيزن کي ڇئي هن کي هٿ ڪٽائي ڇڏيندس ۽ اهڙي طرح سپاف جي سيوهڻ ڪاليج ۾ هِٽ ٽرڪ مڪمل ڪندس.

انور پيٽو

انور پيٽو ولد محمد ڇٽل پيٽو ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهندو هئو. فرسٽ ييئر جو امتحان اتان ڏنائين پر مايوس هئو. رزلٽ چڱو ڪونه آيس.هن کي شوق هوندو هئو ته ڪيئن به ڪري انجنيئر ٿيان. ان لاءِ ضلعي وار ڪوٽا هئي. ان ۾ مخصوص پرسنٽيج جو هجڻ ضروري هئو. هن جي فرسٽ ييئر پري انجنيئرنگ ۾ جيڪو رزلٽ آيو سو خاطر خواه نه هو. شايد هڪ به پرچا رهيل هئس. ان ڪري مايوس هئو. مون سان هن جي ملاقات عبدالحميد شيخ صاحب وارن جي دڪان تي ٿي. پوءِ ٻڌايائين ته ڏاڍو شوق آهي. ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهان ٿو پر نٿو لڳي ته منهنجي انجنيئرنگ ۾ سليڪشن ٿيندي! مون سمجهيو ته هي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ته پڙهي ٿو پر دلچسپي ٻين شين ۾ اٿس. جنهن ۾ ڪرڪيٽ، والي بال ۽ بيڊمنٽن رانديون ۽ سهٽا ڇوڪرا به شامل هئا.

اميد جي ڏياٽي

مون سان جڏهن ٿوري گهرائي ٿيس ته مون کيس چيو ته انور ياءُ، تون انجنيئر ٿيندين ليڪن ان لاءِ شرط اهو آهي ته جيئن آئون چوان تون ايئن ڪندين! چيائين مون کي ڇا ڪرڻو آهي. چيم تون ٽرانسفر سرٽيفيڪٽ وٺي سيوهڻ ڪاليج ۾ انٽر ۾ داخلا وٺ. باقي توکي انجنيئر ڪرائڻ جي ذميواري منهنجي آهي. چيائين مان ايئنءَ ڪونه ڪري سگهندس. ڇو؟ چيائين، بابا کي خبر پوندي ته ڪاوڙ ڪندو هن کي ته اها به خبر نه آهي ته آئون فرسٽ ييئر ۾ ڪنهن پرچي ۾ رهجي ويو آهيان. سو يار تو وارو شرط ڏکيو آهي. مون چيو تنهنجو والد ڪاٿي آهي؟ مون کي ملاءِ هن چيو والد صاحب ڪراچيءَ ۾ ساسو جو ايم ڊي آهي. پهريون ڊپارٽمينٽ پيٽي صاحب جي دؤر ۾ ڪليو آهي. ان جو پهريون SASO, M.D منهنجو والد آهي. مون چيو ايڏي وڏي پوسٽ، سيوهڻ جو ماڻهو ۽ ايترو غير معروف! چيائين ته ادا ملنديس ته پاڻ ئي احساس ٿيندئي ته ڪيترو خاموش، شريف ۽ ايماندار آهي. چيومانس ظاهر آهي تنهنجو والد آهي تون ته ايئن ئي چوندين.

جنرل ضياءَ جو عتاب

هيءُ پيٽا سيوهڻ شهر جي لڳ جان محمد پيٽي ڳوٺ – جيڪو سيوهڻ جي ڏکڻ ۾ اسٽيشن جي اوير ۾ ۽ مين حيدرآباد روڊ تي آهي جا رهواسي آهن. گهڻو ڪري اهي پيٽا پڙهيل لکيل آهن، سو وچي نوڪرين ۾ لڳا .جن ۾ ڇٽل صاحب ۽ سندس ننڍو ياءُ محمد ابراهيم جيڪو پاسڪو جو ڊپٽي ڊائريڪٽر هئو. ليڪن ضياءُ جي مارشل-لا ڪان پوءِ هن کي صرف ان ڪري گرفتار ڪيو ويو جو هو

پٽو هئو! شايد 1977ع جي ڳالهه آهي پاسڪو جي گدام تي ڇاپو هنيو ويو. گودام ڪيپرن ڪي پڪڙي هٿ سان ڪجهه ٻج جون ٻوريون ڪٽي ويا ۽ انهن گدام ڪيپرن کي چيائون اوهان ابراهيم پٽي تي بيان ڏيندؤ ته اها خرد برد هن جي چوڻ تي ڪئي اٿو ته اوهان کي ڇڏي ڏينداسين هڪ گدام ڪيپر ۽ هڪ چوڪيدار اهلڪارن جي ڏپ ۽ ملڪ ۾ مارشل-لا ۽ مارشل-لا ڪورٽون، هن کي گهران فون ڪري گهرائي هٿڪڙيون هڻي ڪٽي ويا. ٻن ڏينهن ۾ ڪيس تيار بيان تيار شاهد مٽان هڪ هفتي جي ٽرائل ڪري چوڪيدار کي ڇڏي، جيڪو پنجابي هئو باقي گدام ڪيپر- جو به سنڌي هو ۽ پٽي صاحب کي ٻارهن مهينا جيل ۽ هر هڪ کي پندرهن ڪوڙا هڻڻ جو حڪم ڏنو. مارشل-لا ڪورٽ جي ڪابه اپيل سول ڪورٽ ۾ ڪونه هلندي هئي. ڊپٽي مارشل-لا ايڊمنسٽريٽروٽ اپيل جو حق هئو. سو اهو اڳ ۾ ئي ان سازش ۾ ملوث هو.سو اپيل رد ٿي وئي.همراهه هڪ سال سزا ۽ پندرهن ڦٽڪا کائي سزا پوري ڪري نوڪري مان ڊسمس ٿي اچي گهر ويٺو. ڪوٽڙيءَ جي هڪ فيڪٽريءَ ۾ ڪلرڪي جي نوڪري مليس. بينظير جي حڪومت آئي ته ڏاڍي ڊڪ ڊوڙ ڪيائين پر غير سياسي ماڻهو هئو. پٽو ضرور هئو پر پٽن سان ڪو واسطو ڪونه هئس. ان ڪري رلندو رهيو. جن جي نالي هيڏي وڏي نوڪري تان هٿ ڌوتائين انهن پنهنجي دؤر ۾ ملڻ به گوارا ڪونه ڪيس! سائين عبدالله شاهه محترمه جي ٻئي دور ۾ وڏو وزير ٿيو تڪ جو ماڻهو هو سڄي معاملي جي خبر هوندي به چيائين آءٌ اوهان جو ڪم ڪرائيندس. پر شاهه صاحب وڏو وزير ٿيو ته ساڻس عوامي ماڻهن جو ملڻ محال ٿي ويو. ڳوٺ ڪافي دفعا ويس ليڪن ان به ڪجهه ڪونه ڪيو. ۽ ايئن هي هاءِ ڪورٽ ۾ ويو ته مارشل-لا دؤر ۾ مون سان هيءُ هٿ ناٽڪ ڪري مون کي بيروزگار ڪيو اٿن. هاءِ ڪورٽ هن جي حق ۾ فيصلو ڏنو.ليڪن انتظاميه ڪونه مڃيو مٿان حڪومت به دفعا پ پ جي آئي پر ڪجهه ڪونه ٿيس. پاسڪو وارا سپريم ڪورٽ ويا ته هيءُ به ويو. سپريم ڪورٽ به چيو ته هن کي بحال ڪري سڀ بينيفٽس ڏنا وڃن. پر ڪنهن ڪجهه ڪونه ڪيو. هو رلندو پنندو در در جون ٺوڪرون کائيندو نيٺ چپ ڪري ويهي رهيو. هاڻي ته عمر به 60 سالن کان ٽپي ويئي اٿس. ۽ هن ماڻهو جيتري تڪليف ڏٺي ڪڏهن ڪنهن مل ۾، ڪڏهن ڪنهن فيڪٽري، ڪڏهن ڪٿي منشي گيري ۾8000 روپين تي ڪم ڪندو رهيو ۽ هاڻي به الله جي در پيو ٻاڏائي. ڏاڙهي رکي 5 وقت نمازي ٻڻجي عمر جو آخري وقت پيو گذاري، ايئن سيوهڻ جو هي ارڙهين گريڊ جو آفيسر 27 سالن جي عمر ۾ مارشل-لا جي ظلم جو شڪار ٿي ويو. نه ته هينئر فيڊرل سيڪريٽري ٿي رٽائر ٿئي ها. پر قسمت جا پنهنجا رنگ آهن. مان ان واقعي کان پوءِ ڪيترا دفعا ساڻس ملاقاتون ڪيون.پنجويهن سالن کان هميشه ملاقاتون ٿينديون رهيون. مون هن جي چهري تي مرڪ، خوشي يا ڪا اهڙي شيءِ ڪونه ڏٺي. سدائين سراپا ڏک جو هڪ هلندڙ ڦرندڙ داستان نظر ايندو هئو. چوندو هئو: جي ڪجهه ڪيو هجيم ها ته افسوس ڪونه ٿئي ها. خبر نه آهي ته ڪهڙي ڏوهه جي سزا ملي؟ -وري به شڪر آهي وقت ڏکيو سکيو پيو گذري. سندس ڀائٽيو انور پٽو صاحب جڏهن انجنئر ٿيو ڪافي سپورٽ ڪندو هئس. انور پٽو ابراهيم جو ڀائٽيو هيو.

انور صاحب صرف ايترو راضي ٿيو ته آئون پنهنجي والد صاحب سان ڪونه ڳالهائي سگهندس، باقي تون مليس ۽ راضي ڪرينس .مون چيو! آئون تنهنجي والد صاحب سان ملندس. هن چيو ته پوءِ تون ٻڌائيندين ته هيءُ پيارو فيل ٿي پيو آهي ۽ هو ڪاوڙ ڪندو ۽ چوندو ته جيڪو پيٽارو ۾ ڪجهه نه ڪري سگهيو اهو سرڪاري ڪاليج سيوهڻ ۾ ڇا ڪري سگهندو؟ -مون ڪيس چيو ته ايترو خيال

۾ ڦِٽِي هجئي ها ته پوءِ محنت ڪري اهڙي شرمساري کان بچي پئي سگهين. تنهنجو والد ڪاوڙ نه ڪندو ليڪن انٽر ڪان پوءِ جي تنهنجا اڃا پيپر رهجي ويا ته پوءِ ڇا ڪندين؟ ڇا پوءِ جي ڪاوڙ به برداشت ڪري سگهندين؟ ان ڪري تون مون کي پنهنجي والد سان ملاءِ باقي مون تي ڇڏي ڏي. آخر هڪ ڏينهن هن چيو ته يار واقعي منهنجي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ دل ڪونه ٿي لڳي سختيءَ جي ماحول جي باوجود پيپر پاس ڪونه ڪري سگهيس. شايد مون توجهه پڙهائي ۾ ڪونه ڏنو ته مون چيو ته تون پنهنجي والد سان ملاءِ باقي مون تي ڇڏي ڏي.

هڪ ايماندار آفيسر

نيٺ هڪ ڏينهن هن چيو ته ڪراچيءَ هلڻو پوندو ڇو ته والد صاحب جي پوسٽنگ اتي آهي. پروگرام ٺاهي ڏينهن ٻن ۾ وچي ڪراچيءَ نڪتاسين. محمد علي جناح سوسائٽيءَ ۾ خانگي بنگلو جيڪو ڪاٽي طرفان هائر ڪيل هجي، ان جي هيٺئين حصي ۾ شايد ٻار هجن. پردو ڪرائي مٿئين حصي ۾ وٺي هليو. سندس والد صاحب اڃا شايد آفيس ۾ هئو. اسين منجهند جي وقت پهتاسين. ماني کائي ڪجهه ڪچهري ڪري سمهي رهياسين. شام جي وقت هن جو والد صاحب آيو. ليڪن هن ٻڌايو ته هو به ڪجهه آرام ڪندو مغرب جي نماز پڙهي پوءِ ملاقات ڪندو. اڃا مون ڪيس تنهنجو به ڪونه ٻڌايو آهي پلي نماز پڙهي واندو ٿئي پوءِ توسان ملاقات ڪرايانس ٿو. مان صرف ايترو چوندس ته هيءُ منهنجو دوست آهي. اسين ڪراچي گهمڻ آيا آهيون. پوءِ وجهه وٺي مان نڪري ويندس پوءِ تون ڄاڻ ته بابا صاحب ڄاڻي!

نيٺ نماز کان پوءِ سندس والد صاحب ان ڪمري ۾ آيو. جتي آءٌ ويٺو هوس. السلام عليڪم ڪري اندر داخل ٿيو. آئون ادب ۾ اٿي سلام جو جواب ڏنو. انور پيٽو به ساٿس گڏ هو. ڇٽل پيٽو صاحب نازڪ نفيس هلڪي ڏاڙهي رکيل هئس. نماٽو چهرو، گفتگوءَ جي انداز ۾ تمام معصوميت صفا جهيٽي لهجي ۾ ڳالهائڻ ان ۾ به نياز نوڙت وارو انداز هجي. مون کي حيرت ٿي ته هيتري وڏي پوسٽ تي هيءُ ماڻهو ڪم ڪيئن هلائيندو. يا هن ڪرپٽ معاشري کي ڪيئن منهن ڏيندو. اها به حقيقت آهي ته پيٽي صاحب جي شروعاتي دؤر ۾ ڪرپشن گهٽ هوندي هئي. ٿورڙي گهٽي هوندي هئي سا به لڪ ۾ ته به ڪجهه نه ڪجهه ٿيندو هئو. مون هن کي ان ڪري ايماندار سمجهيو جو SASO جو MD هجي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي زمينن لاءِ ٻج ۽ پاڻ ٻاهرين ملڪن مان گهرائي هتان جي آبادگارن کي ڏنو ويندو هو. جنهن ۾ سرڪار سبسڊي به ڏيندي هئي .۽ ڪڏهن ته ڪنهن سياسي ماڻهو کي Oblige ڪرڻ لاءِ مفت به ڏيندي هئي. ان ۾ ڪيترا ڪانچا ۽ چڪر هوندا هئا. بلڪ هن جي گهر ۾ نه ڪو ڊنگ جو صوفو هئو نه ڪو سنو يا نئين قسم جو پلنگ. ليڪن هڪ ٻن ڪمرن ۾ ته ڪٿون به نظر آيون ۽ ايئن سادگيءَ ۾ پيو گذر ڪندو هئو. مون ساڻس انور پيٽي جي ٽرانسفر سرٽيفيڪيٽ لاءِ ڳالهايو. گهڻو بحث ٿيو مون چيو هاڻي توهان جي مرضي جي اوهان چاهيو ٿا ته ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهي ڪجهه به نه ٿئي ته نيڪ ورنه منهنجي صلاح سان هلو. آءٌ پاڻهي هن جي داخلا ۽ انجنيئرنگ ۾ سليڪشن جو انتظام ڪندس. هي مون تي اعتماد ڪندي راضي ٿيو. مون آخر ۾ ايترو چيو مانس ته جي اجازت ڏني اٿو ته انور کي هاڻي ڪجهه نه چوندا ۽ نه ڪاوڙ ڪندا ۽ ڪيس خوشيءَ سان اجازت

ڏينديءَ. تہ صبح اسين واپس سيوهڻ روانا ٿي پنهنجي ڪم ڪي لڳي وڃون. چٽل صاحب چيو مون کي تہ ٻڌايو اٿس توهان ڪراچي گهمڻ آيا آهيو؟ مون چيو تہ اصل ڪم اوهان سان ملڻ هئو سو ملاقات بہ ٿي. عرض بہ اڳهاميو. سو صبح جو ناشتو ڪري واپس سيوهڻ وڃڻ لاءِ نڪتاسين. هن وٽ جيڪا سرڪاري گاڏي هئي. اها بہ گهر پهچڻ کان پوءِ واپس آفيس موڪلي ڇڏيندو هئو وري صبح جو ڪٺڻ ايندي هئس سو سرڪاري ڪم کان سواءِ ذاتي استعمال ۾ ڪونہ آڻيندو هئو.

وري ٻيو مسئلو!

ڪجهہ وقت کان پوءِ انور پٽو ٽرانسفر سرٽيفڪيٽ ورتو. ۽ گورنمينٽ ڪاليج ۾ انٽر ۾ داخلا ورتائين. نئون ڪاليج، ان ۾ ٻيا تہ سائنس جا سڀ ليڪچرار هئا ليڪن مئٿس (Maths) جو ليڪچرار ڪونہ هجي سو اهو مسئلو سامهون آيو. هاڻي باقي سڀ ڪلاس هلن. مئٿس جو ڪم ڪيئن هلي؟ ڪجهہ وقت شهيد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب سيوهڻ شهر جي ڊيولپمينٽ ۽ قلندر لعل شهباز جي روضي کي (Renovet)ڪرڻ لاءِ سيوهڻ ڊيولپمينٽ ڪامپليڪس ٺاهيو جنهن جو نگران ائڊيشنل چيف سيڪريٽري پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ هوندو هئو. مان بہ تازو ڪاليج يونين جي اليڪشن کٽي جنرل سيڪريٽري ٿيو هجان.

ائڊيشنل چيف سيڪريٽري بدرالدين ذاهدي صاحب هوندو هئو. اهو مهيني ٻن کان پوءِ ڊيولپمينٽ جو ڪم ڏسڻ لاءِ سيوهڻ ايندو هئو. ان وقت ان ڪم جو انچارج XEN محمد ابراهيم سومرو هوندو هئو.انور پٽي چيو تہ جي ذاهدي صاحب سان ملاقات ڪريون تہ اها ڊيمانڊ ڪريو تہ مئٿس جو ليڪچرار مقرر ڪرائي ڏي ۽ ايستائين هفتي ۾ 2 دفعا XEN اچي ڪلاس وٺي ڇو تہ هيءُ انجنيئر آهي. ۽ اهو ڪلاس هيءُ پڙهائي ويندو. ٻيو تہ اسان جو ڳوٺ سيوهڻ ٽائون ڪاميٽيءَ کان ٻاهر آهي. اسان وٽ پاڻيءَ جي لاءِ واٽر سپلاءِ ڪونہ آهي. اها بہ ڪانئس منظور ڪرائيس تہ ڊيولپمينٽ فنڊ مان ٺهرائي ڏي.

ڪامورو؛ ”ذاهدي“ صاحب

ذاهدي صاحب سيوهڻ آيو. اسٽيشن جي ڀرسان ريلوي جي ريسٽ هائوس آهي، اتي اچي ترسيو. اسان کي خبر پئي تہ صبح جو سوير 15_20 ڇوڪرا ساڻ ڪري وڃي ريسٽ هائوس ۾ پهتس. ظاهر آهي ائڊيشنل چيف سيڪريٽري هجي. چڱو خاصو پروٽوڪول هئس پوليس ۽ ڊيولپمينٽ پراجيڪٽ جا آفيسر بہ هجن. چيائون صاحب ناشتو پيو ڪري، ان وقت منهنجو سيوهڻ جي انتظاميہ تي چڱو خاصو اثر ويڙهل هجي. هنن ڪيس اسان جي آمد جو اطلاع ڏنو. ذاهدي صاحب اندر گهرايو ايترا ڇوڪرا ڏسي ٿورو پريشان ٿيو. چيائين ڪهڙا مسئلا آهن؟ اسان عرض ڪيو تہ: سائين هڪ تہ اسان وٽ Maths جو ليڪچرار ڪونہ آهي. اهو ڪاليج ۾ مقرر ڪرائي ڏيو. چيائين بابا اهو منهنجو ڪاتو ڪونہ آهي سيڪريٽري ايڊيوڪيشن جو ڪم آهي، مون چيو سائين اوهان ائڊيشنل چيف سيڪريٽري آهيو. هتي اوهان هر مهيني ڪم ڪار کي ڏسڻ اچو ٿا. اسان سيڪريٽريءَ کي ڪٿي

ملنداسين؟ ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ اسان وٽ خرچ ڪونہ آهي. ان ڪري اوهان حڪومت سنڌ جا ايڏا وڏا ذميوار آفيسر آهيو اوهان چونڊؤ تہ اسان جو مسئلو حل ٿي ويندو. چيائين آئون سيڪريٽري ائڊيوڪيشن کي چوندس. مون چيو سائين ايستائين هيءُ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ابراهيم صاحب ويٺو آهي. ان کي چئو تہ هفتي ۾ ٻہ دفعا اڌ ڪلاڪ لاءِ پيرڊ وٺي. چيائين پوءِ ڊيولپمينٽ جو ڪم ڪير ڏسندو؟ چيومانس سڀ ٺيو ويندو اوهان چئوس. ذاهدي صاحب هن کي چيو تہ هنن جي ڳالهہ ٻڌين پيو هن ڪنڌ سان "هائو" ڪئي پوءِ چاتو سمجهين اهو ڪم ٻہ ڪندين؟ چيائين سائين جيئن اوهان جو حڪم. چيائين ٿورو گهڻو پڙهائي سگهين تہ بهتر ٿيندو. هن ها ڪيئي. ان کان پوءِ ٽيون مسئلو تہ سائين هيءُ جان محمد پٽي جو ڳوٺ آهي. جيڪو بلڪل اوهان جنهن ريسٽ هائوس ۾ رهيا پيا آهيو. ان جي سامهون سڌ ڪن پنڌ تي آهي. ان ۾ پاڻيءَ جي لائين ڏيو چو تہ هيءُ چوڪرا گهر جو پاڻي پرڻ درياهہ ڏانهن وڃن ٿا تہ ڪاليج ۽ اسڪول کي دير ٿي ٿئين. اوهان مهرباني ڪري اها منظور ڪيو. جو اهو ڪم تہ اوهان جي هٿ ۾ آهي. ٿي ڪروڙ نوي لک روپيا، 1976ع ۾ سيوهڻ پراجيڪٽ لاءِ اسپيشل گرانٽ جي طور پٽي صاحب ڏنا هئا. ان ڪري اهو اوهان لاءِ مسئلو ڪونہ آهي. هن انجنيئر کان پڇيو تہ ان ۾ گهڻو خرچ ايندو. انجنيئر چيو سائين واٽر سپلاءِ کان ڏيڊ ڪلو ميٽر پري آهي ۽ اندازن 6 کان 8 لک روپيہ خرچ ايندو. بيو تہ اسان جي تائون کان ٻاهر آهي ان ڪري ايترو وڏو خرچ ڪري ڪونہ ٿا سگهون. پڇيائين تہ ان جي اجازت لاءِ ڪنهن کي اختيار آهي. جواب مليس تہ سائين اهو تہ اختيار ٻہ اوهان وٽ آهي ليڪن پراجيڪٽ جي ايريا کان ٻاهر آهي. چيائين اوهان اسٽيمينٽ ٺاهيو ۽ منظوريءَ لاءِ مون کي موڪليو. بلڪ اڳئين مهيني، مان هتي ايندس. اتي ئي مون کان منظوري وٺي ڇڏجو. ڪراچيءَ موڪليوَ تہ دير ٿي سگهي ٿي. مون کي چيائين تو منهنجو الاهي ٽائيم ورتو آهي. مون کي واپس ٻہ وڃڻو آهي. هاڻي ڇڏيو تہ وڃي پراجيڪٽ جو ڪم ڏسان متان ڪٿي ڪو ايريا رهجي وڃي ۽ پٽو صاحب ڪنهن مهل ٻہ اچانڪ پڇي وٺندو آهي.

پنهنجي ڪاليج جي مالڪي

مون سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو مانس آءٌ ايندڙ مهيني اوهان وٽ حاضر ٿيندس. هيءُ ويو تہ ابراهيم صاحب کي چيم تہ سائين ٻڌايو تہ ڪڏهن ٿا ڪلاس وٺڻ اچو؟ چيائين بابا مان انجنيئر ماٺهو آهيان مئٿ اسان ٻہ پڙهي انٽر ۾! هاڻي تہ وسري ويئي آهي. هر ويرو چوٿو اسان تي خلق ڪلائين! ليڪن اسان جي زور تي هڪ دفعي آيو ۽ چيائين، پرنسپل کان اجازت وٺو تہ ڪلاس روم ۾ هلئون ۽ جيڪو حال آهي سو پڙهايان مون چيو سائين ڪلاس روم ڇا ڪندؤ هڪ استاد هڪ شاگرد سو منهنجي يونين آفيس ۾ ويهي هن کي مئٿ پڙهايو! اهو ڪم هن کي آسان لڳو ۽ ايئن ٻہ دفعا آيو تہ مٿان اهو صاحب سيڪريٽري ايڊيوڪيشن کي چيو تہ مئٿس جو ليڪچرار سيوهڻ ڪاليج ۾ موڪليو. اتي ڊيولپمينٽ جو ڪم پيو هلي وزير اعظم هر مهيني رپورٽ ٿو گهري. مون کي هر مهيني هڪ ٻہ چڪر ڪم ڏسڻ لاءِ سيوهڻ وڃڻو ٿو پوي. يونين جا چوڪرا مون کي ڪم ڏسڻ نٿا ڏين. انهيءَ ڪري هڪ هفتي اندر ليڪچرار مقرر ڪري ڏيو. سيڪريٽري ايڊيوڪيشن هڪ هفتي اندر

ليڪچرار موڪليو. ڪراچيءَ جو اردو ڳالهائيندڙ هئو نقوي پيو سڏائي. ۽ ايئن انور پٽو_ هڪ شاگرد لاءِ هڪ ليڪچرار جي مقرري ٿي ويئي. هوڏانهن هتان جي انجنيئرن کي چيم ته ڏاهدي صاحب ايندو. ان ڪري جان محمد پٽي جي ڳوٺ جي واٽر سپلاءِ اسڪيم جي ايسٽيميٽ ٺاهي رکو ته جيئن اچي ته هن کان منظور ڪرايون. ايسٽيميٽ به تيار ٿي ويئي ليڪچرار به اچي ويو ۽ جڏهن ڏاهدي صاحب بئي دفعي آيو ته هن پاڻيءَ جي اسڪيم منظور ڪئي ۽ چيائين بابا اوهان جا سڀ مسئلا حل ٿي ويا. مون چيو سائين الله توهان کي اجر ڏيندو جو هڪ ڳوٺ ۾ پاڻي ڏنوَ ۽ ليڪچرار به مقرر ڪري ڏنوَ. باقي هڪ مسئلو! چيائين وري ڇا آهي؟ چيم ته ڪاليج جي بلڊنگ ته ٺهي ويئي ليڪن ايڊيوڪيشن ورڪس ڪاتي وارن وٽان فنڊ ڪٽي ويو آهي بلڊنگ جي چوديواري اوهان ڏياري ڏيو. ان وقت اها چوديواري ٻن ڪان ايڪائي لکن ۾ تيار پئي ٿي. چيائين اهو اسان جي پراجيڪٽ جو ڪم ته نه آهي ليڪن آءٌ اوهان کي اهو ڪم به ڪرائي ٿو ڏيان. ليڪن هڪڙو شرط منهنجو به آهي ته اوهان هاڻي ڪو اهڙي قسم جو مسئلو مون وٽ نه کڻي ايندا. مون به واعدو ڪيو ته هاڻي اوهان کي وڌيڪ تنگ نه ڪبو. ڪٿي اسان جي ئي ڪنهن غلطيءَ جي ڪري اسان جي ئي شهر جو ڪم نه دربدر ٿئي مون چيو سائين واعدو آهي وري اوهان کي نه چونداسين. ايئن بدر الدين ڏاهدي صاحب جي انتهائي همدردي، پيار ۽ مهربانيءَ سان منهنجي ڪاليج يونين جي جنرل سيڪريٽريءَ جي ايامن ۾ اهي ڪم ٿيا ۽ ان ڪانسواءِ ايريگيشن جي SDO سيال صاحب مون کان نالو وسري ويو آهي پنهنجي طرفان منهنجي چوڻ تي ڪاليج ۾ ڪرڪيٽ جي راند لاءِ سيمينٽ جي پچ پڻ ٺهرائي ڏني.

بهرحال ايئن انور صاحب جي امتحان جي موقعي تي مون جيڪو ساٿس واعدو ڪيو هئو ته توکي انجنيئرنگ ۾ داخلا ملندي. مون ان وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ جي شاگرد يونين جي جنرل سيڪريٽري امير حمزه مينگل، جيڪو پان جي پرسان ڳوٺ ننگر خان جو رهواسي هئو _ ليڪن منهنجي ان سان دوستي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪري ٿي، ان کي عرض ڪيم ته دادوءَ ۾ امتحان جي موقعي تي اچي ۽ اسان جو هڪ دوست آهي ان کي پرچي ۾ مدد ڪري. هن مهرباني ڪئي امتحان جي موقعي تي آيو ۽ انور پٽي جي ڀرپور مدد ٿي ۽ آخرڪار انور پٽو نوابشاهه انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اليڪٽريڪل شعبي ۾ داخلا وٺي انجنيئر ٿي ويو.

عبدالهادي قريشي

هيءُ تمام خوبصورت ڇوڪرو هوندو هئو. مئٽرڪ ۾ پڙهندو هئو ته ماڻهو کيس تنگ ڪندا هئا. اچي مون سان دوستي رکيائين. مون کيس چيو جيئي سنڌ فيڊريشن ۾ شامل ٿيءُ. ايئن انور پٽو ۽ هيءُ منهنجي فيڊريشن جا به ڪاليج جا دوست مون سان رهيا .عبدالهادي قريشي اصل بوبڪ شهر جو رهواسي هيو. سندس والد جو نالو موليڏنو قريشي هئو. سائين حاجي محمد قريشي جيڪو هيڊ ماستر ۽ پوءِ ڊي اي او دادو به ٿيو ان جو نانو هئو. سندس ننڍي عمر ۾ سندس والد صاحب جي انتقال ڪانپوءِ سندس پڙهائي ۽ پرورش سائين حاجي محمد قريشيءَ جي ذميواري رهي. ۽ هن کيس بوبڪ مان وٺي اچي سيوهڻ رهايو.ان کي شايد ٿي پينرون هيون ۽ پاڻ ڪونه هيس هي اڪيلو هيو. ان ڪري مون کي چوندو

هئو ته تون منهنجو وڏو ڀاءُ آهين. هن جي ٻي پيءُ غلام سرور قريشي-جيڪو ڪراچيءَ ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ آفيسر هئو ان کي پرڻائي ڏنائون. ٽئين پيءُ الطاف حسين قريشي-جيڪو روينيو کاتي ڪوٽڙي ۾ ڪلرڪ هئو ان کي پرڻائي ڏنائون. هن کي مون ڪاليج جي اليڪشن ۾ نائب صدر جي لاءِ بيهاريو. ان وقت ۾ سنڌ جو قائم مقام وڏو وزير عبدالوحيد ڪٽپر هئو. عبدالهادي جو پيٽيو سائين حاجي محمد قريشي D.E.O.Education دادو هئو. سپاف وارن اسان کي پهريون ته ڏڇڪو اهو ڏنو جو ڪٽپر صاحب کان D.E.O ايڊيوڪيشن کي فون آئي ته پنهنجي ڇوڪري کي اليڪشن تان هٿ ڪڻاءِ نه ته جيئي سنڌ جي وابستگيءَ ۾ تنهنجي نوڪري ختم ڪندس. هيءُ رات جي وقت عبدالهادي قريشيءَ سان گڏ منهنجي گهر آيو. ان کان پهرين هن عبدالهاديءَ کي چيو ته ابا تنهنجي والد جي وڃڻ کان پوءِ مان توکي نپايو ۽ پڙهايو آهي، توکي ايئن تاتيو پاليو آهي، جيئن پنهنجي اولاد کي. ان کان پوءِ سائين حاجي محمد قريشيءَ جي هن جي پيءُ سان ٻي شادي به ٿيل هئي. هن جي هڪ شادي اڳ ۾ به هئي. جنهن مان وڏو پٽ آفتاب احمد قريشي جيڪو هينئر ڪراچيءَ ۾ سينيئر ميڊيڪل آفيسر طور 19 گريڊ ۾ آهي. هنن جو سيڻي گهر وارن جي سامهون تمام گهڻو بحث ٿيو. جنهن ۾ حاجي محمد قريشي، عبدالهاديءَ جي پيءُ، سندس ماءُ ۽ آفتاب قريشي جيڪو حاجي صاحب جو وڏو پٽ به هو شريڪ هئا. عبدالهادي سيڻي جون ڳالهيون ٻڌي چيو ته آءٌ هٿ ڪونه ڪڻندس. آئون اوهان کي ته جواب ڏيئي ٿو سگهان، ليڪن محمد خان ابڙي کي ناراض ڪونه ڪندس. ان تي حاجي محمد قريشي صاحب چيو ته ڀلا تون مون سان گڏجي هل ته آئون ٿو هلي محمد خان ابڙي سان ڳالهايان. اميد آهي ته هو منهنجي اڇي ڏاڙهي ڏسي جواب ڪونه ڏيندو. ٻئي ڄڻا منهنجي گهر آيا. مون وٽ اچا ڪا ويهڻ لاءِ اوطاق ڪانه هجي سو در تي بيهي ڳالهايوسين. پهرين ته معذرت ڪيم، ته ويهڻ جي جاءِ ڪانه آهي. اوهان مون کي حڪم ڪيو ها آئون اچي وڃان ها. چيائين ته خير آهي. ڪم منهنجو هئو ان ڪري آئون هلي آيو آهيان. جي ڀلا حڪم ڪيو. چيائين ته هيءُ ڇوڪرو يتيم آهي. هن کي مون اولاد وانگر پاليو آهي. مان سرڪاري آفيسر آهيان. اسان جو گذر سفر جو واحد ذريعو اها نوڪري آهي. هينئر آءٌ D.E.O دادو آهيان. ڪٽپر صاحب جو فون آيو ته يا پنهنجي ڇوڪري کي هٿ ڪڻاءِ يا نوڪريءَ تان هٿ ڪڻ. هن کي چيم ته هيءُ هٿ ڪڻڻ لاءِ راضي ڪونهي. ان ڪري آءٌ تو وٽ لنگهي آيو آهيان. اميد ته تون اليڪشن کان وڌيڪ اسان جي مجبوري سمجهندين. نه ته سياڻي هي مون کي گهر پيڙو ڪندا. مون ٿورو سوچيو ۽ فيصلو ڪيم ته صبح جو ڪاليج ۾ وڃي نائب صدارت جي عهدي تان هٿ کڻي ڇڏ. ان تي عبدالهادي چيو ته پوءِ هينئر ته وقت گذري ويو. ليڪن ٻيو اميدوار ته ڪونه ٿو بيهاري سگهين. پوءِ ته سپاف جو اميدوار بنا مقابلي اچي ويندو. ۽ تنهنجي اليڪشن تي به وڏو اثر پوندو. توهان به هارائي ويندؤ. مون چيو ڳالهه پليٽ فارم جي هارائڻ جي يا کٽڻ جي ڪونه آهي. ڳالهه هڪ خاندان جي مستقبل جي بچائڻ جي آهي. مان پنهنجي انا ۽ ضد جي ڪري اوهان ۽ اوهان جي خاندان کي نقصان ڪونه ٿو پهچائڻ چاهيان. تون هٿ کڻي وڃ!مان ڄاڻان منهنجو ڪم. ايئن ٻئي ڏينهن سائين محمد قريشيءَ سان گڏ پرنسپل صاحب جي آفيس ۾ وڃي اليڪشن ڪمشنر کي هٿ کڻڻ جي درخواست ڏني ۽ منظور ڪرائي ۽ سيوهڻ ڪاليج ۾ سپاف جو نائب صدر بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويو.

عبدالخالق ميمڻ

هيءُ منهنجي پاڙي ۾ رهندو هئو. فرسٽ ييئر ۾ پڙهندو هئو. مون ڪيس پاڻ سان ڪم ڪرڻ لاءِ چيو. هيءُ مون کان ڌپ ڪندو هئو. ڇو ته سڄي شهر جا ماڻهو اسان جي خلاف چوندا هئا ته هيءُ سرڪش ماڻهن جي فيملي آهي. هنن سان تعلق نه رکو. پوءِ آهستي آهستي ويجهو ٿيو. جيئي سنڌ جي پينل ۾ هن کي اليڪشن ڪلاس نمائنده لاءِ اليڪشن ۾ فارم ڀرايو ويو. پوءِ اسان جي دوستيءَ جو سفر هلندو رهيو. جيڪو اڃا تائين قائم آهي. پاڻ هن وقت سنڌ ڪو آپريٽو بئنڪ ۾ آفيسر آهي. اها نوڪري کيس اشفاق ميمڻ کان مون ناچيز وٺي ڏني، جيڪو ان وقت سيڪريٽري هئو.

قربان ڪلهوڙو

هيءُ انٽر جو شاگرد هئو. سندس ڳوٺ آراضيءَ ۾ هيو. سندن واسطو ۽ تعلق سائين ڪوڙل شاهه آراضيءَ واري سان گهڻو هئو. سندس هڪ پاءُ حڪمت جو ڪم ڪندو هئو. مون سان هن جي ڪاليج جي زماني ۾ ئي واقفيت ٿي. ليڪن هن سان تعلق وڌي ويو. هي والي بال راند جو به شوقين هيو. مون هن کي چيو ته جيئي سنڌ فيڊريشن جي پليٽ فارم تان توکي صدر لاءِ اليڪشن ۾ بيهارڻ ٿو. ڪم مان ڪندس تون رڳو همٿ ڪري بيٺو رهجان. چيائين حڪم ڪيو. هن فارم ڀرايو. اسين سپاف طرفان اشرف پنجابي (جيڪو پڻ آراضيءَ جي پاسي) جو هجي ابن ڏاڏن کان سنڌ جو هٽلر هجي ان سان مقابلو هئو. قربان ڪلهوڙي فارم ته ڀريو ليڪن سيد حاجن شاهه لڪياريءَ جڏهن ڏٺو ته نائب صدر هٽ ڪٽي ويو-جڻ هنن کي وڏو ڌڇڪو لڳو آهي. جي هيءُ به هٽ ڪٽي وڃي ته ابڙو فيڊريشن سميت تباهه ٿي ويندو. سو هن همراهه تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيائون. هن انڪار ڪيو ته حاجن شاهه سڏو سنئون وڃي ڪوڙل شاهه کي چيو ته ڪلهوڙا توهان جي چوڻ ۾ آهن. ابڙن جو دماغ خراب آهي، اوهان جي جاءِ تي به هي ماڻهو قبضو ڪيو ويٺا آهن. اوهان قربان ڪلهوڙي کي چئوس ته هٽ ڪٽي. ان وقت ڪوڙل شاهه ۽ سندن خاندان پ پ جي خلاف هجي. سندس همدردي جيئي سنڌ فيڊريشن سان هجي. ان ڪري جو جي ايم سيد سان تمام ويجها تعلقات هئا ۽ پ پ هنن کي پنهنجي دؤر ۾ تڪليفون به ڏنيون هيون. ليڪن انهن سيني ڳالهين جي باوجود ٿورو گهڻو حاجن شاهه کي ميارون ۽ مهڻا ڏيڻ کان پوءِ نيٺ سيد، سيدن جا سو پاڻ ۾ گڏجي پيا. ۽ پوءِ هنن قربان ڪلهوڙي جي ڀائرن ۽ والد کي گهرايو. سيوهڻ تعلقي جا ٻئي سيد اچي هنن جي عزيزن کي لڳا. ڪنهن مهل پيار ته ڪنهن مهل اڙي ۽ دٻاءُ! هنن چيو ته حاضر سائين اسان کي وقت ڏيو. ته ڇوڪري سان ڳالهايون حاجن شاهه ۽ ڪوڙل شاهه چيو وقت ڪونه آهي.سڀاڻي هٽ ڪٽڻ جي آخري تاريخ آهي. هن کي وٺي اچو ته حاجن شاهه صاحب سان سيوهڻ وڃي ۽ صبح جو هٽ ڪٽڻ جي درخواست ڏيئي ڇڏي. نيٺ ڪوڙل شاهه جي دٻاءَ تي قربان ڪلهوڙي کي به گهرايو ويو. هن انڪار ڪيو. هنن جي مائٽن کي ڌمڪيون ۽ دڙڪا مليا. هن چيو ته مان تنظيم کي اوچتو ڌوڪو ڪيئن ڏيان؟ ۽ اها به جيئي سنڌ جي تنظيم!سڀاڻي هو به اسان کي اوهان کان وڌيڪ نقصان ڏيئي سگهن ٿا. محمد خان ابڙي کي ڪيئن منهن ڏيندس؟ ڪوڙل شاهه چيو. جيئي سنڌ ۾ منهنجو اثر محمد خان ابڙي کان وڌيڪ آهي. انهن جي تون پرواه نه ڪر. حاجن شاهه چيو ته

محمد خان ابڙي ڪي آءُ پاڻيهي منهن ڏيندس. قربان ڪلهوڙي چين ته پوءِ ان هڪڙي ڪي هٿ ڪٽايو ٻيا سڀ هن جي ڪري پيا اليڪشن وڙهن. انهن مان ڪنهن جو به جيئي سنڌ سان تعلق نه آهي. اوهان پوءِ هن ڪي ڇو نٿا منهن ڏيو هاڻي هٿ ڪٽايوس. چيائين آءُ هنن ڪي منٿ ڪونه ڪندس. هن ڪي عبرتناڪ شڪست ڏيندس ۽ پوءِ ڏسان ته اسان جي شهر ۾ ڪيئن ٿا رهن! قربان، ڪلي چيو ته سائين اوهان جي مرضي جو قربان ڪي مون ٻڌايو ته هيءُ اسان وٽ به آيو هئو. منهنجو هڪ ڀاءُ محمد اسحاق ابڙو هن جو دوست رهيو آهي، ان ڪي چيائين ته مان شام جو ايندس. تون محمد خان ابڙي سان ملائجان ۽ چئجانس ته هٿ ڪٽي وڃي. محمد اسحاق چيس، مشڪل آهي هو اسان مان ڪنهن جي به نه مڃيندو. باقي توهان پلي اچو منٿ ڪنداسين. پوءِ حاجن شاهه پنهنجي ننڍي ڀاءُ الله بخش شاهه سان گڏجي رات جي وقت آيو. چيائين مان اهلبيت آهيان، ان ڪري هيءُ ننڍو ڀاءُ جيڪو معصوم آهي اوهان ڏانهن ميڙ ڪري وٺي آيو آهيان. تون جيئي سنڌ به ڇڏ ۽ اليڪشن ۾ نه اچ، تون مون وٽ اچ توکي ڪو به يونين جو عهدو گهرجي آئون ٿو ڏيان. مون هن کي سخت لفظن ۾ جواب ڏنو ۽ پائرن جي سامهون چيو ته جي اوهان هڪ دفعو به مون ڪي چيو ته آئون گهر ڇڏي هليو ويندس. ايئن آئون گهر هليو ويس. بابا کي سڄي ڳالهه ٻڌايم. چيائين ته ڪهڙو ڀاءُ ٿو چوي ته هٿ ڪڍ؟ مون چيو اچا ڪنهن چيو ته ڪونه آهي ليڪن محمد اسحاق کي حاجن شاهه جو لاچار آهي. چيائين هاڻي مڙس ماڻهو ٿي پنهنجي فيصلي تي بيٺو رهه. نفعو نقصان نصيب جي ڳالهه آهي .مڙس ٿي مقابلو ڪر. جي ڪري پيئين ته به خير آهي. اها ڳالهه مون پنهنجن سيني دوستن کي ٻڌائي ۽ ان ۾ قربان به موجود هئو. سو نيٺ سيني اچي قربان کي ورايو خاص طور آراضيءَ جي رهواسيءَ جي حيثيت سان ڪوڙل شاهه کي جواب ڪونه پيا ڏيئي سگهن. سو قربان صفا سوڙهو ٿي ويو. پر هن چيس ته پلي جيل ۾ وجهايو يا آراضيءَ مان ڪڍو مان هٿ ڪونه ڪٽندس. باقي ايترو ڪري سگهان ٿو ته اچ کان پوءِ نه مان ڪاليج ويندس، نه هنن سان گڏ ورڪ ڪندس، نه هنن مان ڪنهن سان ملندس، ايتري قدر جو محمد خان ابڙي سان به ڪونه ملندس! اليڪشن ۾ اڃا 20 ڏينهن پيا آهن. مان اسڪرين تان آئوٽ هوندس. نائب صدر هٽ ڪٽي ويو ۽ مان گم ٿي ويندس اهڙي ريت اوهانجو ڪم آسان ٿي پوندو. باقي جي هٽ ڪٽندس ته هو به مون ڪي نقصان پهچائيندو. سڀ قربان جي ان تجويز تي متفق ٿيا ۽ ان جي ضمانت ڪوڙل شاهه ڪنئي. اها سڄي خبر حاجن شاهه سان گڏ آيل هڪ ڪاليج جي شاگرد ٻڌائي. ۽ ان وقت قسم ورتائين ته زندگيءَ ڀر منهنجو نالو نه ڪڇجان. مان اچ به ان زبان تي قائم رهندي سندس نالو نٿو لکان. مون چيو ته قربان ڪلهوڙو ايئن ڪونه ڪندو، ليڪن واقعي اها ڳالهه ڪاليج ۾ عام ٿي ويئي ته نائب صدر هٽ ڪٽي ويو ۽ صدر پڇي ويو ڪاليج ڪونه ٿو اچي. باقي محمد خان ابڙو، جيڪو جنرل سيڪريٽريءَ جي لاءِ پاڻ انهن واقعن جي ڪري اچي ٿڪو ڪندو. منهنجي پينل جي دوستن ۾ مايوسي ٿي. مون چيو ته: ”همت نه هاريو هر ماڻهوءَ سان مجبوريون آهن اوهان به جي ٻڌجو ٿا ته جنهن ڪي وڃڻو آهي وڃي باقي آئون اڪيلو مقابلو ڪندس ايئن هار نه مڃيندس.“ ان ۾ مون ڪان وڏيڪ منهنجي تنظيم جي رسوائي ٿيندي. مون ڪي پلي ماري ڇڏين، مان وڙهندس ۽ مقابلو ڪندس. پوءِ باقي دوستن ساٿ ڏنو. باقي قربان ڪلهوڙي لاءِ مون ايتري پلاننگ ڪئي ته هن کي ڪيئن به ڪري اليڪشن واري رات وٺي ايندس ۽ صبح جو ڪئمپ ۾ ويهاريندس ۽ مون سيني ووٽرن کي اهو پئي چيو ته هو بيمار آهي، چاڪ ٿيندو ته اچي ويندو. پوءِ اليڪشن کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ شاگردن کان سواءِ پنهنجا چار ذاتي دوست وٺي، حاجن شاهه سبزواريءَ

(جيڪو منهنجي، رڳو ان ڪري پيو حمايت ڪندو هئو جو ٻنهي سيد گهراڻن جي پاڻ ۾ اڻبڻت هوندي هئي اها به دشمنيءَ جي حد تائين) جو ٻئي قلندر جي گادي نشينيءَ جي اختلافن ڪري هڪٻئي جا ويري ٿي پيا هئا. ان ڪري حب علي نه صحيح بغض معاويه ۾ هو منهنجي سپورٽ ڪندا هئا. سو مان انهن کي ڇيو سياڻي اليڪشن آهي. اڄ ڪان مون کي جيپ گهرجي، چيائين ته ڪٽي وڃ ! هڪ ماڻهو به ڏيو. هنن هڪ ماڻهو ٻه نالي بندوق سان منهنجي حفاظت لاءِ ڏنو. مان جيپ ڪٽي تيل پرائي انهن ڇئن دوستن کي ڇيم ته شام جو ڇئين وڳي ڪنهن ڪم سان هلڻو آهي. اسان وٽ ٻه پستول به هيا ليڪن مون وٽ نه. مان زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هٿيار پاڻ سان کڻي ڪيڏانهن وڃان پيو. ذهن ۾ سخت پريشاني هئي ته ماڻهو ايئن به ڪن ٿا. جو سچو اليڪشن جو وايو منڊل ڇڏي وڃي گهر ويهي رهيو آهي. هن ته وڏي زيادتي ڪئي آهي. سو اڄ آراضيءَ ۾ هن سان هڪ هڪاٽي ڪرڻي آهي. يا وٺي ايندوسانس، جي جواب ڏنائين ته گولي هڻندوسانس. مون ان ڪان اڳ ۾ هن جي جانچ ڪرائي ته هي ڪٿي آهي؟ ڪٿي ڪوڙل شاهه جي اوطاق تي بند ته ڪونه آهي؟ يا حاجن شاهه لڪياريءَ جي حوالي ته ڪونه آهي؟ ڇو ته 18 ڏينهن اليڪشن مهم مون اڪيلي سر هلائي. هن کي ڪنگهيم به ڪونه. جو خبر هئي ته جي هاڻي ڪجهه چوندس ته شاهه صاحب اثر رسوخ وارا ماڻهو آهن وري هن ڪان هٿ نه ڪڻائي ڇڏين يا سپاف ۾ اعلان نه ڪرائي ڇڏين. پوءِ ته ڪجهه به نه رهندو. ان ڪري مون هن سان ان سڄي اليڪشن جي مهم دوران رابطو ڪونه ڪيو. مان هر ڳوٺ ۾، جن جا شاگرد ڪاليج ۾ پڙهندا هئا. انهن سان فرداً فرداً سندن ڳوٺن ۾ ملندو هئس .انهن جي والدين سان به ڪچهريون ڪندو هئس .۽ چوندو هئس ته هنن وڏيرن ۽ پيرن مان جان ڇڏايو. مون کي مضبوط ڪريو. ووٽ مون کي ڏيو ۽ منهنجي پينل کي به! سڀ علائقي جا شاگرد ۽ انهن جا وڏا انهيءَ وقت سيدن ڪان ڊڄندا هئا. هڪ ته وڏيرو گل محمد شاهه جو پٽ ٻيو حڪومت به هنن جي. هو سپاف ضلعي دادوءَ جو صدر هو. هوندن به پوليس ۽ روينيو هنن جي اشاري تي هلندي هئي. سو اثر رسوخ جي ڪري ماڻهو خوف ڪائيندا هئا. ليڪن شاگردن جي مون سان محبت ۽ همدردي هوندي هئي. چوندا هئا ته تون پرواهه نه ڪر، واعدو آهي ووٽ تنهنجو باقي سِر سيد جو آهي. ان وقت اهو نعرو هوندو هئو ته:

"سِـــر ســـيـــد جـــو ووٽ يـــٽـــي جـــو."

پوءِ هتي وري ان جي ابتڙ نعرو لڳو.

"ســـر ســـيـــد جـــو ووٽ ابـــڙي جـــو."

امتحان طلب مرحلو

مون کي سيني ايئن ڇيو ته ووٽ اسان جي هٿ ۾ آهي. هُن ڊر به اسان جي وڏن تي الاهي زور رکيو آهي. اسان جا وڏا مسڪين هاري ۽ مزدور آهن. سو پيرن ۽ وڏيرن جو خوف اٿن. اسين اليڪشن جي رات به سيد حاجن شاهه جا مهمان ٿينداسين. جو اسان جي وڏن واعدو ڪيو آهي ۽ انهن کي به پنهنجي عزت بچائڻي آهي. باقي اندر ووٽ مهل ڪير به گڏ ڪونه هوندو. اهو اسين تنهنجي پينل کي ڏينداسين. اهي سڀ ڪم ڪري مڪمل ڪيم. ڪجهه اطمينان به ٿيو. ڪجهه وهم به هو ته هڪڙو به شاگرد سيدن جي ڊپ ڪان مون وٽ اچڻ لاءِ تيار ڪونه هئو. خير اليڪشن کي آخري ووٽ پوڻ تائين

اليڪشن ڪري وٺبو آهي. مون بہ ايئن ڪيو اها منهنجي زندگيءَ جي پهرين رياستي اليڪشن هئي.

زوراوري...

مان جيپ کڻي، همراهہ پاڻ سان وٺي، جيپ بہ سبزوارين جي ، ڊرائيور ۽ گن مين بہ انهن جو اهڙي ريت اسين پنج ڄڻا بہ پستول کڻي، ٻڌايم ڪنهن کي ڪونہ تہ ڇا ڪرڻو آهي-وچي آراضيءَ پهتاسين. آراضيءَ جي شهر ۾ داخل ٿيڻ شرط روڊ تي اسڪول آهي. ان اسڪول جي گرائونڊ تي والي بال جي راند پئي هلي. اسين اڳتي وڌياسين تہ قربان ڪلهوڙو نظر آيو. ان سان گڏ بہ پائر ۽ ڇهہ-ست ٻياانديگر هجن، جيڪي والي بال راند ڪندا هئا. اسان گرائونڊ جي ڀرسان جيپ بيهاري ۽ مون گن مين کان بندوق ورتي ۽ پڇيو مانس لوڊ آهي؟ چيائين سائين ٻنهي نالن ۾ ڪارتوس پيا آهن. صرف ٽائيگر دٻائڻو آهي. منهنجي گاڏي جيئن ئي بيٺي تہ واڪو ڪندي قربان ڪلهوڙي تي اُلر ڪري بندوق سڌي ڪندي چيم تہ، ڀر ڪلمون اچئي ٿي گولي! هڪدم سندس پائر اڳيان اچي ويا هو صفا هيسجي ويا تہ الائي ڇا ٿيندو! هنن کي اندازو بہ ڪونہ هئو تہ ڇا ٿيندو. ڇو جو اليڪشن جي سموري مهم ۾ مون هن کي ڇڏي ڏنو هئو. سڀ اچي گڏيا. منهنجا همراهہ جيڪي مون سان گڏ هئا اهي بہ پستول آڳر ۾ ڦيرائيندا وڌي لئہ سان اچي، مون سان بيٺا. مون صرف ٻہ لفظ چيا تہ يا اسان سان هل، سپاڻي اليڪشن کان پوءِ واپس ايندين يا اتي جو اتي بندوق جا ٻئي ڪارتوس تنهنجي سيني ۾ ٺوڪيندس. اسان کي اليڪشن ۾ بيهاري تون گم ٿي وئين. صبح جو اليڪشن آهي ۽ تون وينو والي بال کيڏين... بهرحال آئون تمام گهڻي جوش ۾ هئس. کيس ٻيا بہ ڪافي سخت لفظ پڻ ٻڌائا پيا. هن هڪدم چيائين، مان هلان ٿو. بنا قميص پائڻ جي سلوار ۽ گنجيءَ ۾ گاڏيءَ ۾ وينو. سندس پائرن قميص کڻي اچي کيس ڏني. هن پائرن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اوهان تہ ڪوڙل شاهہ صاحب وارن جي ڊپ کان مون کي جهليو هئو. هاڻي ڏيو منهن. بهرحال آئون هن سان وڃان پيو. اوهان ڪنهن کي بہ نہ ٻڌجو سپاڻي واپس ايندس. اسين هن کي جيپ ۾ کڻي سيوهڻ وٺي آياسون ۽ اليڪشن جي شام تائين اليڪشن ڪٽي واپس ڳوٺ ويو.

اليڪشن ۾ اميدوار

سيوهڻ ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ شرط مون ايترو ڪم ڪيو جو اتي صرف هڪ شاگرد جيڪو محمد انور پٺو هئو. پيو ڪو بہ جيئي سنڌ جو نظرياتي ساٿي ڪونہ هئو. انور پٺو بہ ان ڪري جو ڪجهہ وقت مون سان رهي بحث مباحثا ڪري منهنجو هم خيال ٿيو هو. باقي سڀ اميدوار ذاتي دوستي ۽ اثر جي ڪري اليڪشن ۾ بيٺا رهيا. ليڪن اهو پينل، مون انائونس ڪيو. جيئي سنڌ جو سپاف جي پينل ۾ جن مقابلو ڪيو ان ۾ مون کي هينئر رڳو ٿي نالا ياد آهن.

1. اشرف پنجابي انٽر جو شاگرد صدارت لاءِ
2. امان سرهيو انٽر جو شاگرد نائب صدارت لاءِ
(جيڪو بنا مقابلي ڪامياب ٿيو)
3. نظير احمد سومرو جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ

4. قاضي محمد حسن صديقي جنرل سيڪريٽري آزاد (آزاد اميدوار)

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ جي طرفان پينل

1. قربان ڪلهوڙو (انٽر) صدارت لاءِ
2. عبدالهادي قريشي (انٽر) نائب صدر لاءِ (هٽ ڪٽي ويو)
3. محمد خان ابڙو (فرسٽ ييئر) جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ
4. محمد عرس سولنگي (فرسٽ ييئر) جوائنٽ سيڪريٽريءَ لاءِ
5. محمد انور پيتو (انٽر) ڪلاس نمائندو ڪائونسلر
6. عبدالخالق ميمڻ (فرسٽ ييئر) ڪلاس نمائندو فرسٽ ييئر

اليڪشن جي رات آئي. اسان جي اوطاق تي ٽوٽل 6 ڄڻا هجن. جيڪي اليڪشن ۾ مون سان گڏ بيٺا. هڪ هٽ ڪٽي ويو، ٻيو عبدالهادي اهو به ڪونه آيو. شام تي سڀ مايوس هجن. مون چيو هاٽي چا به ٿئي صبح جو اليڪشن ۾ هلنداسين.

محمد انور پيتي جا چار مائٽ به پڙهندا هئا. ليڪن اهي اليڪشن ۾ ڪونه بيٺا. پر انور جي ڪري مون سان گڏ هئا. انهن ۾ يونس پيتو، خدابخش پيتو، عبدالرحمان پيتو ۽ چوٿون به ڪو هئو. ان ڪري اسان کي اها پريشاني ڪونه هجي ته ايجنٽ ڪير ٿيندا؟ جو اميدوار ايجنٽ ڪونه ٿيندو هئو. هُن پاسي جي خبر پئي ته سائين حاجن شاهه جي ڏِپ ۽ دٻدٻي جي ڪري سموري ڪاليج جا شاگرد هن جي اوطاق تي پهچي ويا. سندن تعداد 70 جي قريب هئو. ٽوٽل 78 شاگرد- پنج اسان وٽ جيڪي اميدوار هئا ۽ باقي سڀ انهن وٽ. صرف پيتا انهن وٽ ڪونه هئا، اهي پنهنجي گهرن ۾ هئا. صورتحال اها هئي جو سيني چيو صبح جو ڪاليج ڪونه ٿا هلون. مون چيو ميدان ڪونه ڇڏبو. اسين هلنداسين پوءِ جيئن ٿيو. صبح ٿيو ۽ اليڪشن شروع ٿي. حاجن شاهه مطمئن هئو ته ٽوٽل شاگرد مون وٽ ويٺا آهن. جيئن ته پاڻ ضلعي سپاف جو صدر هئو سو هو صبح جو سوير دادوءَ هليو ويو. چو جو اتي به پينل بيٺل هئس. هتان هي مطمئن بي فڪرو ٿي ويو. اليڪشن هلي، شام جو رزلٽ انائونس ٿي اسان کي مليا 67 ووٽ ۽ سپاف کي مليا 11 ووٽ. جنهن ۾ 7 اميدوارن جا پنهنجا ووٽ باقي 4 ووٽ وڌيڪ ملين! ووٽرن سڄي رات شاهه صاحب وٽ مانيون کاڌيون صبح جو هنن جي گاڏين ۾ ووٽ وجهي هنن جي ئي ڪيبن ۾ ويٺا رهيا ۽ هنن جي شڪست کان پوءِ به هنن سان گڏ ٿي هنن جي اوطاق تي ويا. حاجن شاهه کي دادوءَ ۾ خبر ملي ته رزلٽ هيئن آيو آهي. هو دادوءَ ۾ اليڪشن جي کٽڻ جي خوشيءَ ۾ جشن ملهائڻ پهتو هو سو هن خبر کان پوءِ واڻڙو ٿي پيو. اتي ئي رڙيون ڪيائين دادوُ جي دوستن پڇيس ته ڇا ٿيو آهي؟ شاهه صاحب اوهان ڏي خير ته آهي ڪو ماڻهو ته ڪونه مري ويو آهي. پاڻ کي سنڀاليندي چيائين نه! رات مون وٽ 70 ووٽ گهر ۾ هئا ۽ هينئر...!!! صبح جو اسان جي گاڏين تي چڙهي ووٽ وجهڻ ويا ۽ رزلٽ بلڪل ابتڙ. مون سان ڊانڊلي ٿي آهي.

شاهه جو آپي مان نڪرڻ

ان وقت دادوءَ ۾ اسان جا ڪارڪن ۽ همراهه به هئا اها ڪهاڻي انهن ٻڌائي ته اسان سمجهيو شاهه صاحب چريو ٿي ويو آهي. دادوءَ ۾ ته ڪتيائين پر سيوهڻ جي رزلٽ هن جا حواس باخته ڪري ڇڏيا. ٻئي پاسي اسان سان به هتي اشرف پنجابي ۽ سپاف جي ٻين همراهن ڦڏو ڪيو ۽ بيلٽ پيپر ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. ليڪن خدابخش پتو ۽ يونس پتو ڪين روڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ايستائين آئون به اندر پهتس. رزلٽ جي ڪاپي اليڪشن ڪمشنر ۽ ٻن ميمبرن کان صحيح ڪرائي پاڻ وٽ رکيم. اليڪشن ڪمشنر انگلش جو پروفيسر اردو ڳالهائيندڙ ۽ ٻن ميمبرن ۾ شايد هڪ قاضي فتح الله صديقي ۽ هڪ ٻيو ڪو هيو. سيد حاجن شاهه دادوءَ مان موٽيو شاگرد سڀ هن جي ڊپ کان هن جي اوطاق تي وينا رهيا. اچڻ شرط چيائين حرام خورؤ خرچ منهنجو ماني منهنجي، ڳاڏين منهنجين تي چڙهي ڪاليج ويا ۽ ووٽ وري ابڙي (انڌي) کي ڏِنوَ؟ ڏاڍيون هنن کي گاريون ڏنائين. سڀ خاموش رهيا. پوءِ سيني شاگردن ۽ ڪجهه آئوٽ سائيڊر ماڻهن کي پاڻ سان ڪٺي سڏو قاضي محلا ۾ ويو. جتي پرنسپل سائين غلام حيدر چني صاحب جي رهائش هجي. هو صفا سادو ۽ شريف ماڻهو هو. ايترا ماڻهو ڏنائين ته في الحال ته گهبرائجي ويو. حاجن شاهه صاحب جي وات مان جوش جي ڪري گڦ پئي ڳڙي. ان کي چيائين ته اسان سان ڏاڍلي ٿي آهي. هيءُ ووٽ سڀ اسان جا آهن. هاڻي تائين مون سان گڏ آهن. ته پوءِ رزلٽ اوهان جيئي سنڌ فيڊريشن وارن جي دهشت ۽ دٻدٻي تحت ڪڍيو آهي. هن چيو شاهه صاحب جيتريون ووٽن لاءِ پرچيون پيون آهن. ايترا ووٽ نڪتا آهن. باقي بنديون اسان سيل ڪري رکيون آهن. صبح جو آفيس اچو ته اوهان کي ڏيکاريون. هڪ ووٽ جي به ڏانڌلي نه ٿي آهي. ايترو چوڻ ۽ حاجن شاهه پستول ڪڍيو ۽ چنه صاحب کي چيائين يا لکي ڏي ته اليڪشن ۾ ڏانڌلي ٿي آهي يا مرڻ لاءِ تيار ٿيءُ.

شاهه جي داداگيري

بهرحال هن گهبراهٽ ۾ خوف وچان جيئن شاهه صاحب چيو هن لکي ڏنو ته: ”سيوهڻ ڪاليج جي اليڪشن ۾ محمد خان ابڙي جيئي سنڌ جي غنڊن سان گڏجي ڏانڌلي ڪئي آهي ۽ اها اليڪشن وري ڪرائي ويندي..“ جڏهن اها لکت مليس ته شاهه صاحب جي پاڳل پڻي جو دؤرو گهٽ ٿيو. اتان ٻاهر نڪتا چوڪرا ڊوڙايائين ته وڃي منگٿهارن کي وٺي اچو ته دهل ۽ شرنايين سان شام جو اسان جلوس ڪڍي فتح جو اعلان ڪيؤن. رات جو نائين وڳي شاهه صاحب جلوس ڪڍيو. سڄو شهر ڪٺي گڏ ڪيائين. پرنسپل کان ڇا لکرايائين جڻ سچ ۾ اليڪشن کٽي ويو هجي. جلوس ۾ نعرا ته اليڪشن ڪينسل ٿي ويئي ۽ محمد خان ابڙي تي لعنت، جيئي سنڌ وارن تي لعنت! ان وقت آءٌ صادق علي شاهه جي اوطاق تي وينو هئس ۽ هينان جلوس گذري رهيو هئو. چاڪاڻ ته اسين مٿي دڙي تي وينا هئاسين. 5_8 همراهه مون سان به هجن سبزواري سيدن واري بندوق ۽ به پستول به ساڻ هجن. اسين به تيار ٿياسين، ته هن سان سوين ماڻهن جو جلوس آهي ڪو شرارت ڪري ته ڪين روڪينداسين جو اسين مٿي هجؤن هيءُ هيٺ. هي نعري بازي ڪندا رهيا مون ڏانهن جلسي وارن ماڻهن مان ڪجهه ماڻهن حقارت انگيز نظرن سان ڏٺو. مون خلاف نعرا هنيا ڪجهه ماڻهن ته لعنتون به وڌيون پر برداشت ڪندي خاموش رهياسين. باقي اهو طي هئو ته هنن حملو ڪيو يا پٿراءُ ڪيو ته پوءِ اسين به جواب ڏينداسين.

جيڪي مرن ٿا، پلي مرن. پر جلوس هلندو رهيو. اسين ويٺا رهياسين. سمجهه ۾ ڪونه پيو اچي تہ ڇا ٿيو. سڄي شهر ۾ هُلي ويو تہ پرنسپل صاحب اليڪشن ڪينسل ڪري ڇڏي.

اسان جي حڪمت عملي

صبح جو آءٌ ڪاليج ويس پرنسپال ٻڌايو تہ زبردستي لکرايو اٿن بندوق جي زور تي. پر منهنجي لکڻ جي اهميت ڪونہ آهي. جو آءٌ اليڪشن ڪمشنر نہ آهيان پوءِ هنن کي مون صلاح ڏني تہ ڪاليج ۾ پروفيسر ۽ ليڪچرار ايسوسيئيشن طرفان اوهان اجلاس منعقد ڪريو ۽ پرنسپال صاحب سان رات جو جيڪا زيادتي ٿي آهي ان جي مذمت جي قرارداد پاس ڪيو. اليڪشن جي منصفانہ هئڻ جي پڙ قرارداد پاس ڪيو. ان جون ڪاپيون مون کي بہ ڏيو. هنن ايئن ڪيو مون سمجهيو تہ شاهہ صاحب شايد ڪورٽ ۾ ويندو. ليڪن هنن پرنسپل جي لکت چيف اليڪشن ڪمشنر جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هوندو آهي. اهو ان وقت مهان گوي شيخ اياز هئو. جنهن جي هينڊ آئوٽ سان سنڌس PRO اخبار ۾ اهو اعلان ڪيو تہ سيوهڻ ڪاليج جون چونڊون ڌانڌليءَ سبب رد ڪجن ٿيون ۽ نئين تاريخ جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو. هوڏانهن مان وڃي شيخ اياز سان مليس، سموري صورتحال کان آگاهہ ڪيو مانس. اليڪشن ڪمشنر جي رزلٽ ۽ هن جي زبردستي لکايل پرنسپل جي رپورٽ جي خلاف ٻئي ڏينهن صبح جو جيڪو ٽيچر ۽ آفيسر ايسوسيئيشن قرارداد پاس ڪيون، اهي ڪاپيون ڏنيون مانس ۽ ڪيس چيم تہ هيءَ جيڪا توهان اليڪشن ملتوي ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن ڪڍيو آهي اهو ڪئنسل ڪريو.

شيخ اياز سان منهن ماري

شيخ اياز مون کي چيو تہ مون کي خبر ڪونہ آهي تہ ڪو مون اهو نوٽيفڪيشن ڪڍيو آهي. هڪدم مون اخبار جي ڪاپي ڪڍي ڪيس ڏني. اياز چيو تہ مون کي خبر ڪونہ آهي. مون چيو ذميواري اوهان جي آهي جو چيف اليڪشن ڪمشنر جي حيثيت ۾ اوهان جي نالي هي بيان اخبار ۾ ڇپيو آهي. تہ پوءِ هاڻي تون ڇا ٿو چاهين؟ اياز پڇيو. مون چيو، توهان جي ان بيان جي ترديد ٿو چاهيان! هن چيو جي ايئن نہ ڪجي تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟ مون چيو جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان توهان جي خلاف جدوجهد هلائبي. بڪ هڙتال ڪبي. نعرا هڻبا ۽ تولاءِ جيڪو ٿي سگهيو تقريرن ۽ تحريرن ۾ لکبو. هڪ منٽ سوچي ۽ پوءِ فون ڪنيائين ۽ پنهنجي P.R.O کي سڏايائين. اياز ان عهدي تي اچڻ کان پوءِ متنازع شخص ٿي ويو هئو. سنڌس خلاف قومپرستن جي وڏي بغاوت ٿي ويئي هئي. ان ڪري هو شايد وڌيڪ متنازع ڪونہ پيو ٿيڻ چاهي. P.R.O آيو ان پي. آر. او کان پڇيو تہ هي بيان ڪيئن آيو آهي؟ مون کي تہ خبر ڪونہ آهي. P.R.O چيس تہ، سائين اوهان جو حڪم هئو. اوهان کي ڪنٽپر صاحب جو فون آيو هئو. اوهان چيو ڪنٽپر صاحب جو فون بہ آيو آهي پرنسپل جي لکت بہ آهي. اليڪشن جي رزلٽ رد ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن ڪڍو پر مون تہ رڳو بيان ڏنو آهي نوٽيفڪيشن

تي اچا اوهان جي صحيح رهيل آهي ته پوءِ نوٽيفڪيشن ڪڍڻ جي ضرورت نه آهي. هنن جا ڪاغذ جن ۾ رزلٽ ۽ قراردادون شامل آهن رڪارڊ تي رکو ۽ بيان جاري ڪيو ته ڪالهوڪي بيان سان- جنهن ۾ سيوهڻ ڪاليج جي اليڪشن رد ڪرڻ واري بيان سان. چيف اليڪشن ڪمشنر جو ڪو واسطو ڪونه آهي. اسين اٺيا سين ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اهو بيان اچي ويو ۽ اسان پنهنجن عهدن جو ڪاليج جي تنظيم سازي تقريب ۾ حلف کنيو- جيڪو پرنسپال کڻايو ۽ اسين يونين جا باضابط عهديدار ٿي پنهنجي فلاحي ڪمن کي لڳي وياسين.

شاهه جي پڙ ۾ ماتم!

ان کان پوءِ شاهه صاحب ان ڪم جي پوئواري ڪونه ڪئي نئين مصروفيت ڳوليائين. يعني ان شڪست جي هڪ مهيني کان پوءِ هن درگاهه جي پراڻي علم تي عشاءَ جي ٻانگ بعد ماتم ڪرڻ شروع ڪيو. جنهن ۾ ان سان گڏ ماستر ڪريم بخش ٻڙدي ۽ نظير احمد، حيات سومرو ۽ ٻيا گڏ هوندا هئا. ان وقت جي ماڻهن کي چڱيءَ طرح ياد هوندو ته ان کان اڳ ۾ ماتم جي اها روايت ڪانه هئي. جيڪا هاڻي هر جمعي رات جو ٿيندي پئي اچي. شايد اليڪشن جي شڪست جو صدمو امامن جي غم جي بهاني ماتم ڪري گهٽ پئي ڪرڻ چاهيائين.

❋

محمد حسن صديقي ولد محمد مراد صديقي صاحب

قاضي محمد مراد صاحب جو گهڻو وقت هن پٽ سان گذريو. محمد حسن، ڪراچيءَ واري دواخاني ۾ پيءُ جي پرورش ۽ تربيت ۾ حڪيم ٿيو. هيءُ ننڍي هوندي کان خوبصورت، بي حد نفيس ۽ کل مذاق وارو ماڻهو رهيو آهي. اسان جي پرسان هنن جو پنهنجو محلو آهي. هن به سيوهڻ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. عمر ۾ ته مون کان ننڍو هوندو پر چاڪاڻ ته آئون دير سان ۽ پرائيويٽ مئٽرڪ پاس ڪئي، ته هن به اچي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. سندن شهر ۾ سنو مقام ۽ عزت آهي. مون سان هن جي چڱي خاصي دعا سلام به هئي. ۽ سندس وڏو ڀاءُ قاضي نصيرالدين- محمد فاروق صديقي منهنجو استاد ۽ محسن به رهيو. ان جي نوازش، جو پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهه وقت ڪڍي منهنجي پڙهائيءَ ۾ مدد ڪندو هئو. ان ڪري به آئون هن جي پوري خاندان جي عزت ڪندو هئس. محمد حسن کي اسين ۽ سندس گهر وارا پيار ۾ ”بلي“ به چوندا هئاسين.

خير محمد ٻرڙو صاحب جون تاريخ سان ويساهه گهاتيون

تازو مون، سائين خير محمد ٻرڙو صاحب جو ڪتاب ”سيوهڻ صدين کان“ پڙهيو. ان ۾ لکيو اٿس ته: حڪيم محمد حسن ثاني. پر جي سائين ٻرڙو صاحب سندس ننڍپڻ جو پيار وارو نالو ”بلي“ به لکي ها ته هن جي شخصيت اجا به اجاگر ٿي پوي ها. ڇو ته ان نالي ۾ ان ڪري به پيار آهي جو اهو نالو سڀ کان پهرين سندس والده ۽ والد جي زبان تي جاري ٿيو هئو. سندس والد جي زباني اسان به ڪيترا دفعا ٻڌو ليڪن ڪتاب ”سيوهڻ صدين کان“ ۾ سندس نالي سان اهو منسوب نه ڪرڻ زيادتي ۽ تاريخ

سان ويساهه گهاتي ڪرڻ برابر آهي. جيڪڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي ”ذلفي“ لکيو يا چيو ٿو وڃي ته ان ۾ هن جي شخصيت جو اهو پهلو به روشن نظر ٿو اچي. سو اهو سوال تاريخ ۾ ٻرڙي صاحب جو پيڇو ڪندو رهندو. ٻرڙي صاحب لاءِ ان ڪتاب جي حوالي سان ٻيا به ڪجهه سوال آهن اهي به جواب طلب آهن. في الحال قاضي محمد حسن صديقي ثانيءَ جي حوالي سان ته هن به داخلا ڪان پوءِ جيئن ڪاليج ۾ اليڪشن جو شيڊيول آيو ته هن به آزاد اميدوار جي حيثيت سان فارم ڀرايو. جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ ٻيو فارم سائين نذير احمد سومرو (جنهن کي به سائين موصوف, ”سيوهڻ صدين ڪان“ ۾ پڇاريو آهي ليڪن سائين ٻرڙي صاحب ڪان هي راقم الحروف وسري ويو. جنهن جي مقابلي ۾ محمد حسن هٿ ڪٽي ويو هوا! هڪ کي عبرتناڪ شڪست نصيب ٿي ۽ ٽيون جنهن جو به ذڪر سيوهڻ صدين ڪان ۾ ڪيو اٿس, حاجن شاهه لکياري آهي-جيڪو سپاف جو ضلعي صدر هيو. سندس سڄي گروپ کي هن ناچيز سنڌ جي تاريخ ۾ عبرتناڪ شڪست ڏني. سو سائين موصوف ڪان ايڏو اهم ذڪر به رهجي ويو آهي. شايد سنڌ سان سدائين محققن, تاريخ دانن ۽ اديبن اهڙو ئي حشر ڪيو آهي. شايد ٻرڙي صاحب تي به اهڙن درٻاري اديبن جي ڪردار پنهنجو اثر ڇڏيو هجي. اڃا سيوهڻ جا ڪافي واقعا ۽ قصا آهن ۽ ڪا وڏي شخصيت سائين ڪانءَ وسري وئي هوندي!

ويساهه گهاتي ٿيندي ته رڙ ته ڪبي نه!

جنهن جي لاءِ به لکيو اٿس رڳو اهي ولي ۽ بزرگ ڪري تاريخ ۾ پيش ڪيا ويا آهن. ۽ ڪافي ڳالهيون جيڪي تاريخ ۾ درست ٿيڻ گهرجن جو اڄ ڪان سوين سال پوءِ ايندڙ نسل انهن شخصيتن جي هڪ پهلوءَ جا حوال ڏيندا رهن ٻي طرف جي خبر ئي نه هجين اها سنڌ سان, سيوهڻ سان ۽ تاريخ سان ناانصافي ٿيندي! اگر تاريخ لکجي رڳو ان ڪري ته واه واه ٿئي تعريف ٿئي ۽ ڪير ڪاوڙ نه ڪري ته پوءِ اهڙي قتل تاريخ لکڻ جو ڪهڙو فائدو؟! باقي جي ڪنهن عيوضي لاءِ ايڏي محنت ڪرڻي آهي ته پوءِ نهيو!

قاضي حسن صاحب جي فارم ڀرڻ ڪان پوءِ آءٌ ان وٽ ويس ته سائين اوهان کي هيءُ شوق ڪيئن ٿيو آهي؟ به گروپ بيٺا آهن, اوهان اڪيلا بنا پينل جي چوٿا منهنجا 2 چار ووٽ خراب ڪيو! قاضي صاحب چيو سيني ڪان وڏيڪ مان ووٽ ڪٽندس. چيو مانس پوءِ ته پينل هجي ها. چيائين نه آءٌ اڪيلو بيهندس. مون چيو مون سان گڏ بيهه. چيائين جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تي ڪير ٿو بيهي-اسان اڃا ايترا قوم پرست نه آهيون! ته پوءِ سپاف وارن سان وڃي مل. ان ڪان به انڪار ڪيائين. پوءِ مون ڪيس عرض ڪيو ته قبلا! ووٽ ڪونه ملندئي. اوهان جو شهر ۾ مقام آهي. هن اليڪشن ڪان پوءِ اوهان کي شڪست ٿيندي جيڪا يقيني آهي. شهر ۾ پاڻ تي خواه مخواه ماٺهو کلائيندؤ. اوهان جو ته خير آهي ليڪن پنهنجي خاندان جي باري ۾ سوچيو. مون کي چيائين آئون ته ان ڪري بيٺو آهيان, جو توکي ڪير اٿڻو آهي. هڪ طرف سپاف هڪ طرف مان.! مون چيو اهو ته وقت ٻڌائيندو. ڪيو خدا جو اهڙو ٿيو جو ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ پاڻ ئي وڃي قاضي محمد حسن صاحب عرف ”ٻلي“ جنرل سيڪريٽري جي اليڪشن تان هٿ ڪٽي ويو. پوءِ مليو ۽ چيائين اهو مون توتي ٿورو ڪيو آهي. مون توکي ئي تنگ ڪرڻ لاءِ فارم ڀريو هئو. وري تو منٿ اچي ڪئي هئي. سو مون کي تنهنجو خيال آيو ۽ مان هٿ ته

ڪنيو پر ووٽ بہ توکي ڏيندس. مون سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ اڄ بہ جڏهن ملندو آهي، چوندو آهي تہ مان هٿ نہ ڪٽان ها تہ تون ڪري پوين هان. مان بہ چوندو آهيانس بلڪل ايئن ئي آهي. هاڻي ڪراچيءَ ۾ سندس والد صاحب جيڪو حڪمت ۽ دواخانو هلائيندو هو، اهو پاڻ سنڀاليندو آهي. پيءُ وانگر وڏي ڏاڙهي، نمازي ۽ پرهيزگار ماڻهو آهي. خدمت جو جذبو ۽ ان سان گڏ دنياداري بہ اٿس. اڄا تائين ملندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهي ئي نندي هوندي وارا پوڳ چرچا ڪندي چوندو آهي تہ وڏو حڪيم آهيان. جي ڪنهن ”خاص نسخو“ گهرجئي تہ گارنٽيءَ سان ڏيانءِ-نهيل نڪيل! مان سدائين سندس شڪريو ادا ڪري چوندو آهيانس تہ جي ضرورت پئي تہ اچي حاضر ٿبو!

❊

باب پنجون

جي ايم سيد؛ هڪ اڏول پهاڙ!

پهرين ملاقات

سائين جي ايم سيد سان منهنجي پهرين ملاقات 1974ع ڌاران ٿي. ان وقت اڃا آئون حيدرآباد جي ڪاف ڪاٽ مل ۾ مزدوري ڪندو هئس. هڪ دفعو بشير اوٽي سان گڏجي سن وڃڻ ٿيو. سن وڃڻ کان اڳ ۾ 1973ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪو جلسو ٿيو هو جنهن ۾ جوش ۽ جذبن سان سرشار هڪ خيال دل ۾ جاڳيو ته، ڪاش! آئون به هن ڌرتيءَ جي لاءِ ڪجهه ڪري سگهان. ليڪن ان لاءِ ارمان ته هڪ ته تعليم ڪانهي ۽ خواهش ته گهٽ ۾ گهٽ پليٽ فارم به سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙو هجي! اتان اهي جذبا ڪٺي ذهن ۾ سانڍي هاڻي اها سڪ جاڳي ته هن تحريڪ جي باني جي ايم سيد سان ڪيئن ملاقات ڪجي؟ سو دوست بشير اوٽي سان اهڙي خواهش جو اظهار ڪيم، جنهن چيو ته جي ايم سيد گرفتار آهي. گهر ۾ نظر بند آهي. سندس پهري تي پوليس،C.I.D ۽ ٻجها ادارا اپا ٿيا بيٺا آهن. اهي وري هر ايندڙ ويندڙ جي رپورٽ به ڪندا آهن. اگر هلڻ چاهين ته پلي هل. پر اهي خطرا سو اٿئي! سندس خيال هئو ته اهي ڳالهيون ٻڌي محمد خان يا ته ٿري ويندو يا ڊڄي ويندو. بهرحال مون هڪ مقصد ۽ سوچ کي پاليو هيو. سو هاڻي اهڙين شين کي ڪير ٿو ٻڌي؟ سو بسم الله ڪري روانا ٿياسين. رستي ۾ سوين خيال ۽ تصور ته الائي ڪيئن هوندو، ڪهڙو روبو هوندس، ملندو الائي نه، جي ملندو ته الائي ڪهڙا سوال ڪندو ۽ ان سان ڪيئن ڳالهائبو جواب ڪهڙا ڏيندو... سوين اڌما، سوين وسوسا ۽ عشق جا جذبا ڪٺي اچي نيٺ مين چوڪ انڊس هاءِ وي تي لهي ٽانگي ۾ ويهي سن شهر پهتاسين. ٽانگي واري ٽانگي اسٽينڊ تي لاٿو اتان پوءِ سن شهر ڏانهن وڌياسين. جتي بنگلي جي اڳيان سائينءَ جي بيٺڪ هئي. سن پهچندي سج لهي ويو هئو. اونده ٿي ويئي هئي. آئون سمجهان ٿو سن ۾ لائٽ ڪونه هئي. بنگلي جي نوڪرن ويهاريو. رات جي وقت هيٺ گلم وڇايل هئو. وڏو ڪليل ميدان هيو. ان ۾ ان وقت به ٿي موٽرون ڪنڊ ڪان بيٺل، هڪ چوڪيدار- جنهن کي بندوق هجي ڪو پوليس وارو ڊيوٽيءَ تي يا سائين تي پهرو ڏيندي نظر ڪونه آيو. البته اهو چوڪيدار سول ڊريس ۾ پوليس وارو هجي ته هجي! اسين به ان گلم تي ويناسين ته هڪ ماڻهو آيو. عمر جو پڪو شڪل ۾، فوٽن ۾ جيئن جي ايم سيد کي ڏٺو هجي، هوبهو اهڙي طرح- البته قد ۾ ڊگهو ۽ بت ۾ پريل هجي! پر اتان جتان اسين داخل ٿياسين. منهنجو پهريون دفعو هئو اها مون کي خبر ڪونه هئي ته حاويليءَ مان اوطاق ڏانهن به ڪو رستو آهي يا اسان جنهن دروازي کان آياسين سائين ان پاسي کان ايندو؟ مون پر ۾ ويٺل بشير اوٽي کان پڇيو ته هيءُ آهي ڇا سائين؟ چيائين نه، ان جهڙو لڳندو آهي. هيءُ حڪيم محمد صالح ڪانڌڙو آهي. سائينءَ جي ويجهن ماڻهن مان آهي. هر روز سائينءَ وٽ رات جو ڪچهريءَ تي ايندو آهي. رات جو- مطلب سانجهيءَ ٽاڻي ٻهراڙيءَ ۾ رات ٿي ٿي ويندي آهي. جنهن شهر ۾ لائٽ نه هجي اتي ته سانجهيءَ ويلي اڌ رات لڳندي آهي. بهرحال ان سان دعا سلام ٿي. اهو به اسان جي پر ۾ اچي ويهي رهيو. مان بنگلي جو جائزو وٺندو رهيس. پراڻي قسم جو هڪ وڏو هال نهيل هجي ۽ مٿي به چڱو خاصو نظر پئي آيو. باقي

چئني طرفن کان جايون هيون. اسان جتي ويٺا هئاسين. ان جي ذڪر ۾ هال اوپر ۾ ڪچيون جايون. اتر ۾ سائين جن جي حويلي. اولهه ۾ گاڏين جي گيريج ٺهيل هئي. وچ ۾ وڏو ميدان هئو. ڪانڌڙي صاحب جي اچڻ جي ڪجهه دير ۾ سائين جي ايم سيد حاويلي واري پاسي کان ڏيڍيءَ مان نمودار ٿيو. هڪ هٿ ۾ ٽارچ هجيس. ٽارچ جي پاڇولي جي مدد سان اسان واري پاسي وڌندو رهيو. وچولو قد. بت ۾ هلڪو ۽ جسماني طور ڪمزورڙو! ڏسڻ سان دل ۾ خيال آيو ته واقعي ”مڙسن جا قد نه ماپبا آهن.“ اسان جي نظر جيئن سائينءَ تي پئي ته احتراماً اٿي بيناسين. اچڻ شرط السلام عليڪم ڪيائين. اسان جواب وعليڪم السلام چئي ساڻس نوڙي ملياسين. پوءِ ويناسين. ٽارچ جي روشني منهن ۾ هنيائين. تعارف ٿيو مون سان گڏ آيل همراهه ڪي سڃاڻندو هئو. مون سان سندس نئون تعارف ٿيو. خوش خير عافيت ٿي. پوءِ ڳالهين جو سلسلو هليو ته سائين جي ايم سيد پڇيو بابا احوال ڏيو ڪيئن اچڻ ٿيو؟ ڪو ڪم ڪار آهي، ته ٻڌايو. اسان مان بشير اوني چيو ته سائين حال احوال خير جا. اوهان جي سڪ لڳي سو سلام ڪرڻ آياسين. هي همراهه نئون ٿو نظر اچي. سائينءَ جي نگاهه ڪمال جي هوندي هئي ۽ يادگيري به واهه جي. پوءِ عمر جي حساب سان ڪٽي گهٽ ٿي هجي نه ته ياداشت ۽ پراڻن ماڻهن ۽ واقعن جي ترتيبوار يادگيري هوندي هئس. بشير اوني چيو ته دوست سيوهڻ جو آهي. نالو محمد خان ابڙو اٿس. سائينءَ پڇيو ته ابا ڇا ۾ پڙهندو آهين؟ مون عرض ڪندي وراڻيو ته سائين دعا ڪيو ته ڪٽي ڪجهه پڙهي پوان. في الحال حيدرآباد جي هڪ مل ۾ مزدوري ڪندو آهيان! ڪارخانن ۾ ته رڳو پنجابين جو قبضو آهي. توکي ڪيئن رکيائون؟ سائينءَ پڇيو! مون چيو سائين. بس مڙئي جڳاڙ تي ويو. سائينءَ پڇيو پگهار گهڻي ٿئي؟ مون چيو سائين في الحال 168 روپيه ملن ٿا. اڃا نئون آهيان. شايد اڳتي وڌائي ڏين. پوءِ سيوهڻ جي ڪافي ماڻهن جا نالا ڪنيائين. گل محمد شاهه؟ مون چيو سائين فوت ٿي ويو آهي. ڇيائين خبر آهي. پلا سندس پٽ مراد شاهه پلا اڃا عشق ڪري پيو يا ڇڏي ويو؟ مون چيو سائين خبر نه آهي! ڇيائين لاهور جي ڪنهن ناچڻي سان ٻڌو اٿم ته عشق پيو ڪري؟! بشير چيو ”ها سائين اسان به ٻڌو آهي.“ پوءِ سائينءَ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو ته: گل محمد شاهه تمام وڏي شخصيت جو مالڪ هئو. سندن اولاد خبر نه آهي، ڇا پيو ڪري؟ مون چيو سائين. الله سائين ساڃهه ڏيندن. پوءِ ٻين ڪيترن سيدن. پيرن، فقيرن جا نالا ۽ انهن جي مڪمل معلومات هئس جيڪا ٻڌائيندو رهيو. جن ۾ صادق علي شاهه. عزت علي شاهه. پير بخش شاهه. باجارن جي سيدن جا نالا جن ۾ بقادار شاهه. باقر شاهه. آراضيءَ جي جئندل شاهه. ڪوڙل شاهه. سيوهڻ جو ڪوفي-لاصوفي: خادم سومرو! ۽ فقير نوراحمد سهتو مطلب ته انهن سڀني جا جڏهن نالا ڪنيائين ۽ ڪيترن جا ڪي قصا به ٻڌايائين ته ايئن لڳو ته هيءُ سيوهڻ جو آهي يا سيوهڻ جي سڀني هلندڙ ڦرندڙ ماڻهن سان واسطو هئس. پوءِ خبر پئي ته سائينءَ جي اليڪشن جو اهو ئي تڪ هئو. جيڪو ٽاٽي بولا خان ڪوٽڙيءَ کان سيوهڻ تائين هوندو هئو. سو مون سوچيو ته پوءِ اهي ماڻهو ڪيئن ڪونه سڃاڻندو هوندو! سائين به ساڳي گلم تي اسان جي سامهون هڪ ننڍي پٽراٽي وڇايل هجي ته جيئن زمين جي سختيءَ سبب پٽ تي ويهڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. باقي سائينءَ جي لاءِ ڪو اسپيشل بسترو يا چادر وڇايل ڪونه هئي. جيئن مهمان ويندا هئا ايئن ئي پاڻ ويندو رهيو. ڪافي دير اونداهي ۾ ڪچهري ٿيندي رهي. ڪو ماڻهو اندر داخل ٿيندو يا ڪو نوڪر ايندو ته ٽارچ ڪٽي سندس منهن ڏانهن هٽي پڇا ڪندو هئو ته ڪير؟ پوءِ جواب ملندس. وري ٽارچ وسائي پير ۾ رکي ڇڏيندو هئو. ان ڏينهن ايتري ڪچهري ٿي البت ڪجهه مزيد احوال ۽ ڪچهري ڪانڌڙي صاحب سان

ڪيائين. هن به ڪيترن ئي موضوعن تي پئي ڳالهايو. نوڪرن کي چيائين ته ابا مهمانن جا بسترا لڳايو. کٽن تي بسترن جو انتظام ٿيو. سنڌس لاءِ ڪٽليءَ ۾ چانهن ۽ بسڪوٽ آيا. اسان لاءِ شروع ۾ چانهن اچي ويئي. پوءِ ماني لڳي. سائينءَ ماني ڪونه کاڌي. اسان محسوس ڪيو ته هيءُ شايد اسان سان ماني ڪونه ٿو کائي. الڳ ايندس. ليڪن سنڌس لاءِ الڳ ماني ڪونه آئي. ماني کائي بس ڪئيسين ته نوڪرن کي چيائين صبح جو ناشتو به ڏجون ۽ اسان کان پڇيائين ته جي هتي هونڌؤ ته ڏهين يارهين تائين مان به اچي ويندس. اسان چيو ته نه سائين اسين ناشتو ڪري واپس هليا ويندا سين. ۽ سائين، اسان کان موڪلائي گهر هليو ويو. آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس ته پهرين ملاقات ۾ ايتري تفصيلي ڪچهري به نصيب ٿي، جو ته ان ڏينهن ٻيو ڪو مهمان ڪونه هئو. بس هڪ ڪانڌڙو صاحب هئو. مون بشير کان پڇيو سائينءَ ماني ڪونه کاڌي؟ چيائين ماني به گڏ کائيندو آهي، ليڪن رات جو سنڌس ماني اها هئي چانهه بسڪوٽ. باقي منجهند جي ماني نيڪ ناڪ کائيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ناشتو به ڪندو آهي، اسان سائينءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ سمهي پياسين ۽ صبح جو ناشتو ڪري پنهنجي ماڳ ڏانهن روانا ٿي وياسين. اهو هو سائينءَ سان پهرين ملاقات جو احوال.

ٻي ملاقات

ٻي ملاقات مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي پوءِ ڪرڻ ويو هئس. ان ۾ ڪافي مهمان ٻيا به آيل هئا. مون کان پڇيائين تون ڪير آهين؟ ٻڌايو مانس ته سال کن اڳ ۾ اوهان سان ملاقات ٿي. ليڪن رات جو وقت هئو. منهنجو نالو محمد خان ابڙو آهي ۽ سيوهڻ جو آهيان. چيائين ها ياد آيو. بس ايتري ڳالهه ٻولهه ٿي. ٻيا به ڪيترا ئي ماڻهو هئا، سو شام ٿيڻ وقت موڪلائي سيوهڻ روانو ٿيس. ان ڪانپوءِ سلسليوار ساٺس ڪيترين ئي ملاقاتون ٿيون ۽ ڪچهريون به ٿيون. ڪيترا ئي دفعا ساڻس نويڪليون ملاقاتون به ٿيون. ڇو جو سيوهڻ کان سن پهچندي صرف هڪ ڪلاڪ لڳندو هئو. جڏهن دل ڪندي هئي بس ۾ چڙهي اچي سن پهچندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن سائين اڪيلو هوندو هئو. پوءِ ڪافي ذاتي ۽ نجي نوعيت جي گفتگو به ٿيندي هئي. جنهن ۾ ٻڌائيندو هئو ته هن شهر ۾ اسڪول ۽ اسپتال لاءِ پلاٽ مون ڏنو آهي ته سرڪار اسڪول نهرائي ته جيئن هتان جا ٻار تعليم لاءِ پري نه وڃن. خاص طور شاگرديائٽيون! سائينءَ ٻڌايو ته آئون سن جي ٻن شاگرديائٽين جو خرچ به پاڻ پريندو آهيان، ته جيئن پڙهي پون. وري ان ئي اسڪول ۾ نوڪري ڪري ٻين ٻارن کي پڙهائن اهو سلسلو ڪافي سالن تائين هلندو رهيو. سائينءَ ٻڌايو ته اسان وٽ انگريزن وانگر هڪڙو سسٽم رهيو آهي ته نوڪرن کي پينشن وانگر ڪانه ڪا سهولت ڏيندو آهيان اسان جا پراڻا نوڪر -جيڪي والد صاحب جي زماني ۾ هئا ياد رهي ته سائينءَ جو والد هن جي ننڍپڻ ۾ وفات ڪري ويو هو پوءِ سنڌس زمين سرڪار جي نگرانيءَ ۾ هوندي هئي جڏهن پاڻ ان قابل ٿيو ته سنڀاليائين پوءِ سائين ٻڌايو ته ان وقت جا نوڪر جيڪي يا ته هينئر اڃا جيئرا آهن پر پوڙها آهن يا ڪي مري ويا آهن ۽ ڪيترن جو اولاد اسان وٽ نوڪر آهي آءٌ ڪين هر سال انهن ڏانهن ڪجهه پئسا موڪليندو آهيان ڪيترن نوڪرن کي زمين جا ڏهه ڏهه ايڪڙ به ڪنهن کي ته پندرهن ايڪڙ پينشن جي حوالي سان ڏنا اٿم. جيڪا آباد ڪري وڃي گذر سفر ڪن. اهي ڪاتا به انهن جي نالي ڪيا اٿم ته جيئن پيريءَ ۾ دربدر نه ٿين مون هر ملاقات ۾ سائينءَ کي تمام پيار ڪرڻ وارو

انسان محسوس ڪيو ڪاوڙ گھٽ ايندي هئس، پر ڪن معاملن تي ڪاوڙ ايندي هئس ته ڏندن کي ڪرٽيندي چپن کي پڪوڙيندي ڪاوڙ جو سخت اظهار ڪندو هئو.

سائين جي ايم سيد ڏانهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا لکيل خط

مون سائين جي ايم سيد جي جڳ مشهور ڪتاب "ڪجهه خط" ۾ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جا سائين جي ايم سيد ڏانهن لکيل خط ضرور پڙهيا آهن. انهن خطن ۾ ڀٽو صاحب سائين جي ايم سيد سان پنهنجي هڪ بزرگ وانگر مخاطب ٿيندي سياستڪاريءَ بابت پنهنجي ڀهرين پنڌ، پيرَ، شفقت ۽ پيار جو ذڪر ڪيو آهي.

پراڻي خاندانيءَ واسطيداريءَ جو ورق اٿلائيندي، ڀٽي صاحب سائين جي ايم سيد سان احترام ۽ پابوهه جو رستو برقرار رکيو آهي. جيتوڻيڪ مقصد، مُرادَ ۽ منزل تي رسڻ جا رستا الڳ الڳ آهن خواب ۽ ساڀيائون پڻ الڳ الڳ آهن، پر قديم سنڌ جي رواداري، ماڻهپو اخلاق، وڏ، ننڍائي ۽ بزرگي ٻنهي جي وچ تي موجود رهي آهي.

يقينن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سندس خاندان جون بي شمار قربانيون، جنهن به مقصد لاءِ هيون يا آهن، ان جو مثال ملڪ جي ويجهڙيءَ تاريخ ۾ ملڻ نهايت ئي مشڪل آهي. ڪنهن به باطل آڏو ڪنڌُ نه جهڪائڻ هن مٽيءَ جي ئي مٽيا آهي!

سنڌ جي پنج هزار سالن جو اتهاس گواهه آهي ته جڏهن به صليبن جو سڏُ ٿيو آهي ته سنڌ جي سپوتن جي هڪ وڏي قطار سامهون نروار ٿي وقت جي جلادن کي شڪست ڏني آهي. اهو سچ آهي ته آمر ضياءُ الحق هوا ۾ هوا ٿي ويو، پر شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سندس گهراڻي جو رَتُ واهوندي جي واءَ ۾ هٻڪارون، هٻڪارون ٿي ويو آهي. سڄو ڪٽنب جان جو نذرانو ڏئي هن مٽيءَ ۾ پنهنجي مهڪ ڇَٽي امر ٿي ويو آهي!

جي ايم سيد جا مون ڏانهن لکيل خط

سائين جي ايم سيد مون کي 3 دفعا خط موڪليا جيڪي به بدقسمتيءَ سان حالات جي ستم ظريفين سبب سنڀالجي نه سگهيا، هڪ خط تڏهن موڪليائين جڏهن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران مون 1976ع ۾ سيوهڻ ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي ملهائي هئي، جنهن موقعي تي پوليس، فيڊريشن جي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو اسان ٿاڻي تي ڌرڻو هنيو صبح جو علڻ ٽيٻو سائينءَ جو خط کڻي آيو ته

- *"منهنجي ضلعي انتظاميه سان ڳالهه ٿي ويئي آهي اوهان جا اڳواڻ آزاد ڀيا ڪن اوهان پوليس اسٽيشن تان ڌرڻو ختم ڪري سن اچو ۽ منجهد جي ماني اچي هتي کائو"*

ٻيون خط تڏهن لکيائين جڏهن جلال محمود شاهه، سندس پوٽو سيوهڻ ۾ ايليمينٽريءَ جو امتحان ڏيڻ لاءِ پئي آيو اها شايد 1977ع جي ڳالهه آهي سائينءَ لکيو ته:

- *"جلال محمود سيوهڻ اچي پيو سندس اتي ڪو امتحان آهي سندس رهائش لاءِ عزت علي*

شاهه جن وٽ انتظام ٿيل آهي ان باري ۾ منهنجي انهن سان ڳالهه ٿيل آهي باقي تون رڳو جلال محمود سان گڏ هججان، جيڪي به ٿي ڏينهن سيوهڻ ۾ آهي.“

ٽيون خط: پهريان به آئون ذڪر ڪري چڪو آهيان غلام حسين شاهه ولد جئنڊل شاهه لاءِ مون سائين کي جاءِ جي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ چيو هئو. سائين جي ايم سيد غلام حسين شاهه سان ڳالهايو هئو هنن ها به ڪئي ته سائين مون کي چيو پئسا ڪٺي اچ ته هنن کي ڏيئي توکي جاءِ لکرائي ڏيان مون سائين وٽ پئسا رکي ڇڏيا. پوءِ سائين پئي غلام حسين شاهه ڏانهن نياپا ڪيا ۽ هن پئي لنوايو ۽ ايئن سال کن گذري ويو مان به جڏهن وڃان ته ان معاملي بابت پيو پڇندو هئس سائين چيو. ايندا ته توکي ٻڌائيندس ان معاملي ۾ سائين ڪافي ڪوششون ڪيون ۽ هن ڏي به خاص ماڻهو به خصوصي طور سيڙائي موڪليائين. پر هو حسب عادت ڪونه آيا ۽ آخر بيزار ٿي مون کي چٺي لکيائين. چاڪاڻ ته چٺي مون وٽ رڪارڊ تي ڪونه آهي سائين هنن لاءِ سخت جملا به استعمال ڪيا جيڪي ثبوت نه هجڻ ڪري آءُ ڪونه لکندس صرف هڪ جملو انهن سان جيڪو هلڪو هئو اهو ٿو لکان. سائين لکيو ته:

- *”تون سن اچ اچي پنهنجا مون وٽ رکيل پئسا جيڪي آراضيءَ وارن سيدن لاءِ جاءِ جي معاملي ۾ ڏنا هيئي اچي کڻي وڃ هي سدائين واعدا ڪري نه آيا آهن زبان ڪري ڦري ويا آهن ۽ لالچ ڪونه ٿا ڇڏين.“*

وڏيڪ جملا جي چٺي ملي ها ته لکان ها، ايئن لکڻ نا انصافي ٿيندي.

جي ايم سيد جي مهمان نوازي

هڪ دفعو سائين وٽ وڃڻ ٿيو اتي خبر پئي ته مير رسول بخش ٽالپر به اچي پيو. نوڪرن کي چيائين ته مير صاحب سان ته خبر نه آهي ڪيترا ماڻهو هجن هتي پاڻ وٽ به ڏهه پندرهن مهمان اچي چڪا آهن اوهان ڏهن، ماڻهن جي وڏيڪ ماني تيار ڪجو مير صاحب اچي ٿو. سائين جي ايم سيد وٽ منجهند جي مانيءَ ۾ هميشه هڪ ڇيلو ضرور ذبح ٿيندو هئو جو تقريبن مهمان- جن ۾ وڏو تعداد شاگردن جو هوندو هو منجهند جي وقت پهچي ويندا هئا ۽ سائينءَ سان ڪچهري ڪري شام ڏاري هليا ويندا هئا باقي جن کي ترسڻو هوندو هو سو ڳچ مهمان يا شاگرد ٽِڪي به پوندا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ مير صاحب، چئن- پنجن ماڻهن سان اچي نڪتو قد جو پورو پنو رعبدار شخصيت- مڇون وڏيون ۽ وٽيل! سائينءَ به اتي سندس ۽ سندس مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ پوءِ اتي ئي گڏيل ڪچهري ٿي جنهن وقت ماني لڳي ته ايئن ڪونه ٿيو ته هڪ سابق گورنر يا سنڌ جو منفرد انداز رکندڙ سياستدان ۽ زميندار کي الڳ ماني کارائجي جيئن اسان وٽ اڪثر سنڌ جا وڏيرا، جاگيردار ۽ پير ڪندا آهن. اسين ۽ شاگرد ته سائين جي ايم سيد جا معتقد، پوئلڳ ۽ ورڪر هياسين جي اسان کي حڪم ڪري ته سندس مهمانن جا هٿ به ڌورايون ليڪن سيد ڪڏهن به ڪنهن ورڪر سان اهڙو ورتاءُ نه ڪندو هئو. انهن ڪمن لاءِ خاص ماڻهو ۽ نوڪر رکيل هئس. پر جڏهن ماني لڳي ته سيني لاءِ ساڳي! سائين جي ايم سيد جو دسترخوان تمام ڪشادو هوندو هئو ماني لذيذ هوندي هئي ۽ اها سيني گڏجي کاڌي. اهو ڏينهن مون کي ياد آهي ته جي ايم سيد کان پوءِ ڪنهن ايڏي وڏي ماڻهوءَ سان ماني نه کاڌي سين. ڪچهري عوامي هئي

مير صاحب چيو تہ: سائين بس دل ڪڍيو تہ اوهان کي پيرين پئجي! سائينءَ شڪريو ادا ڪيس مير صاحب بہ پٽي صاحب جو تازو ئي نظر انداز ڪيل هئو پوءِ پٽي پٽي صاحب جون شڪايتون ۽ گلائون ڪيائين سائين پٽي ان جي ڳالهين مان لطف اندوز ٿيو.

ورڪرن جي تربيت جو انداز

هڪ دفعي منجهند جي وقت ماني لڳي 10_12 شاگرد ليڊر ۽ ڪارڪن هجن ماني سڀني ڏيڍ ڪري ڪاڏي ان ڪان پوءِ انڊن مان تيار ٿيل پُڊنگ آئي سڀني حسب ذائقہ کنئي پر هڪڙي ساٿي- جيڪو پڻنگ جو بہ شوقين هوندو هئو سو ان پليٽ ۾ تمام گهڻي وڌي تہ سائين چيس تہ، ابا ايتري کائي سگهندين؟ هن ٻڌو الائي نہ اجا بہ بہ چمچا پليٽ ۾ وڌائين ۽ پليٽ ۾ تقريبن اڌ ڪلو جيتري پڊنگ پئجي ويئي هاڻي سائين بہ سڀني تان توجهہ هٽائي هن تي مرڪوز ڪيو هن کائڻ شروع ڪيو اجا بہ ٽي چمچا پري کاڌا هوندائين تہ هن محسوس ڪيو تہ وڌيڪ ڪونہ کائي سگهندس سائين هن مان نظر نہ پيو ڪڍي هن بہ محسوس ڪيو تہ سائين مونکي ڏسي پيو. وري زور ڪري 2 ننڍا چمچا پري وات ۾ وڌائين پر ايترو منو هلي ڪونہ پيو سگهيس. کائيندو بہ وڃي ۽ ڳيت بہ ڪانہ پئي اچيس. نيٺ سائين چيس تہ بس نہ ٿو کائي سگهين تہ ڇڏيس هرو پرو زور ڏيئي کائيندين تہ بيمار ٿيندين پوءِ ٿورو کلي چيائين تہ ايتري هبچ نہ ڪجي. جيتري ضرورت هجي اوترو کڻجي، ضرورت پوي تہ وري کڻجي ان ۾ ڪو حرج ڪونہ آهي.

ڄام ساقي ۽ سائين

هڪ دفعي آئون سن سائينءَ وٽ ويس، تہ ان وٽ چند ماڻهو ويٺا هجن، انهن ۾ هڪ ٿلهي جسامت وارو ماڻهو بہ هجي سائينءَ سان ڪافي معاملن تي بحث بہ ڪري پيو ۽ دلائل بہ ڏيئي پيو. سائينءَ کانئس پڇيو پوءِ روپوشيءَ ۾ ڪيئن گذر سفر ڪندو آهين يا ڪاٿي رهندو آهين؟ هن جواب ڏنو تہ سڄو ڏينهن ماڻهن ۾ ڪم ڪندو آهيان رات جو ڪوشش ڪري ڪنهن واقف ڪامريڊ وٽ هليو ويندو آهيان هن ٿيلي ۾ 2 وڳا ڪپڙن جا آهن هڪ پاتل آهي جڏهن ميرا ٿيندا آهن ڌوئندو آهيان، تڪليفون تہ آهن ليڪن مقصد وڏو آهي. اسان هن معاشري ۾ ضرور ماڻهن کي تيار ڪري معاشي/طبقاتي انقلاب آڻينداسين ۽ غريب امير جو فرق ختم ڪري مساوات آڻينداسين! خير، ماني کاڌائين ان همراهہ موڪلايو تہ سائينءَ چيس ڪامريڊ ٿورو ترس ۽ ماستر غلام قادر کي چيائين وڃ اندران لفافو کڻي اچ! ماستر غلام قادر ويو ۽ لفافو کڻي آيو سائين ان همراهہ کي ڏيندي چيو تہ: سڄي زندگي غريب ماڻهن لاءِ وقف ڪئي اٿو سڄو ڏينهن پيا فيلڊ ۾ هلو هيءُ ڪجهہ رقم منهنجي طرفان اوهان جي لاءِ آهي رکي ڇڏيو. هن لفافو قبول ڪيو ۽ شڪريو ادا ڪري وڃڻ لڳو تہ هن کي چيائين روپوش آهين جي مجيد ڪيريئي واري پاسي وڃين تہ آءٌ انتظام ڪيان هن ها ڪئي. مجيد ڪيريو سڪرنڊ واري پاسي ڪچي ۾ هڪ ڳوٺ آهي. سن جي سامهون چند ميلن جي فاصلي تي آهي وچ ۾ سنڌو ندي آهي، سو ڳپل پنڌ کان پوءِ ٻيڙيءَ تي چڙهي ٻئي ڪناري تي پهچبو آهي پوءِ اتان وري ڪا جيپ وغيره کڻي مجيد ڪيريئي کان

سڪرنڊ يا نيشنل هاءِ وي تي پڄندي آهي پوءِ مسافر جي منزل جهڙي طرف هجي. هن جي وڃڻ کانپوءِ مون هڪڙي همراهه کان جيڪو منهنجي پير ۾ ويٺو هجي سرگوشيءَ ۾ پڇيو ته هيءُ ڪير هئو هن چيو ته هن سان ملاقات ڪانه ٿئي ڇا؟ مون نهڪر ڪئي، هن چيو اهو هيئي، ڪامريڊ جام ساقي! هيءُ بدل گهڻو هئو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو سينٽرل ڪاميٽيءَ جو ميمبر هئو سندن تحريرن تقريرن ۽ پمفليٽس ۾ بين نظرياتي ڳالهين سان گڏ سائين جي ايم سيد جي خلاف به ڪافي لکندو ۽ ڳالهائيندو هئو ان کان پوءِ مون سوچيو ته سائين ڪهڙي مٽيءَ جو ٺهيل آهي جو ايترو مخالف ماڻهو به اچي ان سان ايتري محبت ۽ خلوص سان پيش اچڻ، توجهه سان هن جون ڳالهيون ٻڌڻ ڪو اختلاف نه رکڻ. وڃڻ وقت ان جي مدد ڪرڻ اها خبر ڪونه هئي ته لفافي ۾ ڪيترا ڏوڪڙ هئا ليڪن ايترا ته ضرور هوندا جو ڪامريڊ جو هفتو ـ ڏهه ڏينهن سٺا گذريا هوندا. سو سائينءَ جو اهو انداز مون کي باقي اڳواڻن کان مختلف نظر آيو.

گذر سفر ۽ زمين

هڪ دفعي سائينءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ٿي پيو ڪير به نه هجي پڇيومانس ته سائين، توهان وٽ ڪيتري زمين آهي؟ چيائين ته مون وٽ ٿوري زمين آهي اندازن 200 ـ 300 ايڪڙ ٻڌايائين. ته مون چيو ايتري زمين تي اوهان جي والد صاحب جي وفات کانپوءِ سرڪار نگراني شروع ڪئي؟! چيائين نه، زمين ته گهڻي هئي پر هينئر مون وٽ ايتري بچي آهي. مون چيو، سائين! ڇا هن تحريڪ جي خرچن جي ڪري کپائي ڇڏيوَ؟ چيائين نه! مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي پٽن ۽ نياڻين جي نالي ڪري ڇڏي آهي ته جيئن پوءِ پاڻ ۾ ملڪيت لاءِ ويڙهه نه ڪن جيڪا پٽن جي حصي ۾ آئي انهن کي ڏنم، جيڪا نياڻين جي حصي ۾ آئي اها انهن کي ڏنم. سمورن جا ڪاتا به ڪرائي ڇڏيا اٿم. ڪجهه زمين اسڪول ۽ اسپتال ۽ ڪاليج لاءِ ڏني اٿم ته ڪجهه زمين پنهنجي پراڻن نوڪرن کي ٿورا ٿورا ٽڪر ڏنا اٿم جو سڄي زندگي ابن ڏاڏن کان خدمت ڪندا پيا اچن باقي هي به ٽي سؤ ايڪڙ آئون پاڻ سنڀاليندو آهيان، جلال محمود نگراني ڪندو آهي جو ننڍي هوندي کان مون سان گڏ ٿي هوندو آهي. مون کان پوءِ اها ان کي ٿي ملندي ان زمين مان ايندڙ ويندڙ دوستن ۽ ساٿين ورڪرن جي ماني وغيره ڪندو آهيان ۽ سال ۾ هڪ دفعو جيڪا سالگره ٿيندي آهي ان جو به خرچ، ان زمين جي آمدنيءَ مان ڪندو آهيان. مان پنهنجي سالگره جي تقريب ۾ پارٽي ورڪرن ۽ ليڊرن کان خرچ ڪونه ڪرائيندو آهيان ۽ نه ئي پٽن کان خرچ ڪرائيندو آهيان ڇو ته منهنجو ٻيو ته ڪو خرچ ڪونه آهي ڪو سال ۾ هڪ به ڪتاب ڇپيو ان جو خرچ، مهمان نوازي ۽ سالگره جو خرچ اهو آرام سان مون واري حصي جي زمين جي اپت مان ٿي ويندو آهي. هاڻي اجا به ٻي ڪا بچت ٿيندي آهي ۽ پاڇيءَ مان ڪنهن کي ڪا ضرورت پوندي آهي ته اجا به مان ڏيندو آهيان سو به گهڻو ڪري گهر ڪونه ڪندا آهن. سو هاڻي مون کي اهو انتظار يا الڪو ڪونه رهندو آهي ته منهنجي مُئي کان پوءِ ملڪيت يا زمين تان هنن ۾ جهيڙو يا اختلاف ٿيندو. سو حويلي، گهر، اوطاق ۽ بنگلا به حصي آهر سڀني ۾ ورهائي ڇڏيا اٿم.

حملي آور سان سائينءَ جي ورتاءَ جو هڪ دلچسپ واقعو

غالباً اها 1977ع يا 78ع جي ڳالهه هوندي ته آئون حسب معمول سن ويس جڏهن ڪو ڪم ڪار نه هوندو هئو ته سن هليو ويندو هئس. ته اتي سائينءَ وٽ ڪجهه علائقي جا ماڻهو آيا. سائين ٽن ڏينهن کان ٻاهر بنگلي تي نه پيو اچي جو طبعيت ۾ ناچاقي هئس ۽ هلڪو بخار به هئس سياري جا ڏينهن هئا تقريبن 12 بجي جو وقت هجي بخار ۾ ڪجهه گهٽتائي هئس سو ٻاهر بنگلي تي آيو ايستائين مهراڻ يونيورسٽي نوابشاهه ڪاليج جا ڪجهه شاگرد اڳواڻ به آيا مون انهن مان محترم حبيب الله ڪابوري کي سڃاتو پاڻ به گرمجوشيءَ سان مليو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ مسڪرائي پڇيائين ته ڪهڙا حال آهن؟ مون چيو شڪر آهي ايئن اسين اندازن 6 کان 7 ماڻهو سائينءَ وٽ هئاسين جو ڳوناٺا سائينءَ کان طبيعت پڇي هليا ويا مان سمجهان ٿو ته الله بچايو مرڻاس به آيو هجي. ايتري ۾ سائينءَ جو هڪ نوڪر آيو چيائين سائين وڏي بنگلي تي پنجاب کان آيل هڪ مهمان ڪالهه کان ترسيل آهي جي اجازت ڏيو ته ان کي به سڏ ڪيان جو اوهان جي طبيعت به ٺيڪ ڪونه آهي وري هليا ويندؤ ته هن کي رهڻو پوندو. سائين پڇيو ڪير آهي؟ چيائين سائين راولپنڊيءَ جو ٿو ٻڌائي ڪالهه جيئن سن آيو ته ڳوناٺن ۽ ڏنارن کان پئي اوهان جو ڏس پتو پڇيائين اهي وٺي هتي ڇڏي ويا اٿس. اوهان جي طبيعت ٺيڪ نه هئي اوهان ڪونه آيؤ. اسان ڪيس ٻڌايو ته سائينءَ جي طبيعت ٺيڪ نه آهي ان ڪري سائين ڪالهه کان وٺي ڪنهن به مهمان سان ڪونه ٿو ملاقات ڪري جو ٻاهر ئي ڪونه ٿو نڪري. هن چيو ته مان پنجاب مان خاص طور سائينءَ سان ملڻ آيو آهيان پلي اڄ نه ته سڀاڻي جڏهن سائين ٺيڪ ٿيندو ته ملي پوءِ واپس ويندس. ائين چئي وري چيائين هتي ڪو هوٽل وغيره هجي ته آءٌ رهندس. اسان هن کي چيو ته هيءُ ٻهراڙيءَ جو ننڍڙو شهر آهي هتي رهائش لاءِ هوٽل ته ڪونه آهي. باقي توهان سائينءَ جو مهمان آهيو. اسين توکي سائينءَ جي بنگلي تي ٿا رهايون. پوءِ اسان هن کي وڏي بنگلي تي-جيڪو سنڌو درياهه جي ڪناري تي آهي، اتي رهائي ڇڏيو آهي ڪيس وقت تي ماني ۽ چانهه وغيره به ڏني اٿئون. سائين پڇيس ته ڪم ڪهڙو اٿس؟ سائين! چئي ٿو اهو مان سائين کي پاڻ ٻڌائيندس پوءِ سائين ملازم کي چيو ته وٺي اچوس. سائين حويلي واري بنگلي ۾ ورانڊي ۾ ڪرسي تي ٽڙڪي تي ويٺو هئو ان جي پرسان به ڪٿون پيل هيون هڪ تي مان ۽ حبيب الله ڪابورو هڪ ماڻهو ٻيو پرسان واري کٽ تي تي چار ڇڙا ويٺل هيا ايتري ۾ اهو ماڻهو نوڪر سان گڏ آيو. قد ڇهه فٽ کان مٿي، نوجوان، عمر اٽڪل 25 سال جي لڳ ڀڳ منهن تي هلڪي ننڍي ڏاڙهي جاننو جوان ۽ چست،

السلام عليڪم.!

سائين: وعليڪم السلام ڪري بخار هوندي به هن لاءِ اٿڻ جي ڪوشش ڪري مليس هن به نوڙي هٿ ملايس ان کٽ تي ويٺو جنهن تي مان ۽ ڪابورو ويٺل هئاسين هيءُ اسان جي وچ ۾ ويٺو ان وقت سائين جي ايم سيد کي ماستر غلام قادر طبيعت جي ناچاڪيءَ سبب زور پئي ڏنا. سائين هن سان خوش خير عافيت ڪئي پئي ته وري چار-پنج جيئي سنڌ جا ڪارڪن اچي ويا وري انهن سان حال احوال ۾ هن همراهه سان سائين جون هلندڙ خبرون رهجي ويون. هن هڪ دفعو اٿي سائين ڏي وڌي چيو:

آپکی طبیعت خراب ہے، میں آپکے پاؤں دباتا ہوں۔!

سائين چيو ته:

آپ ہمارے مہمان ہیں، آپ یہ کام نہیں کر سکتے یہ سارے میرے اپنے ہیں، لیکن یہ کام ملازم کا ہوتا ہے مہمان کا نہیں۔ !

اسان ٻہ هن کي وٺي ويهاريو. مان سمجهان ٿو ان وقت هن کي دل ۾ آيو تہ زورن جي ڀاڻي ويجهو ٿيانس ۽ حملو ڪيانس ليڪن اهو موقعو هن کي نہ مليو سگهيو ان ڪانپوءِ ڪچهري هلندي رهي ان ڏينهن شايد محرم الحرام هئو يا اچڻ وارو هيو سو اهڙي قسم جي ڪچهري هلي جنهن ۾ امام حسين جي شهادت جو ذڪر نڪتو سائين امام حسين يا تہ ڪٿي حضور ڪريم جو ذڪر اچي تہ انتهائي ادب سان نالو وٺي؛ امام حسين رضي الله عنہ يا حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم مطلب تہ نالو عزت ۽ احترام سان وٺندو رهيو. اهو بحث ٻہ اندازن ڪلاڪ کن هليو سائين امام حسين رضي الله عنہ جي قرباني بهادري ۽ جنگ جي حوالي سان ڪافي ڳالهيون ٻڌايون پئي تہ هن همراهہ ٻہ ٻڌو پئي. ڪچهري تہ سنڌيءَ ۾ هئي ليڪن امام ۽ حضور جا نالا سڀ ڳورا تہ هر ماڻهو سمجهي ٿو تہ هي احترام سان نالو وٺي ٿو يا نہ؟ اهو تہ هن محسوس پئي ڪيو. سو آخر ۾ هن ٻہ حضور اقدس ۽ قرآن شريف ۽ ٻہ چار مذهبي نوعيت جا سوال ڪيا جيڪي جواب سائينءَ ساڳي عزت احترام سان اردوءَ ۾ ڏنا. بهرحال هيءُ همراهہ مطمئن ٿي ويو تہ آءٌ جنهن ماڻهوءَ کي مارڻ آيو آهيان اهو تہ ڪافر نہ آهي. سو چيائين تہ سائين هڪ عرض ڪيان جي معافي ملي تہ! مون کي ڇڏي ڏجو. جي نہ تہ اوهان جي مرضي! سائين چيس تہ ٻڌاءِ. هن ٻڌايو تہ منهنجو نالو گلستان آهي آءٌ فوج ۾ سپاهي آهيان ۽ ڪماندو ٻہ آهيان۔ مان، راولپنڊيءَ ۾ مهينو کن ٿيندو هڪ مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهڻ لاءِ ويس مسجد جي مولويءَ جمعي جي نماز ۽ خطبي ڏيڻ کان اڳ ۾ تقرير ڪئي ان ۾ هن اوهان (جي ايم سيد) ۽ شيخ اياز وائس چانسلر سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ تقرير ڪندي چيو تہ اهي مسلمانن جي روپ ۾ ڪافر آهن الله ۽ ان جي رسول ۽ قرآن جي خلاف ڳالهائيندا آهن ۽ اسلام جي خلاف ڪتاب ٻہ لکيا اٿن. اِهي هندستان جا ٻہ ايجنٽ آهن ۽ پاڪستان جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن... آهي ڪو اسلام جو شيدائي، جيڪو انهن ڪافرن کي جهنم رسيد ڪري؟! جيڪو مسلمان ايئن ڪندو اهو جنت ۾ ويندو ۽ خدا ۽ خدا جي رسول ۽ قرآن جي انڪارين مان جان ڇڏائيندو. هنن کي مارڻ جهاد آهي جي جهاد ڪندي ماريا ويئو تہ جنت ۾ جي ڪامياب ٿيؤ تہ خدا ۽ ان جو رسول سدائين اوهان تي راضي رهندو. هن ٻڌايو نماز ڪانپوءِ مان ان مولويءَ سان مليس ان وٽ شيخ اياز ۽ جي ايم سيد جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ 2 عدد پيل هجن! هن چيو تہ هيءُ ڏس ڪتاب جي ايم سيد جو ۽ هي شيخ اياز جو هڪ سن ۾ ٿو رهي. ٻيو هاڻي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر آهي اهي ٻئي ڪافر آهن هنن سان وڙهڻ ۽ هنن کي ختم ڪرڻ جهاد آهي. ۽ آءٌ توکي اها فتويٰ لکت ۾ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هڪ تقرير وري روبرو ذهن کي واش ڪرڻ ۽ وري ڪتاب جيڪي مان سمجهان تہ ڪونہ پيو چو تہ سنڌي ۾ لکيل هئا، ليڪن هو رکيو وينو هئو. مان مولويءَ کان موڪلائي جهاد جو واعدو ڪري اوهان کي ختم ڪرڻ جو عهد ڪري فوج مان موڪل ورتي ۽ موڪل ملڻ شرط آءٌ ٽرين تي چڙهي حيدرآباد پهتس. يونيورسٽيءَ جو معلوم ڪيم تہ ڄامشوري ۾ هئي اتي ويس ملاقات ۾ رڪاوٽون هيون پوليس ۽ پهرو وڏو هئو ان لاءِ مون سوچيو تہ پلان ٺاهڻو پوندو تہ وقت لڳي ويندو ان ڪري وچان ٿو سن! پهرين جي ايم سيد کي ختم ڪري پوءِ جي بچي آيس تہ شيخ اياز کي قتل ڪندس۔ جي مري پيس تہ راهہ جهاد ۾ هيءُ سر قربان! پوءِ مان بس ۾ چڙهيس چو تہ سن جو واقف ڪونہ هيس تہ وچي سيوهڻ پهتس اتان قلندر جي زيارت ڪري وري پڇا ڪندو بس ۾ چڙهي سن جي مين اسٽاپ تي لٿس، اتان پڇندو پنڌ ڪندو آيس پئي واٽ تي هڪ ٻہ مال چارڻ وارا ماڻهو مليا انهن کان اوهان جو پڇيم! پر جيڪي ماڻهو مليا ۽ جن کان مون اوهان جي لاءِ پڇيو

سيني اوهان کي پلو ماڻهو پئي چيو اوهان بيمار هيا. رات مون کي اوهان جي نوڪرن بنگلي ۾ ماني ڪارائي، صبح جو ناشتو بہ ڪرايائون. ايئن چئي هن چيو ڏسو هيءُ اوزار آءٌ اوهان کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪٽي آيو آهيان ۽ ايئن چئي شلوار جو پانچو مٿي ڪيائين تہ ٽنگ ۾ ڏيڍ فٽ جو خنجر جيڪو ڏسڻ شرط حبيب الله ڪابوري ۽ مون پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو! خنجر تمام تکو ۽ ٻنهي پاسي تيز ڌار هيس ڏيڍ فوٽ ڊگهو ۽ چار انچ ويڪرو هيو. ايئن پئي چيائين تہ اوهان جي ملڻ سان اوهان جي اخلاق مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ويتر منهنجي خوشقسمتي جو اوهان مذهبي ڪچهريءَ ۾ بہ جيڪي نالا امامن ۽ قرآن پاڪ، الله ۽ ان جي رسول جا ايڏي عزت ۽ احترام سان ورتا تڏهن مون توهان کان ڪجهہ سوال پڇيا آءٌ مطمئن ٿيس مان سراپا معترف آهيان. جي مون کي سزا ڏيو تہ بہ اوهان جي مرضي جي ڇڏيو تہ آءٌ اوهان سان واعدو ٿو ڪريان ان مولويءَ کي ڪونہ ڇڏيندس!

سائين هن کي جواب ۾ صرف بہ جملا چيا: *”میں نے آپ کو معاف کر دیا اور مولوی کو بھی اور آپ بھی مولوی کو معاف کر دو۔“*

ائين چئي سائين جي ايم سيد جي ڪيفيت صفا بدلجي ويئي ۽ ڪيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيائين ۽ چيائين مون رات جو خواب ڏٺو. خواب ۾ منهنجو ذاتي دوست ۽ بزرگ سائين حسن بخش شاهہ سڪرنڊ وارو آيو ۽ چيائين تہ تنهنجي مٿان ڪا آفت هڪ ٻن ڏينهن ۾ اچڻي آهي. تو قرآن شريف جي هيءُ آيت لکي ڪيسي ۾ رک ۽ ٻي ٽي دفع پڙهندو رهہ انشاءَ الله تو تان اها مصيبت ٽري ويندي ايئن چئي ان ڪاغذ ۾ لکيل اها آيت• پڙهيائين ۽ اٿي حويلي ڏانهن ويندي هڪ دفعو وري سيني کي چيائين هن کي ڪير بہ ڪجهہ نہ چوي مون هن کي معاف ڪري ڇڏيو آهي! هن کي ماني ڪارائي عزت سان روانو ڪجو خبردار! مٿان ڪو هن کي ڪجهہ چوي! سائين هليو ويو خنجر اسان پاڻ وٽ رکيو هن کي مانيءَ جو چيوسين پر هن چيو تہ مون کي اجازت ڏيو مان واپس ويندس ۽ ايئن موڪلائي پنڌ روانو ٿيو جو مين روڊ سن شهر کان اندازن ڏيڍ ـ بہ ڪلو ميٽر پري آهي.

اخبارن جي وائڙي پروپيگنڊا

جيئن تہ سائين (هائوس اريسٽ) يعني نظر بند هئو ۽ اها ڳالهہ هڪدم سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي تہ سائينءَ تي ڊيوٽي لاءِ مقرر اهلڪار بہ سڄو ڏينهن گهمندا وتندا هئا. شهر ۾ گهمندي انهن اهلڪارن جو ان واقعي جو ٻڌو. سو ڀڳا آيا بنگلي تي تہ اهو همراهہ ڪاٿي آهي ڪين ٻڌايو ويو تہ وڃي پيو واپس! هيءُ ڀويان ويس ۽ وڃي مين روڊ تان پڪڙي اچي لاڪپ ۾ بند ڪيائونس ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن سڄي سنڌ ۾ اخبارن ذريعي اهي اطلاع مليا تہ سائين جي ايم سيد تي راولپنڊيءَ مان آيل هڪ اهلڪار قاتلاڻو حملو ڪيو آهي! ڪن لکيو تہ. واڳ ڏٽين. جي ايم سيد کي ختم ڪرائڻ لاءِ حملو ڪيو مطلب تہ جنهن اخبار جي جيئن خبر ٺهي سا ڇاپي ڇڏي. پوليس بہ هن تي اقدام قتل جي ارادي جو ڪيس داخل ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد موڪلي ڇڏيو. ڪيس چالان ٿيو سائينءَ ڏانهن سمن آئي تہ اچي

• اها آيت هيءَ ٿي سگهي ٿي: وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ (يٰسٓ) هجرت وقت الله پاڪ جي امر سان. حضور اقدس ﷺ جن حضرت علي ڪرم الله وجههٗ جن کي پنهنجي مبارڪ بستر تي سمهاري جڏهن گهران نڪتا پئي تہ. گهر جي دروازي تي ڪين افٽ ڪري ڇڏڻ جي نيت سان بيٺل مشرڪن جي نظرن کان بچي نڪرڻ لاءِ پاڻ مذڪوره آيت سڄوري تلاوت فرمائيندا آرام سان نڪري ويا ۽ مشرڪن ـ ظالمن کي الله جي امر سان ڪا ڪل ئي ڪانہ پئي! (ايڊيٽر)

جوابدار خلاف بيان ڏيو سائين چيو ته آءُ ڪيس معاف ڪري چڪو آهيان ان ڪري ڪو به بيان وغيره ڏيڻ پسند ڪونه ٿو ڪريان باقي هن کي گرفتار پوليس ڪيو آهي سو هاڻي سرڪار ڄاڻي سرڪار جو ڪم. سائينءَ جي معافي جي بيان کان پوءِ هو به آزاد ٿي ويو.

سائينءَ تي حملي بابت مبالغ آرائي

مون مٿي سائين جي ايم سيد تي حملي جي سازش جو ذڪر ڪيو ان پسمنظر ۾ هڪ واقعو ذهن تي تري آيو آهي ته 30 مئي 2011 تي حيدرآباد ۾ ناليواري شاعر احمد سولنگيءَ جي گهر تاج جويو سان ملاقات ٿي مون ان واقعي بابت ڪانئس پڇيو ته چيائين ته مان ان واقعي وقت اتي ئي هئس پوءِ جيڪي هن ڳالهيون ڪيون اهي هيون ئي ڪونه پر ايتري تصديق ڪيائين ته حبيب الله ڪابورو ۾ تون اتي هئين. ليڪن هن هڪ ڳالهه ان واقعي جي باري ۾ احمد سولنگيءَ جي روبرو عجيب ڪئي:

> ”اهلڪار رات جو سائينءَ سان مليو ۽ رات جو هن سائينءَ جي سيڪيورٽيءَ وارن جي ڪمري مان رائيفل ڪنئي ۽ سائينءَ جي مٿان اچي ڪيس نشانو بنايائين ته ان کي هڪ جي ايم سيد ۾ ٿي ٿي جي ايم سيد نظر اچڻ لڳا، پنجابي پريشان ته هي ڇا؟! سو مايوس ٿي وڃي رائيفل رکيائين. ڪجهه دير کان پوءِ وري اهو عمل دهرايائين ته ڪيس وري به ساڳيو نظارو نظر آيو ۽ آخرڪار هو سائينءَ کي قتل ڪرڻ وارو عمل نه ڪري سگهيو...“

هاڻ ان تي سوال ٿو اٿي ته ڇا سائين جي سيڪيورٽي تي ويٺل ماڻهو رائيفل ۽ هٿيارن وارو ڪمرو کليل ڇڏي ويا.؟ جڏهن ته انهن سان گڏ پوليس گارڊ به هوندا هئا جي نه به هوندا ته ڇا سيڪيورٽي ڪمرو کليل هئو جو هن پريل رائيفل سائينءَ تي سڌي ڪئي ۽ سائين هن کي ٽي ٽي دفعا نظر آيو؟! ان ڳالهه مان هن ڇا ٿي ثابت ڪرڻ چاهيو؟ سائينءَ ۾ ايتري ”ڪرامت“ هئي ته پوءِ حملي ڪرڻ وارو رائفل کڻڻ مهل انڌو ڇو ڪونه پئي ٿيو يا وري جي ايم سيد جي سيڪيورٽي ايتري غافل، نااهل ۽ غير ذميوار هئي. مان ٻئي ڏينهن به موجود هئس سائينءَ سان هن جي ملاقات کان هن کي گرفتار ڪري وڃڻ تائين! تاج جويي جي گهڙيل ڪهاڻيءَ جو ڪو به ذڪر ڪونه هئو. ان جي تصديق لاءِ حبيب الله ڪابورو زنده آهي ۽ ايريگيشن ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر آهي ان کان پڇيو وڃي يا تصديق ڪندو يا ترديد ته پوءِ ايتري وڏائي ڳالهه ڪرڻ سو به تاج جوئي جهڙو ڏاهو اديب شاعر تاريخ نويس ته پوءِ ڪيئن نه سنڌ جي تاريخ جو ٻيڙو ٻڏندو! منهنجي، تاج جوئي صاحب کي گذارش آهي ته ان ڳالهه جو هڪ گواهه ڏئي ته سائين اهي ڳالهيون قتل لاءِ ايندڙ اهلڪار ڪڏهن ۽ ڪٿي چيون جو هن جو سمورو بيان ان وقت ٽيپ رڪارڊ ۾ رڪارڊ پئي ڪيو ويو اهو رڪارڊ نه به هجي پر سائين جي ايم سيد جي رڪارڊ يا لائبريريءَ ۾ ضرور هوندو.

ڪرو مؤقف

سائين جي ايم سيد کي ان معاملي ۾ ڪيترين ئي ڏرين ۽ ايتري قدر جو سندس ئي پوئلڳن انهيءَ معاملي کي اڇالڻ جي حوالي سان چيو ليڪن اها جي ايم سيد جي شخصيت هئي جنهن ڪوڙ تي

پنهنجي شخصيت کي اپارڻ ڪونہ پئي چاهيو. سائين جي ايم سيد چيو تہ جيڪا هن ڪهاڻي ٻڌائي اها ئي مون کي سچي لڳي هو پنهنجي ايمان، جذبي ۽ جوش تحت آيو ملان جي غلط الزام تراشي ۽ پروپيگنڊا جو شڪار ٿيو هو نڪتو هئو جنت ڪمائڻ لاءِ هتي جڏهن هن جي ضمير تي ملامت ٿي تڏهن هن سچ ٻڌايو! هاڻي مان بيان ڏيئي ۽ سستي شهرت يا سياسي مقصد لاءِ ڪنهن انسان جي زندگي تباهہ ڪيان، سو اهو مون لاءِ ناممڪن آهي. ٻيو تہ مان هن کي ان وقت ئي معاف ڪري ڇڏيو هاڻي وري هن جي پويان ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ بيان ڏيئي پنهنجي ڪيل زبان ۽ ڏنل معافي تان ڦري وڃان پوءِ تاريخ ۾ منهنجي انهيءَ ڪردار لاءِ ڇا چيو ويندو؟! سو انهيءَ معاملي کي هاڻي ختم ڪيو ۽ الله سائينءَ منهنجو بہ خير ڪيو. سائين جي ايم سيد جي اها معاف ڪرڻ واري صفت مون کي پيغمبري سنت لڳي ان ڏينهن ئي مون محسوس ڪيو تہ هي انسان واقعي عظيم آهي.

ضياءَ جي دؤر ۾ 1985ع ۾ غير جماعتي انتخاب جو اعلان ٿيو پ بہ اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو عبدالله شاهہ آزاد اميدوار طور فارم ڀرايو ۽ هن پ کي ڇڏي جنرل ضياء جي حڪومت سان سهڪار ڪيو سندس مقابلي لاءِ سيد ڪوڙل شاهہ فارم ڀرايو ۽ سائين جي ايم سيد وٽ آيو تہ سائين منهنجي حمايت ڪريو ۽ مدد بہ ڪريو سائينءَ چيس آءٌ تنهنجي مدد ڪندس. ڪوڙل شاهہ چيس امير حيدر شاهہ (سائين جو وڏو پٽ) مون سان ڪجهہ معاملن تي ناراض آهي ۽ منهنجي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو اٿس آءٌ هن وٽ ويو هئس ليڪن مدد لاءِ تيار نہ آهي اوهان چئوس تہ منهنجي مدد ڪري اوهان کي انڪار ڪونہ ڪندو. سائينءَ هائو ڪيس. ڪوڙل شاهہ سان گڏ مولا بخش لغاري ۽ روشن علي ٻرڙو هئا. انهن چيو تہ سائينءَ هائو ڪئي آهي هاڻي امير حيدر شاهہ کي پرچائڻ اسان جو ڪم آهي. سو ٻيو پروگرام رکي هليا ويا جو امير حيدر شاهہ ڪراچيءَ ۾ هجي. ڪجهہ ڏينهن بعد هنن کي خبر پيئي تہ سائين امير حيدر شاهہ سن آيو آهي سو ٻئي همراهہ پاڻ مان نڪتا، واٽ تي سيوهڻ ۾ اچي مون کي بہ ڪنيائون جو رابطي ۾ هئاسين. سڌو وڃي سن نڪتاسين. سائين جي ايم سيد کان معلوم ڪيائون تہ سائينءَ کين چيو: امير حيدر شاهہ کي چئو تہ ڪوڙل شاهہ جي اليڪشن ۾ مدد ڪرڻي آهي جو منهنجي دوست جو پٽ آهي ۽ هلي اچي منٿ بہ ڪئي اٿس ان جي مدد ڪرڻي آهي آءٌ بہ چوانس ٿو ۽ اوهين بہ چئوس. جنهن تي امير حيدر شاهہ مون کي جواب ڏنو ۽ چيو اٿس تہ بابا اوهان پلي مدد ڪيوس باقي مان هن جي مدد ڪونہ ڪري سگهندس.

سيد امير حيدر شاهہ جو مؤقف

مولا بخش لغاريءَ چيو تہ سائين امير حيدر شاهہ بہ هتي آهي تہ سڏائي وٺوس اسين ڪا منٿ ميڙ ڪري قائل ڪيئونس. سائين نيا پو موڪليو ٿوري دير ۾ سائين امير حيدر اچي ويو. اسين ساڻس نوڙي ملياسين ان وچ ۾ ٻيا بہ ڪجهہ ماڻهو اچي نڪتا هئا. پوءِ سائين جي ايم سيد چيس تہ هي پاڻ ۽ سيوهڻ مان آيا آهن تہ اسين ٿا امير سان ڳالهايون امير حيدرشاهہ چيس بابا، ڇاجي باري ۾ ڳالهائيندا؟ تہ مير مولا بخش لغاريءَ چيس، قبلا! اليڪشن ۾ عبدالله شاهہ کي شڪست ڏيڻي آهي پ پ بہ ناراض اٿس. سامهون ڪوڙل شاهہ اٿس ڪتي ويندس جو پ پ ڇڏڻ جي ڪري عبدالله شاهہ مان عوام ناراض آهي. سو اوهان مالڪي ڪيو تہ هن جي يعني ڪوڙل شاهہ جي مدد ڪري ڪامياب

ڪيونس پوءِ مولا بخش ۽ روشن پرڙو۔ انهن ٻنهي ڄڻن جو پاڻ ۾ وڏو جوڙ هئو ۽ هم آهنگي پڻ! سو انهن سان جڏهن بہ ويهبو خاص طور تي اليڪشن جي معاملي ۾ اهڙو تہ حساب ڪتاب ٺاهي ٻڌائيندا ڄڻ بس اليڪشن اجهو ٿا کٽي وڃن. خبرن جا شهنشاهہ۔ سو جنهن کي وٽين آسمان تي چاڙهين جنهن کي وٽين زمين تي ڦٽو ڪن سو هنن ٻنهي منو ڪلاڪ قائل ڪرڻ لاءِ دلائل پئي ڏنا ۽ حساب ڪتاب پيش پئي ڪيائون سڀ ڪجهہ ٻڌڻ کان پوءِ امير حيدرشاهہ مخصوص انداز ۾ چيو ليڪن مون کان اهو ڪم ڪونہ ٿيندو ڪالهہ مون کي بابا بہ چيو پر مان ان ماڻهونءَ لاءِ ووٽ ڪونہ وٺندس! جي بقول اوهان جي کٽي وڃي تہ بہ فرق ڪونہ پوندو. مان هن سان ناراض آهيان ۽ منافق نہ آهيان جو ڪوڙو آسرو ڏيان. آءُ بہ هنن همراهن سان گڏ آيو هيس تہ مون کي بہ ڪجهہ تہ چوڻو هئو سو سوچي سوچي چيم سائين اوهان کي تہ ذاتي خبر آهي تہ هنن سائين وڏي سان واعدو ڪيو تہ محمد خان ابڙي کي سيوهڻ واري جاءِ ڏيون ٿا سائين سان ها بہ ڪيائون ۽ سائينءَ اسان کان پئسا بہ گهرايا ڪوڙل شاهہ وارا جاءِ ڏيڻ جو واعدو ڪري وري ڦري ويا پوءِ بہ سائين هنن جي مدد ڪئي آهي اسين تہ هن لاءِ باقائده ورڪ بہ ڪنداسين ۽ ڊڪ ڊوڙ بہ. باقي ڪاوڙ تہ منهنجي بہ اٿن پر سائين جي حڪم کي ٽٽا موٽائي سگهون سو اوهان بہ سائين جي ڪري ڪٽي مدد ڪيوس.

مون کي اڄ بہ امير حيدر شاهہ جا اهي لفظ ياد آهن تہ: ”ابڙا صاحب تنهنجي وڏي دل آهي تون تہ ايئن ڪرين ٿو“ پر مان هن جي مدد ڪونہ ڪندس. ۽ بهتر آهي تہ هاڻي بار بار ان معاملي تي نہ ڳالهائجي. هرو ڀرو بابا پيو ٻڌي ان کي بہ ڏک ٿيندو باقي مان اوهان مان ڪنهن کي منع ڪونہ ڪندس اوهان ڀلي هن جي مدد ڪيو پر مونکي معافي ڏيو.

خادم سومري تي دانهن!

1972ع جي ٻولي هنگامن دوران خادم سومرو ڪجهہ مهينن لاءِ جيل ويو وري آزاد ٿي آيو ان کان پوءِ هي تنظيمي ڪمن ۾ گهٽ بلڪہ نہ جي برابر رهيو. باقي ڪليم وڏا ڪندو هئو تہ مون جهڙو ليڊر يا قوم پرست ڪٿي بہ ڪونہ آهي! ليڪن جڏهن منهنجي (راقم الحروف جي) اڳواڻيءَ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وري منظم ٿي ۽ ان دوران سوين موقعا اهڙا آيا جن ۾ هن جي شرڪت نہ هوندي هئي! هڪ دفعو سائين جي ايم سيد کي چيم تہ سائين هيءُ خادم سومرو اوهان وٽ تہ سڄو ڏينهن وينو آهي جڏهن اچان ٿو هيءُ همراهہ بہ اڪثر موقعن تي اوهان وٽ هوندو آهي پر هيءُ سيوهڻ ۾ بلڪل تنظيم جي ڪنهن ڪم ۾ متحرڪ نہ آهي. سائين هن ڏي صرف نهاريو! هن يڪدم جواب ڏنو تہ ”مان محاذ ۾ ڪم ٿو ڪريان ۽ شاگرد سياست ۾ وڌيڪ دلچسپي نہ اٿم“ مون چيو سائين ڀلا محاذ کي ئي سيوهڻ ۾ منظم ڪري۔ ٻيو تہ ٿهيو پنج ميمبر ئي ٺاهي وٺي, اها بہ نيڪ آهي پر هيءُ عملاً خاموش آهي ۽ دعوائون وڏيون ٿو ڪري. سائينءَ چيو بابا سڀ ڪنهن جي مرضي پاڻ ٻڌي پيو مان ڇا چوانس؟!

D.S.P سيوهڻ: نثار بلوچ پاران سائينءَ جي احترام جو هڪ انمول مثال

78-1977ع جي ڳالهہ آهي سائين جئنڊل شاهہ جو انتقال ٿي ويو ڪيس آراضيءَ بدران لڪي شاهہ صدر ۾ دفن ڪيائون، سائين بہ D.C دادوءَ ڪان آخري رسمن جي شرڪت لاءِ اجازت گهري جو سائين جي ايم سيد جي انتهائي ويجهن ساٿين مان هئو. اجازت ملي ويئي آءٌ بہ ات موجود هيس ماڻهن جي رش هئي عبدالحميد جتوئي بہ تدفين جي رسمن ۾ شريڪ هئو. اهو بہ اچي سائين جي پرسان ويٺو D.S.P سيوهڻ نثار بلوچ جي سائين جي ايم سيد جي نگراني ۾ سيڪيورٽي لاءِ ڊيوٽي هئي دعاڪان پوءِ جڏهن سائين اٿيو تہ ايتري رش ۾ سائينءَ جي جتي نہ پئي لڀي ٿوري دير ۾ D.S.P سيوهڻ نثار بلوچ اها جتي هٿ ۾ کڻي اچي سائينءَ جي قدمن وٽ رکي اها وڏي ڳالهہ هئي! جي اسان مان ڪير ڪري ها تہ اسان جو رهبر ليڊر ۾ اڳواڻ هئو ليڪن هيءُ تہ سرڪاري ڪامورو اهو بہورديءَ ۾ ۽ هتي تہ ڪيترين ايجنسين بہ هيون پر ڪنهن جي بہ پرواهہ ڪرڻ ڪانسواءِ هن احترام جي حد ڪري ڇڏي! نثار بلوچ جو اهو سائينءَ سان پيار مون کي اڄ بہ ياد آهي تڏهن تہ نثار بلوچ جي انگل تي سائينءَ مون کي چئني لکي سيوهڻ ٽاٽي تان ڏرٽو ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو هئو پوءِ محسوس ڪيم تہ محبت عشق ۽ عقيدت ۾ ڪابہ رياستي سرحد يا رياستي طاقت رڪاوٽ نہ ٿي وجهي سگهي. مون ان ڪان پوءِ سيوهڻ ۾ نثار بلوچ ڪان پڇيو تہ اوهان ورديءَ ۾ سرڪاري ڊيوٽيءَ ۾ سائين کي جتي کڻي ڏني، اوهان ڇا محسوس ڪيو؟ چيائين، اهو منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هئو تہ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ايڏي وڏي شخصيت جي جتي سڌي ڪئي. جي ايم سيد رڳو اوهان شاگردن جو نہ اسان جو بہ ايترو ئي محبوب رهبر آهي.

1990ع جي اليڪشن ۾ قمر پٽي

1990ع جي اليڪشن ۾ سيوهڻ مانجهند سرڪل ۾ MPA لاءِ عبدالله شاهہ جي مقابلي ۾ ڪنهن کي بيهارجي؟ اهو موضوع پ پ مخالفن ۾ هلي رهيو هيو جو 1985 جي غيرجماعتي چونڊن ۾ ڪوڙل شاهہ اليڪشن ۾ کٽي آيو وزير بہ هو ليڪن پنهنجي تڪ جي ماڻهن لاءِ ايترو نہ ڪري سگهيو جيترو عبدالله شاهہ پنهنجي گذريل دور ۾ وري 1988ع ۾ پ پ ۾ شامل ٿيو بيهر ڪامياب ٿيو ۽ عوامي ڪم ڪيو. سو سندس پوزيشن تڪ ۾ سٺي ڪونہ رهي ان ڪري ڪجهہ ڪامريڊ اچي سائين اميرحيدر شاهہ کي لڳا، سو نيٺ فيصلو ٿيو تہ اميرحيدرشاهہ اليڪشن ۾ عبدالله شاهہ جو مقابلو ڪندو. ٻئي طرف ملڪ اسد سڪندر سان مقابلي لاءِ عبدالحفيظ پيرزادو فارم ڀرايو ۽ سائين جي ايم سيد جي بہ حمايت حاصل ڪيائين.

عبدالحفيظ پيرزادو هئو تہ سکر جو ڪيترا دفعا ايم اين اي ۽ وزير بہ رهيو هو شايد پنهنجي اباڻي تڪ تي توجهہ نہ ڏيئي سگهيو ۽ ڪراچيءَ جو ٿي ويو! ماڻهن سان رابطو ختم ڪري ڇڏيو هئائين ۽ پٽي صاحب جي قاسيءَ ڪان پوءِ 13-12 سال هي خاموش بہ رهيو اهو ايترو عرصو آهي جو ماڻهو اگر متحرڪ نہ هجي تہ عوام ڪان بہ وسريو وڃي-سو سکر مان ڪيس ڪابہ اميد ڪونہ هئي. تنهنڪري هن صاحب اچي هن تڪ تان فارم ڀرايو. سائينءَ سندس حمايت ڪئي جو پ پ جي مقابلي لاءِ تڪ جو ڪو چڱو سياستدان تيار بہ ڪونہ هئو ۽ امير حيدرشاهہ بہ صوبائي سيٽ تي بيٺو هئو سو انهن ٻنهي جو پئنل تيار ٿي ويو. ان دوران سائين جي ايم سيد جو مون ڏانهن نياپو بہ آيو. جنهن ڏينهن مون کي گهرايو

ويو ان ڏينهن پيرزادو صاحب به اڳ ۾ ئي سائينءَ وٽ ويٺل هجي ۽ اندر قمريٽي جيئي سنڌ قوم پرست پارٽي جو ليڊر به هجي. ان تازو جيئي سنڌ تحريڪ ۾ هڪ الڳ گروپ ٺاهيو هجي. پنهنجي تشخص کي بچائڻ لاءِ ان گروپ جو چيئرمين ٿي ويهي رهيو! الائي ڇو مون کي ان وقت قمر ڀٽيءَ جو اهو انداز پسند ڪونه هئو اجا تازو به تي ڏڙا نهي ڇڪا هئا جنهن ۾ بشير قريشي، قادر مگسي، عبدالخالق جوڻيجو جا گروپ سرفهرست هئا. مٿان هن به پنهنجو گروپ ٺاهيو. هن مون سان گڏ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ ڪم پڻ ڪيو ۽ پوءِ جڏهن مان مرڪز ۾ نائب صدر لاءِ بيٺس ته منهنجي مقابلي ۾ قمر ڀٽيءَ ۽ هڪ نوابشاهه واسي. موليڏني راڄپر جي وچ ۾ مقابلو ٿيو نتيجي طور ٻنهي هڪ جيترا ووٽ کنيا انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪجي ته به منهنجا هنن ٻنهي کان 18 ووٽ وڌيڪ هئا سو قمر ڀٽيءَ جي طبيعت ۾ سوچ نرالي آهي! هينئر تائين 21 سالن ۾ به پنهنجي پارٽيءَ کي پنهنجي ڳوٺ مان ٻاهر ڪونه ڪڍي سگهيو آهي بلڪ ايئن چئجي پنهنجي فيمليءَ کان به ٻاهر ڪونه ڪڍي سگهيو آهي! بهرحال هر ڪنهن کي هتي ليڊر ٿيڻ جو وڏو شوق هوا هن کي ڏسندي ئي منهنجي طبيعت ۾ ڪاوڙ اچي ويئي هاڻي پيرزادو صاحب به ويٺو هجي هڪ ٻه ٻيا ماڻهو به-سو پئي سوچيم ته وجهه ملي ته پنهنجو اوبر ڪيان. سائينءَ چيو ته پيرزادو صاحب آيو آهي. هن تڪ تان M.N.A ٿيڻ لاءِ هن جي مدد ڪرڻي آهي مون چيو. سائين حڪم ڪيو! ڇاڪاڻ ته مان سيوهڻ جي اليڪشن ۾ ڪافي اثر انداز ٿيندو هئس ۽ تمام گهڻو سرگرم هوندو هئس پوءِ پيرزادي صاحب سان سندس ورڪ ۾ گڏ هوندو هئس. ايئن قمر ڀٽي پنهنجي پارٽيءَ جي ڪارگردگيءَ بابت ڳالهايو مان ڪاوڙيو ته اڳي ئي پيو هئس سو مون کي موقعو مليو. مان زندگيءَ ۾ پهريون دفعو سائين جي ايم سيد جي سامهون ڪجهه تکو ڳالهايو. چيم. سائين. جيڪو ماڻهو چئن ماڻهن جي پارٽي ٺو ٺاهي اهو به اوهان وٽ چڱو مڙس ته پوءِ جي اهڙن ماڻهن کي اوهان همٿائيندؤ ته هاڻي ان تحريڪ جا لاتعداد ٻيا به ٽڪرا ٿيندا. ان تي سائينءَ صرف مون ڏي نهاريو. ٿوري ڪاوڙ به آيس پر شايد پيرزادي صاحب جي موجودگيءَ جي ڪري چپائين ڪجهه به ڪونه ۽ پوءِ آئون به چپ ڪري اٿي اچي ٻاهر ويهي رهيس. هاڻي وقت ثابت ڪيو آهي ته سائينءَ جي ان نرم رويي ۽ سيني سان غير مشروط پنهنجائپ جي انداز مان منفي سوچ رکندڙن تحريڪ جو ڪيترو نقصان ڪري وڌو.

پورهيت سنگت جي چونڊن جو احوال

88_1987ع جي ڳالهه آهي- آءُ 86ع ۾ ڪراچي اچي نوڪري ۾ لڳس لياريءَ ۾ رهائش هئي سو جيئي سنڌ محاذ ضلعي سائوٿ ۾ شامل ٿيس ۽ ڪانگريس جو ميمبر به ٿيس ۽ پوءِ محاذ جو ضلعي سائوٿ ڪراچيءَ سيڪريٽري به ٿيس. سن ۾ ٿيل مرڪزي ڪانگريس جو اجلاس سڏايو ويو هڪ ڏينهن اڳ ۾ پورهيت سنگت جون چونڊون هجن ۽ ٻئي ڏينهن جيئي سنڌ محاذ جون! سو اسين محاذ جا ميمبر ٻئي ڏينهن شام جو سن پهتاسين اتي جيئي سنڌ محاذ جي سموري قيادت آريسر صاحب سميت ويٺي هجي-پريشان هجن. اسان وڃي پڇيو ته خير ته آهي ڇا مسئلو آهي جو ايترو پريشان ويٺا آهيو؟ ٻڌايائون ته اڄ صبح جو جيڪي پورهيت سنگت جون چونڊون ٿيڻون هيون اهي ڪونه ٿيون ۽ سائينءَ ٻنهي گروپن (هڪ جي قيادت آريسر صاحب ۽ ٻئي جي عطاءُ الله انڙ ڪري رهيو هجي) کي گهرايو ۽

چيو ته، پورهيت سنگت جي اليڪشن نه ڪرايو ۽ ڪجھ هنن جا ماڻهو ڪڍو ڪجھ ٻي ڌر جا، سو سائينءَ جو حڪم مڃي ايئن ئي ڪيوسين ليڪن آهي وڏي نا انصافي! ميمبرن کي حق هجڻ گهرجي ڪنهن کي ٽا موقعو ڏين. اها اسان کي خبر هئي ته عطاءُ الله انڙ سان مرڪزي ڪانگريس ۾ پندرهن کان وڌيڪ ووٽ ڪونه ٿيندا هر ضلعي مان ڏهه ميمبر هوندا آهن ويهه ڪن ضلعا هئا، سوچياسُون ته صبح جو اليڪشن آهي اهي سڀ هينئر کان وڃي سائينءَ وٽ ويهي رهيا آهن ۽ وري ساڳيو سليڪشن حڪم ٿيندو. مون آريسر صاحب کي چيو ته اوهان باڊي ڪنهن مهل توڙيندؤ؟! [نئين اليڪشن کان اڳ ۾ مرڪزي باڊيءَ کي توڙڻو پوندو آهي ۽ اليڪشن ڪميشن ٺاهي ويندي آهي پوءِ اليڪشن جي مڪمل ٿيڻ ۽ نئين باڊيءَ جي قسم کڻڻ تائين اليڪشن ڪميشن ئي سڀ پاور استعمال ڪندي آهي اها ڪميشن مرڪزي باڊيءَ جي صلاح سان چيئرمين مقرر ڪندو آهي.]

آريسر جي ورنديءَ ڪانپوءِ مون چيو ته، اوهان اليڪشن ڪميشن جو چيئرمين مون کي مقرر ڪيو- آءٌ پاڻ ٿو ان معاملي کي منهن ڏيان! آريسر صاحب چيو پر سائينءَ اگر ڪو حڪم ڪيو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟! مون چيو، اوهان پنهنجو ڪم ڪيو باقي مون تي ڇڏيو آئون اوهان کي بهرحال اليڪشن ڪرائي ڏيندس، سليڪشن ٿيڻ نه ڏبي. هڪ ڳالهه ته آريسر صاحب مون کي پسند ڪونه ڪندو هئو بلڪ تقريبن ليڊر مون کي پسند ڪونه ڪندا هئا-جو مان ڪڙا تڙا ۽ ڏکيا سوال ڪندو هئس ۽ سڌيون ٻڌائڻ جو عادي هئس! سنڌ جي محبت ۾ ايترو ته جذباتي هئس جو منهنجي سوچ مطابق جي سائين به ڪو غير آئيني حڪم ڏيئي ته ڪونه مڃيندس! پوءِ پلي منهنجي پوزيشن ڪهڙي به بيهي. اسان جهڙن ڪارڪنن جي ڪٿي به اهميت ڪونه هوندي آهي. ليڪن پنهنجي ضمير مطابق غلط ڪم کي ڏسي خاموش ڪونه ويهبو هئو. بهرحال اها آريسر صاحب کي خبر هئي ته محمد خان ابڙو پنهنجيءَ تي ايندو ته ڪنهن جي ٻڌندو به ڪونه. جو هڪ دفعو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بس جي اغوا جو معاملو ٿيو آءٌ به مرڪزي نائب صدر هجان. سائين جي ايم سيد، محاذ جي سپريم ڪائونسل جا ميمبر يونيورسٽيءَ موڪليا، هڪ علڻ ٿيبو-جيڪو ان وقت اسان جي مرڪزي صدر رسول بخش ٿيبو جو ويجهو عزيز ۽ وڏو هجي، ٻيو، الهچايو مرٽاس. اسان جي مرڪزي باڊيءَ جو اجلاس غلام شبير لاڪي جي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ 68 نمبر روم ۾ هليو پئي ته هي ٻئي ڄڻا اندر آيا. سيني سان مليا. اجلاس وري شروع ٿيو مون اعتراض ڪيو ته هيءُ اسان جي اجلاس ۾ نٿا ويهي سگهن ان وقت مان فيڊريشن جو نائب صدر هئس مون چيو ته هنن کي ڪنهن ٻئي ڪمري ۾ وهاريو ان تي مرڪزي ڪاميٽيءَ جا سڀ ليڊر پريشان ٿي ويا ۽ چيائون هيءُ محاذ جي سپريم ڪاميٽيءَ جا ميمبر آهن مون چيو ته اسان هنن جي تنظيم جو ذيلي ادارو آهيون ليڪن پنهنجي اداري ۾ بنا اڳواٽ اجازت يا خاص رڪيسٽ جي ڪنهن کي به نٿا ويهاري سگهون، اتي علڻ ٿيبو ته خاموش رهيو ۽ چڙيو به ڪونه پر الهه بچايو مرٽاس پڙڪي پيو چي: اسان کي سائينءَ موڪليو آهي بس جي اغوا جي معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ ۽ اسين سپريم ڪائونسل جا ميمبر آهيون ڪنهن جو پيءُ به اسان کي هتان نٿو ڪڍي سگهي اسين اجلاس ۾ ويهنداسين! اعتراض مون کي هئو سو هن جو ”پيءُ“ جو لفظ ڪڍڻ ۽ هيڏانهن مان اٿيس هن تي الر ڪيم هيءُ به اٿيو ۽ پنهنجي جوتي ۾ هٿ وڌائين ايستائين وڃي پهتوسانس پر ٻيا سڀ وچ ۾ پيا معاملو ٿڌو ٿيو! علڻ ٿيبو اٿي ٻاهر هليو ويو ۽ پوءِ مرٽاس به هليو ويو ۽ وڃي پر واري ڪمري ۾ ويٺا. اجلاس شروع ٿيو سيني مون کي تنقيد جو نشانو بڻايو مان پنهنجي مؤقف تي قائم رهيس ۽ پوءِ اجلاس

جلدي ختم ڪري وڏا ليڊر جهڙ ۾ رسول بخش ٿيبو (صدر) ۽ گل محمد جکراڻي (جنرل سيڪريٽري) پنهنجا عهدا بچائڻ لاءِ وچي سپريم ڪائونسل جي ٻن ميمبرن وٽ پيش پيا ۽ الائي ڪهڙيون معافيون ورتائون. آءٌ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويس.

مرڪزي چونڊن جو احوال

ان واقعي جي اها سموري رپورٽ آريسر صاحب تائين پهتل هجي سو رات جو هنن جي مرڪزي باڊيءَ جو آخري اجلاس ٿيو ان ۾ اليڪشن ڪميشن ٺهي. پوءِ بہ آريسر صاحب مون کي چيئرمين مقرر ڪونہ ڪيو مون کي ۽ منظور علي شاهہ کي ميمبر ۽ سائين راشد مورائيءَ کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو پر هاڻي اهو فيصلو صبح جي ڪانگريس جي اجلاس ۾ اناؤنس ڪرڻو هئو. رات گذرندي رهي مون ڪين اهو مشورو ڏنو تہ صبح جو اوهان نائين وڳي اجلاس شروع ڪيو ۽ باڊي ٽوڙي اليڪشن ڪميشن جو اعلان ڪيو باقي ڪم ڪي اسين ڏسي ٿا وٺون! مون سوچيو تہ سائين جي ايم سيد جا اهي بہ رويا هڪ طرف تہ جمهوري انداز ۾ عهديدار چونڊجن وري جي ڪو ننڍو گروپ وچي وٽس منٿ ميڙ ڪري ۽ سائين ڪين بہ باڊي ۾ شامل ڪري ۽ هو وري مرڪزي ڪاميٽيءَ جا ميمبر ٿين ان سان پارٽي ۾ ضابطو ڪيئن رهندو؟! يا پنهنجو حڪم هلائي ۽ پارٽيءَ ۾ نامزدگيون ڪري. ايئن بہ اسان جي قومي تحريڪ ۾ اندروني گروپ بہ پيا ٺهن! جي مٿان حڪم ذريعي مقرريون ٿين تہ ڪافي ضابطو اچي پئي سگهيو. چو جو هڪ تہ اسين سنڌي قوم پيو تہ ان ۾ جمهوريت! مٿو اچو ٿي ويو۔ رتائر بہ ٿي وياسين. پر ٿيهڻ ورهن تائين اها ڳالهہ اجا سمجهہ ۾ ڪانہ آئي آهي تہ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن جو تقدس آخر آهي ڪهڙي بلا! بهرحال رات گذري، صبح ٿيو. اجلاس ۾ ماڻهن اچڻ شروع ڪيو سڀ پهچي ويا ليڪن ان ساڳي گروپ صبح سان ئي وڃي سائين جي ايم سيد جو پاسو ورتو تہ سائين چاچي اليڪشن، 11 مرڪزي تنظيم جا ميمبر چونڊيا آهن ڪجهہ اسان جا ڪجهہ هنن جا ڪٽي جڳاڙ تي ڪم ڪي هلائجي. هيڏانهن پيا سڀ ڪارڪن پريشان تہ هيءُ الائي اج ڪهڙو ٿا حڪم آڻين. مون چيو تہ اوهان هڪ مرحلو تہ مڪمل ڪيو اجلاس هلايو باڊي ٽوڙي ۽ اليڪشن ڪميشن جو اعلان ڪيو پوءِ جي هو اچن تہ بہ ٺيڪ نہ تہ اڪثريت هتي ويني آهي صرف 15_12 ماڻهن جي ڪري قومي فرض ۾ هن قسم جي رڪاوٽ نہ اچڻ گهرجي! اجلاس جو پهريون مرحلو شروع ٿيو باڊي ٽوڙي اليڪشن ڪميشن جو اعلان محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر صاحب ڪيو.

- سائين راشد مورائي (مورو) چيئرمين
- محمد خان ابڙو (ڪراچي سائوٿ) ميمبر
- منظور علي شاهہ (لاڙڪاڻو) ميمبر

هاڻ ان کان پوءِ هڪ ڪمري ۾ اليڪشن ڪميشن جو اجلاس شروع ٿيو. مون راشد مورائي صاحب کان پڇيو تہ جي اوچتو سائين جو ڪو اهڙو حڪم اچي جهڙو ڪالهہ ٿيو تہ اوهان ڇا ڪندؤ؟ جواب مليو تہ ڪنهن ۾ همٿ آهي جو سائينءَ کي جواب ڏي؟! مون چيو اگر هيءُ دوست پنهنجي مفادن خاطر سائينءَ کي مجبور پيا ڪن تہ اهو ٺيڪ آهي؟ چيائين، نہ! ان تي مون چيو تہ پوءِ هڪ ڪم ڪيو اوهان مهرباني ڪري هينئر کان بيماريءَ جو بهانو ڪيو ۽ سمورن اختيارن سميت مون کي چيئرمين جي چارج ڏيو.

اوهان اهو محسوس ڪرايو ته اوهان جي اوچتو سخت طبيعت خراب ٿي پئي آهي. هاڻي ڪار وهنوار هلائڻ لاءِ ڪاميٽي محمد خان ابڙي کي قائم مقام چيئرمين مقرر ڪيو آهي. پوءِ آءٌ پاڻ ٿو ان فرض کي نڀايان. هو به ان ڳالهه تي متفق ٿيو ۽ ايئن ئي ڪيائين. مون انچارج چيئرمين جي حيثيت ۾ اجلاس کي اڌ ڪلاڪ لاءِ ملتوي ڪيو ۽ سيني کي هدايت ڪئي ته جنهن کي به ٻيڙي ڊيڙي ڇڪڻي آهي اهو ٻاهريون ڪم لاهي مقرر وقت تي اچي. اڌ ڪلاڪ کانپوءِ ڪاروائي شروع ٿيندي. مان اتان اٿي سائين جي ايم سيد وٽ ويس ته اتي ويٺل ٻي ڌر کي وٺي اچان، نه ته خوامخواه پروپيگنڊا ٿيندي ته اسان کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ کان روڪيو ويو-چو ته جي هي نه پيا اچن ته اليڪشن به ڪونه ٿئي ها! سڀ بنا مقابلي کٽي اچن ها. آءٌ جيئن ئي سائينءَ وٽ پهتس ته وٽس عطاءُ الله انڙ، خادم سومرو، باغي بجاراڻي، الهه بچايو مرڻاس ۽ ٻيا ست-اٺ ڄڻا ويٺا هئا. سائينءَ کي اليڪشن ڪينسل ڪرائڻ لاءِ لڳا پيا هئا. سائين! اوهان فيصلو ڪيو، ڇاجي اليڪشن؟! مان وچي سائينءَ کي عرض ڪيو ته سائين! 200 کن ماڻهو-جيڪي سڄي سنڌ مان آيا آهن اهي صرف هنن جي انتظار ۾ آهن ته هي اچن ۽ ڪارروائي شروع ٿئي پوءِ جيڪي به مسئلا هوندا انهن کي ڏسي ونجو. سائينءَ چيو ته آريسر صاحب ڪاٿي آهي؟ مون چيو اجلاس ۾ ويٺو آهي! چيائين ڪيس موڪل ته هنن جو مسئلو حل ڪري وڃون مون چيو سائين هاڻي وقت گذري ويو آريسر صاحب هاڻ صرف ڪانگريس جو ميمبر آهي باڊي ٽٽي ويئي ۽ اليڪشن ڪميشن ٺهي ويئي آهي آءٌ ان ۾ شامل آهيان هنن کي چئو ته هلن پوءِ جيئن هوندو ڪبو. سائينءَ هنن کي چيو ته اوهان اجلاس ۾ شريڪ ٿيو پوءِ ان تي سوچيون ٿا. هي همراهه ٽٽائيندا، لنوائيندا بهرحال اٿيا ۽ پاڻ ۾ اها به صلاح ڪيائون ته هلون ٿا جو سائين چيو آهي پوءِ جي معاملو نه ٺهيو ته بائيڪاٽ ڪري ايندا سين. مان انهن مسئلن کان واقف هئس منهنجي جيڪا حڪمت عملي ۽ پلان هو سو ڪنهن کي خبر ڪونه هئي ته هيءُ ڇا ڪندو. پوءِ به هنن هڪ همراهه سائين وٽ ڇڏيو شايد مرڻاس صاحب!

سڀ گڏ ٿياسين مون اجلاس جي ڪاروائي شروع ڪئي اتي راشد مورائي صاحب موجود هجي پر منصوبي تحت ليٽيل هيو جيئن سڀ محسوس ڪن ته هي بيمار ٿي پيو آهي. سڀ کان پهرين مون اجلاس مان 7-6 ميمبر مقرر ڪيا جن ۾ هڪ حبيب الله ڪابورو هڪڙو ڪوسو هئو شايد نواز ڪوسو ۽ فقير داد ڪوسو ۽ 4 کن ماڻهو ٻيا. انهن کي هدايت ڪئي ويئي ته اوهين ڪجهه ماڻهو گيٽ تي ويهو نه اندران ڪو ٻاهر ويندو نه ٻاهران ڪو اندر ايندو. جيڪو ايندو يا ويندو پهرين اسان کي اطلاع ڪندؤ! جي اسين اجازت ڏيون ته ايندو نه ته بس! همراهه پرعزم ٿي دروازي تي ويهي رهيا ۽ ڪاروائي شروع ٿي. اسان جي تنظيم ۾ ڪانگريس صرف يارهن ميمبرن کي چونڊيندي آهي ۽ اهي وري چونڊجڻ کان پوءِ يارهن ڄڻن مان مرڪزي باڊي ٺاهيندا هئا جن ۾ ڇهه عهديدار ۽ پنج سينٽرل ڪاميٽيءَ جا ميمبر هوندا. ان ڪري اسان چيو ته جنهن کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻو آهي اهو فارم ڀري ۽ ان ئي اڌ ڪلاڪ ۾ هٿ ڪٽڻ جو وقت به هيو. ٻنهي ڌرين مان 11 - 11 فارم آيا 2 فارم وڌيڪ ڀريا ويا پوءِ مقرر وقت ۾ هٿ ڪنيو ويو ۽ لسٽ فائينل ٿي. هاڻي اميدوار جيڪو ڳالهائي ته انهن لاءِ مخصوص وقت مقرر هيو. سو تقريبن هر گروپ مان انهن جو اڳواڻ ئي ڳالهائيندو آهي. ايتري ۾ آريسر صاحب چيو مون کي ٻاهر وڃڻو آهي. پڇا ڪئي سين ڇا لاءِ؟ چي، سگريٽ وٺڻا آهن. اسان هن کي ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڪونه ڏني ۽ جمن دربدر کي مقرر ڪيو ويو ته جنهن کي سگريٽ يا ڪا ٻي شيءِ گهرجي هن کي پئسا ڏي هي پاڻ وٺي ايندو ۽ ٻيو ڪير به ٻاهر ڪونه ويندو! ايتري ۾ هنن جو جيڪو همراهه پوئتي سائينءَ وٽ ويٺو هجي اهو لڳو پيو هجي پنهنجي ڪم سان.

سائين جو ماڻهو آيو گيٽ تي ته سائين جو نياپو آهي چيئرمين صاحب لاءِ (راشد مورائي) پر ان وقت ته انچارج آءٌ هيس گيٽ واري همراهه اچي ٻڌايو ته سائين جو ماڻهو آيو آهي چيئرمين اليڪشن ڪميشن لاءِ نياپو اٿس. مون چيو معذرت ڪري چڏيوس ته هينئر ٻاهريون ماڻهو اندر نه اچي سگهندو هيءُ ضابطو سيني لاءِ آهي. سو چيئرمين ڪونه ملي سگهندو. سائين راشد مون ڏانهن نهاريو مون چيو سائين اوهان فڪر نه ڪريو هي ڪم منهنجي حوالي آهي آئون پاڻ اهو سمورو بار ڪڻندس. سائين ناراض ٿيندو ان جو خير آهي. اسين قومي قافلي جي اڳواڻ چونڊڻ لاءِ هتي گڏ ٿيا آهيون سڄي سنڌ جا ڪانگريس جا ورڪر هتي گڏ ٿيا آهن مس وڃي ٻن سالن کان پوءِ جمهوري سلسلو آيو آهي جي سليڪشن ڪرڻي آهي ته پوءِ هيترن ماڻهن کي هتي گڏ ڪري ميسيج ڪهڙو ٿا ڏيڻ چاهيون؟ حق ۽ انصاف ۽ اصول تي سودي بازي ڪونه ڪبي! ڪجهه ماڻهن جي ناراضگي ختم ڪرڻ لاءِ هن جمهوري اداري جو تقدس پائمال نه ٿيڻ ڏبو. سائين راشد مورائيءَ چيو ته آءٌ ته چاڪ نه آهيان توهان ذميوار آهين. ان ڪري چارج به توکي آهي جيئن وڻئي تيئن ڪر! وري ماڻهو آيو ماستر غلام قادر-حبيب الله ڪابوري هن کي دروازي تي چئي چڏيو ته چيئرمين. راشد مورائي ناهي جو چارج محمد خان ابڙي وٽ آهي سائين کي چئو ته هن جيڪو اصول ٺاهيو آهي ان تي عمل ڪرائيندؤ هن ضد ڪيو ته نه! سائينءَ جو حڪم آهي مون کي 5 منٽ ملايو ماڻهو مون وٽ آيو سموري حقيقت ڪيائين. مون جواب موڪليو ته اهو اصول ڪميشن طي ڪيو آهي هاڻي ان تي اسان سميت سڀ عمل ڪرڻ جا پابند آهيون. ايتري ۾ اندر ويٺل مخالف گروپ ۾ به هلچل مچي وئي ۽ هنن چيو ته اسان جو گروپ هن محاذ جي چونڊن جو بائيڪاٽ ٿو ڪري. مون چيو اها اوهان جي مرضي آهي هٿ ڪڻڻ جو وقت نڪري ويو آهي بائيڪاٽ پلي ڪيو ليڪن اوهان جو نالو چونڊن واري لسٽ ۾ رهندو ۽ ماڻهو ووٽ وجهندا. ايتري ۾ عطاءُ الله انڙ ۽ خادم سومرو اٿي بيٺا ته اسين ٻاهر وڃڻ ٿا چاهيون. اسان بائيڪاٽ ڪيو آهي ته اسين هتي ڇو ويهون؟! مون چيو اوهان بائيڪاٽ ڪيو يا نه-هٿ رڪارڊ ۾ اوهان اليڪشن وڙهو پيا ۽ هر ووٽر پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪري رهيو آهي ۽ اوهان رڪارڊ مطابق اميدوار آهيو! هنن تمام گهڻو زور پريو ته اسان ٻاهر ٿا وڃون اسان هنن کي آخر تائين ڪابه اجازت ڪونه ڏني. مون کي هنن جي ڪُر ڪُر واري اها ڳالهه پسند ڪونه آئي ۽ آءٌ اٿيس ۽ تقرير شروع ڪري هنن کي تنبيهه ڪندي چيو ته- ساٿيو!

”اوهان قومي ڪارڪن هتي گڏيا آهيو ته سنڌ جي قومي تحريڪ جيئي سنڌ محاذ جي قيادت چونڊجي جيڪا سنڌ جي آزادي ۽ آجپي جي لاءِ جدوجهد ڪندي اهو حق عام ڪانگريس کي آهي باقي جي چند ماڻهو چوردروازي مان اچڻ لاءِ رهبر سان وينا غلط بياني ڪن ته پوءِ هي تحريڪ پنهنجو دم توڙي ويهندي هر ماڻهو پنهنجي مفادن جي تڪميل جي چڪر ۾ آهي اوهان اهو ٿا چاهيو ته جيئن ڪالهه پورهيت سنگت جي اليڪشن کي سليڪشن ۾ تبديل ڪيو ويو اج به ايئن ٿئي سو اج هن تحريڪ جي انتظام جي ذميواري مون وٽ آهي اوهان جي ڪابه غلط ڳالهه يا فرمائش پوري ڪونه ٿيندي. رهيو سوال بائيڪاٽ ڪانپوءِ ٻاهر وڃڻ جو ته ٻاهر وڃڻ جي ڪنهن کي به اجازت ڪونه آهي نه ٻاهريون ماڻهو اندر ايندو جو سائين جي ايم سيد جا به نياپا اچي چڪا آهن آءٌ ان جي ماڻهوءَ سان به هن اصول تحت ڪونه ٿو ملان نه ئي هن کي اندر اچڻ ڏنم! سو اوهان سنڌ جي آزاديءَ جا دعويدار آهيو جي چند ڪلاڪ ٽڪا ويهي سگهو ته پوءِ تحريڪ کي چڏي ڪو ٻيو ڪم ڪريو. مون هتي سابق چيئرمين آريسر صاحب

ڪي به ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڪونه ڏني آهي سو هاڻي مهرباني ڪري بار بار اٿڙيون ڳالهيون يا حرڪتون نه ڪيون وڃن“...

ان ڪانپوءِ اهي همراهه هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا رهيا اليڪشن جو مرحلو شام 5 بجي مڪمل ٿيو ڳڻپ ٻن ڪلاڪن ۾ مڪمل ٿي جن همراهن بائيڪاٽ جو چيو انهن به موجود هئڻ ڪري ووٽ وڌا ـ صرف ڪين 17 ووٽ پيا جن مان 11 اميدوار هجن باقي ووٽ عبدالواحد آريسر جي پينل کي مليا. يارهن ماڻهن جي ڪاميابيءَ جو اعلان ڪيوسين پوءِ انهن ميمبرن پنهنجي ميٽنگ ڪري عهديدار چونڊيا، جيڪي رزلٽ اسان کي مليو اسان ان مطابق ڪامياب اميدوارن جو اعلان ڪيو ۽ آخر ۾ نئين آيل باڊيءَ جي لاءِ قسم کڻڻ جي تقريب شروع ٿي. قائم مقام چيئرمين جي حيثيت ۾ مون نون عهديدارن کان حلف کڻايو سڀ ميمبر ۽ بائيڪاٽ ڪرڻ وارو گروپ به حلف کڻڻ تائين ويٺو رهيو ـ نه چاهيندي به!

٭

”مون سوچيو جي ماڻهو اصول ۽ همٿ کان ڪم وٺي ته ڪو به مسئلو نه ٿو رهي ماڻهو غلط ڪم ڪن ٿا ان ڪري ڪمزور آهن غلط سپورٽ پنهنجي قيادت کان وٺن ٿا انهيءَ ڪري ڪمزور آهن جي ڪا لالچ ۽ بي ايماني ۽ مفاد پرستي نه آهي ته قائد به ناهيل اصولن تي پابند رهي سگهي ٿو شرط اهو آهي ته ماڻهو ”جي حضوريءَ“ جو عادي نه هجي.“

دوستن يارن دادِ تحسين

پوءِ سموري ڪارروائي ۽ رزلٽ کڻي رات جي وڳڙيءِ رهبرِ سنڌ وٽ وياسين. اليڪشن ڪميشن چيو ته سائينءَ کي بريفنگ به تون ڏيندين مون هائو ڪئي! پوءِ جيڪا به ناراضگي هوندي قبول آهي جڏهن سڀ ماڻهو سائينءَ وٽ پهتاسين ته ان ۾ بائيڪاٽ وارا به گڏ هئا. سائينءَ چيو ته ڏيو حال احوال ڇا ٿيو. مان ادب سان عرض ڪيو ته ”سائين اليڪشن ٿي ويئي ۽ پينل آمهون سامهون بيٺا هڪ آريسر صاحب جو هڪ انڙ صاحب جو ـ 17 ووٽ انڙ صاحب جي پينل کنيا باقي پوٽا به سڀ آريسر صاحب جي پينل کنيا اتي انڙ صاحب يا خادم سومري ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو مون چيو آئون ڳالهائي بس ڪيان پوءِ توهان به ڳالهائجو! سائين به اتي ئي آهي اوهين به ـ پيا سچي رات ڳالهائجو. مون اڳتي ٻڌايو. جي سائين ته...اوهان جا به ماڻهو نياپو کڻي آيا خبر نه آهي ڪهڙو نياپو هيو مون ٻڌڻ کان انڪار ڪيو جو اهو اليڪشن ڪميشن اصول طي ڪيو هئو ته نه اندرئين ماڻهوءَ کي ٻاهر ڇڏبو نه ٻاهرئين ماڻهوءَ کي اندر اچڻ ڏبو. ان اصول تحت يا مان ٻاهر اچان ۽ اچي اوهان جو نياپو ٻڌان يا اوهان جو ماڻهو اندر اچي، سو ٻنهي صورتن ۾ ناهيل ضابطي جي ڀڃڪڙي پئي ٿي. اگر ڪا نافرماني ٿي آهي ته اهو ڏوهه منهنجو آهي! آخر ۾ ٻڌايومانس ته نئين باڊي چونڊجي ويئي آهي اها لسٽ ڪيس ڏنم ۽ اهو به چيم ته هي قسم کڻي ٻن سالن لاءِ عهديدار چونڊجي ويا آهن هاڻي اوهان جي مرضي ته اها باڊي هلي يا هنن دوستن جي چوڻ تي ٽوڙي ڇڏيو. سائينءَ ڪجهه به نه چيو غور سان ٻڌندو رهيو ۽ آخر ۾ سائين جي ايم سيد چيو ته ”نون عهديدارن کي ڪانگريس منتخب ڪيو آهي آئون انهن کي ۽ ڪانگريس کي ۽ اليڪشن ڪميشن کي مبارڪ ٿو ڏيان!..“ سائينءَ جي انهن لفظن ڪانپوءِ مون سميت سڀني کي اطمينان ٿيو ۽ مخالف گروپ

۽ خاموش ٿي ويٺو رهيو. سائينءَ وٽ واپسيءَ مهل مون کي ڪيترن ئي دوستن چيو ته اڄ تون ايڏو وڏو ڪم ڪري قومي تحريڪ ۾ ڪارڪنن جي جمهوري فيصلي کي بچائي ورتو.

❊

باب ڇهون

قومي تنظيمي سرگرميون

مان ڪاليج جي اليڪشن کان پوءِ جيڪو موضوع منهنجي سامهون آيو لکي ويس ليڪن آئون وري پنهنجي آتم ڪٿا سيوهڻ ڪاليج جي اليڪشن کان پوءِ جاري رکندس.

جيئن اليڪشن جي پڄاڻي تي مون ڪاليج ۾ پرنسپال کان ٻه ڪمرا يونين آفيس لاءِ ورتا ۽ جيڪو ڪاليج ۾ فرنيچر هئو ان مان ڪجهه ڪرسيون ٽيبلون ۽ ٻيو سامان وٺي آفيس قائم ڪئي.

قربان ڪلهوڙو

سڀ کان پهرين پنهنجي يونين جي صدر قربان ڪلهوڙي کي ڪاليج جي يونين آفيس ۾ گهرايم ڪيس عزت ۽ احترام سان ويهاريم چانهن پياريم ڪجهه دير کان پوءِ باقي جيڪي شاگرد ۽ يونين جا عهديدار هئا. تن کي چيم ته اسان کي پاڻ ۾ ڳالهائڻو آهي اوهان ٻئي ڪمري ۾ وڃي ويهو. هليا ويا صدر صاحب کي گذارش ڪئي ته هيءُ اڇا پنا آهن تقريبن 20 کن اڇا پنا هجن انهن تي پنهنجو نالو ۽ عهدو لکي دستخط ڪيو. هن مون ڏانهن نهاريو مون چيو ته توکي صرف ان ڪري گهرايو اٿم متان ڪو ڪاليج ۾ شاگردن جي ڀلائي لاءِ ڪم اچي آئون توکي ڪٿي ٻيو ڳوليندس. ڇيائين آئون ته ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ ايندو رهندس. مون چيو تو جيڪو اليڪشن کان اڳ ۾ رويو رکيو اها توکي خبر آهي ان ڪري آئون آخري دفعو توکي چوان ٿو ته ڪاغذن تي دستخط ڪري ڏي هن پين کنئي سيني ڪاغذن تي نالا لکي عهدو لکيائين ۽ سيني پنن تي دستخط ڪري منهنجي حوالي ڪيائين. مون سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ وڌيڪ عرض ڪيو مانس ته منهنجي طرفان ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن تعلقي طرفان تنهنجي ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ ۽ شاگردن سان رابطي ڪاريءَ تي پابندي وڌي ٿي وڃي. تنهنجي ان ڳالهه جي اها سزا آهي جو اليڪشن ۾ صدر جي عهدي لاءِ ٻيهي غداري ڪري ڪوڙل شاهه جي چوڻ تي منهنجي سموري پلان جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو هيئي. اها ته منهنجي محنت ۽ الله سائينءَ جو ڪرم هو جو اليڪشن ڪٽي ويس هاڻي جي تون وري ڪڏهن ڪاليج ۾ نظر آئين ته اها تنهنجي پنهنجي ذميواري هوندي. هاڻي جي تون وڃڻ چاهين ته ڀلي هليو وڃ آءٌ ڪونه ٿو چاهيان ته توسان بدمزگي جو ماحول پيدا ڪري توتي ۽ پاڻ تي ماڻهو ڪلايان ان ۾ ئي تنهنجي عزت آهي. هن چيو ته معنيٰ هاڻي تون منهنجي دستخط وارن اڇن پنن تي منهنجي استعفا لکي موڪليندين. مون چيو ته اهو موقعو آيو ته اها تون پاڻ اچي لکي ڏيندين. باقي هاڻي تون نالي ماتر صدر آهين. وڃي لئه ڪر ليڪن تنهنجو ڪاليج ۽ شاگردن ۾ ڪو به ڪردار نه هوندو. هو به سياڻو هو وقت ۽ ماحول جي

نزاڪت کي سمجهي ويو ۽ مايوس انداز ۾ اٿيو موڪلايائين مون هن کي عزت سان الوداع ڪيو ٻئي ڪمري ۾ ٻيا دوست ويٺل رهيا اندروني معاملي جي اسان ٻن کان سواءِ ڪنهن کي به خبر ڪونه پئي پوءِ انٽر جي امتحان جو فارم ڀرائڻ آيو ۽ امتحان ڏئي فارغ ٿي ويو وري مون کي ياد ڪونه آهي ته هن سان ڪا ملاقات ٿي هجي هيءُ ڪاٿي آهي ڇا پيو ڪري مون وٽ ڪو اطلاع ڪو نه آهي شايد هيءُ ڪتاب وري ڪيس ماضيءَ ۾ وٺي وڃي ۽ وري ڪي ڳالهيون ياد ڪري. باقي تصديق يا ترديد ڪرڻ هن جو حق آهي.

امان الله سرهيو

هيءُ هڪ درزي پورهيت جو پٽ هئو سائين حاجن شاهه جو خاص ماڻهو هو ۽ بنا مقابلي ڪامياب ٿيو هو. يونين آفيس آيو ملاقات ڪيائين. ته مان نائب صدر آهيان. مون چيو اوهان بنا مقابلي آيا آهيو اوهان اسان جي اميدوار کان حڪومت جي ڏاڍ تي زوريءَ هٽ ڪٽايو ۽ اليڪشن ۾ اوهان اڪيلا رهجي ويؤ هاڻي اوهان جي يونين سرگرمي معطل اوهان کي اها، سو رعايت آهي ته پنهنجي پڙهائي جاري رکو انٽر جو امتحان اچي ته امتحان ڏيو باقي جي سرگرمي شروع ڪيؤ ته پوءِ اوهان جي ڪاليج اچڻ تي پابندي لڳي ويندي ۽ اوهان پڙهي به ڪونه سگهندؤ اڄ کان پوءِ خاموشي اختيار ڪريو ۽ صرف سنو شاگرد ٿي گذاريو ان ۾ اوهان لاءِ ڪو مسئلو ڪونه ٿيندو باقي آفيس ۾ اچي شاگردن سان سياسي رابطو ڪندؤ ته پوءِ ان جي معنيٰ توهانکي اسان سان مقابلو ڪرڻو آهي پوءِ تيار ٿي اچجو يا توهين هتي هوندا يا مان! يلي حاجن شاهه سپاف ۽ سرڪار کي به ٻڌائي ڇڏيو ته محمد خان ابڙو سواءِ پڙهائيءَ جي باقي سمورين سرگرمين تي پابندي وڌي آهي! هو ويو ۽ پوءِ منهنجي سيني ڳالهين تي عمل ڪري صرف پڙهائي جاري رکيائين.

خدمتون

مون ڪاليج يونين جنرل سيڪريٽري دوران سيوهڻ ۾ هينيان ڪم ڪرايا:

- جان محمد ڀٽي ڳوٺ ۾ واٽر سپلاءِ پهچائڻ لاءِ سيوهڻ ڊولپمينٽ ڪامپليڪس کان اسڪيم جي منظوري.
- سيوهڻ ڪاليج جي بلڊنگ ٺهي ويئي پر چار ديواري ڪونه هئي اها به سيوهڻ ڊولپمينٽ ڪامپليڪس کان منظور ڪرائي جوڙائي راس ڪئي.
- ايريگيشن جي SDO سيال صاحب کان ڪاليج ۾ شاگردن جي راند لاءِ سيمينٽ جي پچ ٺهرائڻ.
- سيوهڻ جي سيني شاگردن لاءِ- جيڪي سنڌ يونيورسٽي ميڊيڪل يونيورسٽي/ڪاليج، انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ داخل هئا ۽ ڪٿي به هئا انهن کي اوقاف کاتي جي چيف ائڊمنسٽريٽر دريا خان کوريجو جي مدد سان في ڇوڪرو هڪ هزار روپيه هڪ دفعو سال ۾ انٽرميڊيئيٽ پنج سؤ روپيه، هڪ دفعو سال ۾ ۽ نائون ڏهون به سؤ روپيه هڪ دفعو سال ۾ اهو

سلسلو هڪ دفعو هليو پوءِ وري ڪاليج جون اليڪشن به ڪونه ٿيون ۽ 1978_1977ع ۾ آءٌ به ڪاليج مان انٽر ڪري زندگيءَ جي اڳاهين پنڌ تي روانو ٿي ويس. ان وقت اهي پئسا شاگردن لاءِ تمام گهڻا هئا.

سيوهڻ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي

مون 1975ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ۽ جساف سيوهڻ جو صدر ۽ پوءِ تعلقي جو صدر ٿيس. مون اهو پروگرام رٿيو ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي سيوهڻ ۾ ورسي ملهائجي. ان لاءِ مون پنهنجي ان وقت جي جساف ضلع دادوءَ جي صدر محترم منظور پنهور ۽ مرڪزي سينئر نائب صدر مولا بخش لغاريءَ سان به مشورو ڪيو. هنن سٺي موٽ ڏني. مون کين گذارش ڪئي ته سيوهڻ جهڙي شهر ۾ جساف جو وجود نئون آهي اڳ ۾ هڪ اڌ ماڻهو اگر رهيو به آهي ته ان ايتري سرگرمي ڪونه ڏيکاري آهي سو ڪنهن مخالف ڌر کي ڪا هلچل ٿيندي محسوس ڪونه ٿي آهي ان ڪري انهن کي ڪا به پريشاني ڪونه ٿي آهي. هينئر هن جلسي ۾ پ پ سرڪار کي تڪليف ٿيندي ۽ رڪاوٽون ٿينديون جو ماڻهن کي جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪيندا. ان ڪري جلسي ۾ شرڪت لاءِ سنڌ يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان جي هڪ هڪ بس ايندي ته به جلسو ڪامياب ٿي ويندو ۽ تاريخ ۾ جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان هيءُ پهريون جلسو ٿي رهيو آهي اهو جي ناڪام ٿيو ته پوءِ تحريڪ به ماني ٿي ويندي، ان ڪري پهريون تاثر ايترو ته سگهارو هجي جو هن شهر جي گهٽين ۽ رستن ۽ گهرن ۾ جيئي سنڌ جو هُل هُلي وڃي. پوءِ ايئن ئي ٿيو سنڌ يونيورسٽيءَ مان به بسون محترم قاسم ٻگهيو جيڪو هينئر اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جو چيئرمين ۽ اڳ سنڌ يونيورسٽي جو پروفيسر هيو، شاگردن سان ڀري آيو جنهن سان گڏ اختر ڪاڪيپوٽو اشرف کهاوڙ علي احمد پنهور دادوءَ وارو ۽ ٻيا ساٿي هئا. زرعي يونيورسٽيءَ مان، هڪ بس علي محمد سرڪيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان، شمس جعفراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ لياقت ڪاليج مان هڪ بس آئي پر ڄام شورو پوليس سيوهڻ جي پرسان پ پ حڪومت جي چوڻ تي جلسي جي صدارت ڪندڙ مولا بخش لغاري ۽ خاص مهمان منظور پنهور کي گرفتار ڪري خوفنائتو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو اسان سمجهيو ته اهو ڪم سيوهڻ پوليس ڪيو آهي پر ايئن نه هئو انهن ٻنهي اهم اڳواڻن جي گرفتاريءَ کان پوءِ سيوهڻ جا ماڻهو ته جلسي ۾ نه جي برابر آيا صرف بشير اونو ۽ ٻه چار ٻيا ڪارڪن نظر پئي آيا. انهن گرفتارين جو ظاهر آهي ته اثر پيو ۽ ماڻهو ڊڄي ويا. ليڪن جيڪي دوست مختلف يونيورسٽين ۽ ڪاليجن مان بسون ڀري پئي آيا انهن جڏهن اهو ٻڌو ته اڳواڻ گرفتار ٿي ويا آهن ته انهن سيوهڻ جي بس اسٽاپ کان سيوهڻ جي مارڪيٽ جي آخري چيڙي تائين نعرا هڻندا پئي آيا ۽ اهي ايترا ته اپ ڏاريندڙ نعرا هئا جو واقعي شهر ۾ هلچل مچي وئي ته الائي ڇا ٿي ويو آهي پ پ وارا به پريشان ته اسان ماڻهو ٻڌرايا شهرين کي جهليوسين پر هيءُ ايترا شاگرد بسون ڀري اچي پهتا آهن... اهو هئو تاريخي طرح اهڙو ڪم جو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ ان جي ڪري منهنجو شهر ۾ گهڻو اثر ۽ ڌاڪو ويهي ويو. جلسو شروع ٿيو ته سيوهڻ پوليس جو D.S.P محترم نثار بلوچ به اچي جلسي ۾ شريڪ ٿيو! سول ڪپڙن ۾ اڪيلو هجي. اسان جا ته ماڻهو ۽ اهم

اڳواڻ گرفتار ٿيل هئا ان ڪري پوليس تي ڏاڍي ڪاوڙ هجي. هن ڪي جو جلسي ۾ ڏنوسين اسين سڀ جذباتي ٿي وياسين هن ڪي ڪافي برو ڀلو چيوسين ۽ ڪيس اهو به چيوسين ته تون هتي رپورٽنگ ڪرڻ آيو آهين هتان نڪري هليو وڃ. ان وقت اسان جي سوچ عمر جي حوالي سان ايتري ئي هئي. اسان هن کي غلط سمجهيو اسان صرف اهو ڏسندا هئاسين ته هيءُ پوليس وارا سڀ سرڪار جا نمڪ حلال ۽ قوم پرستن کي چٿڻ وارا آهن ان ڪري هن کي ڪيتون ٻڌايون! نثار بلوچ ڊي ايس پيءَ چيو آءٌ اوهان جو پروگرام ڏسڻ ۽ ٻڌڻ آيو آهيان. مون کي به سرڪار حڪم ڪيو هئو ته هنن جو پروگرام نه ٿيڻ گهرجي پر مون اوهان جي ڪنهن به پروگرام کي بند نه ڪو نه ڪيو نه گرفتاري ڪئي نه خوف پيدا ڪيو ۽ ان ۾ منهنجي، D.C دادوءَ محترم محمد هاشم ميمڻ به مدد ڪئي باقي اوهان جا اڳواڻ ڄامشورو پوليس، سيوهڻ جي ٻاهران گرفتار ڪيا آهن ان لاءِ به مون ايس. پي صاحب سان احتجاج ڪيو آهي ته هي ڇوڪرا پرامن پروگرام پيا ڪن هنن کي خوامخواه جذباتي ڇوٽو ڪيو وڃي؟!... پوءِ هو ڪجھ وقت وڌيڪ ويٺو ۽ هليو ويو. ظاهر آهي اسان جو پروگرام ٽينشن وارو ٿي ويو هجي. فيصلو اهو ڪيو ويو ته جلسي ۽ ورسيءَ جي اختتام تي سيوهڻ پوليس اسٽيشن تي وڃي ڌرڻو هڻبو. هونئن ته پروگرام ايئن رٿيل هئو ته شام جو پنجين وڳي ورسيءَ جو پروگرام شروع ٿيندو ۽ پوءِ ستين وڳي ختم ڪري سڀ ڪارڪن بسن ۾ پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿيندا ۽ ماني به وڃي پنهنجي پنهنجي يونيورسٽي يا ڪاليج جي هاسٽلن ۾ کائيندا جو ايترن ماڻهن جي ماني تي خرچ ڪرڻ جيتري طاقت اسان ۾ ڪانه هجي. ليڪن فيصلو ٿيو ٿاڻي تي ڌرڻي هڻڻ جو مطالبو اهو رکيو ويو ته گرفتار ڪيل اڳواڻ آزاد ڪيو نه ته اسان کي به گرفتار ڪيو وڃي! هاڻي ٽي-چار سئو شاگرد سڄي سنڌ جي وڏن ادارن جا، جي گرفتار پيا ڪن ته سڄي سنڌ ۾ احتجاجي سلسلو پيو شروع ٿئي، سو صورتحال ڳنڀير ٿي ويئي سڀ بسن تي چڙهي ٿاڻي تي پهتاسين-هئاسين پرامن سو وڃي ڌرڻو هنيوسين ته يا گرفتار اڳواڻ آزاد ڪيو يا اسان سڀني کي گرفتار ڪيو وڃي رات ٿيندي ويئي شاگردن ۾ بک ۽ اڄ به وڌندي ويئي مون پنهنجي وڏي ڀاءُ غلام حسين ابڙي کي نياپو ڪيو. هو يڪدم ٿاڻي تي آيو. چيومانس هاڻي ته هيءُ سڀ پنهنجا مهمان آهن. چيائين پوءِ حڪم ڪر ڇا ڪرڻو آهي مون چيو ته هنن جي لاءِ ديڳيون لاهڻيون آهن، ڊرم ۾ پاڻي ۽ برف جو انتظام ڪرڻو آهي.

ڀاءُ جو سات

واهه ڙي واهه ادا غلام حسين-صفا ڀڪي پيو ۽ وڏي اعتماد ۽ محبت مان چيائين برف ۽ پاڻيءَ جو انتظام ته اڄهو ٿي ويو-باقي ديڳيون لاهڻ ۾ ٿورو وقت لڳندو. اتفاق سان ٻن ڏينهن کان پوءِ ڀاءُ غلام حسين جي پٽن، شاهنواز اقبال ۽ سڪندر جي طهرن جي ڪاج جو پروگرام رکيل هئو سو ديڳيون ۽ ڇانور گيهه سمورو سامان پيل هئس. چيائين صرف ڪاريگر هٿ ٿو ڪيان باقي سڀ سامان ڪاج وارو پيل آهي ٻن ڪلاڪن ۾ ڏهه ديڳيون پٽاٽن جون ۽ جي مرغي به ملي ته تيار ڪرائي ٿاڻي تي ڪٽائي ٿو اچان. پوليس جو رويو به ٺيڪ هئو اسان ته نثار بلوچ کي جلسي مان نڪري وڃڻ جو چيو پر هن چيو بابا وينا هجو آئون به اچي اوهان سان ٿو ويهان هيءُ احتجاج اوهان جو بنيادي حق آهي. صرف ٽوڙ ڦوڙ نه ڪجو جو ڪو امن امان جو مسئلو نه ٿئي باقي مون D.C صاحب محمد هاشم ميمڻ کي

ٻڌائي ڇڏيو آهي اهو اڃي پيو ۽ اوهان جو مطالبو سرڪار تائين پهچي ويو آهي. جوش جذبو ۽ اميد هجي ته اسين ايترا اڃي هتي گڏيا آهيون ته مطالبو به ضرور پورو ٿيندو ان وچ ۾ سوا اٺين وڳي رات جو B.B.C تان خبر به نشر ٿي وئي ته قوم پرستن پنهنجي ليڊرن جي گرفتاريءَ خلاف محمد خان ابڙي جي قيادت ۾ سيوهڻ پوليس اسٽيشن تي قبضو ڪري ورتو آهي. رپورٽ ۾ لفظ قبضي جي جاءِ تي ڌرڻو هجڻ گهرجي ها! ليڪن رپورٽرن جو پنهنجو ڪم هوندو آهي ته واقعي کي ڪيئن ٿا پيش ڪن ان وقت اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪونه هئي سڀ ماڻهو اطلاع ۽ ڄاڻ لاءِ B.B.C تي ڀروسو ڪندا هئا جو اهو واحد آزاد ذريعو هوندو هو. منهنجي ته واهه واهه ٿي وئي ۽ سڄي سنڌ ۾ نالو ٿي ويو سيوهڻ ۾ ايترو اثر ٿيو جو منهنجي سيوهڻ ۾ هاڪ ٿي وئي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اڳ سيوهڻ ڪاليج جو شاگرد يونين جو اليڪشن هڪ طرفو ڪٽي نئين تاريخ رقم ڪئي. ڪجهه دير ڪان پوءِ نثار صاحب ڪان جيترو ٿي سگهيو چانهه پاڻيءَ جو انتظام ڪيو ايستائين جو پائو غلام حسين به پاڻي ۽ برف جو انتظام ڪيو ۽ چيائين ننگر به بس اجهو تيار ٿيو پيو اڇي.

ڪامورو: محمد هاشم ميمڻ

رات جو ڏهين وڳي D.C دادو، محمد هاشم ميمڻ، مون سان فون تي ڳالهايو. D.S.P سيوهڻ جي فون جي لائن تي هجي D.S.P نثار بلوچ مون کي چيو D.C صاحب سان ڳالهاءِ سيني دوستن چيو ته پلي ڳالهائينس. مون فون کنيو ۽ هيلو ڪيو ته ٻئي پاسي کان، ها سائين مان محمد هاشم ٿو ڳالهايان۔ بابا هاڻي اوهان ڌاڻي تان ڌرڻو ختم ڪيو. مون سرڪار سان ڳالهايو آهي اوهان جا همراهه اوهان کي صبح جو ملي ويندا. مون چيو سائين هينئر ڇو نه؟ جواب ۾ چيائين هينئر ئي ڏيون ها، اسان ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهي. ڄامشورو پوليس هنن کي گرفتار ڪيو آهي ليڪن اسان وائرليس تي به پيغام ڇڏيا آهن سڀ پوليس چوڪيون هاءِ الرٽ آهن ليڪن هو سيوهڻ ڄامشوري واري رستي تي ڪونه آهن شايد شاگردن جو وڏو تعداد ان رستي کان ويندو يا ايندو هجي ان ڪري هو شايد ڪٿي ترسيا هجن سو صبح تائين جت به هوندا چوڪرا اوهان کي ملي ويندا. مون انڪار ڪيو ته اسين وينا آهيون جيستائين اسان جا اڳواڻ نٿا آزاد ٿين تيستائين اسين پرامن وينا آهيون اوهان چاهيو ته اسان سيني لاءِ گرفتاري جو حڪم ڏيو. هن چيو اوهان جي مرضي پلي وينا رهو باقي اوهان جا ليڊر صبح تائين آزاد ٿي ويندا اهو محمد هاشم جو واعدو آهي. سنڌ ۾ چند آفيسر ان وقت ۾ به اهڙا هئا جيڪي قومي تحريڪ ۽ ڪارڪنن سان پيار ڪندا هئا ۽ پنهنجي وس آهر انهن جي مدد به ڪندا هئا اسان جي شايد خوش قسمتي هجي جو انهن مان به آفيسر D.C دادو، جناب محمد هاشم ميمڻ ۽ D.S.P سيوهڻ، جناب نثار بلوچ صاحب هجي ۽ ان ڪري اسان کي ڪابه سرڪاري طرح انهن شخصيتن جي ڪري تڪليف ڪونه آئي صرف اهو چيو ويو ته اوهان پلي وينا هجو ليڪن ڪو به جهيڙو توڙ ڦوڙ نه ڪجو ته جيئن اسين اوهان جو مسئلو حل ڪريون! جي اوهان ايئن ڪيو ته اسان لاءِ وڏو مسئلو ٿي ويندو!

اسان ڌاڻي تي ڌرڻو جاري رکيو پوءِ وقت پاس ڪرڻ لاءِ ڪي شاگرد لطيفا ته ڪي قومي گيت ته

وري تقرير ٻه ڪن پيا خاص طور تي علي احمد پنهور تمام گهڻا لطيفا ٻڌائي دوستن کي خوب کلايو. هن ورسيءَ ۾ محترم عابد لاکير به آيل هجي هن سان منهنجي پهرين ملاقات ان جلسي ۾ ٿي. جنهن مهل جلسو ختم ڪري ٽاڻي تي پيا وڃون هن مون کي چيو پ پ حڪومت آهي چوٿو سيني کي ڏچي ۾ وجهين۔هيءُ اهڙا سنڌ دشمن اٿو جو پادر به هڻندا جيل به ويندؤ ۽ ضمانت به ڪونه ٿيندو. مون ڪائنس نالو پڇيو عابد لاکير جواب مليو! مون سوچيو هيءُ ڏاڍو تيز آهي هن عمر ۾ نفعي نقصان جي خبر اٿس. پر هيءَ ته گڏيل فيصلو هئو سو ٽاڻي تي ته وڃڻو هئو پر هي اتان واپس پنهنجي ڳوٺ هليو ويو چيائين پاڻ اهڙن ڏچن لاءِ ڪونه ساماڻا آهيون ۽ همراهه هليو ويو.

ايتري ۾ ٽاڻي تي رات جي ماني به اچي ويئي چوڪرن جي طهرن جي ڪاج لاءِ رکيل سيڏو قومي تحريڪ جي ڪم اچي ويو! سڄي رات جاڳندي گذري ڪاٻه بس رواني ڪونه ٿي سڀ شاگرد ٽاڻي تي ويٺا رهيا ۽ اهو معاملو سڄي شهر ۾ باهه وانگر پکڙجي ويو ڪيترا ماڻهو ٽاڻي تي آيا اها اچ وڃ به سڄي رات جاري رهي. هوڏانهن سپاف دادوءَ جو صدر حاجن شاهه لکياري اهو ٻڌي پنهنجي بنگلي تي ويهي رهيو درگاهه تي نڪرندو آهي ۽ شهر ۾ چڪر هڻندو آهي ان به احتياطاً ڪوبه شهر جو چڪر نه هنيو ته متان هيءُ چوڪرا ڪاوڙ ۾ مون سان وڙهن نه! اسان کي ته اهڙي ڳالهه ذهن ۾ به ڪونه هئي اها ڳالهه وري مون کي سندس ڀائٽي محمد شاهه ٻڌائي ته همراهه سڄي رات پريشان هيو.

هوڏانهن محمد هاشم ميمڻ صاحب سڌو رابطو سائين جي ايم سيد سان ڪيو سائينءَ چيو ته هاڻي رات جو دير ٿي وئي آهي آءٌ صبح جو سوير ماڻهو موڪليان ٿو ۽ ٽاڻي تان ڌرڻو ختم ٿي ويندو. صبح جو سوير چاچو علڻ ٽيبو سائين جي ايم سيد جو خط کڻي مون وٽ پهتو ۽ چيائين هيءُ سائين جو خط اٿو لکيل هئو مون ڏانهن.

خط:

پيارا محمد خان ابڙو!

علڻ ٽيبو اوهان وٽ اچي پيو منهنجي ۽ محمد هاشم ميمڻ D.C دادو جي ڳالهه ٻولهه ٿي وئي آهي اوهان جو مطالبو سرڪار مڃي ورتو آهي اوهان ٽاڻي تان واپس سن اچو منجهند جي مانيءَ جو انتظام سيني جو مون وٽ آهي.

خير انديش

غلام مرتضيٰ (سن)

علڻ ٽيبو سائينءَ جو خاص ۽ پروسي جوڳو ماڻهو هوندو هئو ڪامريڊ به هوندو هئو ۽ سائينءَ جا ذاتي ڪم نياپا ۽ خط وغيره کڻي ويندو هئو سندس شمار سڄي سنڌ ۾ سائين جي اعتبار جوڳن ماڻهن ۾ ٿيندو هو ان جي ايتري حيثيت هئي جو هن جو نياپو ئي ڪافي هئو. ليڪن پوءِ به سائينءَ خط لکيو ۽ اسين سڀ بس ۾ سوار ٿي سن روانا ٿياسين ان وقت روڊ ننڍا ۽ ڀڳل ٽٽل هئا صبح جو ڏهين وڳي سن پهتاسين، سائينءَ سان انتهائي ادب سان ملياسين ڏاڍي پيار سان مليو خوش به هجي ۽ چيائين ته وڏي

همٿ ڪئي اٿوَ سرڪار سڄي رات پريشان رهي ۽ الائي ڪيترا دفعا D.C ۽ SP جا فون تي رابطا هجن پوءِ مون چيو ته صبح جو احتجاج ختم ٿي ويندو تڏهن هو سڪون سان وينا آهن. مون چيو سائين پوءِ همراهه ڪٿي آهن؟ چيائين صبح جو فون آئي ٻئي ماڻهو شام جو اوهان جيئن هتان ڪان سنڌ يونيورسٽيءَ پهچندؤ اتي اوهان کي ملي ويندا. مانجهاندو ڪري سائينءَ کان موڪلايوسين. مون کي سيڻي دوستن چيو ته تون هاڻي ڪجهه وقت هلي يونيورسٽيءَ ۾ رهه. تنهنجي خلاف متان ڪو ڪيس داخل ٿيو هجي، توکي ٻڌي نه وڃهن. مون کي به ساڳيو خيال دل ۾ هجي ليڪن مسئلو اهو هجي ته ٻئي ڏينهن پائيٽين جا طهر هجن ان ۾ به شريڪ ٿيڻو هجي. ليڪن سيڻي دوستن چيو ته نه تون بلڪل نه ويندين، ايئن اسين يونيورسٽيءَ پهتاسين ته شام جو ڇهين وڳي ٻئي همراهه آزاد ٿي يونيورسٽيءَ پهتا ۽ پوءِ اتي انهن جي آزادي ۽ اسان جي ڪاميابيءَ تي هڪ مختصر تقريب هاسٽل جي ٻاهران ٿي.

آءُ به پهريون دفعو يونيورسٽيءَ ۾ ڪجهه وقت لاءِ رهي پيس. ان مٿئين معاملي جي ڪري مان سيوهڻ مان ٻاهر سڄي سنڌ ۾ نالو ڪمايو ۽ هاڻي جتي جيئي سنڌ هئي اتي مون کي نالي سان سڃاتو ويندو هئو ۽ پنهنجي شهر ۾ منهنجو اثر رسوخ وڌي ويو پوءِ اهي آفيسر هجن، زميندار هجن، مخالف پارٽيءَ جا ماڻهو هجن يا سيد پير هجن. مونکي بهرحال هڪ مقام مليو ۽ ان ڪري هاڻي سيوهڻ ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو هڪ اثر ۽ حيثيت قائم ٿي وئي ۽ ڪافي ماڻهن مون تي توجهه ڏيڻ شروع ڪيو هر ڪو نالي واري جي پويان پڄندو آهي، سو مون سان به اهوئي معاملو رهيو!

آه! قومي تحريڪ...

مان ڪافي وقت خود ساخته روپوشيءَ سبب يونيورسٽيءَ ۾ رهيس پائٽين جي طهرن جي تقريب ۾ به ڪونه شريڪ ٿيس. ڊپ هجي ته ضرور جلسي جي ۽ ٿاڻي تي ڌرڙي جي F.I.R ته ڪٽي هوندي سو پنهنجي پر ۾ روپوش هئس. روپوشيءَ جي پهريون دفعو خبر پئي ته اها ڇا ٿيندي آهي. پندرهن-ويهن ڏينهن ڪان پوءِ سوچيم ته لڪي لڪي سيوهڻ مان چڪر هڻي اچان ۽ حال احوال به وٺي اچان ان دور ۾ موبائل فون ڪونه هئي PTCL به هر ڪنهن وٽ ڪونه هوندي هئي. گهر وارن جي به ڪا خبر نه هجي. سو سيوهڻ وڃڻ لاءِ اچي ڄام شورو ڦاٽڪ تي پهتس ته ڪنهن بس ۾ چڙهي سيوهڻ وڃان. اها به حقيقت ته ان وقت پوليس ۽ C.I.D ۽ ايجنسيون قوم پرستن ۾ خاص طور جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارن جي پويان ايئن لڳل هوندا هئا جيئن اڄ ڪالهه امريڪي، طالبان جي پويان آهن. سڄو ڏينهن ايجنسين وارن کي اها ئي اهم ڊيوٽي هوندي هئي. سو اهي ويچارا به صبح ڪان وٺي شام تائين وتندا هئا خوار ٿيندا! اڄ ايئن نه آهي-خبر نه آهي ته جيئي سنڌ تحريڪ جي ايترن ڌڙن جي پويان فورس ۽ ايجنسيون ڪٿي پيون آهن يا وري جيئي سنڌ تحريڪ مان آزاديءَ وارو روح ختم ٿي ويو آهي يا قومي تحريڪ ۾ ڪو جي ايم سيد جهڙي شفاف ڪردار جهڙو ماڻهو نه رهيو آهي. شايد سرڪار ۽ ايجنسيون سمجهي ويون آهن ته هي سڀ مفاد پرست ۽ واپاري اچي تحريڪ تي قابض ٿيا آهن ۽ اسان هنن جا ايترا ته ٽڪرا ڪري ڇڏيا آهن جو هاڻي ڇڳل تسبيح جي داڻن وانگر ميدان ۾ هارجي وڪريا پيا آهن منجهائن نه خطرو ملڪ کي، نه ايجنسين کي-نه فائدو سنڌ کي ۽ سنڌي قوم

ڪيو! باقي جي هر ماڻهو پنهنجي گروهه جي اڳواڻي ڪري ذاتي مقصد پيو حاصل ڪري پنهنجي قوم جي ماڻهن کي اذيت ڏيڻ سنڌي ماڻهن جي مال ملڪيت تي قبضا ڪرڻ انهن کان چندا ۽ ڀتا وٺڻ- جي نه ڏين ته انهن کي موچڙا هڻڻ چو ته تحريڪ لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻو آهي! اڳ قومي تحريڪ جا ماڻهو پوليس ۽ ايجنسين جي اک ۾ هوندا هئا سڄي سنڌ جا جيل ۽ ٿاڻا قومي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سان ڀريا پيا هوندا هئا باقي جيڪي جيلن ۾ بند نه هوندا هئا اهي پيا گهٽ گهيڙ متائيندا تحريڪ هلائيندا رهندا هئا. جيل مان ڪجهه ساٿين جو بهرحال ٻاهر هجڻ ضروري هوندو هو. هاڻي وقت ڦيرو کاڌو آهي. قومي تحريڪن جا ايترا ٽڪرا ڪيا ويا آهن جو ايجنسين وارو ڪم به انهن جي ورڪرن کان پيو ورتو وڃي CID وارا پيا آرام ڪن! اڳ ۾ جيڪو عذاب ورڪرن ۽ ليڊرن لاءِ هوندو هئو هاڻي اهو عذاب انهن ئي پنهنجي قوم جي اٻوجهه ماڻهن لاءِ پيدا ڪيو آهي! مصيبت اها ته ڪير پڇڻ وارو به ڪونه آهي سڀني جون پنهنجون حدون ورهايل آهن ڪير ڪنهن جي حد ۾ ڪونه ويندو نه ڪنهن سنڌي مظلوم سان ٿيل ظلم جي باري ۾ پڇندو!... هي وڏو موضوع آهي مان وري ڪاڏي نڪري ويس!

نثار بلوچ؛ ڊي ايس پي!

بهرحال اچي ڄام شوري ڦاٽڪ تي پهتس سيوهڻ وڃڻ لاءِ بس جو انتظار ڪري رهيو هجان ته ايتري ۾ سامهون کان هڪ پوليس جي گاڏي نظر آئي ان وقت هيءَ اڄ واريون موبائيل پڪ اپ ڪونه هونديون هيون ان وقت پوليس وٽ پراڻي زماني جون وڏيون جيپون هونديون هيون-واڳ ڏٽي نيلام ڪندا هئا يا ناڪارا ڪندا هئا وري پوليس وارا نهرائي پيا استعمال ڪندا هئا...! گاڏي ڦاٽڪ ٽپي سيوهڻ واري رستي ڏانهن آئي مون ڏٺو ته نثار بلوچ اڳيان ويٺو آهي. هن به مون کي ڏٺو مون ٻئي پاسي منهن ڪيو منهنجي ذهن تي، منهنجي گرفتاري، جيل ۽ سختين جي نظارن جا عڪس نهڻ لڳا... ايتري ۾ گاڏي اچي منهنجي پرسان بيٺي. نثار بلوچ حيدرآباد مان واپس سيوهڻ پئي آيو.. گاڏي بيٺي نثار بلوچ هيٺ لٿو ٻه پوليس وارا پنيان ويٺا هجن هڪ ڊرائيور گاڏي پيو هلائي. نثار اچي ڪلهي تي هٿ رکيو، محمد خان ابڙو آهين نه؟ ها سائين آئون آهيان محمد خان ابڙو! سيوهڻ پيو وڃين؟ پڇيائين! ها ڪيم. ڊڄين چو پيو؟ چيم نه سائين! مڙس ته ڪيترو نه مضبوط آهين، پوليس کي ڏسي منهن چو لهي ويو اٿئي؟ نه اهڙي ڳالهه ڪانه آهي ڳوٺ پئي ويس ڪافي وقت کان گاڏيءَ جو انتظار پئي ڪيم ان ڪري ٿڪاوٽ جي ڪري اوهان کي ايئن محسوس ٿيندو هوندو، اچو اوهان کي چانهه پياريان، چيائين چانهه کي ڇڏ ويهه گاڏيءَ ۾؟ مون ٻيو ڪو چارو نه ڏسندي پنيان وارين سيٽن ڏانهن وڌيس ته چيائين ته اڳيان اچ منهنجي پرسان ويهه. مون چيو سائين اوهان کي سوڙهه ٿيندي چيائين خير آهي اچ اڳيان پوءِ نثار ۽ ڊرائيور جي وچ ۾ وينس ۽ گاڏي سيوهڻ لاءِ رواني ٿي مان وڏيڪ پريشان ٿيس ته مون کي گرفتار ڪيو اٿس يا سيوهڻ تائين لفٽ ڏني اٿس؟!... اچا ايترو سوچيم ته گاڏي هلڻ شروع ڪيو ڪجهه وقت خاموشي رهي مان ڳالهائڻ مناسب نه سمجهيو خيال پيا اچن ته هاڻي الائه ڇا ٿيندو؟ ايتري ۾ پيٽارو ڪاليج وٽ پهتاسين هيءُ به ڪنهن گهري سوچ ۾ هئو سو سوچن جو سلسلو

ٿوڙيندي ڇيائين: ڏي خبر ڪاٿي هئين ايترن ڏينهن ۾ وري سيوهڻ ۾ به نظر ئي نه آئين؟ تو سان ملڻ لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪيم ڪافي دفعا پوليس وارن جي هٿان پڇايم خبر پئي ته سيوهڻ ۾ ڪونهي! چيم، اڄ ته هٿ اچي ويس ڇيائين مون توکي ڏٺو تو لنوايو پئي... مان هاسيڪار توڏي هلي آيس پر تون مون کي ڏاڍو ڏڪل نظر آئين، ايئن ڇو؟ مون چيو هن وقت ڏڪڻ فطري عمل هيو! ڇيائين اُتي ته ٿاٽي تي ڪابه ڳالهه ڪونه پيو ٻڌين چيم ان وقت طاقت مون سان گڏ هئي ۽ اوهان پريشان هيا هينئر طاقت تو وٽ آهي، چيائين اهڙي ڳالهه نه آهي نه تو گرفتار آهين نه توتي ڪو ڪيس داخل آهي ۽ نه ئي تون پوليس کي گهربل آهين ۽ جيستائين مان سيوهڻ ۾ D.S.P آهيان توکي جيئڻ وٽي تون ڪر صرف ٿوڙ ڦوڙ ۽ قانون جي خلاف ورزي نه ڪجان باقي جلسا، جلوس، تقريرون ۽ قومي تحريڪ لاءِ جيترو وٽئي ڪم ڪر مان تو سان گڏ آهيان مان پاڻ سائين جي ايم سيد جو شيدائي آهيان، اهو وري ڪڏهن تون سائين جي ايم سيد کان پڇجان ۽ وقت ٻڌائيندو ته آئون اوهان جو ڪيترو سچو ورڪر آهيان ۽ هيءُ سڀ اختيار قومي تحريڪ ۾ ضرورت پئي ته استعمال ڪندس. هن جون اهي خبرون ٻڌي دل وڏي ٿي. ڊپ لهي ويو خوشيءَ ۾ مهڪي پيم ۽ ساڻس ڪيل ورتاءُ تي به نادم ٿيڻ لڳس ۽ معذرت ڪرڻ لڳس، هن چيو ته تنهنجي عمر جي ۽ جذبات جي حساب سان تو ڪابه زيادتي ڪونه ڪئي آهي ٻيو ته آئون به هن تحريڪ کي دل سان چاهيان ٿو اوهان ته فيلڊ ۾ ڪم ڪريو پيا اسين وردیءَ وارا ته اوهان وانگر قومي ڪم نٿا ڪري سگهون باقي ڪڏهن به ڪم هجئي ته حڪم ڪجان سيوهڻ جو ليڊر آهين آءُ به تنهنجو ڪارڪن آهيان. هن جي انهن ڳالهين ته منهنجي ذهن مان پوليس بابت پيدا ڪيل تاثر تبديل ٿيندو ويو! سچ چيو اٿن ته: پنج ئي آڱريون برابر ناهن هونديون.

❊

باب ستون

صحافتي دور ۾ سيوهڻ

ڪجھ ساٿي ڪجھ واقعا

پوليس آفيسر جو قومي جذبو

ڪاليج دوران شاگرد يونين جي اليڪشن جي موقعي تي سرڪار پ پ جي هئي ۽ انهن جو زور به هجي ته سپاف ڪي سيوهڻ جي اليڪشن کٽڻ گهرجي سپاف ضلعي دادو جي صدر سيد حاجن شاهه لڪياري (ان وقت ڄام شورو ضلعو ڪونه هئو) سيوهڻ ۾ سڀني شاگردن کي بنگلي تي گڏ ڪري، صبح جو سوير دادو ڪاليج جي اليڪشن لاءِ روانو ٿي ويو سڀ ووٽر رات وٽس رهيا مانيون ڪاڌائون ۽ غريب شاگرد پهريون دفعو ڪنهن جاگيردار جي بنگلي تي مهمان نوازيءَ جو مزو وٺي رهيا هئا ۽ ڪير به ڪنهن کي ڪونه پيو ٻڌائي ته صبح جو ڇا ڪرڻو آهي، صبح جو پ پ جي جهنڊي وارين ويگنن ۾ واري واري سان پندرهن کان ويهن شاگردن کي ڪنيوا ڇن ۽ ووٽ وجهي وري پيو چڪر هڻن، اهو ان ڪري ته ٿورا ٿورا ووٽر هوندا ته انهن تي ڪنٽرول ڪري سگهبو ۽ اسان واري ڪئمپ جي ڪنهن ماڻهوءَ سان رابطو به نه ڪري سگهندا، ان حد تائين ته ڪامياب ويا، ليڪن ووٽ ۾ ان جو استعمال ته سيڪريٽ هيو جو هنن ڪوشش ڪئي ته ڪليو ووٽ وجهرائجي، ان لاءِ هن نثار بلوچ، ڊي ايس پي ۽ پرنسيپال کي سرڪاري حڪم به ڏياريا. مون کي ته خبر پوندي رهي ۽ تازو حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي کان پوءِ ته منهنجو سيوهڻ جي انتظاميه تي اثر به هيو مٿان وري ان زماني ۾ جيئي سنڌ جو به عروج هيو جنهن ڪري انتظاميه وارا به خيال ڪندا هيا، ان ڪري انتظاميه کلئي ووٽ جو سرڪار جو حڪم خاطر ۾ نه آندو ۽ نثار بلوچ ته هونئن ئي اسانجو همدرد هو هن چيو ته آئون ڪنهن کي به قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ نه ڏيندس، اليڪشن فيئر ٿيندي، اليڪشن ڪانپوءِ ڦٻ جو عمل شروع ٿيو ته اتي وينل مخالف ايجنٽ ۽ اميدوارن جا حواس باخته ٿي ويا، سپاف پاران ويٺل اشرف پنجابي ووٽ جي دٻي کي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ان جي سامهون اسان جي طرفان خدا بخش پٿو وينو هو ان به نه ڪئي هم نه تم وٺندي ڇڪيءَ مان به نونشا هٽي ڪڍيائينس، ايتري ۾ گوڙ ٿي ويو، آئون به ڊوڙندو پهتس پوليس به اچي ويئي، ڊي ايس پي نثار بلوچ پنهنجي نگرانيءَ ۾ مزيد ڦٻ ڪرائي، هنن کي سپاف وارن گهٽو ڏمڪايو ۽ هيسايو. هن کين چيو پٽ آئون ته اوهانکي ووٽ ڪونه ڏيندس جن کي توهان گاڏين ۾ ويهاري ووٽ لاءِ وٺي آيا آهيو جي اهي ئي اوهان کي ووٽ نٿا ڏين ته پوءِ پنهنجي قسمت کي ڇئو باقي هتي اوهان کي غنڊا گردي ڪرڻ ڪونه ڏيندس، اليڪشن گذري ته اوهان مونکي پلي هتان هٽرائي ڇڏجو. اليڪشن جي ڪاميابيءَ جو جلوس ڪڍي جڏهن ڏمال چوڪ تي پهتاسين ته حاجن شاهه جي ننڍي ڀاءُ الله بخش شاهه چند ڇوڪرن سان گڏ اسان جي جلوس تي

پٽراءِ ڪرايو مون ماڻهن کي روڪيو ته هن کي ڪجهه نه چئو هڪ ته صفا ننڍو ٻار هئو مون کيس دڙڪو ڏنو ته هليو ويو مونکي ياد آهي ته ان وقت سائين ماستر مجن به يو.بي.ايل ۾ نوڪريءَ ۾ لڳي ويو هئو سيڪنڊ آفيسر هيو ۽ سندس ميئنيجر عبدالڪريم دائودپوٽو هيو عبدالڪريم جو پاءُ عبدالفتاح دائودپوٽو به اسان جي پينل ۾ ڪلاس نمائندو چونڊجي آيو سو جڏهن جلوس يو.بي.ايل وٽ پهتو ته عبدالڪريم دائودپوٽو اتي اسان تي گلن جي شاندار ورڪا ڪئي ۽ سيني ڪامياب اميدوارن کي هار به پارايا. اسان جو جلوس، جنهن ۾ شاگرد گهٽ ليڪن شهر جا ماڻهو تمام گهڻا هئا، سو قلندر جي درگاهه تي پهتو دعا گهري جلوس جو اختتام ڪيوسين! ۽ سيڪو پنهنجي ڪم ڪار سان وڃي لڳو.

چوريءَ جو واقعو

درگاهه قلندر لعل شهباز تي نذراني جون پيٽيون رکيل هونديون آهن، انهن کي هر مهيني کولي ان مان ڪيش، سون، چاندي ۽ ٻيون قيمتي شيون ڪڍيون ويندون آهن. ان جو طريقيڪار اهو آهي ته اوقاف کاتي جي چيف ائڊمنسٽريٽر جي اڳواٽ ۽ نگراني ۾ اوقاف جو عملو ۽ شهر جا ڪجهه معزز ماڻهو ۽ ڪڏهن ڪو صحافي به پئسن ڳڻڻ مهل ويهاريندا هئا، ته جيئن پئسا جيترا نڪرن اهي سيني جي سامهون هجن. هڪ دفعي ان پروگرام تحت درگاهه جي نذراني جون پيٽيون کليون ۽ ان ۾ هڪ آفتاب اخبار جو نمائندو به هو پئسن کولڻ ۽ ڳڻڻ ۾ به شامل هيو. هن ڇا ڪيو جو ڪجهه وڏا نوٽ ڪٽي پنهنجي کيسي ۾ وڌا، هن ڪوشش ڪئي ته ڪير نه ڏسي پر ڪنهن کيس پئسا ڪٽندي ڏسي ورتو ۽ چيف صاحب کي چيائين ته هتي جيڪو صحافي آهي ان ڪجهه پئسا پنهنجي کيسي ۾ رکيا آهن. چيف صاحب هن کان پڇيو هن ڪونه مڃيو تلاشي ۾ پئسا نڪتا، هن کي پشيماني ته ٿي، پر همراهه سڳ سوڙو قابو سو کيس پوليس جي حوالي ڪري مٿس ايف.آءِ.آر ڪٽرائي لاڪپ ڪرايو ويو ان وچ ۾ ڇاڪاڻ ته هي صحافي هئو ان ڪري شهر جي ڪيترن ئي چڱن ماڻهن پوليس کي چيو ته هن کي ڇڏيو ليڪن سرڪار جي اوقاف کاتي جي چيف ائڊمنسٽريٽر هن لاءِ پوليس کي ليٽر لکيو ۽ اوقاف کاتي جي ميئنيجر هن خلاف چوريءَ جي ايف.آءِ.آر ڪٽرائي هئي، سو اهڙو سوگهو همراهه لاڪپ مان ڪيئن نڪري! حاجن شاهه سبزواريءَ کي هن جو ڪافي لاچار هجي، سو هن مونکي فون ڪئي ته ضروري ڪم آهي، اچو. مون چيو فون تي حڪم ڪيو. چيائين، روبرو! مان ويس، حاجن شاهه سبزواري اليڪشن ۾ منهنجي مدد ڪئي گاڏي وغيره ۽ هڪ ٻه همراهه به ڏنو هيائين. مونکي چيائين ته ڊي.ايس.پي سيوهڻ ۾ ڪم آهي، اسان به هن کي چيو آهي ليڪن هو چوي ٿو اوقاف وارن سان ڳالهايو. انهن کي آئون چوان ڪونه ٿو مون چيو حڪم ڪيو مونکي نثار بلوچ جواب ڪونه ڏيندو چيائين صحافي يار کي اوقاف وارن جي شڪايت تي لاڪپ ڪيو اٿن. ان کي ڇڏائي ڏي مون نثار بلوچ صاحب کي فون تي عرض ڪيو هن چيو آئون ايس.ايڇ.او کان پڇي ٻڌايان ٿو. پوءِ وري فون تي چيائين نيڪ آهي هينئر ڇڏيانس ٿو شرط اهو آهي ته صبح جو ائين وڃي وري مون وٽ اچي ۽ ايس.ايڇ.او کي حڪم ڏنائين ته ملزم کي ڇڏيو. ايس.ايڇ.او چيو سائين ايف.آءِ.آر ڪٽيل آهي،

ڪورٽ ڇڏيندي، هاڻي اسان جي هٿ ۾ نہ آهي. نثار صاحب، سول جج صاحب کي فون ڪيو تہ هيءُ معاملو آهي، همراهہ کي ڇڏڻو آهي شخصي ضمانت تي ڇڏيوس پر آرڊر هاڻي ڪيو جج چيو راتو رات آرڊر ڪونہ ٿو ڪري سگهان جو سرڪار فريادي اٿس، باقي صبح جو ضمانت ڪٽندس. هن ايس.ايڇ.او کي چيو هن کي هينئر ڇڏينس جو اهڙي ماڻهوءَ چيو آهي جنهن کي آئون جواب نٿو ڏيان، اسان جي هٿ ۾ هجي ها پوءِ تہ سولو هئو! پر نثار صاحب جي اڏول مزاج موجب، ڪم اهڙو ڪجي جيڪو هٿيون ناممڪن هجي مزو تہ پوءِ آهي! S.H.O جي جواب ۾ نثار صاحب چيو تہ هي صبح جو ڪورٽ جي وقت تي اچي ويندو ۽ اتان آئون پاڻ هن جي ضمانت ڪرائيندس، توکي ڪجهہ ڪونہ ٿيندو.سڄي ذميواري بہ آئون ٿو ڪڻان. هن کي ڇڏڻ وقت چيائين تہ تنهنجي خلاف ايف.آءِ.آر ڪٽيل آهي، پوءِ بہ توکي ڇڏيان پيو جو تنهنجي لاءِ اهڙي ماڻهوءَ فون ڪئي آهي جنهن کي آئون جواب نہ ٿو ڏئي سگهان، پر هاڻي صبح جو اٺين وڳي هتي اچي وڃجان جو توکي ڪورٽ مان ضامن ڪرائڻو آهي. هن چيو سائين رات ٿي وئي آهي صبح جو ضامن ڪير پوندو، نثار بلوچ چيو تہ توکي ضامن آئون ڏيندس، تون رڳو اچجان. ايئن هن کي رات جو ڇڏي ڏنائون. صبح جو هي وقت تي پوليس وٽ پهتو ڊي.ايس.پيءَ، سول جج کي چيو هن جي ضمانت ڪٽجو ۽ ضامن لاءِ آئون پنهنجي پٽ کي ٿو موڪليان، باقي ضمانت گهٽ پئسن جي وٺجو.ان وقت ۾ هن چوري بہ ڪئي هئي ٻن هزار روپيين جي، ضمانت بہ ٿي ٻن هزارن جي جيڪي پئسا ڊي.ايس.پي صاحب پوسٽ آفيس ۾ پنهنجي پٽ جي نالي سرٽيفڪيٽ وٺي جمع ڪرايا ۽ ايئن صحافي صاحب کي آزادي ملي ۽ اڳتي هلي ڪيس بہ ختم ٿي ويو.

بشير اوٺو

1978 ۾ شيرين سومرو ڪيس ٿيو ان جي احتجاج ۾ سڄي سنڌ ۾ هڙتالون ٿيون باهيون، ٽوڙ ڦوڙ بہ ٿي، دادو ضلعي جي فيڊريشن جو صدر آئون هجان، سڄي ضلعي جا نمائندا گڏ ٿيا ۽ چيائون تہ احتجاج ڪرڻو آهي! مون چيو پلي پرضلعي جي ڪهڙي شهر ۾؟ چيائون دادوءَ ۾ پر اتي بسن کي باهيون ۽ سرڪاري آفيس کي بہ نقصان ڏيندا سين. مون مخالفت ڪئي تہ سرڪاري ملڪيت يا پبلڪ ٽرانسپورٽ کي ساڙڻ جي آئون خلاف آهيان، باقي جلسو جلوس ڪيو وڃي، ڪيترن ان لاءِ چيو تہ جلسي ۾ بہ گرفتار ٿيندا سين سو چونہ ڪو وڏو ڌماڪو ڪجي، مون مخالفت ڪئي ۽ فيصلو ڪونہ ٿي سگهيو. ليڪن ٻن ڏينهن کانپوءِ ڪارڪنن پنهنجي پنهنجي شهرن ۾ پئي باهيون ڏنيون ان ۾ ٻين کي في الحال پاسي تي رکندي هتي صرف بشير اوٺي جو ذڪر ٿو ڪريان هن دادوءَ ۾ سرڪاري پوسٽ آفيس ۾ هٿ جو ٺاهيل بوتل ۾ ڪو ڌماڪيدار مادو اڇلايو. اهو ڌماڪيدار مواد بہ هن پاڻ ٺاهيو هو شايد! جو ان اثر ڏيکاريو! پوسٽ آفيس ۾ بوتل کي مٿان ڪان باهہ ڏئي اڇلايائون، بوتل زوردار ڌماڪو ڪندي آهي ۽ باهہ بہ ٻرندي آهي سڏو ڪنهن ماڻهوءَ کي لڳي تہ نقصان بہ ڪري وجهندي هن بہ اها ٻاريل بوتل پوسٽ آفيس ۾ اڇلائي، ڌماڪو ٿيو ۽ باهہ صرف پوسٽ آفيس ۾ رکيل ٽيبل جي مٿان وڇايل ڪپڙي کي لڳي. سا تہ پوسٽ وارن هڪ منٽ ۾ وسائي ڇڏي، هي پڇي ويا هن

سان بہ ڪان تي همراهہ بيا بہ گڏ هجن. هڪڙو پڪڙجي پيو سو ان ٻڌايو تہ اسان سان گڏ سيوهڻ جو بشير اوٺو هيو. ڊي.ايس.پي سيوهڻ کي حڪم مليو تہ هي همراهہ گهربل آهي، هن کي گرفتار ڪريو. مارشل-لا جو دؤر هيو هر روز ايجنسين جا فون ۾ دڙڪا، پر نثار بلوچ صرف ماڻهو پيو موڪليندو هيو ۽ رپورٽ ڏيندو هيو تہ بشير اوٺو هٿ ڪونہ آيو. جيئن هٿ ايندو تہ ڪيس گرفتار ڪيو ويندو. ڪيس بہ دادوءَ ۾ داخل هيس جو واقعو اتي ٿيو هيو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ دادوءَ جي پوليس آئي گهر تي ڇاپو لڳس هيءُ تہ ڀڄي ويو. پوليس کي مٿان حڪم ٿيو تہ هن جو ڪو عزيز گرفتار ڪري اچو بشير اوٺو اڪيلو سر هو نہ ڪيس پاءُ نہ پيو ڪو ويجهو عزيز سو سندس والد چاچي قوتي اوٺي کي ڪٺي گرفتار ڪيائون. پوليس هن کي سيوهڻ ٽاڻي تي انٽري ڪرائڻ بنا دادوءَ وٺي وئي. ان وقت پوليس موبائيل جو رواج گهٽ هوندو هئو ان ڪري هن کي بس ۾ وٺي پئي ويا. پڳل روڊ ۾ بس هر ڳوٺ ۾ بيهندي بيهندي دادوءَ تائين پڄڻ ۾ بہ-ٽي ڪلاڪ وٺندي هئي. مونکي خبر پئي تہ بشير جي پيءُ کي وٺي ويا آهن. ايتري ۾ بشير بہ ڊوڙندو اچي مون وٽ پهتو ڇيائين هاڻي ڇا ڪريان؟ بابا دل جو الاهي ڪمزور آهي ڪٿي موڪلائي نہ وڃي! پوڙهو ماڻهو 70 سال عمر ۾ پوليس ڪيس پٽ جي ڪيل ڏوهہ ۾ وٺيو پئي وئي. مان سيوهڻ ٿاڻي تي ويس ۾ بشير اوٺي کي چيم تہ تون ڪنهن محفوظ جاءِ تي وڃي ويهہ تہ مان سوچي وٺان تہ ڇا ڪرڻو آهي. ٿاڻي تي مونکي ڊي.ايس.پي صاحب مليو. ڪيس ڇيو تہ بشير اوٺي جي والد کي پوليس دادوءَ ڪنيو پئي وڃي. هن ايس.ايڇ.اوکان پڇيو تہ انٽري اٿن. ايس.ايڇ.او چيو سائين اسان کي خبر ڪونہ آهي. هن مونکان پڇيو گهڻو وقت گذريو آهي مون چيو هڪ ڪلاڪ ٿي ويو هوندو. هن ايس.ايڇ.او کي پنهنجي جيپ ۾ چار پوليس وارا ڏنا ۾ چيائين دادو پوليس کي واپس وٺي اچ. جي نہ اچن تہ زوريءَ بہ وٺي اچين. ۾ چئين اسان جي حد مان گرفتار ماڻهوءَ جا وارنٽ ڏيکاريو جي نہ تہ اسان جي ٿاڻي ۾ انٽري ڪري پوءِ ڪٺي وڃو ايئن اسان بنا انٽريءَ جي ماڻهو ڪونہ کڻڻ ڏينداسين. هي جيپ تي چڙهي بس جي پويان ويا ۾ وڃي پان سيد آباد وٽ بس کي روڪيائون ۾ سيني کي واپس ٿاڻي تي وٺي آيا. چاچو قوتو بہ هجي مان بہ وينو هجان دادو پوليس پنهنجي ڊي.ايس.پي هيڊڪواٽر دادوءَ سان ڳالهايو تہ وارنٽ ڪٿي آهن. بنا وارنٽ جي انٽري ڪيئن ٿيندي؟ ڊي.ايس.پي هيڊڪوارٽر ۾ ايس.پيءَ سان ڳالهايو ايس.پي صاحب جي فون اچي ويئي ايس.پي صاحب ان وقت اعظم پناڻ هجي، ان نثار بلوچ کي چيو تہ بشير ضرور گهرجي، ان ڪري سندس والد کي گرفتار ڪيو اٿئون. تہ جيئن هو پيءُ جي ڪري اچي پيش پوندو واڳ ڏٽين جو حڪم آهي، هن مون سان ڳالهايو تہ ڇا بشير تو سان رابطي ۾ آهي، جي رابطي ۾ آهي تہ گرفتاري ڏيندو؟ جي ها تہ تون ذميواري کڻ، چاچي کي آئون ٿو ڇڏايان.مون چيو تہ مونکي هڪ ڪلاڪ ڏيو مان جانچ ڪيان تہ کهڙي پاسي آهي. پوءِ ٿو اوهان کي ٻڌايان. هن چيو نيڪ آهي اچجان جلدي جو مٿان ڪان وٽ وٺان لڳي پئي آهي.

مان بشير سان مليس سڄي معلومات ٻڌائي مانس ۾ پڇيو مانس تہ جي تون حاضر ٿئين تہ چاچي کي هتي ئي ڇڏايون ٿا. جي نہ تہ ڪيس في الحال ڪونہ ڇڏيندا ۾ نثار بلوچ جي وس جي ڳالهہ ڪونہ آهي. هن چيو تہ مان هلان ٿو گرفتاري ڏيڻ. مون چيو نہ – بلڪ تون هينئر نہ هل، پر ذهني طور تي تيار رهجان. ڇيائين پلي سزا اچي پر بابا سائين کي وڏيڪ اذيت نہ ٿو ڏيئي سگهان. مان نثار بلوچ کي چيو تہ بشير سان رابطو ٿيو آهي، ليڪن آهي شهر کان ٻاهر. اڄ رات يا صبح جو اچي ويندو. پر چاچي کي

هاڻي ڇڏيو. هن ايس.پيءَ سان ڳالهايو ته سياڻي شام تائين بشير اوٺو حاضر ٿيندو. توهان دادوءَ جي پوليس کي واپس گهرايو. منهنجي ذميواري آهي بشير اوهان وٽ پيش ٿيندو. پوءِ چاچي ڦوٽي کي ڇڏيائين. پوليس دادوءَ واپس هلي ويئي. هن مونکي چيو ته هاڻي منهنجي عزت تنهنجي هٿ ۾ آهي، وڏيڪ آئون توکي ڪونه ٿو چوان. ٻئي ڏينهن شام جو بشير اوٺي کي تيار ڪري ڪپڙا ۽ ضروري سامان کڻي، ڊي ايس.پي صاحب سان وڃي ملياسين. هن چيو ته اڄ رات تون هتي منهنجي بنگلي ۾ گذار. پنهنجن يارن دوستن سان پلي ڪچهري ڪر. صبح جو آئون پاڻ توکي وٺي هلندس ته جيئن توکي وڌيڪ پوليس تڪليف نه ڏيئي. ٻئي ڏينهن هن کي پنهنجي ٿاڻي تي رکي، دادو پوليس کان هن جي حوالي ٿيڻ جو ليٽر وٺي سندن حوالي ڪري آيو ۽ کين پارٽ به ڪئي ته هن کي اوهان طرفان ڪابه تڪليف نه ٿئي باقي واڳ ڏٺي ڇا ٿا ڪن. سا انهن جي مرضي!

قلندر جي گادي نشين جو واقعو!

هڪ دفعي ولي محمد شاهه ولد محمد مراد شاهه لڪياري سجاده نشين سيوهڻ شريف، مونکي نياپو ڪيو مان به سيوهڻ ۾ هجان چيائين ڊي ايس.پي سيوهڻ منهنجي پڇا پيو ڪرائي خبر نه آهي، ڇا مسئلو آهي ڪيس ڇٺو ته تنگ نه ڪري. مون چيو تنگ ڪونه ڪندو. پر معاملو ڇا آهي؟ چيائين مونکي ڪا به خبر نه آهي ته معاملو ڇا آهي. مان، نثار صاحب ڏانهن هلي ويس چيو مانس ته منهنجو پيارو دوست آهي، حيدرآباد ۾ مان ان وٽ وڃي اڪثر رهندو آهيان. اوهان هن کي ڇو تنگ ڪيو آهي، مسئلو ڇا آهي؟ نثار مونکي گهوريو ۽ سوال ڪيائين. عمر گهڻي اٿس. مون چيو مونکان چار سال ڪن ننڍو ٿيندو. چيائين ڪاٿي آهي، مون چيو پنهنجي بنگلي تي وينو آهي، پوءِ وٺي اچيس. ته هن سان ملٽو آهي. مون چيو ملٽو آهي ته وٺي ٿو اچانس باقي هن جي لاءِ ڪو مسئلو آهي ته پوءِ مونکي ٻڌايو. معاملو ايترو وڏو آهي جو تون سوچي به ڪونه ٿو سگهين. ليڪن توهان وقتائتا اچي ويا آهيو. ان ڪري معاملو منهنجي هٿ ۾ آهي، وٺي اچينس آئون هن سان ملان پوءِ معاملو به حل ڪري ٿا وٺون. الائي ڇو مونکي خوف ٿيو جو هن چيو معاملو تمام وڏو آهي الائي وٺي اچانس پوءِ هن کي ڦاسائي نه وجهي. نثار صاحب ڪڏهن به منهنجي معاملي ۾ ايئن ڪيو ته ڪونه آهي، ليڪن ڪنهن مهل سندس پوليس آفيسر هجڻ به ٻيچاري پيو ڇڏي. بهرحال مون همٿ ڪري وڃي ولي محمد شاهه کي چيو ته هل ته هلؤنس تو سان ملي معاملو نيڪ ٿي ويندو. چيائين هل. ڇو ته اڃا هن کي اهو محسوس ئي ڪونه پئي ٿيو ته ڇا معاملو آهي، سندس پيءُ ۽ پائرن سان به ڪونه لڳندي هئي. وڙهيل هيا. سو هن جي ليکي انهن جي شرارت هوندي. اسين ويا سين نثار صاحب اندر پنهنجي بنگلي ۾ وٺي هليو هن کي ڏسي چيائين ٻار آهي.

ولي محمد عرف پپو شاهه

معصوم ۽ انتهائي سهڻو هوندو هئو. نثار مزيد چيو ته هن کي اهڙا ڪم نه ڪرڻ گهرجن. هن جي زندگي تباهه ٿي سگهي ٿي جي آئون نه هجان ته هيءُ سڄي زندگي جيل ۾ سڙي وڃي ها. ولي محمد

شاهه ڇپيو سائين اهڙي ڪابه ڳالهه ڪونه آهي. هن ڇيو ته 10 ڪان 15 ڏينهن اڳ ۾ ڪراچيءَ مان اوهان ڪا ڪار ٽيڪسي ڪري سيوهڻ آيا هئا؟ هي چپ رهيو. توهان سان به ماڻهو ٻيا به هيا؟ هيءَ چپ رهيو! اوهان آمريءَ جي پرسان ٻيلي وٽ گاڏيءَ واري کي بيهارڻ لاءِ چيو هو بينو؟ اوهان گاڏي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، ٽيڪسيءَ ۾ 3 اوهان هيا ۽ 2 ٽيڪسيءَ وارا پناڻ هيا. انهن اوهان سان مزاحمت ڪئي اوهان انهن کي گوليون هنيون، هڪ پناڻ کي 4 گوليون لڳيون ڪلهي ۾، هو بچي ويو. ليڪن اجا زير علاج آهي، ٻي سگهي ٿو نه بچي، جو هن کي گوليون گهٽيون لڳيون آهن. هي پريشان ٿيو ۽ چيائين سائين ليڪن اوهان کيئن ٿا چئي سگهو ته آئون هئس انهن ۾. انهن کي ڇڏ اسان جو ڪم ڪرڻ جو پنهنجو طريقو آهي، صرف توکي ايترو ٿو ٻڌايان ته ان گاڏيءَ ۾ اوهان جي ڪا اهڙي شيءِ رهجي ويئي جنهن شيءِ، معاملي کي اوهان تائين پڄايو آهي، هي چپ رهيو. هن ڪيس ڇيو ته تون ننڍڙو ۽ خوبصورت شهزادو آهين، اڄ واعدو ڪر ته آئنده ايئن نه ڪندين، ته آئون توکي هن ماڻهو (مون ڏانهن اشارو ڪندي) جي ڪري ڇڏي ٿو ڏيان، باقي جي اهڙا ڪم ڪندين ته مارجي ويندين، يا تباهه ٿي ويندين. هن معاملي ۾ هي ماڻهو توسان گڏ آيو آهي، باقي نه ته تنهنجي والد ته ڇيو ته پلي گرفتار ڪري بند ڪيوس، منهنجو هن سان واسطو ڪونه آهي، ولي محمد شاهه چپ ڪري ٻڌندو رهيو. نثار بلوچ چانهه پياري، اسان هن ڪان موڪلايو وڃڻ مهل چيائين، شاهه صاحب واعدو ڪر نه..!! هاڻي ڪجهه به نه ڪندين! نه اهڙن ماڻهن سان واسطو رکندين. نه ئي اهڙي ڪا ٻي حرڪت ڪندي، شاهه صاحب ها ۾ صرف ڪنڌ ڌوڻيو. ٻاهر نڪتاسين ته وري سڏ ڪري چيائين هڪ منٽ! واپس وياسين هن نوڪر کي سڏ ڪري ڇيو ته الماريءَ ۾ بريف ڪيس پيو آهي اهو ڪڍي اچ. هو بريف ڪيس ڪڍي آيو شاهه صاحب ڏانهن وڌائيندي چيائين هيءَ اوهان جي آهي پنهنجي ڪڍي وڃو. شاهه صاحب هڪو ٻڪو ٿي ويو مون ڇيو ته جي اوهان جي آهي ته ڪڍو خير آهي ڪجهه ڪونه ٿيندو هن بريف ڪيس ورتو.

اهو ئي بريف ڪيس پناڻن جي گاڏيءَ ۾ رهجي ويو هو. ان ۾ سندس ڌوٻي جا ڌوتل ڪپڙا هيا، پوليس جانچ ڪري ان ڌوٻيءَ وٽ حيدرآباد پهتي، ڪپڙن جي ڪالر تي لکيل هجي، محمد مراد شاهه جيڪو سندس والد جو نالو هئو. ڌوٻي ٻڌايو سيوهڻ جو مراد شاهه آهي. ان جي پٽ پپو سائينءَ جا ڪپڙا آهن، ولي محمد شاهه کي پيار مان ”پپو شاهه“ به چوندا آهن. پوليس مراد شاهه وٽ سيوهڻ پهتي هن بيان ڏنو ڪپڙا پپوءَ جا آهن، جي ڪو اهڙو ڏوهه ڪيو اٿس ته پلي ٻڌوس، ساڻس منهنجو ڪوبه واسطو نه آهي. ان بريف ڪيس پوليس کي پپو شاهه تائين پهچايو.

پپو شاهه جي وضاحت

ان معاملي لاءِ مون ڪيس ڇيو ته معاملو ڇا آهي، هن ڇيو ته مونکي خبر ڪونه هئي، مونسان گڏ يونيورسٽيءَ جا ڪامريڊ هئا، جن ڇيو ته سيوهڻ هلڻو آهي اسان وٽ گاڏي ڪونه هجي هنن ٽيڪسي ڪئي پر ٽيڪسيءَ واري هن ڪان پڇيو ته اوهان گهٽا آهيو، هنن ڇيو ته ٽي ڄڻا، هن ڇيو ته مون سان گڏ دوست آهي اوهان ۽ اسين به۔ جي منظور هجي ته هلو. نه ته ٻي ٽيڪسي ڪيو، هنن پنهنجو مقصد

مونسان بيان ڪونہ ڪيو ان ڪري ئي مان بريف ڪيس ۾ ڪپڙا ڪنيا تہ بہ چار ڏينهن سيوهڻ ۾ رهندس، هي زيارت ڪري واپس هليا ويندا جي مونکي پنهنجو ارادو ٻڌائين هان تہ آئون پنهنجو سامان ڇو کڻان هان؟، مونسان ڪامريڊن ڏوکو ڪيو پوءِ هنن گاڏي ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. پناٽن مزاحمت ڪئي هي ناڪام ٿيا هو زخمي ٿيا پر گاڏي نہ ڏنائون، ۾ مان بيگناهہ ڦاسي پيس، منهنجو ڪو بہ ارادو ۾ ڏوهہ نہ آهي، اها ڳالهہ ڊي.ايس.پي بہ چئي تہ پپو شاهہ استعمال ٿيو آهي، باقي هن کي خبر ڪونہ آهي، اهو هڪ گرفتار شخص بہ ٻڌايو ان ڪري مان خاموش رهيس، باقي حقيقت اها آهي جيڪا مون تو کي ٻڌائي.

منهنجو صحافت ڏانهن رجحان

1976ع ۾ جيئن سيوهڻ شهر ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي منظم ڪرڻ لاءِ متحرڪ ٿيس، تہ مونکي هڪ ٻيو شوق ٿيو تہ ڪنهن اخباري اداري لاءِ ڪم ڪيان. ان وقت ڪافي صحافين سان منهنجي سني دعا سلام هوندي هئي، عبرت جو نمائندو نياز سولنگي، هلال پاڪستان جو نمائندو اوٺو صاحب، آفتاب اخبار جو جمن پٽي، سنڌ نيوز جو عبدالسميع قريشي ۽ مهراڻ وغيره اهي سڀ اخبارون سيوهڻ ۾ ايندڙيون هيون، ايتري ۾ هڪ نئين اخبار: "نجات" سکر مان شايع ٿيڻ لڳي، ڪنهن صحافي دوست چيو تہ ان اخبار ۾ نمائندي لاءِ ضرورت آهي، مون ان لاءِ سکر ۾ درخواست فوٽو وغيره موڪليو انهن مونکي اخبار لاءِ نمائندو مقرر ڪيو ان دوران سنڌ ۾ تمام وڏي ٻوڏ بہ آئي، ان جي ڪافي رپورٽنگ ڪئي، ان دوران هڪ دوست روشن ٻرڙو پان سيد آباد جو سنڌس والد حيدرآباد جي ڪنهن اسپتال ۾ انتقال ڪري ويو، روڊ رستا ڇوڏاري پاڻيءَ هيٺ هجن! هي جنازو کٽي ڪافي تڪليف سان ريل رستي سيوهڻ ريلوي اسٽيشن پهتا، هاڻي سيوهڻ کان پان سيد آباد لاءِ ڪوبہ زميني رستو ڪونہ بچيو هئو صرف ٻيڙي ئي ذريعو هئي، مونکي خبر پئي مان ريلوي اسٽيشن پهتس ڇو تہ روشن سان هاڻي جيئي سنڌ فيڊريشن جي ڪري ڪافي گهرو تعلق ۽ دوستي ٿي ويئي هجي، مونکي ياد آهي بارش سنڌ جي نظام کي مفلوج ڪري ڇڏيو هجي هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي پريشانيءَ ۾ مبتلا هجي، ڪيترا مال متاع، جانيون، جڳهون ۽ گهرن جا گهر لڙهي ويا، ڪيترا ماڻهو ٻوڏ ۾ ٻڏندا مرندا ۽ لڙهندا هليا ويا، هر ڪو پنهنجي گهر مال متاع ۽ ملڪيت کي بچائڻ جي فڪر ۾ هجي، پ پ حڪومت طرفان ماڻهن لاءِ ڪافي امدادي سامان پڻ ايندو هيو سيوهڻ واري ڪميٽيءَ ۾ ايس.ڊي.ايم: اشفاق ميمڻ جي سربراهيءَ ۾ جيڪا ڪاميٽي ٺهي ان جو آئون بہ ميمبر هجان ان ڪري بہ هن سان ڪافي ويجهڙائپ هجي. مان اسٽيشن تي ٻرڙي سان مليس، گوڏ ٻڌل، مٿي تي ٽوال ويڙهيل ۽ قميص پاٽل- سخت پريشان هجي، والد تہ مري ويو اها پريشاني پنهنجي جاءِ تي، ليڪن هن کي اها پريشاني وڌيڪ هجي تہ سيوهڻ تہ جيئن تيئن ڪري پهچي ويس هاڻي پان سيد آباد ڪيئن وڃجي؟ ملڪ ۾ هنگامي حالتون هيون، جيڪي لانچون هجن اهي آرميءَ وٽ هجن، انهن کي چيوسين تہ چيائون: *جو مر گيا اسکو چھوڑو، جو مر رہے ہیں ان کو بچانا ہے، ہم لانچ نہیں دے سکتے*- مونکي هڪدم خيال آيو تہ ايس.ڊي.ايم صاحب وٽ ريلوي جي هڪ ٽرالي آهي، جيڪا ماڻهو هٿ سان هلائيندا آهن، ۾ هي وڃي ٻوڏ جو جائزو

وٺندو هئو سو ان کي چيم تہ سائين ترالي ۾ ماڻهو ڏيو تہ هن لاش کي ڀان سيد آباد موڪلجي، هن ترالي ڏني ۾ هي لاش کڻي ڀان سيد آباد روانا ٿي ويا.

ڀُٽي جي ديدار جو شوق

ٻوڻ دوران جناب ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جي دوري تي نڪتو هو. ڀٽي صاحب جي سياسي طور تي عالمي حيثيت کي ٽئين دنيا جي ليڊرشپ تہ قبولي ورتو هو پر ڀٽي صاحب کي سڄي دنيا جي سياسي ڪيڊر بہ هڪ مدبر سياسي رهنما ۾ اڳواڻ بہ تسليم ڪري ورتو هو. ڀٽي صاحب جي دوري دوران سيوهڻ جو پروگرام بہ اچي ويو. مونکي خبر ناهي تہ ڇو هن پرڪشش شخصيت ڏسڻ جو شوق جاڳيو ۽ مان بہ نمائندن جي ٽيم سان گڏ وڃي جلسي گاه تي پهتس، سيوهڻ ڪاليج جي سامهون روڊ جي ڀئي پاسي پنڊال ٺاهيو ويو اها زمين ڪوسن جي هئي، هاڻي ان جي ڀرسان ڪافي آبادي آهي ۽ نئون بس اسٽاپ بہ اتي ٺهيل آهي، ڪافي دير ڪانپوءِ پنڊال ۾ ڊي.ايس.پي نثار بلوچ ۽ ڪجھ ٻيا عملدار ۽ سي.آءِ.اي جي اسپيشل برانچ وارا پئي ڦريا. اسپيشل برانچ وارن دادوءَ جي انچارج کي رپورٽ ڪئي تہ جلسي ۾ محمد خان ابڙو بہ ويٺو آهي سندس تعلق جيئي سنڌ تحريڪ سان آهي. ان ڪري سيڪيورٽي رسڪ آهي، ايسيتائين ڀٽو صاحب هيليڪاپٽر ۾ دادوءَ کان ڀان سيد آباد تائين پهتو ان کي اتي ئي سيڪيورٽي ڪليئرنس جو ڇئي ڪجھ وقت وڌيڪ ترسايو ويو.

هوڏانهن مٿان ضلعي انتظاميہ سيوهڻ پوليس کي حڪم ڪيو تہ جي اهو ماڻهو واقعي جلسي ۾ ويٺو آهي، ان کي گرفتار ڪري رپورٽ ڪيو.

نثار بلوچ ڊي.ايس.پي صاحب اچي مونکي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون پويان مڙي هن کي ڏٺو هن اکين جي اشاري ۾ چيو تہ اچ! مان اٿيس، هن مونکي چيو هتي ڇا پيو ڪرين؟ چيم اوهانکي خبر آهي تہ آئون اخباري صحافي بہ آهيان، ان ڪري پنهنجي اخبار لاءِ وزيراعظم جي ڪوريج لاءِ ويٺو آهيان سو رپورٽنگ ڪندس، ايئن ڳالهائيندا ٻاهرين پاسي ويندا رهياسين، سيني سمجهيو تہ ڪچهري پيا ڪندا وڃن. هن چيو تہ جلدي وڃي گاڏي ۾ ويھ آئون اهو تاثر ڪونہ ٿو ڇڏيان تہ مون توکي گرفتار ڪيو آهي. تنهنجي ڪري سيڪيورٽي رسڪ ڊڪليئر ڪئي اٿن. حڪم گرفتاري جو آهي ان ڪري هلي گاڏي ۾ ويھ. مان سندس جيپ جي اڳين سيٽ تي ويٺس پاڻ آيو باقي سيني پوليس وارن کي اتي لهڻ لاءِ چيائين ۽ صرف ڊرائيور کي چيائين هن کي منهنجي بنگلي تي وٺي هل. آئون اچان ٿو. ايئن مٿي رپورٽ موڪليائين تہ جلسي گاھ ڪليئر ٿي ويو آهي ۽ گهربل ماڻهو ٺاڻي تي ويٺو آهي، ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ هي آيو ڀٽو صاحب جلسو ڪري روانو ٿي ويو ۽ مونکي چيائين هاڻي گهر وڃي سگهين ٿو ايئن تاريخ جي وڏي انسان کي آمهون سامهون ڏسڻ جي حسرت تہ ڪونہ پوري ٿي بلڪ مهانگي پوندي پوندي D.S.P جي ڪري بچي ويئي.

اسسٽنٽ سب مارشل _ لا ائڊمنسٽريٽر سيوهڻ ليفٽيننٽ ڪرنل اعظم سان ملاقات

1977 جو زمانو هجي پيٽي صاحب جي ڦاسي اچڻ جي شايد واڳ ڏٽين ڪي اڳوات خبر هجي، ۽ سنڌ جي صورتحال انتهائي خطرناڪ هئي احتجاج، هڙتالون، باهيون، گرفتاريون واڳ ڏٽين جي نظر ۾ هيون، واڳ ڏٽين جي ڪوشش هئي ته سنڌ ۾ انهيءَ صورتحال کي ڪيئن ڪنٽرول ڪجي، ان لاءِ هنن وٽ وڏا وڏا ڏانءَ هئا، هي جي ڪنهن به پارٽيءَ جي پويان پوندا آهن ته مخالف پارٽيءَ سان سندن رويو نرم ۽ دوستانه ٿي ويندو آهي، ان وقت پيٽي صاحب جي متوقع ڦاسيءَ جو معاملو هئو انهي بحراني ڏينهن دوران نثار بلوچ ڊي.ايس.پيءَ مونکي گهرايو! چيائين وڏي سرڪار توکي پيش ڪرڻ لاءِ چيو آهي. مون چيو ڇو سرڪار کي ڪهڙي ضرورت آهي، جو مونکي گهرايو اٿن؟ چيائين ضرورت ڪا به ڪانه اٿن، سڄي تعلقي سيوهڻ جي سياسي ليڊرن جيڪي متحرڪ رهيا آهن، شاگرد اڳواڻ، جيئي سنڌ ، سپاف اهي ئي به تنظيمون سيوهڻ تعلقي ۾ متحرڪ هونديون هيون، ٻيو وري سماجي ماڻهو ۽ شهر جا با اثر ماڻهو انهن سڀني جي لسٽ هنن کي مليل آهي، هاڻي انهن سڀني کي هنن وٽ پيش ڪرڻ منهنجي ذميواري آهي، توهان جي پارٽي مان تعلقي مان ٻن ماڻهن جا نالا آهن، سيوهڻ مان تنهنجو ۽ ٻيان سيدآباد مان مولا بخش لغاري ـ جيڪو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سينيئر مرڪزي نائب صدر رهي چڪو هئو ۽ ڪجهه وقت قائم مقام صدر پڻ! ان وقت ته عهدي تي ڪونه هئو ۽ نه ئي متحرڪ هئو پر سندس ماضيءَ جي رڪارڊ جي حوالي سان هن جو نالو به ان لسٽ ۾ شامل هجي. مون چيو ٻيا ڪهڙا؟ هن ڪافي نالا ڪنيا جن ۾ سيد عبدالله شاهه ، سيد عزت علي شاهه ، سيد صادق علي شاهه ، سيد محمد مراد شاهه لڪياري ، قاضي محمد مراد صديقي ، سيد ڪوڙل شاهه ، سيد محمد شاهه ٻيان ، مخدوم عبدالرحمان بوبڪ وارو، وڏيرو علي شير راهوپوٽو، يار محمد سومرو دڪاندار ، مير سهتو وغيره شامل هجن، تقريبن چاليهارو ماڻهن جي لڳ ڀڳ لسٽ هجي، پڇيو مانس ته سڀني کي هڪ هنڌ گهرايو اٿن؟ چيائين نه هر روز هڪ ٻن کي ٿا گهرائن، مون چيو ان حساب سان ته پندرهن ڪان ويهه ڏينهن لڳي ويندا، مون چيو ته پوءِ مهرباني ڪري مونکي آخر ۾ ملائجان، چيائين آئون ايئن ڪندس جي هنن وري زور نه ڀريو ته ـ في الحال ته لسٽ ڏني اٿن، ته هنن کي واري واري سان پيش ڪيو. ان وچ ۾ مونکي مولا بخش لغاري ٻيان مان فون ڪيو چيائين نثار بلوچ تنهنجو دوست آهي. مون چيو ته منهنجو وڏو به آهي ۽ محسن به آهي. چيائين هن کي چئيس ته مونکي ڇو ٿو گهرائي، مان ته هينئر چپ ڪري گهر ويٺو آهيان هيءُ پلا اسان جي جان ڇڏيندا يا نه!! مون چيو مسئلو نثار صاحب جو ڪونهي نه تون اڪيلو آهين، گهڻي خلق آهي سڄي تعلقي جي، جنهن ۾ آئون به شامل آهيان ـ گهرايو سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر آهي! ته پوءِ هن کي پارٽ ڪري ڇڏينس، مون چيو فڪر نه ڪر ڪجهه ڪونه آهي. ان ڪري سڏايو اٿن ته حاڪم آهن جي ڪجهه ڪرڻو هجين ها ته پوءِ هو حڪم ڪن ها پاڻ سڀ اندر هجون هان، باقي ملجي ته خبر پوي تو لاءِ آءُ ڊي.ايس.پي صاحب کي چوان ٿو ته توکي عزت احترام سان هنن سان ملائي ۽ بريفنگ به ڏئي. نيٺ سڀني جي ملاقات ٿي.به چار ماڻهو اچا رهيل هئا، جيڪي شايد موجود نه هئا شايد ڪيڏانهن ڪنهن ڪم سانگي ويل هئا، نثار صاحب مونکي نياپو ڪيو ته صبح جو 10 وڳي منهنجي آفيس اچ ته هلي توکي ڪرنل اعظم سان ملايان. مان ويس سندس گاڏي ڪنهن ڪم سانگي ويل هئي، هن پوليس واري کي چيو ته ٽانگو وٺي اچ ٽانگي واري سان ٻئي ڄڻا پوئين سيٽ تي ويناسين، چو ته پنڌ پري هجي، اهلڪارن جي

ڪئمپ ريلوي اسٽيشن جي پرسان ريسٽ هائوس ۾ هجي آفيس به اتي هجين. ڪرنل سان ملڻ کان اڳ ۾ هڪ ميجر سان ملڻو پوندو هئو سپ کان پهرين اهو دڙڪا دهمان داٻا ڏيئي ماٺهوءَ جو اڌ ساهه ته اتي ئي سڪائي ڇڏيندو هو باقي رهيل ڪم لاءِ ڪرنل سان ملائيندو هيو مون سان به ساڳيو ڪم ٿيو اتي پهتس. سنتريءَ کي رپورٽ ملي. ڊي.ايس.پيءَ جي هٿ ۾ ننڍو ڪاغذ هجي جنهن ۾ منهنجو نالو ۽ تفصيل هيو ته هن جو موجوده ڪهڙي تنظيم سان واسطو آهي. اسين ٻئي ٻيٺا رهياسين سنتري 10 منٽن جي انتظار ڪرائڻ ڪانپوءِ آيو چيائين اچو! ٻئي گڏ اندر وياسين- هڪ ميجر وينو هيو پڻاڻ هيو نالو هيس: ميجر سخي بادشاهه! ڊي.ايس.پي صاحب هن کي سليوٽ ڪيو. هن به پنهنجو هٿ پنهنجي پاسيريءَ ٽوپي تائين ڪنيو ۽ سليوٽ جو جواب ڏنو هن ويهڻ جو اشارو ڪيو آئون ڪرسيءَ تي وينس. ڊي.ايس.پي صاحب بيٺو رهيو هن ڊي.ايس.پي صاحب کي چيو توهان به تشريف رکو هن مهرباني چئي - ۽ ويهي رهيو. مان ان پهچڻ کان پهرين سوچيو ته هنن سان. هنن جي انداز ۾ ڳالهائبو. پوءِ بند ڪن يا سزا ڏين. ڇو ته ڪرنل صاحب کي ملٽري ڪورٽ پرزائيڊنگ آفيسر جو اختيار پڻ هئو. آئون نوجوان - نئون جوش جذبو - جيل جو شوق ته نالو ٿئي. ۽ پنهنجي تنظيم لاءِ صحيح نمائندگيءَ جو حق ادا ڪرڻ جنهن ۾ ڪا به ڪمزور ڳالهه يا هيٺو لفظ ڳالهائڻ کي چوڪرن تي ٿوڪون ڪندو هئس. مطلب ته جارحاڻو انداز هئو. ميجر سخي بادشاهه پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو: توهان جو تعارف؟ مون چيو اوهان کي خبر آهي ته آئون ڪير آهيان! اوهان کي ڊي.ايس.پي صاحب ٻڌايو هوندو ته اڄ ڪنهن جو وارو آهي. هن ٿورو اڻ وڻندڙ انداز ۾ مون ڏي نهاريو ته ڊي.ايس.پي هڪدم سر چئي منهنجو تعارف ڪرائي ڇڏيو. اتي هن ٿورو ڪاوڙ واري انداز ۾ چيو ته: اڇا ته هي علحدگي پسند تنظيم وارا آهن! ايتري ۾ هن جي فون جي گهنٽي وڳي. هن سر ڪيو هن ڪجهه چيس شايد ڪنهن ڪم سان پيو موڪليس. هن چيو سر اڄ هڪ ڇوڪري جو انٽرويو آهي. هن منهنجو نالو ٻڌايس. تيسيتائين هن چيس هن کي مون ڏانهن موڪل. تون ڪم سان نڪري وڃ. هي اٿيو ۽ ڊي.ايس.پيءَ کي چيائين هن کي صاحب وٽ وٺي وڃ. باقي اهو پڇا ڳڇا ڪندس ۽ تڪڙو هليو ويو. ڊي.ايس.پي صاحب چيو ته هنن کي ايئن اونڌا جواب نه ڏي. چڙي پيا ته مسئلو ٿي پوندو. هتي جيڪي به آيا آهن صرف ڪنڊ ڏوٽي جي سائين. حاضر سائين ڪري ويا آهن. مون چيو توهان فڪر نه ڪريو. ايئن ئي ٿيندو. ننڍي عمر نوجواني هر ڪم ۾ هٿ به وجهڻو ٿي پيو سنڌ سان ايترو ئي عشق جيترو سائين جي.ايم سيد ڪيو هجي. ان ڪري دل ۾ قربانيءَ جو جذبو اپٽيل هجي ايتري قدر جو اٿڻ. ويهڻ ، گهمڻ ڦرڻ ، ۾ صرف سنڌ ۽ سنڌ جي آزاديءَ جا خيال انهن جي باري ۾ ذهن ۾ تصور ۽ خواب... آءٌ ان عرصي دوران ان ڪيفيت کان هڪ پل به ٻاهر ڪونه هئس. منهنجي دوستي دشمنيءَ جو محور سنڌ ۽ صرف سنڌ هئي. ڪرنل صاحب جي آفيس ۾ پهتاسين جيڪا ميجر جي آفيس سان لڳو لڳ هئي. سنهڙو هلڪي قد جو پنجابي ٽيبل تي ڏنڊي پيل هجيس. ٽوپي به ڏنڊيءَ جي پرسان-ٻنهي ڪلهن ۾ چمڪندڙ ڦول لڳل هجنس ۽ ساڳيو سليوٽ ڪيائين هن به سليوٽ ڪيس. مونکي هٿ ڪونه ڏنائين مان به ان ۾ خوش هئس. چيائين ويهه. وينس! ڊي.ايس.پيءَ چيس ته آئون انتظار ٿو ڪريان مون مداخلت ڪندي چيو هي وينو هجي ڪو مسئلو ته نه آهي. هن چيو ڇو؟ مون چيو اوهان جي مرضي پر آئون چاهيان ٿو ته هي هجي. جو مٿان اوهان کي ڪنهن شاهد جي ضرورت پوي. چيائين ڇو پوندي.

مون چيو جج بہ آهين، متان ڪورٽ هلائڻي پوئي، چيائين تہ توکي سزا جو گهڻو شوق آهي، چيم ها اهو منهنجي لاءِ اعزاز هوندو. ايتري ۾ هن ڊي ايس.پي کي چيو تہ ويهہ! هن مونکان سنڌ جي علحدگيءَ جي باري ۾ پهريون سوال ڪيو. مون پنهنجي نظريي مطابق جواب ڏنو هن کي ڪاوڙ ڪونہ لڳي، ۽ چيائين چڱو ٺيو تہ توسان ملاقات ٿي، مان پڻ ٻڌڻ چاهيان ٿو تہ اوهان ۽ اوهان جي تحريڪ جو نظريو ڇا آهي؟ ادارن ۽ پنجابين جي خلاف ڇو آهيو ۽ وفاق کان الڳ ڇو ٿا ٿيڻ چاهيو؟ مون هن کي پنهنجي عقل ۽ نظريي جي مطابق بنا ڪنهن رک رکاءَ جي سڀ جواب ايئن ڏنا جيئن اسان تقريرن ۾ اظهار ڪندا آهيون. تقريبن اڌ ڪلاڪ منو ڪان مونکي خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. مونکي اهي سڀ ڳالهيون ياد آهن. ليڪن نثار بلوچ هڪ مقابلي ۾ شهيد ٿي ويو آهي، جي زنده هجي ها تہ سڄو تفصيل لکان ها، ۽ هو تصديق ڪري ها! تنهنڪري هاڻي اهو لکڻ ۽ ٻڌائڻ مناسب ڪونہ آهي. ان ڪري تفصيل ڏيڻ کان قاصر آهيان. باقي ايمانداريءَ سان ايترو چوندس تہ نثار بلوچ ٻاهر نڪرڻ مهل اهو ساڳيو سليوٽ مونکي ڪيو. چيائين تہ سڄي تعلقي جي ماڻهن کي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر وارن سان ملايم انهن ۾ ڪي سياسي شخصيتون ننڍيون تہ ڪي وڏيون هيون، پر ايئن هنن سان اڪيون اکين ۾ ملائي ڪنهن ڪونہ ڳالهايو تو واري ليڊر مولا بخش لغاريءَ سميت سڀ صرف ڪنڌ ڌوڻيندا رهيا، ۽ جي سر- ييس سر ڪندا رهيا. تو پنهنجي نظريئي ۽ مؤقف سان انصاف ڪيو. مونکي ڪيترا دفعا ڳالهين دوران اهو خطرو ٿيو تہ شايد هيءُ واحد ماڻهو آهي، جنهن جي لاءِ سختي يا جيل جو حڪم ڏين. پر اهو خطرو ٽري ويو.

مونکي آخر ۾ سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر چيو تہ جڏهن بہ ڪو تنهنجو يا ڪنهن شهريءَ جو ڪو مسئلو يا اسان ۾ ڪم هجي تہ چوندو ڪجان، اسان وس آهر تنهنجي مدد ڪنداسين. ان ڪان پوءِ ڪيترن ئي ماڻهن سان ڪيئي مسئلا ٿيا منهنجي مداخلت ڪرڻ سان اهي سزا کان بچي ويا. سپاف ۽ پ پ جا ڪجھ ماڻهو پيتي صاحب جي ڦاسي کان پوءِ احتجاج دوران گرفتار ٿيا. سمري ملٽري ڪورٽ ۾ چالان ٿيا جن ۾ ٽي ڇوڪرا مونکي ياد اچن ٿا هر هڪ. قربان ڪانگڙي، هڪ سولنگي، هڪ ڪوسو هئو. شايد فدا حسين ڪوسو يا ڪو ٻيو هاڻي مونکي ذهن تي ڪونہ آهي. انهن جي مائٽن ٻڌايو تہ ايس.ڊي.ايم سيوهڻ جيڪو ان وقت هڪ غير سنڌي هئو! ان جي گرفتاري ۽ رپورٽ تي ڪين ملٽري ڪورٽ ۾ چالان ڪري سزائون ڏنيون وينديون. هُن انهن ڇوڪرن کي ٻڌرائي ملٽري ڪورٽ ۾ چالان ڪرايو آهي، ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس هلندو ۽ اتي جو اتي سزا ڏيندا. مون چيو تہ آئون ڪوشش ڪيان ٿو. ڊي.ايس.پي کي اعتماد ۾ ورتم تہ هلون ٿا سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ڏانهن اوهان ڪجھ منهنجي ڳالهين جي تائيد ڪجو جي اوهان کان پڇي، جيڪڏهن هي بہ – چار ڇوڪرا سزا کان بچي وڃن تہ بهتر ٿيندو. پوءِ اسان جي ملاقات تي ڪجھ منٽ ۽ ڪجھ يقين ڏيارڻ تہ آئنده ڪجھ نہ ٿيندو تہ هن صاحب منهنجي يقين ڏيارڻ تي سپاف جي ٽنهي ڪارڪنن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ان ۾ ڊي.ايس.پي صاحب بہ مدد ڪئي ۽ سب مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي گواهي ڏيندي چيائين تہ انهن ڇوڪرن تي اڳ ۾ ڪوبہ ڪيس ڪونہ آهي نہ ڪڏهن گهربل رهيا آهن.

ايس. ڊي. ايم. سيد توقير شاهہ کي اها ڏاڍي تڪليف پهتي تہ هن جن ڇوڪرن کي گرفتار ڪرائي پوليس ڪيس نهرائي مارشل- لا ڪورٽ ۾ چالان ڪرايو تہ جيئن هنن کي سمري ملٽري

ڪورٽ ڪوڙن ۾ قيد جي سزا ڏيئي سگھي، منهنجي ان ڪوشش سان جڏهن اهي ڇوڪرا ملٽري ڪورٽ آزاد ڪيا ته هن کي ڏاڍي تڪليف پهتي، انڪري هيءُ سدائين ان ڪوشش ۾ هئو ته ڪيئن به ڪري هيءُ يا هن جو ڪوپاءُ ڪنهن چڪر ۾ اچي ته هن سان حساب ڪتاب برابر ڪجي.

1977ع ۾ پيٽي صاحب جي ڦاسيءَ کان اڳ سيوهڻ ۾ ايس.ڊي.ايم سيد توقير احمد کي مقرر ڪيو ويو. اهو ايترو متعصب هئو جو جيڪڏهن ڪو ٿورو به جلوس ۾ جلسو نڪرندو هئو ته باقائده انهن تي پوليس کي حڪم ڏيئي پاڻ به پوليس سان گڏ جلوس وارن سان خود پيو وڙهندو هئو. تمام گهٽيون سنڌين کي گاريون ڏيندو هئو اسان جي هيٺي ۾ هيسايل قوم جا ماڻهو ان دهشت گرد ايس.ڊي.ايم کان جيترو ڊڄندا هئا ايترو ته وهم پرستيءَ جي انتهاس ۾ ڪڏهن ديون ۾ راڪاسن کان به نه ڊنا هوندا. هن وٽ جيڪو به ڦاٿو اهو وڏي ڪنهن عذاب ۾ اڙجي ويو. ڪم جائز هجي، ته به هيءُ سخت ناراض ٿيندو هو. دڪاندارن ۾ واپارين جا شين جا اگهه چيڪ ڪرڻ لاءِ پاڻ سان گڏ اهلڪارن جا اٽالا ڪٽندو هئو هر روز ڪيترن ئي دڪاندارن کي ٻڌي سڄو سڄو ڏينهن ذليل خوار ڪري بي عزت ڪري رات جو ڏنڊ وجهي پوءِ ڪين ڇڏيندو هئو تيسيتائين اهي معزز دڪاندار ۾ ريڙهن ۾ ڪيبنن وارا اس ۾ اڃ ۾ ويٺا هوندا هئا، نه ويهڻ جي جاءِ نه ڇانو بس ان انتظار ۾ ويٺا هوندا هئا ته هاڻي قانون لاڳو ڪندڙ محافظ اسان سان ڇا ٿا ڪن. ان ته ايترو خوف ۾ هراس پيدا ڪرايو جو ماڻهو هر روزر اها دعا گهري پنهنجي روز مره جي ڪم سان نڪرندا هئا ته الله خير ڪري ان انسان دشمن توقير شاهه جي شڪل نه ڏسجي! سرڪاري جيپ ۾ چڙهي پوليس سان سڄي شهر ۾ نوس نوس ڪندو وتندو هو. جيڪو ور چڙهيس ان کي گاريون ڏيندو هوءِ سنڌين کي ته انسان سمجهڻ لاءِ به تيار ڪونه هئو. چڻ هي حاڪم هجي باقي سڀ غلام هجن. اهو ورتاءُ هوندو هئس. بس سيد هجڻ جي ڪري هيءُ هميشه هڪ سيد جي اوطاق تي ويندو رهندو هئو جو هي سيد پرست هئو خبر نه آهي ان سنڌي سيد سان هن جي نفرت ڇو ڪونه هئي؟ اهو سيد خاندان سبزواري آهي، جن وٽ ويندو هئو پر ڪم جي معاملي ۾ انهن کي به نٽڪائي ڇڏيندو هئو ۾ رياستي ڊسيپلين جو بهانو ٺاهي وٺندو هو. بس انهن وٽ صرف ويندو هئو وقت پاس ڪرڻ لاءِ! سچو انهن سان به ڪونه هئو پر ايترو ضرور ٿيو ته انهن سيدن جي تعلق جي ڪري ماڻهن ۾ سبزواري سيدن لاءِ هميشه سواليه نشان ذهن ۾ اڀرندا رهيا.

سائين کي گرفتاريءَ کان بچائڻ

هڪ دفعي شيرين جناح ڪيس ڪانپوءِ علي حيدر شاهه ، قادر بخش جتوئي، معصوم سانگهڙائي آراضي جي سيد ڪوڙل شاهه وٽ (جيڪو پوءِ جيل خانه جات جو وزير به ٿيو) ترسيا، ڇوته هيءُ روپوش هئا ۾ ڪوڙل شاهه وارا سائين جي ايم سيد جي پيروڪارن ۾ همدردن ۾ شامل سمجهيا ويندا هئا. سيوهڻ جي ڊي ايس پي نثار بلوچ مونکي سڏايو چيائين ته حيدر شاهه وارا ڪٿي لڪل آهن؟ مون چيو مونکي خبر ڪونه آهي، چيائين توکي خبر نه آهي پر مونکي خبر آهي، اها ڄاڻ مونکي ايس.پي دادو، لالا اعظم پٺاڻ کان پئي آهي، اتان کان پوليس رواني ٿي چڪي آهي انهن کي هتي اچڻ ۾ ٻه-چار ڪلاڪ لڳي ويندا، ان کان اڳ جي انهن ماڻهن کي اطلاع ڪرائي سگهين ته گرفتاريءَ کان بچي ويندا، ورنه اڄ ڪنهن

مهل به رات وچ ۾ ڇاپو لڳندو اهو اتان جي پوليس جو مسئلو آهي، ته ڪنهن مهل ٽا ڇاپو هڻن، مون چيو ته پوءِ ٻڌاءِ ته ڪاٿي آهن؟ چيائين ڪوڙل شاهه وارن جي ڪرم پور جي پرسان زمين آهي ٻيلي ۾، اتي رهيل آهن. مون هڪدم ڪوڙل شاهه جي وڏي پاءُ غلام حسين جي پٽ اسلم شاهه کي اطلاع ڪيو. هو موٽر سائيڪل تي چڙهي مونسان ملڻ آيو. مون اسلم شاهه کي قومي غيرت ڏياري ۽ چيو ته هي ڪڏو ڪم اوهانجو چاچو ڪوڙل شاهه پيو ڪري، هن چيو ته مان حيدر شاهه وارن کي اطلاع ڪرايان ٿو ته هو نڪري وڃن ۽ ان ڪري هو گرفتاريءَ کان بچي ويا.

توقير شاهه جو پلاند!

ڏٽي بخش منهنجو ننڍو ڀاءُ، سنگت جي چڪرن ۾ جهيڙن ۾ نشن جو عادي ٿي ويو هو. سنگت جي هڪ جهيڙي ۾ مٿي تي ڌڪ لڳڻ ڪري ذهني طرح متاثر ٿي ويو هو. مٿان وري پنگ نوشيءَ سندس رهيل ڪم به پورو ڪري ڇڏيو هو. هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن نئين بس اسٽاپ اسٽيشن روڊ سيوهڻ تي اسان جي وڏي ڀاءُ غلام قادر جي پان سگريٽ جي ڪيبن هوندي هئي ۽ هي ان تي ويهندو هئو هوڏانهن ايس.ڊي ايم سدائين تاڙ ۾ هوندو هئو هڪ دفعي اگهه چيڪ ڪرڻ جي حوالي سان سڄي شهر مان دڪاندارن کي گرفتار ڪرايو ويو هن جي ڪيبن تي به قانون لاڳو ڪندڙن ادارن جا اهلڪار آيا ۽ اچي هن کان ڪئپسٽن سگريٽ جو اگهه پڇيائون، هن اهو ريٽ ورتن جيڪو هلندو هئو ان ۾ هڪ اهلڪار کي 10 پئسا وڌيڪ لڳا، اهلڪارن ڪيس چيو هلو اسان جي بالا آفيسر وٽ تون سگريٽن جو اگهه وڌيڪ ٿو وٺين، هن اهلڪارن کي چيو جي اوهانکي 10 پئسا وڌيڪ ٿا لڳن ته وٺو واپس، ليڪن هو ته هئا، ايس.ڊي ايم توقير شاهه جي اشاري تي، سو وٺي اچي ڪيس سيوهڻ جي شهباز ريسٽ هائوس ۾ پهتا، جيڪو ان وقت ضلعي ڪائونسل دادوءَ جي ملڪيت هئو هاڻي ٽوئرزم کاتي وٽ آهي، اتي ٻيا به ڪيترا دڪاندار جن ۾ يار محمد سومرو، ممتاز لاڪو وغيره اس ۾ ويٺا هئا، ته ڪي بيٺا هئا، اها اندازن 1977 جي ڳالهه آهي. اندران بالا آفيسر نڪتو ۽ ڏٽي بخش کي چيائين: تون بليڪ مارڪيٽنگ ٿو ڪرين، هن نهڪر ڪئي. پر ان آفيسر هن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو، ماءُ، پيڻ جون گاريون ڏنيون، هن جو دماغ نشن ڪرڻ جي ڪري هونءَ ئي تيز هئو سو هن به آفيسر کي ساڳيون گاريون واپس ڏنيون، بس پوءِ اهلڪارن ڪٽي همراهه کي دسيو ڪي مڪن سان، ڪي نونشن سان، ته ڪي وري لتين سان، پر هاڻي جيئن هن کي ڌڪ لڳي تيئن اهلڪارن کي گاريون ڏي! ويچاري ڏٽي بخش کي ڌڪ هڻي اڌ مئو ڪري ڇڏيائون. هن جي وات مان رت اچڻ لڳو ۽ بي هوش ٿي وڃي-وري هوش ۾ اچي ته ڪو اهلڪار اچي ۽ اڌ مئي ڏٽي بخش کي لتون هڻي ته وري ڏٽي بخش، اهلڪارن کي گاريون ڏي. اهو سلسلو هلندو رهيو ٻاهران گاڏيءَ مان لهي ڪو آفيسر اندر آيو هنن کان پڇيائين ڇا ڳالهه آهي ٻڌايائونس اهلڪارن کي گاريون ٿو ڏيئي، هن چيو هن کي ٽاٽي موڪليو. ايترن سولين ماڻهن جي سامهون هن کي تشدد ڪري ماري نه وجهو! پوليس آئي هن کي ڪٽي وڃي لاڪپ ڪيائون. جيئن لاڪپ پهتو هن جو دماغ سالم ڪونه رهيو رڳو اهلڪارن کي گاريون پوليس کي گاريون ۽ جيئي سنڌ جا نعرا جيڪو سامهون اچي ان کي گاريون!

مان حيدرآباد هئس، مونکي ڏتي بخش جي گرفتاريءَ جو اطلاع مليو. واپس اچي قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن سان مليس ته هنن چيو اسان پنهنجي سموري سروس ۾ ايتري بدتميزي ڪونه برداشت ڪئي آهي، جيتريون هن بدتميزي ڪئي آهي. اسان هن کي عبرت جو نشان بڻائينداسين! مون هنن کي چيو ته هي نارمل انسان ناهي هن جو دماغ متاثر آهي، هن سان ڪجهه وقت اڳ ۾ جهيڙو ٿيو جنهن ۾ هن جي مٿي ۾ ڌڪ لڳل آهن. الاءِ ڪيترا گهاوَ هئس. اوهان چاهيو ته ڊاڪٽر کان هن جو چيڪ اپ ڪرايو جي هي نارمل هجي ته پوءِ اوهان جي مرضي. هنن چيو شهر جي سيني دڪاندارن جي سامهون هن ضياءَ کان وٺي سيني ضيا جي ساٿارين کي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي، ملڪ ٽوڙڻ جا نعرا هنيا اٿس. مون چيو اوهان جي تشدد سبب هن جو دماغ وڌيڪ متاثر ٿي ويو آهي. ايئن مسلسل ڳالهائيندو ٿو رهي، بلڪل 48 ڪلاڪن کان هڪ منٽ به ننڊ نه ڪئي اٿس. باقي جي اوهان پنهنجي انا جو مسئلو ٺاهيو آهي ته ٻي ڳالهه آهي! هنن وري مون کي پنهنجي آفيسر سان ملايو. جنهن منهنجي مؤقف کي سمجهي، پنهنجي هڪ ميڊيڪل آفيسر کي لاڪپ موڪلڻ جو حڪم ڏنو ته وڃي ڏتي بخش کي چڪاسي. مون گذارش ڪئي ته ميڊيڪل آفيسر کي سادن ڪپڙن سان موڪليو باقي اهلڪار هن سان پلي گڏ هجن. اهي لاڪپ جي پرسان بيهن ته آئون هن کي چوندس ته ڊاڪٽر تنهنجي زخم جو علاج ڪندو! باقي اهلڪار ڏسندو ته هن کي تشدد ياد ايندو ۽ وري ساڳيون ڳالهيون دهرائيندو. هنن ايئن ڪيو. ايترو به هنن ان ڪري ڪيو جو منهنجو پنهنجو شهر ۾ اتان جي سياست ۾ اثر هئو ۽ بهتر اهو ٿيو جو هنن وري ايس. ڊي. ايم توقير سان رابطو ڪونه ڪيو نه ته هو وڌيڪ گند ڪري ها! هنن جي ميڊيڪل آفيسر ڏتي بخش جو معائنو ڪيو ته ان وقت به هيءُ مسلسل ڳالهائيندو رهيو. ڊاڪٽر چڪاسيو ۽ تصديق ڪئي ته هي دماغي طرح سخت متاثر آهي، پوءِ به هن کي ڇڏيائون ڪونه. پنهنجي ڊاڪٽر جي رپورٽ ۽ ايس. ڊي. ايم کان ليٽر وٺي ڪيس پوليس جي پهري ۾ حيدرآباد جي گدو اسپتال ۾ قيديءَ جي حيثيت ۾ داخل ڪرايائون ۽ وڌيڪ تحقيق ۽ رپورٽ اتان جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ قاضي حيدر کان گهريائون.

هيءُ جيئن اسپتال پهتو هن جي حالت رهندو خراب ٿي وئي ۽ هن کي ان وارڊ ۾ موڪليائون جتي مريض ڪنٽرول کان ٻاهر هوندا آهن. اسپتال ۾ جيل وانگر ٺهيل ڪوليءَ ۾ ڪيس بند ڪيائون، هي به ڪپڙن کان آجو ٿي ويهي رهيو. هن کي تالي بند ڪيائون. مان هن جي ان حالت کي ڏسي زارو قطار روئندو رهيس، دماغ ۾ هزارين خيال ۽ سوچون هجن، ته هي ڇا ٿي ويو. نوجوان ڇوڪرو هيءُ ته تباهه ٿي ويو... ايئن ٿي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ مري ويندو. ڇا جيسيتائين جيئرو هوندو ايئن هوندو!... بهرحال قاضي حيدر جيڪو پروفيسر ۽ اسپتال جو ايم. ايس هئو ان هنن جي ليٽر جي جواب ۾ لکي موڪليو. ته هي هاءِ گريڊ جو مريض آهي ۽ اسان وٽ داخل رهندو. هڪ مهيني تائين هن کي ڏسنداسين ۽ علاج شروع ڪيئونس ٿا. مان شام جو قاضي اڪبر جي پٽ قاضي نظير اڪبر سان مليس، دوست هئو- ڇيائين قاضي حيدر اسان جو مائٽ ته نه آهي، باقي واقف آهي هلي ٿا ملؤنس. هن سان ملياسين هن چيو مون مريض کي ڏٺو آهي، هن تي تشدد جا نشان آهن. پوءِ مون هن کي سچي حقيقت بيان ڪئي هن چيو. هائو مان سمجهيو ته هن نوجوان تي سخت تشدد ٿيل آهي ۽ ٽارچر جي ڪري هيءُ ذهني توازن وڃائي ويٺو آهي، پر هاڻي مان هن کي دماغي شاڪس هڻندس ڪجهه بهتر ٿيو ته ان مان ٿي ٿيندو.

ٻي ڪا واهه ڪونهي! اهي شاٽون هر هفتي ۾ چار دفعا هڻندوسانس. پوءِ الله بهتر ڪندو. هي هڪ مهيني ۾ ڪافي بهتر ٿيو هن کي سخت چرين جي بند وارڊ مان ڪڍي اسپيشل وارڊ ۾ رکيائون. قاضي حيدر چيو ته جهڙي طرح هن جي امپرومينٽ ٿي رهي آهي هي ٻن مهينن اندر انشاءَ الله ٺيڪ ٿي ويندو پوءِ دوائون هلنديون هر مهيني چيڪ اپ ٿيندو ۽ نشو نه ڪري ته ٺيڪ رهندو! ٻن مهينن کان پوءِ الله جو ڪرم ٿيو ۽ ڊاڪٽر جي توجهه ۽ دوا سان هي ٺيڪ ٿي ويو. ڏٽي بخش جي آزاديءَ لاءِ وري ايس. ڊي. ايم جو رليز آرڊر گهربل هيو ڏهه ڏينهن ان ڀڪ ڊوڙ ۾ لڳا ۽ آخرڪار هن کي واپس گهر وٺي آياسين. دوائون هلنديون رهيون هيءُ ٺيڪ رهيو. پر ان وچ ۾ هي دوستن وٽ به ويندو رهيو ڪڏهن چرس جو سوٽو ته ڪڏهن ڀنگ جو پيالو - هاڻي علاج ڇا اثر ڪري، سو اهو سدائين مسئلو هلندو رهيو. آخر ڊاڪٽر پروفيسر قاضي حيدر اها صلاح ڏني ته اوهان ڏٽي بخش جي شادي ڪرائي ڇڏيو. متان ٺيڪ ٿي وڃي، ۽ پوءِ جلدي هن جي شادي پنهنجي عزيزن ۾ ڪرائي سين. پر هن جي طبيعت ڪڏهن کهڙي ته ڪڏهن کهڙي، هي مڪمل ٺيڪ ٿي نه سگهيو! مطلب ته توقير شاهه جي نانگ واري وير ۾ سندس پلاند ۽ اهلڪارن جي ٽارچر جي اها نشاني اجا تائين پئي هلندي اچي. ظالمن هڪ نوجوان جي زندگي تباهه ڪئي، ۽ علاج جي سموري ذميواري منهنجي حوالي ڪئي. هن کي 1977 ۾ نوڪري به ملٽري اڪائونٽ ۾ آڊيٽر جي ملي، اها به هن 7 کان 8 سالن تائين ڪئي، شادي به ڪيائين وري ساڳي ڪيفيت ٿي ويس ته نوڪري به ڇڏي ڏنائين. ٿورو ٺيڪ ٿيو ته وري سعودي عرب جي پاڪستان انٽرنيشنل اسڪول ۾ ٽيچر جي نوڪري مليس، پر اتي به ساڳي ذهني ڪيفيت جي ڪري ٽن سالن ۾ واپس آيو ۽ هن مهل تائين ڪجهه وقت ٺيڪ ڪجهه وقت اسپتالن ۽ علاج جي حوالي، هاڻي ته مڪمل تنهائيءَ جو شڪار رهڻ لڳو آهي.

*

وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ...

سيوهڻ ڪاليج جي اليڪشن کٽڻ، جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان وري حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي ملهائڻ ۽ ٻين ڪجهه اهڙين چند ڪاميابين جي ڪري آئون ٻن سالن جي مختصر عرصي ۾ ايترو ته مقبول ۽ مشهور ٿي ويس جو هاڻي سنڌ جي هن قوم پرست تحريڪ جي ليڊر شپ واري ليول تي پهچي ويس، ۽ سڄي سنڌ ۾ نالي سان سڃاتو پئي ويس.

1978 دادو ضلعي ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي چونڊ ٿي. عبدالصمد ڪانڌڙو مرڪزي قائم مقام صدر هئو ۽ علي حيدر شاهه جنرل سيڪريٽري. انهن سڄي سنڌ جي ضلعن جون چونڊون ڪرائڻ جو پروگرام ترتيب ڏنو. دادو ضلعي ۾ ان وقت تعلقو سيوهڻ، جوهي، خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ، ڪوٽڙي، ۽ ٽاٽو بولا خان شامل هئا. بولا خان ۾ ڪو يونٽ ڪونه هيو. باقي ڪوٽڙي ڄامشورو سان شامل ڪيل هئو جو سنڌ يونيورسٽي جي ڪري ان يونٽ کي ضلعي جي حيثيت مليل هئي. باقي تعلقن ۾ ان وقت سيوهڻ اهم ۽ اڳتي هئو جو اتي ٻن سالن ۾ منهنجي قيادت ۾ جيڪو ڪم ٿيو جنهن سبب سيوهڻ ۽ مونکي ڪافي مشهوري نصيب ٿي، ان ڪري ضلعي ۾ مرڪز کان وٺي سڀني جي نظر سيوهڻ تي هوندي هئي، 1978 ۾ دادو ضلع جي قيادت ڪونه هئي، جو منظور پنهور يونيورسٽيءَ هليو

ويو هو. ان ڪري مرڪزي اڳواڻن ضلعي جي ميٽنگ لاءِ مونکي چيو جيڪي دوست مون سان رابطي ۾ هئا، مون انهن جي ضلعي جي ميٽنگ سيوهڻ ۾ رکي، اتي حيدر شاهه ۽ عبدالصمد ڪانڌڙو آيا، ضلعي جا تقريبن 60کان 70 ميمبر آيل هجن. هنن پهرين اتي ضلعي دادوءَ جي صورتحال کي ڏسي ضلعي جو آرگنائيزر مقرر ڪيو ان لاءِ سيني ميمبرن يڪراءِ منهنجي نالي جي تجويز ڏني. ۽ ايئن مرڪز مونکي ضلعي دادوءَ لاءِ آرگنائيزر مقرر ڪيو ۽ هڪ مهيني ۾ تنظيم سازيءَ جو حڪم ڏيئي ڪري ضلعي جي اڳواڻي مونکي سونپي ويا. هڪ مهيني تائين مان ڪوٽڙي ۽ ٽاٽي بولا خان کان علاوه سڄي ضلعي جي تعلقن ۽ وڏن شهرن ۾ ويس ۽ تنظيم سازي، ميمبر شپ ۽ پراڻن ۽ وسريل سنڌي قوم پرستن سان تيزيءَ سان رابطا مڪمل ڪري سيني جي صلاح سان سيوهڻ ۾ ميٽنگ طي ڪيم. اطلاع مرڪز کي ڏنو ويو. انهن تاريخ مقرر ڪئي، ان وقت مونکي حيرت ٿي جڏهن سيد حيدر شاهه هڪ ملاقات ۾ مونکي مخاطب ٿيندي چيو ته توهان جي ضلعي ۾ انتهائي مضبوط پوزيشن آهي، ماڻهو به توکي چاهين ٿا اسين به چاهيون ٿا ته تون ضلعي صدر ٿيءُ، ليڪن اسان جو هڪ شرط آهي، ته مٿي مرڪز ۾ ڪجهه دوست اسان جي خلاف آهن، اتي توکي اسان جو ساٿ ڏيڻو پوندو. مون چيو ته آئون ڪنهن جي به ڏر جو حصو ڪونه ٿيندس، ۽ نه ئي مان ان معاملي ۾ يقين ٿو رکان. باقي جي اوهان اصولن تي هوندوءَ ته يقينن آئون اوهان سان گڏ هوندس. هوئن به هينئر اوهان ئي اسان جا مرڪزي ليڊر آهيو. اسين ته اوهان جو ئي حڪم مڃينداسين. هن چيو ته اسان ضلعي تنظيم سازي ڪري وٺنداسين ته وري مرڪزي چونڊون ٿينديون ان ۾ اوهان جي ضلعي جا 10 ميمبر ڪائونسلر هوندا آهن، اهي ووٽ منهنجي تشڪيل ڏنل پينل کي ملڻ گهرجن. مون هن سان ڪوبه واعدو ڪرڻ ان ڪري به مناسب ڪونه سمجهيو جو هڪ ته آئون پاڻ هن تحريڪ ۾ نئون هيس منهنجي ٻن سالن جي رفاقت هن تحريڪ سان مَس هئي مٿي گروپ ڪيئن آهن، ٻيا ماڻهو ڪهڙا آهن اهي صحيح آهن يا نه! بهرحال مان هنن سان ڪوبه واعدو ڪونه ڪيو هيءُ ڪاوڙجي پيا ليڪن ضلعي جي چونڊن جي نگراني ته هنن کي ئي ڪرڻي هئي.

اها جنوري 1978ع جي ڳالهه آهي، سيوهڻ ۾ وري ضلعي جي گڏجاڻي گهرائي ويئي اتي صورتحال ڏسي مرڪزوارن روايتي حربا استعمال ڪيا. جڏهن هنن اجلاس ۾ پڇيو ته ڪير ٿو ضلعي لاءِ صدر ٿئي، مون پاڻ کي پيش ڪيو ۽ مون ئي تجويز ڏني ته جنرل سيڪريٽري روشن علي ٻرڙو هئڻ گهرجي. چاڪاڻ جو اسان ٻنهي جي پاڻ ۾ ويجهڙائپ آهي. هو پيان جو رهندڙ آهي، انهي ڪري رابطي ۾ آساني ٿيندي. هنن چيو ته هنن ٻنهي جي مقابلي ۾ ڪير ٿو اليڪشن وڙهي، ته سڄي ضلعي جي اندازن 80 کن ميمبرن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

مرڪز کي اها ڳالهه انتهائي ناگوار لڳي ۽ حيدر شاهه اتي تقرير شروع ڪئي ته جي اوهانکي مقابلو نه ڪرڻو آهي ته پوءِ اسانکي چو گهرايو اٿو جي هڪ طرفي باڊي ٺهندي ته پوءِ ڪم ڪيئن هلندو. ان ڪري اسين سمجهون ٿا ته اڄڙي صاحب پنهنجا من پسند ماڻهو گڏ ڪيا آهن. جنهن ڪري اسين آرگنائيزنگ ڪميٽي ٿا ٺاهيون! ان لاءِ هنن ضلعي لاءِ مظهر ميمڻ کي مقرر ڪيو ۽ ٻيا چار ميمبر به مقرر ڪيا، انهن ۾ مان به شامل هئس. مان انڪار ڪري پئي سگهيس ۽ هنن جي ان حرڪت تي احتجاج به ڪري ٿي سگهيس، ليڪن مون پنهنجي قومي تحريڪ کي دوررس نگاهن سان پئي

ڏنوءِ آرگنائيزر مان ميمبر ٿيڻ تي خاموش رهيس، ان ڪي مرڪز جو حڪم سمجهي مڃيم. هاڻي هنن جو سڌو رابطو مظهر ميمڻ سان هئو هو سڄي ضلعي ۾ اچي وڃي پيو - مونکي صرف سيوهڻ تعلقي واري پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو. باقي ڇيائين سموري ضلعي جا ميمبر آهن متعلقه تعلقي مان ميمبر ڪي وٺي ان تعلقي ۾ ويندس، مان خاموش رهيس، هن ٽي مهينا ڪم ڪيو آخر اپريل 1978 ۾ دادو ضلعي جي ميٽنگ دادو شهر ۾ ٿي، ان ۾ تقريبن هڪ سؤ کن ميمبر موجود هجن ان وچ ۾ هنن دادوءَ ۾ هڪ ميمبر، منير ڪوريجو سان رابطو ڪيو ۽ حيدر شاهه صاحب هن ڪي تيار ڪيو ته ضلعي صدر لاءِ توکي بيهڻو پوندو، ۽ جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ مظهر ميمڻ! منير چيو ته پوءِ مان پنهنجا دوست عزيز جيڪي ميمبر ته نه آهن، پر انهن جو ووٽ ڪرائڻ جي اجازت ڏيندا ته اليڪشن ڪٽي ويندا سين، هنن مظهر ميمڻ ڪي چيو ته هن جا ميمبر شپ فارم پريو هن چيو ٺيڪ آهي! ليڪن اليڪشن تائين هنن جي ميمبرن فارم ڪونه پرايو. اليڪشن لاءِ گڏجاڻي شروع ٿي، پنهنجي مخصوص انداز ۾ علي حيدر شاهه چيو ته مرڪز فيصلو ڪيو آهي ته منير ڪوريجو ضلعي صدر ۽ مظهر ميمڻ ضلعي جنرل سيڪريٽري طور مرڪز طرفان اميدوار آهن، باقي جي ڪنهن ڪي مقابلو ڪرڻو آهي ته پلي فارم پرائي. اسان فارم پريا پنهنجو پينل ٺاهيوسين ته مظهر ميمڻ مون وٽ آيو ۽ مونکي پنهنجي پينل ۾ بيهار، مون چيو ته صدر لاءِ آئون پاڻ آهيان نائب صدر لاءِ دادوءَ جو نعيم پنهور جيڪو منظور پنهور جو ننڍو ڀاءُ هجي، اهو آهي. جنرل سيڪريٽري لاءِ روشن برڙو آهي، جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ علي بخش شيخ آهي، جيڪو خيرپور ناٿن شاهه جو آهي، تنهنجي لاءِ ڪابه جاءِ منهنجي پينل ۾ نه آهي، تون مرڪز جو اميدوار آهين. ايئن ئي ڪٽي ويندين، اسان توکي ڪا به سيٽ نٿا ڏيئي سگهون، ته اتي چيائين پلا خزانچي، مون چيو اهو جوهي تعلقي جو دوست آهي، هن وقت مونکي ان جو نالو وسري ويو آهي شايد رستماڻي ذات جو هو ان ڪي ڏني آهي، اسان جو پينل پورو آهي تون مقابلو ڪر شايد ڪٽي وڃين چو ته عبدالصمد ،علي حيدر شاهه تو لاءِ ورڪ پيا ڪن، هن چيو ته آئون سڄو ضلعو ٽي ٽي دفعا گهميو آهي مونکي مرڪز چيو هئو ته ابڙو پينل تي نه اچڻ گهرجي. مون جتي به ضلعي ۾ ڏنو مونکي ڪوبه ماڻهو تنهنجي خلاف نظر نه آيو مون چيو تون ۽ منير آهيو ڇيائين منير ڪوريجو هوائي توائي آهي، هن جو ڪوبه رول نه رهيو آهي، مرڪزي قيادت جي چوڻ تي بيٺو آهي، باقي پوزيشن ڪا به ڪونه اٿس. پر مونکي ضلعي جي پريس سيڪريٽريءَ لاءِ پنهنجي پينل تي بيهاريو! مون چيو. ان لاءِ شرط آهي، ته تون فارم پر جنرل سيڪريٽريءَ جو پوءِ روشن برڙي جي حق ۾ هٿ کڻ ته پوءِ توکي پريس سيڪريٽريءَ لاءِ ووٽ ڪنداسين، ٻئي فارم پر اسان پريس سيڪريٽري لاءِ ڪوبه اميدوار ڪونه ٿا بيهاريون، هن ايئن ئي ڪيو! هوڏانهن مرڪزي قائم مقام صدر صمد ڪانڌڙي جي صدارت ۾ اجلاس هلي پيو، ووٽ پون پيا، منير ڪوريجو ٽانگن تي ماڻهو پيو آڻي اهي ميمبر به نه هجن. پر مرڪز چوي هيءُ ميمبر آهن اسان هنن ڪي ميمبر ڪيو آهي هي ووٽ ڏيندا، اتي دوستن چيو ته پاڻ اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيون، مون منع ڪئي ته پوءِ به مقابلو ڪنداسين، اسان وٽ 70 ميمبر آهن، هيءُ ٽانگي تي گهڻا ميمبر ڪڻي ايندو؟ دوستن چيو ته چا هتي ويٺل مرڪز جي مخالفت جي با وجود ووٽ ڏيندا مون چيو ته جي ايئن نه هجي ها ته مظهر ميمڻ - جيڪو ٽي مهينا مرڪز جي هدايت تي ڪم ڪندو رهيو آهي، تنهن مرڪز جي طرفان جنرل سيڪريٽري شپ جي اميدواريءَ تان ڇو هٿ ڪڻي اسان جي

حمايت ڪئي؟ مظهر ميمڻ وڏو هوشيار ۽ موقعي پرست آهي، هن کي ضلعي جي رزلٽ جي خبر آهي، انڪري سڀ کان نندي سيٽ به ڪٽڻ واري ڪيس ئي گهرجي سو آٽڻ ڏيو منير ڪوريجي کي ماڻهو ڏوئيندي رات ٿي ويئي روشني به گهٽ منير ڪوريجو رات جو ڏهين وڳي تائين ماڻهو بيرا ، مزدور ، ٽانگي وارا ، گڏهه گاڏا هلائڻ وارا آڻيندو رهيو پر 65 جي مقابلي ۾ ڪل ووٽ 30 ڪٽي سگهيو ۽ مرڪزي اميدوار به هٽ ڪٽي ويا باقي جيڪي بچياسين ٽيهه ووٽ ڪٽي وجي عبدالصمد ڪانڌڙي، حيدر شاهه جي مٿان ڪريا، ۽ سندن ارادو هو ته صرف اسان جا هم خيال اچن. سموري ضلع ۾ هڪ مون جهڙي نا چيز وٽ ورڪر هئا. شڪست کائي خواريءَ جو ڪارو مٽي تي ڪٽي سنڌ يونيورسٽي جي سفر لاءِ روانا ٿي ويا. ان کان اڳ ۾ پيگل ٽتل دل سان اسان کي صمد ڪانڌڙي، قسم کڻايو پر سيڪريٽري جنرل حيدر شاهه اجلاس کان ٻاهر نڪري ڪوريجي سان وڃي ويهي رهيو جو هن کي حلف برداريءَ جي تقريب ڪانه وڻي، آخرڪار آئون 1978ع جي اپريل ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ضلعي دادو جو صدر منتخب ٿي ويس.

مونکي ان وقت رات جو ظاهر آهي مرڪز به مخالف هجي، اهو به ذهن تي دٻاءُ! غلط ووٽ، اهو به سانحو! سو ضلعي جي ٻن عهديدارن: روشن علي ٻرڙو ۽ نعيم پنهور ڪانسواءِ سڀني کي پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن وڃڻو هئو هر دوست پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو. مرڪز سنڌ يونيورسٽيءَ کي 74 ماڊل جي ڪار به هئي، مون کين آڇ ڏني ته سيوهڻ رستي ۾ آهي مون وٽ هلي رهو. هنن ڪو عذر پيش ڪيو ته مون کين چيو پلا سيوهڻ تائين گڏ هلون قلندر جي زيارت ڪريو. ماني کائي پوءِ هليا وڃو چيائون ڏسون ٿا پر هي مونکي دادوءَ ۾ ئي ڇڏي بنا موڪلائڻ جي هليا ويا. مون هڪ هفتي ڪانپوءِ دادوءَ ۾ ضلعي جي عهديدارن جي گڏجاڻي گهرائي، ان تاريخ تي آئون سيوهڻ مان ٽرين ۾ روانو ٿيس، باقي دوست مقرر جاءِ تي پهتا هئا، آئون جيئن ئي دادو اسٽيشن تي پهتس ته ڏٺم ته هڪ نوجوان مونکان عمر ۾ ڪافي ننڍو هجي انتهائي سهڻو ۽ خوبصورت هجي، مون ڏانهن وڌيو مان به بت ٺڄي سندس سونهن ۾ سوپيا ڏسندو رهيس، ته اوچتو اچي نوڙي سلام ڪري پاڪر پاتائين مان به ته هن ڏانهن ئي متوجهه هئس. هيءَ ڇا؟! اچي مونسان مليو سوچيم ڇا مان ايترو وڏو ليڊر ٿي ويو آهيان، جو اهڙا نازڪ نفيس سهڻا ڇوڪرا اچي ٿا ملن، مونکي ته هن نالي سان پڪاريو پر آئون ته حيران هجان هن تعارف ڪرائڻ کان اڳ ۾ سوال ڪيو سائين مونکي ڪونه ٿا سڃاڻو ڇا؟ مان جيسيتائين جواب ڏيان ته پاڻ ئي چيائين اوهان جي ضلعي باڊيءَ جو جوائنٽ سيڪريٽري، علي بخش شيخ. مونکي شرمندگي ٿي بهرحال گڏجي، گڏجاڻيءَ لاءِ روانا ٿياسين، ته چيائين مونکي دوستن ٻڌايو ته ابڙو صاحب ٽرين ۾ اچي پيو مان ان ڪري اسٽيشن تي آيس ته اوهان جو استقبال ڪيان، اهو لمحو منهنجي زندگيءَ جي اهم ۽ خوبصورت يادن ۾ شامل آهي.

شيرين سومرو ڪيس

1978ع ۾ ڄامشورو ۾ شيرين سومرو ڪيس سامهون آيو جنهن ۾ ٻن اهلڪارن کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو جنهن جو الزام ان وقت جي جنرل سيڪريٽري علي حيدر شاهه تي لڳو اهو سنڌ جو

مشهور واقعو آهي. سڄي سنڌ ۾ باهہ ڀڙڪي وئي هوڏانهن ايجنسين بہ سڄي سنڌ ۾ آپريشن ڪيو ۽ گرفتاريون ڪيون اسان جهڙا ڪيترا ورڪر روپوش ٿي ويا. جيڪي هٿ آين انهن کي گرفتار ڪري ڪوڙا سچا ڪيس ناهي ڪين سزائون ڏنيون پئي ويون. ان وقت دادو ضلعي مان اندازن 17 جيئي سنڌ جا ورڪر جيلن ۾ واڙيا ويا ۽ ڪين هڪ هڪ سال جي سزا ٻڌائي ويئي. انهن ۾ ضلعي جو جنرل سيڪريٽري روشن برڙو ، علي بخش شيخ - جيڪو هاڻي لانڍي جيل جو سپرنٽنڊنٽ آهي. عابد لاڪير، بشير اوٺو اختيار لغاري شامل هئا. اج کان 33 سال پراڻي ڳالهہ آهي. ڪافي نالا مونکان وسري ويا آهن. مان روپوشيءَ ۾ ڪراچيءَ اچي رهيو هيس. مون انهن دوستن سان جيڪي گهڻو ڪري لانڍي جيل ۾ هئا. ملڻ ويندو هئس. ڪڏهن بشير اوٺي جي پيءُ سان گڏجي ڪڏهن ڪنهن ٻئي دوست جي عزيزن سان گڏجي. جو ڊپ ٿيندو هئو تہ متان جيل تان ملاقات ڪانپوءِ ٻڌجي وڃان! ليڪن انهن سان رابطو بہ ضروري سمجهندو هئس. جو ضلعي جي قيادت مون وٽ هوندي هئي. هونءَ بہ مان علي حيدر شاهہ جي ان عمل سان سهمت ڪونہ هئس. ان ڪري ان سڄي احتجاجي عمل کان پاڻ کان پري بہ رکيو هيم. ڇو جو جذباتي عمل قومن جي آجپي ۾ رڪاوٽ بڻبا آهن ۽ علي حيدر شاهہ جو جيئي سنڌ تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ. يونيورسٽيءَ ۾ ڇانگي جهڙي ڏوهاريءَ کي پناهہ ڏيڻ. شيرين سومرو ڪيس ۾ جذباتي ٿي ٻن اهلڪارن کي قتل ڪرڻ ۽ الذوالفقار سان رابطن جي ڪري مشهور جهاز اغوا ڪيس ۾ جيل مان نڪرڻ ۽ اغوا ڪندڙن جي مطالبي تي سنڌ مان ٻاهرين ملڪ وڃڻ ان ڪانپوءِ پ پ حڪومت جي ان وقت جي هڪ وزير پرويز شاهہ جي ڪوشش سان واپس اچڻ ۽ وري پنڊي جيل ۾ رهڻ اتي شادي ڪرڻ ۽ وري ڪيس ختم ڪرائي آزاد ٿيڻ. اهي تمام وڏا معاملا هئا. جن سان جيئي سنڌ تحريڪ جو ڪوبہ تعلق نہ هئو! ۽ اهي سڀ سوال اڃا تائين حل طلب آهن. جن جو مون کي اڄ تائين ڪوبہ جواب ڪونہ ملي سگهيو آهي. ايتري قدر جو خود حيدر شاهہ بہ آزاديءَ ڪانپوءِ تنهائيءَ جو شڪار ٿي پيو آهي. شايد جن جي اشارن تي ڊراما ڪيائين. اهي ڪيس ڇڏي ويا ۽ پاڻ تنها رهجي تاريخ جو المناڪ باب بڻجي ويو! مان سمجهان ٿو تہ جي پاڻ هن قوم ڌرتي، سنڌ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ لاءِ قربانيون ڏيئي ها تہ اڄ پنهنجي سر ڪنهن وڏي مقام تي هجي ها. ڪاش ايئن هجي ها! مونسان سندس ملاقات سندس جيل مان آزاديءَ ڪانپوءِ 1992 ۾ اچانڪ ٿي، ملڪ اسد سڪندر وزير هو هيءُ ان جي چيمبر ۾ ويٺو هو آءُ بہ ڪنهن ڪم سان وزير صاحب جي آفيس ويس ، پي.ايس ٻڌايو تہ صاحب چيمبر ۾ ويٺو آهي، مون ڪيس چيو تہ پڇوس جي مناسب آهي تہ 5 منٽ ملاقات ٿئي نہ تہ آئون وري ايندس. پي.ايس ويو ۽ چيائين صاحب چوي ٿو تہ ڀلي اچي. مان ساڻس مليس تہ مونکي اشارو ڪري چيائين هن همراهہ کي سڃاڻين؟ مون چيو تہ نہ سائين آئون ڪونہ ٿو سڃاڻانس. باقي چهرو ڪجهہ ڪجهہ ڏٺل لڳي ٿو وري شاهہ صاحب کان پڇيائين تہ توهان هن کي سڃاڻو؟ شاهہ صاحب چيو سائين بلڪل هي تہ اهڙو جو اهڙو لڳو پيو آهي، محمد خان ابڙو سيوهڻ وارو اسانجو پراڻو ساٿي! هن جنهن مهل ڳالهايو تہ هن جي ڳالهائڻ جو انداز ۽ آواز ڪنن تي پيو تہ منهنجون پراڻيون يادون واپس آيون . مون ڏانهنس نهاريندي چيو تہ حيدر شاهہ ؟ چيائين هائو! پوءِ اڌ ڪلاڪ ڪچهري ڪئي سين. ان ڪانپوءِ وري ملاقات ڪونہ ٿي، ٻڌجي پيو تہ هاڻي شاهہ صاحب لاڙڪاڻي ۾ ڪو مڪان آباد ڪيو ويٺو نشا پتا ڪري، آخري اطلاع هن جي وفات جو مليو هو.

قيدي ساٿين جو اونو

ڪنهن وقت ۾ رفيع رضا نالي هڪ ڪامورو دادو ضلعي جو ڊي.سي ٿيو هيو ان سان ڪا هڪ ملاقات بہ هئي هاڻي خبر پئي تہ هيءُ هوم سيڪريٽري سنڌ آهي، مون ساڻس ملڻ جي ڪوشش ڪئي ڪجھ چڪر ڪاٽڻ ڪانپوءِ نيٺ ملاقات ٿي، مون ڪيس گذارش ڪئي ۽ دادوءَ جا حوالا بہ ڏنا ۽ وٽي ڪٽي هن جون تعريفون ڪيون، هن چيو تہ ڪم ٻڌا آهي، مون چيو تہ ڇوڪرا دادوءَ جا جيل ۾ آهن، سزا آيل اٿن امتحان مٿان اٿن هنن کي جيل ۾ بي ڪلاس ڏيو تہ سزا دوران پنهنجي تعليم مڪمل ڪن ۽ جيل ۾ پيشہ ور ڏوهارين کان الڳ رهن! هن چيو تہ سيني جي گڏيل درخواست ڏي، مون ايئن ڪيو هن بہ 17 ڄڻن جو جيل ۾ بي ڪلاس ڏيڻ جو حڪم صادر فرمايو ان ۾ 8 ڄڻا لانڊي جيل ۾، 3 ڄڻا نارا جيل ۾، 5 ڄڻا حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ۽ هڪ ڄڻو دادو جيل ۾ هجي، اهو شايد رستماڻي هيو. سيني جيلن جي سپرنٽنڊنٽ جا الڳ الڳ ليٽر ملي ويا ۽ سيني دوستن کي جيل ۾ وڃي بي ڪلاس جي سهولتن جا ليٽر پهچايم، ۽ آئون سمجهان ٿو تہ اها بہ هڪ اهم ڳالھ آهي تہ ڪنهن ملٽري ڪورٽ جي سزا يافتہ قيدين کي بي ڪلاس ڏيڻ لاءِ هوم سيڪريٽريءَ پنهنجي صوابديدي اختيار استعمال ڪيا هجن! بهرحال ٿيو ايئن جو جڏهن ملٽريءَ جي اعليٰ عملدارن کي خبر پئي تہ هوم سيڪريٽريءَ اهڙا آرڊر پاس ڪيا آهن، تہ هن کان پڇاڻو ڪيو ويو، هن جواب ڏنو تہ سزا کان پوءِ قيدي هوم کاتي جي پراپرٽي هوندا آهن ۽ اسان جن کي چڱي چال وارو ڏسندا آهيون تہ اها سهولت مهيا ڪندا آهيون بهرحال ڪي بہ ٽي مهينا اهو بحث ۽ خط و ڪتابت هلندي رهي نيٺ ملٽريءَ جي عملدارن هن کي اهو چيو تہ اهي آرڊر واپس ڪر، هن جواب ڏنو تہ آئون ايئن ڪونہ ڪندس پنهنجي آرڊر کي آئون واپس ڪونہ ڪندس، هيءُ همراھ جيڪو هوم سيڪريٽري هئو پنجابي هئو شايد ڪو سنڌي آفيسر هجي ها تہ اها جرئت ڪونہ ڪري ها- جو ان جو سبب بہ آهي تہ پنجابي ڪامورن جا مٽ مائٽ، با اثر، پٽ وارا ۽ واڳ ڌڻين جا مائٽ آهن سنڌي ويچارا بي سهارا بي پهچ ۽ سيڪو پنهنجي عزت بچائڻ ۾ پورو! پر هي پنجابي آفيسر اڙجي بيهي رهيو آخرڪار هن کي هوم سيڪريٽريءَ جي عهدي تان هٽايو ويو.

*

غلام حسين ابڙو- منهنجو ياءُ!

غلام حسين ابڙو منهنجو وڏو ياءُ، تمام هوشيار، قابل ۽ دورانديش پر هن جي تعليم نہ هئڻ جي برابر هئي، رڳو سنڌي پڙهيل هئو مون شروع ۾ ٻڌايو آهي تہ اسانجو بنيادي طرح هڪ غريب خاندان رهيو آهي، بابا سائين کي ڪوبہ ويجهو عزيز ياءُ سڳو سؤٽ نہ هيو صرف هڪ ڀيڻ هئي سا بہ ڪانئس وڏي، جنهن جي شادي ٿيل هئي جنهن مان هن کي هڪ پٽ هڪ ڌيءُ هئي، اسانجي خاندان ۾ واڌارو اسان جي والد جي ڪٽنب ۾ ٿيو ادا وڏي، والد صاحب جو ٻانهن ٻيلي ٻڻجي باقي سمورو گهر ۽ گهر جو ڪار وهنوار هلايو والد صاحب جي خودداري ۽ ڪنهن جي سامهون نہ جهڪڻ جي ڪري اسانکي انتهائي مان مرتبو ۽ عزت ملي، شهر جو ڪوبہ وڏيرو پير ۽ جاگيردار همٿ ڪري نہ سگهندو هئو جو

بابا کي ڪنهن معاملي ۾ گهرائي يا استعمال ڪري سگهي.

ادا غلام حسين. بابا جي هر ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هئو ادا غلام حسين 1940ع ۾ ڄائو ۽ 2006ع ۾ گهڻو سگريٽ ۽ بيڙي پيئڻ جي ڪري هن کي جگر جو ڪينسر ٿي پيو ۽ انتقال ڪري ويو. هن ڪيترائي ڪاروبار ڪيا. جنهن ۾ مڇيءَ جو واپار، سبزين جو واپار، ننڍن شهرن مان وٺي ملڪ جي وڏين منڊين ۾ موڪلڻ جنهن ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد سر فهرست هئا. برف جو ڊيپو پان-بيڙيءَ جي ڪيبن، گدرن ۽ هنداڻن جو دڪان، سيزن آهر انبن جو دڪان، هر وقت ڪم ۾ لڳل رهندو هئو جيڪڏهن موقعو ملندو هوس ته والد صاحب سان سرنهن ۽ ڪڻڪ جو وڏي پئماني تي واپار به ڪيائين. شهر ۾ تمام گهڻا عشق به هن جا مشهور ٿيا، سندس دوستن ۾ غلام علي شاهه بخاري، عنايت الله سومرو، زوار ڪرم علي، سيد زين العابدين شاهه-جيڪو نيوي ۾ ڪئپٽن هو جيڪو برگيڊيئر رينڪ جي برابر آهي تي رٽائر ٿيو جمال ميراڻي بينڪ آفيسر رهيو آخر ۾ شهر جا ڪيترا ماڻهو وٽس ايندا ويندا هئا، جنهن ۾ علي محمد ملاح، لعل محمد ملاح، رحيم بخش رند، وغيره شامل رهيا، سندس چوڻ هوندو هئو ته پاڻ هن معاشري جو حصو آهيون، دوست وقت تي پرکبا آهن ۽ ان ئي وقت تي ڪين ڪم به اچڻو پوندو آهي، باقي تقريبن ماڻهو دوستيءَ جي نالي تي مفادن لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن، دوست ته 2 يا 4 ئي هوندا آهن پر اهڙي پرک لاءِ زندگي صرف ڪرڻي ٿي پوي، جڏهن توهان ڪنهن کي پرک لاءِ مڪمل ٿا سمجهو ته پوءِ زندگي باقي وڃي ٿورڙي بچندي آهي!

هن به شاديون ڪيون هڪ خاندان جي صلاح سان اهي ٻگهيا هئا-(لوڙهائي) ۽ ٻي عشق جي-جيڪا 1977 ۾ ولي محمد شيخ جي ٻيو نمبر وڏي نياڻي ۽ ڊاڪٽر عبدالحميد شيخ ڪرنل جيڪو هاڻي رٽائرڊ آهي جي وڏي ڀيڻ سان، سندس ٻي شادي عشق جي شادي هئي، شهر ۾ ان وقت اسان لاءِ مشهور هو ته هي مڙس ماڻهو آهن، ان وقت قلندر لعل شهباز جي پراڻي علم واري پاسي لعل داس جي رهائش واري گهٽيءَ جي هيٺان پان بيڙيءَ جي ڪئبن هئس، ان وقت قلندر شهباز تي ايتري رش يا ٻاهرين ماڻهن جي آمد نه هوندي هئي، چئي سگهجي ٿو ته 2011 جي مقابلي ۾ 1976 ۾ اها اڄ جي ڀيٽ ۾ 5 سيڪڙو هوندي قلندر تي شهر جي ماڻهن جي اچ وڃ رهندي هئي، ان وقت ان شهر جون عورتون پاڻ کي چادرن ۽ برقعن ۾ ڍڪي منهن تي نقاب هڻي زيارت تي ايندڀون هيون، هوئنئن به هن شهر ۾ عورتن جو گهر کان نڪرڻ اهو وڏو ٻهانو آهي، قلندر جهڙي بزرگ لاءِ ڪير جهليندو به ڪونه هوا سو ايئن هن همراهه جي ايندڙ ويندڙ راهه ۾ رکيل ڪئبن تي اک ٽيٽ ٿي ويئي، سندن عشق شروع ٿي ويو منهنجو ان وقت ۾ عبدالحميد شيخ سان تمام گهڻو تعلق ۽ دوستي هوندي هئي، عمر ۾ مونکان 4 يا 5 سال وڏو هوندو پر اسان سان ته ننڍا ڇوڪرا يا هڪ جيترا دوستي ڪونه رکندا هئا، جو سندن مائٽ انهن لاءِ عذاب پيدا ڪندا هئا، جيڪو برداشت ڪندو هئو ته اهو دوست هوندو نه ته نه.

مونکي ٻاءُ جي عشق جي معاملي جي ڪا به خبر نه هجي، هڪ دفعو اوچتو اهو انڪشاف ٿيو مونکي گهرايو ويو ادا غلام حسين سان گڏ ٽيون نمبر ٻاءُ ڪريم بخش به هئو مون ڇيو خير ته آهي ڪيئن گهرايو اٿو؟ چيائون ته توکي هڪ ڪم ڪرڻو آهي، مون ڇيو حڪم، تون عبدالحميد شيخ سان ڳالهاءِ ۽ سندن گهر ۾ ويڻل ڀيڻ جو رشتو گهُر. مون ڇيو ڪنهن لاءِ؟ ڪريم بخش وراڻيو ته ادا وڏي لاءِ پر اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ حميد منهنجو تمام گهرو دوست آهي، ان ڳالهه تي اسان جي دوستي به ختم ٿي

سگهي ٿي ۽ ٻيو ته منهنجو اڪثر سندس گهر جي دروازي تي وڃڻ ٿيندو رهندو آهي، ڪٿي هو اهو نه سمجهي ته هن مون ۾ ئي لالچ رکي دوستي ته ڪونه رکي آهي؟ ڪريم بخش چيو ته معاملو تيار آهي ۽ هڪ ٻئي کي پسند ڪن ٿا هڪ ٻئي ڏي خط به لکن ٿا، ۽ سندس پيڻ جو چوڻ آهي ته ادا محمد خان، ادا حميد جي تمام گهڻو ويجهو آهي، هن کي ته بلڪل جواب ڪونه ڏيندو! مون چيو جي ايئن آهي ته مان نه ٿو چئي سگهانس، ان لاءِ مونکي معافي ڏيو. گهڻو بحث مباحثو ٿيو ڏاڍي ڪوشش ڪيائون ته آئون ان ڳالهه تي راضي ٿيان. پر مون انتهائي احتياط کان ڪم ورتو مون سوچيو ته دوستي هڪ ڪچي ڌاڳي مثل آهي، ايترو پلو دوست آهي، منهنجي ان ڳالهه جي ڪري خبر نه آهي، ڇا سوچي! مونسان هن جو واسطو هميشه لاءِ ختم نه ٿي وڃي! اهو خيال ذهن ۾ رکي آئون ڪابه رسڪ کڻڻ جي پوزيشن ۾ ڪونه هئس، هونئن به آئون هميشه ننڍي هوندي کان وٺي دوستن جي معاملي ۾ الاهي حساس ۽ سنجيده ۽ پيار ڪرڻ وارو رهيو آهيان، ڪٿي ڪٿي دوستن کي مائٽن کان به وڌيڪ اهميت ۽ حيثيت ڏيندو آهيان، شايد اهو ئي سبب آهي، جو مونکي به عزيزن ۽ مائٽن کان وڌيڪ دوست ئي ڪم آيا آهن. منهنجي زندگيءَ جي سيني ڪاميابين، ترقين، تعليم، سياست ۾ جيترو حصو دوستن جو آهي، ان جو مثال منهنجي مائٽن ۾ مون کي نٿو ملي، ڪٿي ڪٿي ڪنهن دوست زيادتي به ڪئي، تذليل به ڪئي هوندي، ڌڪاريو به هوندو، ڌوڪو به ڪيو هوندو، اندروني ويڙهه به ڪئي هوندي، ته به انڪان وڌيڪ دوستن جون مهربانيون مٿين ڳالهين کي وسارڻ لاءِ مجبور ڪنديون رهنديون آهن.

ان رشتي لاءِ منهنجو عبدالحميد شيخ سان نه ڳالهائڻ وارو فيصلو اٽل هيو. آخري جواب ڪانپوءِ ٻنهي پاڻرن الاهي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ گاريون، لعنتون به وسايائون، پر مان اٽل ارادي سان اهو فيصلو ڪيو ته پاڻر وري به ٿهي ويندا جي دوست ويو ته ڪونه ٿهندو، مونکي ڪريم بخش چيو اسان جو معاملو تيار آهي، توکي اهو رشتو ڪري ڏيڪاريندا سين. مون چيو ته اهو بهتر آهي، اوهان پاڻ وڃي رشتو گهروس، پوءِ ڪريم بخش ويو ۽ عبدالحميد شيخ سان ڳالهايائين ۽ اهو رشتو طي ٿي ويو. پر ان ۾ هڪ معاملو رڪاوٽ نظر آيو ته اها ڇوڪري الاهي بخش پنوجي نڪاح ۾ هجي. ادا غلام حسين اها ذميواري کنئي ته اوهان اصولي طرح ان رشتي لاءِ راضي ٿيو باقي هيءَ ڪيترن سالن کان هڪ ٻئي سان ڪونه ٿا ڳالهائين، اهو معاملو آئون پاڻ حل ڪندس، پوءِ ادا غلام حسين ويو ۽ وڃي الاهي بخش پني کي طلاق لاءِ چيائين ۽ هن به نزاڪت کي سمجهي طلاق جا ڪاغذ صحيح ڪري ڏنا، ۽ عدت جو وقت ختم ٿيو ته هنن جو سادگيءَ سان نڪاح ٿي ويو ۽ منهنجي دوست جي پيڻ منهنجي پاڃائي ٿي اڇي اسان جي گهر ۾ پهتي ۽ هاڻي اسانجي گهر ۾ هڪ ٻي عورت جيڪا ڌاري هئي، اچي پهتي ۽ اسان جي خاندان جي بنياد مان ٻي سر سرڪي! دنيا ۾ اهي مثال تاريخ جو حصو آهن، ته عورت ۾ ايتري طاقت آهي ۽ جي اها زال آهي يا محبوبه ته پوءِ مرد سيني رشتن کان وڌيڪ ان کي ئي پيو اهميت ڏيندو آهي ۽ سندس اشاري تي هلڻ لاءِ مجبور هوندو آهي، ايئن اهو سلسلو هلندو رهيو گهر ۾ مختلف ذاتين جون عورتون اچي ويون ۽ پنهنجي پنهنجي اهميت ۽ حيثيت وڌائڻ شروع ڪيائون، هاڻي اسان جي گهر ۾ 3 پاڻرن جون شاديون ٿي چڪيون، غلام حسين جون به شاديون هڪ ٻگهين مان اهي امان جي خاندان جا هئا! ان ڪري انهن کي مائٽ چئي سگهجي ٿو پر رت جو رشتو ڪنهن سان نه هئو!

ٻي شادي شيخن مان سيٺ ولي محمد جي ٻيو نمبر ڌيءَ سان، ادا غلام قادر جي شادي ابڙن مان، پر

انهن سان تمام ويجهي رت جو رشتو ڪونہ هئو هئا تہ ذات وارا پر معاملو اهو ئي رهيو تہ پري جا عزيز جهڙوڪ ڏاريا. ٽئين نمبر ڀاءُ ڪريم بخش جي شادي سومرن مان اهي ڪرت جي حوالي سان واڍا بہ سڏبا هئا. هاڻي ڀائرن کي اولاد ٿيڻ بہ شروع ٿيو. ادا غلام حسين جي پهرين شادي مونکي ياد ڪونہ آهي, شايد بي سمجهہ هيس. باقي سڀ شاديون ياد آهن. ايئن اسان جي گهر ۾ عورتن جا پاڻ ۾ ٻارن تان جهيڙا شروع ٿي ويا. جيئن پنهنجي سماج ۾ اڪثر ٿيندو آهي. بابا جون بہ بہ شاديون امان ۽ ان جي ٻي گهرواري ۾ بہ جهيڙن جو عروج رهيو انهن هلندڙ جهيڙن ۾ وري ادا وڏي جون بہ زالون۔انهن جو بہ پاڻ ۾ جهيڙو شروع ٿي ويو ايئن ٻار ٻچي تان, ٿوري گهٽي تان, ڪم ويو تيز ٿيندو. ان جو ننڍن ٻارن ڪيترو اثر ورتو ۽ ان جي ڪري پاڻ ۾ ڀائرن جي ٻڌي, محبت, پيار ۽ هڪ ٻئي تي قربان ٿيڻ جي جذبي ۾ ڪمي ايندي ويئي, ۽ هر ڪنهن جي محبت پنهنجي زالن ۽ اولاد لاءِ وقف ٿيندي ۽ وڌندي ويئي, ۽ رات جو زال جڏهن مڙس جا ڪن ڀريندي رهندي تہ صبح جو انهن جي اکين ۾ خوفناڪ ۽ هيبتناڪ چهرو ۽ غصو ۽ ڪتي ڪتي نفرت نظر ايندي هئي. جيڪي شهر جا ماڻهو اسان جي نالي کان ڏڄندا هئا. هاڻي عورتن جي جهيڙن جو آواز سڀ کان پهرين محلي جي ماڻهن ۽ عورتن جي ڪنن تي پهتو ۽ ايئن اها شيءِ نااتفاقي ۾ تبديل ٿي ويئي, هيڏانهن ڪجهہ وقت تائين گهر جون عورتون مردن جي غير موجودگيءَ ۾ هڪ ٻئي سان وڙهنديون ۽ گار گند ڪنديون هيون, ڪو مرد آيو تہ چپ. انڪري ڪي سال تہ ڀائر بي خبر رهيا, پر پوءِ قصو وچي اتي پهتو تہ مردن جي سامهون ڦڏا جهيڙا شروع ٿيا. ڪڏهن ڪڏهن عورتن تي هٿ بہ کڄي پوندو هو. ايترو هوندو هئو تہ گهر ۾ ڪوبہ مرد هوندو تہ اهو ڪنهن بہ ڀاءُ جي زال يا ٻار کي مار ڏيندو هئو تہ ٻيو ڪير بہ ڪونہ روڪيندو هئو ان تي بہ هر عورت پنهنجي پنهنجي مڙسن جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا. پوءِ بہ اهو سلسلو ڪيترا سال هلندو رهيو. نيٺ عورتن جي لاءِ مڙسن کي بہ ڀائرن سان ڪنهن ڪنهن وقت احتجاج ڪرڻو پيو پوءِ تون ڇا تون ڇا بہ ٿيڻ لڳي. پر پوءِ بہ انهن ڪمزورين ۽ اختلافن جي باوجود اڃا تائين اسين سڀ ڀائر پنهنجي پنهنجي اولاد سان گڏ هڪ ئي گهر ۾ جيڪو هاڻي محلي جي صورت ۾ آهي, گڏ آهيون. پلي ڀائرن عورتن جي چوڻ ۾ اچي هڪ ٻئي سان منهن ماري بہ ڪندا ۽ وڙهندا بہ هئا. زبان جي حد اندر پاڻ ۾ ڪونہ بہ ڳالهائيندا هئا. پر گڏ رهڻ کي سيني ترجيح ڏني تہ پلي عورتون پاڻ ۾ وڙهنديون رهن پر رهڻو گڏ آهي.

اسين بہ هن ئي معاشري جو حصو آهيون. هن معاشري ۾ جيڪو بہ ڪجهہ ٿئي ٿو ان ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو يا تہ ملوث آهن يا متاثر آهن. يا جيڪي چون تہ اسين تہ ههڙا باقي ٻيا هيئنئن تہ اول اهي ئي وڃي جانچ ڪندا تہ ڪين خبر پئجي ويندي تہ حقيقي صورتحال ڇا آهي.

آهہ عورت۔ واهہ عورت!

هن ڪائنات توڙي انسان ذات ۾ جيتري طاقت ۽ ڪشش عورت ذات ۾ آهي, اهو مردن ۾ ڪونہ آهي, هر مرد هميشہ عورت جو محتاج رهيو آهي. ”مرد جي هر عمل جي پويان عورت جو هٿ آهي.“ اها جي نيڪ آهي تہ پوءِ مرد بہ نيڪ آهي, اگر عورت سازشي ۽ شرارتڻ ۽ تنگدل آهي تہ پوءِ ڏينگو ئي ڏيرا! اهي مشاهدا منهنجي پنهنجي گهر ۾ منهنجي اکين جي سامهون جا آهن. جي ڪو مرد چوي

تہ منھنجو گھر ۾ ھيٽرو ڪنٽرول آھي، مان جيئن چاھيان ايئن ئي ٿئي تہ پوءِ انڪان وڌيڪ اوندھہ ۾ ڪير ڪونہ ٿو رھي، شايد ان کي اندازو ئي ڪونہ آھي، تہ ساڻس ڇا پيو وھي ڇا پيو ٿئي ان باري ۾ مان مڪمل طرح اڳتي ٻڌائيندس تہ آئون ان مرحلي مان ڪيئن گذريس مون ڇا ڪيو؟ مون سان ڇا ٿيو؟ ان جا سبب آھن؟ اھا بہ عجيب ڪھاڻي آھي!

مون مٿي ٻڌايو تہ ھاڻي اسين ڀائر بہ ھڪ ٻئي سان پنھنجي پنھنجي زالن جي ڪري ٿورو ٿورو وڇوٽيءَ ۾ رھياسين پر والد صاحب جي سخت طبيعت جي ڪري اجا بہ گڏ آھيون ۽ اجا بہ ٻاھران ڪير بہ ڪجھہ ڪنھن سان ڪو مسئلو ڪندو تہ وري بہ ڀائر گڏ! مطلب تہ اھو ٻاھريون ڀرم اڄ تائين قائم آھي!

*

ڪاروبار...

مڇيءَ جو ڪاروبار ڪافي وقت کان ھلندڙ ھئو ۽ ڪجھہ وقت بند ٿيڻ کان پوءِ 1978 ۾ ادا غلام حسين وري شروع ڪيو اھا مڇي ڊاٽسن جي ذريعي حيدرآباد، ڪراچي، لاڙڪاڻو سکر ۽ گھوٽڪي تائين ويندي ھئي، مان بہ باقي وقت ۾ ساڻس ھٿ پيو ونڊرائيندو ھئس، منڇر مان مڇيءَ لاءِ ڊاٽسن سيوھڻ مان برف ڪٽي بوبڪ طرف رواني ٿيندي ھئي، ان ۾ ھڪ ٻہ مزدور جيڪي برف بہ ڪٽي مڇيءَ ۾ ھڻندا ھئا، ۽ مڇيءَ جون ٽوڪريون ڀري گاڏيءَ ۾ وجھندا ھئا.

ادا غلام حسين مڇي لوڊ ڪرائڻ لاءِ اڪثر پاڻ ويندو ھئو جو اتي مختلف ميربحرن سان ھيءُ ئي پيو منھن ڏيندو ھئو انھن کي مڇيءَ لاءِ اڳواٽ ڏوڪڙ ڏيڻ ۽ ايترن ميربحرن سان ڪم ڪرڻو پوندو ھئو جيئن ڊاٽسن جو چڪر پورو ٿئي ايتري مڇي ھلي جو ڪرايو ۽ خرچ نڪري، سو ان لاءِ ھن جو اتي ھجڻ ضروري ھوندو ھئو، مڇيءَ جي واپار ۾ ھر ماڻھو ڪامياب ڪونہ ٿو وڃي، سڀ کان پھرين اوھان کي ان لاءِ گھربل تجربو ھئڻ گھرجي، جيئن تہ اصل ۾ اسانجو ڳوٺ منڇر بند سان لڳ پلھڻ آھي، ان وقت بہ ننڍو وڏو مڇي جو ڪم والد صاحب ۽ ادا غلام حسين ڪندا ھئا، پر اھو وقت ھو، جڏھن آمد رفت جو واحد ذريعو ٽرين ھوندي ھئي، ۽ ريلوي اسٽيشن تائين پھچڻ جو ذريعو اٺ گاڏي ڍاند گاڏي يا گڏھہ ۽ گڏھہ گاڏي ھوندا ھئا!

منڇر ڍنڍ

منڇر ڍنڍ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ رھي آھي، ھينئر ھي ڍنڍ يونين ڪائونسل بوبڪ جي حد کان شروع ٿي جوھيءَ جي علائقي ۽ ڪاچي کان خيرپور ناٿن شاھہ جي الھندي پاسي تائين پکيڙيل آھي، انڪري ھن ڍنڍ کي سيوھڻ تعلقي ۾ موجود سمجھيو ٿو وڃي، ضلع ڄامشوري جي ھيءَ ڍنڍ ھاڻي سنڌ جي ٻن ضلعن ڄامشورو ۽ دادو ۾ موجود آھي، اڳ ۾ ضلعو دادو ھڪ ھئو ھاڻي دادوءَ کي ٻن ضلعن ۾ ورھايو ويو آھي ۽ ٻيو ڄامشورو ضلعو ناھيو ويو آھي پر ڍنڍ جي اڄ بہ جاگرافيائي لحاظ کان ٻن ضلعن ۾ پکيڙ موجود آھي، ھيءَ ڍنڍ ھڪ سؤ چورس ڪلو ميٽر ۽ ٽيھٺ ھزار ڇھ سؤ پنجٽيھہ ايڪڙن جي ايراضيءَ تي پکيڙيل آھي، پر ڪڏھن اونھاري جي چوماسي وارين گھڻين برساتن سبب سندس ايراضي وڌي وڃي ٿي، ۽ 200 چورس ڪلو ميٽرن تائين پکڙجي وڃي ٿي، ھي قديم ۽ تاريخي مٺي

پاڻيءَ جي ڍنڍ آهي، هن ڍنڍ جي قدرتي حسن ۽ خوبصورتيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ خطرناڪ اسڪيم رٿي ويئي آهي. آر.بي.او.ڊي رٿا، ان جي ڪري سم نالن جي سموري زهريلي پاڻيءَ جو ڇوڙ ڍنڍ ۾ ڪيو ويو جنهن جي ڪري قدرتي تاريخي مٺو پاڻي زهريلو ڪيو ويو آهي، انڪري هزارن جي تعداد ۾ اڳ ۾ ئي بي گهر مهاڻا جيڪي منڇر جي اندر ٻيڙين ۾ پنهنجي رهائش جي لاءِ ڪچو ڇپر هٽي گهر جي لاءِ ڪتب پئي آندو ۽ ڏک سک گرمي سردي طوفان برسات کي منهن ڏيئي پنهنجن ننڍن ننڍن معصوم ٻارڙن سان سخت حالتن جو مقابلو ڪري منڇر ۾ رهيا پيا هوندا هئا. اوهان اندازو لڳايو ته وچ پاڻيءَ ۾ مستقل رهندڙ انهن مهاڻن ڇاڇا نه برداشت ڪيو هوندو. سخت گُهٽن ۾ گرميون ۽ گرمين کان بچڻ لاءِ اڌ ڏينهن پاڻي ۾ گذارڻ، سياري جي سرديءَ ۽ ولهه ۾ صرف ٻيڙي ۽ ان ۾ سيءَ جي جهل به نه! ننڍا معصوم ٻارڙا ۽ نازڪ عورتون سياري جي انهن برفانين راتين ۾ ڪيئن پاڻ ۽ پنهنجي ننڍن معصوم ٻارن کي بچائيندا هوندا؟! وري جي طوفان اچن ۽ انهن طوفان اندر اهي ٻيڙيون هوا جي مرضي سان پنهنجي رخ ۽ منزل خلاف هلڻ شروع ڪن. ان طوفان سان ڪمزور مهاڻا پنهنجي ونين ۽ اولاد سميت پيا مهاڏو اٽڪائين. طوفان ڇڪيو وڃي ڪين پنهنجي منزل کان پري! هيءُ انهن کان بچڻ لاءِ پيا زور لڳائين- ڪيتريون ٻيڙيون اونڌيون ڪيتريون ئي بي قابو ٿي لڙهيو وڃن. هنن جي رڙمتان رڙ، دانهون، ڪُوڪُون مردن کي پُڪار... پر اتي ته هر ڪو ماڻهو پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن ۽ ٻيڙي ۾ پيل روز مره جو سامان هنڌ ، ٿانوَ ۽ پاڻي جو مٽ يا دلو بچائڻ جي چڪر ۾ وري ان عذاب مان نڪرن ته وري منداڻتو مينهن به اچي لهي وري ان سان مقابلو ڪليل ٻيڙي- ان ۾ آسمان مان ايندڙ تيز بارش، ڪنوڻ جا لامارا، گوڙ جا نڪاءَ ۽ ڌماڪا... نه ڇت نه پڪو گهر ڪيئن ته ان ڪيفيت ۾ هنن جا هانءَ ڌڪندا هوندا پوءِ به جيئڻ ڪاڻ جيڏيون مون وڏا وس ڪيا.

هاڻ اهو پاڻي جنهن ۾ رهندا هئا جنهن ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪري گذر سفر پيا ڪندا هئا، ان کي زهريلو بڻايو ويو آهي. اربين روپين جا فنڊ آر.بي.او.ڊي وارن ڪامورن ۽ تر جي با اثر زميندارن پاڻ ۾ ورهائي ڪائي ويا ۽ پيا ڪائن، پر اهو حڪومت کي محسوس ڪونه ٿيو هنن کي پاڻي مان بي دخل ڪندڙ ملاحن لاءِ ڇا انتظام ڪرڻ گهرجي. هيءُ پاڻي جي بلبلي وانگر وڪرجي ذرا ذرا ٿي ويا پاڻي زهريلو ٿيو. پهرين مڇي مرڻ لڳي پوءِ ننڍا معصوم ٻار تڙپي مرڻ لڳا، نيٽ بڪ، بدحالي، موت، بي روزگاري ۽ ايتري قدر جو پيئڻ جو پاڻي به زهريلو هنن جي زندگي جو اڌ ٻرندڙ ڏيئو نيٽ پڙڪا ڪائي اجهامڻ لڳو ۽ هي پنهنجا ٻيڙين وارا گهرڙا ڪٽي ڪنهن نا معلوم منزل طرف روانا ٿي ويا، ۽ منڇر اجڙي وئي، ڪو دنيا جو ادارو جنهن ان تاريخي ڍنڍ جي تباهي جو نوٽيس ورتو هجي، جيڪا هتان جي غلط سرڪاري پاليسي، حڪمت عملي ۽ پروگرام جي ور چڙهي ويئي، ان اسڪيم کي 25 سال ٿي ويا آهن. اڃا پئي پوري ٿئي! مرـ جاڻ! ڪيترا نسل ختم ڪندي؟! هن ڍنڍ ۾ ان تباهيءَ کان اڳ ۾ 50 هزار کان 60 هزار ماڻهن جي آبادي- جيڪا پاڻيءَ ۾ رهندي هئي، جيڪا شايد پاڻيءَ ۾ رهندڙ دنيا جي وڏي آبادي آهي، هاڻي بي گهر ٿي ويا آهن، ۽ ڪير به انهن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهي.

ملاحن جي نفسيات

مڇيءَ جي واپاري کي ايترو پئسو ضرور هجڻ گهرجي جو هو مارين کي (مڇي جي شڪار ڪندڙ

ملاح ڪي ماري چوندا آهن) اڳواٽ پئسا ڏيئي سگهي. اوهانکي مڇي ملندي جي نہ. تہ پوءِ جيڪو وڏيڪ پئسا ڏيندو تہ انکي ڏئي ڇڏيندا! پوءِ جيڪو وڏيڪ پئسا ڏئي اڳ ۾ ڪٽي ويو تہ ٻئي جي ڏاٽسن خالي، جي مطلوبہ مڇي نہ ملي تہ برف ۽ ڪرايو نقصان. سو انڪري هر واپاريءَ وٽ 5، 4 سنا ماري هوندا آهن، انهن مارين جا پنهنجا هڙا (ٻيڙيءَ جو ننڍو قسم) جنهن تي مڇي شڪار ڪري گڏ ڪري ڪناري تي ڪٽي ايندا آهن، ۽ هر ماريءَ وٽ وري ايترا ئي ملاح هوندا آهن. جيڪي مڇيءَ جو شڪار ڪري ان ڪي اچي مڇي پچائيندا آهن. پوءِ اهو گڏ ڪري پنهنجي واپاريءَ وٽ مڇي ڪٽي ايندو ڪڏهن تہ ماري لالچ يا ڪيش پئسن جي ڪري اندران ئي اندران مڇي، ٻئي ماريءَ کي ڏيئي ڇڏيندو ۽ پاڻ 5، 4 ڪلو ڪٽي ايندو ۽ چوندو تہ اڄ شڪار نہ لڳو! اهي بہ ڪم ٿيندا هئا، ۽ انهن ڳالهين جي بہ واپارين کي خبر هوندي هئي، پر بي وس هوندا هئا. مطلب تہ ملاح جيڪي ڪنهن وڏي ڍنڍ ۾ هوندا آهن، انهن تي نظر نٿي رکي سگهجي ۽ منڇر تہ 100 ڪلو ميٽر وڏي ڍنڍ ڪو ملاح ڪهڙي پاسي تہ ڪو ملاح ڪهڙي پاسي سواءِ اعتبار جي، واپاري ڪجھ نٿو ڪري سگهي. ليڪن ملاح جيسيتائين ڪوڙ يا بي ايماني (مڇيءَ جي مارڻ واري معاملي ۾) نہ ڪري تہ هن کي مزو نہ ايندو. هزارن ۾ هڪ ايماندار ۽ زبان وارو! باقي ٿيو مڙئي خير! ڳالهائڻ ۾ وات ۾ گار هنن جي روزمره جو ڪم آهي، اهي سڀ مرحلا طي ڪري مڇي وڃي ڏاٽسن ۾ برف لڳائي، مٿان وري برف کي ڳرڻ کان ڪجھ بچائڻ لاءِ پلال، ٽٽا، تڏا، ويڙهي سوگهو ڪري رسن سان ٻڌبو تہ گاڏيءَ جي تيز اسپيڊ ۾ اهي تڏا وغيره جي اڏري ويا تہ هوا ۾ برف ختم ٿي ويندي، انجي نتيجي ۾ مڇي خراب ٿي ويندي ۽ مارڪيٽ ۾ نقصان ڪندي يا تہ مورڙن نہ کپندي. انڪري اهو سمورو انتظام ڪبو آهي.

اها مڇيءَ جي گاڏي منجھند جو هڪ ٻي وڳي منڇر ويندي ۽ مٿيان سڀ مرحلا طي ڪري شام جو ستين يا ائين وڳي ۽ ڪڏهن ڏهن کان يارهن بہ ٿي ويندا هئا. سيوهڻ ۾ اها گاڏي اچي منهنجي حوالي ٿيندي هئي، ۽ ادا وڏي کي خبر هوندي هئي تہ اڄ ڪهڙي شهر جي مارڪيٽ سٺي آهي، پوءِ اڪثر ڪراچي، حيدرآباد ڪڏهن لاڙڪاڻي، سکر، ۽ گهوٽڪي ۾ گاڏي مڇي ڪٽي ويندي هئي، جيڪا رات جو ڏهين وڳي تائين سيوهڻ مان رواني ٿيندي هئي، ان وقت روڊ رستا زبون حالت ۾ هوندا هئا. ڪراچيءَ تائين 8 ڪلاڪ، حيدرآباد 4 ڪلاڪ، سکر 8 ڪلاڪ، گهوٽڪي 10 ڪلاڪ ، ڪراچيءَ ۾ هڪ ئي مارڪيٽ ملندي صبح جو 4کان 6 وڳي تائين گاڏي پهچندي هاٽي مڇي وري اتان آڙهيتن جي حوالي.

آڙهتي ڇا آهي؟

هر شهر ۾ مڇيءَ جي مارڪيٽ ۾ لائيسنس يافتہ آڙهتي هوندا آهن. اهي ڪميشن تي مڇي کپائيندا آهن، اتان جا لوڪل واپاري جيڪي واڪ جي ذريعي ٿوري ٿوري مڇي کڻندا آهن. جيڪي وري هوڪن جي ذريعي پنهنجي علائقي ۽ ڳوٺ ۽ شهر جي گهٽين ۾ انهن کي (گهورڙيا) چوندا آهن. ۽ ٻيا وري مڇيءَ جي اڏي وارا يعني دڪاندار جيڪي شهر ۾ علائقن ۾ پنهنجي دڪان يا پڙين تي مڇي رکي گراهڪن کي وڪڻندا آهن.

اهي واڪ ذريعي هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ کڻندا آهن. اڌ مڻ ۽ مڻ جي ڍيري لڳائي ويندي هئي ان

۾ ننڍا وڏا واپاري واڪ پيا ڏيندا ۽ مال ڪٽندا. اها سموري ذميواري آڙهتي ـ جنهن کي ڪميشن ايجنٽ چئجي ان جي هوندي آهي. اوهانجو مال نيلام ٿيو اوهان کي حساب ڪري ڪميشن ڪٽي پئسا ڏيندو. باقي اڳين ننڍن وڏن واپارين سان هن جي اوڌر به هوندي آهي. ۽ ڪيش ۾ به وٺندا آهن. پر واپاريءَ کي پنهنجا پئسا ملي ويندا هئا. ڪنهن صورت ۾ رهجي به ويندا هئا. ته وري ٻئي چڪر ۾ ملي ويندا هئا. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ته ڪنهن هڪ ڪميشن ايجنٽ کي مال ڏبو هئو ۽ مال نيلام ٿيڻ کان پوءِ ڪلاڪ ٻن جي اندر حساب نهندو پرچي ۽ ڪيش ملندي ۽ گاڏي وري واپس پنهنجي منزل ڏانهن رواني ٿي ويندي هئي. انڪري ان گاڏيءَ ۾ ڊرائيور به تقريبن ٻه هوندا هئا. هر روز هڪ ڊرائيور کي 24 ڪلاڪ گاڏي سان گڏ هلڻو پوندو هو. گاڏي ساڳيو سفر 6 کان 8 ڪلاڪن ۾ طي ڪري سيوهڻ پهچندي هئي. اتي وري ادا غلام حسين انتظار ۾ هوندو هئو واپس اچي دلال واري پرچي ۽ ڪميشن هن جي حوالي ڪبي هئي. ۽ وري برف ڪٽي ڊاٽسن تي ۽ مزدور وٺي وري وجي بوبڪ لڳ منڇر ڍنڍ تي مڇي جي اچڻ جو انتظار ڪندو هئو ۽ وري ساڳي طرح اچي سيوهڻ پهچندو هئو جڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مارڪيٽ ۾ نقصان ٿيندو هئو. ته معلوم ڪري وٺندو هئو. لاڙڪاڻي ۽ سکر جي مارڪيٽ جو به معلوم ڪندو هئو يا وري الله جي آسري ڪراچيءَ جي مارڪيٽ ۾ موڪلي ڇڏيندو هئو!

نقصان جي پيش نظر اپر سنڌ ڏي وڃڻو پوندو هئو. پوءِ اتي لاءِ روانو ٿيندو هئو. سڀ کان پهرين لاڙڪاڻي جو شهر ايندو هئو. ان وقت ۾ امن امان جي صورتحال ايتري خراب ڪونه هئي جو اجا ضياءَ کي آئي به ٿورو وقت گذريو هئو. سنڌ جي امن امان جي صورتحال ته جنرل ضياءَ جي دور ۾ خراب ٿي. هتي انتظامي امور مڪمل طور اسٽيبلشمنٽ وٽ هئا. انهن شايد اهو طي ڪيو هو ته ڀٽي کي ڦاسي ڏيڻ کانپوءِ جيڪي احتجاج ڪن انهن کي سزائون ڏيڻ ۽ باقي امن پسند سنڌي ماڻهن کي ڌوهارين ۽ ڪرمنل ماڻهن جي حوالي ڪرڻ جي پاليسي جوڙي هئي. ايسيتائين ڪجهه امن امان ٺيڪ هئو. جو اسين هميشه رات جي انڌيري ۾ مڇين سان ڀريل گاڏيون ڪاهي وڃي ڪڏهن ڪراچي ته ڪڏهن سکر، گهوٽڪي، يعني سنڌ جي هر ڪنڊ ۾ واري واري سان هر روز وڃڻو پوندو هئو ۽ واپس اچڻو پوندو هئو ڪڏهن به اهڙو واقعو پيش نه آيو جو ايندي ويندي ڪا ڦر ٿي هجي يا ڪو اهڙي قسم جو مسئلو ٿيو هجي. سيني کي خبر هوندي هئي ته هي مڇي جا واپاري ۽ مڇين جون گاڏيون آهن. جو ايتري وڏي سفر ۾ ڪيترن روڊن جي هوٽلن تي ايندي ويندي ماني ۽ چانهه وغيره لاءِ بيهڻو پوندو هئو باقي ان دوران ڪيترائي ٻئي قسم جا واقعا ۽ ايڪسيڊنٽ وغيره ضرور ٿيا ۽ ٿيندا رهندا هئا.

❋

باب اٺون
زندگيءَ ۾ ايئن به ٿيندو آ...

منهنجي زندگيءَ جو پهريون حادثو

10 اپريل 1978 تي جنرل ضياءُالحق سيوهڻ جي دوري تي قلندر جي زيارت واسطي آيو هئو. ان ڏينهن وڏي ياءُ چيو ته اڄ گاڏيءَ سان آئون حيدرآباد ٿو وڃان. جو مارڪيٽ ۾ ڪجهه پئسا ڏوڪڙ به رهيل هئا. اهو حساب به ڪرڻو هئو. هن ڪي مڇيءَ لاءِ سوزوڪي ڪيري ڪرائي تي ڪرڻي پئي جو مڇي ڊاٽسن ڪان گهٽ هئي. مڇيءَ جي ڪم ۾ رات ڏينهن جي هل هلان هوندي هئي. انڪري اڪثر واپاري هلندي گاڏيءَ ۾ پنهنجي ننڊ پوري ڪري وٺندا هئا. سوزوڪي-ڪيري حيدرآباد لاءِ رواني ٿي. اڳيان ڊرائيور ۽ ادا غلام حسين ويٺل هجن. ۽ هڪ ڪلينر وري مڇيءَ جي مٿان ويڙهيل تڏن تي ويٺو هوندو هئو. يا سمهي به پوندو هئو. گاڏي رات جي انڌيري ۾ بي وڳي ڌاري سيوهڻ ڪان پنهنجو سفر حيدرآباد لاءِ شروع ڪيو. اڃا هڪ ڪلاڪ جو پنڌ ڪري آمريءَ ڪان ٿورو اڳتي ۽ وڏن چيڙن ڪان پوئتي هجي. ته ڊرائيور کي به ننڊ جو جهوٽو اچي ويو. اڳيان ٽرڪ پئي ويئي. هي پٺيان پئي ويا. ٽرڪ جي رفتار انتهائي گهٽ هوندي آهي. انڪري ڊرائيور جهوٽي ۾ وڃي ٽرڪ جي پرسان پهتو. اوچتو اک کليس ته گاڏي وڃي گاڏيءَ سان لڳڻ واري هئي. ته هن تڪڙ ۾ پنهنجو پاسو ٽرڪ جي ڪنڊ ڪان ٻاهر ڪڍي ورتو. باقي ادا واري پاسي وارو حصو وڃي ٽرڪ جي پٺيان لڳو. زوردار آواز تي ننڊ ۾ ستل همراهه ڇرڪ پري اٿيو. ته ٻئي گاڏيون لڳي چڪيون هجن. سوزوڪي ڪيريءَ ۾ اڳيان ڪا به جهل ڪانه هوندي آهي. ڪمزور لوهه جي چادر سان ٺهيل ڪا به بچاءَ جي شيءِ ڪونه هئي. سو ادا غلام حسين جي منهن واري حصي ۾ جيڪي گاڏيءَ جا شيشا پڳا انهن نڪ ۽ وات وارو حصو متاثر ڪيو. سڀ ڏند پچي پيس. وات جي ٻنهي چپن ۾ بي انتها شيشي جا ذرا لڳڻ ڪري ڄاڙيءَ تائين چيرجي پيس. ٻئي ٽنگون هنڌان هنڌان پچي پيون سوزوڪيءَ جو گيٽ چبو ٿي پيو همراهه وڃي هٽيڪو ٿيو. هڪ زخمي ٿيو نڪرڻ جي ڪا به راهه نه! ڊرائيور وارو پاسو بچي ويو. ان کي هلڪيون رهنديون آيون. پٺيان ڪلينر وڃي هيٺ ڪريو. ان جو بچاءُ ٿي ويو. ڊرائيور بجاءِ هن جي مدد ڪرڻ جي مڪر ڪري روڊ جي پاسي ۾ ليٽي پيو. ڪجهه وقت ۾ اتي هڪ به ٽرڪ پهتي ان جي ڊرائيور هن کي سڃاتو ته هيءُ ته برف جي ڊيپو وارو آهي. سيوهڻ وارو. ان همٿ ڪئي. هڪ ٻه ٻي ٽرڪ به روڪي ٻه-ٽي ڊرائيور ڄڻا لوهه جون راڊون ڪٽي جيڪي ٽرڪ جي ٽائر مٽائڻ لاءِ ڪم ايندڙيون هيون. اهي سوزڪي پڪ اپ جي چيپل دروازي کولڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. وڏي احتياط سان اڌ ڪلاڪ ۾ هن کي سوزوڪي پڪ اپ مان ڪڍيائون. هن ٻيهڻ جي ڪوشش ڪئي. ليڪن ٽنگن ۾ ڪجهه ستُ ڪونه. اهي ته چڪنا چور هيون. ڇا تي بيهي؟! وڃي هيٺ ڦهڪو ڪيائين. دلير هئو سڄي زندگي جهيڙن ۾ رهيو. انڪري ان زخمن کي ڪونه ليکيائين. تمام ڏاهو هئو هن چيو ته جي رڙيون ڪيم يا جي بيهوش ٿي

ويس، تہ هي پڇي ويندا. منهن مان، نڪ مان، وات مان رت هلي پيو پاڻ سان هميشہ ڪلهي تي رکڻ وارو رومال (انگوشو) رکندو هئو جيڪا تنگ گهٽي پڳل هئي ان کي انگوشي سان ٻڌائين ۽ ٽرڪ وارن کي چيائين مونکي ڄامشورو پهچايو ٽرڪ وارا ڀهرين ڊڄي ويا، پوءِ هنن چيو تہ يار جي هن کي نہ ڪنيوسين تہ هيءُ رت وهڻ ڪري مري ويندو انڪري هن جي زندگي بچائڻ لاءِ اسين هي رسڪ کڻون ٿا، ٻئي چيو تہ جي رت نہ بيهيس ۽ وات تي مري وڃي پوءِ تہ اسان جي ڦڳچيءَ ۾ فلم پوندي، هن چيو تہ الله خير ڪندو هوڏانهن ادا چين تہ جي مري وڃان تہ اتي ڇڏي هليا وڃجو! ٽرڪ وارن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. ان کي کنياٺون اڳيان سيٽ تي ليٽاياٺون انهن کان جيترو ٿيو سندس زخمن کي اگهندا ۽ ڪٽان ڪٽان ٻڌندا رهيا، ۽ هر گهڙي پڇندا بہ رهيس، تہ طبيعت ڪيئن آهي، هنن کي جواب پئي ڏنو ۽ ڪوشش ڪيائين تہ جيئن بيهوش نہ ٿيان نہ تہ هي اڇلائي هليا نہ وڃن. ايئن ڪندا صبح جو سوير ڄامشوري جي اسپتال ۾ پهتا، هن سان گڏ ڪير ڪونہ هجي، ايمرجنسيءَ ۾ کڻي ويس، ان وقت اسپتال ۾ سڀ سهولتون ۽ سٺا انتظام هيا، صبح جو سرجن عبدالغني کي فون ڪيو ويو اهو اچي پهتو هن سندس نڪ ۽ جاڙيءَ کي تقريبن 30 جاين تي ٽانڪا هنيا، ٽنگن جي ڊريسنگ ڪئي، ۽ هن کي آرٿوپيڊڪ وارڊ ۾ شفٽ ڪرڻ جو چيو ۽ چيائين تہ هن کي پاڻي ۽ ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڏيو جو هن جي پيٽ ۾ ڪافي رت وهي هليو ويو آهي، تيستائين هيءُ بہ مڪمل بيهوش ٿي ويو ۽ هن کي ان عالم ۾ آرٿوپيڊڪ وارڊ ۾ منتقل ڪيائون، سرجن غني جي وارڊ ۾ هن کي رت بہ چاڙهيو ويو. هوڏانهن صبح جو آئون مارڪيٽ ۾ منتظر... ڪا خبر ڪونہ تہ گاڏي ڇونہ پهتي، ايتري ۾ هڪ ٻي گاڏي جيڪا اتان ڪجهہ ڪلاڪ پوءِ پهتي، انهن مڃي جي گاڏي جو ايڪسيڊنٽ ڏنو ڪين اتان وينل ڊرائيور ۽ ڪيلينر ٻڌايو تہ غلام حسين ابڙو جي مڃي آهي، حادثو ٿي پيو هو تمام سيريس هئو ٽرڪ وارا کيس ڄامشورو زخمي حالت ۾ کڻي ويا آهن، مارڪيٽ ۾ اها ڳالهہ هلي، مونکي پنهنجي ڪميشن ايجنٽ ٻڌايو تہ تنهنجي پاءُ جو ايڪسيڊينٽ ٿيو آهي، هن کي ڄامشوري اسپتال ۾ کڻي ويا آهن، مون تي اها خبر وڄ وانگر اچي ڪري ۽ اکين جي اڳيان انڌاري اچي ويئي، دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ڪجهہ وقت تہ خاموش ٿي پنڊ پهڻ ٿي بيهي رهيس، ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ پيو اچي ڇا ڪيان، يا الله خير ڪجان، ڇا ٿيو هوندو؟ اسپتال ۾ ٺيڪ هوندو اهي خيال ۽ سوچون دماغ تي ڇانيل رهيون، نيٺ ان ڪيفيت مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، تہ هاٽي جيڪو بہ ٿيو وڃي ڄامشورو پهچان تہ خبر پوي، ايئن آئون مڃي مارڪيٽ مان روانو ٿيس، ڪنهن بس ۾ چڙهي ڄامشوري اسپتال پهتس، پڇاڻو ڪيم، چيائون تہ سرجن غنيءَ جي وارڊ ۾ هوندو اتي ويس، پڇا ڪيم، چيائون اسان جو ڪم ختم ٿيو هاٽي کيس آرٿوپيڊڪ وارڊ ۾ ڊاڪٽر گل محمد ميمڻ وٽ منتقل ڪيو اٿئون، اتي پهتس همراهہ جي حالت نازڪ هجي. اڃا تائين هوش ۾ ڪونہ هجي، ڊرپون چڙهيل، وات مان ساهہ کڻڻ لاءِ هڪ نلڪي وڌل هجيس، جيئن ڏند پڇڙجي نہ وڃنس، ۽ ٻنهي ٽنگن تي وڏيون پٽيون ٻڌل هجن، ڏاڍي حالت خراب ڊاڪٽر کان پڇيم، چيائون تہ ايڪسري ڪيون پيا، ٽنگون تمام گهٽيون ٽٽل آهن، باقي وڌو ڊاڪٽر اچي تہ پوءِ ڏسون ٿا، باقي هن جو پاڻي ۽ ماني وغيره بند آهي، همراهہ ڊرپ ذريعي هلندو ۽ علاج بہ ان وسيلي ڪيو ويندو مان اهو منظر بہ ڏسندو رهيس، اسپتال ۾ جيڪي مريض جنرل وارڊ ۾ داخل هيا، انهن ڏي نهاريندو رهيس، دل ۾ ڪيترائي خيال سوچون ۽ ڊپ هجي، تہ ڇا ٿيندو هي تہ اسان

جي سموري خاندان جو سرواڻ سنياليندڙ وڏو ۽ تمام ڏاهو ۽ قابل ماڻهو۔ جيڪو اڄ بيوسيءَ جي عالم ۾ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ آهي، بچي به سگهندو الاءِ نه؟ اهڙا خيال ايندي ڇرڪ نڪري ويندو هئو. وري سوچن ۾ گم اڃا ڪجهه به نه پيو ڪري سگهان. پئسو ايترو هجي جو سرڪاري اسپتال ۾ گهربل دوائون ۽ انجيڪشنون مس پوريون ٿي ڪري سگهياسين. جي خانگي اسپتال ۾ وڃون ته الائي ڪيترو وقت ۽ پئسو لڳندو. اهي سڀ خيال سوچون سيني ۾ سانڍي ڪائونٽر تي ويٺل هڪ نرس ۽ هڪ ڊاڪٽر ڏي خيال ويو. خوبصورت نرس جنهن جو تعلق پنجاب سان هجي، هتي نرسنگ ڪورس ۽ اسپتال جي ٽريننگ ڊيوٽيءَ تي هجي. ان سان گڏ هڪ هائوس جاب ڪندڙ ڊاڪٽر ويٺل هجي، ٻئي پاڻ ۾ محو گفتگو هجن. خبر نه آهي، ته مريضن جي علاج ۽ صحتيابي بابت پئي ڳالهايائون يا پنهنجي ڪنهن ذاتي ڳالهه ۾ مصروف هيا!! مان خاموش قدمن سان انهن طرف وڌڻ جي ڪوشش ڪئي، هڪ وار سوچيم ته هنن سان، ادا جي متعلق بحث ڪيان، وري ٿورو خيال آيو ته ڪٿي منهنجي مداخلت سبب سندن ڳالهين جو سلسلو ٽٽي نه پوي، ۽ پوءِ بيزاريءَ ۾ صحيح طرح ڪجهه به نه ٻڌائين. جو سرڪاري اسپتال جي علاج ۽ اتي موجود ڪاسائي نما ڊاڪٽرن جي روين کان سڀ ماڻهو واقف آهن! مهذب معاشرن ۾ ته علاج، تعليم، ۽ روزگار جو معاملو سرڪار جي ذميواري آهي، هتي سڀ ذميواريون ماڻهوءَ کي پاڻ ٿيون نڀائڻيون پون. وري ڪنيل قدم روڪي واپس اچي مريض جي پير ۾ رکيل ڪاٺ جي اسٽول تي ويهي رهيس. ٿوري دير ڪانپوءِ وارڊ ۾ ٻاڄ ۽ گوڙ شروع ٿي ويو! گوڙ مريض يا سندن عزيزن جي طرفان ڪو نه هئو بلڪ گوڙان تي هو جو نرسن ۽ وارڊ بواءِ طرفان رڙ پئي پوي ته جلدي ٻاهر وڃو وڏو ڊاڪٽر وارڊ ۾ ٿو اچي!! ايئن ڪٽي تڙ تڪڙ ڪيائون جڻ ڪو فاتح ۽ حاڪم پنهنجي راڄ سان ملڻ ايندو هجي، هتي ته مسيحا هجڻ گهرجن. جيڪي ڏکويل ماڻهن جي داد رسي ڪن، زخمين ۽ بيمارن تي توجهه ڏين، هنن جي دلجوئي ڪن، پر هيءَ ته ڪم ئي ابتو نظر آيو! نڪرو نڪرو جلدي ڪيو ڊاڪٽر صاحب ٿو اچي ڪٽي اوهانکي مريضن سان گڏ ڏسي ڇڙي نه پوي، وارڊ خالي ڪيو. ماڻهن ويچارن ۾ جڻ ڀاڄوڙ پئي، سڀ ماڻهو جڻ هر روز ايئن ٽيڻ جا هريل هئا، ڪين خبر هئي ته ايئن به ٿيندو آهي، پر مون لاءِ سمورو منظر نئون هجي، جو 22 سالن جي عمر ۾ پهريون دفعو ايترو وڏو حادثو پيش آيو هو مان سڀ ڪجهه پهريون دفعو ٿيندي پيو ڏسان. مونکي خيال آيو ته ڇا ڊاڪٽر جي ايتري دهشت انڪري ٿي ويهارجي ته مريض ۽ سندس تيماردار اسانجي ۽ پروفيسر انچارج جي رحم ڪرم تي هجن!! اسين ڇا به ڪيون خوف ۽ ڊپ مان ڪير به اسان کان ڪوبه سوال نه ڪري، علاج لاءِ نه پڇي سگهي!! پيو خيال اهو آيو ته مريضن جي خدمت صرف وارڊ اسٽاف، نرسن ۽ ڊيوٽي ڊاڪٽرن کي ڪرڻي آهي، تيماردار ڏسندو ته ڪين دٻ پٽيندو يا پروفيسر صاحب جي وزٽ وقت ڪير به نه هجي، جو ان کان هر متعلقه مريض بابت انجو تيماردار صحت بابت سوال ڪري ۽ پروفيسر جو وقت زيان ٿئي. بهرحال انهن مسئلن مان مونکي سمجهه ۾ اهو آيو ته هيءُ پروفيسر صاحب کي ايترو پروٽوڪول ڏين ۽ سندس آمد کي ايترو خوفناڪ ۽ پوائنٽو ڪري ٿا پيش ڪن جو جيڪڏهن مريضن جو مائٽ ايئن نه ڪري ته ڪيس ويتر خوف پيو محسوس ٿئي ته ڪاٿي مريض جو نه ڪم لاهي ڇڏين. اسين ٻاهر بيناسين ڪجهه دير ۾ پروفيسر ۽ ٻه ،ٽي ٻيا ڪي سينيئر ڊاڪٽر جن ۾ وارڊ جو رجسٽرار به هجي، اچي پهتا. سڄي وارڊ کي اڌ ڪلاڪ تائين ڏسندا ۽ مريض جي مٿان ٻه،ٽي

منٽ بيهندا، ان جي دوائن ۾ جن جو آپريشن ڪرڻو هجي، ان لاءِ هدايتون ڏيڻ ته هن مريض جو فلاڻي ڏينهن آپريشن آهي، پروفيسر صاحب جي وارڊ جي مريضن لاءِ هڪ هفتي ۾ 2 ڏينهن آپريشن جا رکيل هوندا آهن، انهن ٻن ڏينهن لاءِ هو جنهن کي وڌيڪ ضروري سمجهندا آهن، آپريشن ڪري ٽنگون، ٻانهون يا ڪيترن جي مٿي ۾ ڌڪ ۽ فريڪچر هوندا هئا، انهن جي وڍ ٽڪ ڪري وٺندا هئا، پروفيسر ۽ ڊاڪٽر گهمي ڦري ٻاهر هليا ويا، ان دوران جي ڪو مريض جو مائٽ، عزيز وارڊ جي ٻاهران دروازي مان ليئو پائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو هئو ته گيٽ تي ويٺل چوڪيدار خون خوار اکين سان ڏسي اهڙي دٻ ڪڍندو هئس، جو گلو ئي خشڪ ٿي وڃي اڏ پروفيسر اهو هجي، ڪيترا دفعا ته ايئن به ٿيندو هو جو ڪنهن انتهائي سيريس مريضن جو عزيز پنهنجي مريض متعلق يا پنهنجي دل جي تسليءَ لاءِ ڊاڪٽر صاحب سان ملڻ جي ڪوشش ڪري دروازو کولڻ جي ڪوشش ڪندو هئو ته چوڪيدار هن جي مٿان هيبتناڪ جانور وانگر اکيون ڦوٽاري اهڙي ته ٻوهه ڏيندو هئو جو مريض ته پنهنجي جاءِ تي، تيماردار به بي حال ٿي پوندو هئو ڊاڪٽر جي خوفناڪ وزٽ ختم ٿي، آهستي آهستي ماڻهو اندر وڃڻ شروع ٿيا، پنهنجي مريضن وٽ وڃي ويٺا، منهنجي پاءُ لاءِ في الحال اهو آرڊر ٿيو ته هن هڪ ٽنگ ۾ زخم ڪجهه گهٽ آهن، ٻي ٽنگ گوڏي جي هيٺان هنڌ هنڌ تان ٽٽل آهي، انکي پهرين زخم ڇٽائجي پوءِ پٽو چاڙهي ٽٽل ٽنگ جي هڏن کي ملائجي...

هڪ ٽنگ جي حالت اها هجي جو پنيءَ واري پاسي ڇئن انچ تائين گوشت ڇيرجي خراب ٿي ويو هجي، ۽ ان پاسي کان ٽنگ جي هڏي به نظر پئي اچي، پهرين ته آپريشن ٿيئٽر ۾ وٺي وڃي، سندس ٽنگ مٿان جيڪي ڇيريل گوشت جا لڙڪيل ٽڪرا هئا، انهن کي ڪٽي ڇڏيائون، هونئن ته هر مريض جي ڊريسنگ تقريبن وارڊ ۾ ٿيندي آهي، ليڪن هن کي آپريشن ٿيئٽر ۾ وٺي وڃي، ڊريسنگ ڪندا هئا، آهستي آهستي نيم بيهوشيءَ مان نڪتو مونکي ڏٺائين ته اشارن ذريعي محسوس ڪرايائين ته ڏس، مان ڪهڙي حال ۾ آهيان، ادا سائين جي ان ڏسڻ جي انداز منهنجي هانءُ کي جهوري وڌو وڏو پاءُ پيءُ جي جاءِ تي مونسان سندس گهڻي وابستگي رهي، هر واپار، ڪاروبار ۾ ڏنڌي ۾ سيني پائرن کان وڌيڪ آئون هن سان ٻانهن ٻيلي هوندو هئس، ۽ ڏک سک ۾ مان هن سان ۽ هو مونسان هوندو هئو اڄ جڏهن ڪيس ان حالت ۾ موت سان جنگ ڪندي ڏٺم، ته آئون ته مڪمل مايوس ٿي ويس، اشاري سان پاڻيءَ جي گهر ڪيائين، مون ڊاڪٽر کان جيڪو وارڊ ۾ ويٺو هجي، پڇيو ته مريض پاڻي ٿو گهري، هنن سختيءَ سان منع ڪئي، ته پاڻي ناهي ڏيڻو جو هن کي پاڻي ڏبو ته هن جي پيٽ اندر ويل رت ۾ پاڻي گڏجي وري ڪو نئون مسئلو پيدا ڪندا ۽ مريض جي زندگيءَ کي خطرو لاحق ٿي سگهي ٿو، باقي پاڻي ۾ مانيءَ جو ڪم اهي جيڪي ڊرپون هنيون اٿئون، اهي ڪنديون، ڊرپ هڪ اڃا پوري ٿئي پئي ته ٻي لڳائين پيا، ايتري ۾ مون کي ٿوري سمجهه آئي مون حميد شيخ – جيڪو سندس سالو ۽ ميڊيڪل جو آخري سال جو شاگرد هجي، کي فون ڪيم ڪمري ۾ نه هجي، سندس پارٽنر غلام مجدد قريشي اهو به سيوهڻ جي لڳ ڇنن جو هجي، کي نياپو ڏنم، ۽ پوءِ ٻي فون سيوهڻ ڪيم، ادا غلام قادر کي ٻڌايم ته ادا جو رات ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي، هنن ٻڌو ته پريشان ٿي پيا، هيئنر ڪيئن آهي؟ چيم ٺيڪ آهي، الله خير ڪيو توهان اچو هن وقت ضرورت آهي، مان اڪيلو ڪونه ٿو سنڀالي سگهان، مون هنن کي سندس انتهائي نازڪ حالت کي لڪائيندي چيو الله خير ڪيو

آهي، ڪجهه ٽنگن ۾ منهن ۾ ڏک اٿس، هي اتان روانا ٿيا. هن سان گڏ ادا ڪريم بخش به گڏ آيو هجي.

هوڏانهن مريض چند گهڙين لاءِ اکيون کوليون وري نيم بيهوشيءَ جي عالم ۾ ٻئي پاڻ جيئن ئي اسپتال جي وارڊ ۾ هن کي ڏسڻ لاءِ آيا، ۽ جيئن هن تي نظر پيئي هنن کان دانهون نڪري ويون. ۽ ادا غلام قادر ته اتي جو اتي بيهوش ٿي ڪري پيو. هن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنياسين ۽ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. همراهه ڇڻ هٿن مان پيو وڃي، هن کي ٿوري دير ۾ هوش آيو زار و قطار روئڻ لڳو ڪريم بخش به آبديده هئو ٿورو ڳالهائڻ جهڙو ٿيو ته مونکي چيائين. تو ته چيو خير آهي، بچاءُ ٿي ويو آهي، هي ته همراهه بلڪل سيريس آهي، مون کين چيو ته ڪڏهن ڪڏهن حوصلي کان ڪم وٺڻو پوندو آهي، اوهانکي جي اهڙي صورتحال فون تي ٻڌايان ها ته اوهان ته اتي ئي هنجون هاري ويهو ها! انڪري مون ضبط کان ڪم ورتو. ايتري وڏي حادثي کي ننڍو ڪري پيش ڪيو جو اوهان کي سفر واري ٽائيم جي تڪليف گهٽ پهچي، ادا غلام قادر جي طبيعت اها هوندي هئي ته گهر جي ڪنهن فرد جي تڪليف برداشت ڪونه ڪندو هئو ۽ هڪدم بيهوش ٿي ويندو هئو ادا جي پنهنجي ڪٽنب سان جذباتي حد تائين محبت هوندي هئي. حالانڪ وڏو ملهه پهلوان هئو ملاڪڙي ۾ ملهه وڙهندي ڪيترا دفعا هن کي ڏک آيا. زمين مان نڪاءُ نڪرندو هئو پر هيءُ ان مهل اٿي بيهي رهندو هئو هڪ دفعو ملهه ۾ ٻانهن ٻه ۽ چنبو به ڀڄي پيس. ليڪن بيهوش ڪونه ٿيندو هئو پر دل جو ايڏو نرم جو ڪو صدمو ۽ ڏک به برداشت ڪونه ڪري سگهندو هئو روئڻهارڪي ڪيفيت ٿي پوندي هئس. هيءُ مون سان ڪجهه ڏينهن اسپتال ۾ رهيا، پوءِ ڪيترا دوست عزيز مٽ مائٽ ايندا ويندا رهيا.

مريض جي پوزيشن اها هئي جو ٽنگ جي زخم مان بدبوءِ اچڻ شروع ٿي، وارڊ ۾ نئون ماڻهو داخل ٿيندو هئو ته هن جو ڪپهه ۾ ويڙهيل زخم پيو سمندو هئو جنهن مان هاڻي بدبوءِ اچڻ شروع ٿي، ڊاڪٽر گل محمد کان پڇايوسين، چيائين هن جي هڪ ٽنگ ۾ گينگ گرين ٿي پئي آهي، اسان هن جي هر روز پٽي ڪيون پيا ته زخم تي ڪنٽرول ٿئي، ۽ گينگرين تي ضابطو آڻجي، ليڪن ان لاءِ مشڪل اها آهي ته سرڪاري اسپتال ۾ اسان وٽ جيڪي دوائون آهن، يا جيڪي ميڊيڪل اسٽور تي آهن، اهي استعمال ٿا ڪيون باقي هڪ انجيڪشن آهي، ان جو نالو لکي ٿو ڏيان، ڪراچيءَ مان ڪنهن وڏي اسٽور تان معلوم ڪيو جي اها گهرائي ڏيو ته پوءِ ان جو ڪورس آهي، شايد 8 انجيڪشنون لڳنديون هڪ هفتي ۾! جيڪڏهن نه ملي سگهيون، ته پوءِ سواءِ ان جي ڪو چارو نه آهي، جو هن جي ٽنگ گوڏي کان هيٺ ڪٽي وڃي! هونئن به ڊاڪٽر گل محمد لاءِ مشهور هئو ته هو جيترو پلو فزيشن هئو ان کان وڌيڪ وڏ تڪ جو ماهر هن کي سندس ڪرت سبب ڪاسائي به چوندا هئا. هن جي انهن جملن ڇڻ آسمان ڪيرائي وڌو! ڏٽيءَ در ٻاڏائيندا رهياسين. مريض کي ڪجهه ڪونه ٻڌايوسين. پاڻ ۾ پئي صلاح مشورو ڪيوسين، ته هاڻي ڇا ڪجي، ڊاڪٽر گل محمد ميمڻ وڏڻ جي ڳالهه ڪري ته پوءِ اهو ڪري به ڏيکاري! هن کي ٻين ڪيترن واسطيدار ڊاڪٽرن کان چورايوسين. هن جو جواب اهو هجي ته جي چئن ڏينهن ۾ ان انجيڪشن جو انتظام نه ٿيندو ته اسين ٽنگ کي ڪٽينداسين. وارڊ ۾ ڪيترا مريض هئا، انهن مان ٻٽن ڄڻن جي ٽنگ ڪٽيل به هئي، جيڪا پڻ ڊاڪٽر صاحب سندن زندگي بچائڻ لاءِ ڪٽي ڇڏي هئي، ۽ غريب ماڻهوءَ کي، جي علاج هلندي پئسا نه اٿس ته اهو ئي ٿيندس.نه ته

گينگرين وڌندي ۽ زندگي خطري ۾ اچي ويندي، مون ڪجهه پئسا ڪنيا جو ان وقت ۾ مونکي چڱي طرح ياد آهي، تہ 3800 سَوَ جي لڳ ڀڳ اها انجيڪشن هئي، ڪراچيءَ ۾ پڇندا رهياسين، مون لاءِ تقريبن نئون شهر، هٽ ۾ پرچي زبان تي ورد رستي تان جيڪو اسٽور ڏسان معلوم ڪيان، پر پرچي ڏسي چون تہ اجا اڳتي، سول اسپتال ۾ وڏا اسٽور آهن، سيني چيو تہ ڪونہ آهي، هڪڙي ڪي روئڻ واري انداز ۾ منٿ ڪيم تہ پلا ڪو ڏس ڪو پتو، حالت اها هجي جو دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو اکين ۾ انڌاري پير پنڌ ڪرڻ کان جواب ڏئي بيٺا، حالانڪ نوجوانيءَ جي عمر هجي، ان عمر ۾ ماڻهو الائي ڪهڙي جدوجهد ڪندا آهن ۽ ٿڪبا بہ ڪونہ آهن، ليڪن آئون تہ مسلسل ذهني عذابن جو ايترو گهرو اثر ورتو جو اعصابن بہ جواب ڏيئي ڇڏيو. هن ڪي ملم پٽيءَ وقت بيهوش ڪونہ ڪندا هئا، جو اهو روز ممڪن ڪونہ هوندو هئو پوءِ جيڪي دانهون ڪندو هئو ۽ جيڪو هن عذاب برداشت ڪيو ان لاءِ قلم ۾ طاقت ڪانهي، تہ هن جي تڪليف ۽ سور جي سٽ لکي سگهي! پٽي ڪرائي ٻاهر نڪرندو هئو تہ سندس چهرو ۽ اکيون ڳاڙهيون هڪ ڪلاڪ تائين پيو ڪنجهندو ۽ الله الله ڪندو هئو اهو منظر بہ هاڻي روز جو معمول تي ويو ۽ ان پوزيشن ۾ آئون تہ نڪري وڃي ڪنهن ڪنڊ ۾ روئندو ۽ رحمان الله ڪي ٻاڏائيندو هئس تہ منا هاڻي معافي ڏي، الله سائين شل ڪنهن دشمن ڪي بہ اهڙي آزمائش ۾ نہ وجهي، اهي سڀ ٽينشن ۽ تڪليفون ڏسي آئون بہ بيوس ٿي پيو هئس.

سڄي ڪراچيءَ جي اسٽورن تان سڪو جواب مليو پر هڪ ڏس بہ مليو تہ ايم اي جناح روڊ تي ڪوثر ميڊيڪل اسٽور آخري آهي، اتان ملي ويندي، جي نہ تہ پوءِ بس، اتي ويس پرچي اسٽور واري جي اڳيان جهليون بيٺو هجان، ڪافي مريض ۽ ماڻهو دوا جي لاءِ بيٺل هئا، اندران بہ ڪافي ماڻهو دوا ڏيڻ لاءِ بيٺل هئا، نيٺ منهنجو وارو آيو پرچي ورتائين پڙهيائين منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي، دعائن جو ورد زبان تي ۽ دل تي الله جو آسرو ۽ اميد تہ من ملي پوي، پرچي ڏسي اندر ويو وڃي اتي ٽيبل تي ويٺل هڪ همراهہ کي ڏنائين، جنهن پرچي ڏسي ڪنڌ کي انڪار ۾ ڌوڻيو هن جي انڪاري ڪنڌ جي هلچل منهنجي دل جي ڌڙڪن کي جڻ بند ڪري ڇڏيو آخري اميد بہ ختم منزل تي پهچڻ لاءِ مسافر جي آخري گاڏي بہ جڻ نڪري چڪي هجي، ۽ هاڻي منهنجي ذهن ۾ منهنجي پاءُ جي ٽنگ جڻ ڪنهن ڪاسائي جي ڪات هيٺان ايندي نظر اچڻ لڳي هجي، مونکان بي اختياري ۾ دانهن نڪري ويئي، ٽيبل تي ويٺل همراهہ منهنجي ان انداز کي ڏسي ڊاڪٽر جو لکيل نسخو ڪٽي اچي منهنجي پرسان بيٺو اردو ۾ پڇيائين ڪٿان آيو آهين، ٻڌايو مانس، چيائين اسان وٽ هوندي آهي، ليڪن ڪافي عرصي کان اسان هن جو آرڊر بند ڪري ڇڏيو آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن هلندي آهي، هاڻي تون پريشان نہ ٿي الله مان آسرو نہ لاهہ اجا هڪ اسٽور پيو آهي، اتي وڃ، مون پڇيو ڪاٿي آهي، ۽ چا اوهان جي اسٽور کان بہ وڏو ڪو اسٽور آهي، هن چيو وڏي ننڍي جي ڳالهہ ڪونہ آهي، تون اتي وڃ جي نہ هوندس، تہ هو توکي گهرائي ڏيندو جو هن جي آرڊر جو مال هوائي جهاز جي رستي بہ ايندو آهي، مون سندس شڪريو ادا ڪيو هن مونکي هوٽل؛ پرل ڪانٽينل جو ڏس ڏنو ان جي ٻاهران اسٽور جو نالو ٻڌايائين شايد "سائيز" ميڊيڪل اسٽور اتي وڃڻ لاءِ رڪشو ڪيم، هن اتي پهچايو مان دعا ڪندو ۽ رب کي ٻاڏائيندو اسٽور واري کي وڃي پرچي ڏنم، هن چيو تہ آهي تہ ڪانہ پر آئون گهرائي سگهان ٿو پر ان ۾ هڪ هفتو لڳي سگهي ٿو مون چيو مون سان تہ هيڏي وڏي مجبوري آهي، تون ان کي 3

ڏينهن ۾ گهراءِ ۽ هن چيو تہ ٺيڪ آهي، هي 12 انجيڪشنن جو پاڪيٽ ايندو آهي، مقرر قيمت کان 500 روپيہ في انجيڪشن تي وڏيڪ وٺندس، جو تنهنجي لاءِ اسپيشل فلائيٽ ذريعي گهرائيندس، مون شڪر ادا ڪيو مون چيو تہ جيڪو چوندين ڏيندس، پر مونکي 3 ڏينهن جي اندر گهرائي ڏي هن چيو پئسا اڳواٽ، اتي وري دماغ مان دونهان نڪرڻ لڳا، مون وٽ 15000 هزار هجن، هن کي 40,000 جي لڳ ڀڳ اڳواٽ ڏيڻا پيا پون، مون چيو في الحال 15000 هزار جمع باقي مال اچڻ مهل، چيائين ايئن ڪونہ ٿيندو هي ائٽم هلڻ وارو ڪونہ آهي، تون نہ کنيو تہ تنهنجا تہ ويندا 15000 هزار پر منهنجا 25000 هزار نقصان ٿيندو مون چيو تہ هي جمع ڪر مان وڌيڪ صبح تائين توکي ڏيئي ويندس، هن 15000 هزار ورتا، مون فون ڪيو ڪجهہ ڳوٺاڻا ڪجهہ مڇيءَ جي دلال، ڪجهہ سيوهڻ مان، عزيزن کي چيم جيڪي ٿي سگهن ڄامشوري صبح تائين ڪٽي اچو پئسن جو انتظام ٿي ويو صبح جو 10 وڳي وري بس ۾ چڙهي ڪراچيءَ پهتس، اسٽور واري آرڊر ڏنو ۽ چيائين سڀاڻي شام جو مال اچي ويندو ۽ ٻئي ڏهاڙي 11 وڳي صبح جو ڪٽي وڃجان، مان مقرر وقت تي اچي هن کان سمورو پاڪيٽ کنيو هن چيو تہ في الحال ننڍو ٿرماس يا ڪولر وٺي اچ، ان ۾ برف هجي ۽ دوا برف ۾ وجهي ڪٽبي، اتي وري ڪنهن فرج ۾ رکڻي پوندي، مون ايئن ڪيو پوءِ باقي انجيڪشنون اسپتال ۾ موجود فرج ۾ رکيون ويون، ڊاڪٽر پروفيسر گل محمد ميمڻ کي ٻڌايو ويو هن ڊيوٽي ڊاڪٽر کي هدايت ڪئي تہ انجيڪشن شروع ڪيو. ڊاڪٽر چيو وڏي همت ڪئي اٿوَ هاڻي اميد آهي، تہ زخم تي ڪنٽرول ٿي ويندو ۽ الله ڪندو تہ هن جي ٽنگ ڪٽجڻ کان بچي ويندي، پر اجا بہ 4 انجيڪشنون وڌيڪ کپنديون، مون چيو سائين اوهان 8 چيون هنيون، چيائين ها، مون چيو سائين هي تہ مون 12 جو پورو پاڪيٽ گهرايو آهي، چيائين جي 12 آهن، پوءِ ڪم ٿي ويندو اسان تڪڙ ۾ 8 چيون پر هي ڪورس ئي 12 جو آهي، ۽ شايد انڪري هن اوهانکي 12 ڏنيون آهن، پوءِ اهي انجيڪشنون پنهنجي وقت تي لڳيون ۽ ٽنگ مان ايندڙ بدبوءِ ختم ٿيندي ويئي، ۽ زخم ٺيڪ ٿيڻ جي طرف وڌندو رهيو ۽ اسان بہ الله سائينءَ جو شڪر ادا ڪيو.

درويش پاءُ ڏٽي بخش جو اسپتال ۾ اچڻ

اسان جو سيني کان ننڍو پاءُ ڏٽي بخش ادا کان ڄامشورو اسپتال مان طبيعت پڇڻ لاءِ آيو جيئن ئي مريض جي حالت ڏٺائين جيڪا اجا تائين ڪا خاص تسلي بخش ڪونہ هجي، وات مان ڪاڏو پيتو اجا تائين بند هجيس، زخمن ۾ چور، ٽنگن تي پٽي چڙهيل ڊرپ ۽ ڪڏهن رت جون ٿيلهيون چڙهيل... هن کي ڏسندي ئي درويش ڏٽي بخش جي طبيعت خراب ٿي ويئي، پهرين تہ روئڻ شروع ڪيائين، ليڪن ان ئي لمحي ان ئي ڪيفيت ۾ هڪدم ٿهڪن ۾ مٽجي ويو ۽ نعرا هڻڻ لڳو پٽي جي قاتلن تي لعنت_نعرهٔ سنڌ جيئي سنڌ ۽ مريض کي چوڻ لڳو هاڻي ڪوڙستو آهين، اٿ تہ هلون گهر، آئون توکي وٺڻ آيو آهيان، کهڙا ڊاڪٽر آهن، جن توکي هتي چور وانگر ڪٽي ٻڌو آهي ۽ ڊاڪٽرن کي گاريون اسپتال جو ماحول عجيب ٿي ويو ٻيا بہ مريض داخل هئا، انهن جا تيماردار بہ ويٺل هئا، پهرين تہ ڪنهن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ ڪونہ پيو اچي، تہ هن کي ڇا ٿيو آهي، هي ڇو پيو دانهون ڪري، نعرا هڻي ۽ اول فول پيو ڳالهائي، مونکي

خبر هئي تہ اهلڪارن جي تارچر ۾ هن کي پهرين بہ اسپتال ڇڏي آيو هئس، پر هن صدمي هن جي ذهني ڪيفيت وري خراب ڪري ڇڏي، مان هن کي وٺي زبردستي وارڊ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪيس شاهہ لطيف هاسٽل ۾ وٺي ويس، اتي ڊاڪٽر محمد صالح گاڏهي جو ڪمرو هجي، اهو بہ فائينل ۾ پڙهندو هجي، ۽ ڊاڪٽر حميد شيخ جي ڪري دوست ٿي ويو هجي، اهي شاگرد ادا وڏي جي علاج وغيره ۾ ڊاڪٽرن سان لهہ وچڙ ۾ هوندا هئا، جن جي ڪري ڪافي مدد ملندي هئي، ڪونہ ڪو ڊاڪٽر (فائينل جو شاگرد) ڊاڪٽر حميد شيخ جي ڪري وارڊ ۾ ايندو هئو جو سيني کي خبر پئي تہ ڊاڪٽر حميد شيخ جو پيٽيوبو آهي، اتي وڃي هن کي ويهاريم پر هاڻي هن تي ڪنٽرول ڪير ڪري؟ چريو ماڻهو۔ ڳالهائڻ شروع ڪري تہ بس نہ ڪري، پل ڪن ۾ سالن جا قصا واقعا پيو بيان ڪري، ڏک تڪليفون پيو ٻڌائي پنهنجن جون تڪليفون پيو ٻڌائي، مطلب هو مسلسل ڳالهائڻ ۽ جي ڪيس جواب ڏجي تہ ڪاوڙ ويڙهہ جهيڙو. يا الله هاڻي ڇا ڪريان! ڪنهن کي سنڀاليان، هن اسپتال ۾ داخل مريض کي يا هن بي وس ڀاءُ کي، هن کي ڏسان پيو تہ ادا جي علاج جون ڳڻتيون جي هن کي ڇڏي ٿو وڃان تہ هي هاڻي بي قابو۔ سو ڪو بہ نقصان ڪري سگهي پيو ڪنهن سان وڙهي پئي سگهيو ڪيڏانهن بہ نڪري وڃي پيو سگهي، رستي ۾ روڊ ۾ ڪنهن بہ گاڏي جي ٽڪر جو يا حادثي جو شڪار بہ ٿي پيو سگهي، هڪ دفعو وري ذهني دٻاءُ جيڪو ڪجهہ ڏينهن ۾ اسپتال واري معاملي ۾ ڪجهہ جهڪو ٿيو تہ وري هي ڳڻتي، مولا ڇا ڪيان، ڪيڏانهن وڃان، ايتري ۾ سيوهڻ مان هڪ دوست بشير اونو اچي نڪتو ادا غلام حسين کان اسپتال مان پڇي خبر پيس تہ آئون هاسٽل تي آهيان، اتي آيو ٻڌايو مانس تہ هو اسپتال هيءُ هتي آئون هڪ ۽ مريض بہ، هي تہ ڏاڍو بي قابو ٿي پيو آهي، چيائين آئون توسان رهان ٿو ٻن ڏينهن ۾ منهنجو حيدرآباد ۾ انٽرويو آهي، شايد نوڪريءَ لاءِ، مان ڪجهہ سهولت محسوس ڪئي، هن جي دماغي دوا جي مونکي خبر هئي، في الحال اهي دوائون وٺي، هن کي ڪارائڻ شروع ڪيم، تہ ڪجهہ سولوۓ هلڪو ٿئي، ڇڙ ختم ٿئيس، ۽ ننڊ بہ اچيس، جو ان ڪيفيت ۾ ننڊ ڪونہ ڪندو هئو هاسٽل تي رهندڙ ٻن دوستن ايترو ڪيو جو پاڻ پورو ڪمرو اسان جي حوالي ڪري، ٻين دوستن وٽ وڃي رهيا، هن وٽ اچا تہ ادا جي ڳڻتي، ٽينشن ۽ جي اوڏانهن وڃان تہ هن جو ٽينشن، وقت طويل ٿيندو ويو نہ کٽندڙ ڏينهن ۽ راتين جو سلسلو هلندو رهيو، گهڙي گهڙي صديون ٿي لڳيون، ڇا ڪجي ڪيئن ڪجي، پر انسان ڏاڍو مضبوط آهي، الائي ڇا ٿو برداشت ڪري وڃي، ۽ هونئن بہ تڪليف انڪي ٿيندي آهي، جيڪو احساس رکندو ۽ محسوس ڪندو هجي!

مون سان مڪمل اها ڪيفيت هئي، هڪ پل بہ اهڙو ڪونہ هئو جو خوش ٿي کلي سگهان، کل ۽ خوشي موڪلائي ويئي، وار کليل، اکيون اوجاڳن ۾ ڳاڙهيون، چپ خشڪ، چهرو ڪوماڻل زنده لاش وانگر ڪنهن دلي تسڪين جي ڳولا ۾ رلندو رهيس، رات جو بشير کي هاسٽل ۾ ڏٽي بخش وٽ ڇڏي ويس، مان اسپتال ۾ وڃي ترسيس، صبح جو بشير اوني جو حيدرآباد ۾ انٽرويو هجي، مونکي چيائين تہ تون انين وڳي اچجان، مان ان کان اڳ ۾ نڪرندس، جو 8 وڳي آفيس ۾ پهچڻو آهي، رات جو ٿيو ايئن جو بشير، ڏٽي بخش کي دوا کارائڻ جي ڪوشش ڪئي، ڏٽي بخش دوائون کائڻ لاءِ هن کي چيو تہ مان جيڪي دوائون چئين کانوان ٿو تون سويل ئي سمهڻ لاءِ هي هڪ ٽيبليٽ کائي سمهي پوءِ، پوءِ هن کي ٽيبليٽ ڏيندي چيائين، هن بہ سوچيو ڪونہ هن کان وٺي کائي ڇڏيائين، جو هن ڏٺو تہ هن کي ڏينهن ۾

3 دفعا اهي ٽڪيون 2،2 ڏيون ٿا. تہ بہ ننڊ جونہ ٿو ڪري، مونکي پلا ٽڪي ڇا ڪندي؟! صبح جو آئون ويس مونکي هاسٽل ويندي ڪجھہ دير ٿي ويئي ڏٺم تہ ڏٽي بخش جاڳي پيو ۽ بشير اونڌو ستو پيو آهي، مون ڇيو هن کي انٽرويو تي وڃڻو هئو ڇو اجا ستو پيو آهي، هن وراڻيو تہ آرام پيو ڪري نہ اٿاريس، مون هن کي هڪ ٽيبليٽ کارائي آهي، اجا نٿو اٿي! مون هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، هيءُ اٿي وري سمهي رهي، نيٺ مان ناڪام ٿيس، هي نہ اٿڻو هئو ۽ پيو رهيو مون ان ڳالهہ کي گهڻو سيريس ڪونہ ورتو، تيار ٿي ڏٽي بخش کي پاڻ سان وٺي اسپتال ويس، شام جو وري هاسٽل آيس، تہ بشير اجا ستو پيو هجي، رات جو 8 وڳي کان شام 5 ٿيا، اجا ستو پيو آهي، پريشان ٿيس، هن کي اٿاريم، اٿيو پر اجا هي نيم بيهوشي واري حالت ۾ هجي، ڪجھہ ڳالهايائين پاڻي گهريائين، ماني جو ڇيو مانس، چيائين بک ڪونہ آهي، وري سمهي پيو. مان بہ اها رات اتي رهيس، جو ڏٽي بخش سان هڪ ماڻهوءَ جو هجڻ ضروري هئو. اسان ستا پيا هجون، صبح جو 6 وڳي بشير جي اک کلي تقريبن 34 ڪلاڪن جي ننڊ کان پوءِ، پر هن کي خبر نہ پئي تہ آئون رات ستو آهيان يا نہ. سو تيار ٿي اسان کي ٻڌائڻ کان سواءِ پنهنجي پروگرام تحت حيدرآباد انٽرويو لاءِ روانو ٿي ويو، اتي پهتو تہ خبر پيس تہ انٽرويو ڪالهہ ٿي ويو. تون هڪ ڏينهن ليٽ ڪري آيو آهين. اجا هيءُ ڪونہ سمجهيو، هن سمجهيو تہ مان تاريخ غلط سمجهي هوندي، موٽي آيو. وري رات جو ملاقات ٿي ٻڌايائين مونکان تاريخ وسري ويئي، انٽرويو ڪالهہ هئو. مان اڄ جو سمجهي، ويس! مون کيس ڇيو تون بہ صحيح آهين ۽ آفيس وارا بہ. ڪالهہ تنهنجو انٽرويو هئو ليڪن تو هن کان جيڪا ٽيبليٽ وٺي ڪاڏي. تون سمهي رهين ۽ پوڻن ٻن ڏينهن تائين اگهور ننڊ ۾ هئين! اڄ تائين بشير احمد اونڌو واقعي کي ياد ڪندو آهي، تہ کلندو رهندو آهي، تہ هو تہ چريو هئو پر آئون تہ هن کان بہ چٽ هيس، جو هن جي صلاح تي عمل ڪيم، ۽ جي ڊوز وڌيڪ ڏيئي ها ۽ ايئن ڪائيندي سمهان ها تہ شايد دائمي ننڊ ۾ هليو وڃان ها!

ڏٽي بخش بہ جڏهن علاج ڪانپوءِ چاڪ ٿيندو آهي، تہ هن کان پڇندو آهي، تہ ڏي خبر ڪيئن ننڊ ڪرائي هئي مانءِ. ان واقعي ڪانپوءِ هڪ ڏينهن صبح جو سوير آئون هاسٽل ويس، ڪمري جي دروازي تي بشير اوٺي چٽ لکي ڇڏي ويو تہ ڏٽي بخش ڪمري مان غائب ٿي ويو آهي، آئون هن پويان پيو وڃان، ان دوران تون اچين تہ ڦاٽڪ واري پاسي اچ مان هن کي پڪڙي وٺي ٿو اچان، صبح جو وقت ٿڌي ٿڌي هوا جا خمار، رات جو اوجاڳو آيس ان خيال سان تہ وڃي بہ تي ڪلاڪ آرام ڪندس، هتي تہ ڪم ئي ٻيو مان چٽ پڙهي ڦاٽڪ طرف روانو ٿيس، واٽ تي طرحين طرحين جا خيال-وسوسا، خوف ۽ انديشا تہ ڪيڏانهن ويو ڪٿي ڪو جهيڙو تہ نہ ڪيائين، دعائون گهرندو ڦاٽڪ وٽ پهتس، تہ هڪ ٽرڪ تي نظر پئي، جيڪا بيٺي هجي، ان جي دروازي وٽ بشير بيٺو هجي، مان سمجهي ڪونہ سگهيس، يا الله خير ڪا ٽي ٽرڪ واري.. نہ نہ ايئن ڪونہ هوندو! تہ پوءِ بشير ٽرڪ وارن سان ڇا پيو ڳالهائي، ساهہ سکي ويو دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو پل گهڙيءَ لاءِ اکين ۾ انڌاري اچي وئي... تکڙا قدم کڻي ويجهو پهتس، هڪل ڪري بشير کي سڏ ڪيم، ڇا ٿيو؟ هن مون ڏانهن نهاري وڏو ٽهڪ ڏنو الا... مون سمجهيو هيءُ بہ هوش وڃايو ويٺو آهي، ڇا؟ وري پڇيو مانس ڇا ٿيو پڇندو خوف واري عالم ۾ قدم کڻندو هن ڏي وڌندو رهيس، ايسيتائين هن جي ويجهو پهتس، مونکي هٿ جي پنجن آڱرين جو بجو ڏيئي، چيائين تہ هاڻي هيءُ اڌ ڪلاڪ کان ٽرڪ تي چڙهي ويٺو آهي، ۽ ڊرائيور کي چوي پيو مونکي سيوهڻ کڻي هل، هي زوري ٽرڪ

تي چڙهي ويهي رهيو آهي، ۽ گار ڏيندي چيائين ته لهي به نٿو مون ڪيس پري ڪري هن کي ڳچيءَ کان جهلي هيٺ لاٿو ۽ بشير کي چيم تون وڃ اسپتال. آئون هن کي حيدرآباد جي گدو واري اسپتال ۾ داخل ڪرائي ٿو اچان. ته ڪٿي ڪو وڏو حادثو نه ٿي پوي. پوءِ هن کي سوزوڪي ۾ چاڙهي مارڪيٽ ۾ لٿاسين. هيءُ هاڻي تيز آهي، صفا هوش ۾ ڪونه آهي، ان پوزيشن ۾ مريضن ۾ ڪنٽرول ڪونه هوندو آهي، ۽ هن ۾ طاقت به وڏي اچي ويندي آهي. رڪشي ۾ چڙهي اسپتال جي گيٽ تي پهتس. صبح جا 9 ٿي چڪا هجن. هاڻي هيءُ رڪشي مان ڪونه پيو لهي. زوريءَ لاٿومانس. لهڻ شرط هن زور سان هڪ ٺونشو منهنجي نڪ ۽ منهن تي وهائي ڪڍيو اکين آڏو ترورا اچي ويا. رت ٽيندڻيون ڪري وهڻ لڳو قميص رت ۾ پرجي ويئي. ڪاوڙ ڏاڍي آئي. صفا برداشت کان ٻاهر وري هوش ۽ حواس تي قابو آٽي. پاڻ کان پڇيم ته ڇا هن مريض سان به ڪي حساب ڪبا؟ ڇا هي پنهنجي وس ۾ آهي؟ ڇا هن هيءُ سڀ هوش ۾ ڪيو آهي؟ جواب مليو نه! ته پوءِ برداشت ڪر. ۽ جلد بازيءَ ۾ ڪا بازي نه هارائي وجهين. رت وهندو رهيو هن ۾ ٻئي هٿ مضبوطيءَ سان وڌم. مٿان پڄي وڃي. ايتري ۾ اسپتال جو وارڊ بواءِ اتان لنگهيو ۽ ڊيوٽي تي پئي ويو. ان ڏٺو هي هنن جو پراڻو مريض هئو آيو سلام ڪيائين. مونکي ڏسي سمجهي ويو ته همراهه بيمار آهي. چيائين اڪيلو آهين ڇا؟ چيم ها! پوءِ هن همٿ ڪئي. هن کي ڏسندو مريض ٿورو ڍرو ٿيو خبر نه آهي. ته مريض ۽ اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ وارڊ بواءِ جيڪي اڪثر مريضن جي سار سنڀال لاءِ هوندا هئا. ڪهڙو رشتو آهي. جو مريض جيڪو منهنجي وس ۾ نه هجي. پر پوءِ به ان کان ڊجي پيو پاڻ هليو ڊاڪٽر هن کي پرائيويٽ وارڊ ۾ داخل ڪيو جو سرڪاري داخلا لاءِ پوليس جو ليٽر ۽ مئجسٽريٽ جو حڪم گهربل هوندو هئو. وارڊ بواءِ مونکي چيو ته اهڙي مريض سان ڪڏهن به اڪيلو نه هوندو ڪر. جو هو ان وقت هوش ۾ ڪونه هوندو آهي، ۽ وڏو طاقتور به هوندو آهي. هن جي هٿ ۾ جيڪا شيءِ آئي. هڻي ڪيندو ۽ ماٺهوءَ کي ماري به وجهندا آهن. بهرحال! مان هن کي داخل ڪرائي ٻاهر نڪتس. هن جي حال کي ڏسي زارو قطار روئندو پنهنجي پروردگار کي ٻاڏائيندو رهيس. ۽ ڪنهن مهل اکين ۾ پاڻي ته ڪنهن مهل اوڇنگارون پئي ڏنم. ۽ سندس صحتيابيءَ لاءِ دعا پئي گهريم. ايئن هاسٽل تي اچي ڪپڙا مٽائي ٽڪل ٽٽل قدمن سان وري اسپتال جي وارڊ ڏانهن روانو ٿيس. اوجاڳا. ذهن منتشر. هارايل جواريءَ وانگر قدم کڻي وڃي وڏي ڀاءُ جي تيمارداريءَ لاءِ پهتس. پڇيائين ڪيئن آهي ڏٽي بخش؟ مون چيو ته ٺيڪ آهي. ڪيس داخل ڪرايو اٿم. علاج هلندس. باقي الله بهتر ڪندو.

هاڻي ادا غلام حسين کي اسپتال ۾ 20 ڏينهن گذري ويا. ان دوران هن جو کائڻ پيئڻ صرف ڊرپ ذريعي هليو. ڪيترا دفعا پاڻيءَ جي تقاضا ڪندو رهيو بوند پاڻيءَ لاءِ تڙپندو رهيو وات خشڪ زبان نڪر جهڙي ۽ چپن تي ڏار ظاهر ٿي رهيا هجن. گهڻو چوندو هو پر پاڻي بند هئس. پوءِ ڊاڪٽرن چيو ته هن جي وات ۾ ڪو ڪپڙو پسائي سندس وات تي رکو ته جيئن هن جي زبان ۽ وات جي خشڪي گهٽ ٿئي. پوءِ آهستي آهستي هن جي پيٽ ۾ جيڪو رت وغيره ويو ۽ بقول ڊاڪٽرن جي اهو زائل ٿئي. ته پوءِ هن جو پاڻي شروع ڪبو پيٽ به پرجي ويل هجي. نيٺ 20 ڏينهن جي عرصي کانپوءِ ڪجهه چمچا پاڻي پيارڻ جي اجازت ملي. اها ڇڻ هن لاءِ زندگي جي وڏي ۾ وڏي خوشيءَ جي گهڙي هئي. ايئن محسوس ٿيو ته صدين کان پاڻي لاءِ اڃايل کي ڪا بوند بهار جي نظر آئي هجي. هر چمچي پيئڻ کانپوءِ هن جي اکين ۾ روشني جي چٽنگ نظر پيئي آئي. شايد هاڻي هن کي محسوس ٿيو ته زندگي ته پاڻي آهي. جي

پاڻي بند تہ پوءِ زندگي جي اميد ئي ڪونہ هئي، اها جدا ڳالهہ آهي، تہ اهو ڪم ڊرپن ذريعي ٿيو پئي، پر مريض کي تہ پاڻي پنهنجي هٿن سان ۽ وات سان پيئڻ ۾ زندگي نظر ايندي آهي، جيستائين پاڻي بند، تيسيتائين هزارين خيال هن جي ذهن تي چانيل هوندا هئا. بهرحال اهو هڪ مرحلو مڪمل ٿيو. هاڻي معاملو آهي، تہ ٽنگون ڪيئن ٺيڪ ٿين. ان لاءِ ڊاڪٽرن چيو تہ اجا هن کي هتي 2 مهينا کن لڳي سگهن ٿا. ڦٽ هاڻي ٺيڪ ٿي رهيا آهن. ڦٽن ۾ جيڪا گينگرين ٿي هئي، اها ڪنٽرول ٿي ويئي آهي، ٽنگ ڪٽجڻ کان تہ بچي ويئي آهي، ليڪن جيڪو ٽنگ تان ماس ضايع ٿيو آهي، ان کي پرجڻ ۾ گهڻو وقت لڳي سگهي ٿو ۽ پوءِ اسين جنگهہ جي فريڪچر وارن هنڌن کي ملائي پڪو پٽو چاڙهيندا سين. ان دوران سڄي ٽنگ تي پٽو چاڙهي ڇڏيائون. باقي هڪ پاسي جو مسئلو هجي، ان دوران ڳوٺاڻن، دوستن، عزيزن ۽ پائرن جو اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري هجي، هر روز ڪيئي ماڻهو ايندا ويندا رهندا هئا. شروع شروع جي ڏهن پندرهن ڏينهن ۾ حالت ايتري تہ خراب هئي جو ايندڙ ويندڙ وڃي ڳوٺ ۾ يا ملندڙ ماڻهن تي اهو تاثر ڇڏيندو هئو. تہ همراهہ جو بچڻ مشڪل آهي، جي بچي ويو تہ اهو معجزو آهي.

آيل، ڪريان ڪيئن؟!

ان دوران ٻيو نمبر وڏو ڀاءُ غلام قادر ۽ ادا جي وڏي گهرواريءَ جو ڀائيٽو ويگن ذريعي سيوهڻ کان ڄامشوري پئي آيا. تہ سن ۽ آمريءَ جي وچ ۾ ويگن سان حادثو پيش آيو. جنهن ۾ ادا جي سالي جو نوجوان پٽ گذاري ويو ۽ ادا غلام قادر شديد زخمي ٿي پيو. سندس هڪ هنڌان ٻانهن ۽ ٻي ٻانهن ٽن هنڌان ڀڄي پيئي، آئون اسپتال هجان، تہ خبر پئي تہ ويگن جي ايڪسيڊنٽ ۾ سيوهڻ جا ماڻهو زخمي ۽ هڪ ڇوڪرو مري ويو آهي. ڪين ساڳي اسپتال جي ايمرجنسيءَ ۾ ڪٺي آيا آهن. مون تي اها خبر بہ بجليءَ وانگر ڪڙڪي، وٺي ڀڳس ايمرجنسيءَ ۾ تہ مونکي منهنجو ٻيو نمبر وڏو ڀاءُ نظر آيو. سندس ٻانهون ڀڳل هجن. ان کي پٽي ڪري ساڳي وارڊ ۾ داخل ڪيائون. جتي ادا غلام حسين زير علاج هجي، مئلن ۾ ڇوڪرو سڄاتم ان کي ڪاغذي ڪاروائي بعد سيوهڻ روانو ڪيم. اتي ڪافي ماڻهو ۽ عزيز هئا. اهي لاش سان گڏجي ويا. هاڻي هڪ وارڊ ۾ 2 ڀائر زخمي حالت ۾ داخل. ادا وڏي کي خبر پيئي اکين مان پاڻي اچي ويس، ۽ مٿي آسمان ڏي نظرون ڪيائين. ليڪن ان جي ۽ هن جي اکين جي وچ ۾ وارڊ جي ڇت مائل هئي، پر تصور ۾ تہ الله پاڪ ئي هوندو آهي. بس خاموشي اختيار ڪيائين هاڻي ايترو ٿيو جو ميڊيڪل ۾ پڙهندڙ ڊاڪٽرن جي اثر جي ڪري ادا غلام قادر کي پرائيويٽ ڪمرو مليو. اتي ڳوٺان هڪ بہ همراهہ گهرائي رهايا. ساڳئي ئي وارڊ ۾ وري ٻيو ڀاءُ مريض!

1978ع جو سال ايترو تہ ڳرو ثابت ٿيو جو هاڻي تہ هڪ هڪ پل عذاب ۾ پيو گذري، بہ ڀائر ڄامشورو اسپتال ۾ هڪ گڏو اسپتال ۾ هڪ ڀاڃ ان حادثي ۾ گذاري ويو. گهر ۾ خاندان جي باقي پوڙهي رهيل ماءُ پيرن ۾ زالن جون تڪليفون ۽ آهون تہ ڪير ڏسي ۽ ٻڌي نہ پيو سگهي، تہ هن گهر ۾ ڪيترو ڏکن جو منظر هوندو. ڪين آٿت ڪير ڏيندو. سڀ جا سڀ مرد اسپتال ۾ باقي هنن جي تيمارداريءَ لاءِ. گهر ۾ صرف والد صاحب جيڪو بہ پوڙهو. اهو بہ اسپتال ايندو هئو. وري ڏينهڪ هليو ويندو هئو. باقي 2 ڀائر ڪو ڏنڊو مزدوري ڪري گهر جو ڪار وهنوار پيا هلائيندا هئا. ان وچ ۾ اجا

هيءُ مريض اسپتال هجن. ته ادا وڏي جو ٻيو نمبر پٽ اقبال جنهن جي عمر 15_14 سال هوندي، دل ۾ تڪليف ٿي پيس ان کي جلديءَ ۾ ڪٽي حيدرآباد لعل بتي (ايمرجنسي) اسپتال ۾ پهچايو ويو. ان جي ٽيسٽن مان خبر پئي ته هن کي دل ۾ ڪو سوراخ آهي، ان لاءِ هن جي طبيعت ٿورو نيڪ ٿئي ته ڪو فيصلو ڪبو. في الحال مينيج ڪرڻو آهي، پر خدا جا پنهنجا فيصلا آهن. مون اسپتال ۾ ادا کي ٻڌايو هاڻي هيءُ ڪافي حد تائين بهتر آهي، ليڪن هلڻ کان ته اڃا لاچار آهي، ٻن ڏينهن ۾ ان جي پٽ جو انتقال ٿي ويو. الا _مان ڇا لکان؟! ڇا گهڙيون هونديون، ڇا مهل هوندي. اسان هن کي ٻڌايو. هن ايترو چيو ته مان ته هتي پاڻ ٻيوس هئس، جي هلڻ جي طاقت هجي ها ته هن ٻچڙي لاءِ پيچ ڊڪ ته ڪيان ها. پوءِ زندگي ته الله جي هٿ ۾ آهي، اهو ارمان ته نه رهي ها ته آئون ڪجهه به ڪري نه سگهيس، ايئن چوندو زارو قطار روئڻ لڳو. هوڏانهن اسپتال جو عملو ۽ مريض سدائين پيا چوندا هئا. ته الائي هنن جي قسمت ۾ ڇا آهي، ٻن ٽن مهينن ۾ ايترا وڏا حادثا ۽ واقعا. بهرحال هن جي لاش کي به ايمبولينس ۾ ڄامشورو ڪٽي آياسين. ادا کي ويل چيئر تي گيٽ وٽ وٺي وياسين، ٻيو نمبر ياءُ پنڌ ڪري آيو. هن جو آخري ديدار ڪيو پيءُ کي اهو وڏو افسوس ته، پٽ معاف ڪجان، مان پاڻ ٻيوس ۽ لاچار آهيان، آئون ته ايترو بد نصيب آهيان، جو تنهنجي لاش کي ڪلهو ته نه ڏيو. تنهنجي قبر تي مٽي به نٿو وجهي سگهان، هن جي حالت خراب ٿيندي ويئي، ظاهر آهي پٽ جو موت هجي ۽ ماڻهو ٻيوس لاچار ۽ مجبور هجي، صفا دل ڏاريندڙ منظر هئو. جلدي ايمبولينس لاش کڻي سيوهڻ رواني ٿي ويئي، هوڏانهن گدو اسپتال هيڏانهن ڄامشورو اسپتال _ٽنهي مريضن جي مان پيو سنڀال ڪيان، چند ڏينهن ۾ ايترا واقعا، ايترين آزمائشون، ايترا ڏک ۽ تڪليفون ڏنيون به الله سائين ۽ صبر ۽ برداشت جي قوت به انهي مالڪ طرفان ئي عطا ٿي، جو سيني شين کي پئي ڏٺوسين، پوءِ به صبر ۽ شڪر ڪبو الله جي در تان نا اميد نه ٿيڻو آهي، ۽ وري به ان جي در ٻاڏائي دعا گهرڻ سان ئي دلي سڪون ملندو آهي، ۽ آئون به سربسجود زارو قطار روئندو ۽ ٻاجهه لاءِ ٻاڏائيندو رهيس، ايتري ۾ ڊاڪٽر عبدالحميد شيخ جو والد صاحب سيٺ ولي محمد شيخ جيڪو ان وقت ادا غلام حسين جو سهرو هجي، هاڻي ته منهنجو به سهرو ٿئي، ان کي جگر ۾ ڪينسر جي تڪليف ٿي، اها تڪليف اڳ ۾ ظاهر ٿيل ڪونه هئي، ڪيس به اچي ڄامشورو اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. ميڊيڪل جي وارڊ ۾ داخل هجي، هن کي اچي رت جون الٽيون شروع ٿيون، ۽ شايد هڪ هفتو اسپتال ۾ رهيو ۽ پوءِ گذاري ويو. وري ان جي لاش کي به ايمبولينس جي ذريعي سيوهڻ روانو ڪيو ويو. ان کان اڳ ۾ اهو اطلاع به ادا غلام حسين کي ڏنو ويو. هن چيو ته مونکي به مين گيٽ وٽ ويل چيئر جي ذريعي وٺي هلو ته آئون به پنهنجي سهري جو آخري ديدار ڪيان، ايئن هن پٽ ۽ سهري جو آخري ديدار اسپتال ۾ ئي ڪيو. هي سڀ واقعا 1978 جي اپريل کان شروع ٿيا ۽ آگسٽ تائين هلندا رهيا. شايد اهو ئي سبب آهي، جو آئون ان مصروفيت سبب اسپتالن ۾ رهيس، ۽ جيئي سنڌ فيڊريشن کي وقت ڪونه ڏيئي سگهيس، جو سيپٽمبر 1978 تي اهلڪارن وارو ڄامشورو ڦاٽڪ جو واقعو ٿيو. جنهن ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ٿيا. آءٌ وقتي طرح ان مصروفيت کان پري رهي، ذاتي مصروفيت ۾ رهيس، آخرڪار ادا غلام حسين کي اسپتال مان چئن مهينن بعد موڪل ملي، ٻنهي ٽنگن تي گوڏن کان مٿي پلستر ٿيل هجي، ۽ في الحال هلڻ جي اجازت ڪونه هئس، سندس سڀ حاجتون بستري تي ئي ٿينديون هيون، اسپتال ۾ اسين ڪيس سنڀاليندا هئاسين، ۽ گهر ۾ سندس 2

زالون، ڊاڪٽرن ايئن چيو ته سندس ٽنگن جو پٽو هر مهيني يا ٻئي مهيني بدلي ٿيندو. ان لاءِ خاص ڪا ٽيڪسي ڪري سيوهڻ مان ڄامشورو اچڻو پوندو هئو. پوءِ اهي پٽا تبديل ڪري ٻيا چاڙهيا ويندا هئا، ۽ وري نئين تاريخ ڏيئي روانو ڪندا هئا. ٽوٽل وقت جيڪو بستري تي رهيو اُهي 13 مهينا هئا، ان کان پوءِ آخري دفعو جڏهن هن جي ٽنگن تان پٽا هٽايا ويا، ته پنيءَ واري پاسي کان هڏو پيو نظر اچي، پٽن لهڻ کانپوءِ خبر پئي ته پيرن جا آڱوٺا ۽ مري جي جاءِ تان به فريڪچر هئا، پوءِ اهي پاڻ ئي ڳنڍجي ويا، جنهنڪري پير به صحيح طرح زمين تي به ڪافي وقت ڪونه رکي سگهندو هئو پوءِ اهو سلسلو به ڪافي وقت هلندو رهيو زيتون جي تيل جي مالش سان گڏ ڊاڪٽرن چيو ته في الحال ٽنگن جي ورزش ڪرايوس، مسلسل پٽا ٻڌڻ ڪري رت جو دورو گهٽ رهڻ ڪري ٽنگون ڪمزور آهن، ڪجهه وقت لڳندو پوءِ آهستي آهستي بيساکين جي سهاري هلندو ۽ آهستي آهستي هن جون ٽنگون ڪٽ کان هيٺ لڙڪايونسين، ته به سور پيو ٿئيس، هاڻي دوائن وارو علاج ته مڪمل ٿيو پر اجا به الائي ڪيترو وقت مڪمل ٺيڪ ٿيڻ ۾ لڳندو! بيساکين تي ئي صحيح پر هلي ته سهي... زمين تي پير رکڻ لاءِ به ڊاڪٽرن جي هدايتن مطابق ورزش ڪرائيندا رهياسين، پوءِ به مهينن جي عرصي ۾ هن زمين تي پير رکڻ شروع ڪيو پوءِ آهستي آهستي هلڻ جي عادت وجهڻي پيس، ايئن پيو لڳي ته هن کان هلڻ ۽ پير زمين تي رکڻ وسري ويو هجي، هر گهڙي هن کي عجيب پئي لڳي، ڪاوڙ غصو ۽ بيوسي هن جي چهري مان ظاهر هجي، طبيعت ۾ چڙ به ڪافي رهندي هئس، جو ماڻهو مسلسل 15 مهينا هڪ بستري جي حوالي هوندو ته ان جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي سا ته حقيقت ۾ اهو ئي ڄاڻي يا سمجهي سگهندو، جيڪو ان ڪيفيت مان گذريو هوندو. الله سڀني تي رحم فرمائي ۽ شل اهڙين آزمائشن کان پناهه ۾ رکي، آمين!

ڏٽي بخش نه مڙي نه مڙيو

آخر گدو اسپتال مان ڏٽي بخش کي به اجازت ملي، ۽ ڊاڪٽرن جو اهو چوڻ هو ته هيءُ بلڪل ٺيڪ آهي، ۽ دوا کائيندو رهي، باقي ڀنگ، چرس، شراب وغيره. کان پرهيز ڪري اهي شيون هن جي ذهن تي منفي اثر ڇڏينديون. اهي نه واپرائيندو ته هن کي ڪجهه به ڪونه ٿيندو ۽ هي پنهنجي زندگي بلڪل نارمل ماڻهوءَ وانگر گذاريندو رهندو. پر هيءُ ڪونه مڙندو هئو ۽ 1976 کان 2011 تائين، هيءُ الائي ڪيترا دفعا اسپتال ۾ داخل ٿيندو رهيو ان جو ذڪر ڪجي ته پورو الڳ ڪتاب ٿي سگهي ٿو پر ايئن ڪٿي چئجي ته سراسري طرح هڪ سال ۾ 2 دفعا گدو اسپتال ۾ رهيو آهي، هن کي 3 دفعا گدو اسپتال ۾ ۽ 5 دفعا اصغر جنرل اسپتال نارٿ ناظم آباد ڪراچي، 7 دفعا گلشن اقبال نفسياتي اسپتال حسن سينٽر لڳ حسن چورنگي گلشن اقبال ۾ 2 دفعا ڪوئيٽا ۾ هڪ ٽرسٽ جي اسپتال ۾، 4 دفعا ايس.ايم.اِي اسپتال لڳ انڪل سريا اسپتال ڪراچيءَ ۾ باقي ڊاڪٽرن سان او.پي.ڊي مريضن جي حيثيت ۾ هن کي سوين دفعا ڏيکاريو ويو مان هن جي پويان به پاڇولي وانگر لڳو رهيس، هن جي هر تڪليف ۽ بيماريءَ ۾ ڀوڳنان هڪدم مونسان رابطو ڪندا هئا، ڀين ڀائرن جي ان معاملي ۾ ڪا خاص دلچسپي ڪونه رهي آهي، هو پاڻ ۽ پنهنجي گهر مان هن کي هڪ مصيبت ۽ عذاب تصور ڪري، مون ڏانهن موڪليندا

هئا، اهو بہ جڏهن مان چوندو هئس، تہ اوهان هن کي مون تائين ڏياري موڪليو جيڪو بہ ٽيڪسيءَ وغيره جو خرچ ايندو آئون ڪندس، پوءِ هو ايئن ئي ڪندا هئا، صرف نوازش اها ڪندا هئا، تہ هن سان بہ ٽي نوجوان ڇوڪرا گڏائي موڪليندا هئا. جو هي ڪنٽرول ۾ ڪونہ هوندو هئو هتي پهچڻ شرط آئون هن کي ڪنهن نہ ڪنهن اسپتال ۾ داخل ڪرائيندو هئس، اتي اهڙي قسم جي مريض کي الڳ ٿاهيل وارڊ ۾ داخل ڪري، مين گيٽ کي تالا لڳائيندا هئا، ان سان ملڻ لاءِ پهريان ڏهاڪو ڏينهن تہ منع ڪندا هئا! مريض اسپتال وارن جي حوالي هوندو هئو هر دفعي هڪ مهينو يا ان کان وڌيڪ رهندو هئو آخر ۾ بل جو بہ سمورو انتظام مونکي ئي ڪرڻو هوندو هئو ۽ دوائون بہ هن کي ريگيولر مونکي موڪلڻيون هونديون هيون، اها حقيقت آهي، تہ نشن ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن هن جي طبيعت بگڙجندي هئي، پوءِ شهر ۾ ماڻهن سان وڙهڻ ۽ ان کان گهڻو جذباتي تہ پنهنجي گهر ۾ پنهنجي خاندان وارن تي ٿيندو هئو ڪنهن کي گار ڪنهن کي ڌڪ ڪنهن تي الرون سمورا گهر ڀاتي اهو وقت عذاب ۾ هوندا هئا، ۽ سڀ هن کان بيزار هوندا هئا، پوءِ هو هن کي منهنجي حوالي ڪري سک جو ساهہ کڻندا هئا. ۽ مان سدائين پاڇولي وانگر هن جي پنيان هلندو رهيس، تہ من هن کي ڪا رهڙ بہ نہ اچي ۽ ٺيڪ ٿئي، مون هن جي علاج لاءِ ڇا خرچ ڪيو هوندو، اهو اندازو نٿو ڪري سگهجي، هي مڪمل مريض رهيو هن جي اولاد 3 نياڻيون هڪ پٽ انهن جي پرورش جي ذميواري بہ الله سائين منهنجي حصي ۾ ڏني ، مان پنهنجي حال آهر هنن جي خدمت ۽ نياڻن جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ادا ڏٽي بخش جي ٻارڙن ۾ هڪ نياڻي، جيڪا سيني کان وڏي آهي سا ويچارڙي گونگي آهي! ٻن نياڻين جي شادي بہ پنهنجي حال آهر ڪرائي اٿم، هڪ نياڻيءَ تازو هاڻي مئٽرڪ پاس ڪئي آهي، هن جي اڪيلي پٽ کي سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهايان پيو ان کي سيلف اسڪيم تحت اسٽيٽڪس ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ملي. اڄ هي ايم.ايس.سي اسٽيٽڪس جي آخري سال ۾ آهي ۽ هي داستان لکڻ وقت اڄ جون 2011 آهي، ڊسمبر ۾ انشاءَالله هن جي پڙهائي مڪمل ٿيندي ۽ ڪوشش ۾ آهيان تہ هن جي آخري ننڍي نياڻي جي لاءِ ڪو مناسب رشتو ملي پوي ۽ باقي سندس پٽ کي جيستائين ڪا نوڪري نٿي ملي ۽ پنهنجي پيرن تي نٿو بيهي، شادي ڪونہ ڪرائبي، ان کي هاڻي پاڻ کي ۽ روزگار کان پوءِ پنهنجي ماءُ ۽ ڀيءُ کي سنڀالڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو پوندو، جو آئون 56 سالن جي عمر ۾ آهيان، سندس والدين مونکان ننڍا آهن، انهن جي ذميواري جي سندس پٽ جي ڪلهن تي ايندي، تہ آئون آخري پساهن ۾ مطمئن هوندس، جو مون پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي اولاد وانگر سنڀاليو پاليو علاج ڪرايو ۽ سندس سموري اولاد جي پرورش جو فرض نڀايو آهي، ۽ خواهش اها ئي هوندي تہ شل سدائين خوش ۽ آباد رهن، منهنجي زندگي الائي ڪيتري هڪ پٽ اٿس، انکي بہ پنهنجي پيٽ تي پٿر رکي يونيورسٽي ۾ پڙهايو اٿم. باقي الله سائين هن لاءِ آساني پيدا ڪري، آمين!

(ڏٽي بخش جي پٽ سليم رضا ابڙو جنهن کي مون سنڌ يونيورسٽي جي اسٽيٽسٽڪس ڊپارٽمينٽ ۾ سيلف فنانس تي داخلا وٺي ڏني هئي، اُن اتان B.S ڪئي، ليڪن هن کي منهنجي محنت ۽ تڪليف جو ڪو احساس نہ هئو هن پڙهائي تي توجهہ گهٽ ڏنو ۽ وچي ڪنهن ٻئي چڪر ۾ پيو ۽ چاچي جي انهن پئسن تي پنهنجي عياشيءَ ۾ لڳي ويو. پوءِ مونکي انتهائي تڪليف ٿي، اڄ بہ هو ڪنهن ڪم ڪرڻ ۾ ڪابہ دلچسپي نٿو وٺي. اهو صدمو مونکي ڪنهن گهاءُ وانگي سدائين تازو

پيو لڳي، ڇا ڇئي سگهان ٿو. جنهن منهنجي محبت ۾ جذبي جو ڪوبہ احساس ۾ قدر ڪون ڪيو.)

ادا ڏٽي بخش جي وفات

هي يادگيريون مون 2011 ۾ لکڻ شروع ڪيون. پوءِ ڪن سببن جي ڪري رهجي ويون. ان دوران ادا ننڍو ڏٽي بخش وري هاٽي اڪيلائپ جو شڪار ٿي پيو. ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين. ڳالهائڻ بہ گهٽ ڪري ويو. جهڙوڪ جيئري هوندي، سيني ڪان منهن موڙي ڇڏيائين ۽ مون حال آهر هن جي آخري گهڙيءَ تائين خدمت ڪئي، علاج بہ ڪرايو پر منهنجو هي درويش ڀاءُ آڪتوبر 2012 ۾ ابدي ننڊ ۾ سمهي رهيو. مان زندگيءَ جا 34 سال هن جي علاج جي بهاني هن سان گڏ رهيس. يا هن جي پويان هليس. يا هن سان علاج، دوا، آرام وغيره لاءِ مسلسل رابطي ۾ رهيس. ان جو وڏو سبب اهو هو تہ امان هن لاءِ هميشہ مونکي حڪم ڪندي هئي، ۽ آئون ڪوشش ڪندو هئس، تہ هن جي خدمت ڪيان تہ جيئن امان کي اهو محسوس نہ ٿئي، تہ منهنجو سپ ڪان ننڍو پٽ تڪليف ۾ آهي، ۽ ڪير هن جي سنڀال نٿو لهي، شايد اهو بہ سبب هجي، تہ والده کي ڀيو نہ تہ اهو اطمينان هجي، تہ سندس سپ ڪان پياري پٽ جو ڪو خيال نٿو رکي، ۽ آخر اهو ساڱ بہ 2012 سيپٽمبر جي مهيني ۾ مونکان کسجي ويو ۽ زندگيءَ جو تمام وڏو حصو جنهن ننڍي ڀاءُ جي علاج جي بهاني هر وقت هن سان گڏ رهيس مونکي اڪيلو ڪري ويو هاٽي مون سان ڪير وڙهندو؟ ۽ مان تہ هن جو ديواني جي حد تائين عاشق هئس. پر الله سائين ڪنهن کي ڪنهن وقت بہ گهرائي ٿو سگهي.

❊

باب نائون
قومي تحريڪ ۾ نئين جذبي سان

سينيئر مرڪزي نائب صدر جي چونڊ ۾ ڪاميابي

1976 جي آخر ۽ 1977 جي شروع ۾ ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ شاگردن جي يونين جون آخري با ضابطا چونڊون ٿيون. ان ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان سڄي سنڌ جي ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ جيڪي نمائندا چونڊجي آيا، انهن جي رابطي لاءِ هڪ ڪاميٽي ناهڻ لاءِ مرڪزوارن ميٽنگ گهرائي، جنهن مان سيوهڻ ڪاليج مان آئون، مهراڻ يونيورسٽي نوابشاهه مان رسول بخش ٿيبو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ضمير لاڙڪ - جيڪو هاڻي سيشن جج آهي ۽ يونيورسٽيءَ جي يونين جو صدر هئو. عبدالسبحان ميمڻ هينئر يعني جون 2011 ۾ سنڌ جو چيف سيڪريٽري آهي، پر لڳي ايئن ٿو ته هاڻي ڪيس گهڻو وقت ان عهدي تي رهڻ ڪونه ڏيندا، جو هن سپريم ڪورٽ ۾ اهو بيان ڏنو ته سول انتظاميا سنڌ ۾ امن امان جي مسئلي تي بري طرح ناڪام ويئي آهي، ۽ آئون پاڻ ڪي سپريم ڪورٽ جي رحم ڪرم تي ٿو ڇڏيان! اهو بيان هن سپريم ڪورٽ ۾ پاڻمرادو نوٽيس تي ڏنو جنهن ۾ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ سرفراز شاهه نالي ڪنهن ماڻهوءَ کي رينجرس وارن سر عام گولين هڻي ٿڏي تي قتل ڪري ڇڏيو ۽ اهو واقعو صحافي، زاهد ڪوڪر پنهنجي موبائيل جي ڪيمرا جي اک ۾ محفوظ ڪيو ۽ ميڊيا وارن هن مسئلي کي تمام گهڻو ڪنيو!

1976ع ۾ سيوهڻ جو تعلقي صدر ۽ ان ئي حيثيت ۾ ڪاليج جي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ ۽ 1976،1977 تائين ۽ 1978 تي ضلعي دادوءَ لاءِ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو صدر چونڊجڻ باوجود مرڪز جي مخالفانه مداخلت هوندي، ۽ وري 1978 ۾ ئي ذاتي معاملا جن ۾ اسپتالون ان ۾ ٽن ڀائرن کي ائڊمٽ ڪرڻ جي ڪري تنظيمي مصروفيتن ۾ گهٽ ايڪٽو رهيس، پر پوءِ به دادو ضلعي مان جيڪي به فيڊريشن جا ورڪر ۽ ڪارڪن جيلن ۾ ويا، انهن جي لاءِ ملاقات، پيچ ٻڪ ۽ جيل ۾ بي ڪلاس جون سهولتون وغيره حاصل ڪري ڏيڻ شامل هئو. هاڻي آهستي آهستي اسپتالن وارا همراهه به واپس گهر اچي ويا ۽ آئون پنهنجي قومي فرض ڏانهن مائل ٿيس، ايتري ۾ 1979ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جون مرڪزي چونڊون اچي ويون، مان ڇاڪاڻ ته جذباتي حد تائين هن تحريڪ کي چاهيندو هئس، هن تحريڪ ۾ ڪيترا ماڻهو پنهنجي مقصد ۽ مفاد جي ڪري شامل ٿيا، جو اها حقيقت آهي، ته ان وقت سنڌ ۾ شاگرد طبقي ۽ تعليمي ادارن ۾، جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن تمام وڏي طاقت رکندڙ تنظيم ٿي سامهون آئي هئي، ان ڪري ڪافي چورن چڪارن، لوفر ۽ مفاد پرست ماڻهن به ان تنظيم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڊوڙ لڳائي، انقلابي تنظيم جي اها هميشه ڪمزوري رهي آهي ته جيڪو ان ۾ شامل ٿيندو، ان کي ڪٽي اکين تي ويهاربو، سندس شموليت لاءِ ڪو انٽرويو ڪو نظريو ۽ ڪا به پڇا ڳاڇا ڪانه هئي، سندس ماضي کي به ڪونه ڏٺو ويندو آهي، جي پنهنجي ڳوٺن

۽ شهرن ۾ جيئي سنڌ.ا.ف جو مخالف بہ هجي، تہ ان شيءِ جي تحقيق بہ ڪونہ ڪئي ويندي هئي، مطلب تہ سنڌ يونيوسٽيءَ، ايگريڪلچر يونيورسٽي، لياقت ڪاليج، مهراڻ يونيورسٽي ۽ چانڊڪا ۾ ان وقت جيئي سنڌ فيڊريشن جو راڄ هوندو هئو. سو ننڍين شهرن مان پڙهي يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ مهل هر ايڪٽو شاگرد جو جيئي سنڌ ۾ شامل ٿيڻ مجبوري بہ هوندي هئي، ۽ مزو بہ هوندو هئو. بس ٺلها نعرا هڻي ماڻهو مفت ۾ بنا سوچ لوچ ۽ بغير ڪنهن قربانيءَ جي قومي تحريڪ جو هيرو ٿي ويندو هئو ۽ اڪثريت اهڙن ئي شاگردن جي هوندي هئي، باقي نظرياتي ڪارڪن تمام گهٽ هوندا هئا. اهو سبب آهي جو اهي ماڻهو پنهنجي مفاد کي ترجيح ڏيندا رهيا. پوءِ يونيورسٽي جي تعليم مڪمل ڪرڻ سان سندن قومي تحريڪ سان وابستگي بہ ختم ٿي ويندي هئي، ڪيترا وڏا نالا جڏهن عملي سياست ۾ متحرڪ ٿيا، تہ انهن پنهنجي پنيان ڪيل سڀ واعدا، اقرار ۽ وچن وساري ڇڏيا ۽ لڳا وڃي پنهنجي ذاتي مستقبل کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ. اهي اصل ۾ حادثاتي قومي ڪارڪن هيا. هنن جي ذهن ۾ ٻيو ڪجهہ ۽ زبان تي ٻيو ڪجهہ هوندو هيو. يونيورسٽيءَ جي شاگرديءَ جي دور ۾ جيڪي گلا ڦاڙي تقرير ڪندا هئا ۽ نعرا هڻندا هئا، اهي ماڻهو يونيورسٽي ۽ شاگرد سياست جي حد تائين تہ جيئي سنڌ جا هوندا هئا، ليڪن عملي زندگيءَ ۾ ساڳيا ماڻهو ان تنظيم جا مخالف ۽ انهن جي پيروڪارن کي گاريون ڏيندڙ رهيا آهن. ڪي تہ وري اقتدار جي نشي ۾ سنڌ دشمن پارٽين ۾ شامل ٿيا، ۽ اتي پهچي قوم پرستن کي ڪچلڻ ۽ ختم ڪرڻ جا رستا ڏيکاريندا رهيا. اوهان، اگر ٿورو تاريخ جا ورق اٿلائيندوءَ تہ تمام ويجها ڪجهہ وڏا ۽ اهم نالا ذهن ۾ ايندا جيڪي پنهنجي مفادن خاطر اقتداري پارٽين ۾ وڃي شامل ٿيا. انهن ۾ ڪيترا تہ اتي ضم ٿي ويا، ليڪن ڪيترا دربدر ٿيندا ۽ ٿڪندا رهيا. انهن ۾ ڪيئي قابل احترام شخصيتون شامل آهن. اهو ذڪر اڳتي هلي ڪندس.

چونڊن ۾ گروپنگ

جيئي سنڌ فيڊريشن 1978 جي اليڪشن لاءِ 2 گروپ سرگرم ٿيا. انهن ۾ هڪ گروپ جنهن کي آريسر صاحب ۽ ان وقت جي سرگرم مرڪزي اڳواڻ مولا بخش لغاريءَ جي حمايت حاصل هجي، ٻئي گروپ ۾ وري مرتضيٰ مهيسر جو پينل هجي. جنهن ۾ نائب صدر لاءِ مولي ڏنو راڄپر، قمر پٽي وغيره هجن. هوڏانهن آئون اڪيلي سر بنا ڪنهن جي حمايت ۽ پينل جي، صدارت جو اميدوار هجان. ان خبر کان پوءِ آريسر صاحب جي گروپ - جنهن جي صدارت لاءِ رسول بخش ٿيٻو ۽ جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ گل محمد جکراڻي هئا. اهي مولا بخش لغاري سان گڏ نديم عباسي، رسول بخش ٿيٻو گل محمد جکراڻي مون سان لطيف آباد 2 نمبر ۾، سيد ولي محمد شاهہ قلندر لعل شهباز جي سجاده نشين جي بنگلي تي ملڻ آيا. چيائون: اسان جي پينل ۾ اچ تون نائب صدر لاءِ اسان جي طرفان فارم ڀراءِ. چاڪاڻ تہ هنن سچي سنڌ جي دوري ۽ رابطي ۾ محسوس ڪيو تہ هي آزاد اميدوار صدارت لاءِ ڪٽي ويندو. ان جي ڪري اسان جا ٻيا اُميدوار هارائي سگهن ٿا. مون بہ وڏيڪ خفي کان بچڻ لاءِ صدارت جي اُميدواريءَ کي ڇڏي، نائب صدر جي اُميدوار لاءِ راضپو ظاهر ڪيو. تڏهن منهنجون نديم عباسيءَ سان- جيڪو لطيف آباد 2 نمبر ۾ ولي محمد شاهہ جي پاڙي ۾ رهندو هئو. روز ڪچهريون هونديون هيون. مولا بخش لغاريءَ کي

رسول بخش ٽيپو جيڪو صدارت لاءِ اميدوار هئو ان جو لاچار به هيو ۽ مان انهن کي جواب نه ٿي ڏيئي سگهيس. پوءِ سن ۾ 19 اپريل 1979 ۾ مرڪزي اليڪشن ٿي، هوڏانهن هنن ڦهريون قمر پٿي کي نائب صدر لاءِ بيهاريو، وري هنن منهنجي حمايت ڪئي، مونکي ياد آهي ته پوءِ منهنجي مقابلي ۾ قمر پٿي ۽ موليڏنو راڄپر هيا. ڪٽنڊڙ اميدوارن ۾ سڀني کان وڌيڪ ووٽ مونکي مليا- صدر، جنرل سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري سڀ اسان جي پينل جا آيا. قمر پٿي ۽ راڄپر جيترا ووٽ ڪنيا، اهي ٻنهي جا گڏ ڪيا ويا ته به منهنجا 18 ووٽ وڌيڪ هئا. ايئن آئون 1979 ۾ جيئي سنڌ ا.ف جو مرڪزي نائب صدر ٿيس. رسول بخش ٽيپو صدر، گل محمد جکراڻي جنرل سيڪريٽري، علي محمد شاهه لڪياري جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيا ويا سين. جڏهن آئون سيوهڻ ڪاليج جي اليڪشن ڪٽي ته اها سيوهڻ شهر جي ڪاليج يونين جي تمام وڏي اليڪشن هئي، انڪري اتان جي ڪافي عام ماڻهن ۽ شاگردن ۾ مون سان واسطو رکڻ جو شوق جاڳيو. جن ۾ سر فهرست سيوهڻ جا سيد خاندان، سيد ولي محمد شاهه لڪياري، محمد شاهه (موني شاهه) -ٻئي پائر پاڻ ۾ ڪونه ٺهندا هئا! مهدي رضا شاهه، سيد صادق علي شاهه سبزواري جيڪو پڻ قلندر جي گادي نشين جو وڏو فرزند ۽ سندس ننڍو ڀاءُ بابلو شاهه جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ وفات ڪري ويو سيوهڻ جو تمام وڏو نالو سيٺ عبدالمجيد، لڇپال هوٽل واري جو واحد پٽ عبدالحميد (حامون) بليدي، عبدالسميع قريشي، عبدالهادي قريشي، آفتاب رضا مغل، سيد مظفر علي شاهه ، ڀانن مان لطيف سنگت جو غلام رسول لاشاري، فقير غلام رسول ڏهيو لڪيءَ مان غلام حسين جويو. آراضيءَ مان اسلم شاهه ولد غلام حسين شاهه جهانگارا مان گاجي ڏنو شاهه ولد حاجي حبيب شاهه، علي نواز برفت، گل حسن پنهيار، بوبڪ مان ڊاڪٽر امين قريشي، بختيار پور وغيره. مون سيني جي دل سان آجيان ڪئي ۽ سڀ منهنجا دوست ٿي ويا. انهن مان ڪيترا ته اڃا تائين مسلسل رابطي ۾ آهن، ڪيترن سان وقت گذرڻ جي ڪري ڪجهه رابطي جو فقدان به آهي، عبدالحميد بليدي هن جو والد صاحب عبدالمجيد بليدي اصل ويٺل ڪرم پور لڳ سيوهڻ شريف هنن جو ڳوٺ درياءِ سنڌ جي ساڄي ڪناري تي آهي، هي ڳوٺ يونين ڪائونسل چنا جي حد ۾ اچي ٿو جنهن ۾ هيءُ به وڏا ڳوٺ يا ننڍا شهر آهن، جن ۾ آراضي به شامل آهي.

عبدالحميد بليدي ۽ بدلجندڙ وقت

جيئي سنڌ .ا.ف جي دؤر ۾ سيوهڻ شهر ۾ منهنجو خاص مقام جڙيو ۽ وري هيءُ جن دوستن سان گهڻو اٿندو ويهندو هئو ان ۾ عبدالسميع قريشي راشن جي ڊيپوءَ وارو بشير احمد اونو وغيره منهنجا به دوست هوندا هئا، پوءِ آهستي آهستي اسان جي گهرائپ ۽ دوستي وڌندي رهي، هن جي ۽ منهنجي عمر ۾ 7 کان 8 سالن جو فرق پڻ هيو ۽ هيءُ مونکان ننڍو هوندو هئو ۽ ننڍي عمر ۾ اهو فرق واضح محسوس ٿيندو هيو ان ڪري ڪافي سوال پڻ اٿيا، آڱريون پڻ ڪنيون ويون، هن جي مائٽن کي ته اها ڳالهه به پسند ڪونه هئي، پر منهنجا مائٽ بڙدين سان منهنجي واسطي ۽ تعلق کي معيوب سمجهندا هئا. ۽ وقت سر پيا ٽوڪيندا هيا. پر اسان جو تعلق واسطوءِ دوستي انهن سيني ڳالهين، سوالن ۽ الزامن کان بالاتر هئي، جيڪا هلندي رهي! ان جو هڪ سبب ته اهي سڀ سوال خدشا ۽ الزام بي بنياد هيا. ۽ ٻيو ته اسان ۾ ڪنهن به قسم جي پاڻ ۾ لالچ ڪونه هوندي هئي، اهو سلسلو اڄ تائين ايئن بنا ڪنهن لالچ

۾ مفاد جي هلندو پيو اچي، اڄ عبدالحميد جي عمر 48 سال ۽ منهنجي 55 سال، ان عمر تائين اسان جي گهري تعلق ۽ دوستي کي 37 سال گذري چڪا آهن. ان واسطي ۾ نه ڪمي آئي آهي نه وٿي پئي آهي. آئون ڪٿان ڪان ڪاٿي پهتس، پر رابطو رهندو آيو. هي ڇا مان ڇا ٿي ويو. پر تعلق قائم دائم آهي. هن سان زندگيءَ جا 37 سال گذريا آهن. معني اهو تعلق شاديءَ کان 5 سال وڏو ۽ وڏي پٽ کان به 7 سال وڏو آهي، ظاهر آ، ان دور ۾ جيڪو لڳ ڀڳ ڇٽڻ ڏهاڪن جي آهي، ڪيترا قصا ۽ ڪهاڻيون آهن.

عبدالحميد بليدي شروع شروع ۾ انتهائي مذهبي خيال جو نوجوان هوندو هئو. ننڍي عمر ۾ جڏهن مونسان واسطو ٿيس ته هيءُ پنج وقت نمازي هيو. ايتري قدر جو شاهي بازار جي پويان مسجد ۾ هي پنهنجي نوجوانيءَ جي عمر ۾ ٻانگ ڏيڻ جو عمل به ڪندو رهيو ۽ هر جمعي جي ڏينهن نماز جي وقت کان اڳ ۾ مسجد ۾ وچي ٻهاري به ڏيندو هئو اهو سلسلو به سالن جا سال جاري رهيو. انڪري هن کي ننڍي توڙي وڏي عمر جي ماڻهن ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هيو سندس والد جڏهن پورهيت مان سيٺ ٿيو ته هن پنهنجي اصليت کي ڪونه وساريو سندس سخاوت ڪافي مشهوري ماڻي! آفيسر خاص ڪري پوليس آفيسر ۽ جج صاحبن جو گهڻو خيال رکندو هئو انهن جي ماني وغيره ۽ چانهه هن جي هوٽل تان ويندي هئي، ته ان جو حساب ڪونه وٺندو هئو اهو ئي سبب هئو جو سندس پوليس ۽ جديشريءَ سان گهرو رابطو ۽ واسطو هوندو هيو پر هن ان جي بدلي انهن آفيسرن کان ڪڏهن ڪجهه ڪونه گهريو هيءُ نه چورن جو يار نه جهيڙي ڪارن سان مددگار رهيو شروع ۾ ته آفيسر ايئن سمجهندا هئا، ته هيءُ سيٺ جيڪي خدمت ڪري ٿو ان جو ڪو حساب ڪتاب هوندو. ليڪن آخر تائين جڏهن ڪين ڪوبه ڪم نه چوندو هئو ته پوءِ اهي آفيسر سيٺ عبدالمجيد جا پيا پنهنجن حلقن ۾ ڳڻ ڳائيندا هئا. هيءُ هميشه بي لوث رهي، پنهنجي روح جي تسڪين ان حوالي سان پيو ماڻيندو هئو اهو ئي سبب آهي، جو سندس لڇپال هوٽل سخي مرد جي هوٽل سڏبي هئي، سندن واسطي وارن جي ته چانهه ماني ۽ انهن جي مهمانن جي خدمت به مفت هوندي هئي، جي ڪير ڪٽي پئسا ڏيندو ته به ڪونه وٺندو هو هر ماڻهوءَ ۾ چڱائي ۽ برائي هوندي آهي، مون پنهنجي سمجهه ۾ هن کي سخي مرد ڏٺو باقي خامين ۾ اها هوندي هيس، ته سياسي سماجي بحث ۾ ڪنهن جي ڳالهه ڪونه مڃبي دلائل هجن نه هجن حقيقت ڇا به هجي، هي پنهنجي ڳالهه تي قائم رهي، انڪي اٿارٽي سمجهي پوءِ اٿارٽي سان ڳالهائيندو هيو ڪنهن جي به ڪونه مڃبي، پنهنجي ڳالهه تي قائم رهبو! عبدالحميد کي سندس والد سيٺ مجيد جي ڪري شهر ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هئو پوءِ آهستي آهستي نوجواني مان جوانيءَ جو مرحلو شروع ٿيو رات جو سندس هوٽل تي اڪثر هڪ به دوست جن ۾ عبدالسميع قريشيءَ وٽ ڪچهريون هونديون هيون. رات جو ان وقت کان وٺي اڄ تائين اڪثر دير سان سمهڻ جي عادت اٿس. هيءُ شادي کان اڳ، صبح جو 11 وڳي ڌاري جاڳندو هيو. پوءِ تمام ناز نخرن سان تيار ٿيندو هيو. هيءُ هر روز تيار ٿيڻ ۾ ايترو ئي وقت وٺندو هئو جيترو خوبصورت ڇوڪري ڪنهن تقريب ۾ وڃڻ وقت پاڻ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ وقت وٺندي آهي. هيءُ سيوهڻ جي نئين ٺهي ۾ خوش لباس ۽ صاف سٿرو رهڻ پسند ڪندو هو اهو سلسلو هن جواڄ تائين جاري آهي، تيار ٿي گهران نڪرندو ۽ تسبيح هٿ ۾ ڪٽندو ۽ پڙهندو پنڌ ڪندو اچي هوٽل تي اندازن 12 وڳي تائين پهچندو هو هيءُ جيڪو ورد

يا وظيفو ڪندو هئو. اهو هوٽل تائين ختم ڪري دعا گهري دخل تي ويهندو هئو. پوءِ رات جو 8 وڳي تائين هن جي مسلسل دخل تي ويهڻ جي ڊيوٽي هوندي هئي. گرمي هجي يا سردي هن جي ڊيوٽي ساڳي هوندي هئي.

سيوهڻ ۾ سڄي ملڪ خاص طور پنجاب ۽ ڪراچي مان مرد عورتون بار زيارت لاءِ ايندا آهن. ان وقت هنن جي هوٽل شهر جي ان لحاظ کان سٺي ۽ وڏي هوٽل هوندي هئي، جو ماني سٺي، دال مشهور، مرغي ڪڙاهي لاجواب. جيڪو هڪ دفعو هوٽل تي آيو وري ايندو ته مانيءَ لاءِ ان هوٽل تي ضرور ايندو مطلب ته معيار سٺو هوندو هئو. ان ننڍي شهر ۾ اهڙي سٺي هوٽل وڏي ڳالهه هئي. عبدالحميد بليدي ۽ سندس والد مرحوم عبدالمجيد بليدي سيوهڻ شهر جا مشهور يار دوست ۽ غريب پرور پنهنجي هوٽل جي ملازمن جي ڏک سک ۾ مدد ڪرڻ، يار دوست لاءِ هوٽل جي ماني چانهه وغيره بلڪل مفت! ڪيترن دوستن جو ته کائڻ پيئڻ جو پڌو سلسلو جاري هيو ۽ سندن دسترخوان گهر ۾ به ڪافي وسيع رهيو آهي، هيءُ ايترا امير ڪونه آهن. پر هوٽل جي ڪاروبار ۾ سموري خاندان جو گاڏو پيا گهليندا هيا. ۽ مهمان نوازيءَ ۾ اخلاقي مظاهرو ايترو ته ڪندا هئا. خاص طور عبدالحميد پنهنجي والد کان پوءِ اڃا ان سلسلي کي وڌيڪ وسيع ۽ بهتر ڪيو هن جي دسترخوان تي هڪ دفعو جيڪو مهمان ويو اهو سموري زندگي لاءِ هن جوئي ٿي رهيو. انتهائي عزت احترام، نياز نوڙت، انڪساريءَ سان پيش پيو ايندو.

عبدالحميد بليديءَ جو سياسي ڪيريئر

هيءُ مون سان گهڻو سلهاڙيل رهيو آهي، مان سمجهان ٿو سندس وقت مون سان گڏ گهڻو گذريو آهي، ۽ اڃا_جڏهن ته هاڻي وڏن ماڻهن ۾ شامل آهي، پر پوءِ به اسان جو دوستيءَ ۽ ڏک سک جو واسطو مونکي ته ساڳيو محسوس ٿئي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته پئسن ۽ پاور جي نشي ۾ هن جون ترجيحات بدليون هجن پر پوءِ به هن ڪوشش اها ئي ڪئي آهي ته خاص طور منهنجي تعلق واري معاملي ۾، مونکي شڪايت نه رهي، پر پوءِ به انسان آهي، ڪٿي ڄاڻائي ۽ ڪٿي اڻڄاڻائيءَ ۾ ننڍيون وڏيون ڳالهيون ته ٿينديون رهنديون آهن. پر پوءِ اهڙن معاملن کي هن به ۽ مون به پئي درگذر ڪيو آهي، ۽ سلسلو ساڳيو پريت وارو هلندو پيو اچي، مان جيئي سنڌ.ا.ف ۾ جڏهن سرگرم هئس ته منهنجي ڪري هن جو تعلق سائين جي،ايم سيد. سندس پٽ امير حيدر شاهه ۽ سندس پوٽي جلال محمود شاهه سان ٿيو هي ماڻهو به اصول پرست سمجهيا وڃن ٿا، هرو ڀرو پاسو بدلائڻ پنهنجي لاءِ بي عزتي جي ڳالهه سمجهندا آهن، جنهن جاءِ تي هوندا آهن، اتي ئي بيٺا رهندا آهن. پوءِ ڏک سک پيا ڀوڳيندا رهندا آهن. مان به فيڊريشن جي ليڊرشپ جو مدو پورو ٿيڻ تي ڇڏي وڃي سرڪاري نوڪريءَ ۾ لڳس. پهرين پوسٽ آفيس ۾ ڪلارڪ ۽ پوءِ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ ۽ وري اسٽيٽ بينڪ ۾ اسسٽنٽ جي نوڪري ملي، پوسٽ آفيس ۾ 1981 کان 1983، مهراڻ يونيورسٽي ۾ 1983 کان 1986 ۽ اسٽيٽ بينڪ ۾ 1986 کان اڄ تائين سلسلو هلندو پيو اچي!•

• ليڪڪ، هيءُ مسودو 2014ع ۾ لکي پورو ڪيو هو. ڪتاب ڇپجڻ وقت 2020ع ۾ اڄ کان ڇهه ورهيه اڳ هن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان مان بحيثيت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي، وقت کان پهريان رضاڪارانه رٽائرمينٽ وٺي ڇڏي.

ڪليل حمايت

1990ع جي اليڪشن ۾ آئون پ پ مخالف اميدوار سيد عبدالله شاهہ جي مقابلي ۾ امير حيدر شاهہ جو حمايتي ۽ چيف اليڪشن ايجنٽ سيوهڻ سرڪل لاءِ هئس. ان وقت صوبائي اسيمبليءَ لاءِ سيوهڻ ۽ مانجهند سرڪل هوندي هئي، ۽ سيوهڻ تعلقو ملائي هڪ سيٽ ٺهندي هئي، حلقو پي.ايس 59 سيوهڻ مانجهند سرڪل سڏيو ويندو هو. مانجهند سرڪل ۾ 15 پولنگ اسٽيشنون هونديون هيون. ايم.اين.اي لاءِ عبدالحفيظ پيرزادو اڃا اميدوار ٿيو آزاد پينل مقابلي ۾ پ پ پاران صوبائي سيٽ لاءِ سيد عبدالله شاهہ ۽ قوميءَ لاءِ ملڪ اسد سڪندر مد مقابل هئا. ان وقت ۾ صوبائي ۽ قومي نشستن جون پولنگون ٻن ڏينهن جي وقفي سان ٿينديون هيون. آئون تمام گهڻو سرگرم هئس، نوڪريءَ تان ٻه ڀل ڏينهن موڪل ورتم. سيوهڻ ۾ سيد باقر شاهہ باجارائيءَ جي اوطاق تي اليڪشن ڪئمپ لڳائي ويئي، ان وقت عبدالحميد بليدي صرف همدرد جي حد تائين ۽ ووٽر جي حد تائين سرگرم هو ۽ هنن پنهنجي، ڪرم پور واري پولنگ تي ڪاميابي ڏياري هئي. باقي سڄي تعلقي جو انتظام مون وٽ هئو پ پ جي مقابلي ۾ صرف حڪمت عملي ۽ طاقت جي زور تي ڪٽڻ ممڪن هوندو هئو باقي سنڌ جو عوام ته سدائين پ پ بابت انڌي عقيدي جي حد تائين ان جو ووٽر ۽ سپورٽر رهيو آهي، هن اليڪشن ۾ سيوهڻ شهر مان جن ماڻهن کلي عام، امير حيدر شاهہ جي حمايت ڪئي، انهن ۾ مرحوم صادق علي شاهہ، سندس ڀاءُ مرحوم حاجن شاهہ (فتح علي شاهہ) سرفهرست آهن. سيد باقر شاهہ باجارائي، سيد ڪوڙل شاهہ آراضيءَ وارو، ڀانن مان روشن علي ٻرڙو مولا بخش لغاري، ٽلٽيءَ مان عبدالسلام راجپوت! ڀانن مان قاسم بوزدار وغيره ۽ تعلقي جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ مان جيئي سنڌ جا ڪارڪن ۽ همدرد هوندا هئا. هونئن ته ايجنسين هميشہ پ پ جي خلاف ڪم ڪيو آهي، پر جي.ايم سيد جي پٽ جي معاملي ۾ وري انهن جي همدردي به پ پ سان هوندي هئي، ۽ ايئن 1990 جي اليڪشن ۾ قومي سيٽ تي- جيڪا صوبائي اليڪشن کان به ڏينهن اڳ ۾ هئي، قوميءَ جو اسان واري پئنل جو اميدوار عبدالحفيظ پيرزادو شڪست کائي ويو ۽ پ پ جي اميدوار ملڪ اسد سڪندر کٽي ويو. اها خبر جيئن پئي ته امير حيدر شاهہ کي ڪافي صدمو رسيو منهنجو رابطو جلال محمود شاهہ سان ٿيو ان به تصديق ڪئي ته پيرزادي صاحب جي شڪست سائين امير حيدر شاهہ تي وڏو اثر ڪيو آهي، ۽ مايوس ٿي ويو آهي. مون ڪيس گذارش ڪئي ته اوهان سيوهڻ اچو ته ڪا حڪمت عملي ناهيون ٿا. شام جو سيوهڻ آيو دادوءَ مان غلام مصطفيٰ جانوري، ۽ ڪوٽڙيءَ مان فقيرداد کوسو! مون هنن جي سامهون هڪ تجويز پيش ڪئي ته: ايئن اليڪشن مان فرار ٿيڻ نہ گهرجي ۽ سيوهڻ تعلقي ۾ جيڪي پ پ جون مضبوط پولنگون ۽ ڳڙهہ آهن، انهن تي جيئي سنڌ فيڊريشن جا آؤٽ سائيڊ ورڪر ايجنٽ ۽ انهن جي مدد لاءِ ڪجهہ ٻاهر به ڪارڪن ويهارجن. جيئن پ پ کي جائز ووٽ کان وڌيڪ غلط ووٽ نہ پون. سيوهڻ تعلقي ۾ ڪجهہ پولنگون- جهڙوڪ: ڪرم پور، باجارا، جهانگارا، ڀان وغيره ۾ ۽ سيوهڻ جي سٽن ئي پولنگن تي اسان جو ڪنٽرول هجي. نہ ووٽ هو غلط وجهن نہ اسين! باقي مون هنن کي چيو ته مانجهند سرڪل ۾ پندرهن پولنگن تي هنن پ پ وارن جون ڪيتريون پولنگون آهن، جن تي هنن کي ايجنٽ ملي ٿا سگهن؟ هنن ٻڌايو ته به پولنگ اسٽيشنون اهڙيون آهن! هڪ لاڪا، اتي ڪو هڪ همراهہ پ پ جو جيالو آهي، ۽ پروفيشنل وڪيل آهي، اهو

ايندو ته پولنگون آمريءَ ۾ جتي پ پ جو جيالو صدر ملاح هوٽل وارو آهي. اهو به ويهندو ۽ انهن ٻن پولنگن تي اسان کوبه غلط ووٽ نه وجهي سگهنداسين. مون هنن کي تجويز ڏني، ته انور نارائي ايس.ڊي.او ايريگيشن ۽ حبيب الله ڪابورو ايس.ڊي.او ايريگيشن جن مان هڪ جي پوسٽنگ سن ۾ ٻئي جي مانجهند يا ڪوٽڙيءَ ۾ هئي ۽ اهي ٻئي پرزائيڊنگ آفيسر هيا، مون چيو هڪ کي لاڪا ۽ هڪ کي آمريءَ ۾ رکرايو ته هنن چيو ته ايئن ڪرڻ سان ڪهڙو خاص فائدو ٿيندو؟ مون کين ٻڌايو ته: آئون اوهانکي پڪ ٿو ڏيان ته غلام مصطفيٰ جانوري 100 کن شاگرد ورڪر وٺي اچي، اسين سڄي تعلقي ۾ هنن جو غلط ووٽ ڪونه وجهڻ ڏينداسين. پلي جهيڙا ٿين. باقي اوهان پندرهن پولنگ اسٽيشن تي سؤ سيڪڙو ووٽ ڪاسٽ ڪيو جو تيرهن تي هنن وٽ ايجنٽ ڪونه آهن. باقي لاڪا پولنگ تي فقيرداد کوسي کي ويهاريو. بهرحال اسان جي جيڪا حڪمت عملي هئي، ان ۾ اسين ڪامياب ٿياسين ۽ ووٽ نوي سيڪڙو ڪان به وڌيڪ پيو پ پ وارن جا به ايجنٽ جيل پيڙا ٿي چڪا هئا ۽ آخرڪار سائين امير حيدر شاهه. ان اليڪشن ۾ سيد عبدالله شاهه کي شڪست ڏئي سوپارو ٿي ويو!

ان داستان جو وڌيڪ تفصيل منهنجي ايندڙ ڪتاب ۾ هوندو...

❋

باب ڏهون
نوڪريءَ جو دورانيو

جيئڻ لئہ جيڏيون...

مون 1983ع کان 1984ع تائين پاڪستان پوسٽ آفيس ۾ سنڌي مترجم طور تي ڪم ڪيو. ان ۾ منهنجي مدد لعل محمد شيخ ڪئي. جيڪو اصل تہ سيوهڻ شريف جو رهواسي هيو مگر بعد ۾ اچي ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيو. پاڻ پوسٽ آفيس ۾ اسسٽنٽ پوسٽ ماسٽر هيو. سندس ڪوشش سان سنڌي مترجم جي نوڪري ملي. ان وقت منهنجي ڪل پگهار تيرنهن سئو روپين جي لڳ ڀڳ هئي. هڪ سال بعد ۾ مون کي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجيءَ ۾ اسسٽنٽ جي نوڪري ملي. ان ۾ منهنجي مدد اسرار بچاڻي صاحب ڪئي. جيڪو ان وقت حبيب بئنڪ سنڌ يونيورسٽي برانچ جو مينيجر هيو. ان ڪري سندس سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ سٺو اثر رسوخ هيو. اسرار بچاڻي وري منهنجي سالي، نذير احمد شيخ جو دوست هيو. ان ڪري بہ منهنجي مدد ڪيائين. ڇاڪاڻ تہ ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڊائريڪٽر-فنانس هڪ ناريجو هيو جنهن جو نالو هاڻي وسري ويو آهي. ان جو ۽ حبيب بئنڪ وارن جو پاڻ ۾ تعلق هيو. ان وقت بئنڪ وارا يونيورسٽيءَ جي ملازمن کي ايڊوانس پگهار بطور قرض ڏيندا هئا. مينيجر اسرار بچاڻي اهي قرض، فنانس ڊائريڪٽر ناريجو صاحب جي چوڻ تي ڏيندو هيو. ان ڪري هڪ ٻئي جو خيال رکڻ سندن مجبوري هئي. ڪو وقت هيو تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مون پنهنجي سالي کي نوڪري وٺي ڏني هئي. وقت وقت جي ڳالهہ آهي. ان احسان جو بدلو ان مون کي مهراڻ يونيوسٽيءَ ۾ لڳرائي پورو ڪيو.

ٻہ سال نوڪري ڪيم تہ هڪ ڏينهن آفيس ۾ ڏٽي بخش اوٺو آيو. چيائين تہ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۾ نوڪريون آيون آهن. توهان بہ درخواست ڏيو. هن مون کي گهڻو همٿايو. ايتري قدر جو درخواست جو فارم بہ پاڻ ساڻ کڻي آيو. اهڙي ريت انٽرويوءَ ۾ ڪامياب ٿيس ۽ اسسٽنٽ طور نوڪري ماڻيم.

اي جي اين قاضي

24 اپريل 1986 ع تي اسٽيٽ بئنڪ جي سيني قانوني گهرجن کي پورو ڪرڻ کان پوءِ آرڊر مليو. اسٽيٽ بئنڪ جي نوڪري ۾ وڏيڪ ڪوشش ڏٽي بخش اوٺي جي آهي. جيڪو ان وقت ”نوٽ ڪوئن ايگزمنر“ هيو. ان ڪافي همٿ افزائي ڪندي زور ڀريو تہ درخواست ڏئي اميد تہ تنهنجو ڪم ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت اي جي اين قاضي اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر هيو. جنهن بئنڪ ۾ پرتين

جي حوالي سان هڪ پاليسي ترتيب ڏئي ان ۾ تعليم جون مارڪون 85 سيڪڙو ۽ انٽرويوءَ جون مارڪون صرف 15 سيڪڙو رکيون. مون واري گهربل پوسٽ جي تعليم انٽر تائين گهربل هئي. انٽر، گريجوئيٽ ۽ ايم اي جون مارڪون ترتيبوار ٽيهه، پنجويهه ۽ پنجاه سيڪڙو رکيل هيون. جن جو جوڙ وڃي 85 ٿئي ٿو. ان وقت ٻهراڙي سنڌ سان تعلق رکندڙ نوجوان وڏي تعداد ۾ بيروزگار هيا. ۽ شهري نوجوان وڏيڪ تعداد ۾ روزگار وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا. قاضي صاحب جي ان پاليسيءَ جي ڪري ٻهراڙي سنڌ جي 600 کان 700 نوجوانن کي نوڪريون مليون. جيڪو اسٽيٽ بئنڪ جو هڪ وڏو رڪارڊ آهي. ان کان پوءِ ٻيا غير سنڌي گورنر آيا. اهڙي ريت سنڌين لاءِ ٻيهر روزگار جا دروازا بند ٿيا. مان قاضي صاحب جي دور ۾ يارهين گريڊ ۾ اسسٽنٽ طور ڀرتي ٿيس. ان موقعي تي مان اي جي اين قاضيءَ کي سلام پيش ڪيان ٿو جنهن اهو قومي فرض سرانجام ڏنو. شال ان قومي ڪم جي ڪري ڪيس سنڌ جي تاريخ ۾ اهم جاءِ ملي وڃي. مون وٽ جيڪر ڪو قلم ۽ ڪاغذ هجي ته ان تي هنن جا ٿورا مڃيان... اسين پنهنجي انهن قومي هيروز کي ڪٿي به ياد يا خراجِ تحسين پيش نه ٿا ڪيون جن خاموشيءَ سان پنهنجي قوم لاءِ بي بها قربانيون ڏنيون هجن. مان هڪ دفعو ٻيهر هي سوال سنڌي اسڪالرن ۽ تاريخدانن جي آڏو رکان ٿو ته اهي قاضي صاحب کي ڪيئن ياد ٿا ڪن؟!

مان حلفيه چوان ٿو ته مون قاضي صاحب سان ڪڏهن به ڪا ملاقات ڪونه ڪئي هئي. چو ته مون کي جنهن سال نوڪري ملي ان سال يعني 1986ع ۾ ئي سندس گورنريءَ جو مدو پورو ٿيو. اهڙي ريت منهنجي هن ڪتاب ۾ ڪجهه ٻيون شخصيتون به ضرور اينديون جن مجموعي طور تي سنڌي قوم جي دردن ۾ گهٽتائي آڻڻ لاءِ خاموش انقلاب آندو. پر اسان جي قوم انهن کي اهو گهربل مان ۽ مرتبو ڏيڻ ۾ ڪنجوسي ۽ لاپرواهي کان ڪم ورتو. جنهن جو ذميوار مان قومي تحريڪ لاءِ ڪم ڪندڙ ڌرين کي سمجهان ٿو. ان تي به آئون تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪندس. جو انهن ۾ مان به شامل آهيان. ته اهو سمورو ڪيس سنڌي ماڻهن ۽ انهن جي اعليٰ تعليم يافته ماڻهن-جن ۾ شاعر، اديب، ڏاها، اسڪالر ۽ تاريخدان اچي وڃن ٿا. منهنجي انهن سمورن کي نماڻي وينتي آهي ته هو پنهنجي تاريخي ذميواري محسوس ڪن ۽ قوم جي محسنن تي باقاعده قلم کڻن.

اسٽيٽ بئنڪ ۾ آيس ته اتي ڪافي سنڌي نوجوان-جيڪي سنڌ جي مختلف ماڳن مان آيا هئا اچي نوڪريءَ ۾ لڳا. مون کي نوڪريءَ دوران ڪراچيءَ ۾ جيڪي دوست مليا انهن ۾ ڏٽي بخش اوٺو جيڪو هاڻي هاءِ ڪورٽ جو وڪيل آهي. ان کان علاوه غلام سرور اوٺو (سيوهڻ) احمد علي راهوجو (خيرپور ناٿن شاهه)، غلام عباس سومرو (ميهڙ)، .... پنهور (ٽنڊو سعيد آباد)، نثار سومرو (سيوهڻ شريف)، غلام سرور (ٽنڊو سعيد آباد)، ...سهتو شڪارپور، لياقت جمالي (خيرپور ميرس)، عبدالشڪور شيخ (گمبٽ)، لياقت جمالي (خيرپور ميرس)، عبدالرزاق سهتو (ڪنڊيارو)، علي احمد صاحب، خادم سولنگي، شريف ڏاهري، غلام مصطفيٰ، اهي سڀ ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي جيڪي مون کي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي مرڪزي اڳواڻ جي حيثيت ۾ سڃاڻندا هئا.

اسٽيٽ بئنڪ ۾ ڪافي يونينون ۽ ڪيتريون ئي ايسوسيئيشنس هيون. يونين ۾.... يونين جنهن ۾ ايم ڪيو ايم جي اڪثريت هئي. اها سي بي اي (ڪليڪٽو بارگيننگ ايجنٽ) به هُئي. جماعت اسلامي جي يونين 474، پختونن جي يونين ۽ اسٽاف يونين. اهي سڀ ڪلريڪل يونينس هيون. وري

نان ڪلريڪل ۾ يونين 317 اها به ايم ڪيو ايم جي هئي. ايئن الائي ڪيتريون يونينس هيون. جن ۾ پنجابي ويلفيئر ايسوسيئيشن، مهاجر ويلفيئر ايسوسيئيشن، (وري انهن ۾ به گروپ هوندا هئا)، سنڌي بلوچ ايمپلائيرز ويلفيئر ايسوسيئيشن، پختون هزاروال ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ گلگت بلتستان ويلفيئر ايسوسيئيشن. هاڻي ان سيني کي سمجهڻ لاءِ وقت جي ضرورت هئي. مگر ايترو سمجهي ويس ته ان ايسوسيئيشن ۾ ان قوم جا سڀ ماڻهو پوءِ پلي اهي ڪٽي چوڪيدار، پٽيوالا، ڪلارڪ ۽ ڪيترو به وڏو آفيسر ڇو نه هجي اهي سڀ ميمبر ۽ عهديدار هوندا هئا. باقي ٽريڊ يونين ۾ جيڪي ان جي ميمبر ٿيڻ لاءِ گهربل ضرورتون پوريون ڪندو اهو ئي ميمبر ٿي سگهندو. مان به روشن جي صلاح سان سنڌي بلوچ ويلفيئر ايسوسيئشن (سبيوا) جو فارم ڀري ان جو ميمبر ٿي ويس. شروع ۾ سبيوا ۾ چند سنڌي ۽ بلوچ ميمبر هئاسين. جن ۾ سراج مغل، واحد بخش چانگ، خدا بخش پٽو، ڪمال بلوچ، غلام مصطفيٰ شيخ، ۽ ڪجهه ٻيا هوندا هيا، جن ان ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو هيو. ڪا به ايسوسيئشن رجسٽرڊ ڪانه هوندي هئي مگر ويلفيئر جو نالو ڏئي ڪم ڪري سگهبو هيو.

مونکي نوڪري مئي 1986 ۾ ملي ۽ هڪ مهيني بعد يعني جون 1986ع ۾ سبيوا جو ميمبر ٿيس. اڃا ٽريڊ يونينس ۽ ايسوسيئيشنز جي معاملن کي پوري ريت سمجهي ئي نه سگهيس ته مٿان سبيوا جي اليڪشن اچي وئي. مان بنيادي طور تي قوم پرست ۽ شاگرد سياست جو تجربو رکندڙ هيس مگر ٽريڊ يونين جي سياست مختلف هئي. هر ايسوسيئيشن جو الحاق يا حمايت ڪنهن نه ڪنهن ٽريڊ يونين سان هجي. اهڙي ريت ٽريڊ يونين وارن سان ڳالهيون وري ايسوسيئيشن جا عهديدار ڪندا هيا. جنهن جا وري سڀ ميمبر فيصلن مڃڻ لاءِ پابند هوندا هيا. مگر ڪجهه ايسوسيئيشنز جا ميمبر وري اڪثريت جي فيصلي خلاف پنهنجي ذاتي مفادن کي ترجيح ڏيندي ڪنهن ٻئي ڌر جا ميمبر ٿيندا هئا.

سبيوا جي قوم پرست سوچ رکندڙ ميمبرن فيصلو ڪندي مون کي چيو، تون سبيوا جي پراڻين اڳواڻن خلاف اليڪشن ۾ مقابلو ڪر ۽ پنهنجو پينل ٺاهه. مون به ايئن ڪيو. يارهن ڄڻن جو پينل هوندو هيو. مون سان انهن ماڻهن ساٿ ڏنو جيڪي ڪٽيندڙ ڌر جي خلاف هيا. جن ۾ واحد بخش چانگ، عبدالخالق سولنگي، عبدالمنان لنڊ، شريف ڏاهري، غلام مصطفيٰ ملاح ۽ ذوالفقار شيخ شامل هئا. اهي اڪثر ڪري جماعت اسلاميءَ جي ٽريڊ يونين سان هوندا هئا. جو اها به هڪ دفعو سي بي اي ۾ رهي. ان ڪانپوءِ عدالتي ڪميشن ۾ ريفرينڊم رکجي ويو ۽ ايم ڪيو ايم اسٽيٽ بئنڪ ۾ پنهنجي دهشت ڦهلائي ۽ ڪنٽرول قائم ڪيو. مون اهو سڀ محسوس پئي ڪيو ۽ سوچيم ته ڪو لائحه عمل تيار ڪري سگهان. ان ڪري منهنجي لاءِ سبيوا جي اليڪشن کٽڻ انتهائي اهم هئي. منهنجي سامهون سمورا پراڻا عهديدار هيا. جن ۾ منظور مسافر، غلام شبير سومرو، الطاف حسين شيخ، سيد منظور شاهه، غلام رسول بلوچ، عثمان بلوچ، دائود بلوچ، ڪريم بخش بلوچ سرفهرست هئا. هاڻي اسان سان مسئلو اهو هيو ته هنن سان بلوچستان جو ڊوميسائيل رکندڙ دوست موجود هيا جڏهن ته اسان جي پئنل ۾ ڪو به سرفهرست بلوچ ڪونه هيو. پوءِ به اليڪشن جو پئنل ٺاهي بيهي رهيس. آئون ان ۾ صدر جو اميدوار هيس. مون کي صرف هڪ اهميت هئي ته شاگرد اڳواڻ هجڻ جي ڪري منهنجو نالو روشن ۽ معروف هيو. ايئن محسوس ٿيندو هيو ته هي به ڄڻ سنڌ جي ئي ڪا يونيورسٽي هجي. مون

اهو ماحول بہ پيدا ڪيو. همٿ ڪيم ۽ اڳيرو ٿيس. ايم ڪيو ايم جي، ٻنا ڪنهن ڊپ ۽ خوف جي مخالفت ڪئي سين. عام طور تي بظاهر جيڪي دوست سامهون نہ ٿيندا هئا. اگر ڪڏهن اليڪشن جو مرحلو هجي يا ريفرينڊم جو ڪو معاملو سنڌي دوستن ڪڏهن بہ ايم ڪيو ايم جي حمايت ڪانہ ڪئي. باقي انهن جي سامهون دوبدو ٿيڻ کان پاسو ڪندا هيا. ان جا ڪيترائي سبب هيا. 1986ع ۾ ايم ڪيو ايم جون دهشتگرد ڪارروايون پنهنجي عروج تي هيون. اسان جا ڪيترائي سنڌي نوجوان انهن جي علائقن ۾ رهندا هيا. ان ڪري خوف جو ماحول هوندو هيو.

ايم ڪيو ايم خلاف حڪمت عملي ۽ منصوبو

مان اهو عزم ڪيو تہ ايم ڪيو ايم کي اسٽيٽ بئنڪ ۽ ٽريڊ يونين مان ٻاهر ڪيندس ۽ هنن کي پنهنجي ڳوڙهي حڪمت عمليءَ سان شڪست ڏيندس. ان وقت ايم ڪيو ايم جي دهشت جي ڪري جڏهن لساني فساد ٿيندا هئا تہ اسان جا سنڌي نوجوان ٿيلها کڻي موڪلون ڪري ڳوٺ روانا ٿي ويندا هئا.

مون اهو بہ طي ڪيو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي مالڪي قائم ڪبي. ان لاءِ بہ جاکوڙ ڪبي. مون پاڻ سان ڪيل اهي ٻئي واعدا پورا ڪيا. جن جو تفصيلي ذڪر ڪندس. مان ان جو فيصلو تاريخ تي ڇڏيندس تہ مان پنهنجي سنڌي قوم جي خدمت گذار طور تي عملي طور ڪيترو ڪامياب رهيس.

ڊسمبر 1986ع ۾ اليڪشن هئي. منهنجي سبيوا جي ميمبر ٿيڻ جي ڇهن مهينن بعد پينل ٺهي ويو. جيڪو پراڻن ۽ تجربي ڪارن جي مدمقابل هيو. اڳ بہ ڪجھ دوست مقابلو ڪندا هئا مگر انهن جا ووٽ صرف ڏھ سيڪڙو مس هوندا هئا. اگر 600 ووٽ ڪاسٽ ٿيندا هئا تہ مخالف 70_60 ووٽ مس کڻندا هئا.

پوءِ ٻنهي پينلن جي پاڻ ۾ مقابلي کان بچڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي. جو تہ ڪافي نوان دوست اي جي اين قاضي صاحب جي ڪري شامل ٿي ويا هئا. ان ڪري پراڻن اڳواڻن کي خطرو محسوس ٿيو تہ متان قيادت هٿن مان هلي وڃي سو گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ ڪجھ دوستن جي وچ ۾ اچڻ ڪري ٻئي پينل هڪ ٿي ويا. 11 سيٽن جي پينل جي ورهاست اهڙي ريت ٿي تہ جنهن جو صدر هوندو اهي پنج سيٽون ۽ جن جو جنرل سيڪريٽري هوندو ان جون ڇھ سيٽون رکندا. اسان واري سنگت ان ٺاھ ۾ خوش ڪونہ هئي. جيڪي پراڻي وقت کان وني هنن جي سامهون بيهندا هيا ۽ شڪست کائيندا هئا. باقي ٻين سيني جو اهو اڪثريتي خيال هيو تہ پينل ٺهڻ گهرجي. ڇو جو اسان جي گروپ ۾ جيڪي پراڻا ساٿي هيا اهي جماعت اسلاميءَ جي ٽريڊ يونين سان وابستہ هيا ۽ هي دور اهڙو هيو جو ماڻهو ايم ڪيو ايم کان پوءِ جماعتِ اسلامي کي سنڌ جي مفادن خلاف سمجهندا هئا. فيصلو ٿيو تہ مون کي صدارت سان چار سيٽون ۽ غلام شبير سومري کي جنرل سيڪريٽري سان پنج سيٽون ملنديون. هن اليڪشن ۾ چاڪاڻ تہ ووٽ نشان کي نہ مگر ماڻهوءَ کي ملندو هيو. ان ڪري اسان سان گڏ جيڪي جماعت اسلاميءَ سان تعلق رکندڙ دوست هيا انهن پنهنجو الڳ پينل جوڙي اسان جو مقابلو ڪيو. نتيجي ۾ ڪين ويھ ووٽ مس مليا. معنيٰ اپريل ۾ نوڪري ۾ آيس، جون ۾ سبيوا جو ميمبر

ٿيس ۽ 16 ڊسمبر تي ساڳي ئي سال ۾ ان ئي سنڌي بلوچ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن (سبيوا) جو صدر چونڊجي ويس. ايتري مختصر وقت ۾ سبيوا جو صدر ٿيڻ هڪ وڏو رڪارڊ هيو. اها منهنجي اسٽيٽ بئنڪ جي نوڪريءَ دوران پهرين وڏي ڪاميابي هئي. ان ڪانپوءِ سنڌي ماڻهن محسوس ڪيو ته اهڙو ڪو ماڻهو آيو آهي جنهن سنڌي ڪاز کي باقاعده هٿن ۾ ڪنيو آهي. جنهن جا انتهائي ڏور رس نتيجا نڪرندا ۽ اڳتي هلي ايئن ئي ٿيو.

ٽريڊ يونين ڇا آهي؟

اسان جي سنڌي قوم کي سياست، ثقافت ۽ اسٽوڊنٽ سياست جي ته خبر آهي ليڪن ڪنهن اداري جي ٽريڊ يونين جي تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي آهي. ان ڪري مان مختصر طور تي مزدور تحريڪ ۽ انهن جي ٽريڊ يونين جو ذڪر ڪندس ته جيئن قارئين کي ان بابت جوڳي معلومات ملي.

1973ع کان اڳ ۾ ٽريڊ يونين جي رجسٽريشن ليبر ڪاتي ۾ ٿيندي هئي. ليبر ڪاتي وارا اڪثر وڏين فيڪٽرين، وڏن صنعتي ادارن، وڏين هوٽلن، پبلڪ سيڪٽر ڪمپنين جهڙوڪ: پاڪستان پوسٽ آفيس، پاڪستان ريلوي، نيشنل شپنگ ڪارپوريشن، گيهه ڪارپوريشن، پورٽ قاسم، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ وغيره ۾ مزدورن جي نمائندگي ڪنديون هيون. پر يونين ۽ انهن جي قانون ۾ ايتريون ته پيچيدگيون هونديون هيون جو اڪثر مزدورن جي ٽريڊ يونينون ريفرينڊم کٽڻ کان بعد ۾ يا ته مِل مالڪن ۽ پبلڪ سيڪٽر ڪمپنين جي ڪامورا شاهي جي ”پاڪيٽ يونين“ تي ويندي هئي يا وري ڪورٽن ۾ پيا ڌڪا کائيندا هئا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سپ کان پهريان فيبروري 1973ع ۾ مزدورن لاءِ اصلاحات آندا. مقامي سطح تي جيڪي مِلون هيون. انهن جي رجسٽريشن ليبر ڊپارٽمينٽ ۽ وفاقي سطح جي پبلڪ سيڪٽرن تنظيمن (ريلوي، پي آءِ اي، بئنڪون، پوسٽ آفيس وغيره) لاءِ نيشنل انڊسٽريل ڪميشن تشڪيل ڏئي انهن جي ميمبرن ۽ چيئرمين کي جج جا اختيار ڏئي ڇڏيا-جيڪي مزدورن ۽ مل مالڪن جي وچ ۾ ٿيندڙ فساد به ڪميشن جي صورت ۾ حل ڪندا هئا ته جيئن ملڪ جي صنعتي شعبي ۾ مزدورن کي ترت انصاف ملي سگهي. اڳتي هلي انهن ادارن ۾ مزدورن سان وڏا ويل وهايا ويا. ڪنهن به اداري ۾ ڪيتريون ئي ٽريڊ يونين رجسٽر ٿي سگهنديون هيون ۽ ان اداري ۾ هڪ يونين رجسٽر ٿي ۽ ٻئي نه ٿي ته ان اڪيلي يونين کي سي بي اي جو سرٽيفيڪيٽ جاري ٿيندو هيو.

COLLECTTIVE BARGAINING AGENT (CBA) ڇا آهي؟

پوءِ ان اڪيلي يونين جي اندر جي ميمبر اگر چاهين ته پنهنجي قيادت جي چونڊجڻ لاءِ هر ٻن سالن ۾ اليڪشن ڪرائي سگهن ٿا. ان کان پوءِ ليبر ڪاتو يا نيشنل انڊسٽريل رليشنس ڪميشن جنهن جو به ڪيس هجي. ان کان ميمبر جي درخواست تي لاڳاپيل ڊپارٽمينٽ يا فيڪٽريءَ جي انتظاميا کان ووٽر لسٽ وٺندا. ۽ ووٽر اهو هوندو جيڪو ان اداري جو ملازم هوندو. اهي لسٽون ليبر ڪاتي يا اين آءِ آر سي (نيشنل انڊسٽريل رليشنس ڪميشن) جنهن جو به ڪيس هجي، کي مهيا ڪندا ۽ اليڪشن

ڪرائيندا.

پر جي هڪ ڪان وڌيڪ ادارن ۾ يا فيڪٽرين ۾ يونين رجسٽرڊ هوندي ته پوءِ اليڪشن ڪونه ٿيندي بلڪ يونينن جي وچ ۾ ريفرينڊم ٿيندو هيو. اهي هڪ کان وڌيڪ جيتريون به يونينون هونديون اهي سڀ ريفرينڊم ۾ وينديون. هاڻي هر يونين جي اندر قيادت چونڊڻ جي اليڪشن وري ليبر کاتو يا نيشنل انڊسٽريل رليشنس ڪميشن ڪونه ڪرائيندا. بلڪ اهي پنهنجي يونين جي ميمبرن جي بنياد تي پنهنجي قيادت پاڻ چونڊي ان جي اليڪشن جي ڪاروائي ۽ نتيجا ليبر کاتي يا نيشنل انڊسٽريل رليشنس ڪميشن کي موڪليندا هئا. اهي کاتا وري انهن جي ميمبرن وچ ۾ طريقيڪار تي ٿيندڙ اليڪشن کي مڃيندا ۽ انهن کي سندن يونين جي عهديدارن جي لسٽ منظور ڪري ڪين اطلاع لاءِ ڪاپي ڏيندا ته اوهان-جيڪو پنهنجي يونين جي اليڪشن جو رزلٽ ڏنو آهي ته سرڪاري اداري، جنهن وٽ اها يونين رجسٽرڊ آهي، کي منظور ڪيو. هاڻي اهي عهديدار ان يونين جا قانوني نمائندا هوندا. اهڙي ريت جيتريون به يونينس هونديون انهن سڀني جو ساڳيو طريقيڪار هوندو. هاڻي ٻيو مرحلو اهو آهي ته ڪهڙي يونين هوندي جيڪا اداري جي سربراهه يا انتظاميا سان بارگيننگ ڪري؟ ان لاءِ لاڳاپيل اداري جي سڀني يونينن جي وچ ۾ ريفرينڊم چيلنج ڪيو ويندو آهي. ان جو طريقيڪار اهو هوندو آهي ته هر اداري ۾ پهريان هڪ يونين رجسٽرڊ ٿيندي هئي ته ان کي هڪ يونين جي بنياد تي سي بي اي جو سرٽيفيڪيٽ ملندو هيو ۽ ان کي انتظاميه سان ڳالهه ۽ چارٽر آف ڊمانڊ جو قانوني حق حاصل هوندو آهي ۽ متعلقه انتظاميه چارٽر آف ڊمانڊ جي ان يونين سان ٽيبل تي ويهي "ڪجهه ڏيو ۽ ڪجهه وٺو" جي بنياد تحت معاهدو ڪندا آهن. اهو به ٻن سالن تائين قابلِ قبول هوندو آهي. اهو ته ٿيو يونين جي چونڊ جو طريقيڪار ليڪن هڪ کان وڌيڪ يونينون هونديون ته انهن ۾ ريفرينڊم ٿيندو آهي. اهو ووٽ عهديدار کي نه، مگر يونين کي ملندو آهي. هر يونين کي هڪ مخصوص نشان ملندو ۽ هر ميمبر (مزدور) ان نشان کي ووٽ ڏيندو. پوءِ اڪثريتي ووٽ کٽندڙ يونين وري سي بي اي جو درجو ماڻي وٺندي، انهن جا عهديدار خودبخود سي بي اي جي يونين جي قيادت ڪندا. ۽ قانوني طرح چارٽر آف ڊمانڊ پيش ڪندا. ان ڪان علاوه روزمره جي مزدورن جي معاملن تي وقت به وقت انتظاميه سان ڳالهه ٻولهه ڪندا رهندا آهن. اهو آهي سي بي اي، ايسوسيئيشن ۽ يونين جو ڪم.

مون 1987ع ۾ ٽريڊ يونين کي سمجهڻ جي ڪوشش شروع ڪئي. سنڌي بلوچ ويلفيئر ايسوسيئيشن (سبيوا) جو صدر ٿيڻ ڪري پراڻن ۽ نون ملازمن ۾ ڪافي جوش ۽ جذبو هيو. انهن ۾ هڪ اميد ۽ آس پيدا ٿي ته منهنجي قيادت ۾ چونڊجي آيل نئين پينل ۾ ڪافي سگهه به پيدا ٿي. هاڻي مان به زندگي جي 30 سالن جي عمر ۾ قدم رکي چڪو هيس. زندگي جي تلخ ترين مرحلن سان مهاڏو اٽڪائي چڪو هيس. "سورن سنڌا ڪرڻ" شروع ڪيا ۽ سکن ڏانهن وکون کڻڻ جو آغاز ٿي چڪو هو هاڻي منهنجي ذميوارين ۾ اضافو ٿيندو ويو. گهر جون ذميواريون-چو ته شادي به ٿي چڪي هئي ۽ هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي جي صورت ۾ اولاد به رب سائينءَ عطا ڪيو هئو. اسٽوڊنٽ سياست کان پوءِ قومپرست سياست جو رخ ڦري مزدور سياست يا ٽريڊ يونين طرف ٿي ويو هو.

ٽريڊ يونين جو جائزو

مون طي ڪيو تہ اسٽيٽ بئنڪ جي ٽريڊ يونين جو جائزو وٺجي. ان دوران مون کي خبر پئي تہ اسٽيٽ بئنڪ ۾ سنڌي ۽ بلوچن جي هٿ ۾ ڪابہ ٽريڊ يونين ڪانہ هئي پر اسان جي ملازمن جو وڏو حصو ريفرينڊم دوران ڪوشش ڪري ڪنهن ڌر سان ڳٺ جوڙ ڪري انهن جو اتحادي ٿي پوندو هئو پر گهڻو ڪري ايم ڪيو ايم مخالف اتحاد ۾ شامل ٿيندا هئا. ان ڪري اڪثر هو انهن جي رحم و ڪرم تي ٻي يارو مددگار هوندا هئا. انهن کي ڪابہ سيٽ ڪانہ ملندي هئي. باوجود ان جي تہ سنڌين جو اڪثر ووٽ انهن جي يونين ڏي ويندو هيو يا مورڳو ڪاسٽ ئي نہ ٿيندو هو. جنهن جو فيصلو سبيوا جي قيادت ڪندي هئي ۽ جيڪي وري سبيوا جي اليڪشن ۾ شڪست کائيندا هئا اهي جماعت اسلامي سان لاڳاپيل هجڻ ڪري انهن سان ملي ويندا هئا. باقي هڪ ماڻهو نظر آيو جيڪو سدائين ايم ڪيو ايم جي نمائندي طور تي انهن جي وڪالت ۾ مگن رهندو هو. اهو بہ بظاهر ايم ڪيو ايم جو ميمبر تہ ڪونہ هوندو هيو مگر اليڪشن ۾ ايم ڪيو ايم جو حامي هوندو هيو. ان يونين ۾ پنجاب جو هڪ مفاد پرست شخص، سعيد آرائين- جيڪو ميرپورخاص جي شهر ڏگهڙيءَ جو رهواسي هيو. ان سان گڏ هڪ سنڌي، محمد رمضان هوندو هيو. اهو انهن سان گڏ رهندو آيو ڇو تہ ايم ڪيو ايم ۽ سعيد آرائين هميشہ سي بي اي يعني اقتدار ۾ هوندا هئا. ان ڪري انهن جا ذاتي مفاد پورا ٿيندا رهندا هئا. انهن جي يونين ۾ پنجابين جي اڪثريت ۽ مهاجرن مان ايم ڪيو ايم حقيقيءَ وارن جي ذيلي تنظيم هوندي هئي. اهي ۽ اسان جي تنظيم گڏجي اتحاد ڪري پوءِ ڪڏهن فرينڊس وارن جي يونين سان اتحاد ڪندا هئا تہ ڪڏهن جماعت اسلاميءَ جي يونين سان مگر ريفرينڊم هميشہ ايم ڪيو ايم کٽيندي هئي. صرف هڪ دفعو جماعت اسلاميءَ وارن سي بي اي ٿاهي هئي ڇو تہ ان وقت ايم ڪيو ايم وارن جي ايڏي حيثيت ڪانہ هئي. ان ڪري اسان جو گروپ جماعت اسلاميءَ وارن سان هوندو هيو مگر اڪثر ڪري سنڌي انهن پنهي يونين جي خلاف اتحاد ٺاهيندا هئا.

مون جائزو ورتو ۽ محسوس ڪيو تہ "سبيوا" جنهن بہ يونين جي حمايت ڪري ٿي تہ بدلي ۾ اهي وري سنڌين کي ايتري خاص اهميت نہ ڏيندا هئا ۽ اهم پوسٽون بہ نہ ڏيندا هئا. يونين ۾ هميشہ ٽي سيٽون اهم هونديون هيون:

- صدر
- جنرل سيڪريٽري
- خزانچي

ڇو تہ فنڊن وغيره لاءِ بئنڪ ۾ اڪائونٽ هوندا هئا ۽ چيڪن تي اڪثر ڪري انهن ٽنهي جي صحيح هلندي هئي. انهن ۾ خزانچيءَ جي پوسٽ اڃا بہ وڏي هوندي هئي ۽ اهم فيصلن ۾ سنڌس اتحاد کان سواءِ هو مشڪل ۾ اچي ويندا هئا پر "سبيوا" جنهن سان بہ اتحاد ڪندي هئي ان کي ٽنهي سيٽن کان هميشہ پري رکيو ويندو هيو ۽ اسان وارا يار نائب صدر يا ڊپٽي جنرل سيڪريٽريءَ جهڙن عهدن تي ئي راضي ٿي پوندا هئا. انهن عهدن جي حيثيت، خانہ پوريءَ واري هوندي هئي ۽ بس! ڪين ايتري اهميت هئي جو پنهنجو ڪو ڪم وغيره سولو ڪندا هئا مگر تنظيمي معاملن ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا هئا.

اسٽيٽ بئنڪ ۾ ٽريڊ يونين جو باقاعده آغاز به ٻئي صاحب جي اصلاحات جي ڪري ٿيو. اسٽيٽ بئنڪ جي هڪ برانچ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٽريڊ يونينون رجسٽرڊ هونديون هيون. مثال طور تي ڪراچيءَ جون چار-پنج يونينون رجسٽرڊ هونديون هيون. انهن ۾ به "ڪلريڪل يونين" الڳ ته وري "نان ڪلريڪر يونين" الڳ هونديون هيون. اهي به وري هڪ کان مٿي هونديون هيون. انهن جو ريفرنڊم به الڳ ٿيندو هيو. انهن جي چارٽر آف ڊمانڊ تي اڪثر چيف مينيجر ڳالهائيندو هيو. معاملا طي ڪري هيڊ آفيس مان منظوري وٺندو هيو. باقي چيف مينيجر وٽ مٿان جي منظوريءَ کان سواءِ ڪوبه اختيار نه هوندو هيو. اهڙي ريت اسٽيٽ بئنڪ جي 16 برانچن ۾ الڳ يونينون رجسٽرڊ هونديون هيون. وري هيڊ آفيس جي يونين الڳ ته ڪراچي آفيس جون يونينون الڳ هونديون هيون. اهڙي ريت هڪ ئي وقت 17 سي بي ايز هونديون هيون. يعني هر يونين پنهنجو مطالبو مقامي سطح تي ڪري سگهندي هئي. پوءِ طاقت ورهائجي ويندي هئي ۽ سڀ وڃي انتظاميا جي بغل ۾ ويهندا هئا ۽ ذاتي مفاد پورا ڪندا هئا. هڪ ٽريڊ يونين ۾ عهديدارن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ 20 ۽ وڌ ۾ وڌ 30 هوندو هيو. جنهن کي ايگزيڪٽو ڪميٽي چوندا هئا. ايئن 17 سي بي اي ۽ شڪست کائيندڙ يونينن جو ڳاڻيٽو 50 کان مٿي هوندو هيو. هر آفيس ۾ ٻه يونينون رجسٽرڊ هونديون آهن مگر ڪراچي ۽ لاهور ۾ تقريبن 20 ٽريڊ يونينون رجسٽرڊ آهن. اهڙي ريت 50 يونينن جي عهديدارن کي گڏ ڪبو ته 1500 ٽريڊ يونين جا عهديدار ٿين ٿا. اهي وري مزدورن جي نمائندي لاءِ ٻيچ ڊڪ ڪندا هئا. انهن ۾ جيڪي سڀ يونين جا عهديدار سي بي اي جي حيثيت ۾ هوندا هئا اهي به تقريبن 300 هوندا هئا. ايئن بئنڪ انتظاميا اسٽيٽ بئنڪ جي ٽريڊ يونينن ۽ سي بي اي کي مفلوج ڪري پنهنجي اشاري تي هلائيندي هئي. انهن سڀني سينٽرن (برانچن) تان وري چونڊيل سي بي اي وارن هڪ مرڪزي فيڊريشن تشڪيل ڏني. جنهن جي قيادت اڪثر ڪري ڪراچي، لاهور، پشاور، پنڊي، فيصل آباد ۽ ڪوئيٽا وارا ڪندا هئا. مگر فيڊريشن جون اهم پوسٽون ڪراچي ۽ لاهور وارن وٽ هونديون هيون. مطلب ته وڏو بحران خود ٽريڊ يونين وارن ۾ هوندو هيو. اهي پاڻ ۾ ئي ڪونه ٺهندا هئا ته ٻين جا وري ڪهڙا مسئلا حل ڪرائيندا؟ انهن سڀني ڳالهين ۽ معاملن کي سمجهڻ ۾ مون کي 4 سال لڳي ويا. ان کان بعد مان هر مسئلي کي سمجهي ۽ ڳالهائڻ جي قابل بڻجي ويس.

مان پنهنجي تنظيم "سبيوا" ۾ اها راءِ رکي ته اسين هميشه ٻين يونينن جي پليٽفارم تان محتاجي ۽ مجبوريءَ واري سياست ڪئي آهي. هڪ ته ايم ڪيو ايم وارا ڪٽي ٿا وڃن. ان ڪري اسين سدائين حزب اختلاف ۾ ۽ مزي جي ڳالهه ته ان ۾ به اسين ڪمزور پوزيشن تي آهيون. مٿي بيان ڪيل ٽن اهم سيٽن مان هڪ به اسان کي نه ٿي ملي. پراڻا "سبيوا" وارا دوست چوندا هئا ته اسان وٽ پنهنجي يونين ڪونه آهي. ان ڪري مجبوريءَ ۾ هو جيئن چون ٿا ته اسان کي ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ناهي سو اهو ڪرڻو ٿو پوي. پوءِ مون چيو ته ان مجبوريءَ مان ڪيئن نڪرجي؟ ان تي دوستن چيو ته پنهنجي ٽريڊ يونين جو رجسٽر ڪرائڻ ضروري آهي. مان پراڻن سبيوا جي ملازمن کان پڇيو ته اوهان وٽ 600 کان مٿي ميمبر آهن ۽ چند ماڻهن کي ڇڏي ڪري اڪثريت اسان سان گڏ آهي ته پوءِ اوهان 1973ع کان وٺي 1990ع تائين ان لاءِ چو ڪجهه نه ڪيو؟ ان تي پراڻن ساٿين چيو ته اوهان نوان نوان آيا آهيو هن ملڪ جي پورهيت کاتي (ليبر ڊپارٽمينٽ) جو حال اهو آهي ته اهو نهيو ته مزدورن جي ڀلائي

۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ليڪن اهي بہ مزدورن سان اهڙو سلوڪ رکن ٿا جهڙو فيڪٽري مالڪان ۽ وفاقي ادارن جي انتظاميا سلوڪ روا رکندي آهي. انهن وڌيڪ چيو تہ اسان پنهنجي طرفان وس ڪيو مگر ان جي باوجود اسان جي ٽريڊ يونين رجسٽرڊ نہ ٿي سگهي. مان انهن کي چيو تہ مان اوهان کي اها يونين رجسٽرڊ ڪري ڏيکاريندس. ان جو صرف هڪ فائدو اهو هيو تہ اسان کي رجسٽرڊ پليٽفارم ملندو جنهن جي بنياد تان اسان پنهنجو مؤقف بنا ڪنهن خوف جي بيان ڪري سگهون ٿا. ان ۾ انتظاميا جو ڪو بہ آفيسر بنا ڪنهن سبب جي تنگ نہ ڪري سگهندو. ويلفيئر ايسوسيئيشن جيئن تہ رجسٽرڊ ڪونہ هوندي هئي ان ڪري اهي پنهنجو مؤقف پيش ڪندي ڊڄندا هئا. ڇو تہ اسان سنڌين ۽ بلوچن خلاف صرف انتظاميا مخالف نہ هوندي هئي بلڪ مهاجر ۽ پنجابي بہ مخالف هوندا هئا. ٻيو وڏو فائدو اهو ٿيڻو هيو تہ اسان ان پوزيشن ۾ ايندا سين تہ پنهنجي پليٽ فارم جي موجودگي ۾ ٻين ٽريڊ يونينن جي اڳواڻن سان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهنداسين. جي يونين نہ آهي تہ پوءِ انهن يونين وارن جي مرضي پلي اسان کي پنهنجي باڊيءَ ۾ ڪا چڱي جاءِ نہ ڏين تہ ان صورت ۾ بہ انهن جي رحم و ڪرم تي. انهن کي اهو اختيار هوندو هيو تہ ريفرنڊم ۾ بيهندڙ ڪهڙي يونين جي حمايت ڪيون ٿا پر جي پنهنجو پليٽ فارم هوندو تہ پوءِ جي ڪنهن ڏر سان ٺاهہ نہ ٿئي تہ اسان پنهنجي پليٽ فارم تان ريفرينڊم ۾ حصو وٺي ٿي سگهياسون. اهي سڀ ڳالهيون شدت سان ياد ڪندي مان پنهنجي سموري ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪري ليبر کاتي وٽ رجسٽريشن لاءِ ويس. اتي خبر پئي تہ ليبر ڊائريڪٽر، غلام علي شاهہ پاشا آهي جيڪو منهنجي دوست امتياز علي شاهہ (هاڻ پي آءِ اي ۾ آهي) جو عزيز هيو. مان امتياز کي سفارش لاءِ چيو ان جي سفارش تي سائين غلام علي شاهہ دلچسپيءَ سان منهنجي مدد ڪئي ۽ هڪ مهيني جي وقت ۾ جيڪو وقت ليبر کاتي جي نوٽيس وغيره لاءِ گهربل هئو ان دوران ئي يونين رجسٽرڊ ڪري ڏني. اسان ان يونين جو نالو "ڊيموڪريٽڪ يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڪراچي" رکيو. ان يونين جو پهريون صدر مان ۽ جنرل سيڪريٽري غلام شبير سومرو (جيڪو ويجهڙ ۾ ڊپٽي چيف مينيجر ڪوئيٽا جي منصب تان رٽائر ٿيو آهي) ٿياسين. اسان جي يونين جي رجسٽريشن سنڌي ۽ بلوچ ملازمن ۾ اها اميد پيدا ڪئي تہ هاڻي اسان جي سنڌين جو ڪجهہ تحفظ ٿي سگهندو.

ان ڪانپوءِ اسان پنهنجي پليٽ فارم تان سرگرمين جو آغاز ڪيو. هاڻي مون سبيوا جي صدارت بہ ڇڏي ڏني هئي ڇو تہ يونين جو ڪم تمام گهڻو هيو. هاڻي منهنجي نظر اسٽيٽ بئنڪ جي سي بي اي تي هجي ۽ نيٺ 1994ع جي ريفرينڊم جي تاريخ بہ آئي اسان پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ ڪامياب وياسين. اسان ايم ڪيو ايم مخالف جماعتن کي چيو تہ صدر يا جنرل سيڪريٽري مان ڪا هڪ پوسٽ ڏيو.

هاڻ سيئي يونينون جيڪي هن ٺاهہ تحت اسان سان اتحاد تہ ڪن پيون مگر انهن لاءِ مسئلو پيدا ٿي پيو تہ اسان صدر يا جنرل سيڪريٽريءَ جو عهدو سنڌين کي تہ ڏيون پر هنن وٽ تہ بہ يونينون ٿي پونديون هڪ سبيوا ۽ ٻي اسان جي. اسان چيو تہ اسان کي دوستن سان مشوري جو ٽائيم ڏيو. ان کان بعد ۾ اسان يونين جي عهديدارن ۽ سبيوا جي گڏجاڻي گهرائي. فيصلي جو اختيار تہ سبيوا جي قيادت کي هيو مگر انهن کي اسان جي فيصلي کي مدنظر رکڻو هيو. مون جڏهن سبيوا جي صدارت سنڀالي

تہ جنرل سيڪريٽري سبيوا جي پراڻن عهديدارن مان غلام شبير سومرو هيو جڏهن تہ هاڻي يونين جي چونڊن ۾ بہ اسين ٻئي ساڳين عهدن تي پهتاسين.

ٽريڊ يونين ۾ جنرل سيڪريٽريءَ جي حيثيت اهم هوندي آهي. ڇو تہ سموري رڪارڊ ۽ خطن پٽن تي اهو ئي صحيح ڪندو آهي. ان ڪري مون کي پڪ هئي تہ يونين وارا جڏهن تاهہ ڪندا تہ جنرل سيڪريٽريءَ جي پوسٽ جي گهر ضرور ڪندا. ان ڪري اسان ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو تہ اگر هو جنرل سيڪريٽريءَ جي گهر ڪندا تہ غلام شبير سومرو پنهنجي سيٽ خالي ڪندو اگر صدارت گهرندا تہ محمد خان ابڙو صدارت ڇڏيندو. اسان ان فيصلي سان سبيوا جي قيادت کي اختيار ڏنو تہ هو جيڪو فيصلو ڪندا اهو مون کي قبول هوندو. ڇاڪاڻ تہ يونين کي رجسٽر ڪرائڻ وارو شخص مان هيس اگر مان ڪو ضد ڪرڻ چاهيان ها تہ مان ڪري پئي سگهيس مگر مون کي پنهنجي قومي تشخص کي اڳتي آڻڻو هيو.

انهن اسان کان، اسان جي يونين جي جنرل سيڪريٽريءَ جي سيٽ گهري، اسان جي دوستن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ انهن کي صدارت تي راضي ڪيون مگر هو پنهنجي گُهر تي قائم رهيا. ايتري قدر جو تيستائين ڳالهہ ٻولهہ بند ٿي وئي. آخرڪار اسان جي پراڻن دوستن انهن کي جنرل سيڪريٽريءَ جي سيٽ ڏئي ريفرينڊم، ”ڊيموڪريٽڪ يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان، ڪراچيءَ“ جي پليٽ فارم تان وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ان جو لکت ۾ بہ تاهہ ڪيو ويو. اسين جنرل سيڪريٽريءَ جي پوسٽ ۽ ٻيون سيٽون هنن کي ڏنيون. هاڻي وري سبيوا وارن هڪ ٻيو مسئلو کڙو ڪيو تہ غلام شبير سومرو جنرل سيڪريٽريءَ جي سيٽ خالي ڪندو تہ محمد خان ابڙو بہ صدارت جي سيٽ خالي ڪندو ۽ ان تي وري غلام شبير سومرو ايندو. ان تي مون چيو تہ مان اوهان جي فيصلي سان متفق ناهيان. ايئن ڇئي مان گڏجاڻيءَ مان اٿي هليو آيس. هو تہ آخري ڪارڊ ٻيا کيڏڻ چاهين. اسان جي قوم ۾ سهپ گهٽ، انا، ضد ۽ ساڙ وڏيڪ آهي. ان ڪري انهن کي ٻئي ڪنهن جو اڳتي وڌڻ ٻنهہ نہ وڻندو آهي. انهن پراڻن دوستن منهنجي محنت ۽ جستجوءَ کي اجا تائين هضم نہ ڪيو. مگر انهن کي مان هڪ ڳالهہ ڪئي تہ اگر اڳئين ڏر کي صدر جو عهدو ڏيو تہ مان هاڻي ئي هٽڻ لاءِ تيار آهيان باقي اگر اوهان غلام شبير جي جنرل سيڪريٽري شپ نٿا بچائي سگهو تہ مونکان ڇو ٻيا استعيفيٰ ڏياريو؟ هنن جو چوڻ هيو تہ يونين، سبيوا جي آهي ۽ سبيوا جو هر فيصلو قبول ڪرڻو پوندو. مون چيو تہ اوهان سموري زندگيءَ ۾ يونين رجسٽرڊ نہ ڪرائي سگهيا. يونين رجسٽرڊ ڪرائيندڙ اڪيلو مان آهيان. اوهان کي جيڪڏهن پنهنجو صدر ڪرائڻو آهي تہ پوءِ اوهان پنهنجي يونين تان اليڪشن وڙهو. اسان جي يونين کي ريفرينڊم نہ ويڙهايو. انهن اها بہ ڪوشش ڪئي تہ اسان جو صدر غلام شبير اگر عهدو خالي نہ ٿو ڪري تہ پوءِ اوهان پنهنجي يونين ۾ صدر جو عهدو ڏيو تہ ان تان ريفرينڊم وڙهئون. ان لاءِ کين جواب مليو تہ ايئن ڪونہ ٿيندو. يونين اوهان واريءَ تان وڙهبو ۽ جنرل سيڪريٽري شپ جو عهدو ڏيو باقي ٻيا عهدا اوهان کيئن ٿا ورهايو اهو اوهان جو اختيار آهي. اسان ان ۾ ڏر ڪونہ ٿينداسين.

هاڻي سبيوا وارا پريشان آهن تہ هتي هو ڪونہ ٻيا مجن ۽ هتي وري مان نابري واري ويٺو هيس. مؤقف ڇٽو هيو تہ اگر هو صدر جي سيٽ نہ ٿا وٺن تہ پوءِ پنهنجي دوست لاءِ سيٽ ڇو خالي ڪيان؟ انهن سوالن جا هنن وٽ جواب ڪونہ هئا. سواءِ ان جي تہ اهو سبيوا جو مسئلو آهي. مان معذرت

ڪندي چيو تہ آئون بہ ڪين ايئن ڪرڻ ڪونہ ڏيندس. وري هنن دوستن وچي ٻئي ڏر کي چيو تہ اوهان محمد خان ابڙو تي اعتراض ڪيو. هنن ايئن ڪيو. انهن کي مون تمام گهڻي سختيءَ سان جهليو تہ اوهان کي ڪوبہ حق ڪونہ آهي. اوهان پنهنجي يونين تان وڃو مان هاڻي اوهان جي حوالي پنهنجو پليٽ فارم (ڊيموڪريٽڪ يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان، ڪراچي) ڪونہ ڪندس. مان انهن دوستن جو ذڪر بہ ڪيان ٿو جن تي مون ايترو لکيو آهي: انهن ۾ غلام شبير سومرو، منظور شاهہ، الطاف شيخ، غلام سرور پنوهر، اسماعيل ڪوسو سرفهرست هئا. بلوچن ۾ عثمان بلوچ ۽ غلام رسول بلوچ نہ پئي چاهيو تہ هي اڳتي وڌي چو تہ ڪين ذاتي تشخص لاءِ خطرو نظر پئي آيو پوءِ انهن سيني ناهہ ڪندڙيونين کي بہ استعمال ڪيو. منهنجو مؤقف مضبوط ۽ وزنائتو هيو تہ سڀيوا ۽ ٻين ڌرين کي اگر ڪو اعتراض آهي تہ صدر جي عهدي تي انهن کي آڏيو پوءِ پلي غلام شبير سومرو جنرل سيڪريٽري رهي. نہ تہ مان پنهنجي فيصلي تي اٽل آهيان، مون کي ڪير بہ منهنجي مقصد کان پوئتي نہ ٿو هٽائي سگهي. آخرڪار سڀ ڌريون ۽ سبيوا بہ مجبور ٿي منهنجي مؤقف جي تائيد ڪئي. اهڙي ريت صدارت مون وٽ رهي ۽ اسان گڏجي ايم ڪيو ايم جي يونين خلاف اليڪشن وڙهي. جيڪا اسان صرف 60 ووٽن جي فرق سان هارائي. خير اهو مقابلو تہ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. ان کان بعد مان ان فڪر ۾ لڳي ويس تہ ڪنهن بہ طريقي سان هنن جو اسٽيٽ بئنڪ جي يونين ۾ مقابلو ڪجي. ان لاءِ منهنجي يونين ”ڊيموڪريٽڪ يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان، ڪراچي“ پنهنجو جنرل سيڪريٽري ڊگهڙيءَ جي پنجابي سيٽلر لياقت علي ساهي جيڪو چٽي ۽ واضح سنڌي ڳالهائيندو هيو مگر اندروني طور پنجابين سان ويجهو هيو. سياست جي مجبوريءَ جي ڪري سو گڏ هلندو هيو ۽ ٻئي طرف اسان بہ اڪيلي سر ايم ڪيو ايم جي دهشت جو مقابلو ڪونہ ٿي ڪري سگهياسين ۽ ان قسم جي مجبورين سبب ننڍن مخالفن سان گڏجي هلڻ جو طي ڪري اڳتي وڌيس. اهڙيءَ ريت منهنجي لياقت علي ساهيءَ سان آهستي آهستي ويجهڙائپ شروع ٿي. هڪ يونين۾ رهندي اهو ضروري هيو تہ پاڻ ۾ ڪنهن حد تائين هم آهنگي پيدا ڪجي، جيڪا ڪنهن حد تائين قائم بہ ٿي. ان دوران مون پنهنجو مؤقف چٽو ۽ واضح رکيو. مان لياقت ساهي کي سڏو چيو تہ مان ڪنهن بہ ريت قومي مفادن ۽ ملازمن جي تڪليف تي پوئتي ڪونہ هٽندس ۽ نہ ئي وري توکي ڪنهن اهڙي ڪم جي اجازت ڏيندس. ان ڪري اگر پنهنجي رويي کي مثبت رکندين تہ يونين کي فائدو ملندو. هن بہ ايئن ئي ڪرڻ ۾ پنهنجي بهتري سمجهي. اهڙي ريت هن جي ذهن۾ سنڌي ملازمن لاءِ اڳوات موجود رويو بہ آهستي آهستي بدلجڻ لڳو. هن واعدو ڪيو تہ پاڻ ڏک ۽ سک ۾ گڏ هونداسين. هو انتهائي چالاڪ هيو. هاڻي ٿيو ايئن تہ اسان جي يونين جي باري ۾ مشهور هيو تہ اها سبيوا جي يونين آهي. مگر مون کي اهو خطرو هميشہ رهندو هيو تہ هن يونين تي انهن جي اڪثريت جي ڪري قبضو بہ ٿي سگهي ٿو.

نيٽ فيلڊ ۾ اسان جي مخالف ڪٽيندڙن ليبر يونين جي ڀرپور مخالفت ڪئي ۽ حزبِ اختلاف جو ڪردار ادا ڪيو. هتي اها ڳالهہ ڪرڻ انتهائي ضروري آهي تہ مٿين سڀني ڳالهين جي باوجود هڪ ڳالهہ مون ۽ لياقت ساهيءَ ۾ مشترڪ هئي تہ اسان ٻئي ايم ڪيو ايم جا ڪٽر مخالف هياسين. ان معاملي ۾ هن ڪا بہ ٻٽي پاليسي نہ رکي. اهو ئي اهم سبب هيو جو اسين هڪ ٻئي جي ويجهو ٿياسين

۽ آخر تائين ڪا هڪ بہ خبر اهڙي سامهون نہ آئي تہ هن ڪڏهن بہ ايم ڪيو ايم سان ڪو ڳجهو رابطو رکيو! بهرحال اسان ٻئي ايم ڪيو ايم جا انتهائي حد تائين مخالف رهياسين. ٻئي طرف هارائڻ جي باوجود اسان متحرڪ هياسين. ان ڪان بعد سي بي اي ۽ انتظاميا ملي ڀڳت ڪري اسان جي خلاف انتقامي ڪارروايون تيز ڪيون. غلطيءَ سان اسان ڪان هڪ سرڪيولر نڪري ويو. جيڪو انتهائي خطرناڪ هيو. اهو گورنر جي ڪنهن سيڪريٽريٽ معاملي تي هيو. اهو وري اسان کي خفيا طور تي انتظاميا جي هڪ آفيسر ڏيکاريو هيو. اسان بہ سرڪيولر ۾ لکي ڇڏيو تہ ان عمل ڪري اسان جي خلاف هڪ انڪوائري ڪميٽي ٺاهي وڃي، جنهن ۾ هڪ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ 6 ڊائريڪٽر مقرر ٿيا پوءِ ان انڪوائريءَ کي مون ذاتي طور سيد عبدالله شاهہ-جيڪو 1996ع تائين وزيراعليٰ سنڌ هيو کان سفارش ڪرائي روڪرائي ڇڏيو. جيڪو هڪ وڏو داستان آهي. ان بابت ڪنهن مناسب جاءِ تي تفصيل سان لکبو. بهرحال اها حقيقت آهي تہ سيد عبدالله شاهہ پاران ڀرپور مدد ملڻ ڪري اسان جون نوڪريون بچي ويون.

❇

باب يارهون

پيپلز پارٽيءَ سان ويجهڙائيءَ جا اسباب

مان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان ڇو ويجهو ٿيس؟ ان جا انيڪ سبب هئا. هائو مان ذاتي طور تي اهو محسوس ڪريان ٿو ته سنڌي ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ پ پ بنيادي طور تي ڪوڙ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. ان لاءِ مون وٽ نوس ثبوت ۽ دليل آهن. ان لاءِ به مان تفصيلي طور تي لکندس ته پ پ وارن وفاقي سياست ڪندي سنڌي ماڻهن جي ڀلائي ۽ بقا لاءِ ڇا ڇا ڪيو آهي؟ منهنجي نظر ۾ قومپرستن ۾ هڪ ئي سچو ۽ عظيم انسان هيو جيڪو سائين جي ايم سيد هيو. سائينءَ جي فڪر ئي اسان کي قومي سڃاڻپ ڏني.
سائين جي ايم سيد کان پوءِ قومي تحريڪ تي مفاد پرستن جو غلبو قائم ٿي ويو سواءِ چند ماڻهن کي ڇڏي، اهي به مون وانگر خاموش ٿي ويا ڪوبه بااصول ماڻهو نظر نه آيو. سڀني پنهنجن مفادن جي بقا لاءِ جستجو پئي ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو آئون پ پ جي ويجهو ٿيس، ان تي مان ڪڏهن مڪمل لکندس ۽ قومي تحريڪ جي نالي تي ڪهڙن ليڊرن ويساهه گهاتي ۽ دوکا ڪيا، اهي به سنڌي قوم جي اڳيان آڻيندس.

ڪراچيءَ ۾ سنڌي ڳوٺ قائم ڪرڻ

1986ع ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ مان بئنڪ جي نوڪري شروع ڪئي ته ايم ڪيو ايم کي بئنڪ مان نيڪالي ڏيارڻ ۾ ڪامياب ويس. ان ۾ پ پ قيادت منهنجي وڏي مدد ڪئي. مان پنهنجو ٻيو مقصد ناهيو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي مالڪي قائم ڪجي. ان ۾ اسين ٽي ماڻهو سرفهرست هياسين. مون سان گڏ فقير داد کوسو هيو- جيڪو پ پ پاران هن وقت (2017ع ۾) سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. ٻيو رسول بخش ٿيٻو- جيڪ هينئر جلال محمود شاهه جي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) ۾ آهي. اسان سڄي ڪراچيءَ جي سروائٽي ڪئي. سڀ کان پهرين اسان ڪراچيءَ ۾ اردو ڪاليج جي پويان هڪ سنڌي ڳوٺ "شانتي نگر" قائم ڪيو. جيڪو بنا ڪنهن پئسي ۽ معاوضي جي هيو. ان کان بعد ۾ سچل ڳوٺ ۽ بعد ۾ ماروئڙا ڳوٺ تعمير ڪيا. ان کان پوءِ اسان سنڌي ماڻهن کي وڙهي ڪري به اتي وڃي رهايو. اهڙي ريت ڪراچيءَ ۾ 300 کان 400 ڳوٺ ٺهيا جن جو بنياد اسان رکيو هيو. ان ۾ پ پ حڪومت دوران قائم علي شاهه، پائو مولا بخش چانڊيو ۽ حڪيم بلوچ وارن مدد ڪئي. اهي تاريخي حقيقتون آهن. مان ان تي اڳتي هلي لکندس ته اسين اهي زمين جا ٽڪرا ڪيئن ڏارين کان کسي اتي سنڌ ي ماڻهو آباد ڪرايا. اڄ سنڌي ماڻهو ڳوناٽي سنڌمان هتي آيو آهي ۽ موجوده صورتحال ۾ هتي رهي ڪري مقابلو ڪري ۽ پنهنجي مالڪيءَ جو احساس پيو ڏياري ان ۾ پ پ وارن جي حد کان وڌيڪ مدد شامل رهي آهي پر ايستائين به مان ۽ فقير داد اڄا تائين

پ پ ۾ شامل ڪونہ ٿيا هياسين.

ايم ڪيو ايم مان نجات حاصل ڪرڻ جي حڪمت عملي

اسٽيٽ بئنڪ جي نوڪريءَ دوران مون لياقت ساهيءَ سان صلاح ڪئي تہ ڇا ڪجي جو اسين پنهنجي ۽ سيني ملازمن جي، هنن ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن مان جند آجي ڪرائي سگهئون؟! هن چيو تہ اسٽيٽ بئنڪ هڪ وفاقي ادارو آهي. ان ۾ هڪ وفاقي سطح جي يونين رجسٽر ڪرائڻ گهرجي جنهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ وزيراعظم جي سفارش گهرجي. هاڻي مشڪل اها هئي تہ وزيراعظم جي سفارش ڪٿان آڻجي؟ ان دوران منهنجو يار فقير داد کوسو بہ پ پ قيادت ۽ ايم اين اي، سردار ملڪ اسد سڪندر سان گڏيو. اها هڪ الڳ روئداد آهي تہ فقير داد ۽ سائين امير حيدر شاهہ وچ ۾ ڪھڙا اختلاف ٿيا. ان سان ڪھڙا ڪھڙا ويڌن ٿيا. مان ان جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. جنهن تي اڳتي لکندس تہ جيئن ماڻهن جا اصل چهرا سامهون اچن. بهرحال مان، فقير داد ۽ ملڪ اسد سڪندر سان ملي کين عرض ڪيو تہ يونين رجسٽر ڪرائڻي آهي. جنهن لاءِ وزيراعظم جي سفارش جي ضرورت آهي. ان تي ملڪ صاحب چيو تہ جڏهن قومي اسيمبليءَ جو اجلاس شروع ٿئي تڏهن اوهان اسلام آباد اچجو. آءٌ ڪوشش ڪندس. ان تي مون چيو تہ ايئن نہ ٿئي جو مان اسلام آباد اچان ۽ اوهان اتي ملوئي نہ ڇو تہ اڪثر ڪري سياستدانن بابت اهڙو تاثر عام هيو. ملڪ صاحب مون کي سئي نموني سان سڃاڻي ڇو تہ فقير داد کي بہ پ پ ۾ مان موڪليو هيو. ان تي ملڪ اسد سڪندر چيو تہ ڪم ٿئي يا نہ ٿئي مگر مان پنهنجي سموري توانائي خرچ ڪري اوهان لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس. جيڪا اوهان کي نظر بہ ايندي.

مون لياقت ساهيءَ کي چيو تہ ڪاغذي ڪارروائي مڪمل ڪر. مان يونين رجسٽر ڪرائيندس تہ هن وڏو ٺهڪ ڏئي چيو تہ تون هن وقت هن صدي جي سڀ کان وڏي مذاق ڪري رهيو آهين. هي انتهائي ناممڪن ڪم آهي. ان تي مون چيو تہ "ڊيموڪريٽڪ يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڪراچي" بہ تہ مون ئي رجسٽر ڪرائي هئي. جيڪو عمل پڻ ان وقت ناممڪن هيو. ان تي هن جواب ڏنو تہ هي ان کان ڏهوڻو مشڪل ڪم آهي. مون پڇيو تہ ڪاغذ پٽ نهرائڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو تہ ان تي چيائين تہ اسٽيٽ بئنڪ جي هر برانچ مان ميمبرشپ گهرجي. ان لاءِ سڄو ملڪ گهمڻو پوندو. ان لاءِ اسان سڄي پاڪستان جي سينٽرن تي وياسين مگر مايوس ڪن صورتحال هئي جو ڪو بہ ميمبرشپ فارم ڀرڻ لاءِ تيار نہ هيو.

مان راولپنڊي سي بي سيءَ جي صدر غلام فاروق کي منٿ ڪئي تہ ان جي زير اثر چئن سينٽرن جي ميمبرشپ ملي وئي. يونين لاءِ شرط هيو تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻن صوبن ۾ ميمبرشپ هجي. اهڙي ريت اسان اهو شرط بہ پورو ڪري اسلام آباد هليا وياسين. اتفاق سان اسيمبليءَ جو سيشن بہ هلندڙ هجي. مون اسيمبلي ۾ وڃي ملڪ اسد سڪندر سان ملاقات ڪئي. هن مون کي چيو تہ مون محترمہ بينظير ڀٽو کان ملاقات لاءِ وقت گهريو آهي. ساڻس ملاقات ٿئي تہ هن کان ڪنهن کي چورايان؟ ان جا تفصيل لکي ڏي، تنهن تي مون چيو تہ نيشنل انڊسٽريل رليشن ڪميشن آف پاڪستان جي چيئرمين رانا

شوڪت محمود کي چوراڻو آهي. هو پ پ پنجاب جو صدر به رهي چڪو هيو ۽ هن کي چيئرمين به محترمه ڪرايو هيو. اگر هو چاهي ته بنا ڪنهن نوٽيس جي يونين کي رجسٽر ڪري سگهي ٿو. ملڪ صاحب ان دوران آصف علي زرداري صاحب سان مليو ۽ ڪيس چيو ته محترمه کان ملاقات لاءِ وقت وٺي ڏيو. زرداري صاحب ڪم پڇيس ته هن مون وارو ڪاغذ هن جي حوالي ڪيو. ان وقت ئي هن رانا شوڪت کي ٽيليفون ڪئي ۽ مون لاءِ هڪ خط ورتو جيڪو رانا ڏي لکيل هيو. ان ۾ زرداري صاحب لکيو ته محمد خان ابڙو اوهان ڏي اچي رهيو آهي. هن جو هر حال ۾ ڪم ڪرڻو آهي. مون اهو خط لياقت ساهيءَ کي ڏنو. هن چيو ته چيئرمين هن وقت لاهور ۾ آهي. مان ان سان ملڻ وڃان ٿو. اوهان هتي اسلام آباد ۾ ئي ترسو. متان ضرورت پوي ته اوهان ڪال ڪرائي وٺجو.

لياقت ساهي اهو خط کڻي لاهور روانو ٿي ويو. اتي هو چيئرمين؛ رانا شوڪت محمود صاحب سان مليو. هُن چيس تون ته ابڙو ڪونه آهين. ان تي لياقت چيس ته اهو اسلام آباد آهي. ان مون کي موڪليو آهي. ان تي رانا چيو ته ٺيڪ آهي. مان اوهان جي درخواست قبول ڪيان ٿو. توهان وڃي رجسٽرار وٽ وڃسٽريشن ڪرايو. هن ايئن ڪيو ۽ مون کي فون ڪيائين ته ڪم ٿي ويو. رانا شوڪت اوهان سان ملڻ چاهي ٿو. ان ڪري اوهان به لاهور اچو. اميد ته صبح تائين سرٽيفڪيٽ ملي ويندو. ان تي مون چيو ته صبح جو ڇو؟ اڄ ئي ڪم ڪرايو. روانگيءَ وقت مان هن کي هڪ لک روپيه به ڏنا هئا ته ضرورت وقت ڪم ايندئي، تون رجسٽريشن ڪرائي ڇڏ. ان تي هن چيو ته ان جي ڪهڙي ضرورت آهي. اسان جو ڪم هوئڻ ئي ٿي ويو آهي. رجسٽرار پلي ڪاغذ چيڪ ڪري ۽ صبح جو سرٽيفڪيٽ ڏي.

رجسٽريشن جو واقعو

مان اسلام آباد مان لاهور لاءِ روانو ٿي ويس. هوڏانهن وري لاهور آفيس جي عملي، رات پيٽ ۾ ئي اسٽيٽ بئنڪ جي لاهور برانچ وارن کي ٻڌايو ته صبح جو اوهان جي سي بي اي ختم ٿي ويندي. ڇو ته اين آءِ آر سي ۾ ”ڊيموڪريٽڪ يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان“ رجسٽر ٿي چڪي آهي. انهن تي يونين وارن هنن کي چيو ته هاڻي ڇا ڪجي؟ ان تي هنن (اين آءِ آر سي عملي) اسٽيٽ بئنڪ لاهور يونين وارن کي چيو ته پئسا ڏيو ته سرٽيفڪيٽ روڪرايون. جنهن تي هنن ان موقعي تي ئي 5 لک روپيا ڏئي رات وچ ۾ هڪ ٻئي يونين جا ڪاغذ نهرائي صبح تائين جمع به ڪرائي ڇڏيا. صبح مان، چيئرمين، اين آءِ آر سي رانا شوڪت محمود سان ان جي گهر ملاقات ڪئي ته هن تمام گهڻي عزت ڏني، هو تمام گهڻي پيار ۽ پاٻوهه سان مليو. پاڻ اچي گيٽ تي آڌرڀاءُ ڪيائين. هن ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. لياقت ساهي اهو سمورو لقاءُ ڏسي رهيو هيو. هن هڪدم رجسٽرار کي فون ڪئي ته هي پهرين يونين آهي جيڪا رجسٽر ٿي آهي. مان هنن جي درخواست قبول ڪئي آهي. ان کي بنياد بڻائي هنن کي سي بي اي جو سرٽيفڪيٽ ڏيو. موڪلائڻ مهل رانا صاحب پڇيو ته اوهان ڪٿي رهيا پيا آهيو ته چيم مان هوٽل ۾ ترسيل آهيان. ان تي چيائين ته نه هوٽل کي ڇڏيو اوهان منهنجي گهر اچي رهو. مان ڊرائيور موڪليان ٿو جيڪو اوهان جو سامان کڻي ايندو. مون هٿ ٻڌي چيو ته مون وٽ يونين وارن

جي ڪافي اڇ وڇ آهي. ان ڪري هوٽل بهتر آهي. هن گهڻو زور ڀريو مگر مان سندس شڪريو ادا ڪري ٻاهر نڪتس. اسين سندس آفيس لاءِ روانا ٿياسين. مان ڏاڍو خوش هيس ته هاڻي اسين سي بي اي جو سرٽيفڪيٽ وٺي اچي فتح جو جشن ملهائينداسين. اگر مان لياقت سان هڪ ڏينهن اڳ لاهور اچان ها ته اهو ڪم ان ڏينهن ئي ٿي وڃي ها. ان بعد آفيس ۾ پهچي اين آءِ آر سي رجسٽرار کي چٽ موڪلي ان ۾ معرفت چيئرمين اين آءِ آر سي لکيو ته هن جي پٽيوالي چيو ته انتظار ڪيو. صاحب ميٽنگ ۾ مصروف آهي. اتي اسان کي لاهور بئنڪ جي يونين جا ٻه، ٽي همراه نظر آيا. ان تي مان لياقت کي چيو ته ڪا گڙ ٻڙ ضرور آهي. ان تي مون چيو ته اسان جي يونين ته رجسٽر ٿي ويندي مگر اڄ هي ٻي يونين به رجسٽر ڪرائي وٺندا. ان ڪري اسان کي سي بي سيءَ جو سرٽيفڪيٽ ڪونه ملندو. هُن چيو ته متان ايئن نه هجي. ان دوران گهنٽيءَ جو آواز آيو. پٽيوالو اندر ويو ۽ واپس اچي سڏ ڪيائين ته اوهان کي صاحب سڏي پيو. هن جي صحيح سان اسان کي ”ڊيموڪريٽڪ ورڪرز يونين رجسٽر نمبر 9“ جو ليٽر مليو. اسان ڪراچيءَ جي يونين ۾ لفظ ورڪرز جو اضافو ڪيو. ڇو ته ان پليٽ فارم تان اسان جو تمام گهڻو ڪم ٿيل هيو. اسان رجسٽرار کي چيو ته اسان جي پهرين يونين سان اسان کي سي بي اي به ڊڪليئر ڪيو ۽ ليٽر ڏيو. ان تي رجسٽرار چيو ته چيئرمين به بلڪل ايئن ئي چيو آهي. اوهان درخواست ڏيو. اسان اتي ئي درخواست لکي ڏني. ان دوران رجسٽرار کي ٻڌايو ويو ته چيئرمين صاحب به آفيس پهچي ويو آهي. رجسٽرار چيو ته مان هي درخواست چيئرمين صاحب کي موڪليان ٿو. چيئرمين به ان تي آرڊر ڪيو ته اين آءِ آر سي وٽ هي هڪ يونين رجسٽرڊ آهي. ان ڪري هن کي، ”سي بي اي“ جو سرٽيفڪيٽ ڏيو. ان دوران رجسٽرار چيو ته اوهان ڊپٽي رجسٽرار ڏي وڃو ته اهو اوهان کي سي بي اي جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو. هاڻي اهو سڀ ڪجهه رجسٽرار آفيس ۾ ان ڪري ڪيو پئي ويو ته اسين ايئن نه سمجهون ته هن پنهنجي طرفان اسان کي سرٽيفڪيٽ کان روڪيو آهي. ڇو ته اسان جي سفارش کي هو نظرانداز ڪونه پئي ڪري سگهيا. هوڏانهن لاهور يونين جا مشهور چور ۽ بليڪ ميلر هجن جنهن ۾ رائو جمشيد احمد سرفهرست هيو. اهي پئسا ڏئي پنهنجي يونين رجسٽر ڪرائي ويا. اها به ساڳي ڏينهن ۽ صرف هڪ نمبر جي فرق سان. ايئن هنن وڃي چيئرمين کي رپورٽ ڏني ته اسان وٽ ٻه يونينون آهن. ان ڪري اسان کي ريفرينڊم طرف وڃڻو پوندو. اها ڳالهه ته ٺيڪ هئي مگر مان دل ئي دل ۾ لياقت جي بيوقوفيءَ جي ڪري افسرده ٿي ويس. ڇو جو هوٿورو به عقل استعمال ڪري ها ته اسين، سي بي اي جو سرٽيفڪيٽ وٺي وڃون ها. پوءِ پلي هو ٻئي ڏينهن تي ڪيتريون ئي يونينون رجسٽر ڪري وڃن ها. مگر ڪجهه عرصو اسين سي بي اي رهون ها. ان بعد ريفرينڊم جي مرحلن ۾ ڪافي وقت لڳي وڃي ها ڇو ته ريفرينڊم جي طريقيڪار ۾ هڪ سال لڳي ويندو آهي. پر هاڻي جڏهن هڪ اداري ۾ ٻه يونينون آهن ته پوءِ ريفرينڊم ٿيندو پوءِ اهو جيڪو کٽي اهو سي بي اي جو حقدار هوندو.

بهرحال مان پنهنجي ان ڪاميابيءَ تي تمام گهڻو خوش هيس جو اسان جي پهرين دفعي اسلام اباد وڃڻ سان ئي اسان جي يونين رجسٽرڊ ٿي. جيڪا اسٽيٽ بئنڪ جي ٺهڻ ۽ ذوالفقار علي ڀٽي طرفان نيشنل انڊسٽريل رليشن ڪميشن ٺاهڻ کان وٺي ڪاٻه قيادت اها يونين ملڪي سطح تي ڪونه قائم ڪري سگهي. اها منهنجي وڏي ڪاميابي هئي.جنهن تي ”سبيوا“ وارن جشن به ملهايو.

هاڻي ايندڙ مرحلو ريفريڊم جو هيو. 1995 ۾ اسان کي رجسٽريشن ملي. اسان اين آءِ آر سي ۾ ريفرينڊم چئلينج ڪيو. سترهن يونينون اسان جي خلاف اچي گڏ ٿيون. انهن هڪ قانوني نقطو اهو به اٿاريو ته پهريان اسٽيٽ بئنڪ کي ڪليڪٽو بارگيننگ ايجنٽ ڊڪليئر ڪيو. هن اداري ۾ برانچ سطح تي 17 يونينون ڪم ڪري رهيون آهن. ان دوران پ پ جي حڪومت وڃي چڪي هئي. ايسيٽائين مخالفن به لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ فيصلو چئلينج ڪيو! پر جيئن ته چيئرمين نيشنل انڊسٽريل رليشن ڪميشن هڪ آئيني عهدو آهي اهو موجود هيو. ان کان بعد اسين اسٽيٽ بئنڪ کي سي بي اي جو درجو ڏيارڻ جو اسٽيٽس وٺي آياسين. هاڻي ريفرينڊم کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونه هيو. جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو ته پ پ جي حڪومت ختم ٿي چڪي آهي. ان ڪري اسان جي حمايت به ختم ٿي چڪي هئي. ان تي لياقت ساهيءَ چيو ته چيئرمين نيشنل انڊسٽريل رليشن ڪميشن رانا شوڪت محمود اوهان جو سنو خيال ڪري ٿو. سو هلو ته ان سان ملون ٿا.

صبح جو نائين وڳي هن جي گهر پهتاسين. هو به نڪرڻ وارو هيو. اچا گاڏي اسٽارٽ ٿي رهي هئي ته اسان وڃي السلام عليڪم ڪري ملياسين. ان دوران هن ملاقات پيري، هن جا تيور ئي ٻيا نظر آيا. انتهائي غصي جي حالت ۾ هيو. انتهائي رُکي انداز ۾ پڇيائين ته ڇا آهي؟ مون چيو ته: مان اسٽيٽ بئنڪ يونين وارو محمد خان ابڙو. شايد اوهان ڪونه سڃاتو! جواب ڏنائين ته سڃاڻان ٿو ٻڌايو ته ڇو آيا آهيو؟

مون چيو ته سائين اوهان هاڻي صرف آرڊر ڪيو. ڪيس اوهان وٽ آهي. ڪافي دير ٿي چڪي آهي. هاڻي مهرباني ڪيو. هن غصي ۽ حقارت واري انداز ۾ چيو ته تو کي اهو اندازو آهي ته مان جج آهيان؟

مون چيو ته برابر سائين اوهان هاءِ ڪورٽ برابر جج آهيو. ان تي چيائين ته توکي همٿ ڪيئن ٿي ته هڪ جج تي دٻاءُ وجهي رهيو آهين. ان تي مون کي به ڪاوڙ لڳي ۽ چيو مانس ته راڻا صاحب مون اوهان جهڙو ڪم ظرف ماڻهو پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ نه ڏٺو آهي. پ پ حڪومت هوندي تون مون کي گهر ۾ رهائڻ لاءِ تيار هئين ۽ هاڻي اسان سان صحيح طرح سان ڳالهائين به نه ٿو. تون صفا بيڪار قسم جو ماڻهو آهين. ايئن چئي مان هن کي ٻڌڻ کان سواءِ ئي اچي پنهنجي گاڏي ۾ ويٺس. ان تي مون محسوس ڪيو ته لياقت ڏاڍو پريشان هيو ۽ مان بلڪل مطمئن هيس. ان تي هن چيو ته اسان کي صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي ها. ان تي مون چيو ته اسين هي سڄو ڪم پنهنجي عزت جي لاءِ ڪيون پيا. اگر اها عزت ئي نه ملي ته اهو سون ئي گهوريو جيڪو ڳن ڇني. ان تي هن چيو ته ڪورٽ ۾ جڏهن آواز اچي ته تون نه هلجانءِ. مون چيو ته مان ضرور ويندس. ان تي لياقت چيو ته ٿي سگهي ٿو جج اوهان کي توهين عدالت جي الزام ۾ لاهور جيل موڪلي. اها ته وڏي بي عزتي ٿي پوندي. مون چيو ته ڏسون ته انصاف جي مسند تي ڪيئن ٿو ڳالهائي؟!

بهر حال اسين ڪورٽ پهتاسين ته هو به چيمبر ۾ پهتو. ان دوران اسان کي به تڪڙو سڏ ٿي ويو. هن فائيل ڏسڻ کان سواءِ ئي مون ڏي نهاريو. هن جي نظر انتهائي خوفناڪ هئي. هو وحشي بگهڙ پئي پاسيو. ڪاوڙ جي انداز ۾ چيائين ته هاڻي ڳالهاءِ جيڪو تون گهر ۾ ڳالهائي آيو آهين. مان خاموش رهيس وري چيائين ته ڪڇين ڇو نه ٿو. آهستي آهستي هن جي ڪاوڙ وڌندي رهي. آخرڪار هن

دانهن جي انداز ۾ ڪاوڙ ۾ چيو تہ هي ٽوپي وارو (ان وقت مون کي سنڌي ٽوپي پهريل هئي) صبح منهنجي گهر آيو هيو. هن مونتي اثر انداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هاڻي پِٽ وانگر خاموش ويٺو آهي. مون کي ان وقت لياقت، التجائي انداز ۾ خاموش رهڻ جو چئي رهيو هيو. جڏهن تہ وڪيل بہ اشارن اشارن ۾ ڳالهائڻ کان منع ڪري رهيو هيو. بهرحال، هو ان تاڙ ۾ هيو تہ مان ڪو هڪ بہ نقطو ڳالهايان تہ هو مون کي جيل ۾ وجهي ڇڏي. ان وقت يونين جا حامي ۽ مخالف سڀ ويٺا رهيا. مان صرف ايترو ڪچيس تہ جج صاحب اوهان منهنجو ڪيس نہ ٿا ٻڌي سگهو. هِن ان وقت ئي منهنجو ڪيس ٻئي جج کي منتقل ڪيو. جتي ڪجهہ سرس خرچ آيو بهرحال 1999ع جي ريفرينڊم جي تاريخ ملي.

اسان ريفرينڊم لاءِ تمام گهڻي ورڪ ڪئي. ان ڪم لاءِ اسين لاهور، ملتان، فيصل آباد، بهاولپور وغيره پهتاسين. ان دوران لاهور يونين وارن نواز شريف جي سفارش هٿ ڪري ريفرينڊم کان بہ ڏينهن اڳ ۾ نيشنل انڊسٽريل رليشن ڪميشن کان اسٽي آرڊر وٺي ريفرينڊم روڪرائي ڇڏيو. اسان کي اها خبر تڏهن پئي جڏهن اسين لاهور جي هڪ هوٽل ۾ جلسو ڪري رهيا هئاسين. چاڪاڻ تہ اسين اليڪشن کٽڻ لاءِ پراميد هياسين ان ڪري هال ۾ هر ڪو روئڻ ۾شروع ٿي ويو. ان تي مون چيو تہ ٿي سگهي ٿو تہ ريفرينڊم بہ ٿئي ۽ اسان کي شڪست بہ اچي پوءِ بہ ڇا اوهان روئندا؟! اوهان همٿ ڪيو. اسين پنهنجي جدوجهد تان هٿ ڪونہ کڻنداسين. اهڙي ريت هنن کي بہ پڄڻ ڪونہ ڏينداسين. ۽ انهن ڏينهن ۾ اتفاق سان، پرويز مشرف نواز شريف کي هٽائي پاڻ اچي ملڪ جو مالڪ ٿي ويٺو ۽ اسان کي بہ ريفرينڊم جي تاريخ ملي وئي.

ان دوران سيٺي سمجهي ورتو تہ اسان ئي ريفرينڊم کٽي ويندا سين. ان ڪري سڄي پاڪستان مان دوستن رابطا ڪيا. هاڻي اسان جي يونين جي سيٽن جي ورهاست جو مسئلو سامهون آيو. اها حقيقت هئي تہ سڀ کان گهڻا ووٽ پنجابين جا هيا. ٻئي نمبر تي اردو ڳالهائيندڙ ٽئين نمبر تي سنڌي ۽ بلوچ جڏهن تہ چوٿين نمبر تي پٺاڻ ۽ هزاري وال هيا. هاڻي اهو ضروري ٿي پيو تہ ڪراچيءَ جي ٻن اهم عهدن مان هڪ عهدو لاهور کي ملي! جڏهن تہ اسان جو جنرل سيڪريٽري بہ پنجابي هيو. ان ۾ لياقت ساهيءَ جي بہ ڪجهہ ڪوشش هئي. چو تہ هو سمجهندو هيو تہ اگر محمدخان ابڙي جي يونين، سي بي اي ۾ هلي وئي تہ منهنجي يونين کي هلڻ ڪونہ ڏيندو. جي صدر لاهور جو ٿيو تہ آئون پنهنجي يونين ۾ يگانو هوندس. سڀ اختيار مون وٽ هوندا. سڀيوا وارا ڪونہ هيا. مگر منهنجو مؤقف چٽو هيو تہ يونين منهنجي ڪري رجسٽرڊ ٿي آهي. سمورو ملڪ لتاڙيو اٿئون. پوءِ چار ڪيس وڙهي جڏهن ان لائق ٿيا آهيون تہ هاڻي مون کي پنهنجي عهدي جي قرباني ڏيڻي پوندي؟! ان دوران لياقت ساهي، لاهور وارو ملڪ ارسلان ۽ ڪوئٽا وارو عبدالنبي آيا تہ هڪڙو حل آهي. مون چيو تہ ڪهڙو حل آهي؟ انهن چيو تہ اسين توکي سرپرست اعليٰ جو عهدو ڏيون ٿا. مان هنن جي چال سمجهي ويو هيس. هنن کي اندازو ڪونہ هيو تہ جتي هُنن جي سوچ ختم ٿيندي آهي، اتان مالڪ جي ڪرم سان منهنجي سوچ شروع ٿيندي آهي. هنن سوچيو تہ هن کي صرف زباني عهدو ڏينداسين. ان تي مون چيو تہ منهنجا اختيار ڪهڙا هوندا؟ انهن چيو تہ اوهان جيئن چونداتيئن ئي ٿيندو! جنرل باڊيءَ جي مٿان مون کي مقرر ڪيو ويو. هنن کي اهو پتو ئي نہ پيو تہ هنن ڇا ڪيو آهي. چو جو مان ان جي اهميت سمجهي

ويو هيس. اهڙي ريت منهنجا مطالبا منظور ڪيا ويا. آئين ۾ ترميم ڪئي وئي. منهنجو اهو به شرط مڃيو ويو ته منهنجي هيٺان ڪوبه نائب نه هوندو. آخرڪار مان ”ڊيموڪريٽڪ ورڪرز يونين اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان“ جو سرپرستِ اعليٰ چونڊجي ويس. عهديدارن جي فهرست ڪجهه هن ريت هئي.

سرپرستِ اعليٰ

- صدر_ پوءِ ان جي هيٺان پنج نائب صدر
- چيئرمين_پوءِ ان جي هيٺان ٽي وائيس چيئرمين
- جنرل سيڪريٽري_ پوءِ ان جي هيٺان پنج جنرل سيڪريٽري
- خزانچي_ ۽ڊپٽي خزانچي
- اطلاعات سيڪريٽري
- آفيس سيڪريٽري
- 27 ڪاروباري ڪميٽيءَ جا ميمبر

اسان جي 50 جي لڳ ڀڳ عهديدارن تي مشتمل يونين هئي.

اهڙي ريت اسين 4 وڏن مطلب ته سرپرستِ اعليٰ جي اميدوار محمد خان ابڙي، صدر لاءِ ملڪ ارسلان خان (لاهور)، جنرل سيڪريٽري لياقت علي ساهي (ڪراچي) ۽ چيئرمين عبدالنبي بلوچ (ڪوئٽا) مان ڏاڍا ڏڙورڪ ڪئي. ۽ سڄي ملڪ جو دورو پڻ ڪيو. مٿين اهم عهدن ۾ توازن پئدا ڪرڻ لاءِ چيئرمين جو عهدو پشاور وارا به گهري رهيا هئا ته ڪوئٽا وارا به ضد ڪري رهيا هئا. مگر منهنجي مؤقف ۽ ڪنهن حد تائين هوڏ جي ڪري هو مڃي ويا. آخرڪار 29 جنوري 2000 ع ۾ ٿيل ريفرينڊم ۾ اسان ڪاميابي ماڻي ۽ ايم ڪيو ايم کي دفن ڪري ڇڏيوسين. جنهن جو مان بئنڪ جوائن ڪرڻ وقت عزم ڪيو هيو.

گورنر اسٽيٽ بئنڪ کي ٺُڏو!

هاڻ اسان جي حلف برداري تقريب جو وقت اچي ويو. هنن ڪارڊ به ڇپرائي ڇڏيا. اسان جي حلف برداري جي تقريب لاءِ جنرل باڊي ٺهندي. ان ۾ خاص مهمان اسٽيٽ بئنڪ جو گورنر هوندو. ان تي مون چيو ته هو پلي خاص مهمان هجي مگر صدارت مان ڪندس. ان تي هنن چيو ته ان جو مطلب ته آخري تقرير تون ڪندين. مون چيو ته ها. ان تي هُن چيو ته اسٽيٽ بئنڪ جي تاريخ ۾ ڪڏهن به گورنر سان گڏ يونين جي نمائندي صدارت نه ڪئي آهي. تون وري ڪيئن ڪندين؟ حلف برداريءَ کان هڪ ڏينهن اڳ اسان جي جنرل باڊيءَ جو اجلاس هيو. جنهن ۾ به ستن ميمبرن مان به ميمبر مون سان سهڪار لاءِ تيار هيا باقي سمورا ميمبر هنن سان گڏ هيا. مان به پنهنجو آئيني اختيار ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هيس.ان دوران ”سبيوا“ جي دوستن _ جيڪي لياقت ساهيءَ جا پراڻا دوست هئا، مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي مگر اهي به مون کي پنهنجي مؤقف تان ٽيڙڻ ۾ ناڪام ويا.

مان ڪنهن به ريت پنهنجي آئيني حق کان هڪ انچ به پوئتي هٽڻ لاءِ تيار ڪونه هئس. شام جو

جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ ھئي ان ۾ بہ سيني چيو تہ اگر سرڪيولر يا ڪارڊ ۾ گورنر سان گڏ تنھنجو نالو لکون تہ متان ھو نہ اچي. مون چيو تہ ٺيڪ آھي. ان جي ڪا ايڏي اھميت بہ ڪونہ آھي. پھريان مونکان حلف وٺجو پوءِ مان اوھان کان حلف وٺندس. گورنر جي نہ اچڻ سان ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي، ھاڻي اگر ملڪي ليول جي سي بي اي ۾ گورنر نہ ٿو اچي تہ ان جو مطلب تہ فنڪشن ناڪام ٿيندو ۽ ھيٺيان آفيسر يونين وارن جي عزت نہ ڪندا.

ھڪڙي پاسي ھي سڀ ھيا تہ ٻئي پاسي مان اڪيلو. بھرحال جنرل باڊيءَ جي اجلاس ۾ مان اھو چئي ڪاوڙجي نڪري آيس تہ اگر مون کان صدارت نہ ڪرائي وئي تہ پوءِ مان فنڪشن جو بائيڪاٽ ڪندس. ۽ مان گيٽ تي ٻن لائينن جو سرڪيولر لکندس تہ پنھنجو آئيني حق نہ ملڻ ڪري مان بائيڪاٽ ڪيان ٿو.

مگر بعد ۾ انھن اھو طي ڪيو تہ جنرل باڊيءَ جي صدارت محمد خان ابڙو ڪندو ۽ مھمانِ خاص گورنر ھوندو ۽ حلف بہ گورنر کڻائيندو. مون چيو تہ ٺيڪ آھي. مگر اسٽيج سيڪريٽري منھنجي ياران ھوندو. ھو ان تي راضي ٿيا. جڏھن گورنر اچي رھيو تہ مان ھن کي گيٽ تي وٺڻ ڪونہ ويس. ڇو جو مان صدارت ڪري رھيو ھيس. ان ڪري مون چيو تہ مان گورنر جو اسٽيج تي آڌر ڀاءُ ڪندس.

گورنر جي اچڻ کان پوءِ پنھنجي ڏنل آجياڻي کان پوءِ اسٽيج سيڪريٽريءَ مونکان اڳ ۾ تقرير لاءِ گورنر کي گھرايو. جيڪو پاڻ سان گڏ ڪانسيپٽ پيپر بہ کڻي آيو ھيو. ھن پنھنجي سڄي تقرير ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي ايجنڊا تحت ڪئي. جنھن ۾ ھن چيو تہ "اسٽيٽ بئنڪ جو ڪم نوٽ ڇپڻ ڪونہ آھي. اسان جو ڪم فقط مانيٽري پاليسي ڏيڻ آھي. اسين پرائز بانڊ بہ نيشنل بئنڪ کي منتقل ڪنداسين... وغيره وغيره. ھن اسان جي مسئلن کي حل ڪرڻ بدران اھڙي پاليسيءَ جي ڳالھ ڪئي جنھن تحت ھزارين ملازمن جي بيدخل ٿيڻ ۽ ٻين ادارن ۾ وڃڻ جو خطرو ھيو. ان تحت ڪجھ ملازمن کي گولڊن ھينڊ شيڪ ملڻ جو خدشو ھيو تہ ڪجھ کي وري والنٽيئر لي رٽائرمينٽ جو آپشن ڏنو وڃي ھا.

ھي تقرير ڪري اچي پنھنجي ڪرسيءَ تي ويٺو تہ اسٽيج سيڪريٽري اپ ڊاريڪٽر نعرن جي صورت ۾ مون کي اسٽيج تي سڏايو. مون گورنر کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اسين اوھان کي ھتي ڪانسيپٽ پيپر پڙھڻ لاءِ ناھي سڏيو. اسين اوھان کي اھڙي ڪنھن بہ حرڪت ڪرڻ جي اجازت نہ ڏينداسين. اسين اوھان جي ان پيپر کي مڪمل طور تي رد ڪريون ٿا. مان ھن کي چتاءُ ڏيندي خبردار ڪيو تہ اگر اوھان ڪنھن اھڙي فيصلي جي ڪوشش ڪئي تہ اسان جي يونين سڄي اسٽيٽ بئنڪ کي بند ڪري ڇڏيندي ۽ ملڪ جو ڦيٿو جام ڪري ڇڏينداسين. منھنجي تقرير سان ھيٺ ويٺلن ۾ ھمٿ اچي وئي. پوءِ تہ ھوڪرا پئجي ويا. منھنجي لاءِ ڀرپور تاڙيون وڄي ويون. ملڪ جي مختلف حصن مان آيل ماڻھن پوءِ تہ منھنجا ھٿ چميا. انھن چيو تہ اگر گورنر جي تقرير مٿان تنھنجي تقرير نہ ھجي ھا تہ اسان ختم ٿي وڃون ھان. منھنجي ھوڏ جي ڪري ملازم ڏاڍو خوش ٿيا جڏھن تہ گورنر ۽ انتظاميہ جا منھن لٽل ھيا.

ڌڻيءَ جي مھربانيءَ سان منھنجي حڪمت عملي ڪامياب وئي ۽ يونين جو مورال بلند ٿيو. گورنر، ڊپٽي گورنر ۽ ٻيا آفيسر بہ مون کي وڏو اڳواڻ سمجھڻ لڳا. جيستائين مان يونين ۾ رھيس ان

وقت تائين منهنجي مرضيءَ (جيڪا آئيني ۽ ملازمن جي حقن جي پاسداريءَ سان سرشار هئي). ڪان سواءِ ڪو به ڪم ڪونه ٿيندو هيو. مان ان ڪان بعد 14 سال اسٽيٽ بئنڪ ۾ رهيس. اهو سڄو عرصو مان يونين جو مرڪزي اڳواڻ رهيس.

اهڙي وڏي پوزيشن تي تمام گهڻ سنڌي مزدور اڳواڻ پهتا آهن. جن ۾ مان به شامل هيس. ڇو ته ايڏي وڏي اداري جي ايڏي سگهاري يونين جو صدر ٿيڻ وڏي ڳالهه هوندي آهي. مونکان اڳ ۾ حاجي خان پٺاڻ، پي ٽي سي ايل جو اڳواڻ هيو. مگر ان وقت پ پ جي حڪومت هئي. جنهن جو فائدو سڄي ملڪ کي پهتو. مان بغير ڪنهن، ملڪي ليول جي پارٽيءَ جي حمايت جي ان عهدي تي محض پورهيت دوستيءَ جي جذبن سان سرشار ۽ سچتپائيءَ جي ڪري پهتو هئس. جي ها، منهنجي آقا ﷺ جو به اهو ئي فرمان آهي ته، **الڪاسب حبيب الله** ”پورهيت، الله جو دوست آهي.“ جڏهن ته آئون الله پاڪ جي دوستن جو ئي سهڪاري ۽ ساٿي هئم، آهيان ۽ رهندس!

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. ۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book